"A Tale of Two Cities"

کھاٹی پن شہرن جِی

(ناول)



چارلس دِکنز

مُبین چنا

روشنی

A Tale of Two Cities

کھاڻي بن شهرن جي

[ناول]

چارلس ڊِڪنز

مُبين چنا

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2020ع

Roshni Book No. 971

ڪتاب جو نالو: ڪهاڻي ۾ن شهرن جي

موضوع: ناول

ليکڪ: چارلس ڊڪنز

سنڌيڪار: مُبين چنا

چاپو پهريون © روشني 2020ع

لي آئوٽ: رفيق حسين ڪولاچي

روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

ISBN 978-969-9726-93-4

KAHANI BIN SHAHRAN GEE

[Novel]

by: **Charles Dickens**

Translated by: **Mubeen Channa**

First Edition © Roshni 2020

Layout by: Rafique Hussain Kolachi

Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad

Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh

Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh

For more information please contact the Special Distribution Department,
Shah Latif Kitab Ghar, Press Street, Hyder Chowk, HYD 71000
Call (+92) 222-780908, e-mail waqas@roshnipublication.com

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

By Charles Dickens

Novels and Novellas

The Pickwick Papers
Oliver Twist
Nicholas Nickleby
The Old Curiosity Shop
Barnaby Rudge
Martin Chuzzlewit
A Christmas Carol
The Chimes
The Cricket on the Hearth
The Battle of Life
The Haunted Man and the Ghost's Bargain
Dombey and Son
David Copperfield
Bleak House
Hard Times
Little Dorrit
Great Expectations

A Tale of Two Cities

ڪهاڻي بن شهرن جي

[ناول]

ارپنا

سنڌ ماءُ جي حلالي فرزند، عظيم ۽ بااصول سياستدان، قومپرست، بيمثال شخصيت، سنڌ جي سپوت سيد ظفر علي شاھ صاحب جي ناءُ ڪندي خوشي محسوس ڪري رھي آھيان، جنھن تي نہ رڳو ساھتي پرگٹو پر سڄي سنڌ فخر ڪري ٿي.

مبين چنا

سِٹاءُ

پيش لفظ	ليکڪ پاران	xi
مهاڳ	اظهر نوناري	xiii

ڪتاب پهريون: نئين زندگي

1. زمانو	03
2. ڍاڪ گاڏي	07
3. رات جا پاڇا	15
4. تياري	21
5. شراب خانو	37
6. جُوتا ٺاهيندڙ	51

ڪتاب ٻيو: سونهري لاڳاپو

1. پنجن ورهين کان پوءِ	69
2. نظارو	78
3. نراسائي	87
4. مبارڪون	107
5. گدڙ	116

6. سوين ماٹھو	125
7. نامیارو رئیس شهر ۾	141
8. نامیارو رئیس ڳوٺ ۾	153
9. گارگن جو مٹو	160
10. ۾ واعدا	175
11. پاسي واري تصوير	187
12. سُڌريل ماٹھو	193
13. بدمعاش انسان	203
14. ايماندار واپاري	211
15. اُٺَتِ	225
16. لاڳيتي اُٺَتِ	240
17. هڪ رات	255
18. نَوَڏينهن	262
19. هڪ راءِ	271
20. هڪ عرضُ	282
21. پيرن جو ڪڙڪو	287
22. طوفان جو زور	302
23. باهه جا شعلا	309
24. مقناطيسي چپ جي ڪشش	318

ڪتاب ٽيون: طوفان جو دڳُ

1. راز جو قيدي	335
2. سِراطِ	350
3. پاڇو	358
4. طوفان جي وچ ۾ سڪون	365
5. آري هلائيندڙ	372
6. ڪاميابي	380

7. در ڪڙڪائڻ	388
8. تاس راند	395
9. باري ڪٽي وئي	413
10. پاڇي جو بڻ بڻياد	431
11. جهونجهڪڙو	452
12. اوندهه	458
13. ٻاونجاهه	470
14. اُٺت جو ڪم پورو	487
15. قدمن جو آواز سدائين جي لاءِ ٻڌي ويو	503

پيش لفظ

جڏهن مان پنهنجن ٻارن ۽ دوستن سان گڏجي مسٽر وڪي ڪولنس جي ڊرامي، جنهن جو نالو 'فروزن ڊيپ' هو ۾ ايڪٽ ڪري رهيو هيس تہ منهنجي ذهن ۾ هِنَ ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال پيدا ٿيو. پوءِ اِنَ ڪيفيت کي پنهنجي منَ ۾ جذب ڪرڻ جي ڇڪتي سَڌَ کُڏَ ڏيڻ لڳي ۽ مون وڏي احتياط ۽ دلچسپيءَ سان اِنَ ذهني ڪيفيت جي تفصيلن جو تصور ڪرڻ شروع ڪيو جيڪي (تفصيلَ) هڪ گهري اک رکندڙ مبصر جي پيشڪش جي لاءِ ضروري آهن.

مان جيئن جيئن مرڪزي خيال سان واقف ٿيندو ويس، تصوير جا هاڻوڪا مُهاندا اُپرندا ويا. جڏهن مان انهن واقعن کي ترتيب ڏيڻ لڳس تہ اهي مون مٿان ائين چانئجي ويا، جو مون کي هر واقعي جو تجربو ۽ يقين ٿيڻ لڳو ۽ مان محسوس ڪرڻ لڳس تہ جيڪو ڪجهہ هنن پنن ۾ بيان ڪيو ويو آهي، اهي سڀ حادثا جڻ تہ خود مون مٿان گذريا آهن.

هن ڪتاب ۾ جتي بہ انقلاب دَوران يا ان کان اڳ فرانس جي رهاڪن جي حالت جو ذڪر ڪيو ويو آهي، يقين ڄاڻو تہ اهو سڀائي ۽ معتبر شاهدين تي آڌاريل آهي. مان هن هيبتناڪ دَور کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ وارن ۽ عام قبوليت رکندڙ ذريعن ۾ واڌارو ڪرڻ جو آرزومند رهيو آهيان. جيتوڻيڪ مان اعتراف ٿو ڪريان تہ مسٽر ڪارلائل جي لاجواب ڪتاب جي سڀائي ۾ وڌيڪ ڪنهن بہ واڌاري جي ڪا بہ گنجائش نہ آهي.

نومبر 1859ع

مهاڳ

زندگي جو عاميانہ ادارڪ گهٽي ياڳي مادي پهلو تي مبني هوندو آهي. اسان جا حواس جن شين کي پسي سگهن، جن کي پنهنجي دائري ۾ آڻي سگهن، انهن کي ئي حقيقت تسليم ڪيو ويندو آهي. يعني مادي حقيقت (Physical Reality) کي سماجي طور اهميت ڏني ويندي آهي ۽ اهي شيون جيڪي ان حقيقت کان متاهون هجن. انهن کي غيراهم سمجهي نظر انداز ڪيو ويندو آهي. اسان وٽ جيڪو مروج رويو موجود آهي ان مطابق هر وجود کي هڪ شئي يعني آبجيڪٽ (Object) طور سمجهيو ويندو آهي، جنهن ۾ انسان به اچي وڃن ٿا.

مظهريت پسند جرمن فلسفي هسرل (Husserl) تجزئي جي معروضي رويي جي جڳهه تي مظهرياتي جاڻ جو بنياد وڌو. هن جو سوال اهو نہ هو تہ شيون پنهنجي مادي يا ٿي سگهي ٿو پنهنجي اندروني وجود ۾ ڪيئن موجود آهن، پر اهي اسان جي شعور ۾ ڪيئن ظاهر ٿين ٿيون. هن فلسفي وٽ شعور (Consciousness) ۽ ارادیت (Intentionality) ئي شين جي ادارڪ جو ذريعو آهن. هائڊگر (Heidegger)، جيڪو سارتر کان اڳ وجوديت جو اهم نالو آهي، اهو پنهنجي ڪتاب Being and Time ۾ ان ڳالهه تي زور ڏئي ٿو تہ وجود خود اهم آهي. ديزئن Dasien (انسان) جيڪو ٻين وجودن جي ڀيٽ ۾ نہ رڳو وجود رکي ٿو پر پنهجي وجود جو ادارڪ بہ رکي ٿو. جڏهن اهو شين تي نظر رکي ٿو تہ هن جو جيڪو نقطہ نظر جڙي ٿو ان ۾ هن جي عقل سان گڏ هن جا

جذبا ۾ ڪيفيت بہ اھر حيثيت رکن ٿا. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ هائڊگر(Heidegger) وٽ معاملو معروضي نہ آهي، پر ڇاڻ جي جڙڻ واري معاملي ۾ وقت، جذبا، ڪيفيت سيئي شعور سان جڙيل رهن ٿا.

ويهين صدي جي شروعات ۾ فرائيڊ (Freud) اها ڳالھ ڪٽي سامهون آيو تہ شين جي اهميت، انهن جي ڇاڻ رڳو شعور Conscious تي محيط نہ آهي، پر حقيقت ۾ اسان جو شين ڏانهن رويو لاشعور Unconscious طمي ڪندو آهي. عام زندگيءَ ۾ سماج ۾ رهندي، اسان پنهنجن جذبن ۾ خواهشن کي دٻائيندا آهيون، جو تہ سماج اسان تي پنهنجا ضابطا قائم ڪندو آهي ۽ انهن ضابطن جي خوف سبب اسان جيڪو ڪجھ سڏو سئون چئي نہ سگھندا آهيون، اهو خوابن، پوڳ ٽڪائن، ۽ اسان جي زبان تي ترڪ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي.

فرائيڊ (Freud) وٽ ادب بہ ساڳي زمري ۾ اچي ٿو جو تہ شاعريءَ ۾ ڪهاڻين ۾ جيڪا ٻولي استعمال ٿيندي آهي، اها استعارتي ۽ صورتي هوندي آهي. شيون خود بہ خود اڀ سڏو اظهار ڪرڻ لڳنديون آهن جو تہ سڏي اظهار تي سماج جو ظابطو هوندو آهي.

فرائيڊ (Freud) ان ڳالھ کي بہ تسليم ڪيو تہ تحليل نفسي (Psychoanalysis) ۾ منهنجا پيشرو دراصل شاعر ئي آهن. اهي پهلو جيڪي شعور کان هٽي لاشعور جو اولڙو پيش ڪن، اهي شاعريءَ ۾ ئي نظر ايندا آهن. فرائيڊ اها ڳالھ بہ ڪنهن هنڌ ڪئي آهي تہ تحليل نفسي ۽ ادب جو پنڌ ساڳيو ئي آهي. اديب بہ ڪهاڻيون سرجيندو آهي ۽ فرائيڊ مطابق هو بہ پنهنجي مريضن جون ڪهاڻيون ئي لکندو آهي.

مشهور فرانسيس فلسفي ۽ ماهرِ نفسيات ياڪ لاکان (Jacques Lacan) وٽ بہ ساڳي ڳالھ نظر اچي تي تہ تحليل نفسي ۾ سچ تائين پهچڻ لاءِ فڪشن (Fiction) جو سهارو وٺڻو پوي ٿو. تحليل نفسي ۾ ٽرانفرانس (Transference) جو عمل اهڙو ئي آهي جنهن ۾ مريض معالج کي اهو ماڻهو سمجهي ڳالھ شروع ڪندو آهي، جنهن سان ماضيءَ ۾ هن جو ڪو تعلق رهيو هوندو آهي. لاکان (Lacan) مطابق فينٽيسي (Fantasy) انساني نفسيات جو اهڙو پهلو آهي جيڪو شين

جي ڪوٽ lack جي صورت ۾ انهن جو پورائو ڪندي آهي.

جڏهن انساني تهذيب تي فن (Art) جي حوالي سان نظر وجهبي ته هڪ عجيب معاملو سامهون ايندو ته فن جيڪو موسيقي، ادب، ناچ، مصوري، سنگ تراشي يا ٻي ڪهڙي به صورت ۾ هجي، اهو انسان جي ان رخ ڏانهن اشارو ڪندو آهي، جيڪو مثالي Ideal آهي ۽ جيڪو حقيقت جو روپ وٺي سگهڻ کان محروم رهيو هجي ۽ جيڪو حقيقت ۾ اڻ ٽيڙو هجي ۽ تخيل ۾ ممڪن هجي. فن سان وابسطه رهي اسين پنهنجي زندگي جي ان پهلو سان جڙي ويندا آهيون، جيڪو آرزوئن، حسرتن، يادگيرين، تڙپ ۽ اڪير سان آباد هوندو آهي. اهڙو جمالياتي پهلو اسان کي مجبور ڪندو آهي ته اسان ظاهري حقيقت سان نه پر اندر جي ان حقيقت سان آمهون سامهون ٿيون، جيڪا حقيقت جي دنيا ۾ موجود نه آهي.

ڊراموهجي يا ناول يا وري ڪهاڻي، جڏهن به ڪو ليکڪ لکي ٿو ته هو Make-believe واري طعي ٽيل فارمولي تحت لکي ٿو ۽ ڏسندڙ يا پڙهندڙ به ساڳي ئي فارمولي کي ذهن ۾ رکي ڏسي يا پڙهي ٿو. يعني اهو طعي ٽيل هوندو آهي، ته اهو افسانوي (Fictitious) آهي، پر ان تي يقين ڪري ئي ان کي محفوظ ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ان افسانوي دنيا ۾ گم ٿجي ٿو ته اهڙين اونهاين تائين رسائي ٿئي ٿي، اهڙا راز پڌرا ٿين ٿا ۽ اهريون ڳنڊيون کلن ٿيون، جيڪي شايد فڪشن جي هيت (Form) ۾ اڇڻ کان سواء ماڻهوءَ تي آشڪار نه ٿي سگهن. اڻ ڏٺي تي ايمان رکي، جڏهن ماڻهو ڪتاب جا پنا اٽلائڻ شروع ڪري ٿو ته هڪ اهڙيءَ شناسائي جو ماحول جڙڻ لڳي ٿو جيڪو حقيقت ۽ خيالي دنيا جي وچ واري سرحد ميساري ٿو ڇڏي. شيڪسپيئر (Shakespeare) ۽ مارلو (Marlow) جا ڊراما هجن يا ڊنائل ڊفو (Daniel Defeo)، رچرڊسن (Richardson)، هينري فيلڊنگ (Henry Fielding) جا ناول هجن، اهي سڀ صدين کان پنهنجو هڪ سچ قائم ڪيون بيٺا آهن. جين آسٽن، (Jane Austen)، چارس ڊڪنس (Charles Dicken)، ٿامس هارڊي (Thomas Hardy)، ٿيڪري (Thackeray)، جارج ايليٽ (Gorge Eliot)،

جي ناولن تي نظر وجهبي ته پڙهندڙ جو پير هڪ نئين ۽ الڳ دنيا ۾ وڃي پوندو آهي.

ناول جيڪو رزميه (Epic)، رومانس(Romance) ۽ پروز نيريٽو (Prose Narrative) کان ارڙهين صديءَ ۾ ناول سڏجڻ لڳو جنهن ناول بڻجڻ جي منزل تي پهچڻ تائين، ڏند ڪٿائي ۽ مافوق الفطرت موضوعن ۽ ڪردارن ۾ پئي پاڻ کي رڌل رکيو سو ڊينئل ڊيفو (Daniel Defeo)، رچرڊسن (Richardson) ۽ هينري فيلڊنگ (Henry Fielding) جي هٿن ۾ پهچي، پنهنجو گهاڙيٽو Form پنهجا موضوع، پنهنجا ڪردار ۽ پنهنجو ماحول ديومالائي شڪنجي مان ڪڍي، زندگيءَ سان جڙيل ۽ انسانن سان ڳنڍيل موضوعن ۾ ڪٽي آيو. هاڻي ان جي پاڙ ڌرتيءَ سان ڳنڍيل هئي، هاڻي اهو آسمانن ۾ نه هو. رابنسن (Robinson) جو ڪردار خدا ۽ بائيبل تي يقين ذريعي، جزيري تي اڪيلي زندگي گذارينڊي، مشڪلاتن سان منهن ڏيندي، ڪاميابي ماڻي ٿو. رچرڊسن (Richardson) جي پاميلا (Pamela) پاڻ کي پارسا ثابت ڪري لائق بڻجي ٿي، ته هو هڪ غنڊي کي شريف النفس انسان بڻائي پنهنجي هٿ جو حقدار بڻائي ٿي. هينري فيلڊنگ (Henry Fielding) جا ڪردار ٽام جانس (Tom Jones) ۽ جوزف اينڊريو(Joseph Andrew)، رچرڊسن (Richardson) جي اخلاقي نظام تي چوٽ ڪندي، دل جي سخاوت ۽ انداز جي خلوص کي اهميت ڏين ٿو.

اوڻويهين صدي ۾ ڊڪنس (Dickens)، هارڊي (Hardy)، جارج يليٽ (George Eliot)، ۽ ٿيڪري (Thackeray)جا نالا اچي وڃن ٿا، جن ناول جي صنف کي اهو عروج بخشيو جيڪو اڄ تائين قائم آهي.

ناول نگار ۽ نقاد اي ايم فارسٽر (E. M. Forster) مطابق، ناول هڪ اهڙيءَ ماڙيءَ جهڙو هوندو آهي، جنهن جي هڪ طرف کان شاعريءَ جو جابلو سلسلو هوندو آهي، ته پئي طرف کان تاريخ جو جابلو سلسلو ۽ انهن ٻنهين سلسلن مان ڪوئي هڪ سلسلو پئي سلسلي کان مٿاهون نه هوندو آهي. فارسٽر (Forster) مطابق تاريخي ناول ۾ ڪو تاريخي واقعو موضوع نه هوندو آهي، پر ان جا اصل موضوع يادگيريون، ڳاڏيا پا

۽ جذبا هوندا آهن، جيڪي ان دور ۾ پيدا ٿيندا آهن ۽ اهي سڀ ناولنگار تي چائنجي ويندا آهن. ڪنهن به تاريخي دور کي ٻيهر جوڙڻ لاءِ ڪنهن به ناول نگار کي ريسرچ جي ضرورت ته هوندي ئي آهي، پر حقيقت ۾ ان کي لکڻ لاءِ فينٽيسي(Fantasy)۽ ڊائلاگ (Dialogue) وانگر ٽيڪنيڪ جي وڌيڪ ضرورت هوندي آهي.

ناول "ڪهاڻي ٻن شهرن جي" (A Tale of Two Cities) فرانس جي تاريخ نه آهي. اهو ئي سبب آهي، جو ناول جا مک ڪردار هن ناول جي ڪهاڻي ۾ ظاهر نٿا ٿين. ها، انهن جي پيٽ ۾ ڪجهه تخيلاتي ڪردارن جي لڪل زندگيءَ کي پيش ڪيو ويو آهي. ڊڪسن (Dickens) هڪ ناول نگار جي حيثيت ۾ عملي ڪشمڪش، ويڙهاند، تقريرن ۽ دنگن فسادن کي سڌو سنئون بيان يا انهن جي تشريح نٿو ڪري، جيئن تاريخ ۾ ٿيندو آهي. ان جي پيٽ ۾ هو پنهنجي ڪردارن جي خالص جذبن، خوابن، خوشين، غمن ۽ Communing–Self سان تمام گهٽو لاڳاپيل آهي.

ناول "ڪهاڻي ٻن شهرن جي" (A Tale of Two Cities) ۾ فرانس جو انقلاب ان حد تائين موجودگي رکي ٿو جو ڊڪنس (Dickens) جا ڪردار ان جي اثر کي ظاهر ڪن ٿا، ان ۾ رهن ٿا، ان تي رد عمل ڪن ٿا ۽ ان جي حقيقت کي پڙهندڙن لاءِ نمايان ڪن ٿا. هي ناول ٻين تاريخي ناولن کان هٽي ڪري، هڪ عالمگير اهميت وارو موضوع The human spirit distorted by systems " ۽ سمائي ٿو ته producesdistorted societies" انساني روح، جيڪو نظام هٿان مسخ ٿئي ٿو، موت ۾ هڪ مسخ ٿيل سماج جوڙي ٿو. هن ناول ۾ به ڊڪنس (Dickens) ڏيکايو آهي ته ڪيئن نه انقلابي جذبي جي زيادتين سان پرپور ماحول ۾، هڪ بي نام درزياڻي، هڪ لڙڪڙائيندڙ Republic لاءِ نقصان ڪار ثابت ٿئي ٿي. ڊڪنس (Dickens) جي ناولن ۾ اڪثر فرد پاڻ کي ادارن جي تسلط کان آزاد ڪرائيندا آهن، نه ڪي ادارا پاڻ ۾ کي سڌارا آڻيندا آهن.

ڊڪنس جي ٻئي ناول هارڊ ٽائيمس(Hard Times) وانگر هڪ

سڀي ماڻهو جي پوڳنا ۽ قرباني باقي ماڻهن جي زندگين ۾ بهتري آڻڻ لاءِ پيش خيمو ثابت ٿئي ٿي. جيئن اسان ڏسون ٿا ته سڊني ڪارٽن (Carton Sydney) جي قرباني سان هڪ نئون نسل چالس ڊارني (Charles Darnay) ۽ لوسي(Lucie)جي پار جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. اهو ڪيئن گذريل نسل جي پوڳنائن جي سفر مان فائدو وٺي ٿو ۽ ڪيئن زندگيءَ جو سفر اڳتي وڌي ٿو.

هن ناول جو هڪ اهم موضوع ماڻهن جو هڪ ٻئي سان تعلق به آهي. ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان تعلق، اصل ۾ انساني زندگي جو سڀ کان اهم فيصلو آهي. انقلاب کان اڳ ۽ پوءِ وارو وقت (1775ع کان 1793ع) انساني جذبن، سوچن، نفرت ۽ محبت کي، جنهن انداز ڇڪي ٿو اهو ئي اصل ۾ هن ناول جو روح آهي.

هن ناول ۾ رواجي ناول وانگر ڪو ولين نه آهي، پر شايد ڊڪنس (Dickens) جي مطابق تاريخ هڪ ولين وارو ڪردار ادا ڪري ٿي. ناول هڪ طرف ته انقلابي تشدد جو خوف ۽ حراس ظاهر ڪري ٿو ته ٻئي طرف سماجي ناانصافيءَ کي به نروار ڪري ٿو. جنهن جو سبب فرانسيسي انقلاب ٻڌجي ٿو. هي ناول ٿامس ڪارلائل جي ڪتاب "فرانسيسي انقلاب" جي اثر هيٺ لکيو ويو. ڪيئن معاشي ظلم آخر ڪار عام ماڻهن کي تشدد جي رستي تي وٺي وڃي ٿو نه صرف ايترو پر سماجي اڻ برابري به اهڙن خوني انقلابن جو سبب ٻڌجي ٿي.

جيڪڏهن هن ناول ۾ ڪو راوجي ولين نه آهي، ته هن ۾ ڪي رواجي هيرو يا هيروئن به نه آهن، پر ڊڪنس (Dickens)، لوسي مينٽ (Lucie Menette)، چارلس ڊارني (Charles Darnay) ۽ سڊني ڪارٽن (Sydney Carton) کي اهي سڀ خوبيون ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي هڪ هيرو ۽ هيروئن ۾ هوندیو آهن.

چارلس ڊارني (Charles Darnay) جيڪو پنهنجي خاندان سان بغاوت ڪري انگلينڊ ۾ وڃي رهي ٿو ۽ اتي فرانسيسي هولي سيڪاري پنهنجو گذر سفر ڪري ٿو ۽ پنهنجي ملڪيت ۽ خاندان سان ڪو به تعلق نٽو جوڙي. لوسي(Lucie) سان محبت ۽ شاديءَ کان پوءِ هو هڪ

نئين زندگيءَ ۾ پير پائي ٿو ۽ واپس پنهنجي خاندان ۾ وڃڻ لاءِ ڪڏهن به نٿو سوچي، ڇو ته هن کي ڇڪيءَ ريت معلوم آهي ته هن جو خاندان ظلم جي بنياد تي مراعات يافته طبقي جو حصو رهيو آهي.

سڊني ڪارٽن (Sydney Carton)، جيڪو پنهنجي زندگيءَ کان بي پرواھ ٿي بي راه واري زندگي گذارڻ وارو شخص آهي. هو هن جهان ۾ هجڻ ۽ نه هجڻ ۾ ڪو فرق محسوس نٿو ڪري، پر لوسي (Lucie) سان محبت هن کي تبديل ڪري ٿي ڇڏي، ۽ هو ان لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري، هن جي دل ۾ هميشه لاءِ امر ٿي وڃي ٿو.

ڊاڪٽر مينٽ رڳو (Doctor Menette) ان ڪري 18 سال Bastille ۾ قيد ڪاٽي ٿو ڇو ته ان مظلوم پيءُ ۽ پاڻ جي مدد ڪئي هئي، جن کي Evremonde خاندان پنهنجي ظلم ۽ زيادتن جو نشانو بڻايو هو.

ٻئي طرف ڏسجي ته ميڊم ڊيفارج (Madame Defarge) جهڙا منفي ڪردار به آهن، جيڪا ذاتي انتقام جي باھ ۾ پچي، بنا ڪنهن فرق جي امير خاندان کي گلٽين (Guillotine) تي ڪسجڻ واري منظر ڏسڻ جي خواهشمند آهي. سندس انتقام جي باھ هن ناول جي سيني هاڪاري ڪردارن، چارلس ڊارني (Charles Darnay)، لوسي(Lucie)، ڊاڪٽر مينٽ (Doctor Menette)، سيني کي وڏيءَ مصيبت مان گذاري ٿي ۽ سڊني ڪارٽن (Sydney Carton) کي ته موت جي منهن ۾ ڌڪي ٿي.

هن ناول ۾ طبقاتي جدوجهد، انساني زندگيءَ ۾ قسمت جي عمل دخل، تاريخي ناانصافي ۽ ان جو ايندڙ نسلن تي اثر جهڙا موضوع ته آهن ئي آهن، پر ان سان گڏوگڏ ڊڪنس (Dickens) انسان جي عظمت ۽ ان جي اخلاقيات پستيءَ کي هڪ ئي وقت بهترين نموني چٽيو آهي. ڪنهن عام ظاهري طور بي ڪار نظر ايندڙ انسان ۾ پڻ لکل نموني عظمت موجود ٿي سگهي ٿي، جيڪا هن ناول ۾ اسان کي سڊني ڪارٽن (Sydney Carton) جي صورت ۾ ملي ٿي. ساڳئي وقت، ظاهر ظهور معصوم نظر ايندڙ انسان ۾ ڪيتري حد تائين وحشت موجود ٿي سگهي ٿي، اها اسان کي ميڊم ڊي فارج (Madame Defarge) جي ڪردار ۾ نظر اچي ٿي. هي ناول اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڪيئن سماجي

حالتون، تاريخي حقيقتون، انسانن جي خيالن، خواهشن، نفرت ۽ محبت کي جنم ڏين ٿيون. هڪ اهڙي محبت، جنهن ۾ انسان جان جي به پرواهه نٿو ڪري ۽ ايتري نفرت، جنهن جي باهه ۾ معصوم جانيون وڻڪ کان به نٿو ڪيڻائي.

جيستائين ڪنهن به ناول جي ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمي جو تعلق آهي تہ مان هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ ان ڳالهہ کي تسليم ڪندس تہ تخليقي ڪم کان وڌيڪ ترجمي جو ڪم ڏکيو آهي. تخليقي ڪم ۾ توهان کي هڪ ٻوليءَ جي ڇاڻ گهرجي ٿي، جڏهن تہ ترجمي جي ڪم ۾ هڪ ئي وقت ٻن ٻولين ۾ مهارت جي ضرورت پوي ٿي. ڏاري ٻوليءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم آهي ۽ ساڳي ئي مهارت سان ان کي ٻي ٻوليءَ ۾ آڻڻ ان کان به وڌيڪ ڏکيو ڪم آهي.

ترجمي نگار مبين چنا جس لهي، ۽ تمام گهڻي تعريف لائق آهي، جنهن پنهنجي انگريزي ۽ سنڌي جي تمام گهڻي ڇاڻ رکندي، هڪ جڳ مشهور ڪلاسيڪي ناول کي سنڌي ٻوليءَ ۾ آندو. هي ناول پنهنجو پاڻ ۾ هڪ صنف آهي ۽ دنيا جي عظيم ناولن مان هڪ آهي، جنهن جي حيثيت وقت گذرڻ سان گڏ اڃان به وڌندي وڃي ٿي. هي ناول ايم. اي. انگريزي جي نصاب ۾ تہ شروع کان شامل رهيو پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ ايترو وقت گذرڻ باوجود ايڏو وڏو ناول سنڌي ٻولي ۾ پڑهندڙ لاءِ ترجمو نہ ٿي سگهيو. ان خال کي پورو ڪرڻ لاءِ سمورو اعزاز درپيلي جي نوجوان ليکڪ ۽ ترجمي نگار مبين چنا ڏانهن وڃي ٿو، جنهن تمام وڏيءَ محنت کان پوءِ، جيڪا محنت ترجمو پڑهي ظاهر ٿئي ٿي، هي ناول سنڌيءَ ۾ بين الاقوامي ادب پڑهندڙن کي تحفي طور ڏنو.

ناول جو ترجمو پڑهندي ڪٿي به احساس نٿو ٿي تہ ڪو هي ناول ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ پڑهجي ٿو. لفظن جي چوند، جملن جي بيهڪ اصل انگريزي ٻوليءَ جي گهڻو ويجهو آهي. ترجمو فقط لفظن جو ناهي ٿيندو، ترجمو ڪندي ان ڳالهہ جو وڌيڪ خيال رکيو ويندو آهي تہ پڑهندڙ تائين اها اصل معني منتقل ٿي سگهي. هن ترجمو پڑهندي اهو به

احساس ٿيو تہ انگريزيءَ واري معنيٰ سنڌي ٻولي ۾ لفظن جي بھتري چونڊ ڪري منتقل ڪئي وئي آھي. اھڙي عظيم ناول جي سنڌيءَ ۾ اچڻ تي تمام گھڻي خوشي ۽ محسوس ٿي رھي آھي تہ سنڌي ۾ ھڪ اھڙي ناول جو ترجمو شامل ٿيو آھي، جنھن جي ضرورت تمام گھڻي وقت کان ھئي. ان ڪاميابي جو سمورو اعزاز مبين چنا جي اڻ ٽڪ ڪوشش ڏانھن وڃي ٿو جنھن جو نتيجو ھن ڪتاب طور اسان جي سامھون آھي.

اظھر نوناري

03 جولاءِ، 2020ع

A Tale of Two Cities

کھاڻي بن شهرن جي

[ناول]

كتاب پهريون

نئين زندگي

باب پهريون

زمانو

عجيب تضادن جو دَور هو.

هڪ پاسي اهو بهترين زمانو هو ٻئي پاسي بدترين زمانو. هڪ لحاظ کان عقل ۽ ڏاهپ جو دَور ٻئي لحاظ کان جهالت ۽ ناداني جو ٽاڪو. هڪ ئي وقت اعتقاد ۽ بي اعتقاديءَ جي فضا، جنهن ۾ سوجهري سان گڏوگڏ اونداهي به چانيل هئي، اميدن جون بهارون به هيون ۽ نراسائين جون خزائون به. سڀ ڪجهه هوندي به ڪجهه نه هو. هڪ پاسي جنت جو در هو ۽ ٻئي پاسي جهنم جو ٻُنيو. سامهون منزل به هئي، ۽ گمراهي به. مختصر اهو ته اُهو زمانو اسان جي زماني سان اهڙو ته ملندڙ جلندڙ هو جو اسان جا ڪيئي هم عصر، جن تنهن وقت جي تاريخ لکي آهي، سي وڏي زور شور سان ٻنهي زمانن جي گُڻن ۽ اَوگُڻن جي پيٽ ڪن ٿا.

انگلستان جي تخت تي هڪ وڏين جاڙين وارو بادشاهه ويٺل هو جنهن جي راڄ وري معمولي شڪل واري هئي. فرانس جي تخت تي به هڪ وڏين جاڙين وارو بادشاهه ٽاڪيل هو جنهن جي راڄ چگّي مُنهَن مهانڊي واري هئي. ٻنهي ملڪن جي اڇي ڪاري جي مالڪن کي اها پڪ هئي ته حالتون ڪڏهن به بدلجڻ واريون ناهن.

1775ع جو انگلستان. انهيءَ دَور ۾ به پنهنجن روحاني انڪشافن جي ڪري ايڈو ئي مشهور هو جيئن هاڻي آهي. هڪڙي مسز سائوٿ ڪاٽ هئي، جنهن پنهنجي پنجويهين سالگرهه جو سپاڳو ڏينهن ملهايو هو. انهيءَ سانئڻ جي نازل ٿيڻ واري پاڳوند موقعي تي لائيف گارڊ جي هڪ سپاهيءَ پيغمبراڻي شانَ وچان اڳڪٿي ڪئي هئي ته

لنڊن ۾ ويسٽ منسٽر ڊرٽيءَ تان ميسارجي وبندا. ڪاڪ لين جو پُوت به هارهن ورهين تائين پليس چٽ وسيلي روحاني پيغام ڏيڻ کان پوءِ غائب ٿي چڪو هو. اڄ به اسان جي زماني جا روحَ انهيءَ پُوتَ جي انڊي پوئلڳي ڪندي ميزن مٿان ٺڪ ٺڪ ڪري ساڳيون ئي گڏل پينل، حيرت جوڳيءَ حد تائين نواڻ کان وانجهيل، آسماني خبرون ڏئي گم ٿي ويندا آهن. ڪيڏي نه حيرت جي جاءِ آهي ته اهي معمولي دنياوي خبرون، جيڪي آمريڪا ۽ وسندڙ برطانوي شهرين جي ڪانگريس پاران، انگلستان جي بادشاهه ۽ عوام کي مليون هيون، سي ڪاڪ لين جي ڪُڳڻ جي آسماني خبرن کان وڏا اهم ثابت ٿيون.

جيسيتائين روحاني طاقتن جو تعلق هو ته ڏال ۽ ترشول جي شاهي نشانَ واري پاڙيسري ملڪ انگلستان کان فرانس گهٽو پوئتي پيل هو. هُو وڏي سڪون سان بي شمار ڪاغذي نوٽ ڇاپي تباهيءَ جي غار ڏي وڌندو ٿي ويو. فرانس پنهنجن عيسائي اڳواڻن جي صلاح ۽ رهنمائيءَ ۾ پنهنجي دل خوش ڪرڻ لاءِ عجيب غريب سامان کٽي گڏ ڪيا هيا. مثال طور، جڏهن هڪ چوڪر راهبن جي هڪ جلوس جي اڳيان، جيڪو پنجاهه سَٽ ڳڻن جي وٽيءَ تان لنگهي رهيو هو گَٻ ۾ گوڏا کوڙڻ ۾ سستي ڏيکاري، تڏهن انهيءَ ڏوهه ڪارڻ سندس هٿ ڪپيا ويا ۽ جِيبَ پاڙُون پٽي ڪڍي وئي ۽ کيس جيئرو ساڙي ڇڏيائون. ڪنهن کي خبر هئي ته جنهن مهل اهو معصوم فرانس ۾ ساڙيو پئي ويو، تڏهن ٽيڪ انهيءَ گهڙيءَ فرانس ۾ ناروي ۾ انهن وٽن جا سَلا ڦٽي رهيا هوندا، جن کي تقدير جي ڪائنير رڳو انَ مقصد لاءِ چُونڊي ورتو هوندو ته انهن جي ڪائيءَ مان دنيا جي تاريخ جون سڀ کان وڏيڪ پوائتا صَليب ٺاهيا وڃن. ڪنهن کي کهڙي خبر ته عين انهيءَ ڏينهن تي پيرس جي آس پاس جي سخت زمين تي هارين جي پُراڻن ڇپرن ۾، گَٻ ۾ ٽڪيل، سُوئرن ۽ ڪُڳڙين سان پريل اهڙيون ڪيئي گاڏيون بيٺيون هونديون، جن کي موت هاري، انقلاب جي بدنصيب قيدين لاءِ چُونڊي ورتو هجي. پر هُو آسماني ڪائنيرَ ۽ هاري سدائين مصروف رهڻ باوجود، ڪڏهن به ڪنهن کي ڪم ڪندي ڏسڻ ۾ نه ايندا آهن.

انهن جي ڳجهن پيرن جو ڪڙڪو ڪنهن کي به ٻڌڻ ۾ نه ايندو آهي. جيڪڏهن هن وقت به ڪو شڪ ظاهر ڪري ته اُهي بيدار آهن ته کين ڏهريو ۽ غدار ۽ نه ڄاڻ ڇاڇا چيو ويجي ها.

انگلستان ۾ به امن ۽ امان جي حالت ڪا ايڏي پلي ڪونه هئي. هر رات لنڊن ۾ هٿيار بند چورَ گهرن ۾ ڪات هڻندا ۽ ڏاڙيلَ سڙڪن تي ڦُرلُٽ ڪندا هئا. ماڻهن کي وڏي واڪي خبردار ڪيو ويندو هو ته پنهنجو سامانُ حفاظت لاءِ گودامن ۾ رکڻ کان سواءِ شهر ڇڏي نه وڃن. راتوڪا ڏاڙيلَ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ سوداگر بڻجي ويندا هيا ۽ جيڪڏهن ڪو سندن ساڻي ڏنڊي وارو تاجر کين سڃاڻي ونڊو هيو ۽ کين للڪاريندو هو ته ڏاڙيلن جو اهو سردار اهڙي واپاريءَ کي گولي هڻي هلندو ٿيندو هو. هڪ پيري ستن ڏاڙيلن ڀاڪ گاڏيءَ جو دڳ جهليو. ٽن کي پهريدارن پورو ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن انهن جو بارود پورو ٿي ويو تڏهن باقي ڇئن ڏاڙيلن انهن کي پورو ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ سڄي ڀاڪ گاڏي لُٽي ورتائون. رهزنن لنڊن جي لارڊ ميئر جهڙيءَ سگهاريءَ هستيءَ کي ٽرن هيم گرين جي ميدانن ۾ سائين جَن جي نوڪرن چاڪرن سامهون کين ڦُريو. قيدي لنڊن جي جيلن ۾ پنهنجن پهريدارن سان باقاعدي ويڙهه ڪندا هيا ۽ قانون جي عظمت جي رکوالن مٿان گوليون هلائيندا هيا. شاهي محلن جي ديوانَ خانن ۾ چورَ وزيرن جي ڳچين مان هيرن جَڙيلَ صليب لاهي ونڊندا هيا. سپاهي سينٽ گائلس جي گرجا ۾ گهڙي خاص سامان جي ڳولا ڪندا هيا ته عوام مٿن گوليون هلائيندو هو ۽ هُو وري عوام مٿان گوليون هلائيندا هيا ۽ ڪنهن کي به ان ۾ ڪا اربع خطا نظر نه ايندي هئي ۽ انهن ماڻهن جي وچ ۾ جلاد جي گهرج سدائين رهندي هئي. اُهو سدائين رڌل رهندو هو. پوءِ به ڪو لاپائتو نتيجو نڪرندي نظر نه ايندو هو. هُو ڪڏهن ڏوهارين جون سڃيون سڃيون قطارون قاهيءَ چاڙهي ڇڏيندو هو ته ڪڏهن ڪنهن کي هڪ پَلُ به مهلت ڏيڻ کانسواءِ قاهيءَ تي لڙڪائي ڇڏيندو هو. ڪڏهن نيو گيٽ جي ويهارو قيدين جي هٿن تي جِميرَ ڏنا ويندا هيا ته ڪڏهن ويسٽ منسٽر هال جي دَرَ اڳيان سوين ڪتابڙا ساڙيا ويندا

هيا. اڄ هڪ وحشي قاتل کي ماريو پيو وڃي تہ سياڻي هڪ غريب ٻارُ جنهن جو ڏوهہ اهو هو تہ هُنَ غريب هاريءَ جي پُٽَ جي ڪيسي مان ڇَهہ پينس چورايا هيا.

1775ع ۾ ڪنهيءَ يادگار سالَ جي آس پاس اهڙا ٻيا ڪيئي واقعا پيش آيا هيا ۽ ان ماحول ۾ جڏهن قسمت جو ڪانِيَرُ ۽ موت جو هاري مصروف هيا، تڏهن اُهي ٻئي ويڪرين ڄاڻين وارا بادشاهہ ۽ انهن جون راڻيون، (جن مان هڪ واجبي مُهانڊي واري ۽ ٻي چڱيرڙي هئي)، چارئي تاجدارَ وڏي ڏوم ڌامَ سان تخت تي ويٺا هيا ۽ انهن جي خدائي حقن جي وڏي طمطراق سان حفاظت ٿي رهي هئي. ائين 1775ع ۾ اهي بااختيار هستيون ۽ هِنَ ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جهڙا لکين معمولي انسانَ پنهنجين پنهنجين زندگين جي راهن تي هلي رهيا هيا.

هيو باب

ڊاڪ گاڏي

نومبر جو پڇاڙڪيون تاريخون هيون. جمعي جي رات هئي ۽ ڏوڙ جي طويل سڙڪ اُنَ اوپري مسافر جي اڳيان پکڙيل هئي، جيڪو هن ڪٽا جو پهريون ڪردار آهي. ڊاڪ گاڏي شوٽرز هِل تي ڪڙڪڙ ڪندي وڏي مزي سان هلندي پئي وئي ۽ اهو همراهه به ٻين مسافرن سان گڏ، ڊاڪ گاڏيءَ سان گڏگڏ هلي رهيو هو. مسافر ڪنهن مزي ماڻڻ خاطر سَير سپاٽو نه ڪري رهيا هيا، پر حالتن هٿان مجبور هيا. هڪ ته جبل جي چاڑهي ۽ ٻيو وري ڏُٻرُ. مٿان وري سامان جو بوجهه ۽ خود ڊاڪ گاڏيءَ به ته ڪا گهٽ وزني نه هئي. گهوڙا ٿي پيرا دڳ ۾ گهُه ڪري بيهي رهيا ۽ هڪ پيرِي ته ٽاهُه ڪائي گاڏيءَ کي پوئتي بليڪ هٽيا ڏي موٽائڻ تي ضد ڪري بيهي رهيا. ڪوچوانَ ۽ پهريدارن جي شايد جنگي قانونن واري اها شِقَ پڙهيل هئي، جنهن ڪري اهو ثابت ٿئي ٿو ته خدا جهنگ جي ڪجهه جانورن کي عقل جي زيور سان سينگاري ڇڏيو آهي. هنن هنٽرن ۽ لگامن جي مدد سان کين قابو ڪري ورتو. گهوڙا ڪنڌ جهڪايون، زور سان پُڇَ سَٽڪايون، گپَ مان ٽڙندا ٽاپڙندا هلندا پئي ويا. ائين پئي لڳو ته هڪ اڌ پَلَ ۾ انهن جا عضوا سَنڌَن کان ڌارَ ٿي ٽڙي پکڙي ويندا. جڏهن به گاڏِيَر ساهي پٽڻ جي لاءِ ٻُڇڪارَ ڪري گهوڙن کي روڪيو پئي ته سيني کان اڳيان وارو گهوڙو زور زور سان پنهنجن سنجَن ۽ لگام وارو ڳورو مٿو ائين لوڏڻ ٿي لڳو جڙ ته چوندو هجي ته هيءَ گاڏي هِنَ ٽڪري تي چڙهي نه ٿي سگهي. اوپرو مسافر اڳئين گهوڙي جي ان حرڪت تي پريشان ٿِي ڇرڪ پرڻ پئي لڳو. هُو ڏاڍو پريشانُ ۽ هيسيل هو.

پھاڑين جي آسي پاسي ۾ هيٺ ماڙين ۾ ڪوهيڙ جا ڦرندڙ واچوڙا اُنَ ٻُوتَ وانگر ٻوانٽيون کائي رهيا هيا، جيڪو سڪون ۽ پناهه جي ڳولها ۾ ٻڌڪي رهيو هجي. ڏڏي ڏڏي، چنبڙي پوندڙ ڳگاڻيل ڏڏ جا ڪکر لڳاتار دائرن جي شڪل ۾، نيا ڳي سمنڊَ جي ويرن وانگر هوري هوري پکڙجي رهيا هيا. هڏ نہ ڏسي گوڏي کي. ڍاڪ گاڏي جي بتين جو سوجهرو ۽ جهيڙو پئجي ويو هو. گهوڙن جي پگهر مان جيڪي ڏُونهان اٿي رهيا هيا، تن کي ڏسي هِي گمان پئي ٿيو تہ اهو ڪوهيڙُ جڙ تہ انهن جو پکيڙيل آهي.

اوپري مسافر کان سواءِ ٻہ ٻيا مسافر ۽ ڍاڪ گاڏيءَ سان گڏوگڏ ٽَڪري تي چڙهي رهيا هيا. ٽنهين کي گوڏن تائين بُوٽَ پاتل هيا ۽ اُهي هڙپائين ۾ ڳنڍ تائين ڏِکيل هيا. ٽنهين مان ڪو ۽ هڪ ٻئي جي صورت مان واقف نہ هو. ٽئي ڏاڍي پُراسرار طريقي سان ظاهري اکين کان ايترا ئي لڪل هيا، جيترا باطني اکين کان.

اُنَ زماني ۾ ماڙهو اجنبين سان ڪُلي ڳالهائڻ کان لَهرائيندا هيا، ان ڊپَ وچان ۽ تہ متان اهي ڏاڙيل يا وري انهن جا ساڻاري نہ هجن. هي اهو زمانو هو جڏهن ڪنهن شرابَ خاني يا ڍاڪ گهر جي مالڪ کان وڌي معمولي نوڪر تائين، ڪير ۽ ڏاڙيلن جو چيلو چمچو ٿي سگهيو پئي.

نومبر 1775ع جي جمعي واري رات جي ڳالهه آهي. ڊووَر جي ڍاڪ گاڏيءَ وارو گارڊ گهٽ ۾ گهٽ اهي مٿيون ڳالهيون سوچي رهيو هو. گاڏي شُوٽرز هل جي چاڙهيءَ تي هلي نہ، پر رڙهي رهي هئي. هُو گاڏيءَ جي پوئين فٽ پيريءَ متان بينو ڪاوڙمان وَڃَ ڪائي رهيو هو ۽ هن جون اکيون ۽ هٿ هٿيارن جي اُنَ صندوق تي ڪُتل هيا، جنهن ۾ هڪ مُنهَن ڀَري بندوقَ، ڇهه ست پريل پستولَ ۽ ڪيئي ڇُرا رکيل هيا. ڊووَر جي گاڏيءَ ۾ عجيب ماحول هو. گارڊ مسافرن کي شڪَ پريل نگاهن سان ڏسي رهيو هو. مسافرَ وري گارڊَ ۽ هڪٻئي کي شڪَ وارين نظرن سان ڏسي رهيا هيا. مطلب تہ ڪنهن کي ۽ ڪنهن تي پروسو نہ هو. رڳو گاڏيَر کي ڪامل يقين هو ۽ هُو انهن گهوڙن بابت

بائيبل جو قسم کٽي چئي پيو سگهي ته هي حيوانَ قطعي طور تي سفر ڪرڻ جي لائق ناهن.

"ها... ها... هَ... هَ... ها ٿورو زور لڳايو ۽ ٻيڙا پارِ آهن." گاڏِيَر گهوڙن کي پُچڪار ڏني. "اڙي نياڳئو! ڪيڏين مصيبتن سان توهان کي چاڙهي آيو هان. اڙي جوا!"

"ڇا هي؟" گارڊ وراڻيو.

"جوا گهڙي وقت ڇا ٿي ٻڌائي؟"

"يارهن لڳي ڏهه منٽ."

"پو ته مري وياسين." گاڏِير جو ڪاوڙ ۾ مٿو ڦري ويو "۽ اڄا تائين ٽڪريءَ جي چوٽي تائين نه پهتا آهيون... هَ... هَ... اڙي مروانوا وک وڌائيندا هلو."

اڳيان واري گهوڙي ڇهبڪ جي سٽڪي سان ٻڙڪو ڪائيندي سڄو زور لڳايو ۽ پوين ٽِن گهوڙن به هن جو ساٿ ڏنو ۽ پوءِ ڊوڙ واري ڊاڪ گاڏي هڪ ٻيرو ٻيهر اڳتي وڌڻ لڳي. مسافرن جا جُوتا گپ مان گُڙپ گُڙپ ڪري گڏ گڏ ڀُڪي رهيا هيا. جڏهن گاڏي بيهي پئي وئي ته اُهي به رڪجي ٿي ويا. اُهي گاڏي سان گڏ چنبڙيا هلي رهيا هيا. جيڪڏهن انهن مان ڪو پنهنجي همراهيءَ کي ڪوهيڙي ۽ اوندهه ۾ اڳتي هلڻ جي راءِ ڏئي ها ته اهو شايد چوڻ واري کي پنهنجي جان جو دشمن ۽ ڏاڙيل ڄاڻي. اُتي ئي گولي هڻي ڇڏيس ها.

آخري ٻيرو گهوڙن وٽي جو زور لڳايو ته گاڏي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهچي وئي. گهوڙا ٿوري دير ساهي پٽڻ جي لاءِ بيٺا ۽ گارڊ ڦيٽن جي هيٺان پٽر ڏئي ڇڏيا ته جيئن گاڏي لاهيءَ تي گسڪندي. پوئتي هلي نه وڃي ۽ گاڏيءَ جا دَر مسافرن جي لهڻ جي لاءِ کولي ڇڏيا.

"هُشش...جوا" گاڏِيَر پنهنجي سيٽ تان ٿورو هيٺ جهڪي گارڊ کي خبردار ڪيو.

"تامر! ڇا ڳالهه آهي؟"

ٻئي هوشيار ٿي ويا.

"جوا مان چوان ٿو ته ڪو سوار ڏُڪي پيو اچي."

"منهنجي خيال ۾ سوار مِينهُن واڇ هڪ ڪيو پيو اچي. ٽامرا" گارڊ ورندي ڏني ۽ تکڙ ۾ در جو تاڪ چڏي ٽپو ڏئي پائيدان تي چڙهي بيٺو.

"صاحبو! بادشاهه سلامت جي نالي ۾ توهان سڀ هوشيار ٿي ويجو." ان کان پوءِ هُو پنهنجي مُنهَن ۾ري بندوق تاڻي، مقابلي جي لاءِ تيار ٿي ويو. هِنَ ڪٽا جو پهريون ڪردارُ يعني اوپرو جيڪو گاڏيءَ ۾ چڙهي رهيو هو اُهو چرڪ ۾ري پائيدان تي ئي بيهي رهيو. هُنَ جي پويان ٻئي مسافر ب سڙڪ تي بيهي رهيا. سيئي ڪڙڪي ڏي ڏيان ڏيون. ڪنهن مهل گاڏِير ڏي ڏسي رهيا هيا ته ڪنهن مهل گارڊ ڏي. گاڏِير ڪنڊ ورائي ڏنو. گارڊ ڪنڊ ورائي ڏنو ايتري تائين جو پهرئين گهوڙي ب ڳَنَ ڪڙا ڪيا، جڏ ته هن کي ب ايندڙ خطري جو احساس هيو.

هر پاسي ماڻ هئي. گاڏيءَ جي ڪڙڪڙ بند ٿي وڃڻ جي ڪري سانت ايڏا ب وڌيڪ چٽي ٿي وئي. گهوڙن جي سَهڪڻ جي ڪري گاڏي ب ٿورڙو لُڏي رهي هئي ۽ ائين پئي لڳو ته اها ب جڏ ته ڪنهن جاندار وانگر بي چين آهي. مسافرن جون دليون ايڏيون ته تڪڙيون دَهڪي رهيون هيون جو جيڪڏهن ڪو سندن دل جو دَهڪو ٻُڌي ونئي ها ته ڪا حيرت جهڙي ڳالهه نه هئي. بهرحال ان سانت واريءَ گهڙيءَ ۾ ماڻهن جا ساهَ بيٺل هيا ۽ سندن نبضون تيز ٿي ويون هُيَون. ۽ اُهي آس نراس حالت ۾ ساهه روڪيون بيٺا هيا. تڪو ڊڪندڙ گهوڙن جي دَهڪن جو گوڙُ پهاڙ جي چوٽيءَ تائين اچي پهتو.

"خبردار...! ڪير آهي...؟ بيهي رهُ، نه ته گولي ڪائيندين." گارڊ پوريءَ سَگهه سان رَڙ ڪئي.

سوارَ جي رفتار اُمالڪ بيهي وئي. ۽ گپَ ۾ سُنبَنِ جي دَهڪن سان گڏ ڪنهن ڪوهيڙَ مان رڙ ڪري پڇيو "ڇا اها ڊووَر جي ڊاڪ گاڏي آهي؟"

"تنهنجو ٿنهن ۾ ڇا ڪٽي ڪهڙي ب هجي؟ پهريون اهو ٻڌاءِ ته تون آهين ڪير؟" گارڊ رُکائيپ وچان چيس.

"ڇا اِها ڊووَر جي ڊاڪ گاڏي آهي؟"

"تون اهو چو ٿو چاڻڻ چاهين؟"

"مون کي هڪ مسافر جي ڳولا آهي."

"ڪهڙو مسافر؟"

"مسٽر جاروس لاري"

اسان جي اوپري مسافر جي مُکَ مان خبر پئجي وئي ته اهو سندس ئي نالو آهي. گارڊ، گاڏيءَ ۾ ٻيا مسافر ڪيس شڪ وچان ڏسڻ لڳا.

"پنهنجي جاءِ تي ٻيٺو رهُ. چو ته جي تو ڪا بہ گڙبڙ ڪئي ۽ غلطيءَ وچان منهنجي بندوق هلي پئي، ته تون پنهنجي جان تان هٿ ڌوئي ويهندين." گارڊ ڪوهيڑ ۾ لڪل همراهہ کي چيو ۽ پوئتي ڪنڊ ڏيري رڙ ڪيائين. "تڪڙ ڪيئي ته تون پنهنجي جان تان هٿ وڃائي ويهندين."

"مامرو ڇا آهي. مون کي ڪير ٻيو سڏي؟ جيري! اِهو تون آهين ڇا؟" مسافر ڪنبندڙ آواز ۾ پڇيس.

"ڪهڙو نياڳو وري جيري آ؟ مون کي هُنَ جو آواز اصلي نہ ٿو وٹي. نياڳو قاتل دُهُل آهي." گارڊ بڙبڙ ڪئي.

"هائو مسٽر لاري!"

"ڇا ڳالهہ آهي؟"

"تي ايندڙ ڪمپنيءَ توهان جي نالي هڪ خط موڪليو آهي."

"گارڊ! مان هِنَ ماڻهوءَ کي سُڃاڻان ٿو." لاريءَ گاڏيءَ تان لهندي چيو.

ٻيا مسافر هن کي ڏِکا ڏئي، تڪڙ ۾ گُهتون هٽي، گاڏي اندر چڙهي ويا ۽ دَر بند ڪري، اندران ڪڙو ڏئي ڇڏيائون.

"ڪا بہ خطري جي ڳالهہ ناهي. هن کي ويجهو اچڻ ڏيو." مسٽر لاري گارڊ کي تسلي ڏيندي چيو.

"ٺيڪ آ." جيريءَ تهائين وڌيڪ کُهري آواز ۾ چيو.

"بس، هڪ وک اڳتي اچ... منهنجي ڳالهہ سمجهيئي... ۽ جي تو توبري ۾ لڙڪندڙ پستول ڏي هٿ بہ وڌايو ته مون کان وڌيڪ خراب ڪير بہ نہ هوندئي ...۽ پُلَ چُڪَ ۾ ڪا گولي لڳي بہ سَگهئي ٿي. هاڻ ڏسون تنهنجي شڪل..."

وڪڙ هٽندڙ دُونهين مان هوري هوري هڪ گهوڙيسوار ظاهر ٿيو ۽ ڀاڪ گاڏيءَ جي ويجهو آيو. جتي ٻيا مسافر ٻيٺا هيا. سوار ٻيهي رهيو ۽ گارڊ کي چِتائي ڏسندي هڪ ويڑهيل ڪاڳر، مسٽر لاريءَ کي ڏنو.

گهوڙو سَهڪي رهيو هو ۽ سَوار ۽ گهوڙو ٻئي مٽي کان پيرن تائين گَپ ۾ لِنبيا پيا هُيا.

"گارڊ!" مسٽر لاريءَ وڏي ڪاروباري لهجي ۾ چيس. گارڊ هڪ هٿ بندوق جي نالَ تي ۽ ٻيو هَٿُ ڪُلهي تي رکي چُست ٿي ويو ۽ ڦُڙتيءَ وچان سَوار کي تڪيندي چيائين. "جي سرڪار!"

"ڍڇ جي ڪا به ڀالهه ناهي... منهنجو تعلق ٽيلسن بينڪ سان آهي. تون لنڊن واري ٽيلسن بينڪ بابت ڄاڻندو ئي هوندين. مان هڪ ڪم سانگي پيرس وڃي رهيو آهيان. هي وٽ پنهنجو انعام. شراب جو آڏيو پي ڇڏجانءِ. مان هي خط پڙهي ونان."

"هائو سرڪار! پر ٿوري تڪڙ ڪريو."

لاريءَ گاڏيءَ جي بتيءَ جي سوجهري ۾ خط کولي پڙهڻ شروع ڪيو. پهريون چپن ئي چپن ۾ ڀوءِ وڏي واڪي.

"ڊووَر وٽ صاحبزاديءَ جو انتظار ڪرِ." خط پڙهڻ کانپوءِ مسٽر لاريءَ گارڊ کي چيو.

"گارڊ! تو ڏٺوخط ننڍڙو ئي هيو... جيري! هن خط جو جواب رڳو ايترو ئي آهي...! نئين زندگي پاتئي."

"ڇا ته عجيب غريب جواب آهي." جيريءَ چرڪ پريندي صفا ڪَهُري آواز ۾ چيو.

"وڃ. بس اهوئي پيغام وڃي پهچاءِ. هُو سمجهي ويندا ته خط مون تائين پهچي ويو ۽ وڌيڪ ڪنهن به لکت واري ورنديءَ جي گهرج ناهي. ٿورو احتياط سان وڃجانءِ.. گُڊ نائيٽ."

ايترو چئي مسٽر لاريءَ گاڏيءَ جو دَرُ کولي اُنَ ۾ چڙهيو. همسفرن هُنَ جي ڪابه مدد نه ڪئي. چو ته هنن پنهنجيون واڇون ۽ ٻَنُون پنهنجن جُوتن ۾ لڪائي ڇڏيون هيون ۽ هاڻ سُمهڻ جو ناٽڪ ڪيون، سُتا پيا هيا. هنن جو ان ڇانهَر مان مقصد بس رڳو

ايترو هو تہ اهي هن ڳالھہ کان ڊنل هيا تہ کا ٻي مصيبت نہ اچي نازل ٿي پوي.

ڪوهيڙو اڃا وڌيڪ گھاٽو ٿيندو پئي ويو ۽ گاڏي لاهيءَ تي وڪڙ ڪائيندڙ ڏُنڊَ جي لاڻن ۾ لوڏا ڪائيندي پئي وئي.

گارڊ مُنھَن ڀَرُو بندوق موٽائي هٿيارن جي صندوق مٿان رکي ڇڏي ۽ ٻين هٿيارن تي احتياط مان نظر وڌي. چيلھہ ۾ ٻڌل پستول ڏي ڏٺائين. تنھن کان پوءِ هن پنھنجي سِيٽَ هيٺان ھڪ ننڍي ڊَبي جي جاچ ورتي. ان ۾ ڪي لوھہ جا اوزار ھڪ ٻہ ڏياڻيون ۽ باھہ ٻارڻ واري ڊبي هئي. وات تي ڪٽي گاڏيءَ جي بتي ڇڄي پوي يا ڪنھن طوفان ۾ وسامي وڃي. جيئن ڪڏھن ڪڏھن ٿي پوندو هو تہ اھڙن موقعن تي هُو گاڏيءَ ۾ چقمق وسيلي کن پل ۾ ئي روشني ڪري وٺندو هو. ان کان ۾ وڌي احتياط جي ضرورت هوندي هئي تہ جيئن گاھہ وغيرھہ کي باھہ وکوڙي نہ وڃي.

"تامر!" گاڏيءَ جي ڇت تان آواز آيو.

"ها، جوا!"

"تو پيغام ٻڌو."

"ها، ادا! ٻُڌِ."

"ڇا سمجھيئي؟"

"ڏوڙ سمجھيم."

"واھہ جو اتفاق آهي، مان پاڻ ٻہ ڪجھہ نہ سمجھيو."

انھن ماڻھن جي وڃڻ کان پوءِ جيري ڪوهيڙي ۾ اڪيلو رهجي ويو. هُو گھوڙي تان لٿو تہ جيئن جانور ڪجھہ ٽڪ پيچي ۽ هُو پاڻ ٻہ پنھنجي بُٽَ ۽ مُنھَن تان گپ لاهي وڌي. هن پنھنجي وڏي ويڪري ٽوپلي مان ڪو ٻہ سير کن پاڻي نچوڙي ورتو ۽ پوءِ پنھنجي آلي ٻانھَن تي رينُون رکيون. ماڻ ڪيون ٻيئو رهيو ايسيتائين جو گاڏيءَ جي ڦيٽن جو گوڙ رات جي سانت ۾ گم ٿي ويو. تڏھن هُو موٽي جبل جي ٻئي پاسي ڏي لھڻ لڳو.

"ويچاري ڏاڍي ٽڪجي پئي هوندي" هن پاهوڻ وچان پنهنجي گهوڙيءَ ڏي ڏسي ڳالهه آواز ۾ چيو "ٽيمپل بار کان ڇا ٽ هڪ ساهي ڊوڙي آهي! ميدان ۾ لهڻ کان اڳ مان تنهنجي ٽڪ ۾ چُور ٽنگن تي اصلي پروسو نه ڪندس... 'نئين زندگي پاتئي' ...ڇا ٽ عجيب پيغام آهي! جيري صاحبَ! ٿورو هوشيار رهجان. جي ائين ئي مُٺا جيئرا ٽيڻ لڳا ٽ تنهنجو حشر ڪهڙو ٿيندو!"

باب ٽيون

رات جا پاڇا

ڪيڏي نہ دلچسپ ڳالھہ آھي تہ ھر انسان ۾ئي جي لاءِ ھڪ ڳجھو راز آھي. اھو غور طلب مسئلو آھي تہ مان جڏھن رات جي مھل ڪنھن وڏي شھر ۾ داخل ٿيندو آھيان، تڏھن مون کي ھر اُونداھي مڪانَ جو پاڇو پُراسرار نظر ايندو آھي. ھر گھر جي ڪنڊ ۾ ھڪ ڳجھہ لڪل محسوس ٿيندو اٿم. ھزارين لکين سينن ۾ ڌھڪندڙ دليون پنھنجن پنھنجن خيالن جون پرديدار آھن. ڪيڏي نہ غضب جي ڪيفيت چايل آھي، جيڪا موت سان مُشابھت رکندڙ آھي.

ڪيڏي نہ چاھہ وچان مان ھِنَ زندگيءَ جي ڪتابَ جو مُنڊيَ کان پڇاڙيءَ تائين مطالعو ڪرڻ گھران ٿو پر ڪجھہ ورڻ کان وڌيڪ اُتلائي نہ ٿو سگھان. ڪھڙين آسُنِ جي عارضي روشنيءَ جي سھاري، مان اِنَ اَٿاھہ سمنڊ جي لڪل خزانن تائين پھچڻ چاھيان ٿو پر منھنجيون نگاھون ان جي گھرائين جي ٿَھہ تائين پھچي نہ ٿيون سگھن. تقدير جو فيصلو اھو آھي تہ پھرئين ئي پني کان پوءِ، اھو ڪتاب ھڪ جھٽڪي سان بند ٿي وڃي. قسمت جو حڪم اھو آھي تہ جيئن ئي سطح تي سمجھہ جي روشني پوي، تيئن ئي اھو سمنڊ سدائين لاءِ جمي برف ٿي وڃي ۽ مان نادانن وانگر ڪناري تي بيٺو رھجي وڃان.

منھنجو دوست ھليو ويو.

منھنجو پاڙيسري ھليو ويو.

منھنجي پريمڪا... منھنجي ساھہ کان وڌ پياري پريمڪا، مون کان ھميشہ لاءِ وڇڙي وئي. سڀ فنا ٿي ويا، پر انھن جي انفراديت جو

دوامي ۽ لافاني راز مرڻ ڪهڙيءَ تائين منهنجي ذهن ۾ محفوظ رهندو. مان جڏهن به ڪنهن قبرستان وٽان لنگهان ٿو تڏهن اهو خيال ايندو اٿم ته ڇا اهي ابدي ننڊ سمهڻ وارا منهنجي لاءِ جيئرن جاڳندن انسانن کان وڌيڪ پُراسرار آهن. يا مان ئي انهن لاءِ هڪ ڪجهارت آهيان.

اها انفراديت هر انسان جي ميراث آهي ۽ ان مامري ۾ اسان جي پيغام آڻڻ واري سُوار جيري ۽ ڪنهن بادشاهہ، وزير يا لنڊن جي ڪنهن دولت مند سوداگر ۾ ڪو به فرق ناهي. اهوئي حال انهن تن مسافرن جو هو جيڪي پراڻي چيڪات ڪندڙ گاڏيءَ ۾ بند ويٺا هئا. اُهي هڪٻئي جي لاءِ مڪمل ڪجهہ هيا. اُهي ايڏو ويجهو هوندي به هڪٻئي کان گهڻو پري هيا. جيڪڏهن اهي هڪ گاڏيءَ جي بدران ڏار ڏار گاڏين ۾ سُوار ٿين ها ۽ انهن گاڏين ۾ ڇهن جي جاءِ تي ستِ گهوڙا جُتيل هجن ها، تڏهن به ڪو فرق نہ پوي ها. اهي ذهني طور تي هڪٻئي کان ڪوهين ڏور هيا.

نياپو رسائيندڙ ڏڪي چال سان واپس وڃي رهيو هو. هُو ڪيئي پيرا ميخانن ۾ مَدُّ پيئڻ جي نيت سان ترسيو پر مُنهُن ٽوپيءَ ۾ لڪايون، ٻين کان الڳ ٿلڳ ويٺو رهيو. هن جون اکيون سندس ٽوپيءَ جي ڪري خوب سهڻيون لڳي رهيون هيون، جيڪي ڪاريون هيون، پر انهن ۾ گهرائي نہ هئي. اهي هڪ ٻئي جي ايترو ته ويجهو هيون، جو ائين ٿي لڳو ته اهي جڙ ته هڪٻئي کان پري رهڻ کان ان ڪري ڊڄنديون هجن ته متان ڪٿي اڪيلي رهڻ جي الزام هيٺ پڪڙيون نہ وڃن. اُهي ٽِڪنڊي ٽُوڪدانَ جهڙي شڪل واري ٽوپي ۽ ڊگهي ويڪري مفلر جي وچ ۾ ٽڪر وچان جماتيون پائي رهيون هيون. هُنَ مَدُّ پيئڻ مهل ڪهي هٿ سان مفلر کي پري ڪري ۽ سڄي هٿ سان وات ۾ مَدُّ پئي اوتي ۽ پوءِ ترت ئي ٻُوٽ لڪائي پئي ورتو.

"ائين ڪم نہ هلندو جيري!" هُنَ پاڻ کي چيو. سندس دماغ ۾ بس هڪ ئي خيال ڦيريون پائي رهيو هو "جيري صاحب! تون ويچارو رهئين ايماندار واپاري، اهي ڳالهيون تنهنجي مطلب جون ناهن...

تنهنجو ڏنڏو ڏار آهي... 'نئين زندگي پاتئي'... هُش..." هُو ساڪ سان نشي ۾ ٽُن هو.

اِنَ عجيب ۽ غريب پيغامَ ويچاري جيريءَ کي هيسائي ڇڏيو هو. هُو هرهر ٽوپي لاهي، پنهنجو متو ڪَنهي، سوچڻ ٽي لڳو. هُنَ کي ڪَهريءَ لوتِ جي آس پاس ڏاڍا سخت ڪارا وارَ هيا، جيڪي گنجريل شڪل ۾ سندس ٽاڻي جهڙي نَڪَ تائين پکڙيل هيا. ائين ٽي لڳو ته ڪنهن لوهار ڪوڪا هٽي ڇڏيا هجنس يا ڪنهن پِتِ تي ڪنڊيدار ڪوڪا لڳل هجن. ٽپن ڏينهن وارو بهترين راندیگر به هن پَوائتي ماٺهوءَ جي مٿي کي پارِ ڪرڻ کان لَهرائيندو.

جيري کي اهو پيغام ٽيمپل بار جي ويجهو ٽيلسن بينڪ جي سنتريءَ تائين پهچائڻو هو ته جيئن اهو اُنَ کي پنهنجن آفيسرن تائين پهچائي. هُو مُئل وکون ڪٽي رهيو هو. رات جا اُونداهاپاڇا پوائتو روپ ونڻي، ڪيس ڊيڄاري رهيا هيا. هن جي گهوڙي به ڊنل هئي ۽ راهه جي هر اوپري پاڇي کان ڇرڪ پرڻ ٽي لڳي.

هوڏانهن ڊاڪ گاڏي پنهنجن ٽن پُراسرار مسافرن کي ڪنيون، لوڏا ڪائيندي، ڇيڪاٽ ڪندي، پنهنجي پيڇري تي وڃي رهي هئي. مسافرن جون اکيون ننڊاکڙيون هيون. پريشان خيال انهن پوائتن پاڇن کي آئينن جو روپ ڏئي، کين ڊيڄاري رهيا هيا.

ڊاڪ گاڏي ۾ ٽيلسن بينڪ وارو تماشو ٽي رهيو هو. جتي ائين پئي لڳو ته ڪاروبار ڪرڻ وارن جو ميڙُ گڏ ٽي ويو آهي. بينڪ سان تعلق رکڻ وارو مسافر جاروس چمڙي جي پَٽي کي سُڪَ جهليون بيٺو هو ته جيئن گاڏيءَ جي لوڏن لَهَن ۾ ٽيڙ ڪائي، پنهنجن همسفرن سان نه وڃي ٽَڪرائجي. ۽ هُو ننڊ جي گهيرٽن ۾ اهي خواب ڏسي رهيو هو. هن اَڏ ڪليل اکين مان تخيل جي مدد سان ڏٺو ته گاڏيءَ جي ڪوهيڙي ۾ پُڏل ليمپ، ننڍيون ننڍيون دريون ۽ سامهون ويٺل ٽُلهو متارو همسفر. اهي سڀ بينڪ بٽجي ويا آهن ۽ خوب ڪاروبار هلي رهيو آهي. گهوڙي جي سَنجن جي جهنڪارَ سِڪن جي جهنڪار بٽجي وئي ۽ تخيل جي انهن ڪجهه گهڙين ۾ ايتريون ته هُنڊيون متايون ويون، جو باوجود

پنهنجي اندروني ۽ بيروني ڪاروبار ۾ پهچ جي، ٽيلسن بينڪ ان کان ٽيٽي وقت ۾ به نه ٻڌايون هيون.

هُنَ کي ائين لڳو ته هُو جڻ ته ٽيلسن بينڪ جي ٿَهَ خانن ۾ رکيل ٽجوڙين جا تالا کولي، انهن ۾ لکايل آملهه زيور ۽ ڳجها ڪاغر ميڙ بتيءَ جي جهيٽيءَ روشنيءَ ۾ ڏسي رهيو آهي. اها سڀ جاتل سُجاتل دولت، ساڀي ريت محفوظ آهي، جيئن هُو ان کي آخري ڀيرو ڏسي آيو هو. جيتوڻيڪ هو گاڏيءَ ۾ سوار هو ۽ بينڪ هڪ مُنڊَل آفيسي نشي ۾، درد جي هلڪڙي احساس وانگر هر گهڙيءَ هن سان گڏ هئي. پر ان سان گڏوگڏ خيالن جو هڪ ٻيو وهڪرو سڄي رات هن کي بي چين ڪندو رهيو. هُو ڪنهن کي قبر کوٽي ڪيڻ ويڄي رهيو هو.

رات جي اُونداهين ۾ اِهو سُجاڻڻ ڏکيو هو ته انهن هزارين ڇهرن مان دفن ٿيل شخص جو ڇهرو ڪهڙو آهي. سيئي ڇهرا هڪ اهڙي شخص جا هيا، جنهن جي عمر پنجيتاليهه سال هئي. انهن ڳريل جهريل ڇهرن جو ٻوائتو هجڻ ۽ ڏار ڏار هو. ۽ هر ڇهري مان مختلف جذبا بَکي رهيا هيا. وڏائي، ڏکار ۽ نفرت، بغاوت ۽ نَڪَ جي پکائي، مجبوري ۽ لاچاري، ماتم ۽ دانهُن ڪُوکن جا ٻاوَ ۽ هڪٻئي ٻُڌيان رنگ ٺاهي رهيا هيا. پيهجي ويل ڳِڻا، موت جي پاڇي ۾ لکل قِڪا ڇهرا، سُڪل هٿ پير ۽ سِلهه ورتل بوتا سامهون لنگهي رهيا هيا، پر اهي سڀ ڇهرا هڪ ئي ماڻهوءَ جا هيا، جنهن جي مٽي جا وارَ وقت کان اڳ ئي اڇا ٿي ويا هيا.

جُهوڻا ڪائيندڙ مسافر اُنَ پُوتَ کانَ هرهر هڪ ئي سوال پُڇي رهيو هو.

"تون گهٽن ڏينهن کان دفن آهين؟"

"لڳ ڀڳ ارڙهن سالن کان." بس اهو هڪ ئي جواب ٻئي ملیو.

"پنهنجي قبر مان ٻاهر نڪرڻ جون سڀ اميدون ختم ٿي چڪيون هُيَئي؟"

"گهٽو زمانو ٿيو."

"خبر اٿئي، توکي ٻيهر زندگي ملي رهي آهي."

"ماڻهو به ائين چون ٿا."
"توکي زندگيءَ سان پيار آهي نا"
"چئي نه ٿو سگهان."
"ڇا تون چوڪري کي ڏسڻ ايندين يا مان هن کي وڃي اچان؟"
اِنَ سوال جا جواب مختلف ۽ متضاد هيا. ڪڏهن ڏڪندڙ لرزندڙ ٽڪل آواز ۾ جواب ٿي مليو.
"ترس... مان ڀڃان ٿو ته هن کي ڏسي مون تي خوشيءَ وچان موت جو دَورو نه پئجي وڃي."
ڪڏهن وري وهندڙ ڳوڙهن ۾ ٻُڏل هڪ جواب ٿي آيو "مون کي هن وٽ وڃي هل."
۽ ڪڏهن هُو بيبجي چوڻ ٿي لڳو "مان هن کي نه ٿو سُڃاڻان. منهنجي سمجهه ۾ ڪجهه نه ٿو اچي."
ان خيالي گفتگو کان پوءِ، مسافر پنهنجي پَرِ ۾ لڳاتار زمين کي کوٽڻ ٿي لڳو. ڪڏهن بيلچي سان ته ڪڏهن هڪ وڏيءَ ڪنجيءَ سان ۽ ڪڏهن پنهنجن هٿن سان. ته جيئن هن آپاڳي انسان کي قبر ماں ٻاهر ڪڍي. ۽ پوءِ اهو مٽيءَ ۾ پيُوت لاش ٻاهر ڪڍڻ کان پوءِ وري ٽڪرا ٽڪرا ٿي هيٺ ڪِرڻ ٿي لڳو ۽ ٻيهر هٽين مٽيءَ ۾ ملي ٿي ويو. تڏهن اهو مسافر ننڍ مان ڇڪ پري اُٿي ٿي پيو ۽ گاڏيءَ جي دري کولي ڪوهيڙَ ۽ مِينهَن جي سچائين کي محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ٿي لڳو. پر اکيون کولڻ جي باوجود ڏٺو. برسات، گاڏيءَ جي لڏندڙ لالٽينن جي روشني... ۽ مخالف طرف ڏي پڇندي ويندڙ جهنگ جي ٻُوٽن جي هوندي به اُونداهيءَ رات جا پاڇا، تاريڪ خيالن ۾ رَلي مِلي ٿي ويا. ٽيمپل بار جي اصلي بينڪ، گذريل ڏينهن جو واقعي ڪاروبار، لوهي ٽجوڑيون، مليل پيغام ۽ جيئرو جاڳندو پيغام پهچائيندڙ اهي سيئي سچايون پنهجي جاءِ تي موجود هيون. پر انهن سچائين جي وچ ۾ اهو پُوت نڪري نروار ٿي پئي پيو ۽ هُو ان سان هيئن مخاطب پئي ٿيو:
"تون ڪيترن ڏينهن کان دفن ٿيل آهين؟"

"لڳ پڳ ارڙهن سالن کان."

"توکي زندگيءَ سان پيار آهي نہ؟"

"چئي نہ ٿو سگهان."

هُو لڳاتار زمين کوٽڻ ٿي لڳو ايسيتائين جو هُو وري ڪنهن همسفر جي اوچتي حرڪت تي دري بند ڪرڻ ۾ گهي پکڙڻ تي مجبور ٿي پئي ويو ۽ سمهڻ وارن ساٿين جي باري ۾ دليل ڏوڙائڻ ٿي لڳو. انهن جي صورت وري هوري هوري ڪڏهن بينڪ تہ ڪڏهن قبر واري بڻجي ٿي وئي.

"تون ڪيترن ڏينهن کان پُوريل آهين؟"

"لڳ پڳ ارڙهن سالن کان."

"قبر مان نڪرڻ جون پنهنجيون سڀ اميدون وڃائي ويٺو هُئين؟"

"ڪو زمانو ٿيو."

مٿيان لفظ ڪن جي ڪنن ۾ ايڏا تائين گونجي رهيا هيا. ائين گونجي رهيا هيا جڏ تہ جائي پڃائي بہ ڪنهن جي وات مان نڪتل لفظ هجن. ايسيتائين جو پرهہ جي سوجهري ٽڪل مسافر کي جاڳائي وڏو. رات جا پاڇا موڪلائي چڪا هيا.

مسافر دري کولي ڇڏي ۽ ايرندڙ سِڄَ ڏي ڏٺو. گذريل رات ڪو ماڻهو ٽڪا ٽُنا گهوڙا کولي، کيت ۾ پنهنجو هر ڇڏي ويو هو جيڪو ايڏا تائين اُتي پيو هوءِ پري هڪ جهنگلي ٻُوٽو هو جنهن جا ايڏا تائين ڪيئي ڀاڙهہ سُڙا ڪانجهڙا پَنَ ڪُنڊَن وانگر جَرڪي رهيا هيا. زمين توڙي جو ٽڏي ۽ آلسُري هئي، پر آسمان صاف هو ۽ سڄ پنهنجي آب ۽ تابَ سان جڳمڳائي رهيو هو.

"ارڙهن سال." مسافر سڄ ڏي ڏسندي چيو "ڇِتي ڏينهن جا عظيم ڏٺي...! ارڙهن سالن تائين جيئرو پوريل رهڻ ...ڇا تہ قيامت آهي!"

باب چوٿون

تياري

ٻيڙهريءَ جو جڏهن ڌاڪ گاڏي خير سلامتيءَ سان ڊوڙ پڇي وئي ته رواج مطابق رائل جارج هوٽل جي نوڪرن جي نگران نوڪر گاڏيءَ جو در وڏيءَ آڏوڏائيءَ وچان کوليو. ڇو ته سياري جي ڏينهن ۾ ڌاڪ گاڏيءَ جو لنڊن کان خير سلامتيءَ سان پهچي وڃڻ دلير مسافرن لاءِ مبارڪن لائق ڪارنامو ڇاتو ويندو هو.

ان مهل گاڏيءَ ۾ رڳو هڪ ئي بهادر مسافر رهجي ويو هو جيڪو اڪيلو مبارڪن جو حقدار هو ڇو ته ٻيا مسافر پنهنجي پنهنجي منزل تي لهي ويا هيا. اُونداهي پڳل گاڏي، جنهن ۾ آلو گاهه ۽ پريل هو سا ڏپ جي ڪري وڏي ڪتي جي گهر وانگر بَدبُو کي ٻاهر ڪڍي رهي هئي. مسٽر لاري هڪ وڏي ويڪري قميص ۽ ڪنن تائين پاتل ٽوپي سان گڏ پاڻ تان ڪک پن چنڊيندي، پاڻ ۾ هڪ وڏو ڪُتو لڳي رهيو هو.

"ڇا سياٽي ڪا ٻيڙي وڃڻ واري آهي؟" هن ملازم کان پڇيو.

"هائو سرڪار! شرط اهو آهي ته موسم سُٺي هجي. ٻي ڀجي تائين سمنڊ ۾ مانو ٿي ويندو. توهان کي بسترو کپي؟ سرڪار!"

"رات جو بستري جي گهرج پوندي، پر هڪ ڪمري ۽ هڪ حجم جو انتظام ڪري وڃ."

"۽ نيرن ؟ سرڪار! مهرباني ڪري هيڏي هلو. ٻيرا! صاحب کي ڪونڪرڊ تائين پهچاءِ. سائين جي بيگ ۾ ڪونڪرڊ ۾ پهچاءِ. ڪونڪرڊ ۾ پهچائي، پوءِ صاحب جا جُوتا ۾ لاهه... سرڪار! توهان کي ڪمري مان سهڻو منظر ڏسڻ ۾ ايندو... ٻيرا! ڪونڪرڊ ۾ حجم کي ۾ وٺي اچ. هلو هلو... ترت ئي ڪونڪرڊ ۾ پهچاءِ صاحب کي."

ڪمرو جنهن جو نالو ڪونڪرڊ هو سدائين ڀاڪ گاڏيءَ ۾ ايندڙ مسافر جي ٻلي هوندي هيو. ۽ ڀاڪ گاڏي وسيلي ايندڙ مسافرَ اهڙن لباسن ۾ ويڙهيل هوندا هيا، جو رائل جارج هوٽل جي انتظاميا جي لاءِ اهو ڪمرو وڏي دلچسپيءَ وارو موضوع بڻجي پوندو هو. جيتوڻيڪ ان ڪمري ۾ هڪ خاص قسم جو ماٺهو اندر گهڙندو هو پر اندران نڪرڻ مهل هُنَ جي شڪل صفا مٽيل هوندي هئي. اِنَ ڪري شايد سهڻو اتفاق هو جو ٻيو ملازم، به قلي، ڪيئي نوڪرياڻيون ۽ هوٽل جي مالڪياڻي، اهي سڀ ڪونڪرڊ ۽ ڪافي پيئڻ واري ڪمري جي وچ واري ورانڊي ۾ اچي وڃي رهيا هيا ۽ جڏهن اهو ستِ سالن جو شريف ماٺهو وڏو سهڻي سلائي واري پوري ڪپڙي جو سُوٽ، جنهن جا ويڪرا ڪف ۽ وڏا وڏا ڪيسا لڙڪي رهيا هيا، پايون نيرن ڪرڻ وڃي رهيو هو تہ سڄو عملو اهاڻي ڀهاڻي سان اتان لنگهڻ لڳو.

ان صبح جو ڪافي روم ۾ سواءِ پُوري لباس واري معزز ماٺهوءَ جي ٻيو ڪير به نہ هو تنهنڪري نيرن واري ميز ڪي سوري باهہ جي ويجهو رکيو ويو هو ۽ جڏهن هُو پنهنجي نيرن جي اوسيئڙي ۾ ويٺو هو تہ ائين لڳي رهيو هو جڻ تہ پنهنجو فوٽو ڪيڻ لاءِ هڪ هنڌ جمي ويهي رهيو آهي. هُو وڏي شانَ سان پنهنجا هٿ گوڏن تي رکيون ويٺو هو ۽ هن جي ڏڪي ويڪري واسڪٽ جي ڪيسي ۾ ٻيل واچ، وڏي ننڍاکڙي پاڪ گيت واري انداز ۾ ٽِڪ ٽِڪ ڪري رهي هئي. جڻ تہ هُوءَ پنهنجي ديربازي ۽ سنجيدگيءَ جو مقابلو سگريءَ ۾ وقتي طور تي ٻري وسامندڙ باهہ سان ڪري رهيو هجي. هن جون جنگهون سهڻيون هيون، جن تي ڪيس فخر هو. هن جا ڇُست پُورا جورابا ڏاڍا نفيس قسم جا هيا. جُوتن جا بَڪل به سادا پر ڏاڍا وٽندڙ هيا. هن جي مٿي تي وِگ جا ڪٽيل ڪُوڙا وارَ چنبڙيل هيا. جيتوڻيڪ اها ڪُوڙن وارن جي ٽوپي اصلي وارن مان ٺهيل هئي، پر بلڪل ريشم يا اُنَ مان ٺهيل لڳي رهي هئي. هن جي سوٽي قميص، سندس جورابن جهڙي نفيس تہ نہ هئي، پر اُنَ ساموندي ڦيٽ وانگر اڇي هئي جيڪا ان مهل ڪناري سان ٽڪرائجي رهي هئي. سندس چهري تي سَهپ ۽ نماڻائيءَ سان گڏ

بردباري ۽ چانيل هئي. پر ۽ جَرڪندڙ آليون اکيون، انهن عجيب قسم جي هٿرادو وارن جي هيڻان چمڪي رهيون هيون. جواني جي زماني ۾ انهن اکين وڏي ڏکيائيءَ سان هن کي ٽيلسن بينڪ جي سنجيدا ۽ خشڪ ماحول جو هيراڪ بڻايو هوندو. گهنجن هوندي ۽ سندس ڳٽن تي صحت منديءَ جي لالاڻ هئي ۽ پريشانيءَ جي ڪا ۽ جهلڪ نه هيس. شايد ٽيلسن بينڪ جا ڪنوارا ڪلارڪ ٻين جون پريشانيون ۽ ڳٽتيون پنهنجي سر تي سهڻ وارا هيا. پر اهي ڳٽتيون ۽ ذميواريون، اڏارن ورتل ويڪرن وڏن ڪپڙن وانگر سولائيءَ سان پائي سگهجن پيون ۽ لاهي هٽائي ۽ ڪري سگهجن پيون. فوٽو ڪيائڻ واري ماڻهوءَ وانگر ويهي مسٽر لاري کي گهيرت اچي ويو هو. جڏهن نيرن آئي تہ هُو جاڳي پيو. هن پنهنجي ڪرسي نيرن واري ميز جي ويجهو کسڪائيندي نوڪر کي چيو "هڪ ڪمرو هڪ خاتون جي لاءِ تيار رکو هُوءَ اڄ ڪنهن ۽ مهل اچي ويندي. اها مسٽر جاروس لاري بابت پڇي يا ٽيلسن جي ڪنهن ۽ نمائندي سان ملڻ چاهي تہ مهرباني ڪري مون کي اطلاع ڪجو."

"حاضر، سرڪار! ٽيلسن بينڪ لنڊن ۾ ئي آهي نہ سرڪار!؟"

"ها."

"ڏاڍو سُٺو سرڪار! لنڊن ۽ پيرس اڇڻ وڇڻ وارن ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جو موقعو اسان کي ڪيئي ڀيرا ملندو رهندو آهي. ٽيلسن ڪمپنيءَ جا ڪيئي ماڻهو ايندا ويندا آهن، سرڪار!"

"انگلينڊ ۽ فرانس، ٻنهين جاين تي اسان جا دفتر آهن."

"پر توهان تہ منهنجو خيال آهي، سرڪار! ڏکهو سفر ڪرڻ جا هيراڪ ناهيو."

"ها، ڪيئي سالن کان منهنجو اڇڻ وڇڻ نہ ٽيو آهي. پندرهن سال ٽيا، جڏهن مان آخري ڀيرو فرانس کان آيو هيس."

"هائو! سرڪار تہ توهان هتي منهنجي اڇڻ کان اڳ آيا هيا. منهنجو مطلب آهي تہ اسان جي هوٽل جي عملي جي هتي اڇڻ کان اڳ، ان کان اڳ جارج هوٽل ڪنهن ٻئي جو هو."

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

"ها، مون کي خبر آهي."

"پر، سرڪار! مان شرط رکڻ لاءِ تيار آهيان تہ ٽيلسن بينڪ جو دفتر پندرهن سال تہ ڇا پنجاهہ سالن کان ڪاميابيءَ سان قائم هوندو."

"جيڪڏهن تون پنهنجي اندازي واري حساب لڳايل سالن جو تعداد ٽيٽو يعني ڏيڍ سئو سال بہ ڪري ڇڏ تڏهن بہ غلط نہ ٿيندو."

"هائو... سرڪار!"

ملازم حيرت وچان وات ۾ اکيون ٻئي ڦاڙيا ۽ ميز کان بہ وکون پوئتي هٽي ويو. هن پنهنجو صافو هڪ هٿ مان ٽمائي ٻئي هٿ ۾ ڪيو ۽ وڏي اطمينان سان اهڙي مهمان کي ڪائيندي پيئندي ڏسڻ لڳو جڻ تہ هو ڪنهن اُوچي بُرج يا تارا ڏسڻ واري اُوچي عمارت تي بيهي معائنو ڪري رهيو هجي. هر زماني ۾ هوٽل جي نوڪرن جو طريقو اهوئي رهيو آهي.

نيرن ڪري مسٽر لاري سمنڊ ڪناري سَيرسپاٽي لاءِ هليو ويو. سوڙهو نندڙو ڇهو ڏڙو ڏووَر جو نندو شهر ڪناري کان لڳل هو ۽ هن جو مٿيون حصو ڪيرا جهڙين ڇپن ۾ ائين لڳيل هو جڻ تہ اهي ڪيئي سامونڊي اُٽ پکي هجن. (جڏهن وارياسي پَٽَ ۾ طوفان ايندو آهي تہ اُٽ پکي پنهنجي ٽنڊي واريءَ ۾ لڪائي ڇڏيندو آهي). ڪنارو اڻ گهڙيل ريڙهيون پائيندڙ پٽرن ۽ ڪاوڙيل ويڙن جو مرڪز بڻيل هو. بي لغام سمنڊ جي دل ۾ جيڪو اچي، اهو ڪري سگهي ٿو ۽ هن سمنڊ کي تباهي سان لڳاءُ هو. هُو نندڙي شهر جي ڪناري سان ٽڪرائجي، ڇپن مٽان چريو بڻجي پئي ڪريو ۽ ڪناري جي واري کي ڪپي ڪٽي موٽي ٽي ويو. آس پاس جي گهرن مان اهڙي ڏپ ٽي آئي جڻ تہ سمنڊ ۾ بيمار انسانن وانگر بيمار مڇين کي صحت مند ٽيڙ لاءِ وهنجاريو ويندو هجي. ٽوريون گهٽيون مڇيون بند تي پکڙيون ويندیون هيون، پر عام طور تي ماڻهو سمنڊ کي تڪيندي، رات جي مهل جو گهٽو ڦهلندا هيا. خاص ڪري جڏهن سمنڊ ۾ طوفان ايندو هو. نندا نندا واپاري جيڪي ڪو خاص ڪاروبار نہ ڪندا هيا، سي هڪدم وڏيون رقمون

ڪمائي ونندا هيا. غيبي هٿ وسيلي ڏَنُ پائيندڙن کي روشني پاڻ نہ پوندي هئي.

ڏينهن ڏُرکيو ۽ ٽيپهري ٿي وئي. هوا ٿوريءَ ٿوريءَ وٽيءَ کان پوءِ صاف ٿي پئي وئي تہ فرانس جو ڪنارو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. پر ڪوهيڑو ۽ ڏنڊ وڏي ويو هو. ۽ مسٽر لاري جي سوچن مٿان ڳڻتيءَ جا ڪڪر ڇانئجي ويا. جڏهن اونداهي ٿي وئي، تڏهن هُو ڪافي پيئڻ واري ڪمري ۾ سگريءَ جي سامهون ويهي رهيو. ظاهري طور تي ڪيس رات جي مانيءَ جو انتظار هو پر هن جو ذهن لڳاتار ڪوٺهڙي ۾ رڌل هيو. هن جو ذهن برندڙ ڪوئلن ۾ ڪوٽائي ڪري رهيو هو.

زمين اندر ڪوئلو ڪوٽائي ڪندڙ جيڪڏهن ڪوٽائي ڪرڻ دَوران پيئڻ ويهي رهي تہ اُوچي شراب جي بوتل جو ان کان وڌ ٻيو ڪهڙو نقصان ٿي سگهي ٿو تہ هن جي روزي مارجي وڃي. مسٽر لاري کي اهڙو ڪٽڪو بہ نہ هو. هُو ڪپل وقت کان ائين اجايو ۽ بيزار ٿيو ويٺو هو. هن جي منهن تي اهڙوئي مڪمل سڪون ۽ اطمينان هو جهڙو بوتل جي پوري ٿيڻ تي، هڪ وڏي ڄمار جي انسان جي مُکَ تي هوندو آهي. ايتري ۾ سوڙهي گهٽيءَ ۾ گاڏيءَ جي ڦيٽن جي گڙگڙ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ هڪ گاڏي سراءِ ۾ داخل ٿي.

هن پنهنجو گلاس چپن سان لائڻ کان سواءِ رکي ڇڏيو.

"صاحبزادي اچي وئي؟" هن چيو.

ڪجهہ منٽن اندر هڪ خادم آيو ۽ ان اطلاع ڏنو تہ لنڊن کان مِسِ مينٽ پهتي آهي ۽ ٽيلسن واري صاحب سان ملڻ گهري ٿي.

"ايترو تڪڙو!"

مِسِ مينٽ واٽ تي ئي کائي پي ورتو هو. تنهنڪري هن کي کاڏي جي حاجت نہ هئي. هن ٽيلسن بينڪ واري صاحب سان، جي صاحب کي واندڪائي هجي ۽ ڪيس تڪليف نہ ٿئي تہ ترت ئي ملڻ ٿي چاهيو.

بينڪ واري صاحب جي لاءِ ان کانسواءِ ٻيو دڳ بہ نہ هو تہ هُو گهبرائجي گلاس کي ڇڪي ويڃي. هن پنهنجي وِگ جي ڪل جوڳن

هٿرادو وارن کي ڪنن تي ڦهائي ويهاريو ۽ نوڪر پويان پويان مِسِ مينٽ جي ڪمري ۾ گهڙيو. ڪمرو ويڪرو پر اونداهو هو. اهو ماتمي رنگ جي ڪاري ڪِٽ گهوڙي جي وارن مان ٺهيل پردن سان سينگاريل هو ۽ ڳورين ڪارين ميزن سان پريو پيو هو. سامان مٿان ايترو ٿ تيل مکيو ويو هو. جو ميز تي رکيل ۾ن ڏگهين ميڙ بتين جو عڪس فرنيچر جي گلن پتين تي جمي ويو هو ۽ ائين ٿي لڳو ٿ ميڙ بتيون جڙ ٿ هڪ ڪاري مهاگني جي ڪاٺ جي قبر ۾ پوريل آهن ۽ جيسين ڪين کوڻي ان قبر مان ٻاهر نه ڪڍيو ويندو. سوجهري جي پکڙجڻ جو ڪو به امڪان نه هو.

ڪمري ۾ ايڏي ٿ اُوندهه هئي جو مسٽر لاري کُسي ويل قالين تي هلندو ويو ۽ ائين سمجهيائين ٿ مِسِ مينٽ ڪنهن ٻئي ڪمري ۾ هوندي. جڏهن ميڙ بتين وٽان لنگهي اڳتي وڃڻ لڳو تڏهن هن ڏٺو ٿ هڪ سترهن سالن جي ننڍي نيٽي ڇوڪري، سگري ۽ ميڙ بتين جي وچ ۾ ساڻس ملاقات ڪرڻ لاءِ اوسيئڙي ۾ بيٺي آهي. هن جي هٿ ۾ اڇا تائين مسافري واري ٽوپيءَ جي ربين هئي. نازڪ، سنهڙي سيپڪڙي ڪامٽي، جنهن جا وار ڳڪا هيا ۽ جنهن جون نيريون اکيون خود هن جي اکين کان ڪجهه پڇي رهيون هيون. پيشانيءَ تي اڻ ڇهيل ڏاهپ ۽ سهپ نروار هيس. ڪيڏي نه ننڍي نيٽي ۽ سٽيپي پيشاني هئي. ان پيشاني تي هڪ انوکي انداز سان هلڪڙي جنبش وسيلي گهنج پئجي ويا. انهن گهنجن ۾ نه ڪا پريشاني جي چٽي جهلڪ هئي، نه حيرت ۽ نه وري ڊپ... رڳو هڪ روشني هئي، ڦُڙتي هئي. انهن نگاهن ۾ هڪ ئي وقت سڀ ڪجهه هو. جيئن ئي مسٽر لاري جي نظر مٽس پئي، ڪن پل لاءِ هن کي اِنَ جي شڪل اُنَ ننڍڙي ڇوڪري جهڙي لڳي، جنهن کي پنهنجن هٿن ۾ ونڊي، هن کاڙي پار ڪئي هئي. سمنڊ ۾ طوفان هو. وڏي ٽڏ هئي ۽ ڳڙا وسي رهيا هيا. ٻيءَ گهڙيءَ اها جيئري جاڳندي شڪل گم ٿي وئي، جڙ ڪنهن آئيني کي ٻاڦ وسيلي ڏنڏلو ڪري ڇڏيو هجي. جيڪو سندس پُٽ ۾ لڳل هو جنهن جي فريم ۾ ڪيوپڊ اُڪريل هئا. انهن مان ڪنهن جا مٿا

ڪپيل هيا ۽ سڀ جا سڀ اپاهج هئا ۽ ڪارين ٽوڪرين ۾ بحر مردار جا ڦل ڪارين ديوئِن کي پيش ڪري رهيا هيا. مسٽر لاري وڏي پاڻهه وچان هنن اڳيان جُهڪي پيو.

"سائين! اچو ويهو." ڏاڍي صاف وٽندڙ ۽ ننڍي وَهيءَ واري آواز ۾ چوڪريءَ چيو. سندس لهجي ۾ ٽورو غير ملڪي اثر هو.

پراڻي زماني جي دستور مطابق مسٽر لاريءَ چيو "مان توهان جي هٿ کي چمي ٿو ڏيان، سائنڍ!" هُو ادب وچان جهڪيو ۽ پوءِ ويهي رهيو.

"ڪالهه مون کي بينڪ پاران هڪ خط مليو جنهن ۾ لکيل هو ته ڪا نئين خبر... ڪو انڪشاف..."

"لفظن جي ڪابه اهميت ناهي. ٻئي ڳالهيون سچ آهن."

"منهنجي پيءُ جي ننڍڙي ملڪيت جي باري ۾. مون هُنَ کي ڪڏهن نه ڏٺو. هن کي فوت ٿئي گهڻو عرصو ٿي ويو."

مسٽر لاريءَ هيسجي ڪرسيءَ تي پاسو ورايو ۽ هن پريشان ٿي شفاخاني جي ڪاري چمڙيءَ وارن ڪيوپڊ ٻارن جي جلوس تي نظر وڌي. هُنن جي بيوقوف ٽوڪرين ۾ جڙ ته ڪنهن جي ڏکن جي دوا هوندي.

"منهنجي لاءِ ضروري هو ته مان پيرس وڃان ۽ اُتي بينڪ جو ڪو صاحب آهي، ان سان ملان. جيڪو تڪليف ڪري انهيءَ ڪم جي سلسلي ۾ پيرس آيو آ."

"مان اُهوئي آهيان."

"ها، منهنجو به اهوئي خيال هو."

هُوءَ ادب وچان مسٽر لاريءَ اڳيان جهڪي پئي. (ان زماني ۾ چوڪريون ائين ڪورنشون بجا آڻيندیون هيون) هن جي معصوم خواهش هئي ته مسٽر لاريءَ مٿان واضح ٿي وڃي ته هُوءَ ڪيس ڪيترو نه بزرگ ۽ سياڻو سمجهي ٿي. مسٽر لاري چوڪريءَ اڳيان هڪ پيرو وري ادب وچان جهڪي پيو.

"بينڪ جي تجربيڪار مهربان صاحبن، جن مون کي فرانس وڃڻ جي صلاح ڏني هئي، تن کي مون اهو جواب ڏنو هو ته مان جيئن ته

هڪ يتيم چوڪري آهيان، جنهن جو دنيا ۾ ڪير ڪونهي. مان توهان جي ٽورائتي رهنديس، جيڪڏهن سفر ڪندي، صاحب موصوف کي منهنجو نگران مقرر ڪيو وڃي. صاحب موصوف لندن مان نڪري چڪو آهي، پر منهنجو خيال آهي ته هڪ نوڪر جي وسيلي ڪيس عرض ڪيو ويو آهي ته هُو هتي منهنجو انتظار ڪري."

"مون کي خوشي آهي ته اهو ڪم منهنجي حوالي ڪيو ويو آهي ۽ جڏهن اهو ڪم پورو ٿي وڃي ته مون کي ايجا وڏيڪ سُرهائي ٿيندي."

"مهرباني... مان دل جي گهرائين سان توهان جا ٿورا ٿي مڃان. مون کي بينڪ کان هي اطلاع مليو هو ته سائين جن مون کي سڀ تفصيل ٻڌائي ڇڏيندا ۽ اهو به ته مون کي هڪ عجيب ۽ غريب راز ٻڌڻ جي لاءِ تيار رهڻ گهرجي. مان تيار آهيان ۽ اهي تفصيل ٻڌڻ جي لاءِ ڏاڍي بي چين آهيان."

"ظاهر آهي... ها... مان..." مسٽر لاريءَ چيو. پوءِ ٿوريءَ دير بعد پنهنجي وِگ جا نقلي وارَ ناهيندي چوڻ لڳو "مان ڏاڍي ٻڌڻ ۾ آهيان، مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته شروعات ڪيئن ڪئي وڃي؟" هو ڪجهه نه چئي سگهيو ۽ ٿورو هٻڪندي چوڪريءَ ڏي ڏٺائين، جيڪا ٽِڪَ ٻڌيون ڪيس ڏسي رهي هئي. چوڪريءَ جي ڪچي وهيءَ واري مُکَ تي اهي ئي اڻ ڇهيا جذبا پاسي رهيا هيا، اهي ئي سُهٽا ۽ معنيٰ پريل تاثُرَ هيا! هن بي اختيار پنهنجو هٿ اڇتي وڏايو. جڏهن هُو ڪنهن لنگهندڙ پاڇي کي پنهنجي مُٺِ ۾ ونڊ چاهيندي هجي.

"ڇا توهان سچ به مون لاءِ اجنبي آهيو؟"

"توهان ڇا ٿيون سمجهو!؟" مسٽر لاريءَ هٿ اڇتي ڏڪيري مُرڪندي سوال ڪيس.

هن جي مُنهُن تي، نازڪ سُهٽي نَکَ کان ٿورو مٿي، پُرَنِ جي وچ ۾، جذبن جي لاهَ چاڑهَ سان هڪ عجيب ڪيفيت پيدا ٿي وئي. هُوءَ جنهن ڪرسيءَ وٽ بيٺي هئي، ان تي ويهي رهي. مسٽر لاريءَ هن جي

سوچن ۾ ٻڏل مُکَ کي ڏيان سان ڏنو! ۽ جيئن ئي هن چَپرَ مٿي کنيا، هن چيس:

"مس مينٽا جيئن ته توهان انگلينڊ کي پنهنجو وطن ڪري چڏيو آهي، مان توهان کي هڪ نوجوان انگريز خاتون ئي چوندس."

"جيئن سائين جن جي مرضي."

"مس مينٽا مان هڪ ڪاروباري ماڻهو آهيان ۽ مون کي پنهنجو ڪاروباري فرض نياڻڻو آهي. توهان ان وچ ۾ مون کي هڪ ڳالهائڻ واري مشين کان وڌيڪ اهميت نه ڏجو ۽ اصل ۾ ڳالهه ٻه ڪجهه اهڙي آهي. صاحبزادي جيڪڏهن اجازت ڏئي ته مان توهان کي پنهنجي بينڪ جي هڪ آسامیءَ جو قصو ٻڌايان."

"قصو." مسٽر لاريءَ ڄاڻي ٻُجهي ان غلط لفظ کي ورجايو ۽ تڪڙ ۾ چوڻ لڳو.

"ها، آسامي... بينڪ جي ڪاروبار ۾ اسان عام طور تي ڏيتي ليتي رکڻ واري کي آسامي چوندا آهيون. هُو هڪ مشهور فرانسي شهري هو. مشهور سائنسدان. وڏو لائق فائق ڊاڪٽر."

"هُو ٻووي جي رهڻ وارو ته نه هو؟"

"اڙي ها، هُو ٻووي جو رهڻ وارو ئي ته هو. تنهنجي والد موسيو مينٽ وانگر اتان جو رهڻ وارو هو ۽ ان وانگر ئي سڄي پيرس ۾ مشهور هو. منهنجي هن سان نيازمندي هئي. ڪاروباري لاڳاپن سان گڏوگڏ مان هن جو رازدار به هيس. ويهه سال ٿيندا. مان ان زماني ۾ پنهنجي فرانسي دفتر ۾ ڪم ڪري رهيو هيس."

"اُن زماني ۾! ڪهڙي زماني ۾؟"

"مان ويهه سال اڳ جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان، سائڻ! هن هڪ انگريز عورت سان پرٽو ڪيو هو. هُو وڪيل به هو. هن جو ڪاروبار به ٻين فرانسي ڪُٽنبن جي ڪاروبار وانگر ٽيلسن بينڪ جي نگرانيءَ ۾ هو. ائين مان پنهنجين ويهُون آسامين جو نگران رهيو آهيان. سائڻ! اهي رڳو ڪاروباري لاڳاپا آهن. هتي ڪنهن دوستي يا جذباتي لڳاءَ جو ڪو سوال ناهي. منهنجا لاڳاپا به ائين ئي بدلجندا رهندا آهن.

جيئن آسامين بدلجندين رهنديون آهن. ڳالهه جو تت هيءَ ته منهنجي حيثيت هڪ بي حس مشين جهڙي آهي. ها ته پوءِ ٻڌو..."

"پر اها ته منهنجي پيءُ جي ڪهاڻي آهي." هُوءَ وڏي ڏيان سان ڪيس ڏسي رهي هئي. عجيب الجهن جي ڪري هن جي نرڙ تي گهنج پئجي ويا هيا. "هاڻ مون کي ياد پوي ٿو ته منهنجي والد جي وفات کان ٻه سال پوءِ منهنجي امڙ ٻه لاڏاٽو ڪري وئي هئي ۽ مان يتيم ٿي وئي هيس. ڪو مون کي انگلينڊ وٺي آيو هو. مون کي پڪ آهي ته اهي توهان ئي هُيَئو."

هن پنهنجو ننڍڙو ڪنبندڙ هٿ مسٽر لاريءَ ڏي وڌايو. هُنَ رسمي طور تي سنداس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جملي ۽ مٽس چمي ڏني. پوءِ ڪرسي سرڪائي ويجهو ڪري ڏنائينس. هن جو هڪ هٿ ڪرسيءَ جي پُٺِ تي رکيل هو ۽ ٻئي هٿ سان هُو هرهر ڪڏهن پنهنجي ڪاڏيءَ کي ڪَنَنهَڻ ٿي لڳو ته ڪڏهن وار ٿي سنواريائين ۽ ڪڏهن وري ڳالهائيندي هٿ کي لوڏو ٿي ڏنائين. هُو جهڪي سندس مُنهَن کي وڏي ڏيان سان ڏسي رهيو هو ۽ چوڪري مُنهُن مٽي ڪيون. هُنَ جي مُکَ کي تڪي رهي هئي.

"مس مينٽ!... اهو مان ئي هيس. ۽ ان کان پوءِ مون توهان کي اڄ تائين ناهي ڏٺو. اهو خود هن ڳالهه جو ثبوت آهي ته منهنجا لاڳاپا سدائين ڪاروباري هوندا آهن. ۽ انهن ۾ جذبات کي ڪو به دخل نه هوندو آهي. نه، ڪڏهن به نه. توهان ٽيلسن بينڪ جي نگراني ۾ هُيَوَ ۽ مان بينڪ جي ٻئي ڪاروبار ۾ لڳو رهيس. جذبات! مون وٽ انهن جميڙڻ جهٽن ۾ پوڻ جو وقت آهي، نه وري ڪو موقعو. سائنڊ! منهنجي سڄي زندگي سِڪا ڍالڻ واري مشين هلائڻ ۾ خرچ ٿي آهي." پنهنجي ڏنڊي جي باري ۾ ان عجيب ۽ غريب وضاحت کان پوءِ، مسٽر لاريءَ پنهنجي وگ جا نقلي وارَ ٻنهي هٿن سان چنبڙائڻ شروع ڪيا. (جيتوڻيڪ ان جي ڪا به گهرج نه هئي. ڇو ته اهي اڳ ئي چنبڙيل هيا)۽ پوءِ وري ساڳي انداز ۾ چوڻ شروع ڪيائين:

"جيئن توهان چيو تہ اها توهان جي ئي والد جي ڏکوئيندڙ کهاٽي آهي، پر فرق رکو ايترو آهي تہ جيکڏهن توهان جي والد، فرض ٿا کريون تہ انهن ڏينهن ۾ وفات نہ ڪئي هجي ها...اڙي! گهبرائڻ جي ڪا ڳالهہ ئي ناهي. توهان تہ صفا ڊجي ويون آهيو."

هُوءَ جائي بہ ڊجي وئي هئي. هن ٻنهين هٿن سان هُنَ جي ڪرائي پکڙي، "خدا جي واسطي پنهنجي دل کي قابو ۾ رکو." مسٽر لاريءَ ڪرسيءَ جي پُٺ تان هٿ کڻي چوڪريءَ جي ڏکندڙ آڱرين کي پکڙي ورتو ۽ وڏي پيار سان سمجهائڻ لڳس. "جيئن مان چئي رهيو هيس، اهو هڪ ڪاروباري مامرو آهي..."

هُو هُنَ جي مُنهَن تي لهندڙ چڙهندڙ رنگ ڏسي صفا هيسجي ويو۽ چوڻ لڳو "مون چيو تہ فرض ڪيو تہ موسيو مينٽ ناهي مُئو پر هڪ ڪجهي طريقي سان گم ٿي ويو يا ڪيس زوري غائب ڪيو ويو. فرض ڪيو ان جاءِ جي نالي جي خبر بہ پئجي ٿي وڃي جتي هُو قيد هو توڻي جو ان جاءِ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ سولي ڳالهہ نہ هئي. جيکڏهن هنن جو هو ڪو وطني دشمن پنهنجو اهو خاص اختيار استعمال ڪري ها، جنهن جي باري ۾ سس پس ڪندي، وڏي ڪان وڏو بهادر بہ ڏکي ويندو هو... اهو خاص اختيار جنهن جي وسيلي هڪ سادي ڪاغذ تي ڪو بہ الزام هڻي، ڪنهن کي بہ اڻ ڄاڻايل عرصي تائين قيد ڪرائي سگهجي ٿيو. فرض ڪيو هن جي زالَ، بادشاهہ، راڻيءَ، درٻارين ۽ پادرين کي منٿون بہ ڪيون تہ هن جي گمشدگيءَ جو حال ٻڌايو وڃي، پر سچ اڃايو. ڪٿي بہ هن جي ڪا ٻڌڻي نہ ٿي. جي ائين هجي ها تہ بووي جي ان بدنصيب ڊاڪٽر جو داستان تنهنجي والد جو داستان هجي ها."

"توهان کي خدا جو واسطو. اڳتي فرمايو. پوءِ ڇا ٿيو؟ تڪڙ ڪيو."

"ضرور ٻڌائيندس. ڇا توهان سهي سگهندئو؟"

"جي، ها. مان سڀ ڪجهہ سهي سگهان ٿي، پر ڏٺيءَ جي واسطي مون کي آس نراس جي ان ٻڌڻ مان ڪيو."

"تون دل مضبوط ڪري چئي رهي آهين. سچ ۽ تہ تنهنجي دل ڏاڍي مضبوط آهي. شاباش!" هُنَ چوڪريءَ جي دل وڌائڻ خاطر ائين چيو. جيتوڻيڪ ڪيس خبر هئي تہ ڇاڪاڻ ان جي بلڪل ابتڙ آهي. "توهان هن کي ڪاروباري مامرو سمجهو. اهڙو ڪاروبار جنهن کي توڙ پُڄائڻو آهي. ها تہ فرض ڪريو تہ ڊاڪٽر جي زالَ پنهنجي سڄي همت ۽ جرئت جي هوندي ۽ ايڏا تہ شديد ستم سَٺا جو هُوءَ پنهنجي نئين جاولَ..."

"چوڪري... اها نئين جاول چوڪري ئي هئي نہ؟"

"ها...اها چوڪري ئي هئي...منهنجو مطلب آ تہ اهو بس ڪاروباري مامرو آهي. ٿورو پنهنجي دل کي قابوءَ ۾ رکو سائينڙ!...ها تہ هُنَ اَياڻيءَ عورت ايترا تہ ڏک ڏنا، جو هن پنهنجي دل ۾ پڪو پهہ ڪري ورتو تہ هُوءَ پنهنجي ڀاڙڻي کي ان غم جي ميراث کان محفوظ رکندي، جيڪو غم سندس حصي ۾ آيو هو ۽ ننڍڙيءَ کي اصل صورتحال ٻڌائڻ بدران، ان غلط فهميءَ ۾ رکندي تہ تنهنجو پيءُ مري چڪو آهي. اڙي! اڙي!! خدا جي واسطي منهنجي اڇيان نہ ڇُهڪ ان جي ڪهڙي ضرورت آهي؟"

"منهنجا مهربانَ، منهنجا محسنَ! جيڪو ۽ سچ آهي، سو چئي ڏيو. اصل ۾ ٿيو ڇا هيو؟"

"اڙي... با!... اهو ڪاروباري مامرو آهي. تون تہ مون کي هيسايو ٿي ڇڏين. منهنجا هوش خطا ٿي ويا تہ پوءِ مان هي مامرو ڪيئن سنيالي سگهندس. اسان کي ٿورو ڏڍي دماغ سان سوچڻ ڏهرجي... بس تون مهرباني ڪري ايترو ٻڌاءِ تہ نَوَ هَنا گهٽا پنس ٿيندا يا ويهن ڳنين ۾ ڪيترا شلنگ ٿيندا آهن تہ مان ڪجهہ همت ڪري ونندس ۽ مون کي تنهنجي دماغي حالت جي باري ۾ پورو اطمينان ٿي ويندو."

چوڪري ان سوال جو ڪو سڌو جواب نہ ڏنو. مسٽر لاريءَ ٽيڪ ڏئي هُنَ کي هورڙيان اُٽاريو تہ هُوءَ ۽ ماڻ ڪري اٿي بيٺي. هُوءَ اڃا تائين هُنَ جون ڪرايون سُڪَ ڪيون جهليون بيٺي هئي. پر جڏهن

هن جي هٿن جي ڏکڻي گهٽ ٿي وئي. تڏهن سندس دل به قابوءَ ۾ اچي وئي.

"همت کان ڪر وٺ... ڪاروبار... اسان کي وڏو ضروري ڪاروبار ڪرڻو آهي... ها ته مس مينڊا توهان جي ماءُ اهو دڳ ورتو. هن مرڻ گهڙيءَ تائين توهان جي والد جي ڳولا جون اڻ ٽڪ ڪوششون جاري رکيون ۽ جڏهن هُوءَ همت هاري، دنيا مان لاڏاٽو ڪري وئي، تڏهن تنهنجي عمر ٻه سال هئي. توکي اهو راز نه ٻڌيو ويو ته تنهنجو پيءُ ڪنهن اڻ ڄاتل قيدخاني ۾ گهٽجي گهٽجي مري ويو يا اتي سالن تائين پيو هوري هوري ڳرندو رهيو ان ڪري ته تنهنجي ٻُڌي ۽ سُکَ پري زندگيءَ تي انهن ڏکن جو آڌا پاڇو نه پوي ۽ تون بنان ڪنهن ڳلتيءَ جي وڏي ٿين."

هُنَ اهي لفظ چوندي چوڪريءَ جي ڳڻن وارن ڏي وٽندڙ ۽ ترس کائيندڙ وارن گڏوچڙ جذبن کان متاثر ٿيندي نهاريو ۽ هن کي ائين لڳو ته هن جي وارن ۾ رچل ته هاٿي کان ئي آڇاڻ جملڪ لڳي هجي.

"توهان کي ته خبر هوندي ته توهان جي ابي امان وٽ ڪا گهٽي دولت ڪونه هئي. جيڪو ڪجهه به هو سو توهان جي امڙ ۽ توهان جي لاءِ وقف ٿيل هو. ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي ڏوڪڙ پيسي ۽ ملڪيت جي باري ۾ ڪو نئون اطلاع ناهي مليو پر..." هُنَ پنهنجي ڳرائيءَ تي ڪجهه دٻاءُ محسوس ڪيو ۽ هُو مائٽي ٿي ويو.

چوڪريءَ جي پيشانيءَ جي سوپيا ڪيس خاص طور تي متاثر ڪيو هو پر هاٿي انهيءَ پيشانيءَ تي هڪ قسم جي دهشت ۽ پيڙا وارا احساس چڻا پسجي رهيا هيا.

"پر هُنَ جي خبر پئجي وئي آهي... هُو جيئرو آهي... ٿي سگهي ٿو ته هُو گهٽو هٿجي ويو هجي. شايد سندس حالَ صفا تباهه ٿيل هجن... پوءِ به نراس نه ٿيڻ گهرجي. بهرحال هُو جيئرو ته آهي. تنهنجي والد کي سندس ئي هڪ پراڻي نوڪر جي گهر پهچايو ويو آهي ۽ اسان اوڏانهن ئي وڃي رهيا آهيون. مان ان ڪري وڃي رهيو آهيان ته جيئن سندس سڃاڻپ ڪري سگهان... ۽ توهان ان ڪري

ويڃي رهيون آهيو جو... جيئن توهان هن کي ٻيهر زندگي،پيار فرض ۽ سڪ شانتيءَ کان واقف رکو."

هُوءَ مٽي کان وٽي پيرن تائين ڏڪڻ لڳي ۽ مسٽر لاري ٻه هن کان متاثر ٿي ڪنبڻ لڳو.

"مان هن جي پٽڪي ويل روح سان ملڻ پئي وڃان... هن سان نه پر هن جي بدروح سان." هُنَ گُهٽيل ۽ ڌنل آواز ۾ چيو هُوءَ ڇڻ ته خواب ۾ گم ٿي وئي هجي.

"دل وڏي ڪر. ڏس! توکي منهنجي هر ڳالهه جي خبر پئجي وئي."

مسٽر لاريءَ ڇوڪريءَ جي هٿ تي هوريان هٿ ڦيريندي چيو "هاڻ تون پنهنجي مظلوم پيءُ ڏي وڃي رهي آهين. سموند شانت رهندو. سفر سڪ سان ڪٽجي ويندو ۽ تون ترت ئي هن وٽ پهچي ويندينءَ."

"مان سڪ شانتيءَ واري زندگي گذاريندي رهيس ۽ ڪڏهن هن جي پُوتَ ٻه مون کي ننڍ ۾ اڇي پريشان ناهي ڪيو." هن ڌڃندي آهستيءَ سان ڇڻ ته پنهنجو پاڻ کي پئي چيو.

"بس، هڪ ڳالهه ٻي ٻه آهي." مسٽر لاريءَ هن جو ڌيان پاڻ ڏي ڪرڻ جي لاءِ زورائتي لهجي ۾ چوڻ شروع ڪيو "هُو هڪ نئين نالي سان مليو آهي. هن جو اصلي نالو يا ته ڪيئي ڏينهن لڪايو ويو هو يا وري وساري ڇڏيو ويو. ان بابت ڪا پڇا ڳاڇا ڪرڻ اجايو ئي نه پر ڏاڍو خطرناڪ ٻه هوندو ته هُو ايترا ڏينهن غلطيءَ سان قيد رهيو يا ڪيس ڇاڻي واڻي جيل ۾ ساڙيو ويو. ڇڳائي ان ۾ آهي ته ڪنهن اهڙيءَ ڳالهه جو ذڪر ئي نه اچي ۽ ڪيس ماڻ ميڙ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه ڏينهَنِ لاءِ ئي صحيح فرانس کان ٻاهر وڃي وڃجي. مان انگريز آهيان، مون کي ڪو ڪجهه ٻه نه ٿو ڪري سگهي. ٽيلسن بينڪ کي ٻه فرانس ۾ خاص اهميت حاصل آهي، تنهن هوندي ٻه اسان ان ڳالهه کي چيڙيون ئي نه ٿا. ان مامري بابت ڪا ٻه لکت پاڻ وٽ نه ٿا رکون. اها سڃي رازداريءَ واري ڪارروائي آهي. منهنجن سمورن هُنڌين ۽ ڌائرين جي لاءِ بس هڪ ئي جملو ڪافي آهي ...نئين زندگي مليس...ان جو ڪو ٻه

مطلب تي سگهي ٿو...هان...هي وري چا... ..هن چوڪريءَ تہ هڪ لفظ بہ نہ ٻڌو...مس مينٽ!"

هُو بُت بڻي اُتي ئي ويٺي رهي ۽ ڪرسيءَ سان ٽيڪ ڏيڻ کان سواءِ بس پٽر بڙجي، دوڏا ڦوٽاريون تڪي رهي هئي. ائين پئي لڳو تہ سندس مُنهَن تي جڙ تہ پيڙا ۽ دهشت چَپي چڏي وئي هجي. هُوءَ هُنَ جو هٿ اهڙي تہ زور سان پڪڙيون بيٺي هئي، جو هن جي پڪڙ مان بنان تڪليف جي هٿ چڏائڻ ممڪن نہ هو. ان ڪري هُنَ پنهنجي جاءِ تان تر جيترو بہ چرڻ ڪانسواءِ، ڪنهن کي مدد جي لاءِ پُڪاريو.

هڪڙي پوائتي عورت سِراءِ جي ٻين نوڪرن جي اڳيان اڳيان پڇندي اندر آئي. مسٽر لاريءَ ڏنو تہ اِنَ پريشانيءَ جي هوندي بہ اُنَ (عورت) جو مُنهُن ۽ وارَ ڳاڙها آهن. هن جي بدن تي عجيب غريب شڪل جو چُست لباس هو ۽ متي تي اناج ماپڻ واري ڊبي جي شڪل جهڙي ڪا ٽوپي پاتل هيس. چوڪريءَ جو هٿ چڏائڻ واري ڏکئي مسئلي جو حل، اُنَ مائيءَ وڏي سولائي سان هيئن ڪڍي ورتو تہ مسٽر لاريءَ جي سيني تي پَرُ ڪري اهڙي تہ مُڪَ هنيائين جو هُو وڃي پٽ سان لڳو.

'هي پڪ سان ڪو مرد آهي.' مسٽر لاري ويڃهي پٽ سان لڳي ۽ ڪنبندي سوچيو.

"اڙي هنن نياڳن کي ڏسو...ٻيٺا منهنجو مُنهُن چو ٽا ڏسوا" عورت سراءِ جي نوڪرن کي چَنڊَ پَٽِي.

"ڪهڙا هيرا لال لڳن هِن منهنجي شڪل ۾...اڙي وڃو وڃي ڪٽي اچو ڪا سنگهائڻ جي دوا. ڪو ٽڏو پاٽي، ڪو سُرڪو. پوءِ تو ڪڙا ٽيو نہ تہ اهڙي حالت ڪندي سانوَ جو ياد ڪندئو." انهن شين جي لاءِ هڪدم ڀڄ ڊُڪَ شروع ٿي وئي. پوءِ هُنَ وڏي پاڻهه سان بيمارِ کي صوفي تي ليٽايو ۽ وڏي هوشياري ۽ نرمي سان هن جي سار سنپال لهڻ لڳي.

"منهنجي جندُا منهنجي جانِ!" هُوءَ اهو چوندي وڏي چاهه وچان هن جا ڪڪا وارَ هن جي ڪُلهن تي سنوارڻ لڳي ۽ پوءِ مسٽر لاريءَ تي وَسڻ لڳي.

"او پُورن ڪپڙن وارا صاحبَ! اهڙي ڪهڙي ڳالهه ٻڌائي هُيئي، جو هارڙيءَ جو ذري گهٽ ساهُ ويو هو؟ چا ماڻهپي سان نه پيو ٻڌائي سگهينس. ٿورو هن جي ٽڏن هٿن ۾ ڦِڪي ٿي ويل مُکڙي تي ته نظر وِجهه. ان آسري تي بينڪر بڻيو پيو ڦرين."

مسٽر لاري ان اوچتي سوال تي ڏاڍو ٻاتاڙجي ويو ۽ پري بيهي ڪيس ڏسندو رهيو هن جي همدردي ۾ نيازَ نوڙت ۽ ڪجهه ڪمي اچي وئي. اُنَ ٽُلهيءَ ٽنيريءَ عورت، نوڪرن کي مزو چکائڻ جي پُراسرار ڏمڪي ڏئي، اهو ٻڌائڻ کان سواءِ ته کين ڪهڙي ڳالهه جو مزو چکايو ويندو سيني کي ٻاهر ڪڍي چڏيو ۽ هوري هوري ريبي، چوڪريءَ کي پيار سان پنهنجي ڪُلهي سان لائي چڏيو.

"اميد آهي ته هاڻي سائڻ جو مزاج ڪجهه بهتر ٿي ويندو." مسٽر لاريءَ چيو.

"پُورن ڪپڙن وارا صاحبَ!...اِنَ ۾ تنهنجي ته ڪا به ڪرامت ناهي." پوءِ وري چوڪريءَ کي چوڻ لڳي، "منهنجي پياري منهنجي جانِ!"

"مون کي اميد آهي ته تون به مس مينٽ سان گڏ فرانس ويندين." مسٽر لاريءَ ڏهيل آواز ۾ نوڙت ۽ همدردي وڃان چيس.

"مان چو ٿي وڃان جيڪڏهن سمنڊ پار ڪرڻ منهنجي پاڻ ۾ لکيل هجي ها ته خدا مون کي ٻيٽ تي چو پيدا ڪري ها." ڊَبنگ مائيءَ ورندي ڏني.

اهو هڪ ٻيو ۽ ڏاڍو ڏيان طلبيندڙ مسئلو هو. تنهن ڪري ان بابت سوچ ويچار ڪرڻ لاءِ مسٽر لاري اتان کسڪي ويو.

پنجون باب

شراب خانو

هڪڙو وڏو شراب جو ڪارخانو گُندڙو سڙڪ تي ڪريو ۽ پڇي پيو. گاڏيءَ لاهڻ مهل اهو حادثو تي پيو هو. ڊرم ليتڙيون پائيندي ڦاٽي پيو. هن جي چوڌاري ڦريل لوهي پٽيون تتي پيون ۽ هُو ميخاني جي ٻاهران اخروٽ جي ڇڇي پيل کوپي جيئن ٽڪر ٽيو پيو هو.

آس پاس موجود سيئي ڪم ۾ رُڌل توڙي واندن پنهنجا پنهنجا ڪم ڇڏي ڏنا ۽ مڏُ پيئڻ لاءِ پهتا. دڳ مٽان پيل تکا پٿر شايد ان ڪري ئي ناهيا ويا هيا تہ جيئن انهن تي هلندڙ هر ساهوارو منڊو تي پوي. سڙڪ وارن کڏن ۾ شراب گڏ تي ويو. هر کڏي کي ان جي ماپ مطابق ڏکا ڏيندڙ انسان گهيرو ڪيون ٻيٺا هيا. ڪي ماڻهو زمين تي گوڏا کوڙي لَڦن ۾ شراب پري پري پيئڻ لڳا. يا وري انهن مائين جي مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. جيڪي سندن ڪُلهن مٽان ان غرض سان جُهڪيل هيون تہ هُنن جي هٿن جي وٽين مان شراب جي ڪا ڇُڪي وهي هيٺ ڪري تہ اسان ڇُسڪي پري ونون. ٻيا مردن ۽ عورتن پيالا ۽ ٽڪر جا ٻڳل ٽڪل ٽانءَ شراب ۾ ٻوڙي پئي پريا. عورتن جي مٽن تان ٻہ رومال لاهي، شراب ۾ ٻوڙي ٻارن جي وات ۾ نچوڙي وڏا پئي ويا. ڪي ماڻهو مڏُ ڪي وهڻ کان روڪڻ لاءِ منڌءَ جا بند ڏئي رهيا هيا ۽ ٻيا وري دريءَ مان ڏسندڙ تماشائين جي هدايتن مطابق ٻوڙون پائي شراب ڪي نوان دڳ ناهي وهڻ کان روڪڻ جا جتن ڪري رهيا هئا. ڪي وري گندڙي جا ٽڪل ٽڪرا چٽي رهيا هيا. ڪي شراب ۾ آلي ٽيل ڪاٽ جي ٽڪرن کي وڏي شوق سان چٻاڙي رهيا هيا. شراب کي وهائي وڃڻ

لاءِ نالیون تہ نہ هیون. تنهنکري رڳو شراب ئي نہ. پر ان سان گڏوگڏ ايتري گپ رهڙي وئي. جو ائين پئي لڳو تہ ڪو ٻُهاري وارو ٻهاري ڏئي ويو آهي. پر ان گهٽيءَ ۾ ٻهاريءَ واري جو وجود ۾ هڪ معجزي کان گهٽ نہ هو. جيسيتائين اهو شراب وارو تماشو هلندو رهيو. ماحول مردن، عورتن ۽ ٻارن جي ٺهڪن سان ٻَرندو رهيو. لڙائي گهٽ هئي ۽ ڪل ڇوڳ وڌيڪ. هڪ قسم جي پائيبندي واريءَ سنگت سندو جذبو وڌيڪ ڏک ڏئي رهيو هو. وڏو ڏُسڻ جهڙو منظر هو. ماڻهو هڪٻئي کي شريڪ ٿيڻ جي لاءِ پُڪاري رهيا هيا. خاص ڪري سگهارا ۽ بي فڪرا ماڻهو تہ شوق سان هڪٻئي کي ياڪر پائي رهيا هيا. هڪٻئي جي صحت جو جام پي رهيا هيا ۽ هٿ ملائي رهيا هيا. ڪي درجن ڪن تہ هڪٻئي جا هٿ پڪڙي نچي ۾ رهيا هيا جڏهن شراب پورو ٿي ويو ۽ جتي گهٽي مقدار ۾ ڪريو هو اُتي آڱرين سان کوٽهڙا هٽڻ جي ڪري ليکا بڊجي ويا هيا. تہ پوءِ هلچل جيئن شروع ٿي هئي تيئن ئي پورو ٿي ويو. اُهو همراهہ جيڪو پنهنجي ڪائي چيريندي چيريندي، ان ۾ آري ڦاٽل ڇڏي آيو هو سو وڃي پنهنجي ڪم ۾ جُتيو.

اُها عورت جنهن سِگريءَ تي پنهنجا ۽ پنهنجي ٻارڙي جا سيءَ ۾ آنريل هٿ پير پئي سيڪيا، پڇندي آئي هئي، سا پنهنجي چائنڊ ڏي موٽي وئي. بکيا اُگهاڙا، ميرن وارن وارا انسانَ، جيڪي پنهنجن تهہ خانن مان نڪري سوجهري ۾ آيا هيا، سي واپس ڏرتيءَ جي پيٽ ۾ لهي ويا. گهٽيءَ مٽان وري ساڳي اداسي لهي آئي، جيڪا هِنَ گهٽيءَ جي لاءِ هلچل کان وڌيڪ مناسب هئي. شراب ڳاڙهو هو. پيرس ۾ سينٽ انتائين جي جنهن گهٽيءَ ۾ ڪِريو هيو، اُتان جي مٽيءَ کي رنگي ويو هيو. ڪيئي هَٽَ، کوڙَ مُنهَن ۽ اُگهاڙا پيرَ ۽ ڪيئي ڪانوان جُوتا ۾ رنگين ٿي ويا هيا. ڪائيون چيرڙ وارن جي هٽن تان ٻارڙ وارن ڳهٽڪڻِ تي ۾ ڳاڙها نشان پئجي ويا هيا. اُنَ عورت جي پيشاني، جيڪا ٻار کي کير پيئاري رهي هئي، اُنَ اڳڙي جي ڪري رنگجي وئي هئي، جيڪا اڳڙي شراب ۾ ٻوڙي وئي هئي، اُهي جن گندڙي جي ٽڪرن کي چٻاڙيو هو، تن جا وات شِينهَن جي واڃن جيان لڳي رهيا هيا. هڪ ڏِگهو مشڪرو جيڪو

شراب ۾ ٽڪيل هو ۽ جنهن جي ٻوري جهڙي لوساڻيل ٽوپيءَ مان اڌ ڪان وڌيڪ مٿو ظاهر ٿي رهيو هو تنهن پنهنجيون آڱريون ڳاڙهي شراب ۾ ٻوڙيون ۽ هڪ پت تي لکي ڇڏيو- رت.

اُهو ڏينهن پري نه هو جنهن ڏينهن اهو شراب به سڙڪ تي وهايو ويڻو هو ۽ ان جي ڇُڻَن سان هزارين انسانن جا دامن داڳدار ٿيڻا هيا.

سينٽ انتائين مٿان جيڪي اداسائيءَ جا ڪڪر عارضي طور تي لهي ويا هيا، سي وري چانڇجي ويا. اوندهه ڳوري هئي. سيءُ ڪِنُ بيماري، جهالت ۽ مفلسي، ان پاڪ مجسمي جا درباري هيا ۽ دربار جا اهي مِيرَ وڏا طاقتور هيا، خاص ڪري مفلسي، ان جنڊ جي ٻن پُڙن، هر قسم جي ماڻهن کي هر هر پِيئو هو. پڪ سان هي جنڊ اُهو نه هو جيڪو ڪُراڙن کي پينهي جوانُ بڻائي ڇڏيندو آهي. پانت پانت جي ماڻهن ڪُنبندي، هر دَرَ مان ايندي ويندي دريءَ مان ليئا پئي پاتا. هوا جي واڇوڙن ۾ ڦڙڪا ڪندڙ ڦاڻل ڪپڙن وارا ماڻهو هر ڪُنڊَ ۾، سرديءَ ۾ ڏکندي نظر پئي آيا. اهو جَنڊُ جنهن هنن کي پيئو هو اهڙو هو جنهن ڳپرن کي پوڙهو بڻائي ڇڏيو هو، ٻارن جي مُنهَن تان انهن جي معصوميت ۽ سادگي کسي، انهن ۾ وقت کان اڳ سنجيدگي ۽ بزرگي پيدا ڪري ڇڏي هئي ۽ انهن جا ڪُراڙا ۽ گهنجن پريل ٻوتَ، انهن کيتن وانگر هيا، جن ۾ هَرُ ڪاهي ٻُکَ پوکي وئي هجي. ڇٽني پاسي بک جو راڄ هو.

وڻن وڻن گهرن ۾ بک ڦٽي رهي هئي. اُنهن اڳڙين تي، جيڪي رَسَنِ ۽ لڪڙن مٿان ٽنگيل هيا، بک ڇَپِيلَ هئي. انهن اڳڙين ۾ ڪاڻيءَ ۽ ڪاڇر جي شڪل ۾ ڇتيون لڙل هيون. ٻارڻ واري ڪاٺ جي هر هڪ ڪاڻيءَ ۾ بک جي باهه لڪل هئي. ماڻ ٽي ويل سِگريءَ مان بک جماتيون پائي رهي هئي. بک واڻ تي گهمي رهي هئي. بک اُنَ گهوڙي تي پريشاني مان ڦيرا پائي رهي هئي، جنهن وٽ ڪائڙ لاءِ ڪِنَ ۾ ڇڇڙ به نه هيا. نانوائيءَ جي دڪان تي 'ٻُکَ' جو لفظ اُڪريل هو. ننڍي ڪان ننڍي سڙيل مانيءَ جي ننڍڙي ڏيريءَ ۽ ڪبابيءَ جي دڪان ۾ مئل ڪُتي جي پڪل گوشت تي بک جو ٽپو لڙل هو.

ٻنيءَ واري جي ٽاڪن ۾ هر هڪ داڻي جي پُڄڻ جي هر آواز مان ائين پئي لڳو تہ جڻ 'بک' پنھنجو سُڪل ڏانچو ڪڙڪائيندي هجي. هُنَ جي ٻُوندَ ڪن تيل ۾ ٽريلَ، سُڪلَ پٽاڻن جي ۾ن پيسن واري هر هڪ ٽسريءَ ۾ 'بک' ٽندون ٽندون ٽي ملي ويل هئي.

جتي بہ وڻي پئي مليس، اُتي بک جو قبضو هو. سنھڙين ورن وڪڙن وارين گھٽين ۾، جتي سڙيل ڏَپَ هئي، انھن مان نڪرندڙ ٻين وڌيڪ سنھڙين گھٽين جو ڇارُ وڇايل هو. جتي اڳڙيون ۽ گودڙيون رھنديون هيون. ڏياريون ٽِڳڙيون ۽ گودڙيون. جاڏي ڏس تاڏي هر شئي مٽان اداسي ۽ بيماري ڇانيل هئي، پر ستايل انسانن جي اُجڙيل ڏرا ڏئي ويل اکين ۾ هڪڙي وحشياڻي چمڪ هئي. اُنَ جانور جي اکين جھڙي چمڪ، جيڪو شڪارين جي گھيري ۾ اچڻ کان پوءِ حملو ڪري ڏينڊو آهي. چيپاٽيل ڊپ کان ڏڇندڙ انسانَ- جن جي اکين مان چٽنگون اُٽي رھيون هيون. ڪوڙيل ڇَپَ، پيشانين تي وَٽَ، جڻ تہ ڦاسيءَ جي رسي کي وَٽَ آيل هجن. پيڙا وڇان ڪنڌ جھڪايون سوچي رهيا هيا- صبر يا انتقام!

دُڪانن جا اڳوڻا بوردِ واڪا ڪري ڪري هن علاقي جي غربت جا اعلان ڪري رهيا هيا. ڪاسائين ڪِنَن ڳريل چيڇڙن جون تصويرون دڪانن تي ٽنگي ڇڏيون هيون. نانوائيءَ جي دڪان ۾ سڀ کان وڌ خراب آٽي جو سڪل پاڻا مانيون پڪل هيون ۽ ميخانن جي اندر شراب ۽ بيئر پيئڻ وارا، پٽڙي شراب جي تري وارا جامَ هٿن ۾ ڪنيون ڳِري رهيا هيا ۽ ڪاوڙيل اکين سان تڪي رهيا هيا. چاڪُون ۽ ڪھاڙيون، جَرڪندڙ ۽ تکيون هيون. لوهار جو هٿوڙو ڳورو هو ۽ بندوق ساز جو سامان تباهي آڻيندڙ هو.

مڪانن جي سامھون فٽ پاٽ نہ هجڻ جي ڪري ڊگ وارا اپاهج ڪري ڇڏيندڙ اڻ گھڙيا پٿر ۽ گند پريا ڏُہا اچي در سان پئي لڳا. ان ڪري ڪِنِي نالي وري سڙڪ جي وچ تي بڊجي وئي هئي، جيڪا سدائين ڪِني پاڻي ۽ گپ ڇڪَ سان ڀريل هوندي هئي. پر جڏھن لڳاتار مِينھُن وسندو هو تڏھن اُها نالي آرس پيچي اڇلي پوندي هئي ۽

بيبجي، آس پاس جي گهرن ۾ ڪاهي پوندي هئي. وات جي هن پارِ ٿوريءَ ٿوريءَ وٽيءَ تي بد شڪيلون لالٽينون لڳل هيون، جن کي رَسيءَ ۾ گراڙيءَ جي مدد سان، مٿي ٽنيي تي چاڙهيو ويو هو. لالٽين ٻارڻ وارو رات مهل اهي هيٺ لاهي ٻاريندو ۽ پوءِ رسي ڇڪي، مٿي چاڙهي ڇڏيندو هو. ڏنڊليون ٽمڪندڙ بتيون مٿان لڙڪندي ائين لڳنديون هيون، جڙ ڪاري سمنڊ تي روشنيون پٽڪي رهيون هجن. جائي ٻه اُهي هڪ سمنڊ مٿان سرگردان هيون- جهاز ۽ مسافر هڪ پوائتي طوفان جي خطري ۾ گهيريل هيا. ڇو ته اهو وقت اڇڙ وارو هو. جڏهن بکن ۾ پاڻ ٽيل ۽ سِلهه ورتل ماڻهو اجايو وينا لالٽين ٻارڻ واري جي چرپر کي غور سان ڏسندا رهندا ۽ پوءِ انهن جي دماغن ۾ ان جي اٽڪل کي اڃا بهتر بڻائڻ جون رڃائون ٺهڙ شروع ٿيندیون. رسين ۽ ڏيرين جي مدد سان، انسانن کي سوليءَ تي چاڙهيو ويندو ۽ انهن جي رت ۾ ٻُڏل لاشن جي روشن نشانن جي ڪري، غربت جي اونداهيءَ ۾ اجالو ٿي ويندو. پر اهو وقت اڃا نه آيو ۽ فرانس ۾ هلندڙ مخالف هوا جي هر هڪ جهُوٽي سان گڏ، جمار کي ڏيڇارڻ لاءِ، کيتن ۾ ڪُتل بوتن جون ٽڪڙيون ڏڪي رهيون هيون، پر سهڻن پرن واريون مٿي لات لنوندڙ جمرڪيون دلير ۽ اڻ ڄاڻ هيون.

شراب جو دڪان موڙ وٽ هو ۽ ٻئي دڪان جي پيٺ ۾ سُني‌ءَ حالت ۾ هو. دڪان جو مالڪ ڪِڪي واسکوني ۽ سائي برجيس پايون، دڪان سامهون بيٺو ضايع ٿيندڙ شراب تي ٿيندڙ وٽ پکڙ ڏسي رهيو هو. "هن ۾ مون کي ته ڪو نقصان ناهي،" هُنَ لاپرواهيءَ وچان ڪُلهن کي چنبڪو ڏنو "بازار جي ماڻهن جي هٿان ٿيو آهي، هاڻي ڏنڊ به انهن کي ئي پرٽو پوندو."

ان مهل هن جي اک وڃي ڏکهي قد واري مشڪري تي پئي، جيڪو پيٽ مٿان پنهنجو لطيفو لکي رهيو هو. هن سڙڪ جي ٻئي پار کان پڪاريس، "او گيسپرد! چا ڪري رهيو آن؟"

مشڪري پنهنجي قبيلي جي ماڻهن وانگر وڏي رمز ۾ پرئي طريقي سان اشارو ڪيس، جنهن جو ڪو به مطلب واضح نه ٿي سگهيو.

● "اڙي پاڳل خاني وڃ جي نيت اٽئي ڇا؟" سڙڪ پار واري دڪاندار ڪيس چيو ۽ پوءِ مُنِ کن گپ ڪٽي لکت کي ڏاهي ڇڏيو "ڇو ڙي! اهڙا لفظ لکڻ لاءِ بس هيءَ جاءِ ئي هٿ آئي اٽئي؟"

هُنَ ڳالهه هولهه ڪندي پنهنجو ٿورو صاف هٿ مشڪري جي دل مٿان رکي ڇڏيو. مشڪري ان هٿ مٿان ٽپڪي هنئي. وڏيءَ ڏڙتيءَ سان هوا ۾ بُل ڏنائين ۽ وڏي کل جوڳي ناچ واري انداز ۾ پوز هٽي بيهي رهيو ۽ هڪ جھٽڪي سان پنهنجي هڪ پير جو جُوتو لاهي، هٿ ۾ پکڙي ورتائين. اُنَ مهل هُو وحشياٽي حد تائين حقيقت پسند مشڪرو لڳي رهيو هو.

"جُوتو پائي وڃُ!" دڪاندار چيس. "شراب کي شراب ئي ڇڏڻ ۽ ڳالهه ختم ڪر." اها نصيحت ڪرڻ کان پوءِ، هن ڇاٽي ٻُجهي مشڪري جي ڪپڙن سان پنهنجو گپ هاٿو هٿ صاف ڪيو. ڇو ته مشڪري جي ڪري ئي ته هن پنهنجو هٿ خراب ڪيو هو. پوءِ هن سڙڪ پار ڪئي ۽ شراب جي دڪان ۾ گھڙي ويو. شراب جي دڪان جو مالڪ سائڌ واري کنڊ وارو ويڙهاڪ ماڻهو هو. هُو ٽيهن سالن جي ويجهو هو. ڏاڍو تيز مزاج وارو ماڻهو ٿي لڳو. ڇو ته سيءَ ڏاڍو هو. پر هن ڪوٽ پائڻ بدران اهو ڪُلهي تي رکي ڇڏيو هو. سندس قميص جون ٻانهون وَڻيل هيون ۽ هن جون پُوريون ٻانهون نُونين تائين کليل هيون. سندس ڪارن گھنڊيدار وارن تي ٽوپي نه هئي. هُونءَ به هُو سانورو هو. هن جون ويڪريون اکيون وٽندڙ هيون ۽ انهن جي وچ ۾ ڪافي وٿي هئي. هُو ڏسڻ ۾ ڪِلمُڪ پئي لڳو ۽ ويڙهاڪ پڻ. هُو مجموعي طور تي وڏي مضبوط ڪردار جو مالڪ ۽ اِرادي جو پڪو معلوم پئي ٿيو. جيڪڏهن هُو ڪنهن سنڍڙيءَ گھٽيءَ جي وچان ٻانهون هٽندو وڃي رهيو هجي ته هن جي سامهون ٿي پوڻ خطري کان خالي نه هو ڇو ته ڪا به شئي هن کي دڳ تان هٽائي نه پئي سگھي.

هُنَ جي زال ميڊم ڊيفارج، سودو وڪڻڻ واري ميز جي سامهون ويٺي هئي. ميڊم ڊيفارج، هن جي ئي عمر واري هڪ سَگھاري عورت هئي. وڏيون چَوڪس اکيون، جيڪي خاص طور تي ڪنهن کي به نه

ڏسنديون هيون. مُنڊين سان پريل هَڻَ. مُنهَن مان مستقل مزاجي جهلڪندڙ ۽ چرپر مان دلي سڪون ليئا پائيندڙ. هُوءَ هڪڙو اهڙو ڪردار هئي، جنهن کي ڏسندي ئي اندازو ٿي ويندو هو ته هُوءَ جيڪو ٻه مامرو پنهنجي هٿ ۾ وٺي، ٿنهن ۾ پُلَ چُڪَ ٿيڻ جو ڪو امڪان ئي ناهي. ميلبر ڊيفارج کي سيءَ ڏاڍو لڳندو هو ان ڪري هُنَ مٿي جي چوڌاري هڪ ڳوري، پر پيڪيدار شال ويڙهي ڇڏي هئي، سا ٻه ائين ته هن جي ڪنن ۾ پاتل وڏاوڏا پنڑا نمايان هيا. هن جي اڇيان ڪپڑي اُٽل جو سامان پيو هو. جيڪو هُنَ هاڻ ئي اِتي آڻي رکيو هو ۽ هُوءَ ڏند کوڻڻ لڳي هئي. هن جي ساڄي نوٽ، ڪاپيءَ تريءَ تي ٽيڪيل هئي ۽ جنهن مهل سندس مڙس آيو تڏهن هن ڪيس ڪجهه ٻه نه چيو. بس هُوءَ رڳو هورڙي ڪنگهي ۽ پنهنجي مٿي تاڻجي ويل ڪارن پُرونءَ کي اڃا ڪجهه مٿي ڪري ڏند کوٽيندي رهي.

ان هلڪي اشاري سان هن پنهنجي مڙس مٿان اهو واضح ڪري ڇڏيو ته سندس آڻ هوند ۾ ڪو نئون گراڪ آيل آ، ۽ ٻين گراڪن سان گڏ بينو آهي، جنهن کي ترت ڏيان جي گهرج آ..

دڪان جي مالڪ پنهنجيون اکيون هيڏي هوڏي ڦيرايون ۽ ڪنڌ ۾ ويڙل هڪ شريف مرد ۽ نوجوان چوڪريءَ تي ڪپائي ڇڏيون. اُتي ٻيا ماڻهو ٻه موجود هئا. ٻه ماڻهو تاسَ کيڏي رهيا هيا ۽ ٻه وري ڊومينو ۾ رڌل هيا. ٽي ڇٽا ميز جي پرسان ٻيٺا، ٽورڙو بچيل سچيل شراب هوري هوري پورو ڪري رهيا هيا. هن ڏنو ته شريف مردَ اکين ئي اکين ۾ چوڪريءَ کي چيو "اهوئي اسان جو ماڻهو آهي."

"هتي توهان جو ڪهڙو ڪم؟ مان توکي اصل نه ڄاڻان." موسيو ڊيفارج دل ئي دل ۾ چيو. هن ظاهري طور تي ته انهن ٻن اوپرن ماڻهن ڏي ڏيان ڏنو ۽ هنن ٽن گراڪن سان ڳالهائيندو رهيو جيڪي ميز جي پرسان ٻيٺا پي رهيا هيا.

"ها ڏي جيڪوئس! ڇا حال احوال آهن؟" انهن مان هڪڙي چيو "سمورو ڪريل شراب اڏامي ويو."

"هڪ هڪ بُوندَ، جيڪوئس!" موسيو ڊيفارج وراڻيو.

هڪ ئي نالي کي ٻه ڀيرا ورجائيو ٻڌي ميلبم ڊيفارج ٿوري ڪَنهَنکر ڪئي ۽ پِرُن کي ٿورو متي اُڇل ڏني.

"انهن اپاڻن جانورن کي ڏاڙي ڏاڙي شراب چکڻ جو موقعو ناهي ملندو. موت ۽ ڪاريءَ مانيءَ کان سواءِ انهن جي مقدر ۾ ٻيو ڪجهه ڇو ناهي؟ ڪيئن جيڪوئس! ڇا راءِ آ تنهنجي؟" ٻئي همراهه موسيو ڊيفارج کي مخاطب ٿيندي چيو.

"صحيح ٿو چوين. جيڪوئس!" موسيو ڊيفارج وراڻيو.

ٻيهر هڪڙو ئي نالو ورجائڻ تي وري ميلبم ڊيفارج ڏند ڪُرٽڻ لڳي. پر آهستڙي ڪَنهَنکر ڪيائين ۽ پِرُن کي هلڪي جنبش ڏنائين.

انهن تن گراکن مان ٽئين پنهنجو گلاس ڀيٽ ڏئي پيتو ۽ هڪ ڀِٽکر ڏنائين ۽ چوڻ لڳو "ها. اهوئي ته عذاب آهي انهن غريب جانورن جي وات جو مزو سدائين ڪوڙو رهندو آهي. ڪيڏي نه مصيبت ڀري زندگي آهي انهن ماڻهن جي. صحيح ٿو چوان نه جيڪوئس!"

"بلڪل صحيح ٿو چوين!" موسيو ڊيفارج وراڻيس.

جڏهن ٽيون ڀيرو ٻه ساڳيوئي نالو ور ور ڪري ڪتب آندو ويو. تڏهن ميلبم ڊيفارج ڏند کوٽڻ جو خيال ڇڏي ڏنو. پروڻ تاڻجي ويس ۽ پنهنجي جاءِ تي هوريان پاسا وراڻڻ لڳي.

"بس. اهو صحيح آهي...صاحبو!...هيءَ منهنجي زال آهي." هن جي مڙس ٻڙبڙ ڪئي. ٽنهي گراکن وڏي ادب وچان پنهنجا ٽوپلا لاٿا ۽ ميلبم کي تعظيم ڏني. هُنَ انهن مٿان هڪ اڌندڙ نگاهه وڌي ۽ متي جي اشاري سان هنن جي تعظيم کي قبول ڪيو. پوءِ هن شراب جي دڪان اندر چٽئي پاسي اک ڦيرائي. پنهنجي سِلائي ڪنئي ۽ ظاهري طور تي وڏي اطمينان ۽ بي پرواهيءَ سان اُٽڪ ۾ لڳي وئي.

"صاحبو!...گڏمارننگ. منهنجي باهر وڃڻ کان اڳ توهان جنهن مرداڻي ڪمري کي ڏسڻ جي خواهش ظاهر ڪئي هئي. اهو پنجينءَ منزل تي آهي." هن جي مڙس چيو. جيڪو وڏي ڏيان سان پنهنجي زال جي هر اشاري کي ڏسي رهيو هو. "ڏاڪڻ جو در هُنَ نندڙي آڪر ۾ کلي

ٿو جيڪو منهنجي گهر جي دريءَ سان لاڳاپيل آهي." هن هٿ جي اشاري سان ٻڌايو."پر مون کي ياد آيو ته توهان مان هڪ صاحب ايڏانهن وڃي چڪو آهي ۽ اهو پنهنجين ساٿين کي ڏڳ ٻڌائي سگهي ٿو۔خدا حافظ صاحبو!" هنن شراب جو ٻُلهه چڪايو ۽ اتان نڪري ويا. موسيو ڊيفارج جون نگاهون پنهنجي زال جي اُٽڻ واري ڪم تي ڪتل هيون، ان وچ ۾ وڏي عمر وارو همراهه پنهنجي ڪنڌ مان اُتي آيو ۽ ڪجهه چوڻ جي موڪل گهريائين.

"وڏيءَ خوشيءَ سان، صاحب!" ڊيفارج ماڻ ڪري درَ ۾ وڃي هن سان ٻيهي رهيو. هنن جي ڳالهه ٻولهه ۾ ڪو گهٽو وقت نه لڳو. هڪ ئي لفظ سڄو مامرو طئي ڪري ڇڏيو جنهن کي ٻڌي ڊيفارج ڇرڪي پيو ۽ هڪدم ادب ۾ اچي ويو. ٻي گهڙيءَ هن ڪنڈ لوڏيو ۽ ٻاهر هليو ويو. شريف مردَ وري ڇوڪريءَ کي اشارو ڪري گهرايو ۽ ٻئي ٻاهر هليا ويا. ميلبم ڊيفارج ڏڙت آڳرين سان اُٽت ڪندي رهي. هن جون اکيون خلا ۾ گهوري رهيون هيون. مسٽر جاروس لاري ۽ مس مينٽ شراب جي دڪان مان نڪري، موسيو ڊيفارج سان گڏ ان در ڏي هلي پيا، جيڏانهن هُنَ اڳ ۾ ٽن گراڪن کي موڪليو هو. اهو در هڪڙي ڪاري ڏپاري آڳر ۾ ٽي ڪليو ۽ ڪيترن ئي ڳٽيل گهرن ڏي وڃڻ جو عام ڏڳ هو. ايڏانهن چگهي آبادي هئي. اونداهين ڏاڪي وٽ، پٿر جي فرش تي، ڊيفارج پنهنجي مالڪ جي ڏيءَ جي سامهون گوڏن ڀر جهڪي پيو ۽ سندس هٿ کي چُمي ڏنائين. اها هڪ وڏي سهڻي حرڪت هئي، پر ان ۾ سختي اچي وئي هئي. موسيو ڊيفارج ۾ انهن ڪجهه گهڙين اندر حيرت انگيز تبديلي پيدا ٿي وئي. هن جي ڇهري تان سموري خوش مزاجي ۽ خلوص گم ٿي ويو ۽ هُو هڪڙو نهايت پُراسرار ۽ خطرناڪ انسان بڻجي ويو.

"ڇا هُو اڪيلو آهي."

"بلڪل اڪيلو! خدا مٿس رحم ڪري،هن سان گڏ ڪير ٿي سگهي ٿو." هن ساڳي ئي ڏڏي لهجي ۾ چيو.

"ته پوءِ هُو هر وقت اڪيلو رهندو آهي؟"

"ها."

"پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان"

"نه پر ...ضرورت ڪان مجبور ٿي...ان وقت به سندس حالت اهڙي ٿي هئي. جڏهن انهن ماڻهن مون کي گهرايو ۽ معلوم ڪرڻ چاهيو ته مان هن کي پنهنجي ذميواري تي وٺي ويندس يا نه؟ هاڻ به... ساڳيو ئي آهي. جهڙو اڳ هيو."

"گهٽو بدلجي ويو آهي اڳ جي پيٽ ۾؟"

"هُون ن ن...بدلجي ويو آ!"

شراب جي دڪان جو مالڪ هلندي هلندي بيهي رهيو. هُنَ هڪ وڏي گار ڏئي پٽ کي ڏڪ هنيا. ڪو به جواب. ان کان ڏيڪ شديد ۽ متاثر ڪندڙ ٿي نه پيو سگهي. جيئن جيئن مسٽر لاري پنهنجن ۾ ساٿين سان گڏ مٽي چڙهندو ويو. تيئن سندس دل جو بوجھ وڌندو ويو.

اڄ ڪلهه جي زماني ۾ به پيرس جي ڪٽيل آبادي واري پاڳي جا اهڙا ڏاڪا ڪافي ذليل هوندا آهن. هن زماني ۾ ته اهڙي ڏاڪڻ پنهنجين سمورين گندگين سان گڏ هڪ پوائنٽي سڃاڻي هئي. خاص طور تي نازڪ طبيعت وارن ماڻهن لاءِ جيڪي ان جا هيراڪ نه هئا. ان نديڙي عمارت ۾ جيترا به ننڍا وڏا ڪمرا هيا. انهن ۾ رهندڙ ڪمرن جو سمورو ڪچرو درن جي اڳيان ئي ڏني ڪري ڇڏيندا هئا. ان کان سواءِ درين مان رهيل ڪِنڻ اڇلائيندا هيا. جيڪڏهن اُهي غربت جون گندگيون. ان پاڳي کي ناڪارا نه به بڻائي ڇڏين ها. تڏهن به ڪچري جي ڏَڀ جي ڪري. اتان جي هوا بيمار ۽ زهريلي هئي. غربت مٽان گندگيءَ سونَ تي سهاڳي جو ڪم ڪيو هو. هنن جي وات گندي ۽ زهريلي ماحول مان لنگهندي هئي. پاڻ مسٽر لاري به پريشان هو ۽ چوڪريءَ جي هر گهڙيءَ وڌندڙ گهبراهٽ کان مجبور ٿي. به پيرا وات تي ساهي پٽڻ لاءِ بيٺو. ٻئي پيرا هُو هڪ جنگلي جي پرسان ساهه کڻڻ ويا. ائين پئي لڳو ته جيڪا ڪجهه ٿوري گهٽي صاف هوا ان ماحول ۾ رهجي وئي هئي. سا ان جنگلي جي رستي باهر وڃي رهي آهي ۽ باهران جي سموري زهريلي هوا گڏ ٿي. انهيءَ رستي سان اندر اچي رهي

آهي. ان جنگلي مان کنبر بٹيل لاڳيتن مڪانن جي جھلڪ اکين بدران نِڙيءَ رستي اندر لھي رھي هئي. آس پاس جي ڪابہ شئي جيڪا نوتري ديمر جي برجن کان هيٺ هئي، اھا صحت مند زندگيءَ ۾ ڏهني سڪون جي آئيني دار نہ هئي.

نيٺ اهي ڏاڪڻ جي آخري ڏاڪي تي پھچي ٽيون پيرو بيھي رھيا. ھڪڙي ننڍڙي ڏاڪڻ اڃا هئي، جيڪا سيني کان وڌيڪ گندي ۾ ترڪي هئي. ان جي چپن ڦٽن ڏاڪن تي چڙھڻ، ھڪ امتحان کان گھٽ نہ ھو. شراب خاني جو مالڪ مسٽر لاريءَ سان گڏ ھلڻ بدران، ھن جي اڳيان اڳيان هلي رھيو ھو. جڏ تہ ھُو ڏڃي رھيو ھجي تہ ڪٽي چوڪري کو سوال نہ پڇي وڃي. ھُو ان ڏاڪڻ تي پھچي بيھي رھيو ۽ وڏي احتياط سان ڳولي ڳولي ڳُنجي ڪڍيائين.

"سنگتي! ڪمري کي تالو لڳل ھوندو آهي؟" مسٽر لاريءَ حيرت وچان پڇيس.

"جي، هائو." موسيو ڊيفارج سختيءَ سان وراڻيو.

"تنھنجي خيال ۾ بدنصيب انسان کي ائين اڪيلو رکڻ ضروري آهي."

"منھنجي خيال ۾ تالو لڳائڻ ضروري آهي." موسيو ڊيفارج پيشانيءَ تي ڳھنج وجھي ھورڻيان چيس.

"چو؟"

"چو تہ ھُو ايڏي عرصي کان ڪمري ۾ بند رھيو آهي، جو جي بنان تالي جي ڪيس رکيو ويو تہ ھُو وحشت ۾ ڊپ وچان پاڳل ٿي، پنھنجا ٽڪر ٽڪر ڪري وجھندو، مري ويندو. جيڪڏھن ھن جي ڪمري جو تالو کولي ڇڏي ڏجي تہ نہ ڄاڻ ھُو پاڻ کي ڇا مان ڇا بڻائي ڇڏي."

"ڇا ائين ممڪن آهي؟"

"هائو! اسان جنھن دنيا ۾ رھون ٿا، اتي اھوئي نہ پر گھڻو ڪجھ ممڪن آهي. ممڪن ئي ناهي، عملي طور تي ائين ڪيو پيو وڃي. خدا شيطان جي عمر دراز ڪري."

۽ پوءِ موسيو ڊيفارج ڪاوڙ ۾ ڏڪار وچان چيو "اڃڪتي هلو! اڃڪتي."

اها ڳالهه ايتري تہ هورڙيان چئي وئي، جو چوڪريءَ جي ڪن ۾ سُٽڪ بہ نہ پئي. پر هُوءَ ان مهل وڌيءَ ڏڪڻيءَ ۾ ونجي وئي ۽ سندس مُنهن تي ڏاڍي پريشاني چانئجي وئي. مسٽر لاري هن کي ڪا تسلي ڏيڻ ضروري ڄاتي. "همت کان ڪر ونو سانئڻ!...همت ۽ فرض شناسي کي هٿان وڃڻ نہ ڏيو. بس کن پل جي ڳالهه آهي، سڀ ڏکائيون ڏور ٿي ويندیون. پوءِ اها ساري محبت ۽ پيار جيڪو کيس سکون پهچائي سگهي ٿو سو ڪر آٽلو پوندُوَ. اسان جو مهربان دوست ڊيفارج توکي سهارو ڏيندو. ڪاروبار آهي، اهو تہ...دل کي مضبوط رک."

هُو بلڻ پير هوري هوري مٿي چڙهي ويا. ڏاڪڻ ڏاڍي ننڍي هئي ۽ بس هو ڪجهه گهڙين ۾ ئي مٿي وڃي پهتا. اڳيان اُمالڪ هڪ موڙ آيو. اُتي ٽي ڇٽا جهڪيل هيا ۽ وٽيءَ مان اندر ڪمري ۾ ڏسي رهيا هيا. ٽئي ڇٽا پيرن جو ڪڙڪو ٻڌي اُيا ٽي ٻيٽا. اهي ساڳيا ئي ٽي ماڻهو هيا، جيڪي شراب خاني ۾ پيئڻ جي نيت سان آيا هيا.

"توهان کي ڏسي مون کي هنن ماڻهن جو خيال ئي لهي ويو." موسيو ڊيفارج وضاحت ڪئي. "مهربانو! هاڻي قرب ڪري هليا وڃو. اسان کي ڏاڍو ضروري ڪم آهي." هن انهن ٽنهين کي چيو.

ٽئي ڇٽا ماڻ ميٽ ۾ هليا ويا.

هڪ در ايجا ٻيو بہ هو ۽ جڏهن هي ماڻهو هليا ويا، تڏهن ڊيفارج ان در ڏي وڌيو. مسٽر لاريءَ ڪاوڙ وچان سندس ڪن ۾ چيو "موسيو مينٽ جو تماشو بڻائي ماڻهن کي ڏيکاريو ٿا!؟"

"جيئن توهان ڏٺو مان هُنَ کي ڪجهه خاص ماڻهن کي ڏيکاريندو آهيان."

"اهو مناسب آهي؟"

"منهنجي خيال ۾ تہ مناسب آهي."

"اهي خاص ماڻهو ڪير هوندا آهن؟ انهن جي چُونڊ ڪيئن ڪندو آهين؟"

"مان انهن خاص ماڻهن کي سڃاڻيندو آهيان. جيڪي منهنجا نالي پائي هوندا آهن ۽ جيڪوئس چوائيندا آهن. اهي ماڻهو هن کي

ڏسي سبق حاصل ڪندا آهن. توهان انگريز آهيو. توهان ان ڳالهه جي اهميت نه سمجهي سگهندا. مهرباني ڪري ٿورو انتظار ڪريو." هن هنن کي پري رهڻ جي تنبيهه ڪري، پاڻ پٽ وٽ جهڪي، در مان اندر ڏنو پوءِ سڏو ٿي ٻيٽو ۾ پوءِ ٿي پيرا کن در تي دستڪ ڏنائين. ۽ ٿي پيرا در کي ڪنجي سان ڪڙڪايائين ۽ ڪڙڪو پيدا ڪرڻ جي لاءِ زور زور سان تالي ۾ ڪنجي گهمائڻ لڳو.

در هورڙيان اندر واري پاسي کُليو. هن ڪمري ۾ جهاتي وجهي ڪجهه چيو. هڪ جهيٽي آواز ۾ جواب مليس. ٻنهين پاسن کان ڪو هڪ اڌ لفظ به مس چيو ويو هوندو. هن ڪنڌ ورائي ڏنو ۽ ٻنهين کي اندر گهڙڻ جو اشارو ڪيو- مسٽر لاريءَ ڏنو ته چوڪري هٿن مان پئي وڄي، هن سندس چيلهه ۾ هٿ وجهي سنيالين.

"ڪاروبار جي ڳالهه آهي...اندر هلو..." هن چوڪريءَ تي زور وڌو. پر سندس ڳٽ مٽان جيڪا آلاڻ جَرڪي رهي هئي، سا هن جي ڪاروباري هجڻ جو قطعي ثبوت نه هو.

"مون کي ڊپ ٿو ٿئي." هن ٻَوَ وچان ڏڪندي وراٽيو.

"ٻَوُ ڇا جو ٻَوُ"

"هُنَ کان ...منهنجو مطلب آهي ته پنهنجي والد کان."

مسٽر لاري هن جي خراب حالت ڏسي گهبرائجي ويو. موسيو ڊيفارج کين اشاري سان اڳتي وڌڻ جو چيو ته هن مجبوريءَ وچان چوڪريءَ جي ٻانهن پنهنجي ڪنڌ ۾ وجهي، هن کي ٿورو مٿي کڻي ورتو ۽ تڪڙ ۾ ڪمري ۾ وٺي ويس. هن کيس در جي ويجهو ويهاريو. هُوءَ هن کي چنبڙي پئي هئي ۽ هُو کيس جهليو ٻيٺو هو.

ڊيفارج ڪنجي ڪڍي در بند ڪري ڇڏيو. تالو هٿي ڪنجي هٿ ۾ کڻي ڪيائين. اهو سڀ هن وڏي اهتمام سان ڪيو ته جيئن دَرَ جي ڪڙڪي سان موسيو مينٽ تي چڙهي وڃي ته در بند ٿي ويو. هُو پچاڙيءَ ۾ ڳڙ ڳوت ڪري، وڪون کڻي دريءَ تائين ويو ۽ پوءِ موٽي آيو.

اھا ڪونڙي ۾ارڻ واري ڪاٺ ۾ ۾ئي سامان رکڻ جي لاءِ ٺاھي وئي هئي. ان ڪري ڏاڍي اونداهي هئي. دري ڇجهي در وانگي هئي ۽ اصل ۾ ڇت سان لاڳاپيل هئي. جنهن مٿان گھٽيءَ مان سامان کڻڻ لاءِ هڪ ننڍي ڪِرين لڳل هئي. اھا ۽ن تاکن واري دري فرانسي قسم جي هئي. سرديءَ کان بچڻ لاءِ ان دريءَ جو هڪ تاڪ بند هو ۽ ۾يو ٿورو ڪليل هيس. ايتري گھٽ روشني اچڻ جي گنجائش هئي، جو اندر گھڙندي ئي ڪا شئي ڏسڻ ڏاڍو ڏکيو هو. گھٽو وقت اوندھ ۾ رهڻ جو هيراڪ انسان ئي اتي ويهي، ان اونداهيءَ ۾ ڪو باريڪ ڪم ڪري سگھي ٿيو. پوءِ ۽ ان ڪمري ۾ اھڙو باريڪ ڪم ڪيو ۾يو ويچا در ڏي ٻُڌي ڪيون. هڪ ڪراڙو اڇيءَ ڏاڙهيءَ وارو ماڻهو وينو هو. هن جو مُنهُن دريءَ ڏي هو جتي شراب خاني جو مالڪ ٻينو ڪيس تڪي رهيو هو. هُو اڳتي جُهڪي، وڏيءَ سُڇيتائي سان جُوتا ٺاهي رهيو هو.



باب ڇهون

جُوتا ٺاهيندڙ

"صبح جو سلام!" موسيو ڊيفارجَ جُوتا ٺاهڻ ۾ رُڌلَ اڇي مٽي کي ڏسندي چيو.

هن هڪ گهڙيءَ لاءِ مٽو کڻي، هيٺي آواز ۾ جيڪو پري کان ايندڙ پئي لڳو سلام جو جواب ڏنو "صبح جو سلام!"

گهڙي رکي وري مٽو هورڀان مٽي ٽيو ڪيو چيائين، "ها، مان ڪم ڪري رهيو آهيان." هِنَ پيري ڪنڊ هيٺ ڪرڻ کان اڳ ۾ ٽڪيل اکيون سوال ڪرڻ واري ڇهري تي ڪن پل لاءِ بيهي ويون.

آواز جي هيٺائپ رحم جوڳي ۽ دردناڪ هئي. اها هيٺائپ جسماني ٽڪ جي ڪري نه هئي، توڙي جو سندس ڏکي قد ۽ سندس جسم کي سُڪل پئي ظاهر ڪيو. ايذائيندڙ ڳالهه هيءَ هئي ته اهو آواز اڪيلائيءَ ۽ جبري خاموشيءَ جي ڪري هيٺو پئجي ويو هو ۽ صديون اڳ ڪيل صدا جي پڙاڏي وانگر جهيڙو ۽ اڻ چٽو معلوم ٿي رهيو هو. ان ۾ انساني جيون جي جهنڪار ۽ زندگي مري چڪي هئي. ان کي ٻڌي ائين محسوس پئي ٽيو جڙ ته ڪا وٽندڙ شئي ڪوماجي هڪڙو ڦِڪو چُٽو ٻڌجي رهجي وئي هجي. اهڙي ته جهيڙي ۽ گم ٽيل جڙ ته ڪٽان زمين جي لڪل چاتيءَ مان اُپري رهي هجي.

ان آواز مان، ان گم ٽيل مظلوم جاندار جي رحم جوڳيءَ حالت جو اندازو پئي ٽيو جيڪو هڪ وارياسي پَٽَ ۾ بکايل ۽ راهه وڃايل مسافر وانگر ڪوسيءَ واريءَ تي ڪِري، ساهه ڏيڻ کان اڳ آخري پيرو گهر وارن ۽ دوستن کي ياد ڪري رهيو هجي. هُو ڪجهه دير تائين ڪم ۾ رڌل رهيو. وحشت پريل اکيون هڪ پيرو مٽي ڪنيائين، تجسس ۽

دلچسپيءَ کان مجبور ٿي نہ پر ائين ئي پريشان ٿي. اهو ڏسڻ لاءِ تہ اڃا وارو ايجا تائين پنهنجي جاءِ موجود آهي.

"مان چاهيان ٿو تہ هن ڪمري جي روشني ٿوري وڌي وڃي. توهان کي تڪليف تہ نہ ٿيندي؟" موسيو ڊيفارج جُوتا ڦاهڻ واري کي ڏيان سان ڏسندي چيو.

جُوتا ڦاهڻ واري ڪم بند ڪري چڏيو. خالي خالي اکين سان پهريون تہ فرش ڏي ڏسندي، ڪجهہ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪيائين. پوءِ ٻئي پاسي بہ ساڳي نظر وڌائين... ۽ اکيون مٽي ڪري پاڻ سان ڳالهائڻ واري کي ڏنائين.

"تو ڇا چيو؟"

"جيڪڏهن ڪمري ۾ ٿوري روشني وڌي وڃي تہ توهان کي اعتراض تہ نہ هوندو."

"جي تنهنجي مرضي اها آهي تہ مون کي برداشت ڪرڻو پوندو." هن 'تنهنجي مرضي' وارن لفظن تي زور ڏيندي چيو.

در جي اڌ ڪليل تاڪ کي ايجا وڌيڪ کولي. جائيتو بيهاريو ويو. جنهن ڪري ڪمري ۾ سوجهرو وڌيڪ پوڻ لڳو. ڪمري ۾ ڪم ڪرڻ وارو هڪڙو اٽپورو جُوتو هنج ۾ رکيون ويٺو هو. هُنَ جي ٻينچ تي ۽ پيرن وٽ مختلف قسم جي چمڙي جا ٽڪرا ۽ بہ چار معمولي اوزار کنڊڙيا پيا هئا. هن کي اَڻ سنواريل ننڍڙي اڇي ڏاڙهي هئي. ٻوٽ سڪل، پر اکيون ڏاڍيون روشن هيس. هُونءَ بہ هن جي وکريل وارن ۽ ڪارن پرن ۽ سنهڙي سڪل چهري تي، سندس اکيون وڌيون پئي لڳيون. اصل ۾ اهي قدرتي طور تي وڌيون هيون ۽ ڏاڍيون بي ٽُڪيون لڳي رهيون هيون. ڦاٽل پراٽي اڳڙيون ٽي ويلَ قميص جي ڪليل ڳلي مان هُنَ جو سُڪل ۽ ٽڪل بدن ڏيکارجي رهيو هو. هُو پاڻ ۽ هن جو ميڙ هنيل ڪوٺ، هُنَ جا ويڪرا جورابا ۽ باقي ڦاٽل پراٽا ڪپڙا وڌي عرصي تائين روشنيءَ ۽ اُس کان محروم رهڻ جي ڪري، سيئي ڦِڪانجهي ميري ڪاڄر وانگر لڳي رهيا هيا ۽ انهن ۾ فرق ڪرڻ مشڪل ٿي ويو هو.

هُنَ سوجهري کان بچڻ لاءِ پنهنجو هٿ اکين مٿان رکي چڏيو ته ائين لڳي رهيو هو ته روشني سندس هٿ جي هڏين جي آرپار جهلڪي رهي آهي. هُو ڪمر روڪي خالي نگاهن سان کين تڪي رهيو هو. سامهون بينل ماٿهوءَ ڏي ڏسڻ کان اڳ هُو سدائين هڪ پاسي فرش ڏي ڏسڻ ٿي لڳو. پوءِ وري ٻئي طرف، جڏ ته آواز جي ڏسا سچائڻ جي عادت ختم ٿي وئي هجيس. هن ڪنهن مهل ڪل ٽڙيل اندازہ ڳالهائڻ شروع ٿي ڪيو ۽ پوءِ وري سڀ ڪجهہ سندس دماغ مان گم ٿي ڀئي ويو.

"هِيءَ جُوتن جي جوڙي توهان اڄ پوري ڪري وٺندئو؟" موسيو ڊيفارج پڇيس ۽ مسٽر لاريءَ کي اشارو ڪري اڳتي گهرايائين.

"ڇا چيو توهان؟"

"هيءَ جُوتن جي جوڙي اڄ ئي ناهي پورو ڪرڻ جي نيت آئُو."

"مان نہ ٿو چئي سگهان تہ منهنجي نيت آهي. منهنجو اندازو تہ آهي. . . پر مون کي خبر ناهي." ان سوال ڪيس ڪمر ياد ڏياري چڏيو هو ۽ هُو هڪ ڀيرو وري ڪمر کي لڳي ويو.

مسٽر لاري چوڪريءَ کي در وٽ چڏي ماڻ ڪري اڳتي وڌي آيو. هُو جڏهن جُوتا ناهڻ واري وٽ کي منٽ بيٺو رهيو تڏهن هُنَ ڪنڌ کٽي ڏنو. هڪ ٻئي شخص جي هُوندَ تي ڪنهن بہ حيرت جو اظهار نہ ڪيو. پر هُنَ جي ڏڪندڙ هٿ جون آڱريون، لاشعوري طور تي چپن کي ڇولڻ لڳيون. هُنَ جا نَنهَن ۽ چپ بہ ڏڪا ئي هيا. پوءِ هٿ وري ڪمر کي لڳي ويا ۽ هُو جُوتي مٿان جهڪي پيو. ان مشاهدي ۽ ڪمر ۾ ڪا هڪ گهڙي بہ ڪس لڳي هوندي.

"توهان ڏٺو ته توهان سان ڪو ملڻ آيو آهي." موسيو ڊيفارج چيو.

"تو ڇا چيو؟"

"هڪ ملاقاتي آيو آهي."

جُوتا ناهڻ واري پنهنجي ڪمر مان هٿ کڻڻ کان سواءِ اڳي وانگر مٿي ڏٺو.

"هِنَ صاحب کي ڏُس! هِنَ کي سُڃي ناهيل جُوتي جي سچائ آهي. اهو جُوتو جيڪو توهان ناهي رهيا آهيو هِنَ کي ڏيکاريو."

"موسيو. . . ! هي وٺو جُوتو."

مسٽر لاريءَ جُوتو ورتو.

"موسيو کي ٻڌايو ته اهو ڪهڙي قسم جو جوتو آهي ۽ جُوتو ٺاهڻ واري جو نالو ڇا آهي؟"

هُو ورندي ڏيڻ کان اڳ ڇڪي دير تائين ماٺ رهيو "تون ڇا پڇي رهيو هئين؟ مان پُلجي ويس. ڇا چيو تو؟"

"مون چيو ته ڇا توهان موسيو کي سمجهائي سگهو ٿا ته هي ڪهڙي قسم جو جُوتو آهي."

"هي هڪڙو زنانو جُوتو آهي. ٺهلڻ جي مهل پائڻ وارو زنانو جُوتو. نئين فيشن جو آهي. مون نئون فيشن ڪڏهن ناهي ڏٺو. مون کي بس نمونو ڏنو ويو هو." هُنَ جُوتي کي ڏٺو. سندس نگاهن ۾ ٿورو غرور جو جذبو اُپري آيو.

"۽ ٺاهڻ واري جو نالو؟" ڊيفارج چيس.

هاڻ هُنَ جي هٿ ۾ ڪو به ڪم نه هو. هُنَ ساڃي هٿ جي مُٺِ ٺاهي، کاپي هٿ جي تريءَ تي رکي، پوءِ کاپي هٿ جي مٺ ساڃي هٿ جي تريءَ تي رکي، وري پنهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيريو ۽ اهو عمل لاڳيتو ورجائيندو رهيو. هُو هر ڀالهه کان پوءِ خلا ۾ ائين گهر ٿي پئي ويو جو ڪيس هر هر ڊيان ڏيارڻ مهل ائين پئي لڳو جڻ ته هڪ بيهوش ڪمزور انسان کي هوش ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هجي يا تيزيءَ سان موت جي مُنهَن ۾ ويندڙ انسان کي راز ڄاڻڻ لاءِ جاڳائڻ لاءِ جتن ڪيا ويندا هجن. . .

"ڇا توهان مون کان منهنجو نالو پڇيو؟"

"بلڪل."

"هڪ سئو پنج. . . اتريون برج."

"بس."

"هڪ سئو پنج اُتريون برج."

هن جي وات مان عجيب آواز نڪتو جو نه آهه هئي ۽ نه ڪِنجهه. . . هُو وري ڪم ۾ لڳي ويو.

"توهان آدي بڻيادي موچي آهيو؟" مسٽر لاريءَ هن کي ڏيان سان ڏسندي مان کي ٽوڙيو.

هن ڊيفارج ڏي پنهنجيون غمگين اکيون ڦيرايون، جڏ ته هن چاهيو پئي ته انهيءَ سوال جي جواب جو بار هُو کٽي. پر جڏهن هُنَ پاران کو به جواب نه مليس، ته اڳ ۾ ڏرتيءَ تي نظر وڌائين پوءِ مسٽر لاريءَ ڏي ڏسڻ لڳو.

"مان پيشيور موچي ناهيان... نه... جُوتا ناهڻ منهنجو ڌنڌو نه هو. اهو فن مون پاڻ سکي ورتو آهي."

"موڪل وٺي؟"

هُو خود فراموشيءَ ۾ ٻڏي ويو. کي گهڙيون اڳ وانگر هٽن کي ابتو سبتو ڪندو رهيو. هُنَ جون پٽڪيل نگاهون پوءِ هوري هوري ساٽس ڀالهائڻ واري جي چهري ڏي موٽي آيون ۽ اتي بيهي رهيون. هُو چرکي پيو. جڏ ڪنهن ننڍاکڙي وجود کي گذريل رات جي ڪا ڀالهه ياد اچي وئي هجي.

"مان موڪل وٺي وڃيءَ ڏکيائيءَ سان جُوتا ناهڻ سکيس ۽ تڏهن کان جُوتا ناهيندو پيو اچان." هُنَ جُوتو مسٽر لاريءَ کان واپس وٺڻ جي لاءِ هٿ اڳتي وڌايو ته هُنَ کيس سندس مُنهَن کي غور سان تڪيندي چيو "موسيو مينٽا توهان بلڪل وساري ويٺا آهيو؟"

هٿ مان جُوتو ڪري پيس ۽ هُو سوال ڪرڻ واري کي ڇِتائي ڏسندو رهيو.

"موسيو مينٽا" هن ڊيفارج جي ڪُلهي تي هٿ رکي پچيس، "ڇا توهان هِنَ ماڻهوءَ کي بلڪل وساري ڇڪا آهيو. هيڏي ڏسو.. مون ڏي ڏسو.. ڇا توهان پراڻي بينڪ مينيجر کي نه ٿا سڃاڻو. پراڻي نوڪر کي نه ٿا سڃاڻو. موسيو مينٽا پراڻي زماني جي ڪا وساريل ياد توهان جي دماغ ۾ نه ٿي ايري."

سالن تائين قيد پوڳڻ وارو همراهه ماڻ ڪيون، واري واري سان ڪڏهن مسٽر لاريءَ کي ۽ ڪڏهن ڊيفارج کي تڪيندو رهيو. سڃاڻپ جا نقش جيڪي ورهين کان ڌنڌلا پئجي ويا هيا، سي هوري هوري ويسر

جي ڪارن ڪڪرن کي چيري، سندس پيشانيءَ تي اُپرڻ شروع ٿيا ۽ وري گڏوچڙ ٿي ويا. اوندهه ۾ ٻڏي ويا ۽ گم ٿي ويا. پر هڪ گهڙيءَ لاءِ انهن جي جملڪ ضرور نظر آئي هئي. چوڪري ۾ پت سان لڳي اڳتي کسڪي آئي هئي، جتان ٻيهي هُوءَ ڪيس ڏسي رهي هئي. هُنَ جي چهري تان ۾ اهڙا ئي جذبا اُپري رهيا هيا. اُهي هٿ جيڪي شايد هن ڊپ وچان هن کان بچڻ لاءِ ۽ هن جي شڪل کي نظرن کان پري رکڻ لاءِ کنيا هئا، سي هاڻي پيار وچان موچيءَ ڏي وڌي رهيا هيا. هُو انهن ڪنبندڙ هٿن سان هن جو مُرجهايل مک، پنهنجي سيني سان لائڻ لاءِ بي قرار هئي. هُوءَ پنهنجي پيار وسيلي اُنَ ۾ ٻيهرساهه وجهڻ لاءِ بي چين هئي. هڪ ئي جذبو ٻنهين ۾ جوش کائي رهيو هو جڏ ته ڪُراڙي جي مُنهَن تان روشني ڇڪجي، هُنَ جي جوان ۽ حسين چهري ۾ سمائجي وئي هجي.

هن تي وري اونداهي ڇانئجي وئي. هُنَ بار بار ڏرتيءَ کي تکڻ کان پوءِ، ٿوريءَ بي ڌياني وچان ٻنهي کي ڏٺو. . . جُوتو کنيو ۽ ڪم ۾ غرق ٿي ويو.

"توهان مسٽر لاري کي سڃاتو؟ موسيو!" ڊيفارج هورڙيان چيس.

"ها. . . ڪن پل لاءِ اڳ ۾ منهنجو خيال هو ته سموري ڪوشش اجائي آهي، پر هڪ گهڙيءَ لاءِ اها ڄاتل سڃاتل شڪل مون کي ياد اچي وئي. . . هُش. . . خاموش. . . پري ٿيو. هُش!"

چوڪري پٺ کان پري ٿي. هُنَ جي بينچ جي ويجهو آئي. جنهن تي هُو ويٺو هو. هُنَ جي بي خبري ۽ لاعلمي وڏي تڪليف ڏيندڙ هئي. . . جيڪڏهن هُو چاهي ها ته ڪم ڪندڙ هٿ اڳتي وڌائي. هُنَ کي ڇُهي سگهي ها. هُوءَ ماڻ ڪيون، ٻنان ڪجهه ڪُڇڻ جي سانت ۾ هڪ وهم جيئن بيٺي رهي ۽ هُو پنهنجي ڪم ۾ ٻڏل رهيو. پر ترت ئي هُنَ کي جُوتا سبڻ جا اوزار بدلائڻ لاءِ اڳتي ٽيڙو پيو. هُو چمڙو ڪپڻ وارو چاڪُون ڪڍڻ پيو گهري، جيڪو ان پاسي پيو هو. جاڏي چوڪري بيٺي هئي. هُو چاڪُون ڪڍي ڪم شروع ڪرڻ وارو ئي هيو جو هن جي اک وڃي چوڪريءَ جي گائون جي ڪناري تي پئي. هن اکيون مٽي

کنيون ۾ چوڪريءَ جي چهري ڏي ڏٺو. مسٽر لاري ۾ ڊيفارج چرڪ پري اڇتي وڌيا. پر چوڪريءَ کين هٿ جي اشاري سان روڪي چڏيو. هُو ڊڄي رهيا هيا تہ هُو چوڪريءَ تي چاڪُونءَ سان وار نہ ڪري ڏئي. . . پر هُوءَ بلڪل ڊنل ڪانہ هئي.

هُو اڪيون ڦاڙي وحشت وچان ڪيس ٽڪيندو رهيو پوءِ هن جا چَپ چُريا. پر سندس آواز نہ نڪري سگهيو. نيٺ هن اُڪڙيل ساهن تي قابو پائي چيو "هي چا هي؟"

ڳوڙها بي اختيار هُنَ جي ڳلن تان وهي رهيا هيا. هُنَ پنهنجن هٿن جو آڳريون چُمي هُنَ ڏي وڌايون. پوءِ ٻئي هٿ سيني سان ائين لائي چڏيائين جڙ تہ هن جو اُجڙيل مٿو پنهنجي چاتيءَ سان لائي رهي هجي.

"تون جيلر جي ڏيءُ تہ ناهين؟"

"نہ" هُنَ ٽڏو ساهہ کڻي چيس.

"ڪير آهين تون؟"

هُنَ کي پنهنجي آواز تي پروسو نہ هو ان ڪري ماٺ ميٺ ۾ اڇتي وڌي. سندس ويجهو بينچ تي وڃي ويهي رهي. هُو ڊڄي پوئتي ٽي ويو. پر هن پيار وچان پنهنجو هٿ سندس ٻانهن تي رکي چڏيو. هُنَ جي ان حرڪت تي ڪُراڙي کي پنهنجي جسم ۾ هڪ عجيب قسم جي لهر ڊوڙندي محسوس ٿي ۽ سندس پورو بدن ڏکي ويو. هُنَ اوزار کي هورڙياڻ رکي چڏيو ۽ خاموشيءَ سان سندس مُکَ تي نظرون کپائي چڏيون. چوڪريءَ جا سونهري وارَ جيڪي لاپرواهيءَ سان پوئتي ورايل هيا، سي ڏڳهن ڏڳهن گولن جي صورت ۾ سندس ڳچيءَ ۾ اڇي پيا هئا. هُنَ ڊڄندي ڊڄندي هٿ اڇتي وڌائي، انهن وارن کي هوري هوري هٿ ۾ ورتو ۽ غور سان ڏسڻ لڳو. هُو وري ڪم ٽي ويو ۽ سڀ ڪجهہ وساري ٽڏو ساهہ پري ۽ وري ڪم ڏي ڏيان ڏئي چڏيائين.

پر گهٽيءَ ديرَ لاءِ نہ. چوڪريءَ هن جو هٿ چڏي، پنهنجو مٿو سندس ڪُلهي تي لاڙي چڏيو. هُنَ ٻہ ٽي ڀيرا کيس ڏٺو جڙ تہ جاڻڻ چاهيندو هجي تہ هُوءَ واقعي حقيقت آهي يا رڳو سندس وهم. پوءِ هُنَ

پنهنجي قميص جي ڪچيءَ ۾ هٿ وجهي. هڪ لوڙ جي شڪل جو تعويذ ڪڍيو ۽ ان کي گوڏي تي رکي کوليو. انهيءَ ۾ ڪي ٻه چار وار پيل هيا. بس اهي ئي ڪي ٻه ٽي ڪڪا وارَ جيڪي هُنَ ورهيه اڳي آڱر جي چوڌاري ويڙهي، چڱ ٽاهي رکيا هيا.

هن وري چوڪريءَ جا وار هٿ ۾ ڪٽي غور سان ڏٺا ۽ چيو "بلڪل ساڳيا آهن. پر اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. ڪڏهن جو واقعو آهي. ڪيئن ٿيو هو؟"

هُنَ جي نرڙ تي ٻڏتر ۽ پريشانيءَ جي ڪري وڏا گهنج پئجي ويا. بلڪل اهڙا ئي گهنج هُنَ چوڪريءَ جي نرڙ تي ڏٺا. هُو چوڪريءَ کي سوجهري ڏي ڪري غور سان ڏسڻ لڳس.

"اُنَ رات جڏهن منهنجي پيشيءَ جو حڪم آيو هو تڏهن هُنَ پنهنجو ڪنڌ منهنجي ڪُلهي تي لاڙي ڇڏيو هو. هُوءَ منهنجي وڃڻ جي خيال کان ڊنل هئي. ۽ مون کي وري کو به ڊپ نه هو ۽ جڏهن هُو مون کي اُترئين برج کان پڪڙي وٺي آيا، تہ هي وار منهنجي ڪُلهي تي هيا. 'هنن وارن کي مون وٽ رهڻ ڏيو. اهي مون کي جسماني طور تي ڇڪي نڪرڻ ۾ ڪا مدد نہ ٿا ڪري سگهن. بس روحاني طور تي قيد جون سختيون دُور ڪري سگهن ٿا.' اهي ئي لفظ ان مهل مون چيا هيا، مون کي چڱيءَ طرح ياد آهن."

چوڻ کان اڳ، هن ڪيئي ڀيرا انهن لفظن کي پنهنجي مُنهن ورجايو پر جڏهن چوڻ جي لاءِ ڪيس لفظ ملیا تہ اهي سُلجهيل ۽ دوستاڻا هيا، ڪٽي جو هُو هوري هوري ڳالهائي رهيو هو.

"هي ڪهڙو قصو هو. . . چا اها تون هئينءَ" هُو هڪدم چوڪريءَ ڏي مُڙيو. تہ مسٽر لاري ۽ ڊيفارج ڊڄي اڳتي وڌيا. پر هُو وڏي سڪون سان سندس پڪڙ ۾ وينل رهي ۽ ڏاڍي ڏيمي آواز ۾ ٻاڌائي هنن کي چوڻ لڳي:

"مهرباني ڪري توهان وچ ۾ نہ اچو نہ ڪجهہ ڳالهايو ۽ نہ اسان وچ ۾ دخل نہ ڏيو."

"ٻڌو، هي ڪنهن جو آواز هوا" ڪراڙي چرڪ پري چيو.

هُنَ چوڪريءَ جا هٿ چڏي ڏنا. هڪ آهه پريائين ۾ پوءِ بدحواس ٿي، ٻنهي هٿن سان پنهنجا وارَ پٽڻ لڳو. پر ترت ئي هن جي گهبراهٽ ختم ٿي وئي. سواءِ جُوتا ناهڻ جي هُنَ جي دماغ مان ٻيو سڀ ڪجهه ميٽجي ويو هو. هن پنهنجو تعويذ ويڙهي قميص اندران لڪائي چڏيو پر چوڪريءَ کي ڏسي ڏسي حسرت وچان ڪنڌ لوڏيندو رهيو.

"نه نه تون ڏاڍي ننڍڙي آهين. ڏاڍي پياري آهين. اهو ممڪن ئي ناهي. تون قيديءَ جي حالت ڏسي رهين آهين. هي اهو هٿ ناهي، جنهن کي هُوءَ سُجاڻيندي هئي. هي مُکُ به اهو ناهي، جنهن کان هُوءَ واقف هئي... نه ئي اهو آواز آهي، جيڪو هُوءَ ٻڌندي هئي... نه نه هُوءَ ڪڏهن جيئري هئي. اترئين برج ۾ سالن جا سال گذارڻ کان اڳ هُو به جيئرو هو. تنهنجو نالو ڇا آهي؟ منهنجا معصوم فرشتا!"

هُنَ جي نرم ۾ پيار پرئي آواز سان چوڪريءَ ۾ ڪجهه همت پيدا ٿي ۾ هُن گوڏن ۾ جهڪي، ٻاڏائڻ واري انداز ۾، پنهنجا هٿ هُنَ جي سيني تي رکي چڏيا.

"جناب! وري ڪنهن ٻئي پيري توهان کي منهنجو نالو معلوم ٿي ويندو. منهنجي ماءُ ڪير هئي. منهنجو پيءُ ڪير هو ۾ ڪيئن مان پاڻ هن جي ڏک پريل ڪهاڻي کان بي خبر رهيس؟ مان توهان کي هتي ۾ هن وقت ٻيو ڪجهه ٻڌائي نه ٿي سگهان. هن مهل ته مان توهان کي بس ايتري التجا ٿي ڪيان ته مون کي چاتيءَ سان لائي پيار ڪريو. منهنجا پيارا، منهنجا عزيز... !! منهنجي حق ۾ دعا ڪيو. مون کي پيار ڪيو."

هن جي اڇن وارن مٿان چوڪري جي ڳڪن وارن جا شعاع پٽجي رهيا هيا. جڏ ته هن جي آزادي جي نور جو پرتوو پٽجي رهيو هيس.

"جيڪڏهن توهان کي منهنجي آواز ۾ اهو گيت ٻڌڻ ۾ اچي، جيڪو هن جي منڍي آواز جهڙو آهي، جيڪو ڪڏهن توهان جي ڪنن ۾ رس اوتيندو هو ته پوءِ خوب روئو. جيڪڏهن توهان کي منهنجي وارن جي ڇُهاءَ سان، ان پياري مٽي جو ڇُهاءُ ياد اچي رهيو آهي، جيڪو ڪڏهن توهان جي سيني سان لڳل هوندو هو جڏهن

توهان جوان هيا، آزاد هيا، تہ پوءِ اُنَ جي ياد ۾ ڳوڙها وهايو. اسان جو هڪ گهر هوندو جتي مان جِند جانِ سان توهان جي خدمت ڪنديس، توهان جي نگهباني ڪنديس، جيڪڏهن توهان کي هن گهر جي ذڪر ڪرڻ تي، ان گهر جي ياد اچي وڃي، جيڪو سال ٽيا جو اُجڙي ويو آهي ۽ توهان ان جي غم ۾ ڳري ويا آهيو تہ ان جي ياد ۾ دل سان ڳوڙها وهائي هنيانءَ ٺڏو ڪيو."

"منهنجا پيارا!... توهان جي ڏکن جو زمانو گذري چڪو. مان توهان کي هتان وٺي وڃڻ لاءِ آئي آهيان. انگلينڊ ۾ اسان آرام ۽ سکون سان زندگي گذارينداسين. جيڪڏهن ان ڳالهہ تي توهان کي پنهنجي تباهہ ٿيل زندگي جو خيال اچي وڃي تہ اها ڪارائتي زندگي، جنهن کي اسان جي بي رحم وطن فرانس متيءَ ۾ ملائي ڇڏيو تہ پوءِ ڳوڙها وهائي، هنيانءَ ناري هلڪو ڪيو.. ۽ جڏهن مان توهان کي پنهنجو نالو ٻڌايان تہ ۽ اهو ٻڌايان تہ منهنجو بابو ڪير آهي ۽ اهو جيئرو آهي ۽ مُنهنجي امان وفات ڪري چڪي آهي ۽ جڏهن توهان کي اها خبر پوي تہ مان پنهنجي مانَ واري پيءُ اڳيان گوڏن ڀَرِ جهڪي، ان کان معافي طلبي رهي آهيان، ۽ مان اٽڄاڻ رهيس ۽ منهنجي پيءُ جي منهنجي ماءُ جي جدائي ۾ ننڍ حرام رهي ۽ مان انهن جي لاءِ ڪجهہ ڪري نہ سگهيس ۽ اهو بہ تہ منهجي ماءُ پنهنجا ڏک مون کان لڪايا، تہ توهان منهنجي ۽ منهنجي ماءُ جي بدنصيبيءَ تي ڳوڙها وهايو. منهنجا مهربانَ... يا خدا، تنهنجا هزار شڪرانا... ورهين جي ٻُڌَ ۽ سهپ کان پوءِ، اڄ هي ڳوڙها وهي نڪتا... هن جا سڏڪا منهنجو هنيانءُ ڦاڙي رهيا آهن... او منهنجا ڏٺي! تنهنجا لک لک شڪرانا!"

ڪيڏو نہ دل ڏارينڊڙ منظر هو. هُو هن جي هٿن ۾ بيهوش ٿي ويو هو. هن جو متو چوڪريءَ جي چاتيءَ تي لڙڪيو پيو هو. منظر سهڻو هو پر ان جي پويان سيئي ڏک ۽ ظلمَ لڪل هيا. جيڪي ڏاڍا ڏکوئيندڙ ۽ پوائٽا هيا... ڏسڻ وارن پنهنجا مُنهَن ڇپائي ڇڏيا.

گھٽي دير تائين ڪونڊيءَ ۾ مات ڇانيل رهي. ڏک پريل ساهن ۾ سڏڪن سان ڏڪندڙ جسم کي سڪون اچي ويو. جيئن هر طوفان کان پوءِ سڪون ڇانئجي ويندو آهي، زندگي به هڪ پوائتو طوفان آهي ۽ ان کان پوءِ سڪون ۽ آرام انسان جو انجام آهي. تڏهن هُو پيءُ ۽ ڏيءُ کي سامت ۾ آڻڻ لاءِ اڳتي وڌيا. هُو هوري هوري زمين تي اچي رهيو هو ۽ ٿڪ جي ڪري بي سُڌ پيو هو. ڏيءُ به سُرڪي هن جي ويجهو اچي بيٺي هئي. ته جيئن هن جو ڪنڌ پنهنجن هٿن تي ٽِڪائي سگهي. هن جا گهاٽا وار پيءُ جي چهري تي اچي پيا هيا.

جڏهن مسٽر لاري ڳوڙها اُگهندي هُنَ کي کڻڻ لاءِ جهڪيو تڏهن ڇوڪريءَ کيس هٿ جي اشاري سان روڪي چيو "هُنَ کي پريشان ڪرڻ کان سواءِ جيڪڏهن کيس پيرس کڻي وڃڻ جو انتظام ٿي وڃي ته . . "

"پر اهو ته سوچيو هي سفر ڪرڻ جهڙو آهي." مسٽر لاريءَ پڇيس.

"هن پوائتي شهر ۾ جتي مٿس ايترا ظلم ٿيا آهن. رهڻ کان وڌيڪ هُو هتان وڃڻ کي ترجيح ڏيندو."

"اها ڳالهه صحيح آهي." ڊيفارج چيو جيڪو هُنَ جي پرسان ئي اِها ڳالهه ٻڌڻ لاءِ جهڪيل هو. "ان کانسواءِ موسيو مينٽ جو فرانس مان هليو وڃڻ ئي بهتر آهي. چئو ته مان گاڏيءَ ۾ گهوڙن جو انتظام ڪيان."

"ڪاروباري مامرو آهي ۽ ڪاروبار جون ڳالهيون منهنجي ذمي آهن." مسٽر لاريءَ موقعو ڏسندي ئي وڏي رُکي انداز ۾ چيو.

"ته مهرباني ڪري اسان کي هتي ڇڏي وڃو." مس مينٽ عرض ڪيو "توهان ڏسي رهيا آهيو ته هن کي ڪيڏو نه سڪون ملي رهيو آهي. مون سان هن کي ڇڏي وڃڻ ۾ توهان کي روڪ محسوس نه ڪرڻ کپي ۽ پريشان ٿيڻ جو ڪو سبب ناهي. جيڪڏهن توهان باهران تالو هٽي وڃو ته اسان کي ڪو پريشان نه ڪندو. مون کي پڪ آهي ته توهان موٽي ايندئو ته هن کي ائين ئي پرسڪون پائيندئو. هُونءَ به مان توهان جي موٽڻ تائين هن جي سار لهنديس. پوءِ اسان هن کي سڏو هتان وٽي ويندا سين."

مسٽر لاري ۽ ڊيفارج ٻئي اهڙي فيصلي تي ٿورو هبڪي رهيا هيا. هنن جو خيال هو ته ٻنهي مان هڪ کي اُتي رهڻ ڪپي، پر جيئن ته وقت گهٽ هو. رات ٿي رهي هئي ۽ هاڻ گاڏيءَ ۽ سفر جي لاءِ ضروري ڪاغذن جو انتظام ڪرڻو هو. نيٺ پچاڙيءَ جو هنن پنهنجي سهوليت خاطر ڪم ورهائي ورتو.

جڏهن رات ٿي وئي. چوڪري زمين تي پيءُ جي ويجهو پٽ تي مٿو رکيون ليٽي، پيءُ کي تڪي رهي هئي. اوندهه وڌندي ٻئي وئي ۽ هُو ٻئي ماڻ ڪيون پيا هيا. ايتري ۾ پت جي سوراخن مان هن کي سوجهري جي چمڪ ڏسڻ ۾ آئي.

مسٽر لاري ۽ ڊيفارج سفر جي پوري تياري ڪري ورتي ۽ پنهنجي سفر لاءِ وڇهڻ وڇائڻ واري سامان ۽ ڪپڙن کان سواءِ گوشت، ماني، شراب ۽ گرم ڪافي به وٺي آيو هو. ڪمري ۾ رکو هڪڙو پلال جو هنڊ پيل هو. موسيو ڊيفارج اهو هنڊ به گاهه طور ساڙ ڪڍي ورتو. لالٽين کي جُوتا ٺاهڻ واري جي بينچ تي رکيو ويو ۽ مسٽر لاري جي مدد سان ڪراڙي ماڻهوءَ کي ڪڍڻ لڳا.

انساني عقل انهن ڳجهن جي ته تائين نه پهچي رهيو هو جيڪي انهن خالي خالي اکين ۽ ڊنل چهري جي پويان لڪل هئا. چا هُنَ کي خبر هئي ته هي سڀ چا ٿي رهيو آهي. انهن کي ڪجهه به ياد نه هو ته هن کي هنن ماڻهن چا چيو هو. چا هن کي خبر هئي ته هُو آزاد ٿي چڪو آهي؟ انهن سوالن جو جواب ڪنهن به سياڻي وٽ نه هو. مسٽر لاري ۽ ڊيفارج هن سان ڪجهه ڳالهائڻ گهريو پر هن جي وحشت کان ڊڄي ويا. چو ته هُو به هبڪي هبڪي، وچڙيل ڳالهيون ڪرڻ لڳو هو. ان ڪري ٻنهي فيصلو ڪيو ته هن کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏجي. هُنَ ڏاڍي وحشياڻي انداز ۾ بار بار پنهنجو مٿو ٻنهي هٿن سان پڪڙي ٿي ورتو. اڳ ۾ ته هُو ائين نه ڪندو هو. تنهن هوندي به هُنَ کي پنهنجي ڏيءُ جو آواز ٻڌي، ڪجهه خوشي ٿي رهي هئي ۽ جڏهن هن ڳالهايو پئي ته هُو ترت هن ڏي ڏيان ڏرڻ پئي لڳا.

هُو ڏاڍي پريو حڪم مڃڻ جو ايترو ته هيراڪ ٿي ويو هو جو بنان ڪنهن ڇُوچَڻ جي، ڪيس جيڪو ڪجهه ٻه ڏنو ويو سو هن ماڻ ڪري کائي ورتو جيڪو لباس پائڻ ۽ ڪمبل اوڙهڻ لاءِ ڏنو ويو سي پاتائين. پر جڏهن ڏيئ هن جو هٿ پڪڙيو ته وڏيءَ هوشياريءَ سان سندس هٿ پنهنجين ٻانهُن ۾ وجهي، ٻنهي هٿن ۾ پڪڙي ورتائين. هُو هيٺ لهڻ لڳا. موسيو ڊيفارج روشني لاءِ اڳيان اڳيان هو ۽ مسٽر لاري هِنَ ننڍڙي جلوس جي پويان هلي رهيو هو. ٻه چار ئي ڏاڪا هيٺ لٿا هوندا، جو موسيو مينٽ بيهي رهيو. هن پٽين درن تي هڪ نظر وڏي،

"بابا! توهان کي هي جڳهه ياد آهي. توهان هتي آيا هيا؟ ياد آئُو."

"چا چيو توهان؟"

پر ان کان اڳ جو هُو پنهنجي سوال کي ورجائي، هن جھيٽي آواز ۾ چيس، "ياد آهي. . . ! نه مون کي ڪجهه ٻه ياد ناهي. . . ڪيترن سالن جي ڳالهه آهي!"

سندس جواب مان اهو ظاهر ٿي ويو ته هن کي بلڪل ياد ناهي ته هن کي جيل مان هن گهر ۾ آندو ويو هو. . . پوءِ هن بڙبڙ ڪئي، "هڪ سئو پنج. . . اتريون برج. . ." ۽ جڏهن هن چٽني پاسن ڏي اک ڦيرائي ته ائين پئي لڳو ته هُو ان مضبوط قلعي کي ڏسي رهيو هجي، جتي هُو ايترو عرصو قيد رهيو هو. هُو آڪر ۾ پهچي، لاشعوري طور تي چرڪي ويو. جڏ ته ڪيس انتظار هو ته هاڻي قلعي جو ڦاٽڪ کلندو ۽ ڪاهيءَ واري پل هيٺ لاٿي ويندي. سامهون گاڏي بيٺل ڏٺائين ته هُنَ ڏيئ جو هٿ چڏي ڏنو ۽ پنهنجو مٿو ٻنهي هٿن ۾ پڪڙي ورتو.

در وٽ ڪو به ميڙ نه هو. درين ۾ به ڪو نظر نه پئي آيو. گهٽيءَ مان ڪو پٽڪيل پانڌي به نه پئي گذريو. هڪ اڻ ڏٺل خاموشي ۽ ماڻ ڇانيل هئي. رڳو ميئر ڊيفارج هئي، جيڪا اڪيلي در لڳ ويٺي اُڏت ڪري رهي هئي. هُوءَ ڪجهه ٻه ڏسي رهي هئي.

قيدي ۽ سندس ڏيئ گاڏيءَ ۾ ويهي چڪا هيا. مسٽر لاري چڙهڻ وارو ئي هو جو قيديءَ پنهنجا جُوتا ناهڻ وارا اوزار آڻڻ جي سَڏَ

ڊيڪاري مسٽر لاري چرڪجي ويو. ميلبم ڊيفارج ٽڪڙ ۾ پنهنجي مڙس کي پڪاري چيو ته هُوءَ اجھو ٽي آٽي اوزار. . . ۾ هُوءَ سوئيٽر آڻندي روشني مان لنگھي آڪر ٽپي وئي. هُنَ ٽڪڙ ۾ اوزار آندا ۽ پوءِ در کي ٽيڪ ڏئي بيھي رھي ۽ اٽيندي رھي. . . هن ڪجھ نہ ڏٺو! هُوءَ ڪجھ نہ ڏسي رھي ھئي. ڊيفارج ڪوچوان جي پر ۾ ويجي وينو ۽ ڪيس سرحد طرف ھلڻ جو حڪم ڏنائين. ڪوچوان پنهنجي هنٽر کي ڦڙڪايو ۽ گاڏي مٽان لڙڪيل سڙڪ وارين جھيٽين ڏڪندڙ لالٽينن جي پاڇي ۾ رواني ٿي وئي.

۽ مٽي جھولندڙ لالٽين. . . مٽي. . . ڏڏندڙ روشنيون! جيڪي سھٽين سڙڪن تي جڳمگائي رھيون ھيون. . . ۽ گنديون گھٽيون ڏنڊ ۽ دونھين سان پريل ھيون. گاڏي انھن جي پاڇي ۾ ھلندي پئي وئي. روشنيءَ سان منور دڪان ۽ ڪلندڙ ڳالھائيندڙ انسانن جي پاسي مان لنگھندي. . . لش پش ڪافي خانن ۽ ٿيٽرن جي درن سامھون ٽيندي. شھر جي ڦاٽڪ جي ويجھو اچي پھتي. ڦاٽڪ تي بيئل سپاھين چيو "پنهنجا ڪاغذ ته ڊيڪاريو صاحبو!"

"هي ڏسو. . . آفيسر سائين!" موسيو ڊيفارج گاڏيءَ مان هيٺ لھي. هن کي ھڪ پاسي وٺي ويندي چيو "هي ڪاغذ انھن ڪراڙن صاحبن جا آھن. جيڪي گاڏيءَ ۾ وينا آھن. اھي مون سان گڏ آھن. . . هي ڪاغذ. . . هي منهنجي ھٿ ۾ ڏنا ويا ھيا. . . هي. . ." هن پنهنجو آواز ڏاڍو جھيڙو ڪري ورتو. فوجي لاٽينن ۾ ھل چل مچي وئي. ھڪڙو وردي پوش ھٿ. لالٽين سان گڏ گاڏيءَ ۾ داخل ٿيو. . . وردي پوش. اکين اندر ضعيف انسان جي صورت ۾ اھو نظارو ڏٺو جيڪو ھر ڪنهن ڏينهن رات نظر نہ ايندو آ.

"سڀ ٺيڪ آھي. اڳتي وڌو." وردي‌ءَ واري چيو.

"خدا حافظ!" ڊيفارج چيو.

گاڏي ھلندي رھي. لالٽينن جون روشنيون ڏنڊليون ٽيندیون رھيون. ايتري تائين جو غائب ٿي ويون ۽ گاڏي تارن جي ڇانوَ ۾ ھلندي رھي.

انهن ماڻ ۾ ابدي روشنين جي پاڇي هيٺان . . غير فاني روشنيون . . . جن مان ڪي ته زمين کان ايترو ته پري هيون جو سائنسدانن جو چوڻ آهي ته انهن جي شعاعن جو هن دارالاسباب تائين پهچڻ ۾ شڪ ۾ آهي. رات جا اونداهاپاڇا ٽڪجندا پئي ويا. صبح تائين سيءَ ۾ پريشانيءَ جي گهڙين ۾ اهي پاڇا، مسٽر لاري جي ڪنن ۾ اهي ئي ڳالهيون ڪندا رهيا. مسٽر لاري قبر کوٽي ڪيبل مردي جي سامهون ويهي حيران هيو ته ڪهڙيون قوتون هن دماغ ۾ وري ٻيهر بيدار ٿي سگهن ٿيون ۽ ڪهڙيون قوتون سدائين لاءِ فنا ٿي چڪيون آهن.

"چا تون نه ٿو چاهين ته ٻيهر زندگي ملي."

۽ اهوئي پراڻو جواب.

"خبر ناهي."

كتاب ٻيو

سونهري لاڳاپو

باب پهريون

پنجن ورهين کان پوءِ

1870ع ۾ بہ ٽيلسن بينڪ جي بلڊنگ، ٽيمپل بار جي سامهون هئي. اها ڏاڍي پراڻي هئي. اها ڏاڍي سوڙهي، وڏي اُونداهي، گهٽي بدشڪل ۾ رهڻ جي لاءِ ڏاڍي تڪليف ده جڳهه هئي. اها هڪ پراڻي ڊنگ واري عمارت هئي ۾ بينڪ جي پائيوارن کي اِنَ جي گهٽيل ماحول تي ڏاڍو فخر هو. هن جي اونداهيءَ تي فخر هُيُنِ، هن جي بدشڪلائپ ۾ رهڻ جهڙي نہ هجڻ تي فخر هُيُنِ. ايڏا بہ هُوان تي بہ فخر ڪندا هيا تہ اها پنهنجين خرابين جي مامري ۾ هڪڙي منفرد حيثيت رکندي هئي ۾ ڪين پوري پڪ هئي تہ جيڪڏهن ٽيلسن بينڪ جي بلڊنگ گهٽ خراب هجي ها تہ ايتري پروسي جوگي نہ هجي ها. اهي ان ڳالهہ تي ماڻ ڪري ويساهہ ڪرڻ بدران، باقاعدي ان ڳالهہ جو پڙهو گهمائيندا رهندا هيا.

ٽيلسن کي ٽوٽيون ٽيڪڻ لاءِ ڪنهن جاءِ جي گهرج نہ هئي.

ٽيلسن کي روشنيءَ جي گهرج نہ هئي.

ٽيلسن کي ڪنهن سجاوٽ جي پراوهہ نہ هئي. نوڪس اينڊ ڪويا سنوڪس برادرس کي اهڙي ڏيکاوَ جي ضرورت هوندي، پر ٽيلسن کي ڏٽيءَ جي ڪرمسان...

جيڪڏهن بينڪ جي ڪنهن پائيوار جو چوڪرو بلڊنگ جي ٻيهر تعمير جي ڳالهہ ڪندو هو تہ پيءُ ٻيٽي پير ڪيس ملڪيت مان عاق ڪري ڇڏيندو هو. ان مامري ۾ هن بلڊنگ جو هن ملڪ سان وڏو ڳٺ جوڙ هو. جيڪڏهن هن ملڪ جا نوجوان ڪڏهن ڪنهن اعتراض جوگي قانونن ۾ ريتن رسمن ۾ ڪا ترميم ڪرڻ جو سوال پيش ڪندا

ھنا تہ ترت ئي ملڪيت مان بي دخل ڪيا ويندا ھيا. جيئن تہ اھي خرابيون گھٽي آڳاٽي دور کان ھلندیون پئي آيون، تنھنڪري سمجھيو اھو ويندو ھو تہ پراڻي دور جي اھا ميراث جيتري گھٽي اعتراض جوڳي آھي، اوتري ئي اھا وڌيڪ قابل قدر آھي.

انھن ڪارڻن جي ڪري ٽيلسن بينڪ ھڪڙي تڪليف ڏينڈڙ جاءِ ھئي. در کوليو تہ ان مان ھڪ اھڙو تہ چُوچت جو آواز نڪرندو ھو. ڇڙ تہ ڪنھن مرڻ گھڙيءَ کي پھتل مريض جي سڪرات ھلي رھي ھجي. در کُلندي ئي توھان ۾ ڏاڪا ھيٺ بينڪ ۾ ڏُو وڄي ڪرندئو. جڏھن توھان جا ھوش ٺورا جاءِ تي ايندا تڏھن توھان کي ھڪ ننڍڙي دڪان ۾ ۽ ننڍڙيون ميزون نظر ايندیون ۽ توھان جو ڇيڪ ھڪ جھُور ڪراڙي ڪلارڪ جي ھٿ ۾ ائين ڏڪندو ڇڙ تہ ڪا آنڊاري ڪيس ڏڙڪائيندي ھجي. ھُو پنھنجين چُنجھين اکين سان، ٻُوساڻ ٻريل اونداھين درين جي روشنيءَ ۾، جنھن مان فليٽ اسٽريٽ مان اڏي آيلَ گپ جو مينھُن وسندو ھو، توھان جي صحي سڃاڻپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. اھي دريون پاڻ کھڙيون گھٽ اونداھيون ۽ ٻُوسڻَ ٻريل ھيون. جو وري رھيل سھيل روشني ٽيمپل بار جي وڏي ڏِگھي بلڊنگ روڪي ورتي ھيس. جيڪڏھن ڪاروبار جي سلسلي ۾ توھان کي مينيجر سان ملڻو پوي تہ توھان کي پوئين حصي ۾ ھڪ ڪال ڪوٺڙي ۾ ويھاريو ويندو، جتي توھان کي پنھنجي زندگيءَ جا سڀ کان وڌ اونداھا پاسا ياد اچڻ لڳندا. تڏھن مينيجر کيسن ۾ ھٿ وجھيون ايندو، توھان ڏاڍي تڪليف سان ھن کي ڏسڻ لاءِ اکيون ٽِپيندا رھجي ويندئو. توھان جي ڏوکڙن جي ڏي وٺ اُڏھيءَ کاڏل ميزن جي پراڻن خانن ۾ ٽيندي، جڏھن اھي خانا کوليا ۽ بند ڪيا ويندا، تڏھن انھن مان اٽندڙ ٻُورو ۽ ڏُوڙ توھان جي نڪ ۾ گھڙي ويندا. بينڪ جي نوٽن مان پراڻي اوسني ڏپ ايندي، جڏ تہ اھي وري ٽڪڙيون ٻڌجي وڃڻ وارا ھجن. توھان جون اَملھ شيون ويجھي واري ڪنھن خاني ۾ ڏَھيون ڦُسيون ويندیون، جتان اھي ڪِنَ ۾ ٻڌي، ترت ئي ھڪ ٻن ڏينھن ۾، پنھنجي سونھري چمڪ وڃائي ويھنديون. توھان جا ھُنديءَ وارا

ڪاڻڪر، انهن ڪونڙين ۾ رکيا ويندا، جيڪي اڳ ۾ رڌڻي ۽ ٽانون ڏوئڻ جون ڪونڙيون هيون، جن ۾ پوءِ ماريون ٺاهيون ويون. انهن ميڙ هنيل ڪپڙن جو سڄو سٽيءَ هتي چُوسِجي ويندو. توهان جون پيتيون هن ڪمري ۾ رکيون ويندیون، جتي ڪاڏي واري ميز لڳل آهي، پر ان تي ڪنهن به ڪڏهن ماني ناهي ڪاڏي ۽ اُتي توهان جو پهريون محبت نامو يا توهان جي ٻارن جا پهريان خط رکيل هوندا، جن کي ٽيمپل بار تي ٽنگيل مٿا، پنهنجين مئل اکين سان تڪيندا رهندا هيا. 1780ع ۾ اها وحشيانڻي ۽ پوائتي رسم جاري هئي، جيڪا رڳو آشتي ۽ ابي سينيا کي ئي سُونهين پئي ۽ هنن ئي ڏينهن ۾ ان تي روڪ هنئي وئي هئي.

پر هن زماني ۾ موت جي سزا ڏيڻ، هر طبقي ۽ ڏنڈي لاءِ وڏو ڪارائتو نسخو سمجهيو ويندو هو. خاص طور تي ٽيلسن بينڪ کي ته ان ماميءَ ۾ مٽيرائپ مليل هئي. قدرت موت کي هر مرض جي دوا بڻايو آهي ته پوءِ قانون ڇو ان نسخي کي استعمال نه ڪري، ان ڪري هر اهو ماڻهو جيڪو ڪُوڙي صحي ڪندو هو سو موت جي منهن ۾ ڏنو ويندو هو. ڪو غلط نوٽ ڏيڻ وارو ماريو ويندو هو ڪو ڪنهن جو خط غير قانوني طور تي کوليندو هو ته ماريو ويندو هو ڪو چالیهه شلنگ ۽ ڇهه پنس ڦٻائي وڃندو هو ته ان جي منڊي لاٿي ويندي هئي. جيڪڏهن ٽيلسن بينڪ جي در مان ڪو گهوڙن جو رکوالو گهوڙو چورائي ويندو هو ته اُنَ کي ماري پورو ڪيو ويندو هو. ڪوڙا سڪا پَلٽڻ وارو موت جي سزا پائيندو هو. مطلب ته ڏوهه جا ساز گهٽو ڪري ٿي پاڳي ته ماڻ جي ماحول ۾ ٻوڙي ڇڏيا ويندا هيا. ائين ڏوهن ۾ ڪجهه ٽڏائي اچڻ بدران، مامرو رهندو به ابتو ٿي ويندو هو. پر ان طريقي سان سڄو جميڙو سولائي سان ختم ٿي ويندو هو ۽ اجاين ڪارروائين ۾ وقت نه وڃائبو هو. ٽيلسن بينڪ پنهنجي دور ۾ ۽ ٻين بينڪن وانگر ايتريون زندگيون نه ورتيون هيون، جو جيڪڏهن مُئلن جا مٿا ماڻ ۾ گم ڪرڻ بدران، جي انهن کي هڪ ٿَلهي جي صورت ۾ هڪٻئي مٿان رکيو وڃي ها ته جيڪا ٿوري گهٽي روشني بينڪ جي هيٺئين ماڙ تي ايندي هئي، اها به نه اچي ها.

ٽيلسن بينڪ جي صندوقن ۾ الماريون ۾ ڏهيل ڦُسيل جهُور ڳراڙا انسان، ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ سان ڪم ۾ رڌل رهندا هيا. جيڪڏهن ٽيلسن بينڪ جي لنڊن واري برانچ ۾ ڪو نوجوان شخص نوڪر رکيو ويندو هو تہ ان کي ڪٿي حفاظت سان لڪائي ڇڏيو ويندو هو ايسيتائين جو هُو ڪُراڙو ٿي ويندو هوءِ هن کي هڪڙي اونداهي جاءِ ۾ بند رکيو ويندو هو جيئن پنير کي رکيو ويندو آهي ۽ تيسيتائين کيس ٻاهر نہ ڪيڏندا هئا. جيسيتائين منجهس بينڪ جو ذائقو پيدا ٿي نہ ويندو هوءِ هن مٿان نيرانجهڙي ساول نہ جمي ويندي هئي. تڏهن ئي هُو نمائش لائق ڇاتو ويندو هو ۽ گهٽو ڪري تہ وڏن وڏن ڪتابن تي جمڪيل نظر ايندو هو. هن جي ڳلهڙن هيٺ لڙڪندڙ پتلون ۽ قميص مان ٽيلسن بينڪ جي ڪوري هجڻ جو چڱيءَ ريت اندازو ڪري سگهبو هو. ٽيلسن جي ٻاهران مٿئين ڪم جي لاءِ هڪڙو نوڪر رکيل هو. جيڪو چوڪيداري ۽ پٽيوالي واري ڪم تي لڳل هو ۽ بنان سڏ جي پاڻمرادو اندر نہ وڃي سگهندو هو. هُو دفتر ۾ هر وقت حاضر رهندو هو ۽ جڏهن ڪنهن ڪم سان ٻاهر موڪليو ويندو هو. تڏهن پنهنجي جاءِ تي پنهنجي پُٺَ کي ويهاري ويندو هو. اُهو جٽ لڳندڙ ڇوڪرو ٻارهن سالن کن جو هوءِ صفا پنهنجي پيءُ تي ويو هو. ماڻهن ڇاتو پئي تہ ٽيلسن بينڪ وارا وڏي شاندار انداز ۾، هن کي ۽ مٿيان ڪم ڪرڻ واري کي برداشت ڪندا هيا. بينڪ سدائين اهڙي قسم جي ماڻهن جي سرپرستي ڪندي هئي توڙي وقت ۽ تقدير ان ماڻهو کي اتي پهچائي ڇڏيو هو. هن جو خانداني نالو ڪرنچر هوءِ ننڍپڻ ۾ بپتسمي جي مدد سان، هائونبس ڊچ جي اوپارين ڳوٺ جي گرجا ۾، هن گناهه جو ڏنڏو ڇڏي، جيري جي نالي جو پُڇ هٽي ڇڏيو هو.

وهائٽ فريزر جي هينگنگ سوارڊ واري گهٽيءَ ۾، ان مسٽر ڪرنچر جو ذاتي گهر آهي. مارچ جي ٽڏي صبح جا ساڍا ست وڳا آهن. اهو 1780ع جو 'انوڊومين' جي هڪ ٽڏي مارچ جو صبح آهي ۽ ساڍا ست وڳا آهن. 'انوڊومين' کي مسٽر ڪرنچر سدائين اينا ڊومينوز چوندو هوءِ سندس خيال اهو هو تہ عيسوي سن انهيءَ سال کان شروع

ٽيندو هو. جڏهن ان نالي واري هڪ عورت اها وٽندڙ ۽ دلچسپ راند ايجاد ڪئي هئي ۽ ان کي پنهنجو نالو ڏنو هو.

مسٽر ڪرنچر جي جاءِ ڪنهن خاص لطف پرئي محلي ۾ نه هئي. جيڪڏهن هڪ ڏهي ۾ هڪ شيشو لڳائجي ۽ ان کي هڪ ڪمرو سمجهيو ويجي ته هن وٽ به ڪمرا هيا، پر اهي ڏاڍي سليقي سان سجايا ويندا هيا. مارچ جو صبح هيو ۽ ڏاڍي هوا گهلي رهي هئي. جنهن ڪمري ۾ مسٽر ڪرنچر ستو پيو هو اهو خوب ڏوتو ويو هو ۽ ڪاٺ جي ميز تي هڪ صاف ۽ اڇو ڪپڙو وڇائي، نيرن جي لاءِ پيالين ۽ پليٽون سجايون ويون هيون. مسٽر ڪرنچر هڪ مشڪري جيئن، ٽڪرا ڳنڍي ٺاهيل هڪ سوڙ وجهيون. آرام ڪري رهيو هو. اڳ ۾ ته هُو وڏي سڪون سان ستو رهيو. پوءِ وڏيءَ بي چينيءَ وچان هيڏي هوڏي پاسا متائيندو رهيو ۽ پوءِ هُو بيبجي اُٿي ويهي رهيو. هن جا سخت ڪارا وارَ سندس مٿي تي ڪوڪن وانگر اُڀا ٿيا بينا هيا ۽ ائين پئي لڳو ته چادر انهن ڪوڪن ۾ ڦاسي. اڳڙيون ٽڳڙيون ٿي ويندي هن بيزار آواز ۾ چڙندي چيو "لعنت هجيس هُو وري لڳي وئي."

هڪ صاف ستري قسم واري سُگهڙ مائي، جيڪا ڪنڌ ۾ گوڏن ۾ جهُڪيل هئي، سا ٽڪر ۾ گهبرائجي اٿي. ته صاف ظاهر ٿي ويو ته هن جو ذڪر ئي ٿي رهيو هو.

"چورِڻي! تون وري لڳي پئي آهين؟" مسٽر ڪرنچر پلنگ هيٺان جُوتو ڪوليندي چيو.

اهي ٻه جملا گڏمارننگ طور چوڻ کان پوءِ ٽئين جملي جي جاءِ تي، عورت کي جُوتو اڇلائي هنيو ويو. جُوتو گپ ۾ ٽڪيل هو. گهر جي معاشي حالت جو اندازو ڪرڻ لاءِ، هت هن ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ ٻه اجايو نه هوندو ته جڏهن مسٽر ڪرنچر بينڪ جي ڪم کان موٽي ايندو هو ته هن جا جُوتا بلڪل صاف هوندا هيا، پر جڏهن هُو صبح جو اٺندو هو تڏهن هن جا جُوتا گپ ۾ ٽڪيل هوندا هيا. نشانو گُسي وڃڻ تي مسٽر ڪرنچر داءُ متائيندي چيو "فساد جي پاڙ!. . . ڪهڙا اِرادا آهن تنهنجا؟"

"مان تہ رڳو عبادت ڪري رهي هيس."

"عبادت ڪري رهي هُئينءَ . . واهَ! ڇا تہ لاجواب عورت آهي. سجدا ڪري ڪري دعائون گهري رهي آهي."

"مان تولاءِ بدعا نہ گهري رهي هيس. . . مان تہ تولاءِ دعائون گهري رهي هيس."

"تون مون لاءِ دعائون اصل نہ گهري رهي هُئينءَ. فرض ڪر تہ ڪٽي گهري ب رهي هُئينءَ. تڏهن ب مان ان دولاب ۾ اچڻ اوروناهيان. "پوءِ هن پُٽَ کي چيو" ۽ منهنجي زال کيڏي نہ پلي آهي. تنهنجي ماءُ تنهنجي پيءُ جي خوشحاليءَ خلاف دعائون گهري رهي آهي. واهَ . . ڇا تہ فرمانبردار عورت آهي تنهنجي ماءُ! هي ڏس ڏَکر پئي هٽي ۽ دعا پئي گهري تہ خدا هن جي پُٽَ جي وات مان رزق وارو گرهہ کسي وٺي." ننڍڙو ڪرنچر، جنهن کي رڳو قميص پاتل هئي، سو هن ڇالہ تي ڏاڍو ڪاوڙجي ٻيو ۽ پنهنجي ماءُ کي درڪا ڏيڻ لڳو تہ هن جي صندل کان پري بيهي عبادت ڪري.

مسٽر ڪرنچر پاڻ پنهنجي ڇالہ اڏ مان ڪٽيندي چيو "اي هوڏي عورت! تون ڇا ٿي سمجهين. اهو تہ ٻڌاءِ تہ تنهنجي دعائن جي قيمت انڪل ڪيتري هوندي؟"

"اهي دل مان نڪرنديون آهن. جيري! ۽ اهائي انهن جي قيمت آهي، انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهہ ب نہ."

"جي اهائي انهن جي قيمت آهي، تہ اهي بيڪار آهن. خير ڪجهہ ب هجي، مان توکي پنهنجي خلاف دعائون گهرڻ نہ ڏيندس! مان چوانءِ ٿو تہ منهنجي ايتري حيثيت ناهي. تنهنجي صفائي سٹرائي واري عادت جي ڪري مان نحوست برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان. جي توکي ٽَکر ئي هٽڻا آهن تہ پوءِ پنهنجي مڙس ۽ پُٽ جي خوشحالي لاءِ سجدا ڪر. نہ ڪي انهن جي تباهي لاءِ. جي منهنجي قسمت ۾ ڪا سُٹي زال لکيل هجي ها، يا هن چوڪري جي ڪا پلي ماءُ هجي ها ۽ گذريل هفتي پِٹُن پاراتن جي ڪري مون کي ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻ نصيب نہ ٿئي ها تہ هينئن منهنجو دماغ خراب نہ ٿئي ها ۽

مان چگو پلو هڪ مذهبي ماڻهو هجان ها. لعنت هجيس!" مسٽر ڪرنچر ڪپڙا پائيندي چيو.

"جي مان سُنو ماڻهيان ناهيان. تہ پوءِ چا ڪاوڙ آهي جو سموري پاڪبازي ۽ سڄي الا بلا جي باوجود بہ مون مٿان اها مصيبت ڪري جيڪا ڪنهن ايماندار محنتي انسان تي ڪري ها ۽ ڪيس ڏوکو ڏنو وڃي ها تہ هُو هوش وڃائي ويهي ها. پُٽَ جيري! ڪپڙا پائي وڃ. مان ايتري ۾ پنهنجا جُوتا صاف ڪري ٿو وٺان. تون ٿورو پنهنجي ماءُ تي اک رکجان ۽ ٿورو بہ هن جو سجدي ۾ ڪر جو شڪ ٿيئي تہ مون کي ٻڌائِجانءِ!"

هن وري پنهنجي زال ڏي ڏيان ڏرينديِ چيو "مان چئي ٿو چڏيانءِ تہ وري ٻيهر ان مصيبت ۾ پوڻ لاءِ تيار ناهيان. پراٽي چڪڙا گاڏيءَ وانگر منهنجيون انجيسُون ڏريون ٿي ويون آهن. آفيسر جي ٽوٽي وانگر لوڏا کائي رهيو آهيان. منهنجي صبر جو پيالو تار ٿي چڪو آهي ۽ جيڪڏهن منهنجو سَنڈُ سَنڈُ ڏکي نہ رهيو هجي ها تہ مون لاءِ اهو سڃاڻڻ بہ ڏکيو ٿي پوي ها تہ هي مان ئي آهيان يا ڪو ٻيو شخص. ان هوندي بہ منهنجو ڪيسو اڃ جيئن خالي آهي ۽ مون کي شڪ آهي تہ تو صبح شام دعائون گهري گهري مون کي ڪنگال ڪري چڏيو آهي ۽ ها مان هاڻ وڌيڪ برادشت نہ ٿو ڪري سگهان... فساد جي پاڙَ!... تون هاڻي چا ٿي چوين؟" ان سان گڏوگڏ مختلف جملا چوندو پئي ويو..."او... ها... ٻڌ. وڏي الله واري آهين نا تون تہ پنهنجي ۽ پنهنجي پُٽَ جي خلاف محاذ تہ کوليندين نہ؟ ها. تون چو ائين ڪندينءِ!" ائين طعنا تنڪا هٽندو پئي ويس. جيئن هڪ تيز ڦرندڙ جنڊ مان چٽنگون نڪرنديون آهن. گڏوگڏ پنهنجا جُوتا بہ صاف ڪندي ڪم تي وڃڻ جون تياريون ڪري رهيو هو. ان وچ ۾ سندس پُٽ. جنهن جي مٿي تي ننڍن ننڍن ڪوڪن جهڙا وارَ هئا ۽ سندس ننڍڙيون اکيون پٽس وانگر هيون. سو پنهنجي پيءُ جي حڪم جي تعميل ڪري رهيو هو ۽ پنهنجي ماءُ تي نظرون ڦيرايون ٻيٺو هو. هُو پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ هٽ منهن ڏوئي رهيو هو اُتان هر هر نڪري پنهنجي ماءُ کي ڏسيل

آواز ۾ ڏيڇاري رهيو هيو "او امان!. . . تون وري سجدو ڪرڻ واري هُئينءَ . . او بابا!" هُو ائين ڪُوڙَ ڪُوڙَ ۾ چئڻ تہ ڪيس پڪڙڻ جون ڏمڪيون ڏئي رهيو هو ۽ جڏهن هُوءَ ويچاري پريشان ٿي پئي وئي، تڏهن هُو وڏيءَ ڪميٽائپ سان مرڪندي موٽي ٿي ويو.

جڏهن نيرن ڪرڻ ويٺا، تڏهن مسٽر ڪرنچر جو مزاج ساڳيءَ ريت اکڙيل هو ۽ جنهن مهل نيرن کان اڳ مسز ڪرنچر دعا گهري تڏهن هن خاص طور تي احتجاج ڪيو.

"او فساد جي پاڙَ هاڻي اهو وري چا پئي ڪرين. وري لڳي وئي."

سندس زال ٻڌايس. "الله جو شڪر ادا ڪري رهي هيس."

"نہ ڪر. . ." مسٽر ڪرنچر چئني پاسي ائين ڏٺو جڻ تہ ڪيس ڏپ هجي تہ سندس زال جي عرض جي جواب ۾ ميز تان ماني ئي نہ گهر ٿي وڃي. "مان نہ ٿو چاهيان تہ برڪت جي هٿان مان پنهنجي گهر تان هٽ ئي ڏوئي ويهان. مان اهو اصل برداشت نہ ٿو ڪري سگهان تہ برڪت منهنجي ميز تان ٽاڻءَ ٽپا اڏائي ڪٽي وڃي. بس. ماڻ ڪر."

جيري جون اکيون ڳاڙهيون هيون. جڻ تہ هن ڪنهن عورت سان سڄي رات جشن ملهايو هجي. هُو نيرن ڪرڻ بدران هن سان ٻلي وانگر کيڏي رهيو هو ۽ ڪنڍڙي ۾ بند چوپائي وانگر ڳري رهيو هو. نائين وڳي هن پنهنجا ٽڙيل پکڙيل هوش گڏ ڪيا ۽ پنهنجي وس آهر ظاهري طور تي سنجيدو ۽ ڪاروباري ٻڌجي. پنهنجي ڏاڙهي واريءَ نوڪريءَ تي هليو ويو.

هُو پنهنجو پاڻ کي 'ايماندار واپاري' سڏيندو هو. جيتوڻيڪ هن جي نوڪري واپار چوائڻ جي اصل لائق نہ هئي. هن جو سڄو ساز سامان رڳو ڪاٺ جو هڪ استول هو. جيڪو هڪ ڀڳل ڪرسيءَ کي ڪيل ٺاهيو ويو هو. جيري ڏاڙهي صبح جو اهو استول کڻي، پنهنجي ٻيءَ سان گڏ ويندو ۽ بينڪ جي ان دريءَ هيٺان رکي ڇڏيندو هو جيڪا ٽيمپل بار کي سيني کان ويجهو هئي. جتي پهريون لنگهڻ واري گاڏي کان پلال گهري، باهريون ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو پنهنجا پير گرم رکڻ لاءِ سڄو ڏينهن اُتي ديرو دمائي ويهي رهندو هو. پنهنجي ان ويهڻ

واري جاءِ تي ويئل ڪرنچر سڄي فليٽ اسٽريٽ ۾ ٽيمپل ۾ ايترو ئي مشهور هو جيترو اها بار مشهور هئي ۾ اوتري ئي بدشڪل به هئي.

پوڻين نائين بجي ڪرنچر پنهنجي سيٽ ويهي رهيو ته جيئن پراڻا ماڻهو جڏهن بينڪ ۾ گهرڻ ته هُو پنهنجي ٽِڪُنڀيءَ ٽوپيءَ کي سلام جي نيت سان هٿ هٽي ڇُهي سگهي. هن جو چوڪري کي جي ان مهل تائين گهٽيءَ ۾ ايندڙ ويندڙ ننڍڙن چوڪرن سان ملهون وڙهي انهن کي روحاني ۽ جسماني ايذاءَ پهچائڻ کان واندڪائي ملي ويندي هئي ته اچي هن جي بغل ۾ بيهي رهندو هو.

پيءُ پُٽَ سُودَ پُودَ هڪيئي جهڙا هيا. هُو ائين هڪيئي سان ملیا وينا هوندا هيا. جڳ ته سندن اکيون هڪ ئي شئي ۾ اٽڪيل هجن. فليٽ اسٽريٽ ۾ صبح سويري لنگهندڙ گاڏين ۽ ماڻهن کي ماڻ وينل اهي ٻئي جڏا. بلڪل باندرن جي جوڙي جهڙا لڳندا هيا. وڏو جيري وينو گاهه جا تيلا چٻاڙيندي ٽُڪيندو رهندو هو. ننڍو پنهنجين ٻي قرار اکين سان هر هر ڪيس ائين تڪيندو هو جڳ ته هُو فليٽ اسٽريٽ جي ٻين شين تي اک رکندو هجي. ائين مختلف ڪمن ۾ رڌل هجڻ جي باوجود هنن جي شڪل شباهت ۾ ڪا ڪمي نه ايندي هئي.

ٽيلسن بينڪ جي بلڊنگ جي هڪ مقرر پيغام پهچائيندڙ در مان منڊي ٻاهر ڪيي ۽ چيو "ڦُلي ڪپي."

"واهَ.. بابا! صبح سان ئي پنهنجي ٻُڍي ٽيندي"

ننڍو جيري پنهنجي پيءُ کي خدا حافظ چئي. اسٽول تي ويهي رهيو ۽ ورڻي ۾ مليل شغل کي. مطلب ته ان ڪک کي ڪٽي چٻاڙڻ لڳو جيڪو سندس پيءُ چٻاڙي رهيو هو ۽ هاڻي ڪيس بخشي ويو هو.

"سدائين ڪَٽَ ٽڪيل اٽس. هن جون آڱريون سدائين ڪَٽَ چڙهيل رهنديون آهن." ننڍي جيري بڪ بڪ ڪئي. "هتي ته لوهه جي ڪَٽَ به ڪٽي ناهي. پويلا منهنجي پيءُ جي آڱرين تي لوهه جي ڪَٽَ ڪٽان لڳي ٽي وڃي."

باب ٻيو

نظارو

"پراڻي مختيارڪاري ته ڄاڻندو هوندين؟" بينڪ جي سيڪ ڪان پراڻن ڪلارڪن مان هڪڙي پيغام پهچائيندڙ جيريءَ کي چيو.

"هائو سرڪار!... پراڻي مختيارڪاري سڃاڻان ٿو." جيريءَ ٿورو ضديري انداز ۾ چيو.

"ٺيڪ! ۽ مسٽر لاريءَ کي به سُڃاڻيندو هوندين؟"

"سرڪار! مختيارڪاريءَ کان وڌيڪ ته مان مسٽر لاريءَ کي سُڃاڻان." جيريءَ ائين چيو جڙ هن کي به ڪڏهن مختيارڪاريءَ زوريءَ وڃڻو پيو هو "هڪ ايماندار واپاري جي حيثيت ۾ مان پراڻي مختيارڪاريءَ جي وڌيڪ جاڻ رکڻ کي پسند نه ٿو ڪريان."

"ٺيڪ آهي، اهو در جتان شاهد اندر ويندا آهن، تلاش ڪري، دربان کي هيءَ پرچي ڏجاڻ ته مسٽر لاريءَ کي پهچائي. تڏهن هُو توکي اندر وڃڻ جي موڪل ڏيندو."

"مختيارڪاريءَ ۾، سرڪار!"

"ها، مختيارڪاريءَ ۾."

مسٽر ڪرنچر جون اکيون هڪ ٻئي جي ويجهو سُري آيون، جڙ ته اهي هڪٻئي کان پُڇي رهيون هجن، "ڇا مرضي اٿئي ان بابت؟"

"مختيارڪاريءَ ۾ ترسي پوان، سرڪار!" اکين جي پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه کان متاثر ٿي جيري پڇيو:

"سيڪ ڪجهه ٻڌايانءِ ٿو. دربان اها پرچي مسٽر لاريءَ کي پهچائيندو پوءِ تون هٽ ٻَٽ لوڏجانءِ ته جيئن مسٽر لاريءَ جي توتي نظر پئجي وڃي. پوءِ هن تي اهو ظاهر ڪجان ته تون ڪٽي ٻيٽو

آهين. پوءِ تيسيتائين بيٺو رهجانءِ، جيسين مسٽر لاريءَ جو حڪم نه هجي."

"بس، ايترو نه سرڪارا!"

"بس ايترو ئي... هن کي هڪ پيغام پهچائيندڙ کپي. هن کي خبر پئجي ويندي ته تون اُتي موجود آهين." دقيانوسي ڪلارڪ ڄاڻي ٻجهي ڪاغذ کي ويڙهي، ان تي ڏس پتو ۽ نالو لکيو. مسٽر ڪرنچر ماڻ ڪيون ڪيس ڏسندو رهيو. جڏهن هُو سهڻي لکت کي سُڪائڻ لڳو تڏهن چيائينس، "منهنجو اندازو آهي ته شايد اڄ ڪُوڙن دستاويزن جي ڪيس ۾ پيش ٿيندو."

"غداريءَ جو ڪيس آهي."

"ان جو مطلب آهي ته ڏوهاريءَ جا ٽڪرا ٽڪرا ڪيا ويندا... ڪيڏو نه وحشياڻو ڪم آهي." جيريءَ چيو.

"اهو قانون آهي." دقيانوسي ڪلارڪ حيرت وچان پنهنجي عينڪ کي هن ڏي موڙيندي چيو "اهو قانون آهي."

"ڪنهن ماڻهوءَ جو مُنهُن بگاڙي ڇڏڻ، ڏاڍو سخت قانون آهي. ماري ڇڏڻ ئي وڏو ظلم آهي، پر هن جي شڪل ئي بگاڙي ڇڏڻ منهنجي خيال ۾ وڏي سختي شئي آهي، جنابا!"

"بلڪل نه." دقيانوسي ڪلارڪ وراڻيس، "قانون جي گِلا نه ڪر. پنهنجي ڇاتي ۾ قاتل دُهل جهڙي آواز کي سنياڻِ ۾ پيارا دوستا! قانون کي پنهنجي خبر پاڻ وٺڻ ڏي، اها منهنجي نصيحت اٽئي دوستا!"

"سرڪارا! اهو سڀ ڪجهه گهِميل هوا جي ڪري ٿيو آهي، جو منهنجي ڇاتي ۾ آواز ٻڌي وٺجي ويا آهن." جيريءَ چيس، "هاڻي مان ان ڳالهه جو فيصلو توهان تي ٿو ڇڏيان ته... منهنجو روزيءَ ڪمائڻ جو طريقو ڪيڏو نه تَرِ آهيا!"

"ها، پَئي... ! اسان سيئي مختلف طريقن سان روزي ڪمايون ٿا. ڪي اسان مان 'تَر' طريقن سان روزي ڪمائن ٿا ته ڪي 'خشڪ' طريقن سان. هي وٽ خط ۾ وڃ..."

جيريءَ خط ورتو ۽ ظاهري طور تي لاپرواهي پر اندر ۾ اطمينان محسوس ڪندي، دل ئي دل ۾ چيائين، "تون به هڪ چَٽُ ڪُراڙو مڙس آهين." پوءِ جهڪي هن کي عزت ڏنائين. هن ويندي ويندي پنهنجي پُٽ کي ڪم بابت ٻڌايو ۽ هليو ويو.

انهن ڏينهن ۾ ڪاسيون ڪائبون وٽ ڏنيون ويندیون هيون. ان ڪري نيوگيٽ جي ٻاهرين سڙڪ ايتري حد تائين بدنام نه ٿي هئي، جيتري بعد ۾ ٿي، پر جيل ڏاڍي بچڑي جاءِ هو. گهٽو ڪري بدمعاشي ۽ ٺڳاري اُتي ئي ٿيندي هئي، جتي پوائٽيون بيماريون پلجنديون هيون، جيڪي قيدين سان گڏوگڏ مختيارڪاريءَ ۾ هليون ايندیون هيون ۽ ڪڏهن لارڊ چيف جسٽس تي سڌو حملو ڪري، هن کي ڪاسي پائڻ واري ڏوهاريءَ کان اڳ ئي موت جي مُنهَن ۾ ڌڪي چڏيندیون هيون. ڪيئي ڀيرا ائين ٿيو ته ڪاري ٽوپي پائي، موت جو حڪم ٻڌائڻ واري جج کي، ڏوهاريءَ کان اڳ ئي پنهنجي موت جو پيغام پهچي ويو. پراٽي مختيارڪاريءَ کي ماڻهو موت جي سراءِ جو آڳر چوندا هيا. جتان مسافر روز روز گاڏين ۽ بگين ۾ چڑهي، ايڊائي ميلن جو پنڌ ڪري، تڪڙا عدم ڏانهن روانا ٿي ويندا هيا. رواج عام هجي ته ڪيڏو نه مضبوط ٿي ويندو آهي، جو ڪنهن به شريف ماڻهوءَ کي ان تي شرم ناهي ايندو. اها جاءِ سزا جي ڪٺهڑي جي لاءِ به مشهور هئي. اهو ادارو وڏڻ جي دور کان هلندو پئي آيو ۽ وڏي پوائنٽ ۽ سوچ کان به ٻاهر ظلم ستم ڪرڻ لاءِ ڪم ايندو هو. هڪ ٻئي پياري ۽ عزيز ترين رواج، يعني ڪوڙا هٽڻ جي ٽٽيي جي ڪري به، ڪيس شهرت حاصل هئي، جيڪو مشاهدي ڪرڻ واري کي، ڏاڍو نرم دل ۽ انسان دوست بڻائي چڏيندو هو. . . ! خون بها لاءِ به اها جاءِ مناسب هئي، چو ته اهو به وڏڻ جي سياڻپ ۽ قول ۽ فهم جو تحفو هو ۽ ان جي آڙ ۾ مطلبي ماڻهو ڏاڍا پوائنٽا ڏوهه سرِ عام ڪري سگهندا هيا. مطلب ته ان ڏينهين ۾ پراٽي مختيارڪاري 'جيڪو ڪجهه به آهي. . . صحيح آهي.' جي اصولن هيٺ بلڪل جائز ڪاتو قرار ڏئي سگهجي ٿيو. پر ان مقولي کي مڃڻ

ڀر ڏکيائي اها آهي تہ ان جي ڪري جو اهو بہ تہ وچڑيل نتيجو نڪري ٿو تہ 'جيڪو ڪجھ بہ ھو. . . اھو غلط نہ ھو.'

پيغام پھچائيندڙ ان قڙت انسان جيئن، جنھن کي وڏي سڪون سان وات ڪڍي وٺڻ جي عادت ھجي، ان ڪِني ميڙ منجھان لنگھي ويو جيڪو اُتان جي پوائتي نظاري جي انتظار ۾ گڏ ٿي ويو ھو. اھو در جنھن جي ھن کي ڳولا ھئي، سو ملي ويس ۽ ھن ھڪ ننڍڙيءَ دريءَ مان پنھنجو خط ڪنھن کي ڏئي ڇڏيو. ماٺھو پراڻي مختيارڪاريءَ ۾ پيسا خرچ ڪري بہ اھو پوائتو تماشو ڏسڻ اينڊا ھيا. جڏ تہ اھي بيبلم جي پاڳل خاني ۾ ٽڪيٽ خريد ڪري نانڪ ڏسڻ ويندا ھيا. فرق رڳو ايترو ھو تہ پھرئين جاءِ وارو تماشو وڌيڪ دلچسپ ھوندو ھو. ان ڪري مختيارڪاري جي درن مٿان سخت پھرو رھندو ھو سواءِ انھن سماجي حالتن جي پيدا ڪيل درن جي، جن مان ڏوھاري داخل ٿيندا ھيا. اھي سدائين چوپٽ کليل ھوندا ھيا.

ٿوري ٽال مٽول کان پوءِ وڏي اھتمام سان در ٿورڙو کليو ۽ مسٽر جيري ڪرچر ان مان سُرڪي مختيارڪاريءَ ۾ پھچي ويو. ھن پنھنجي پرسان بينل ماٺھو کان پڇيو "چا ٿي رھيو آھي؟"

"في الحال تہ ڪجھ بہ نہ پيو ٿئي."

"چا ٿيڻ وارو آھي؟"

"غداريءَ جو ڪو ڪيس ھلڻ وارو آھي."

"ڳيا ڳيا ٿيڻ وارا آھن."

"ھا، پھريون ھن کي ڳِھلي چوڪاٽ تي آڻي، اڏوري ڦاسي ڏني ويندي، پوءِ ھن جي اکين جي سامھون، ھن جا ٻَھَل لاٽا ويندا. پوءِ پيٽ چيري، سندس آندا ڪيڊي، ھن جي سامھون ساڙيا ويندا تہ جيئن پاڻ ڏسي سگھي. پوءِ ھن جي مُنڊيءَ لاٽي ويندي ۽ جسم جا چار ٽڪراڪيا ويندس. اھائي سزا آھي غداريءَ جي." ھن ھمراھ مزو وٺندي چيو.

"تنھنجو مطلب آھي تہ جيڪڏھن ھن جو ڏوھہ ثابت ٿي ويو تہ پوءِ" جيريءَ چيس.

"اڙي ڏوهه ته هُو ثابت ڪري ئي وجهندا. تون ان ڳالهه جو فڪر نه ڪر."

مسٽر ڪرنچر جو ڏيان دربان ڏي ٿي ويو جيڪو خط ڪٽي مسٽر لاريءَ ڏي وڃي رهيو هو. مسٽر لاري وگ پايون، ڪجهه ماٺهن جي وچ ۾ ويٺو هو. هڪ صاحب، جيڪو جنهن کي وگ پاتل هئي ۽ ڏوهاريءَ جو وڪيل هو سو هن جي پرسان ئي ويٺو هو. هن جي اڳيان ڪيترن ئي ڪاغڙن جو ڍير پيو هو. هن جي پرسان هڪ ٻيو ماٺهو وگ پايون ويٺو هو جيڪو لڳاتار مختيارڪاريءَ جي چٽ کي تڪي رهيو هو. جيريءَ کنهنکر ڪري، پنهنجي کاڏي کي رهڙيو ۽ هٽ لوڏڻ لڳو. ايسيتائين جو نيٺ مسٽر لاريءَ ڏسي ورتس. هُو هن کي ڳولڻ لاءِ اٿڻ وارو ئي هو جو هن تي نظر پئجي ويس ۽ هوري مٽو لوڏي پوءِ ويهي رهيو.

"هن ڪيس سان هن جو ڪهڙو لاڳاپو آهي؟" پرسان ٻيٺل ماٺهوءَ جيريءَ کان پڇيو.

"قسم ڪٽاءِ جو مون کي ڪا خبر هجي!" جيريءَ چيس.

"مان پڇي سگهان ٿو ته پوءِ تنهنجو هن سان ڪهڙو لاڳاپو آهي؟"

"قسم سان مون کي اها به خبر ناهي." جيريءَ چيس.

جج اندر گهڙيو ماٺهو اُٿيا ۽ پوءِ ويهي رهيا. ان ڪري مسٽر جيريءَ جي ڳالهه اتي ئي ختم ٿي وئي. ماٺهن جو ڏيان ڪٺهڙيءَ ڏي ٿي ويو. جيلر جيڪو اُتي ٻيٺو هو سو ٻاهر نڪري ويو ۽ هن ڏوهاري کي وٺي اچي ڪٺهڙي ۾ بيهاري ڇڏيو.

هر شخص جيڪو اُتي موجود هو تنهن هن کي گهُورڻ شروع ڪيو سواءِ ان همراهه جي، جيڪو چٽ ۾ اکيون وجهيون ويٺو هو. ماٺهن جا ساهه هن ڏي ويڙ چڙهندڙ سمنڊ وانگر يا وري انڊي ٻاهه وانگر وڌيا. شوق سان پريل مُنهن ٽُنيون ۽ ڪُنڊن جي آڙ مان نڪري هَن کي هڪ نظر ڏسڻ لاءِ بي قرار هيا. اهي جيڪي پهرين صف ۾ هيا، سي هن کي پيرن کان وٺي مٿي تائين ڏسڻ لاءِ اُٿي بيهي رهيا. جيڪي مختيارڪاريءَ جي فرش تي هيا، سي پنهنجي ويجهن جي ڪُلهن جو سهارو وٺي، هن کي ڪنهن به شرط تي ڏسڻ لاءِ بي چين

ٽي. پهن تي بيهي رهيا. ڪي وري پتين تي چڙهي ويا يا وري هوا ۾ لڙڪي پيا تہ ڪيئن بہ ڪري هن جو وار وار ڏسي وٺن. پوئين قسم جي ماڻهن ۾ جيري سيني کان نمايان هو ۽ اهو هڪ بي چين ڪوڪن واري نيو گيٽ واري پٽ وانگر جميو بيٺو هو. اڇڻ مهل هن بک لاهڻ لاءِ جيڪا بيئر پيتي هئي. تنهن جو اوپر ڏوهاري ڏي ڪيڊي رهيو هو. هن جو ساهہ ۽ پين ماڻهن جي ساهن ۾ بيئر، جِن، چانهہ، ڪافي ۽ ٻيو نہ ڄاڻ الائي ڇا ڇا وسيل هو سي ڏوهاريءَ جي پُٺ ۾ لڳل شيشن کي ڏنڊلا ڪري رهيا هيا ۽ ٻاهر ڏڏ هجڻ جي ڪري اهي سيئي ساهہ هاڻ بڏجي. شيشن تان وهڻ شروع ٿي ويا هيا. جنهن ماڻهوءَ کي اهي سڀ جُوهَہ وجهيون گهُوري رهيا هيا. سو هڪڙو پنجويهن ورهين جو سهڻو ڪپرو هو. . . اُهَ ۾ ڳاڙهو ٿي ويل ڳل ۽ ڪاريون اکيون. صورت منجهان مرتبي وارو ماڻهو پئي لڳو. هن کي سادو ڪارو يا وري ڳوڙهو سُرمئي لباس پاتل هو. هن جا ڏڳها ڪارا وار هڪ ريبن سان ڳچيءَ ۾ ٻڌل هيا. انهن واري کي سجاوٽ کان وڌيڪ وکرڻ جي خيال کان گڏ ڪري ٻڌي ڇڏي ويو هو. جيئن پريشاني هزار تهن ۾ لڪائي نہ لڪندي آهي. ائين ئي موقعي جي نزاڪت سان. جيڪا لِڪاڻ هن مهل هُنَ جي مُنهَن تي ڇانئجندي پئي وئي ۽ اُهَ جي ڪري ڳاڙهن ٽيل ڳلن هيٺان جملڪي رهي هيس. اُنَ مان صاف ظاهر ٿي رهيو هو تہ روح سِجَ کان وڌيڪ طاقتور هوندو آهي. هُونءَ بہ هُو پاڻ تي مڪمل قابو پايون ويٺو هو. هُو جج جي سامهون ادب وچان جهڪيو ۽ خاموش بيهي رهيو.

جنهن دلچسپيءَ سان ماڻهو ڪيس تڪي تڪي ساهن جا اُلا چڏي رهيا هيس. اها دلچسپي انسانيت لاءِ بلڪل بہ فخر جهڙي نہ هئي. جيڪڏهن هن جي حق ۾ اهڙو پوائنٽو فيصلو نہ هجڻ وارو هجي ها. يا ڪا جهيڙي اميد هجي ها تہ هن جي هيبت ناڪ سزائن جي تفصيلن ۾ ڪا ڪمي ٿي سگهندي. تہ رڳو ايتري معمولي معافيءَ تي بہ ماڻهن جي سڄي دلچسپي ختم ٿي وڃي ها. اهو جسم. جيڪو شرمناڪ طريقي سان چٽيو ويڙهو هو سو سهڻو هو. اهوئي ڪارڻ هو جو اهو فاني

انسان جنهن جا ڪپا ڪپا ٽيڪا هيا. سو دلچسپيءَ جو مرڪز ٻڌيل هو. ماڻهو پنهنجي پنهنجي طريقي سان فنڪاراڻي طور تي. پنهنجي دلچسپيءَ کي لڪائڻ پيا گهرن. پر اهو صاف ظاهر هو ته اهو شوق وڏو وحشياڻو شوق هو.

مختيارڪاريءَ ۾ مات چانئجي وئي. چارلس ڊارني انهن سمورن الزامن جي سچائي کان هڪ ڏينهن اڳ انڪار ڪيو هو جيڪي الزام مخالف وڪيل ڪيس ڏوهاري ثابت ڪرڻ لاءِ مٿس زور شور سان هنيا هيا. مطلب ته ڊارني ڪُوڙو ۽ غدار آهي. هن اسان جي محترم ۽ مڪرم نهايت عالي جناب عزت ماب وغيره وغيره اسان جي آقاءِ نامدار شهنشاهه خلاف بغاوت ڪئي آهي ۽ مختلف موقعن تي فرانس جي بادشاهه لوئي. جيڪي اسان جي شهنشاهه خلاف لڙايون ڪيون آهن. انهن لڙاين ۾ هن جاسوسي ڪئي آهي ۽ مڪاري دغابازي ڪري. اسان جي فوجن جي تعداد بابت خبرون پهچايون آهن. جن فوجن کي اسان جي عالي مرتبت عالي جاهه بلند اقبال وغيرهه وغيرهه ڪينيڊا ۽ اتر آمريڪا روانو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. انهن قانوني اصطلاحن سان مسٽر جيري جي مٿي تي ڪوڪا اپري رهيا هيا ۽ هُو رڳو ايترو ٻڌي مطمئن ٿي ويو ته چارلس ڊارني پنهنجي ڪيس جي پيروي ڪرڻ لاءِ سنڊن سامهون ٻيٺو آهي. جيوري کان حلف ڪڍايو پيو وڃي ۽ اٽارني جنرل ڳالهائڻ جون تياريون ڪري رهيو آهي. ملزم کي خبر هئي ته اتي موجود سڀ ماڻهو تخيل ۾ ڪيس ڦاسي ڏئي رهيا هيا. هن جي منڊي ڏڙ کان ڌار ڪري رهيا هيا. هن کي چئن ٽڪرن ۾ ورهائي رهيا هيا. ان هوندي به هُو نه ڊنو ۽ نه هيڪيو نه وري ٽيٽر وارن جي انداز ۾ لڪڻ ٿي ٻيٺو. هُو وڏيءَ خاموشيءَ سان ٻڌي رهيو هو. هُن ابتدائي ڪارروائي وڏي غور ۽ سنجيدگيءَ سان ٻڌي ۽ ڪٺهڙي تي هٿ ڇمايون. اهڙو ته بُت بڻجي بيهي رهيو جو اهي جڙي ٻُوٽيون. جيڪي تاڪ تي پيون هيون. سي به پنهنجي جاءَ تان نه ڇُريون. جيل جي هوا ۽ بخار جي جيوڻن کان بچاءَ لاءِ سڄي ڪچهريءَ ۾ جڙي ٻُوٽيون ۽ سُرڪو چٽڪايو ويو هو.

ملزم متان روشني وجهڻ لاءِ هن جي متان هڪ آرسي لڳل هئي. هزارين گناهگار ۽ معصوم اکيون پنهنجو عڪس انهيءَ آئيني ۾ وجهي، ان آرسيءَ جي سطح ۾ ڏرتيءَ تان به ميسارجي چڪيون هيون. جيئن سمنڊ پنهنجن مُردن کي ٻاهر اڇلائي ڏئو ڪندو آهي. ائين جيڪڏهن هيءَ آرسي به پنهنجن مردن کي هڪ ئي ڀيري ٻاهر اڇلي ته ڪيڏو نہ پوائتو نظارو هجي ۽ انهن جا پُوتَ هن جڳهہ کي آسيب گهر بڻائي ڇڏين. شايد قيديءَ جي دل ۾ ذلت ۽ بدناميءَ جو ڪو ڏندلو خيال آيو جيڪي هن سان لاڳاپيل هيون. هن جي مُنهَن تي روشنيءَ جي هڪ ليڪ پئي ته هن ڪنڌ ڪٽي متي ڏنو. هن جو مُنهُن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هن جي ساڄي هٿ ڪنهڙي تي پيل جَڙي پُوٽين کي وکيري ڇڏيو.

ان حرڪت جي ڪري هن جو مُنهُن ڪچهريءَ جي ان پاسي ڏي لڙي ويو جيڪو پاسو سندس کاٻي طرف هو. هن جون نگاهون ترت ئي پنهنجي سامهون ويٺل جج جي ڪرسيءَ واريءَ ڪنڌ ۾ ويٺل ٻن صورتن تي جمي ويون. اها حرڪت ڪجهہ اهڙي ته پاڻ هرتڙو هئي. جو تماشائي به اوڏانهن ڏسڻ لڳا.

ماٺهن ڏٺو ته انهن ٻن شخصيتن مان هڪڙي ته ويهن سالن کان مٿي جي هڪ جوان چوڪري هئي ۽ ٻيو هڪ شريف مرد هو جيڪو پڪ ئي هن جو پيءُ هو. هُو اڇن وارن جي ڪري ڏاڏو مانائتو ۽ مٽانهون ماٺهو لڳي رهيو هو. هُنَ جي مک تي بَکندڙ بزرگيءَ بدران غور ۽ فڪر جا آثار هيا. ائين هُو جنهن مهل مراقبي ۾ هليو ٿي ويو تڏهن ڏاڏو ڪراڙو پئي لڳو جيئن هن مهل لڳي رهيو هو. هڪ پل ۾ پنهنجي ڏيءَ سان ڳالهائڻ مهل هُو ڏاڏو سهڻو شخص ٿي لڳو جنهن اڄا زندگيءَ جي بهارن کي الوداع نہ چيو هو.

هن جي ڏيءَ سندس ٻانهن ۾ هٿ وجهيون. هن جي پَرِ ۾ ويٺي هئي ۽ ٻئي هٿ سان هُنَ ڪراڙي جو هٿ جهلي رکيو هو. هن جي پيشانيءَ تي ڏپ ۽ همدرديءَ جا ملڪيل جُليل جذبا جهلڪي رهيا هيا. چو ته ملزم جي جان خطري ۾ هئي. انهن جذبن جو اظهار هن جي مُنهَن تي ايترو

تہ شديد ۽ قدرتي انداز ۾ ٿي رهيو هو جو تماشائي، جن جي دلين ۾ ملزم جي لاءِ ڪو ترس وارو جذبو نہ هو، سي بہ وڳهري ويا ۽ هورڙيان هڪٻئي کان پڇڻ لڳا: "اهي ڪير آهن؟"

جيري، جيڪو ذاتي طور تي پنهنجي خيال مطابق قياس جا گهوڙا دوڙائي رهيو هو ۽ بي خياليءَ ۾ پنهنجين آڱرين جي چوٽين تان ڪَٽُ کي چُوسي رهيو هو، سو ڪنڌ وڌائي، هنن جون ڳالهيون غور سان ٻڌڻ لڳو. هن جي چوڌاري گپاگيهہ ڪندي ميڙ اهو سوال هڪ جمعدار اڳيان پيش ڪري ڇڏيو ۽ جواب هڪ کان ٻئي تائين ٽيندو جيري تائين بہ پهچي ويو.

"شاهدَ."

"ڪنهن جي پاسي جا شاهدَ؟"

"مخالفت ۾."

"ڪنهن جي مخالفت ۾؟"

"ملزم جي."

جج جون نگاهون هيڏي هوڏي ڦٽڪي ويون، هيون سي ڇرڪي ان شخص کي ڏيان سان جاچڻ لڳيون، جنهن جو ساهہ سندس مُٺِ ۾ بند هو.

اڳارني جنرل رسو وَٽڻ ڪُهاڙي تکي ڪرڻ ۽ قاسي جي تاکن ۾ ڪوڪا هڻڻ جون تياريون ڪرڻ لڳا.

باب ٽيون

نراسائي

اٽارني جنرل جو ڪم جيوري مٿان اهو ظاهر ڪرڻ هو تہ هن جي اڳيان جيڪو ملزم بيٺو آهي، سو توڙي جو عمر ۾ ننڍو آهي، پر غداري جي ڪم ۾ پهتل آهي، ان ڪري موت جي سزا جو حقدار آهي. اها خط ڪتابت، جيڪا هن ۽ عوام جي دشمنن جي وچ ۾ هلي رهي هئي، اها اڄ يا ڪالهہ يا سال يا ٻن سالن جي عرصي ۾ نہ ٿي هئي. پڪ سان ملزم گهٽي وقت کان فرانس ۽ انگلينڊ جي وچ ۾ ايندو ويندو رهيو هو ۽ ان جو ڪو مناسب سبب ملزم وٽ ناهي. شڪر آهي تہ غداريءَ جون حرڪتون قدرتي طور تي پاڻهئي ڄاڻهئي ظاهر ٿي پون ٽيون، نہ تہ هن جي اهڙن ڪُڌن ڪارنامن جو پردو ڪڏهن بہ فاش نہ ٿئي ها.

اٽارني جنرل جي خيال ۾ خدا انهيءَ فرض کي پورو ڪرڻ لاءِ، هڪ اهڙيءَ هستيءَ کي چُونڊيو آهي، جيڪا سيني برائين کان پاڪ ۽ بي باڪ آهي. هن انهيءَ راز کي کوٽڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چاهيو تہ بادشاهہ جي رياستي وزير ۽ باوقار خاص مشير جي ڪنن تائين ان جو تفصيل پهچائي. ان غرض سان هن خادم انهن جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ جي درخواست پيش ڪئي. ان قومپرست جا مڙئي ارادا نيڪ هيا. هُو ڪنهن زماني ۾ ڏوهاريءَ جو دوست هيو پر پاڻ چئو يا نياڻ، جو هن کي ملزم جي خراب اِرادن جي سُڌ پئجي وئي ۽ هن فيصلو ڪيو تہ ان دوست کي، جنهن جي جڳهہ هاڻي سندس دل ۾ نہ هئي، ملڪ ۽ قوم جي مٿان قربان ڪري چڏي جيڪڏهن برطانيا ۾ بہ، يونان ۽ روم وانگر مورتيون ناهي هڻڻ جو رواج هجي ها تہ هن محترم شهريءَ جي

مورتي ضرور تيار ڪئي وڃي ها، پر جيئن ته اهو رواج نه هو. تنهن ڪري ظاهر آهي ته هن جي مورتي نه لڳي سگهندي. جيوري کي مختلف شاعرن جي ڪلام جو هڪ هڪ لفظ ياد هوندو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته نيڪي اثرانداز ٿيندڙ آهي. پر جيئن ته جيوريءَ اهي شعر بلڪل نه پڙهيا هيا، تنهن ڪري هنن جي دل جو چور ظاهر ٿي رهيو هو. خاص طور تي سپ ڪان وڌ روشن انساني گُڻ، يعني قومپرستي يا پنهنجي ملڪ سان محبت، انهيءَ ۾ بي داڳ ڪردار واري معزز سرڪاري شاهد جي شاندار مثال ملزم جي نوڪر کي، جيڪو ڪيڏو به حقير ڇو نه آهي، پر جنهن جو ذڪر ڪرڻ ۾ عزت لائق آهي، تنهن ڪيس اهڙو ته متاثر ڪيو جو هن کي پنهنجي آقا جي ڪيسن ۾ ميزن جي خانن جي تلاشي وٺڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. ۾ انارني جنرل اهو به فرمايو ته هُو پاڻ ان عزت لائق نوڪر خلاف ڪِريل ۾ ڪميٽي قسم جا افواهه ٻڌڻ لاءِ تيار آهي. ان هوندي به هُو هن کي پنهنجن پائرن پينرن تي ترجيح ڏئي ٿو ۾ هن کي پنهنجي ماءُ پيءُ کان وڌ عزت ڏئي ٿو ۾ هن کي پڪ آهي ته جيوري به سندس پيروي ڪندي. انهن ۾نهي شاهدن جي شاهدي ۾ ملزم وٽان مليل ڪاغذن مان هيءَ ڳالهه پوري ريت ثابت ٿي ويندي ته ملزم بنان ڪنهن شڪ جي، وقت به وقت شاهي فوجن جي ڇُرپُر ۾ انهن جي بري ۾ بحري طاقت جي فهرست ۾ بي جاڻ دشمن کي پهچائي آهي، توڙي جو اهو ثابت ٿي نه سگهيو ته اهي فهرستون مجرم لکيون آهن، پر ان سان ڪو به فرق نه ٿو پوي. ايجا به اهي ته ملزم جي خلاف وڌيڪ پڪو ثبوت آهن ته هُو ڏاڍو چالباز ۾ محتاط آهي. ثبوت حاصل ڪرڻ جي لاءِ، پنج ورهيه اڳ جي واقعن تي غور ڪرڻو پوندو. برطانوي ۾ آمريڪي فوجن جي لڙائي چڙي پوڻ کان ڪي هفتا اڳ، ملزم پنهنجي ڪميٽي ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي هئي. انهن شاهدين جي روشنيءَ ۾، جيوري جا ميمبر، جن کي پنهنجي وفاداريءَ ۾ ذميواريءَ جو پورو پورو احساس آهي، هن کي مجرم قرار ڏيڻ کپي ۾ چاهيندي يا نه چاهيندي، هن جو انت آڻڻ کپي. جيڪڏهن مجرم جو ڪنڌ نه لاٿو ويو ته هُو سڄي عمر وهاڻي تي ڪنڌ رکي سمهي نه

سگھندا. سندن زالون ڪڏھن وھاٽن تي ڪنڌ رکي سمھي نہ سگھنديون. ھنن جا ٻار ڪڏھن بہ وھاٽن تي ڪنڌ رکي سمھي نہ سگھندا. مطلب تہ سيني لاءِ وھاٽن تي ڪنڌ رکي سمھڻ ناممڪن ٿي پوندو. ڳالھ جي پڇاڻيءَ تي انارني جنرل ھر گول مول دليل جو واسطو وجھي، جيوريءَ کان ملزم جو ڪنڌ گھريو. جنھن کي ھُو وڏي پڪ وچان ھن مھل تائين مئل سمجھي چڪا ھيا. سرڪاري وڪيل ماڻ ٿيو تہ ملزم جي مٿي تي وڏيون وڏيون نيريون مکيون ڦيرا پائڻ لڳيون. جڏ تہ اھو بدن ھاڻ کان ئي بي جان ٿيو پيو ھجي. جڏھن مکين جو گيت ٿورو ماڻو ٿيو تڏھن بي داڳ ڪردار وارو قومپرست شاھدن جي ڪٺھڙي ۾ وڃي ٻيٺو. پوءِ سالیسٽر جنرل، انارني جنرل جي پير تي ھلندي، جان برسادِ نالي قومپرست کان آڏي پڇا ڪئي. ھن جي پاڪ صاف روح جي جيڪا روداد انارني جنرل ٻڌائي ھئي، سا ھڪ ھڪ اکر صحيح ھئي. ھُو تہ ترت ئي پنھنجي چاتيءَ تان فرض جو بوجھ لاھي، وڏي عاجزيءَ وچان موڪل وٺي ھا، پر مسٽر لاري جي ويجھو جيڪو وڳ پاتل ھمراھہ ڪاڳرن جو ڍير سامھون رکيو ويٺو ھو. تنھن ھن کان ڪي سوال پڇڻ جي اجازت گھري. سامھون وڳ پاتل جيڪو ٻيو ھمراھہ ويٺو ھو سو اجا تائين عدالت جي چٽ کي گھوري رھيو ھو.

"ڇا شاھد پاڻ ڪڏھن جاسوسيءَ جو خدمتون انجام ڏنيون ھيون."

"نہ، ايتري ڪِريل حرڪت سان ڪيس سدائين نفرت رھي آھي."

"معاشي ذريعو ڇا آھي؟"

"پنھنجي ملڪيت آھي."

"ڇا توھان کي اھو چڱي ريت ياد آھي تہ اھا ملڪيت ڪٿان آئي؟"

"ڪنھن کي بہ ان ۾ دخل ڏيڻ جي ڪا گھرج ناھي."

"ڇا ورثي ۾ ملي ھُيَوَ؟"

"ھا، ملي ھئي."

"ڪنھن کان؟"

"مائٽ کان."

"پري جي مائٽ کان؟"

"ڪجهه اهڙو ئي مامرو هو."

"ڪڏهن جيل وڃڻ جو اتفاق ٿيو؟"

"قرض دارن جي جيل ڪڏهن به نه. پر هن ڪيس سان ان ڳالهه جو ڪو لاڳاپو نظر نه ٿو اچي."

"قرض دارن جي جيل ڪڏهن نه ويا آهيو؟... ٻڌايو.. ڪڏهن وڃڻ جو موقعو نه مليو آ ٿو؟"

"ها، ٿيو آهي."

"گهڻا پيرا؟"

"ٻه يا ٽي پيرا."

"چار پنج پيرا ته نه ويو آهين نه؟"

"ٽي سگهي ٿو."

"ڏنڊو ڪهڙو آ ٿو؟"

"شرافت."

"ڪڏهن ڪنهن لت وهائي ڪڍيو؟"

"شايد، ها."

"گهٽو تٽو؟"

"نه."

"ڪڏهن ڪنهن لت هٽي ڪوبي تان هيٺ اچلايو؟"

"ڪڏهن نه. بس هڪ پيري ڊاڪٽ جي مٿئين ڊاڪي تي لت هنئي وئي هئي، پر مان پاڻ ڇاٽي ٻُجهي هيٺ ليٽڻ ندو آيو هيس."

"پانسون ۾ بي ايماني ڪرڻ جي ڪري لت لڳي هُيئو؟"

"حملو ڪرڻ واري ڪُوڙي، اهڙي ئي ڪا ڪُوڙي ڪهاڻي بيان ڪئي هئي. هُو پيتل هو ڪُوڙ ڳالهائي رهيو هو."

"قسم کڻ ته هُو ڪُوڙ هٽي رهيو هو."

"سچي."

"جُوا ۾ بي ايماني ڪري گذر سفر ڪيو آ ٿئي؟"

"ڪڏهن نہ"

"جُوئا ڪيڏي گذر سفر ڪيو اٿئي؟"

"ايتري ئي جيتري سڀ شريف ماڻهو ڪيڏندا آهن."

"ڪڏهن قيدين کان قرض ورتئي؟"

"ها."

"موتائي ڏنئي؟"

"نہ"

"ڇا اها مختصر قسم جي بي تڪلفي. . . قيدين سان سِرائُن، گاڏين ۾ جهاز جي ڊيڪ تي روا رکي وئي هئي."

"نہ"

"پڪ سان ملزم وٽ تو لسٽون ڏنيون هونديون؟"

"نہ"

"مثال طور، توهان پاڻ تہ حاصل نہ ڪيون هيون؟"

"نہ"

"شاهدي ۽ پر پيش ڪرڻ جي لاءِ ناهي ورتيون هُيَئي؟"

"نہ"

"ماڻهن کي قاسائڻ جي لاءِ باقاعدي سرڪاري پگهار تہ نہ ملندي اٿئي؟"

"نہ نہ تو نهہ تو نهہ!"

"يا ڪي اڪلون نہ ڪندو آهين؟"

"نہ . . تو نهہ . . !"

"قسم کٽي سگهين ٿو؟"

"هزار پيرا."

"سواءِ ملڪ جي خدمت ڪرڻ جي بي ڪا غرض تہ نہ آئَئي؟"

"نہ . . پيو ڪو مطلب نہ اٿم."

نيڪ خادم روجر ڪلائي ب هن ڪيس ۾ قسم مٿان قسم کٽندو ويو. هن چار سال اڳ نيڪ نيتيءَ سان، سادگيءَ وچان ملزم وٽ نوڪري ڪرڻ قبول ڪيو هو. ڪيلي جي ڊيڪ تي هن ملزم

کان پڇيو هو ته توهان کي ڪو ٻئو نوڪر ڪپي. . . ۽ ملزم ڪيس پاڻ وٽ نوڪر ڪري رکيو هو. هن ملزم کي خدا جي راهه ۾ نوڪري ڏيڻ جو سهارو ڏيڻ جي التجا نه ڪئي هئي. هُنَ کي ترت ئي ملزم مٿان شڪ ٿي پيو. هن مٽس اک رکڻ شروع ڪئي. هن ڪيئي ڀيرا ان قسم جون لسٽون ملزم جا کڻڻا رکندي، سندس ڪيسن ۾ ڏٺيون هيون. هن اهي اڳ ۾ اهڙيءَ جاءِ تي نه رکيون هيون. هن ملزم کي اهڙيون ئي لسٽون ڪيلي ۾ ئي فرانسيسي ماڻهن کي ڏيکاريندي ڏٺو هو. هن کي پنهنجي ملڪ سان محبت هئي، تنهن ڪري هُو اهو صحيح نه سگهيو ۽ مخبري ڪيائين. هن تي چانهه جي هڪ سيٽَ جي چوري جو به شڪ نه ڪيو ويو! هن کي هڪڙي ٽانوَ جي چوري ۾ غلطي سان ڦاسايو ويو هو. پر اهو ٽانءُ اصل ۾ قلعي ڪرائڻ واري ڏي هليو ويو هو. اهو رڳو اتفاق ئي هو ته هُو آخري شاهد کي ستن ائن سالن کان سڃاڻي ٿو. اهو ڪو عجيب اتفاق نه ٿو ڄڻي سگهجي. سيئي اتفاق عجيب ئي هوندا آهن! هڪ هي اتفاق به عجيب ڇوائڻ جي قابل ناهي، ته هُو وطن پرست آهي. هُو هڪ سچار برطانوي رهاڪو آهي. ڪاش هن جا جهڙا ٻيا ماڻهو به هجن ها.

نيريون مکيون وري پُون پُون ڪرڻ لڳيون. اٽارني جنرل مسٽر جاروس لاريءَ کان آڏي پڇا شروع ڪئي.

"مسٽر جاروس لاري! توهان ٽيلسن بينڪ ۾ ڪلرڪ آهيو؟"

"جي، هائو."

"ڇا 1775ع جي، نومبر جي، خميس جي رات، لنڊن کان ڏوور تائين واري ڊاڪ گاڏي ۾ سفر ڪرڻ جو اتفاق ٿيو هُيوَ؟"

"جي، ها."

"ڇا گاڏي ۾ ٻيا مسافر به هيا؟"

"به ڇٽا ٻيا هيا."

"ڇا اُهي رات جو سڙڪ تي لهي ويا هيا."

"جي، ها."

"مسٽر لاري ڏيان سان ملزم کي ڏسو. چا هي انهن ٻنهين مان هڪ ٿي سگهي ٿو؟"

"مان پڪ سان نه ٿو چئي سگهان ته هي يا انهن مان هڪ هو."

"چا هي ملزم انهن ٻنهي مان ڪنهن سان ملي جلي ٿو؟"

"ٻئي ٻڌن پر لڪل هيا. رات ڏاڍي اونداهي هئي ۽ اسان پاڻ ايترا گهرا به نه هئاسين. ان ڪري مان تصديق نه ٿو ڪري سگهان."

"مسٽر لاري! ملزم کي هڪ پيرو وري ڏسو. فرض ڪيو ته هن کي انهن مسافرن وانگر ٻڌ هٿائي لڪايو ويو ته چا هن جي هڏڪاڻ ۾ اهڙي ڳالهه آهي. جو هنن مان هڪ سان ملي جلي؟"

"نه."

"توهان قسم کڻي سگهو ٿا. مسٽر لاري! ته هي انهن مان هڪ هرگز نه هو."

"نه."

"ته توهان کي گهٽ ۾ گهٽ اهو اعتراف آهي ته انهن مان هڪ ملزم ٿي سگهي ٿيو."

"ها. سواءِ ان جي مون کي ٻيو ڪجهه به ياد ناهي ته اهي ٻئي ڏکي رهيا هيا. مون وانگر ٻئي ڏاڙيلن جي ڌپ کان ڪنبي رهيا هيا ۽ هي ملزم اهڙو مسڪين نظر نه ٿو اچي. جو ڪڏهن ڏاڙيلن جي ڌپ کان ڏکي."

"چا توهان ڪڏهن نقلي مسڪيني ڏٺي آهي؟ مسٽر لاري!"

"پڪ سان مون ڏٺي آهي."

"مسٽر لاري! هڪ پيرو وري ملزم کي ڏسو. جيسيتائين توهان کي علم آهي ته چا توهان هن کي اڳ ڪڏهن ڏٺو آهي؟"

"ڏٺو آهي."

"ڪڏهن؟"

"جڏهن مان ڪجهه ڏينهن کان پوءِ فرانس مان موٽي رهيو هيس. ته ملزم ڪيلي مان جهاز جي ڊيڪ تي سوار ٿيو هو ۽ منهنجي موٽ جي سفر ۾ مون سان گڏ هو."

"هُو ڪهڑي مهل جهاز تي چڙهيو هو؟"

"اڌ رات کان پوءِ واري مهل هوندي."

"رات جي سانت ۾ چا هُو اڪيلو مسافر هو جيڪو اهڙي بيڳاهه وقت تي اچي چڙهيو هو؟"

"اتفاق سان هُو اڪيلو هو."

"اتفاق جي ڳالهه ڪي ڇڏي ڏيو. چا هُو اڪيلو مسافر هو جيڪو جهاز جي ڊيڪ تي ديڙ سان آيو هو."

"جي، ها."

"چا توهان اڪيلا سفر ڪري رهيا هيا، مسٽر لاري! يا ڪو ٻيو به توهان سان گڏ هو؟"

"مان هڪ صاحب ۽ ان جي ڏيءُ سان گڏ هيس. اهي ٻئي عدالت ۾ حاضر آهن."

"اهي ٻئي عدالت ۾ حاضر آهن؟ چا توهان ملزم سان ڪا ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي؟"

"تمام ٿوري، موسم ڏاڍي خراب هئي ۽ سفر گهٽو ڊگهو ۽ ڏکيو هو. مان هُنَ ڪناري کان وٺي هِنَ ڪناري تائين گهٽو ڪري صوفي تي ليٽيل رهيس."

"مس مينٽا"

"سيني جون نگاهون جوان چوڪريءَ ڏي ڪجي ويون. هُوءَ پنهنجي جاءِ تي اُٿي بيهي رهي. هُنَ جو پيءُ هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ پڪڙي، هن سان گڏ بيهي رهيو.

"مس مينٽا قيديءَ ڏي ڏسو."

هڪ سهڻي نوجوان چوڪريءَ جي همدرديءَ ۾ ٻڏل اڪين جو مقابلو ڪرڻ ملزم جي لاءِ سڄي هجوم جي گهورڻ کان وڌيڪ صبر طلبيندڙ هو. هُو هن کان پري، جڏ تہ پنهنجي قبر جي ڪپر تي بيٺو هو. ان مهل هجوم جي هوراکورا سان پريل اڪين جي باوجود، هُو پاڻ کي قابو ۾ رکي نہ سگهيو. سندس تخيل، سامهون پيل جَڙي ٻُوٽين جي ڊير کي باغ جي ڦُلواڙي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. صبر ۽ ساهن کي هٿ وس

رکڻ جي جتن ۾ هن جي چپن جو رت مِڙي دل ڏي ڊوڙي ويو. وڏيون وڏيون مکيون وري اوچن سُرن ۾ پٽڪات ڪرڻ لڳيون.

"مِس مينٽا توهان قيديءَ کي اڳ ڪڏهن ڏٺو آهي؟"

"جي، هائو."

"ڪٿي؟"

"ننڍي جهاز تي، جنهن جي هاٿي ڀَالهه ٿي رهي هئي ۽ ان ئي موقعي تي."

"توهان ئي اها اياڻڻ خاتون آهيو جنهن جو هاٿ حوالو ڏنو ويو هو."

"جي، هائو. بدقسمتيءَ سان مان ئي اها خاتون آهيان."

هن جو همدرديءَ ۾ ٻڏل روحاني آواز ۽ گم ٿي ويو. جج چيو "توهان کان جيڪي سوال ڪيا وڃن، انهن جا جواب ڏيو ۽ پنهنجي راءِ جو اظهار نه ڪيو."

"مس مينٽا کاڙي کي پار ڪرڻ مهل، سفر ۾ توهان جي قيديءَ سان ڪا ڀَالهه ٻولهه ٿي هئي؟"

"جي، هائو."

"اها ياد ڪري بيان ڪيو."

مڪمل ماٺ جي دوران هن ڏاڍي جهيڻي آواز ۾ چوڻ شروع ڪيو:

"جڏهن هي صاحب جهاز تي آيو ته..."

"توهان جو مطلب هن قيدي ڏانهن آهي؟" جج نرڙ تي گهنج وجهي پڇيس.

"جي، ها، صاحبا"

"ته پوءِ 'قيدي' چَئو."

"جڏهن قيدي جهاز تي آيو تڏهن هُنَ ڏٺو ته منهنجو پيءُ ڏاڍو ٽڪل آهي ۽ سندس صحت هيٺي پئجي وئي آهي." هن پرسان ٻيٽل منهنجي پيءُ ڏي پريم وچان ڏٺو. "منهنجو پيءُ ايڏو ته هيٺو ٿي ويو هو جو هن کي اندر وٽي ويندي ڊپ ٿي رهيو هو. ان ڪري مون هن جي لاءِ جهاز جي ڊاڪٽ جي پرسان ٿي کليل هوا ۾ هنڌ وچايو ۽ مان سندس

سار سنڀال جي لاءِ. هن جي ويجهو ئي جهاز جي ڊيڪ تي ويهي رهيس. ان مهل جهاز تي اسان ڇڻن مسافرن کان سواءِ ٻيو ڪير به نه هو. هن مهرباني ڪري مون کي پنهنجي پيءُ جي سار سنڀال جي لاءِ راءِ ڏني ته مان ڪيس ڪيئن هوا ۾ موسم کان بچايان. منهنجي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته مان اهو ڪيئن ڪريان. مون کي ڪو اندازو نه هو ته بندرگاهه کان نڪرڻ کان پوءِ هوا جو مُنهُن ڪهڙي پاسي هوندو. هن منهنجي مدد ڪئي. هن منهنجي پيءُ جي بيماريءَ تي ڏاڍيءَ نرمي ۽ ٻاجهه سان ڏک جو اظهار ڪيو جيڪو مان پڪ سمجهان ٿي ته هُو دلي طور تي محسوس ڪري رهيو هيو. ائين اسان جي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ٿي.

"وچ ۾ ٽپي پوڻ جي معافي ٿو گهران. پر ٻڌايو ته هُو جهاز تي اڪيلو چڙهيو هو؟"

"نه"

"هن سان ڪيترا ماڻهو گڏ هيا؟"

"ٻه فرانسي دوست. . ."

"ڇا اُهي پاڻ ۾ گفتگو ڪري رهيا هيا؟"

"اهي پاڻ ۾ آخر تائين ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا هيا. تيسيتائين جو اهي فرانس لهي، پنهنجي ٻيڙيءَ ۾ ويجي چڙهيا."

"ڇا انهن جي وچ ۾ لسٽن جهڙن ڪاغذن جي ڪا متا ستا ٿي هئي؟"

"ڪجهه ڪاغذن جي متاستا ضرور ٿي هئي. پر مون کي خبر ناهي ته اهي ڪاغذ ڪهڙي قسم جا هيا."

"ڇا هن ماپ ۾ شڪل جا هيا؟"

"ممڪن آهي ته ان شڪل ۾ ماپ جا هجن. پر مان پڪ سان چئي نه ٿي سگهان. جيتوڻيڪ اهي منهنجي گهٽو ويجهو ٻينا سس پس ڪري رهيا هيا. اهي جهاز جي ڏاڪڻين جي متئين حصي وٽ ٻينا هيا ته جيئن ڪين ليمپ جي روشني ملي سگهي. پر ليمپ ڏاڍو ڏندلو هو ۽ هُو صفا هورڙيان ڳالهائي رهيا هيا."

"ڪجھ قيدي جي ڳالھ ٻولھ جي باري ۾ ٻڌايو."

"قيدي وڏي فراخ دلي سان مون تي ويساھ ڪيو ھو. شايد اسان جي مجبورين کان متاثر ٿي. ھن اسان سان ڏاڍو سُنوڻ مھر پريو سلوڪ ڪيو. مون کي اميد آھي تہ ھن جي عنايتن جي بدلي ۾ منھنجي اڇوڪي شاھدي سان ڪيس کي بہ نقصان نہ پھچندو." ھُوءَ ايترو چئي روئڻ لڳي.

نيريون مکيون وري پڻ پڻ ڪرڻ لڳيون.

"مس مينٽا اھا شاھدي ڏيڻ توھان جو فرض ھو توھان کي ڏيڻي ئي پئي. سواءِ شاھدي ڏيڻ جي توھان لاءِ ٻيو ڪو بہ رستو نہ ھو. پر اھو سڀ توھان کي نہ چاھيندي بہ ڪرڻو پئجي رھيو آھي. قيدي کي ان ڳالھ جو اندازو آھي. جيڪڏھن ھن کي ان ڳالھ جي ڪا بہ اھميت نظر نہ ٿي اچي تہ ھن عدالت ۾ ڪير بہ سندس ھم خيال ناھي. مھرباني ڪري پنھنجو بيان جاري رکو."

"ھن مون کي ٻڌايو تہ ھُو ڏاڍي مشڪل ۾ نازڪ ڪم جي سلسلي ۾ ھي سفر ڪري رھيو آھي. ان جي ڪري ماڻھن جي مصيبت ۾ پئجي ويڻ جو ڊپ آھي. ھن اھو بہ چيو تہ ھن ڪم جي ڪري ڪيس ڪجھ ڏينھن لاءِ فرانس ويڻو پيو ھو ۽ شايد ڪجھ وقت تائين ھن کي ائين ئي فرانس ۽ انگلينڊ جي وچ ۾ اچڻو ويڻو پوندو."

"ڇا ھن آمريڪا جي باري ۾ بہ ڪجھ چيو ھو. مس مينٽا ٽورو سوچي سمجھي جواب ڏيو."

"ھن مون کي اھو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي ھئي تہ جنگ ڇا جي ڪري ٿي ھئي. ھن اھو بہ چيو ھو تہ سندس خيال مطابق ان جنگ ۾ انگلينڊ جي غلطي ۽ ڳھيلائپ ھئي. ھن مذاق ۾ چيو ھو تہ جارج واشنگٽن کي بہ شايد ھڪ ڏينھن ايتري ئي ناماچاري ملي ويچي جيتري جارج ٽئين کي ملي آھي. پر جنھن انداز ۾ ھن اھا ڳالھ چئي ھئي. اھو انداز قطعي خطرناڪ نہ ھو. رڳو ڪلندي ڪلندي ائين ٽائيم پاس ڪرڻ لاءِ چيو ھٿائين."

ڪنهن دلچسپ سِينَ ۾ جڏهن ڪنهن خاص اداڪار جي مُنهَن تي ڪو تاثر پيدا ٿيندو آهي، تڏهن تماشائين جي مُنهَن تي بہ لاشعوري طور تي اهڙوئي جذبو چانئجي ويندو آهي. هُوءَ جنهن مهل پنهنجو بيان ڏئي رهي هئي، تڏهن هن جي پيشانيءَ تي ڳڻتيءَ ۽ پريشانيءَ جي ڪري گهنج پئجي ويا هيا. جج جڏهن ڪجهہ لکڻ ٿي شروع ڪيو تہ هُوءَ وٽيءَ ڏيڻ لاءِ رڪجي ٿي وئي. هن جي حامين ۽ مخالفن جي چهرن تي بي چيني ڏسي، انهن جي راءِ جو اندازو هڻڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين. پريل عدالت ۾ گهڻن ڏڻن ماڻهن جي مڪن تي ساڳيو ئي تاثر هو ان حد تائين جو ڪنهن ڪنهن مهل ائين پئي لڳو تہ ماڻهن جون پيشانيون جڙ تہ آرسي آهن، جن تي شاهد جي مُنهَن جو عڪس ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. خاص ڪري ان مهل جڏهن جج جارج واشنگٽن جي باري ۾ ڪفر جو پوائنٽو جملو ٻڌو ۽ ڪاوڙ ۾ دوڙا ٻاهر نڪري آيس.

اٽارني جنرل هاڻ جج کي عرض ڪيو تہ احتياط ۽ قاعدي مطابق اهو ضروري آهي تہ نوجوان خاتون جي پيءُ کي شاهديءَ جي لاءِ گهرايو وڃي. ڊاڪٽر مينٽ شاهدن واري ڪٹهڙي ۾ بيهي رهيو.

"ڊاڪٽر مينٽ! قيديءَ ڏي ڏسو ڇا توهان هن کي اڄ کان پهرين ڪڏهن ڏٺو آهي؟"

"هڪ پيرو جڏهن هُو منهنجي گهر لنڊن آيو هو تي يا سادا تي سال ٿيندا."

"ڇا توهان سُجاڻپ ڪري سگهو ٿا تہ هي توهان سان گڏ جهاز تي سفر ڪري رهيو هو يا توهان جي ڏيءُ ۽ قيديءَ جي وچ ۾ جيڪي ڳالهيون ٿيون هيون، تن تي ڪا روشني وجهي سگهو ٿا؟"

"نہ جناب! ٻنيہ مان ڪا هڪ ڳالهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهان."

"ڇا توهان جي ان مجبوريءَ جو ڪو خاص ڪارڻ يا مقصد آهي؟"

"جي، ها." هن ڏاڍي ٽڪل آواز ۾ چيو.

"ڊاڪٽر مينٽا چا توهان کي بدقسمتيءَ سان بنان ڪنهن عدالتي ڪارروائيءَ جي، بنان ڪنهن الزام جي هڪ وڏي عرصي تائين پنهنجي وطن ۾ جيل جو مصيبتون سهڻيون پيون؟"

"هڪ وڏي عرصي تائين." ڊاڪٽر مينٽ اهڙي دردناڪ آواز ۾ چيو جو سيني جون دليون ڏکي ويون.

"چا ان موقعي تي توهان ترت ئي رها ٿي آيا هيا؟"

"ماڻهو ائين ئي چوندا هيا."

"چا ان واقعي بابت توهان کي ڪجهہ به ياد ناهي؟"

"ڪجهہ ياد ناهي! منهنجو دماغ هڪ سادي پني وانگر آهي هڪ زماني ۾... خبر ناهي ڪڏهن... مان جيل ۾ جُوتا ٺاهي وقت پاس ڪندو هيس... ان کان پوءِ مون پنهنجو پاڻ کي پنهنجي پياري ڏيءَ سان لنبن ۾ رهندي پاتو. جڏهن خدا جي مهربانيءَ سان منهنجا هوش حواس ٻيهر قائم ٿيا، تڏهن هُوءَ مون سان ڏاڍي رلي ملي وئي هئي... مان نہ ٿو ٻڌائي سگهان تہ هُوءَ ڪيئن منهنجي ايترو ويجهو ٿي وئي هئي، مون کي ان جو تفصيل ياد ناهي رهيو تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿيو..."

انارني جنرل ويهي رهيو. ان سان گڏ ئي پيءِ ڏيءَ به ويهي رهيا. ڪيس ۾ هڪ نرالو نُڪتو پيدا ٿي پيو هو. مقصد هي هو تہ اهو ثابت ڪيو وڃي تہ قيدي پنج سال اڳ، نومبر جي مهيني ۾، جمعي جي رات جو هڪ ٻئي ماڻهوءَ سان گڏ، جيڪو ان سازش ۾ سائس شريڪ هو، پر هاڻ گم آهي، ڊوور جي گاڏيءَ ۾ سفر ڪري رهيو هو ۽ ڏوکو ڏيڻ جي لاءِ ڪنهن ٻي جاءِ تي کهي ويو هو. هُو اُتي ترسيو نہ هو، پر ڪجهہ ميل پري بندرگاهہ جي هڪ فوجي ڪيمپ تي ويو ۽ معلومات ڏئي آيو. هڪ شاهد گهرايو ويو تہ جيئن سچائپ ڪري تہ هي اهوئي شخص آهي، جنهن کي هن فوجي ڪيمپ ۽ بندرگاهہ واري شهر ۾، هوٽل جي ڪافي روم ۾، هڪ ٻئي جو انتظار ڪندي ڏٺو هو. ملزم جي وڪيل ان شاهد کان آڏي پڇا ڪئي، پر نتيجو ڪجهہ به نہ نڪتو. هُو اهوئي چوندو رهيو تہ هن قيديءَ کي ڪنهن ٻئي ٻيري نہ ڏٺو آهي. اهو

همراهه جيڪو سامهون وڳ پايون ويٺو هو ۽ ڪارروائيءَ جي وچ ۾ لڳاتار چٽ کي گهوري رهيو هو تنهن ڪاڪر جي ٽڪري تي ٻه چار لفظ لکيا ۽ ان کي ويڙهي سيڙهي گولڙو ٺاهي. ملزم جي وڪيل ڏي اڇلائي ڇڏيو. ڪاڪر جي ٽڪري کي کولي پڙهڻ کان پوءِ وڪيل حيرت منجهان ملزم ڏانهن ڏاڍي ڏيان سان ڏٺو.

"تون اڄا ٻه چوين ٿو ته توکي پڪ آهي. ته اهو شخص هي قيدي ئي هيو." شاهد کي پوري پڪ هئي.

"ڇا تو ڪڏهن صفا قيدي جهڙو هر شڪل ڏٺو آهي."

"اهڙو ته نه ڏٺو اٿم. جنهن تي قيديءَ جو شڪ ڪري سگهجي." شاهد چيو.

"هي صاحب. جيڪو منهنجو لائق دوست آهي. ان ڏانهن ڏس."

وڪيل ڪاغذ جي پرچي ڏيڻ واري ڏي اشارو ڪري چيو "ڇا هاڻ قيديءَ ڏي ڏيان سان ڏس. ڇا خيال آهي. ڇا اهي ٻئي هڪ جهڙا آهن؟"

سياڻو سيبتو دوست لڇ لفنگو ته نه پئي لڳو پر لاپرواهه ۽ آڏنگن ڪپڙن ۾ هو. ان جي هوندي ٻه هُو ٻئي اهڙا ته هڪٻئي جهڙا هيا. جو جڏهن ٻنهي جي پيٽ ڪئي وئي. ته نه رڳو شاهد. پر موجود سڀ ماڻهو ٻه دنگ رهجي ويا. جج کي درخواست ڪئي وئي ته ان همراهه جي وگ لهرائي وڃي. جج اها اجازت ٿورو ٻُوٽ خراب ڪري پوءِ ڏني ته شڪل اڄا ٻه چٽي ٿي وئي. جج مسٽر اسٽرائيوَر. يعني ملزم جي وڪيل کان سوال ڪيو:

"جي نه" مسٽر اسٽرائيوَر جج کي جواب ڏنو. پر شاهد کان رڳو ايترو پڇڻ ٿو گهري ته جيڪا غلطي هن هڪ پيرو ڪئي آهي. ڇا ان جي ٻيهر ٿيڻ جو امڪان ناهي. جيڪڏهن هُو ان کان اڳ ان هڪ جهڙائيءَ کي محسوس ڪري وئي ها ته نوبت ايسيتائين نه پهچي ها ۽ پنهنجي تڪڙ کان پوءِ. هن کي اڳتي پنهنجي شاهديءَ تي پروسو ڪيئن ٿيندو. انهن سوالن جو مقصد رڳو اهو هو ته هُو شاهد کي شيشي جي ٽانوَ وانگر پيچي پورا ڪري ڇڏي ۽ هن جي شاهديءَ جي پت وائکي ڪري

ان وچ ۾ مسٽر ڪرنچر ڪيس جي هلندڙ ڪارروائي ۾ بيخياليءَ وچان پنهنجين آڱرين تي چڙهيل ڪٽ ڪاري ڪائي چڪو هو ۽ ٻڌڻ ۾ گم هو. جيسيتائين مسٽر اسٽرائيوَر قيديءَ جي ڪيس کي ڪپي ڪُتري هڪ چست لباس جيوري کي پارائي چڏيو. هن جيوري تي ظاهر ڪري چڏيو تہ اهو قومپرست برساد، اصل ۾ هڪڙو ڪرائي جو جاسوس ۽ غدار آهي. زندگين جو سودو ڪرڻ وارو آهي. بي شرم ۽ لعنتي جوڊا(يهوداه) کان پوءِ، اهوئي سڀ کان وڏو بدمعاش آهي، جيڪو هُو واقعي ۾ لڳي رهيو هو. پاڪباز نوڪر ڪلائي، هن جو دوست ۽ شريڪ هو ۽ ان کان وڌيڪ سُنو ٻيو ڪير ٿي ملي سگهيس. هنن ڪُوڙن قسم ڪٽندڙ ٿوڪين، هن قيديءَ کي ان ڪري پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي، جو هُو فرانس ڄائو آهي ۽ پنهنجي گهراڻي جي ڪنهن اهم ڪم جي سلسلي ۾ ڪاڙيءَ جي هن پار اچڻو وڃڻو پوندو هيس. انهن ماڻهن جو خيال ڪندي، جيڪي ڪيس پيارا ۽ عزيز آهن، هُو انهيءَ خانداني راز کي کولڻ کان پاسو ڪري رهيو آهي. توڙي جو ان ڪري سندس جند خطري ۾ پئجي وئي آهي. اها شاهدي هن خاتون کان زوريءَ ڏياري وئي آهي ۽ هن عدالت ڏٺو تہ هن کي اها شاهدي ڏيڻ مهل ڪيڏي نہ روحاني تڪليف ٿي رهي هئي، پر ان شاهديءَ جي ڪابہ اهميت ناهي. جيئن تہ سواءِ معصوم ڳالهہ ٻولهہ ۽ يڪ شڪ هٽڻ جي، جيڪي هڪ نوجوان مرد ۽ خاتون پاڻ هٽندا آهن، انهن ڳالهين ۾ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. پر جارج واشنگٽن جي ذڪر جي مهل وڏيون هوائي ۽ اڻ ٽيڙيون ڳالهيون ڪيون ويون هيون. پر انهن کي بہ هڪ واهيات مشڪريءَ کان وڌيڪ ڪا بہ اهميت نہ ڏيڻ گهرجي. گورنمينٽ جي لاءِ اها ڏاڍي ڪِريل ڳالهہ هوندي تہ عوامي راءِ کي پنهنجي حق ۾ ڪرڻ لاءِ ذليل ترين نفرتن ۽ دهشتن کي استعمال ڪرڻ جي ڪوششن ۾، خود هن جو تختو اونڌو ٿي وڃي. مسٽر اٽارني جنرل چيو تہ ان نڪتي سان انهيءَ قسم جون شاهديون ڪيسن کي بگاڙي چڏيندیون آهن. پر ان موقعي تي وري قابل جج سختيءَ سان ان ڳالهہ کي رد ڪري چڏيو. جڏ تہ اها سچائي ئي نہ هئي

ڀ هن چيو تہ هُو عدالت جي ڪرسيءَ تي ويهي اهڙي قسم جي بڪواس ٻڌي نہ ٿو سگهي.

پوءِ مسٽر اسٽرائيوَر پنهنجا شاهد آندا. مسٽر ڪرنچر وڏي ڏيان سان ٻڌندو رهيو ڀ انارني جنرل اهي چست ڪپڙا، جيڪي ملزم جي وڪيل جيوري کي پارائي چڏيا هيا، سي لاهي ڦٽا ڪيس ڀ پوري زور شور سان اهو ظاهر ڪيو تہ برساڌ ڀ ڪلائي سندس خيال مطابق سوين پيرا پلا هيا ڀ ملزم سوين پيرا خراب هو. سيني کان پچاڙيءَ ۾ قابل جج انهن ڪپڙن کي ڪڍهن لاٿو ڪڍهن پاتو ڀ پڪ ئي پڪ سان انهن کي چڪي تاڻي ملزم جو ڪفن ٻڌائي چڏيو.

ان کان پوءِ جيوري صلاح ڪرڻ لاءِ اندر هلي وئي ڀ نيريون مکيون وري پڙ پڙ ڪرڻ لڳيون. مسٽر ڪارٽن، جيڪو ويٺو چت کي تڪي رهيو هو سو پريشانيءَ جي حالت ۾ پنهنجي جاءِ تان نہ چُريو ڀ نہ سندس ورتاءِ بدليو. هن جو قابل دوست مسٽر اسٽرائيوَر پنهنجي سامهون ڪاغذن جو ڍير رکيون، پاڻ سان گڏ ويٺلن سان سس پس ڪري رهيو هو ڀ هيسجي گهبرائجي جيوري ڏي ڏسي رهيو هو. ماڻهو هيڏي هوڏي گهمي رهيا هيا ڀ نَون ٽولن ۾ شريڪ ٿي رهيا هيا. جج صاحب بہ پنهنجي جاءِ تان اُٿي اڳتي ٽيلار ڪري رهيا هيا ڀ ڪين اهو احساس هو تہ آيلن کي شڪ ٿي رهيو آهي تہ اهي هيسيل آهن. پر ڪارٽن اڪيلو ماڻهو هو جيڪو ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏيون، سيني کان لاتعلق ٿيو ويٺو هو. هن جو وڪيلن وارو قاتل ڪوٽ سندس ڪُلهن تان لهي ويو هو. وگ لاهڻ کان پوءِ ائين ئي لاپرواهيءَ وچان ڪُلهن تي رکي چڏي هيائين. هُو ڪيسن ۾ هٿ وجهيون، سجو ڏينهن ائين ئي چت تي تارا ڄمايون ويٺو رهيو ڀ اهڙيءَ تہ لاپرواهيءَ سان ويٺو رهيو. جو ڏاڍو واهيات لڳي رهيو هو. هُو حقيقت ۾ قيديءَ جو هم شڪل هو. خاص طور تي جڏهن ٻنهي جي پيٽ ڪٿي وئي تہ هُو وقتي طور ٿورو جوش ۾ اچي ويو هو ڀ سندس شڪل بہ گهٽي چٽي ٿي وئي هئي. پر ڪيئي ماڻهو هن کي

ائين ويڙل ڏسي حيرت کائي رهيا هيا تہ هنن انهن ٻنهي ۾ ساڃيائپ ڪيئن ڏٺي. مسٽر ڪرنچر پاڻ وٽ بيڙل ماڻهوءَ کي چيو:

"مان اڄ ڳڻي شرط ٿو رکان تہ هي شخص ڪو بہ قانوني ڪم نہ ٿو ڪري سگهي. ٻلا هن جهڙي کي ڪير ٻنهنجو ڪيـ وڙهڻ لاءِ ڏيندو."

ظاهر ۾ مسٽر ڪارٽن لاتعلق ٻڌيو ويٺو هو پ ن سيني مامرن جو مطالعو ٻين سيني کان گهٽي غور سان ڪري رهـ و. مثال طور جنهن مهل مس مينٽ ٻنهنجو ڪنڊ پيءُ جي چاتيءَ سان لاتو تہ هُو سيني کان پهريون ماڻهو هو جنهن هن کي ڏٺو ۽ ڏاڍيان چيو. . "آفيسر! ٿورو خاتون کي سنيال. هن کي ٻاهر وٺي وڃ. ڏسين نہ پيو تہ هُوءَ ڪري پئي."

جڏهن مس مينٽ کي ٻاهر نيو پئي ويو تڏهن ماڻهن کي مٿس ڏاڍو ترس اچي رهيو هو ۽ سندس پيءُ سان بہ همدردي ظاهر ڪئي وڃڻ لڳي. قيد جي زماني کي ٻيهر ياد ڪرڻ. هن جي لاءِ ڏاڍو ڏکائيندڙ ثابت ٿيو هو. آڏيءَ پڇا جي مهل وڏي پريشاني ظاهر ٿي رهي هيس ۽ ائين هُو اندروني هورا کورا ۾ ٻڏل. ڏاڍو ڪُراڙو لڳي رهيو هو ۽ تنهن مهل کان ئي مٿس ڪُٽنيءَ جا ڪارا ڪار چانيل هيا. هُو جڏهن ٻاهر وڃڻ لڳو تڏهن جيوريءَ ٿوري ساهي پٽي کيس ڏٺو ۽ پنهنجي نمائندي کي ڪجهہ چيو. هُو سهمت نہ هو ۽ ٻئي ڪمري ۾ وڃڻ پيو گهري. جج صاحب. جن جي دماغن ۾ شايد ايڏا تائين جارج واشنگٽن پريل هو حيران هيا تہ هُو سهمت ڇو نہ آهي. پر هنن وڏيءَ خوشيءَ وچان اجازت ڏئي ڇڏي تہ هُو پهريدارن جي حفاظت ۾ وڃي سگهي ٿو ۽ پاڻ بہ هليا ويا.

ڪيس جي ٻڌڻي سڄو ڏينهن هلندي رهي ۽ عدالت ۾ هاڻي بتيون ٻاريون پئي ويون. اها خبر پکڙجي رهي هئي تہ جيوري دير تائين اڪيلائي ۾ رهندي ماڻهو ساهہ پٽڻ لاءِ هليا ويا ۽ قيدي ڪٺهڙي جي پويان وڃي ويهي رهيو.

مسٽر لاريءَ جيڪو نوجوان چوڪريءَ ۽ سندس پيءُ سان گڏ ٻاهر هليو ويو هو سو موٽي آيو ۽ جيري کي اشاري سان گهرايو. جيڪو ميڙ جي ڇڏي ٽيڻ سان ڪيس ويجهو اچي ٽيو هو.

"جيري! جي تون ڪجهہ ڪائڻ پيئڻ چاهين تہ ويجي سگهين ٿو. پر ويجهو ئي هججانءِ! جيوري جي مونڻ جي خبر توتائين پهچي ويندي. انهيءَ جي اچڻ کان پوءِ هت موجود رهجان. ڇو تہ فيصلي جي خبر مان پاڻ بينڪ تائين پهچائڻ گهران ٿو."

جيريءَ جو نرڙ سلامي ڏيڻ لاءِ گهٽو ويڪرو ٿو. هن ان انعام جو شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ، پنهنجي نرڙ تي هٿ هنيو. ان ئي مهل مسٽر ڪارٽن اُٿي آيو ۽ مسٽر لاري جي ٻانهن ڇهندي چيائين. "خاتون جي طبيعت هاڻي ڪيئن آهي؟"

"ڏاڍي پريشان آهي. پر سندس پيءُ ڪيس تسلي ڏئي رهيو آهي ۽ عدالت کان ٻاهر وڃي. هن جي طبيعت بهتر ٿي وئي آهي."

"مان ملزم کي اها خبر ڏئي اچان! منهنجي خيال ۾ بينڪ جي ڪنهن معزز ماڻهوءَ جي لاءِ، قيديءَ سان ائين ڪليل ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ سٺو ناهي. توهان سمجهي ويا؟"

مسٽر لاريءَ جو مُنهُن ڳاڙهو ٿي ويو. هُو پاڻ بہ شايد ان نڪتي تي سوچي رهيو هو. مسٽر ڪارٽن عدالت جي ڪٺهڙي کان ٻاهر نڪري ويو. عدالت جو ٻاهريون دڳ بہ مٿي ئي هو ۽ مسٽر جيري پنهنجن ڪوڪن سان گڏ اکيون ڦِرڙائيندو ڳُن ڪيٽا ڪيون هن جي پويان پويان لڳو ويو.

"مسٽر ڊارني!"

قيدي سٽ ڏئي اڳتي وڌيو.

"پڪ سان توهان کي پنهنجي شاهد مس مينٽ جي طبيعت جاڻڻ جي ڪٽتي لڳل هوندي. هُوءَ بلڪل خير سان آهي. اُنَ مهل هُوءَ ڏاڍي پريشان ٿي وئي هئي."

"مون کي ڏاڍو افسوس آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ منهنجي ڪري ٿيو. ڇا توهان مهرباني ڪري هن تائين اها ڳالهہ منهنجي شڪرئي سان گڏ پهچائي سگهو ٿا."

"ها. جيڪڏهن توهان چئو تہ مان توهان جو اهو نياپو هن تائين پهچائي ڇڏيندس." مسٽر ڪارٽن جو ورتاءُ بدتميزيءَ جي حد تائين

لاپرواهيءَ وارو هو. هُو ڪٿهڙي تي هٿ رکيون، ملزم کان ٻُنهُن موڙيون ٻيٺو هو.

"ٺورا قبول ڪيو."

"توهان کي فيصلي بابت ڪهڙي اميد آهي؟ مسٽر ڀارني!" هن ائين ئي ٺورو مُڙي پڇيو.

"بدترين فيصلي جي اميد آهي."

"بدترين فيصلي جي اميد ڪرڻ ئي بهتر آهي. آثار بہ ڪجھ اهڙائي آهن. پر هنن جو سوچ ويچار لاءِ مهلت گهرڻ، توهان جي حق ۾ سُنو آهي."

عدالت کان ٻاهر نڪرڻ مهل رُلڻ جي اجازت نہ هئي، ان ڪري جيريءَ ٻيو ڪجھ نہ ٻڌو ۽ هنن کي چڏي هلي پيو. ٻئي شڪل صورت ۾ ڪيڏا نہ هڪجهڙا هيا، ورتاءَ ۾ سلوڪ ۾ ڪيڏا نہ الڳ هُو ڪڏوڪڏ ٻيٺا هيا. ٻنهي جو عڪس آرسيءَ ۾ پئجي رهيو هو. هيٺ ڊگ چورن لوفرن سان پريل هو. قيمي جي سموسن ۽ شراب جي شغل ۾ اڏڪلاڪ ڳهلجي گهلجي گذري ويو.

نياپو آٽيندڙ جنهن جي نڙي ويڙل هئي، کاڏي پيتي مان مزو وٺڻ کان پوءِ وڏيءَ بي آراميءَ سان، هڪ ڪرسيَ تي آهلجي پيو. تڪڙو ڀالهائيندڙ ماڻهن جي هڪ لهر اندر آئي ۽ هن کي پاڻ سان گڏ وهائي ان ڏاڪڻ ڏي وئي وئي، جيڪا عدالت ڏي وڃي رهي هئي.

"جيري، جيري!!..." جڏهن هُو در تي پهتو تڏهن مسٽر لاري ڪيس اڳ ئي سڏ ڪري رهيو هو.

"جي، صاحب! موٽي اچڻ بہ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. اجمو حاضر ٿيس، جناب! هاڻي حڪم ڪيو."

مسٽر لاريءَ ماڻهن جي هجوم ۾ هڪ ڪاغذ ڪيس ڏيندي پڇيس، "ملي ويئي.. تڪڙ ڪر."

"ها، سرڪار!"

هڪ ڪاغذ جي ٽڪري تي لکيل هو، "ڪتي ويو."

"جيڪڏهن هن پيري ۾ توهان لکو ها تہ ٻيهر نئين زندگي ملي وئي تہ مان توهان جو مطلب خوب سمجهي ويڃان ها." جيري ٻاهر نڪري آيو. ان کان وڌيڪ هن وٽ سوچڻ يا چوڻ جو وقت نہ هو. هُو پراٽيءَ مختيارڪاريءَ مان ٻاهر نڪري آيو. ان کان پوءِ ئي عدالت مان مخلوق جو اهڙو تہ وهڪرو ٻاهر نڪتو جنهن هُنَ جا پير اُکيڙي ڇڏيا. گهنٽيءَ ٻريڪ ٻڌ پڙاڏا ڪري رهي هئي. جڏ تہ مڪيون دلڪسڪستا ٿي ٻئي ڪنهن لاش جي ڳولا ۾ اُڏي ويندیون هجن.



باب چوٽون

مبارکون

عدالت جي اڌ اونداهي ورانديِ مان سڃي ڏينهن جيڪو انسانن جو ٽولو اُٽليو هو تنهن جو ڳالهه اڃا وهي رهيو هو. ڊاڪٽر مينٽ، لوسي مينٽ، مسٽر لاري، ملزم جو سالسٽر ۽ وڪيل مسٽر اسٽرائيوَر آزاد ٽيل مسٽر چارلس ڊارني جي چوڌاري گڏ ٽيل هيا ۽ ڪيس آزاد ٽيڻ تي مبارکون ڏئي رهيا هيا. ان ڏنڏليءَ روشنيءَ ۾ اهو ايڏو بردبار ۽ ذهين ڊاڪٽر مينٽ ئي اهو صاحب آهي، جيڪو پيرس جي هڪ گنديءَ کونڊيءَ ۾ جُوتا ٺاهيندو هو. هن کي هڪ پيرو ڏسڻ کان پوءِ وري ٻيهر ڏسڻو پوندو هو. توڙي جو ائين ڏسڻ واري کي به اها خبر نه پئجي سگهندي هئي، ته هن جي جهيڻي آواز ۾ ڪيترو نه غم آهي ۽ ٻنان ڪنهن سبب جي هن تي هر هر ڇو خود فراموشي ڇانئجي وڃي ٿي. عام طور تي ته جيل خاني جي ياد تازي ٽيڻ تي، جيئن عدالت ۾ ٽيو هن مٿان اها گهٽ ٻوسٽ ڇانئجي ويندي هئي، جنهن جو ڪٽڪو ڪيس هر وقت لڳل هوندو هو پر بنا ڪنهن سبب جي، مٿس روحاني پيڙا جو حملو ٽيندو هو. ان کي اهي ماڻهو سمجهي نه سگهندا هيا، جيڪي سنڊس اصلي ڪهاڻيءَ کان واقف نه هيا ۽ کين اهو لڳندو هو ته جڻ ته گرمين جو سج مٿن باستيل جا پاڇا وجهي رهيو هجي. توڙي جو باستيل جو جيل تي سئو ميل پري هو. رڳو هن جي ڏيءَ غم جي انهن اونداهن پاڇن کي پنهنجي پيار جي جادو سان پري ڪري سگهندي هئي. هُوءَ هڪڙو سونهري ٻنڌڻ هئي، جنهن جي وسيلي هن جو اهو ماضي، جيڪو غم ۽ پيڙا سان پريل پهاڙ ٽنڻ کان اڳ وارو هو ۽ اهو

حالُ جيڪو ڏکن جي گذري ويڑ کان پوءِ شروع ٿيو سو هڪ مسلسل زمانو بڻجي ويو هو. هُنَ جي آواز جي نغمگي، هن جي مُڪڙي جو نُور ۽ هن جي هٿن جو ڇُهاءُ، هميشہ سندس درد ۽ غم جي لاءِ اڪسير جو اثر رکندو هو پر سدائين رکندو اهو چوڻ بہ صحيح ناهي. چو تہ ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون گهڙيون بہ ٿي گذرنديون هيس، جڏهن هن جون سيئي صلاحيتون بيڪار ثابت ٿي پونديون هيون. پر اهڙيون گهڙيون هاڻ ڪڏهن ڪڏهن ايندیون هيون ۽ هن کي پڪ هئي تہ اهي گذري ويون. مسٽر ڀارني وڏي جوشيلي جذبي وچان شڪر گذار ٿي، هن جي هٿ کي چُمي ڏني، پوءِ مسٽر اسٽرائيوَر ڏي مُڙي، وڏي گرمر جوشيءَ سان سندس ٿورا مڃيا.

مسٽر اسٽرائيوَر ٽيهن ورهين کان وڌ جو نہ هوندو، پر پنجاهہ جي لڳ ڀڳ جو لڳندو هو. ٽلهو متارو گهمگهي آواز ۽ ڳالهائڻ وارو مُنهُن ڳاڙهو جهڙو لال چقندر، مزاج ۽ بيتاڪ ۽ ڪَهرائپ. هُو هر محفل ۽ هر موقعي تي اخلاقي ۽ جسماني طور تي ڪُلهو هڻي اڳتي نڪري ويڑ جو هيراڪ هو. هن جي ان عادت جي ڪري ڪيس پنهنجي ڏنڊي ۽ ترقي ڪرڻ لاءِ وڏي مدد ملي. هُنَ کي هِنَ مهل تائين پنهنجو گائون ۽ وگ پاتل هيا. هن چاتي تاٽي هڪ ئي ڏِڪي سان پنهنجي موڪل مسٽر لاريءَ کي ميڙَ مان ٻاهر ڪڍي چڏيو ۽ چيائينس، "مون کي ڏاڍي خوشي آهي تہ مون توهان کي باعزت رها ڪرائي وڌو. توهان مٿان حد کان وڌيڪ ڪِريل الزام هيو ۽ ان ڪري ئي تہ ثابت ٿي نہ سگهيو."

"توهان مون کي سڄي عمر جي لاءِ پنهنجو ٿورائتو ڪري چڏيو." اڳوٽي موڪل هن جو هٿ پڪڙيندي چيو.

"مون پنهنجي پوري ڪوشش توهان لاءِ ڪم آندي، مسٽر ڀارني! پڪ سان منهنجي پوري ڪوشش ايتري ئي قدر جي لائق آهي، جيتري ڪنهن ٻئي جي." مسٽر اسٽرائيوَر چيو. هن جي نوڙت جو مطلب، ٻين کان پنهنجي ساراهہ ڪرائڻ هيو. اهوئي سبب هو جو مسٽر لاريءَ کي چوٽو پيو. "واهہ سائين واهہ! ٻين جو توهان سان ڪهڙو مقابلو؟" ۽ پوءِ

هُو ڊوڙندي پنهنجي ٽولي ڏي موٽي آيو. جنهن مان هُو ڪلهي جي زور تي هٽايو ويو هو.

"هائو! ته توهان جو اهو خيال آهي. توهان سڄو ڏينهن حاضر رهيا. توهان صحيح نمونو ڄاڻو ٿا، چو ته توهان ڪاروباري ماڻهو آهيو."

"ان ڪري مان ڊاڪٽر مينٽ کي عرض ڪندس ته مجلس ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري ۽ اسان سيني کي گهرن ڏانهن وڃڻ جي اجازت ڏئي. مس لوسي ڏاڍي بيمار پئي نظر اچي. مسٽر ڊارني به ڏاڍو ڏکيو ڏينهن گذاريو آهي. اسان سپ ٽڪجي پيا آهيون."

"اهو رڳو توهان چئي سگهو ٿا، مسٽر لاري! مون کي ته اڃا سڄي رات ڪم ڪرڻو آهي. ها، توهان پنهنجي لاءِ ائين ضرور چئي سگهو ٿا." مسٽر اسٽرائيوَر چيو.

"جي هائو مان پنهنجي لاءِ به چئي رهيو آهيان. مسٽر ڊارني! مس لوسي... ! مس لوسي توهان جو چا خيال آهي؟ چا مان اها ڳالهه سيني جي پاران چئي نه ٿو سگهان!؟" هن جي پيءُ ڏي مامَ پريل نگاهن سان ڏسندي پڇيو. ڊاڪٽر مينٽ ڏاڍيءَ رکائپ وچان ڊارني کي ڏسي رهيو هو. هن جي اکين مان ڳڻتي، ناپسنديدگي، بي اعتباري ۽ ڊپ جهلڪي رهيو هو. هن جي چهري تي اهو عجيب تاثر هو ۽ هن جا خيال نه ڄاڻ الائي ڪٿي پٽڪي رهيا هيا.

"بابا!" لوسيءَ هورڙيان پنهنجي پيءُ جي ٻانهن کي ڇُهي چيو.

هن هوري هوري ان اونداهي خيال کي پري اڇلائي ڇڏيو ۽ ڏيءُ ڏي ڏيان ڏنو.

"گهر هلو، بابا!"

"ها!" هن هڪڙو ڊگهو ٽڏو ساهه پريندي چيو.

آزاد ٽيل قيديءَ کي دوست ۽ ساٿي ڇڏي وڃي چڪا هيا. چو ته هنن سيني اهو ئي پئي چيو ته اڄ ڪيس آزاد نه ڪيو ويندو. ورانديِ جون سيئي بتيون وسايون ويون هيون. فولادي ڦاٽڪ هڪ جهنڪار سان بند ٿي رهيا هيا. پوائنٽي جاءِ ويران ٿي رهي هئي. ٻئي ـينهن وارين

ڏاسين. ڪوڙن جي سزائن ۾ لوهہ سان داغڻ جو نظارو ڏسڻ وارا ماڻهو وري هتي اچي گڏ ٿيندا. پنهنجي پيءُ ۾ ڀارني جي وچ ۾ هلندڙ لوسيءَ ٻاهر تازيءَ هوا ۾ پهچي وئي. هڪ بگي گهرائي وئي ۾ پيءُ ۾ ڏيءُ ان ۾ ويهي هليا ويا.

مسٽر اسٽرائيوَر کين وراندي ۾ چڏي، پاڻ ڪپڙا متائڻ واري ڪمري ڏانهن ڪُلها هڻندو هليو ويو. هڪ ٻيو همراهہ جنهن ڪنهن سان به نہ ڳالهايو هو سو اوندهہ ۾ پٽ سان ڪلهو لڳايون ٻيٺو هو ۾ جنهن مهل بگي هلي وئي، تڏهن ماڻ ڪيون، ٻين سان گڏ هُو به ٻاهر نڪري آيو ۾ پري ٽيندڙ بگيءَ کي ڏسندو رهيو. پوءِ وري هُو فٽ پاٽ تي بيٺل مسٽر لاري ۾ مسٽر ڀارني وٽ هليو ويو.

"ٻڌاءِ مسٽر لاري! ڪاروباري ماڻهو هاڻي مسٽر ڀارني سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهن ٿا."

ڪيس هلندي، جيڪي خدمتون مسٽر ڪارٽن سرانجام ڏنيون هيون، تن جو ذڪر ڪنهن نہ ڪيو هو ۾ نہ وري ڪنهن کي هن جي جاڻ هئي. هُو پنهنجو گائون ۾ وِگ لاهي چڪو هو، پر انهن کانسواءِ هُو کو گهٽو سُنو ڪونہ پئي لڳو.

"مسٽر ڀارني! توهان کي خبر ناهي تہ هڪڙي ڪاروباري ماڻهوءَ جي دماغ ۾ ڪيترا مختلف خيال پيا ڦرندا رهندا آهن. خاص طور تي جڏهن هڪ ڪاروباري ماڻهوءَ جو دماغ نيڪي ۾ ڪاروبار جي وچ ۾ ورهائجي ويندو آهي. توهان کي ڪل ايندي، مسٽر ڀارني!"

"توهان اها ڳالهہ اڳ به چئي چڪا آهيو جناب! اسان ڪاروباري ماڻهو پنهنجن ڪمن جا پاڻ مالڪ آهيو. اسان کي پاڻ کان وڌ بينڪ جو خيال رکڻو پوندو آهي." مسٽر لاريءَ شرمندو ٿيندي گرم جوشيءَ وچان چيو.

"ڄاڻان ٿو ڄاڻان ٿو." مسٽر ڪارٽن لاپرواهيءَ وچان چيو "ڪاوڙجو نہ. توهان به ٻين وانگر ئي آهيو. ايجا به انهن کان بهتر آهيو منهنجي خيال ۾."

"پر، جناب! منهنجي سمجهه ۾ نه ٿو اچي. هن مامري سان توهان جو ڪهڙو تعلق آهي؟ مان عمر ۾ توهان کان وڏو آهيان. تنهنڪري توهان مون کي معاف ڪريو جي مان اهو چوان ته ان مامري سان توهان جو ڪوبه مطلب نه هجڻ گهرجي." مسٽر لاريءَ هن ڏي ڏيان نه ڏيندي چيو.

"مطلب . . يا خدا! منهنجو ان مامري سان ڪو به مطلب ناهي." مسٽر ڪارٽن چيو.

"وڏي افسوس جي ڳالهه آ، جناب!"

"ها، منهنجو به اهوئي خيال آ."

"جي منهنجو ڪو مطلب هجي ها ته توهان ان تي ڏيان ڏريو ها." مسٽر لاريءَ چيو.

"خدا جو قسم. . . ڪڏهن به نه . . مون کي دخل نه ڏيڻ ڪپي ها. . ." مسٽر ڪارٽن چيو.

"ڏاڍو سٺو جناب!" مسٽر لاريءَ بي ڏياني‌ءَ سان، پر ڪاوڙ وچان چيو. "ڪاروبار هڪ معزز ۽ وقار وارو پيشو آهي ۽ جي مصلحت ۽ خاموشيءَ کا مهر لڳائي ڇڏي آهي ته مسٽر ڊارني هڪ وڏي دل وارو نوجوان آهي ۽ هُو جاڻي ٿو ته ڪنهن جي خدمتن جو صلو ڪيئن ڏنو ويندو آهي. گڊ نائيٽ، مسٽر ڊارني! خدا توهان کي خوش رکي. مون کي پڪ آهي ته خدا اڄ توهان جي جان ان ڪري بخشي آهي ته جيئن توهان هڪڙي سک پري زندگي گذاري سگهو. . . او بگيءَ وارا!" شايد ڪجهه پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙ هيس ۽ ڪجهه ورڻ وکيل تي اچي رهي هيس. هُو بگيءَ ۾ ويهي، ٽيلسن ڏانهن روانو ٿي ويو. مسٽر ڪارٽن جي وات مان شراب جي بوءِ اچي رهي هئي ۽ ٿورو هوش مان نڪتل هو. هُو مسٽر ڊارني ڏي مُڙيو ۽ چيائين، "هي ڪيڏو نه عجيب اتفاق آهي ته اسان ٻئي رهجي ويا آهيون. توهان کي هتي سڙڪ جي پٽرن تي پنهنجي همزاد سان ٻيهندي ڪجهه عجيب لڳي رهيو هوندو."

"ايڏا تائين مون کي ويساهه نه پيو اچي ته مان وري هن دنيا جو واسي ٿي ويو آهيان." ڊارني چيو.

"ڪا حيرت جھڙي ڳالھ ناھي. ڪو گھٽو عرصو نہ گذريو آھي، توھان ۾ي دنيا ڏي گھٽو اڳتي ھليا ويا ھيا. توھان جو آواز ڏاڍو ڪمزور ٿي رھيو آھي."

"لڳي ٿو تہ مون تي ڪمزوريءَ جو دورو پئجي رھيو ھي." ڊارني ٿورو ھيڪيو.

"تہ پوءِ خدا جي وسطي ماني ڇو نہ ٿا کائو. مون تہ ان مھل ئي کائي ڇڏي ھئي، جنھن مھل ھُو چَريا بحث ڪري رھيا ھيا تہ توھان کي ھن دنيا ۾ رھڻ ڏجي، يا ٻيءَ دنيا ڏي موڪلي ڇڏجي. اڇو توھان کي ويجھي ھوٽل ۾ ونڊي ھلان ٿو. اُتي توھان کي سڀي ماني ملي ويندي."

ھُو ھن کي ٻانھَن کان ونڊي، لڊگيٽ ھِل کان فليٽ اسٽريٽ ونڊي ويو. ھُو ٻئي ھوٽل جي ھڪ ڪمري ۾ وڃي ويٺا، جتي سُڀي کاڌي ۽ عمدي شراب جي مدد سان. چارلس ڊارني ۾ ساھ پوڻ لڳو.

ڪارٽن انھيءَ ميز تي، سندس سامھون شراب جي بوتل ڪنيون ويٺو ھو ۽ ھن ڏي ٿورو گستاخي سان نھاري رھيو ھو.

"مسٽر ڊارني! ھاڻي محسوس ڪيو ٿا تہ توھان زمين تي آھيو؟"

"ھا، ايترو محسوس ڪرڻ جھڙو تي ويو آھيان. توڙي جو وقت ۽ جاءِ جي باري ۾ اڃا ڪجھ مونجھارو ٿئي ٿو."

"ڏاڍو اطمينان محسوس ڪري رھيا ھوندئو؟" ھن گوڙاڻ ۾ئي لھجي ۾ چيو ۽ پنھنجو وڏو گلاس ۾ري ورتو.

"جيسين منھنجي راءِ جو سوال آھي تہ مان اھو وساري ڇڏيڻ چاھيان ٿو تہ مان ھن دنيا جو رھاڪو آھيان. مون لاءِ ھتي سواءِ شراب جي ٻي ڪا بہ دلچسپي ناھي ۽ نہ وري دنيا کي ڪا منھنجي گھرج آھي. ان ماڻري ۾ اسان ٻي مختلف آھيون. مون کي تہ ھيءَ پڪ ٿيندي ٿي وڃي تہ اسان ڪنھن بہ ڳالھ ۾ ھڪجھڙا ناھيون."

سڃيءَ ڏينھن جو ٽڪ ۽ جذباتي پريشاني ۽ ان کان پوءِ وري پنھنجي ھمزاد جي روبرو ويھڻ، چارلس ڊارني کي اھو سڀ سپنو لڳي رھيو ھو.

مسٽر ڊارني! مانءُ ڪائي ڇڪو آهين تہ پوءِ پنهنجي صحت جو جام چونہ ٿو پين؛ حت جو جام پيءُ."

"ڪنهن جي د ت جو جام؟"

"اهو نالو جيڪو تنهنجي زبان تي آهي، هجڻ ئي گهرجي. پڪ سان هوندو به ان ڳالهہ جو تہ مان قسم بہ ڪٽي سگهان ٿو."

"مس مينٽ!؟"

"ها، مس مينٽ."

صحت جو جام پيئڻ وقت ڪارٽن پنهنجي سامهون ويٺل ساٿيءَ کي چتائي ڏسندو رهيو پوءِ خالي گلاس کي پنهنجي پويان پٽ تي هٽي ڪيڊيائين، پوءِ گهنٽي وڄائي ٻيو گلاس آڻڻ جو حڪم ڏنائين.

"اوندهہ ۾ ڪنهن اهڙيءَ سهڻيءَ ناريءَ کي بگيءَ ۾ چڙهڻ لاءِ سهارو ڏيڻ بہ مزي کان خالي ناهي، مسٽر ڊارني!" هن پنهنجو تازو جام پريندي چيو.

"ها." پرنءَ کي وٽ ڏئي، نخري سان جواب ڏنو ويو.

"جي اهڙي حسينا رحم ڪائي ۽ ڪنهن لاءِ ڳوڙها ڳاڙي تہ اهو ضرور محسوس ڪندو هوندو! ڇا هن لاءِ ڪو قاسيءَ واري ڪيس جو جوڪم بہ ڪٽي سگهي ٿو ان اميد ۾ تہ ڪو همدردي محسوس ڪندي ڳوڙها وهائيندو. ڪيئن؟ مسٽر ڊارني!"

ڊارني وري بہ ماڻ رهيو.

"مون توهان جو نياپو پڄايو تہ ڏاڍي خوش ٿي. هن پنهنجي خوشي ظاهر ٿيڻ تہ نہ ڏني، پر مون کي پڪ آهي تہ خوشي ٿي هوندس." هن جي ذڪر ڪرڻ تي ڊارني کي ياد آيو تہ سندس اڻ وٽندڙ ساٿيءَ، خود پنهنجي مرضيءَ سان، هن ڏڪئي وقت ۾ سندس مدد ڪئي هئي. هن ڳالهہ ٻڌائيندي سندس ٿورا مڃيا.

"نہ، مون کي ڪنهن بہ ٿوري جي گهرج ناهي ۽ نہ وري مان ان جو حقدار آهيان." ڪارٽن لاپرواهيءَ وچان چيو "پهرين ڳالهہ تہ ان جي ڪا مهل نہ هئي. ٻيو خبر ناهي تہ مان اهو چو چيو. مسٽر ڊارني! مان هڪ سوال پڇي سگهان ٿو."

"وڏيءَ خوشيءَ سان. پر توهان جي مهربانين جو بدلو ڪيئن ٿو ڏئي سگهجي؟"

"توهان جو ڇا خيال آهي؟ مان توهان کي خاص طور تي پسند ڪريان ٿو."

"سچي ڳالهه هي ۽ آهي مسٽر ڪارٽن! ته منهنجي دل ۾ اهو سوال ڪڏهن اُٽيو ئي ناهي." ڊارني ٿورو لڄي ٿيو.

"ته پوءِ پڇي ونو نه پنهنجي دل کان اهو سوال."

"توهان ظاهر ته ائين ٿا ڪيو پر منهنجو خيال آهي ته توهان مون کي پسند نه ٿا ڪريو."

"مان توهان جي سياٽپ جو قائل ٿيندو پيو وڃان. هائو. مان توهان کي بلڪل پسند نه ٿو ڪريان." ڪارٽن چيس.

"تنهن هوندي به شايد اهڙي ڪا ڳالهه ناهي، جو اسان بنان دشمنيءَ ۾ ڪينيءَ جي، هڪٻئي کي خدا حافظ نه چئي سگهون." ڊارني گهنٽي وڄائڻ لاءِ اُٿندي چيو.

"ڪا اهڙي ڳالهه ته ناهي." ڪارٽن هن سان سهمت ٿيو. ڊارني گهنٽي وڄائي.

"اندازو صحيح هنيو اٿئي." ڪارٽن چيس. جڏهن ڊارني هائوڪار ۾ ڪنڊ ڏوڪيو تڏهن ڪارٽن نوڪر کي چيو "مون لاءِ هڪ بوتل شراب ڪٽي آ ۽ مون کي ڏهين وڳي ننڊ مان اٿارجانءِ"

بل ادا ڪي ويو ته چارلس ڊارني اُٽيو ۽ گڏنائيٽ چيائين. ڪارٽن بنان جواب ڏيڻ جي اُٽيو ۽ ڪاوڙجي چيائينس: "هڪ آخري ڳالهه ٻي ڊارني! تنهنجي خيال ۾ مان پيتل آهيان!"

"منهنجو خيال آهي ته توهان شراب پيتو آهي، مسٽر ڪارٽن!"

"اهو تنهنجو خيال آهي. توکي چڱيءَ طرح خبر آهي ته مون شراب پيتو آهي."

"توهان چوائڻ ئي چاهيو ٿا ته پوءِ ها مونکي خبر آهي."

"ته پوءِ توکي اهو به چاڻڻو پوندو ته مون شراب ڇو پيتو آهي. مان هڪڙو ناڪام قسم جو ٻوگهلو ماڻهو آهيان، صاحب! مون کي

دنيا ۾ ڪنهن جي به پرواهه ناهي ۽ دنيا ۾ ڪنهن کي منهنجي پرواهه به ناهي."

"وڏي افسوس جي ڳالهه آهي. توهان کي پنهنجين صلاحيتن جو ڪُنو استعمال ڪرڻ گهرجي ها."

"ها، شايد ائين ٿي پئي سگهيو. مسٽر بارني! ٿي پئي سگهيو. پنهنجي سنجيدا چهري تي نه وڃو. توهان کي ڪهڙي خبر ته چا ڪجهه ٿي سگهي ٿو. چگو گڊ نائيٽ!"

جڏهن هُو عجيب ماڻهو اڪيلو رهجي ويو تڏهن هڪ شمع کڻي هڪ آئيني جي سامهون وڃي. ماڻ ڪري غور سان پنهنجي صورت ڏسڻ لڳو. "چا توکي هُو پسند آهي. پنهنجي هر شڪل کي پلا پسند ڪرڻ جو سبب! تو ۾ ته پسند ڪرڻ جي قابل ڪا خاص ڳالهه ناهي. تون اهو چگيءَ طرح ڄاڻين ٿو... هاءِ...! لعنت هجي تنهنجي شڪل تي! تو پاڻ ۾ اهڙي ڪهڙي تبديلي پيدا ڪري ورتي آهي. واهه واهه! ڪهڙي نه عمدي ڳالهه آهي ته ان ماڻهوءَ کي پسند ڪيو وڃي. جيڪو توکي محرومين جو احساس ڏياري.. ۽ تون چا بڻجي سگهين پيو. هاءِ!... هن سان جاءِ مٽائي ڇڏ.. ته چا اهي سهڻيون نيريون اکيون توڏي ائين ڏسنديون. جيئن هن ڏي ڏسي رهيون هيون. چا تنهنجي لاءِ به ان چهري تي ساڳيو ئي رنج چانئجي ويندو. جيئن هن لاءِ چانئجي ويو هيس.. اڙي.. ڪوڙ ڳالهائڻ مان ڪهڙو فائدو! صاف صاف چئي ڏي ته توکي هن کان نفرت آهي."

هُو غم مِٽائڻ لاءِ وري شراب ڏي لڙي ويو. هُو ڪجهه منٽن ۾ ئي سڀ ڪجهه ختم ڪري. پنهنجي ٻانهَن تي مٿو رکي سمهي پيو... هن جا وار ميز تي وکريل هئا. ميڙ جي وهڻ سان ائين پئي لڳو ته شمع هن لاءِ ڪفن تيار ڪري رهي آهي.



باب پنجون

گدڑ

اهي پيئڻ پيارڻ جا ڏينهن هيا. عام طور تي ماڻهو گهٽو شراب پيئندا هيا. زمانو ڪيڏو بدلجي ويو آهي. عادتون ڪيڏيون نہ سُڌري ويون آهن. اڄ ڪلهہ هڪ شريف انسان بس ايترو ئي شراب پيئي ٿو جو جيئن سندس حالت کل جوڳي نہ ٻڌجي. اُنَ زماني ۾ ايتري مقدار کي ڏسي ماڻهو کلندا هيا. وڪيلن جو تعليم يافتا طبقو ۽ يقين سان مستيءَ ۾ مئي پرستيءَ جي معاملي ۾ ڪنهن ٻئي سڌريل گروهہ کان ڪنهن ۽ ريت گهٽ نہ هوندو هو. مسٽر استرائيوَر جيڪو تڪڙا ٿُونا هڻندو وڪالت جي ڏنڈي ۾ پنهنجي ڪنهن ۽ ڪليگ کان پوئتي نہ هو سو هِنَ خشڪ ڪم کان سواءِ شراب واري تَر دماغيءَ ۾ ۽ گهٽو اڳرو رهندو هو. هُو پراٽيءَ مختياركاريءَ ۾ وڏو هردلعزيز هو ۽ سيشن ڪورٽ ۾ ۽ سندس هلندي پڄندي هئي. هُو وڏي احتياط سان، جيڪي ڪاميابيءَ جا مختلف ڏاڪا چڙهيو هو انهن جا ئي پاوا ڪپيندو پئي ويو. سيشن ۾ پراٽي مختياركاري وڏي ڇاهہ منجهان هانهون پکيڙي، ڪيس پنهنجي پاڪر ۾ پريندي هئي ۾ مسٽر استرائيوَر جو ڳاڙهو ڳٽول چهرو ڏهاڙي عدالت جي لاردِ چيف جسٽس جي اڳيان ٻين کي ٿونا هڻي پهچي ويندو هو. ڪيئي وِڳ پاتل ماڻهن جي وچ ۾ هن جو وگ سان ويڪيل مٿو ڏسي ائين لڳندو هو جڙ تہ هڪڙو سورج مکيءَ جو گل سج ڏي اوچو ٿيندو پيو وڃي ۾ هن سان گڏ موجود ماڻهو ڪيس ڪاوڙمان تکي رهيا آهن.

عدالت ۾ اها ڳالهه چٽي ٿي چڪي هئي ته مسٽر اسٽرائيوَر وڏو واتوڙو ڏاڍو بي مروت، گهٽو ڏڙت انسان آهي. هن ۾ بيانن جو نچوڙ ڪڍي وٺڻ جي صلاحيت، جيڪا ڪنهن به وڪيل جي لاءِ ڏاڍي اهم صفت هوندي آهي، سا اصل نه هئي. پر هن هڪدم ان ميدان ۾ ساراهه جوڳي ترقي ڪري ورتي. هن کي جيترو به گهٽو ڪم مليو اوتريءَ تيزيءَ سان ڪيس جي تهه تائين پهچڻ جي هن جي صلاحيت وڌي. هُو رات جي دير تائين سڀني ڪارٽن سان وينو بحث مباحثو ڪندو هو پوءِ صبح مهل ڪيس سمجهي ضروري نڪتا ياد ڪري ويندا هيا.

سڀني ڪارٽن، جيڪو حد کان وڌيڪ ڪاهل ۽ نڪمو هو سو اسٽرائيوَر جو سڀ کان وڏو ساٿي هو. هُو هڪ ڇٽا ملي، هلاري ۽ مائيڪل ميس جي وچ ۾ جيترو شراب پي چڪا هئا، جي اهو گڏ ڪيو وڃي ها ته ان ۾ هڪ شاهي جهاز تري پئي سگهو. اسٽرائيوَر جي هٿن ۾ ڪو اهڙو ڪيس نه ايندو هو جنهن ۾ ڪارٽن ڪيسن ۾ هٿ وجهيون. عدالت جي چٽ کي نه ٽڪيندو رهندو هجي. هُو هڪ ئي سرڪل ۾ گهمندا ڦرندا هئا ۽ رات دير تائين خوب عيش ڪندا هئا. اهو افواهه به اڏندو رهندو هو ته ڪيئي پيرا ڪارٽن ڏينهن ڏني جو چوريءَ چوريءَ ٽيڙ ڪائيندو ۽ رولو ٻلي وانگر پنهنجي گهر ويندي ڏٺو ويندو هو. نيٺ انهن ماڻهن ۾، جن سان هنن جو لاڳاپو هو هيءَ ڳالهه مشهور ٿي وئي هئي ته سڀني ڪارٽن پاڻ ڪٽي ڪڏهن شينهن ٻڌجي نه ٿو سگهي، پر هُو حيرت انگيز حد تائين ڪامياب گدڙ ضرور هو ۽ ان ئي حيثيت ۾ اسٽرائيوَر جي خدمت ڪندو هو.

"ڏهه ٿي ويا، صاحبا" سراءِ جي نوڪر، جنهن کي هن جاڳائڻ لاءِ چيو هو ان چيس، "ڏهه ٿي ويا، جناب!"

"ڇا ڳالهه آ؟"

"ڏهه ٿي ويا، صاحبا"

"ڇا مطلب آهي تنهنجو؟ رات جا ڏهه ٿي ويا."

"ها، صاحبا توهان مون کي جاڳائڻ لاءِ چيو هو."

"او... ها... ياد اچي ويو. ڏاڍو سُٺو.. ٺيڪ آهي."

هن کا گھڑي وري سمھڻ چاهيو. پر نوکر وڏيءَ هوشياريءَ سان وري اچي کيس جاڳيو. هن کيس پنج منٽ ۾ سمھڻ نہ ڏنو. نيٺ هُو اُٿي ويٺو. مٿي تي ٽوپي رکيائين ۽ ٻاهر نڪري ويو. هن ٽيمپل ۾ اچي کنگس بينچ واڪ ۽ پيپر بلڊنگ جا پنج چڪر هنيا. تازو توانو ٿي. اسٽرائيوَر جي دفتر ڏانهن هليو ويو.

انهن بحثن ۾ اسٽرائيوَر جو ڪلرڪ کا ۾ مدد نہ ڪندو هيس. ان ڪري هو گھر هليو ويو. اسٽرائيوَر پاڻ در کوليو. هن کي هڪ گائون ۽ پيرن ۾ سليپر پاتل هو. سولائي خاطر هن ڳچي ڪليل ڇڏي ڏني هئي. هن جي اکين جي چوڌاري ٽڪ ۽ پريشانيءَ جي ڪري ڪارا داڳ ٿي ويا هيا. جيڪي ان طبقي جي آزاد خيال ماڻهن جي سچاڻپ آهن. جيفري جي شاهڪار کان وٽي اڄ تائين، هر ان قسم جي تصوير ۾، شرابين جي جيون بابت اهڙيون ئي اکيون ڏيکاريون ويون آهن.

"اي منهنجا يادگيريءَ جا مجسما! اڄ توهان کي ڪجھ ديڻ ٿي وئي آهي؟" اسٽرائيوَر چيس.

"مقرر وقت کان شايد پندرهن منٽ ديڻ ٿي وئي هوندي."

هُو هڪ اونداهي ڪمري ۾ ويا، جنهن ۾ ڪتاب سنيگاريل هئا ۽ ڪاغذ پکڙيا پيا هئا. آتش دان ۾ باهه ٻري رهي هئي. هڪ ڪِلي ۾ ٽنگيل ڪِتلي اُٻري رهي هئي. ڪاڳرن جي ڍير جي وچ ۾ ڪيترو ئي شراب، برانڊي، مِنائي ۽ ليمي سان پريل رِم جَرڪي رهي هئي.

"تو پنهنجي بوتل پُوري ڪري ورتي؟"

"منهنجي خيال ۾ ته اڃوڪي رات ۾ ٿي ويون. مان اڄ مُوَڪل سان گڏ ماني کائي رهيو هيس. يا هيئن چئو ته مان هن کي کائيندي ڏسي رهيو هيس."

"سڀني! تو جيڪو شباهت وارو نڪتو اُتاريو هو، اهو لاجواب هو. توکي ڪيئن خيال آيو ڪڏهن اها ڳالهه دماغ ۾ آيئي؟"

"مون کي خيال آيو ته هُو ڈاڍو سھڻو ماڻهو آهي ۽ مون سوچيو ته جيڪڏهن قسمت ساٿ ڏئي ها ته پوءِ مان ۾ گھٽو ڪري اهڙو ئي هجان ها."

مسٽر اسٽرائيوَر ايترو تہ ڪليو جو هن جو عمر ڪان اڳ وڌي ويل ڀڏُ ڏڻ لڳو.

"تون ۽ تنهنجي قسمتا ڪر ڪر."

گدڑ ٻُوٽ چپو ڪندي پنهنجو لباس ڏلو ڪيو. ٻئي ڪمري ،ام وڃي ٽڏي پاڻيءَ جو هڪڙو وڏو جڳهہ هڪڙو ٽالهہ ۽ ہہ ٽُوال ڪٽي آيو. ٽوال پاڻيءَ ۾ ٻوڙائي، انهيءَ ڪي ٽورو نچوڙي ۽ تهہ ڪري، وڏي جٽڪي طريقي سان مٿي تي ڪٽي رکيائين ۽ ڪرسيءَ تي ويهندي چيائين، "مان هاڻي تيار آهيان."

"اڃوڪي رات گهٽو مٿو هٽڻو نہ پوندو اي منهنجا ميڃالا!" مسٽر اسٽرائيوَر پوءِ ڪندي چيس ۽ ڪاڳرن کي اٽلائڻ پٽلائڻ لڳو.

"ڪم ڪيترو آهي؟"

"رڳو ٻہ ڪيس آهن."

"جيڪو سيني کان وڌيڪ ڏکيو آهي، سيپ کان اڳ ۾ ان سان مُنهن ڏيندا سين."

هُو پوءِ صوفي کي پٺي ڏئي، آرام سان شراب واري ميز جي هڪ پاسي ويهي رهيو. ٻئي پاسي گدڑ پنهنجن ڪاڳرن سان پريل ميز وٽ وينو هو. بوتل ۽ گلاس ويجهو ئي تيار پيا هيا. ٻئي ڇڻا هر هر شراب جي ميز ڏي بي تڪلفيءَ سان ڏيان ڏرڻ ٿي لڳا، پر ٻنهي جو انداز جدا جدا هو. شينهن گهٽو ٽٽو پيٽيءَ ۾ هٿ وجهيون، ٽيڪ ڏيون وينو هو. هُو يا تہ ٻاهہ کي گهورڻ ٿي لڳو يا وري ڪو هلڪو ڦلڪو قانوني ڪاڳر ڏسڻ ٿي لڳو. گدڑ نرڙ ۾ گهنج وجهيون، ڪم ۾ اهڙو تہ گم هو جو گلاس ہہ ڪيئي منٽ ڳولهڻ کان پوءِ ٿي هٿ لڳس ۽ چپن تائين پٽي پهتس. ہہ ٽي پيرا تہ اهڙي مصيبت اچي ڪڙڪي، جو گدڑ کي وري ٽڏي پاڻي ۾ ٽوال ٻوڙڻا پيا. جگ ۽ ٽالهہ تائين ڦيرو پائڻ کان پوءِ، جڏهن هُن ٽوال مٿي تي هڏي ٿي ڇڏيو تہ هن جي پريشان ۽ سنجيدا شڪل ڏاڍي واهيات ٿي لڳي.

نيٺ گدڑ شينهن لاءِ وڏي تڪلف پريءَ دعوت جو سامان تيار ڪري، هن جي اڳيان اچي پيش ڪيو. شينهن اهو ڏاڍي احتياط سان

قبول ڪيو. ان مان پنهنجي پسند جو مال ڏار ڪري ورتائين. ان لاءِ پنهنجي راءِ لکيائين. گدڙ سنڊس مدد ڪندو رهيو. جڏهن بحث مباحثو پڄاڻيءَ تي پهتو تڏهن شينهن پنهنجي پٽي ۾ ڪٽي هٽ وڏا ڀ مراقبي ۾ هليو ويو. گدڙ وري پنهنجي نڙي شراب سان آلي ڪئي. مٽي تي پنل ٽوال ڇمائي رکيو ۽ ٻيءَ پيشڪش جي تياري ۾ لڳي ويو. اها ٻي پڙ ائين ئي شينهن جي خدمت ۾ حاضر ڪئي وئي. ڪم ٽين ٻجي ڪان پورو نه ٿيو.

"ڪم پورو ٿي ويو سڀني! هاڻي جام پر." مسٽر اسٽرائيوَر چيو.

گدڙ مٽي تان ٽوال لاٿو جنهن مان وري ٻاڦ نڪرڻ لڳي هئي. هن ڪان سيڙاندو نڪري ويو. . . آرس پڳائين. . . ٿورو ڏڪي ويو ۽ پوءِ شراب اوتڻ لڳو.

"اڄوڪي سرڪاري شاهدن واري مامري ۾، تون پختو ثابت ٿئين، سڀني! هر سوال اڳوات تيار ڪري ڏنو ويو هين."

"ڇا مان سدائين پختو ثابت نه ٿيندو آهيان!؟"

"اهو ته مون نه چيو. اڄ تنهنجو مزاج ڇو ايڏو بگڙي رهيو آهي. شراب پيءِ ته صحيح ٿي ويندئي."

شينهن معذرت ڪندي ٿورو گجيو ۽ گدڙ حڪم جي تعميل ڪئي.

"اهوئي پراڻي شريوزبري اسڪول وارو پراڻو سڀني ڪارٽن!" اسٽرائيوَر هن جي ماضيءَ ۽ حال جي جاچ ونڊيءِ، مٽو لوڏيندي چيو "اهوئي لوڏن لمن ۾ رهندڙ يقين وارو سڀني. پل ۾ تولو پل ۾ ماسو. اجهو هاڻي ڇڪي رهيو هو ۽ هاڻي ئي اداس."

"هاڻ!. . . اهوئي سڀني ۽ اهوئي سنڊس نصيب. ان زماني ۾ به ٻين ڇوڪرن جا سوال حل ڪندو هو پر پنهنجا ڪڏهن ئي حل ڪندو هو." سڀني ٽڏو ساهه پريندي جواب ڏنو.

"پر ڇو؟"

"ڏٽيءَ کي خبر. . . منهنجو اهوئي طريقو هو شايد."

هُو پنهنجن کيسن ۾ هٿ وجهيون، سامهون پير پساريون، باهه کي تڪي رهيو هو.

"ڪارٽن!" هن جي دوست پنهنجا ڪلها لوڏيا ۽ هن ڏي ائين ڏٺائين جڏ آتش دان اها بَڻي آهي، جنهن ۾ مضبوط ارادا پڇائي تيار ڪيا ويندا هجن ۽ شريوزبري جي سڀني ڪارٽن لاءِ، سپ کان اهم ۽ نازڪ ڳالهه هيءَ هئي ته هن کي ڪُلهي کان پڪڙي، ڇِهلي انهيءَ ۾ وڌو وڃي.

"ڪارٽن! تنهنجو رستو سدائين گهلجندي ئي گذريو ۽ ائين ئي گهلجندي گذرندو. تون کو مقصد نه ٿو رکين ۽ نه ئي سرگرميءَ سان ڪم ٿو ڪرين. مون ڏي ڏس."

"هون. . . لعنت هجيس. هاڻ ليڪچر ڏيڻ شروع نه ڪجان."

سڀنيءَ خوش دليءَ مان چيس.

"جيڪو ڪجهه مون ڪيو آهي، اهو ڪيئن ڪيو اٿم. جيڪو ڪجهه مان ڪيان ٿو اهو چو ٿو ڪريان؟" مسٽر اسٽرائيوَر چيو.

"منهنجي خيال ۾ ته ڪجهه ته مون کي پيسا ڏئي ڪم ڪرائي وٺندو آهين، پر مون کي نصيحت ڪرڻ اجايو آهي. منهنجي لاءِ هاڻ اهي هوائي ڳالهيون، ڪنهن ڪم جون ناهن. تون جيڪو ڪجهه ڪرڻ چاهين ٿو ڪري وٺين ٿو. تون سدائين پهرين صف ۾ رهندو آهين، مان سدائين پوئتي رهيو آهيان."

"مان پنهنجين ڪوششن سان اڳينءَ صف ۾ پهتو آهيان. ڇا مان اُتي ئي ڇڏيو هيس!؟"

"مان انهيءَ سياڻپ موقعي تي موجود نه هيس. پر منهنجي راءِ ۾ تون اڳينءَ صف ۾ پيدا ٿيو هئين." ان تي هُو ڪلي ويٺو ۽ پوءِ ٻئي ڇڻا ڪڻڻ لڳا.

"شريوزبري کان اڳ ۾ شريوزبري ۾، ۾ شريوزبري کان پوءِ، هاڻ تائين، تون پنهنجي مرتبي تي پهتين ۽ مان پنهنجي جاءِ تي اڇي پهتس. اُنَ وقت به جڏهن اسان ٻئي پيرس جي شاگردن جي بورڊنگ ۾، فرانسي هوليءَ، فرانسي قانون ۽ فرانسي ڪلچر جي دسترخوان تي باقي

ساڻي بچيل پورن کي ميڙي رهيا هئاسين. جيڪي بعد ۾ اسان جي ڪم ۾ نہ آيا! تون سڀائين ڪنهن مقام تي پهچي ويندو هئين ۽ مان. . . مان ڪٿي ۾ نہ هيس."

"ان ۾ ڏوهہ ڪنهن جو هو؟"

"پنهنجو قسم. يقين نہ ٿو اچي تہ ان ۾ تنهنجو ڪو ۾ قصور نہ هو. تون هروقت پيچ ڊڪ ۾ رڌل. اهڙو تہ بي قرار رهندو هئين. جو مون لاءِ سواءِ سستيءَ ۽ ڪاهليءَ ۾ غرق ٿي. زنگجي وڃڻ جي. ٻيو ڪو دڳ ئي نہ هو. صبح صبح ماضيءَ جي اونداهن پاسن کي ياد ڪرڻ سان تڪليف ٿيندي آهي. وڃڻ کان اڳ ڪا اهڙي ڳالهہ ڪرتہ جيئن طبيعت جو رخ ڦري وڃي."

"هائو. . . ! تہ پوءِ سهڻي شاهد جي صحت جو جام پيئار." استرائيوَر گلاس کٽي چيس. "ڪيئن هاڻي تہ طبيعت مزي ۾ اچي ويئي نا"

"سهڻو شاهد! اڄ ڏينهن ۽ رات جو پڻ ڪيترن شاهدن سان واسطو پيو. تنهنجو حسين شاهد ڪهڙو آهي؟" هن پنهنجي گلاس ۾ ڏسندي بڙبڙ ڪئي.

"شاندار! ڊاڪٽر جي ڏيءُ. . . مس مينٽ"

"اُها ۽ سهڻي!"

"تہ چا هُوءَ سهڻي ناهي؟"

"نہ"

"اڙي! تنهنجو مٿو تہ نہ ڦريو آهي. اڄ سڄي عدالت هن تي چري ٿي پئي هئي."

"سڄيءَ عدالت جي واهہ جي ڳالهہ ڪيئي! پراڻي مختيارڪاريءَ کي حسن پرڪڻ جو ماهر ڪنهن مقرر ڪيو هُوءَ تہ بس سونهري وارن واري گُڏي هئي."

"خبر ٿئي. سڊني!" مسٽر استرائيوَر تيز نگاهن سان هن کي ڏسندي. پنهنجي ڳاڙهي ٽماٽي جهڙي لوٽ تي هورڙيان هٽ ڦيرينديچيو "خبر اٿئي. . . مون کي ان مهل ائين محسوس ٿيو هو جڻ توکي ان

سونهري وارن واريءَ گڏيءَ تي ترس اچي رهيو آهي ۽ تو ترت ئي ڏسي ورتو ته هن مٿان ڇا گذري رهي آهي."

"ترت ئي ڏسي ونڊ جي واهه جي چيئي! اڙي با! ڪا چوڪري، پوءِ اها گڏي هجي يا نه. هڪ ماڻهوءَ جي نڪ ڪان گڙيا ٻن گڻن جي وٽيءَ تي بيهوش ٿي وڃي، ته هن کي ڏسڻ لاءِ دوربين اکين تي رکڻ جي گهرج ناهي پوندي. جام پيئاريانءِ ٿو پر هن جي سهڻي هجڻ سان مان متفق ناهيان. هاڻ مان وڌيڪ نه پيئندس. ننڊ ٿي اچيءِ."

جڏهن سڀني ڪارڻن جي ميزبان هڪ شمع جي مدد سان ڊاڪٽين تي روشني ڪندي، هن کي هيٺ پهچايو. تڏهن هُو بي رخيءَ وچان درين مان ٻاهر ڏسي رهيو هو. جڏهن هُو ٻاهر نڪتو تڏهن هوا ٺڏي ۽ اداس هئي. آسمان گدلو ۽ درياءَ اونداهو ۽ ڏنڏلو ٿي رهيو هو. فضا هڪ مئل ريگستان وانگر اداس هئي. صبح جون تيز هوائون واريءَ جي واڇوڙن وانگر فضا ۾ ڦيرائيون پائي رهيون هيون. جڏ ته پري ريگستان ۾ ڪٿي ڏُوڙ اُٿي رهي هجي ۽ ان جي غبار اڃڪتي وڏي شهر کي پنهنجي قابوءَ ۾ ڪري ورتو هجي.

هن جي دل جي طاقت مئل هئي. چٿني پاسي ريگستان هيو. هُو ويران چت تان لنگهندي مهل ماڻ هو. سامهون صحرا ۾ هن جون بهترين خواهشون، دنيا جي لذتن کان پرهيز توڙي اِرادي جي پختگي، هڪ سراب وانگر نظر اچي رهيون هيس. هن جي سپنن جي شهر جي هوادار جهروڪن مان، سونهن ۽ سندرتا هن ڏي متوجهه هيون. . . اهي. . . باغ هيا، جيڪي زندگيءَ جي پڪن ميون سان ٽٻتار هيا. آس جا چشما، هن جي اکين مان ڇلڪي رهيا هيا. هڪ گهڙيءَ جهلڪ ڏيکاري سڀ ڪجهه غائب ٿي ويو. هُو ڪوهه وانگر بٽيل گهرن مان هڪ جي ڊاڪ ٿي چڙهندو هلندو ويو. هُو بي ترتيب بستري تي ڪري پيو ۽ هن جو وهاڻو ڳوڙهن سان پرجي ويو.

غم ۽ ڏک ۾ پريل سج اُپريو. دنيا ۾ شايد ئي ڪو اهڙو غم جو ماريل انسان هوندو جيترو هُو هيو. سڀني ڪارڻن بهترين صلاحيتن جو مالڪ، هڪ لائق فائق انسان هو. پر سيئي خوبيون غلط دڳ ڏي

ڪاهي وڃي رهيون هيس ۽ هُو ان لائق نہ هيو تہ انهن کي سڏي ڏڪ ڏانهن موڪلائي سگهي. پاڻ پنهنجي مدد ڪرڻ کان لاچار خوشين کان محروم، هن کي پنهنجين محرومين جو احساس هو. هن چاتو پئي تہ اهو علم هڪ ڏينهن کيس ڏنگي وجهندو هُو مِٽجي ويندو ۽ هن کي ڪابہ پرواهہ نہ هئي!

باب ڇهون

سوين ماڻهو

سوهو اسڪوائر جي ويجهو هڪ گهٽيءَ ۾ ڊاڪٽر مينٽ جو پرسڪون گهر هيو. آڇر جي هڪ وٽندڙ ٻيهريءَ جو مسٽر جاروس لاري، جيڪو ڪلوڪين ويل ۾ رهندو هو، اهو ڊاڪٽر سان گڏ ماني کائڻ سندس گهر ويڇي رهيو هو. ڊارني خلاف غداري جي ڪيس کي ختم ٿئي چار مهينا ٿي چڪا هئا ۽ ماڻهن جي دلچسپي ان مان ختم ٿي چڪي هئي ۽ اهي اهو سڀ وساري چڪا هئا. مسٽر لاري ڪجهه ڏينهن ڪاروبار جي سلسلي ۾ رڊل رهيو ۽ هاڻ ڊاڪٽر سان هن جي ياري باشي گهٽي وڌي چڪي هئي ۽ هُو گهٽو ڪري، هن جي پرسڪون گهر ۾، جيون جون بهترين گهڙيون گهارڻ هليو ايندو هو.

ان وٽندڙ آڇر جي ڏينهن مسٽر لاري ٽن سببن جي ڪري ويڇي رهيو هو جيڪي هن جي عادت بڻجي چڪا هئا. پهريون اهو ته هُو هر وٽندڙ آڇر تي ڊاڪٽر ۽ لوسي سان گڏ ٿهلڻ جو عادي هو. ٻئي اڻ وٽندڙ آڇرتي، هُو اُتي گهٽو ڪري خاندان جي دوست جي حيثيت ۾ ويندو هو. ڳالهه ٻولهه، مطالعو ڪندو هو ۽ دريءَ کان ٻاهر واري نظاري مان مزو وٺندو هو ۽ ائين ڏينهن گذري ويندو هو. ٽيون هن جا پنهنجا ذاتي مونجهارا هيا، جن کي سوچ ويچار کان پوءِ سلجهائڻ لاءِ، ڊاڪٽر جي گهر جو ماحول ڏاڍو مناسب ثابت ٿيندو هو. جتي ڊاڪٽر جو گهر هو، اها جاءِ عجيب غريب ڪنڊ ۾ هئي، جنهن جو لنڊن ۾ ملڻ محال هو. ان مان لنگهي، ٻئي پاسي ويڙهه جو ڪو دڳ نه هو. ڊاڪٽر جي گهر جي اڳيان وارين درين مان سڙڪ جو خاموش ۽ پرسڪون منظر ڏسڻ ۾ ايندو هو. انهن ڏينهن ۾ اتي گهٽ جايون تعمير ٿيل هيون. آڪسفورڊ اسٽريٽ جي اتر ۾، جهنگلي وڻ ۽ گل ٻهارجي چڪا هيا. انهن ڪيترن ۾،

ڪنڊن وارا ٻوڙا گلن سان جهنجهيل رهندا هئا. اڄ ڪلهه ته انهن جو نالو نشان به باقي نه رهيو آهي. ڳوٺ جون تازيون هوائون، چرچ جي مهذب علائقي ۾ ماٺ ڪري ويهڻ جي بدران هڪ جڙ ٻچو ناس ٽيل بکاري وانگر زَرڙاٽ ڪندي، سوهو کي ٽٽان پٽان ڪرڻ لڳندیون هيون. ڏاکڻين پتين تي مند وارن ڏينهن ۾ آڙو پچندا هيا. انهيءَ ڪنڊ ۾ سياري جي اُسَ، صبح جو ساجهرئي ايندي هئي، پر جڏهن سڙڪ تي گرمي ٽيڙ لڳندي هئي ته هن حصي ۾ چانوَ اچي ويندي هئي. ان جو مطلب هي ناهي ته ڪوڪاري اوندهه چانڀجي ويندي هئي، چو ته چانوَ ۾ ويهڻ سان، ٻاهر پکڙيل چمڪندڙ اُسَ چٽي ڏسڻ ۾ ايندي هئي. جاءِ ڏاڍي ٽڏي، پر زندگيءَ جي سرگرميءَ کان خالي نه هئي. اها جاءِ آواز جي پڙاڏي لاءِ ڏاڍي مناسب هئي ۽ سڙڪن جي هنگامن جي بچاءَ کان سپ کان بهتر پناهه گاهه هئي.

هن گهٽيءَ ۾ اهو گهر بندرگاهه ۾ بيٺل ٻيڙيءَ وانگر هو. هن وڏي ويڪري گهر جون ٻه منزلون ڊاڪٽر ڪرائي تي وٺي چڏيون هيون. ٻين حصن ۾ مختلف قسم جا ڪاروبار ٽيندا هيا. پر ڏينهن جو به ڪو گوڙ نه ٽيندو هو ۽ رات جو سيئي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويندا هيا. پُٽِ واري هڪ جاءِ ۾ آرگن ٽاهيا ويندا هيا. اوڏانهن وڃڻ جي لاءِ آڪر مان لنگهڻو پوندو هو جتي هڪ سهڻي چانوَ پرئي وڻ جون ٽاريون، هوا ۾ هوري هوري سرڙاٽ ڪنديون رهنديون هيون. هتي چانديءَ جي صفائي به ٽيندي هئي. هال جي سامهون ديوار تي، هڪ ڏاڍي پراسرار ديوزاد جي تصوير ٽهيل هئي. هُو وڏو ٽلهو هٿوڙو هٽ ۾ ڪنيو سونَ ڪُٽي رهيو هيو. ائين لڳندو هو جڙ ته ڪنهن جِنَ پاڻ کي ڪُٽي سونَ ۾ تبديل ڪري چڏيو آهي ۽ هاٿي ان ڪالهه جو منتظر آهي ته هر ايندڙ ويندڙ کي ڪُٽي سون ۾ تبديل ڪري چڏي.

هڪڙو مانيٽو ڪرائيدار مٿين منزل تي رهندو هو. هن جي ڏنڊي جي باري ۾ ڪنهن کي به ڪا سڌ نه هئي. هيٽ واري پاڳي ۾ گاڏين جي سينگارڻ لاءِ جهالرون ۽ گل ٻوٽا ٽاهڻ واري جو دفتر هو پر ان بابت به ڪير ڪجهه نه ڄاڻندو هو.

ڪڏهن ڪو پلجي آيل ڪاريگر ڪوٺ پايون. هال مان لنگهي ويندو هو يا وري ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو اوپرو ماڻهو هيڏي هوڏي ڏسندي نظر اچي ويندو هو. پري کان ڏماکن جو آواز ڪنهن ديوَ جي هٿ ۾ جهليل هٿوڑي مان نڪرندي محسوس ٿيندو هو. هنن ڳالهين جو تفصيل ڏيڻ جو مطلب اهو ثابت ڪرڻ آهي، ته اها آچر جي ڏينهن اهڙي ته پرسڪون هوندي هئي، جو صبح کان شام تائين، نوريڻڙا پُٽ وارن وٽن تي مزي سان راندیون رهندا هيا ۽ گهر جي اڇياڙيءَ واري ياڳي ۾ پڙاڏا ٻڌڻ ۾ ايندا رهندا هيا.

ڊاڪٽر جي ڪجهه ته پراڻي ناماچاري ڪم آئي، ڪجهه انهن جي ڪهاڻي ٻڌي ماڻهن سان ڏيٽ ويٽ وڌي وين. ان ڪري ساٽس اُٽڻ ويهڻ وارن جو انگ وڌندو ويو. هُو مريضن جو علاج به اُتي ئي ڪندو هو. سائنسي ڄاڻ، مهارت، هوشياري ۽ نت نَون تجربن جي ڪري، هن جي گُهرَ وڌندي وئي ۽ هُو جيترو چاهيندو هو ڪمائي وٺندو هو.

مسٽر لاري انهن ڳالهين کان چڱيءَ طرح واقف هو ۽ هُنَ جڏهن هڪڙي سهڻي آچر جي ڏينهن، ان پرسڪون ڪنبائتي گهر جي گهنٽي وڄائي، تڏهن هُو انهن ڳالهين جي باري ۾ سوچي رهيو هو.

"ڊاڪٽر مينٽ گهر آهي؟" هن در کلڻ تي پڇيو.

"اچڻ واروَ ئي آهي."

"مِس لوسي!"

"اها به اچڻ واري هوندي"

"مِس پروس گهر آهي؟"

مِس پروس جي گهر هجڻ جو ڪوبه امڪان نه هو پر نوڪرياڻي ڪو به فيصلو نه پئي ڪري سگهي، ته هُوءَ پنهنجي هجڻ جو اظهار ڪرڻ پسند ڪندي الائي نه؟ تنهنڪري هُنَ جي موڪل کان سواءِ هُوءَ ها يا نه چئي نه پئي سگهي.

"خيرا مان جيئن ته گهر اچي چڪو آهيان، تنهنڪري مان هوڏي وڃي ٿو ويهان."

جيتوڻيڪ ڊاڪٽر جي ڏيءُ کي پنهنجي وطن جي باري ۾ ڪا گهٽي ڄاڻ نه هئي، پوءِ به قدرتي طور تي هن ۾ بچت ڪرڻ جي

صلاحيت هئي، جيڪو فرانس جو سڀ کان وڏو سارٿ جوگو ۽ ڪارائتو گڻ آهي. فرنيچر سادو هوس، پر ذوق مطابق سينگار جي سامان ڏاڍو وٽندڙ ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هو. ڪمري جي هر ننڍي وڏي شئي جي چُونڊ ۽ رنگن جي هيڪڙائي، ڪنهن جي نازڪ هٿن، تيز نظرن ۽ پهتل ذهن جي ڪري هئي. ننڍڙين ۽ سستين شين جي وسيلي جدت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. نازڪ ۽ سُٺي سينگار ذريعي ترتيب ڏيڻ واري جي سُونهن ۽ ذوق جي خبر ٿي پئي. مسٽر لاري بيئو انهن شين کي ڏسي رهيو هو. ميزون ڪرسيون جڙ ته پنهنجي زبان سان پاڻ پچي رهيون هيس ته اسان توکي پسند آهيون يا نه؟

هن منزل تي ٽي ڪمرا هيا، جن جا سڀ در هوا خاطر کليل هئا. هن کي هر پاسي گهر جي مالڪ جو عڪس نظر اچي رهيو هو ۽ هُو ٽڏي مرڪ مرڪندي، هڪ ڪمري مان ٻئي ڪمري ۾ ويو. پهريون ڪمرو سڀ کان بهتر هو. هن ۾ لوسيءَ جون جهرڪيون، ڪتاب، گل ۽ ڊيسڪ، ڪم ڪرڻ واري ميز ۽ رنگن جو ڏبو پيو هو. ٻيو ڪمرو ڊاڪٽر جي مريضن ڏسڻ واري جاءِ هو. اهوئي ڪاڏي واري ڪمري طور به ڪم ايندو هو. ٽيون ڪمرو ڊاڪٽر جي سمهڻ لاءِ هو. وڻ جي پنن مان ڇڻي ايندڙ اس جا ڪرڻا ڪمري ۾ روشني پکيڙي رهيا هيا. اتي ئي هڪ ڪنڊ ۾ جُوتن جي مرمت جي سامان واري ميز پئي هئي، جنهن تي اوزار پيا هيا. ساڳي ريت جيئن پيرس ۾ سينٽ انتائن جي شراب خاني جي پنجين منزل واري ڪاريءَ ڪونڙيءَ ۾ رکيل هوندا هيا. " حيرت آهي ته هُو پنهنجن ڏکن کي تازو رکڻ لاءِ، اهو سامان رکيو ويٺو آهي." مسٽر لاري بيهي رهيو ۽ هيڏي هوڏي ڏسندي سوچڻ لڳو.

"اِنَ ۾ حيرت جي کهڙي ڳالهه آهي!؟" هُو اوچتي ٽيل سوال تي چرڪي پيو.

ڳاڙهي وحشي خاتون مِس پروس ڳالهايو، جنهن جي مضبوط هٿن جي سڪهه، هُو ڊوور جي رائل جارج هوٽل ۾ ڏسي چڪو هو.

"منهنجو خيال هو..." مسٽر لاري چوڻ لڳو.

"ڏوڙ خيال هو تنهنجو. . ." مس پروس چيو تہ مسٽر لاريءَ جو وات بند ٿي ويو.

"ڪهڙا حال آڻيو؟" ناريءَ رکائپ وچان پڇيس. پر ان مان ظاهر اهو پئي ٿيو تہ هن کي مسٽر لاريءَ سان ڪا چڙ نہ هئي.

"مان. . . ٺيڪ. . . آهيان. توهان جي مهرباني!" مسٽر لاريءَ مٺل آواز ۾ چيس. "توهان ٺيڪ آهيو؟"

"ها، بس جيئري آهيان."

"سچي. چو پلا؟"

"بس ائين ئي. دل پنهنجي ڏيءَ لاءِ پريشان آهي."

"سچي!؟"

"هاڻي نٿيو چا پلا 'سچيءَ' کان سواءِ ٻيو ڪجهہ چوڻ لاءِ ڪونهيو چا؟ توهان تہ 'سچي' چئي. منهنجو دماغ اونڌو ڪري ڇڏيندؤ." مِس پروس تکي لهجي ۾ وراڻيس.

"حقيقت ۾ اهو. . ."

"حقيقت، اهو تہ وري هن کان بہ وڌيڪ آهي. خير. پوءِ بہ. . . مان واقعي ڏاڍي پريشان آهيان."

"سبب ڄاڻي سگهان ٿو؟"

"مان نہ ٿي چاهيان تہ درجنين ماڻهو جيڪي منهنجي پياري ڏيءَ جي لائق ناهن سي هن سان ملڻ لاءِ اچن."

"تہ چا ڪي بہ درجن ڪن اچي چڪا آهن؟"

"ازي! توهان ٻن درجنن جي ڳالهہ ٿا ڪيو سوين چئو سوين." مائيءَ کي ڳالهہ وڌائي پيش ڪرڻ جي بيماري هئي. اهڙن ماڻهن جي کوٽ نہ اڳ ڪڏهن هئي ۽ نہ هاڻي آهي.

"يا خدا!" مِس پروس جي سامهون خدا جو نالو وٺڻ ۾ئي خير هو.

"هيترا سال مان پياري ڏيءَ سان گڏ رهي آهيان. يا هُوءَ مون سان رهي آهي. . . ساڻي ڳالهہ آهي. مون کي هن جو خرچ پکو ملندو رهيو آهي. جيڪڏهن مون ۾ هُنَ جي ۽ پنهنجو خرچ کڻڻ جي سگهہ هجي ها تہ مان هڪ ڪوڏي بہ نہ وٺان ها. خير. . . تڏهن تہ هُوءَ ڏهن

سالن جي هئي، پر هاڻي ڏاڍيءَ پريشانيءَ ۾ پئجي وئي آهيان."
مِس پروس چيو.

مسٽر لاريءَ کي ڪجھ به سمجھ ۾ نه پئي آيو ته اها وري ڪھڙي مصيبت اچي ڪِري آهي. هن پنھنجي بدن جو سڀ کان پاڪ حصو يعني مٿو ڏوٽيو ته جيئن جادوگرياڻي مس پروس ان جو جيڪو مطلب ڪڍڻ چاهي سو ڪڍي.

"نه ڄاڻ ڪھڙا ڪھڙا ماٺھو جيڪي ڪنھن به حالت ۾ منھنجي لاڏلي ڏيءُ جي لائق به ناھن، سي گھر ويڳا تا اچن ۽ اها شروعات توھان ڪئي هئي." مس پروس چيو.

"مون شروعات ڪئي هئي؟ مس پروس!"

"ته ان جي شروعات توھان نه ڪئي هئي؟ هن جي پيءُ کي ڪير جيئرو ڪري وئي آيو هو؟"

"اڇا!! جي توھان ان کي شروعات ڪرڻ ڏيون ڇئو ته..."

"توھان جي خيال ۾ اها شروعات نه هئي ته ڇا پڇاڻي هئي؟ جڏھن توھان ڳالھ شروع ڪئي ته ڏاڍي مصيبت اچي منھن ڪڍيو هو." مس پروس ڳالھ جاري رکي، "مان اھو نه ٿي چوان ته ڊاڪٽر مينٽ ۾ ڪو عيب آهي، بس ڳالھ ايتري آهي، ته ھُو اھڙي ڏيءُ جي لائق ناهي. ڪنھن به ريت، ڪنھن کي به هن مڙس، ڪنھن به قسم جو ڪو الزام ڏرڻ جي ڪا گنجائش نظر نه ٿي اچي. پر ان کان پوءِ ته وڏي مصيبت وري اها ٿي ته ماٺھن جا ٽولا پيا اچن. جي پيءُ مون کان پياري ڏيءُ کسي وڃي ته خير مان ڪيس هڪ پيرو ته معاف ڪري سگھان ٿي... پر..."

مسٽر لاريءَ کي ڇڪيءَ طرح خبر هئي ته مس پروس تکڙي ريس ڪرڻ لڳندي هئي. پر هاڻ ته ھُو هن کي ڇڪيءَ ريت سمجھڻ لڳو هو. هن کي اها اميد اصل نه هئي ته ھُوءَ ڪو اھڙين عورتن مان آهي، جيڪي پنھنجي جواني وڃائڻ کان پوءِ، ڪنھن نوجوان جون غلام ٿي رھنديون آهن ۽ پاڻ جيئن ته بدصورت هونديون آهن ۽ قسمت کين اهي نعمتون کين بخشيون... ۽ نه ئي سندن اونداهين زندگين ۾ سھڻيون اميدون ڪا روشني ڪري سگھيون، تنھن ڪري

هُو ڪنهن اهڙي هستيءَ جي پُوڄا ڪرڻ لڳندیون آهن، جيڪا اهڙين خوبين جي مالڪ هجي ۽ ائين پنهنجين محرومين کي وساري ڇڏيندیون آهن. هن دنيا ڏني هئي ۽ چگهيءَ ريت ڄاڻي پيو تہ جيڪا خدمت دل جي گهرائين سان ڪئي ويندي آهي، ان جو ڪوبہ مٽُ ناهي. خاص ڪري جڏهن ان ۾ ڏوڪڙ پيسي جي لالچ شامل نہ هجي. هن جي دل ۾ ان ڳالهہ جي ايتري عزت هئي، جو هن فيصلو ڪري ورتو تہ مس پروس جو مرتبو ڪنهن نندڙي ملائڪ کان گهٽ ناهي ۽ يقينن هيءَ انهن عورتن کان مٿي آهي، جن جو ٽيلسن بينڪ ۾ ڪاتو ڪليل هيو.

"جي منهنجي ياءِ سولومن زندگيءَ ۾ هڪ چريائپ نہ ڪئي هجي ها تہ بس دنيا ۾ اهوئي هڪڙو انسان هو جيڪو منهنجي پياريءَ ڏيءُ لاءِ مناسب ثابت ٿئي ها. هن کان سواءِ نہ ڪو ٻيو آهي ۽ نہ ٿي سگهي ٿو." مس پروس چيو.

ان ماڻري ۾ بہ مسٽر لاريءَ کي، مس پروس جي نجي ڪهاڻيءَ جو علم هو. هن جو ياءِ سولومن وڏو ڪميڊو ۽ بدمعاش ماڻهو هو ۽ مس پروس جو سڄو مال اُڏائي، ڪيس ڪنگال ڪري ڇڪو هو ۽ وڏيءَ ٻي مروتيءَ سان هن کي پائيءَ پائيءَ جو محتاج ٻڌائي، غائب ٿي ڇڪو هو. پر مس پروس کي ايڏا تائين سولومن تي اعتبار هو. ان غلطيءَ کي هُوءَ ڪا گهٽي اهميت نہ ڏيندي هئي. هن جي راءِ ۾ هو ايڏا تائين وڏو معزز انسان هو. مسٽر لاري هن جي بدمعاشين کي گهٽي اهميت ڏيندو هو ۽ هن جي اهڙي خوش فهميءَ مان بلڪل متاثر نہ هو.

"هن مهل اسان ٻئي اڪيلا آهيون. اسان ٻئي ڪاروباري انسان آهيون. اڄ مان توهان کان هڪ سوال ڪرڻ چاهيان ٿو." مسٽر لاري ڊرائنگ روم ۾ اچي ويهندي ٻي تڪلفيءَ سان چوڻ لڳو. "ڇا ڪڏهن لوسيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ جي سلسلي ۾ هُو ان زماني جو ذڪر بہ ڪندو آهي، جڏهن هُو جُوتا ناهيندو هو؟"

"ڪڏهن بہ نہ."

"تہ پوءِ هُو اها ميز ۽ اهو سڄو سامان چو رکيون وينو آهي؟"

"شايد هُو پنهنجي دل ۾ ان بابت ضرور سوچيندو هوندو." مس پروس ڪنڌ ڏوڻيو.

"ڇا توهان کي پڪ آهي ته هُو گهٽو ڪري ان جي باري ۾ سوچيندو رهندو آهي؟"

"ها."

"ڇا توهان... اهو... سوچيو ٿيون ته..."

"مان سوچيندي ناهيان... مون ۾ سوچڻ سمجهڻ جي سگهه ئي ناهي."

"غلطيءَ جي معافي ٿو گهران. ڇا توهان کي اهو خيال ايندو آهي ته.. ڪڏهن ڪڏهن ٿورو خيال ته ايندو هوندوَ."

"ها، ڪڏهن ڪڏهن."

"ڇا توهان جي خيال ۾ ڊاڪٽر کي پاڻ ڪجهه اندازو آهي ته مٽس اها مصيبت ڪنهن جي ڪري ڪڙڪي؟ چو ايترا سال ڏک ڏنائين. ۽ ڇا هن کي پنهنجي دشمن جو نالو ياد آهي، جنهن مٽس اهي ظلم جا پهاڙ ڪيرايا...؟" مسٽر لاريءَ اکين سان هلڪي مرڪ جي چمڪ پيدا ڪئي ۽ نرمائيءَ سان هن ڏانهن ڏٺو.

"مان سواءِ ان جي، جيڪو مون کي منهنجي پياري ڏيءَ ٻڌائيندي آهي، ٻيو ڪجهه به ناهيان سوچيندي."

"۽ هُوءَ ڇا ٻڌائيندي آئي؟"

"سندس خيال آهي ته ڪيس سڀ ڪجهه ياد آهي."

"ڪاوڙ نه ڪجو جو مان توهان کان سوال مٽان سوال پيو ڪريان. مان هڪڙو بي عقل ڪاروباري ماڻهو آهيان ۽ توهان به ڪاروباري خاتون آهيو."

"بي عقل به؟" مس پروس رمز پرئي انداز ۾ پڇيس.

"نه نه.. اهو گهٽ توهان لاءِ ناهي." مسٽر لاري ايڏو ته گهبرائجي ويو ته چو اجايو بي عقليءَ واري ڳالهه ڪلي پئي.

"ها، ته اچون ٿا اصل مامري تي. وڏيءَ حيرت جي ڳالهه آهي ته ڊاڪٽر مينٽ، جيئن اسان سڀ ڄاڻون ٿا ته بي ڏوهي هو ته پوءِ هُو ان

سلسلي ۾ چپ چو آهي؟ خير، مون سان نه صحيح، جيتوڻيڪ مون سان سندس پراڻا ڪاروباري لاڳاپا آهن ۽ هاڻي اسان گهڻو بي تڪلف آهيون، پر پنهنجي پياري ڏيءَ کي ته چوي ها، جنهن سان هُو جهجهي محبت ڪري ٿو ۽ جيڪا پاڻ به هن سان بي انتها پيار ڪري ٿي. مس پروس! يقين ڪيو ته مان ائين اجايو سجايو اهي ڳالهيون نه پيو ڪريان. پر مون کي انهن سان گهري دلچسپي آهي."

"منهنجي اندازي مطابق ۽ منهنجو اندازو سئو سيڪڙو درست ئي سمجهو. هُو اصل ۾ ان موضوع کان ڊڄي ٿو." مس پروس ٿورو انڪساريءَ واري نرم لهجي ۾ چيو.

"ڊڄي ٿو؟"

"صاف ظاهر آهي ته هُو چو ڊڄندو هوندو. ان زماني جي يادگيري اڃا سان هن کي تڪليف ڏيندي هوندي ۽ پوءِ انهيءَ سبب جي ڪري هُو پاڻ کي وساري وينو هو. هن کي پاڻ به اها خبر ناهي ته هن پاڻ کي گم ڪري ڇڏيو هو ۽ پوءِ وري ڪيئن ڳولهي لڌئين. هن کي سدائين پاڻ کي وڃائي ڇڏڻ جو ڊپ رهندو هوندو. منهنجي خيال ۾ ته اهوئي سبب کيس پريشان ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي."

مسٽر لاري کي اهڙي ڪم واري ڳالهه ٻڌڻ جي اميد نه هئي.

"ڪو فائدو ناهي. جيڪڏهن هن جي دل جي تارن کي ڇهي ونو ته هن جي حالت اڳي کان ويتر ابتر ٿي وڃي ٿي. ان کان ته سُنو آهي ته هن سان ڪا ڳالهه ئي نه ڪجي. مختصر اهو ته توهان کي برو لڳي يا سُنو ۾ ان ڳالهه کي نظر انداز ڪرڻو پوندو. هُو ڪڏهن ڪڏهن رات جو اُٿي پنهنجي ڪمري ۾ ڦرڻ لڳندو آهي. پياري ڏيءَ کي خبر پئجي ويندي آهي ته هُو پنهنجي پراڻي تخيل جي قيدخاني ۾ ڦري رهيو آهي. لڳاتار ڦري رهيو آهي، ته هُو ترت ئي هن وٽ پهچي ويندي آهي ۽ پوءِ ٻئي ڦرڻ لڳندا آهن ۽ ڦرندا ئي رهندا آهن. ايسيتائين جو ڪين سڪون ملي ويندو آهي، نه هُو پنهنجي وحشت جي باري ۾ ٻڌائيندو آهي ۽ نه ئي هُوءَ ان بابت ڪائنس ڪجهه پڇندي آهي. بس ٻئي ماڻ ڪيون ٿهلندا رهندا آهن. ايسيتائين جو هن جي قربت ۾

محبت مان ڊاڪٽر کي سڪون ملندو آهي ۽ سندس خودفراموشي دور ٿي ويندي آهي."

مس پروس پنهنجي تخيل جي وجود کان انڪار ڪندي هئي، پر بار بار ڦِرڻ جي لفظ جي تڪرار مان اندازو ٿي ويو ٿو ته هن کي اهڙي ٽڪائيندڙ حالت ۾ ڪيڏو نه ڏک ۽ وحشت ٽيندي هئي ۽ ان مان اهو به ثابت ٿئي ٿو ته هن وٽ تخيل جي ڪوٽ ناهي. گهٽيءَ جي اها ڪنڊَ پڙاڏي لاءِ هڪ لاجواب جاءِ سمجهي ويندي آهي. ايندڙ جي پيرن جو ڪڙڪو ائين گونجڻ لڳو جڻ انهن جي ذڪر انهن کي وري هلڻ تي مقرر ڪري ڇڏيو هجي.

"هُو اچي ويا. هاڻي ترت ئي سوين ماڻهو اچڻ شروع ٿي ويندا."

انهيءَ ڪنڊ ۾ آواز ايترو ته صاف گونجندو هو جو اُتي بيهي ٻڌڻ واري جي ٻڌڻ جي سگهه گهٽي تيز ٿي ويندي هئي. مسٽر لاري پيءُ ۽ ڏيءُ جي انتظار ۾ ٻيئو ته هنن جي اچڻ کان گهٽو اڳ، هنن جي پيرن جا ڪڙڪا ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳس. ڪڏهن ائين ٿي لڳو ته موٽي ويا هجن، ڪڏهن هنن جي پيرن جي دٻڪي سان گڏ نَون پيرن جا دٻڪا به ٻڌڻ ۾ پئي آيا، جيڪي ڏسڻ ۾ نه ٿي آيا ۽ جڏهن صفا ويجهو پئي آيا ته اهو دٻڪو هميشه لاءِ گم ٿي پئي ويو. نيٺ پيءُ ۽ ڏيءُ ٻئي اچي ويا. مسٽر لاري هنن کي پليڪار چوڻ لاءِ در تي موجود هيو.

مس پروس جي حالت ڏسڻ وٽان هئي. هوءَ حد کان وڌيڪ گهبرايل هئي ۽ سندس مُنهُن ڳاڙهو ٿي ويو هو. هُوءَ گم سم هئي. جڏهن هن جي لاڏلي ڏيءُ متي آئي، تڏهن هن سندس ٽوپي لاٿي، ان کي رومال جي ڪنڊ سان چنڊيو. هن جي ڪپڙن مٿان پاتل جبو لاهي چنڊيو ۽ ويڙهي رکيو ۽ هن جي سهڻن وارن تي پيار وچان هٿ ڦيريائين. جي هُوءَ پاڻ ۾ سهڻي ۽ خودپسند هجي ها ۽ سندس وار ۾ ايڏا سهڻا هجن ها ته هُوءَ شايد ائين غرور وچان انهن مٿان هٿ ڦيري ها. سندس لاڏلي ۾ ڏسڻ لائق هئي. هُن هِنَ جي ايڏي ڏيان ڏيڻ تي احسان مند ٿيندي پهريون ته کيس پاکر پائي سندس ٿورا مڃيا، پوءِ احتجاج ڪيائين ته هُوءَ سندس ايڏي ڳٽتي چوٽي ڪري، پر اهو جملو پوڳ ۾ چيو ويو هو نه ته مس پروس جي دل کي ڏک پهچيها ۽ هُوءَ ڪاوڙجي

وڃي ها ۽ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي روئڻ لڳي ها. ڊاڪٽر به خوش ڏسڻ ۾ پئي آيو. هُو پنهنجي ڪي ڏسي، مس پروس کي چئي رهيو هو ته تون هن جو دماغ خراب ڪري ڇڏيندين، حالانڪ، هُو پاڻ جن نظرن سان هن کي ڏسي رهيو هو اهي ئي هن جو دماغ خراب ڪرڻ لاءِ ڪافي هيون. اڃا به ٿي سگهي ٿو ته هن جي اکين ۾ جذبو مس پروس کان ڪجهه سرس ئي هجي. مسٽر لاري به ڏسڻ ۾ ڏان هو. هن کي پنهنجي ننڍڙي وِگ پاتل هئي. هن جون واڇون ٽڙيل هيون. هُو پنهنجي ڪنواري قسمت کي ساراهي رهيو هو ته انهيءَ جي صدقي، هن کي پچاڙيءَ ۾ هن سڪون پرئي گهر سان لڳاءَ ۾ قربت نصيب ٿي. پر اهو منظر ڏسڻ سوين ماڻهو ته بلڪل نه آيا ۽ مسٽر لاري مس پروس جي اڪٺيءَ جي سڄ ٽيڻ جو انتظار ڪندو ئي رهيو.

مانيءَ جو وقت ٿي ويو ۽ اهي سوين ماڻهو نازل نه ٿيا. هن ننڍڙي گهر جي سار سنيالَ لاءِ هينئين حصي جو انتظام مس پروس جي هٿ ۾ هيو. جنهن کي هُوءَ وڏي سليقي سان سرانجام ڏيندي هئي. هن جا ناهيل ڪاڏا سادا پر ڏاڍا مزيدار هوندا هيا ۽ وڏي سليقي سان سجايا ويندا هئا. هُوءَ ڪجهه فرانسيسي، ڪجهه انگريزي ترڪيبن سان وڌيون لاجواب شيون ناهيندي هئي. مس پروس جي سنگت گهٽو ڪري غيرجذباتي هوندي هئي. هن سڄي سوهو کي چاٽي ورتو هو ۽ هن اهڙا غريب فرانسيسي ماڻهو ڳولهي لڌا هيا، جن کي هڪ ٻه شلنگ لالچ ڏئي فرانسيسي ڪاڏا پچائڻ جا راز معلوم ڪرڻ سولو هو. گال جي زوال پذير پُٽن ۾ ڏيئن کان هُنَ اهڙا ته لاجواب فن حاصل ڪيا هيا، جو ماما هن کي ڪنهن جادوگرياڻيءَ کان گهٽ نه سمجهندي هئي. بلڪل سنڊريلا واري سرپرست پريءَ وانگر هُوءَ باغ مان ڪا به سبزي، سهو يا ڪڪڙ گهرائيندي هئي ۽ جهڙو چاهيندي هئي، اهڙو ڪاڏو تيار ڪري ونندي هئي.

مس پروس هر آچر جي ڏينهن ڊاڪٽر جي ميز تي اچي مانيءَ کائيندي هئي پر ٻين ڏينهن ۾ هُوءَ يا ته هينئين منزل ڏانهن پنهنجي مانيءَ کڻي وڃڻ لاءِ ضد ڪندي هئي، يا ٻيءَ منزل تي پنهنجي نيري ڪمري ۾ کائيندي هئي، جتي سنڊس لاڏلي ڏيءَ ڪانسواءِ ڪنهن کي به

اندر اچڻ جي اجازت نه هئي. اهڙن موقعن تي هُوءَ سندس ڏاڍي خدمت چاڪري ڪندي هئي ۽ پنهنجي پياري ڏيءَ جو چنڊ جهڙو چهرو ڏسي ٺري پوندي هئي ۽ سندس ماني ڏاڍي لطف پري ٿي پوندي هئي.

ان ڏينهن هوا ۾ بوسٽ هئو ۽ لوسي جي راءِ هئي ته ماني ڪائڻ کان پوءِ شراب ڪٽي. ڪليل هوا ۾ وڻ هيٺان ويهي. ان مان مزو وٺڻ گهرجي. جيئن ته سيني جو ڏيان لوسي ڏانهن هو تنهنڪري سيئي وڻ هيٺان ويهڻ لاءِ هليا ويا. لوسي مسٽر لاريءَ جو جام پنهنجي هٿ ۾ ڪٽي وئي. ڪجهه ڏينهن کان لوسيءَ، مسٽر لاريءَ جي ساڻي گريءَ جو ڪم پنهنجي هٿن ۾ ڪٽي ورتو هو ۽ هُو جيتري دير تائين ويٽو ڀالهيون ڪندو رهندو هو تيتريءَ دير تائين سندس جام پريندي رهندي هئي ۽ هُنَ جي مٽان وڻ پنهنجي ٻوليءَ ۾ سُس پُس ڪندو رهندو هو.

هاڻي به سوين ماڻهن حاضري نه ڀريِ، اُهي جڏهن وڻ جي هيٺان ويهڻ لاءِ آيا، تڏهن مسٽر ڊارني تشريف ڪٽي آيو ۽ هُو اڪيلو هو.

ڊاڪٽر مينٽ ۽ لوسي هن سان وڏيءَ گرمجوشيءَ سان مليا. پر ترت ئي مس پروس جي مٽي ۽ جسم ۾ جهٽڪا شروع ٿي ويا ۽ هُوءَ اندر هلي وئي. هن کي گهٽو ڪري اها تڪليف ٿي پوندي هئي. جن کي هُوءَ پنهنجائپ واري ڀالهه ٻولهه ۾ 'جهٽڪن جو دورو' چوندي هئي.

ڊاڪٽر ان مهل ڏاڍو خوش ٿي رهيو هو ۽ ڪافي جوان لڳي رهيو هو. اهڙن موقعن تي پيءُ ۽ ڏيءَ جا مهاندا ويتر ڪُلي ٿي پوندا هيا. ٻئي گڏوگڏ ويندا هئا. لوسي هن جي ڪلهي سان ڪنڌ لايون ويئي هئي. هن جي ٻانهن سندس ڪرسيءَ جي پٺ تي رکيل هئي. ان گهڙيءَ ٻنهين جي مشابهت جي پيٽ ڪرڻ، ڏاڍي دلچسپ وندر هئي.

ڊاڪٽر سجو ڏينهن مختلف موضوعن تي پر جوش گفتگو ڪندو رهيو هو.

"ڊاڪٽر صاحب! توهان تاور کي تفصيل سان ڏٺو آهي؟" مسٽر ڊارني موضوع جي مناسبت سان پڇيس. جو ته ان مهل لندن جي پراڻين جائين بابت گفتگو ٿي رهي هئي.

"مان ۾ لوسي ائين ٿي هڪ پيرو اوڏانهن ويا هئاسين. ايتري دير ۾ بس ايترو اندازو ٿي سگهيو ته ڏاڍي وٽندڙ جاءِ آهي، ان کان وڌيڪ واسطو نه پيو آهي."

"توهان کي ته ياد هوندو ته منهنجي وڃڻ جو اتفاق پڻ ٿي چڪو آهي، پر جنهن حيثيت ۾ ويو هيس، ڪجهه ڏسڻ وائسڻ جو موقعو نه ملي سگهيو." ڊارني ٿورو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٽيندي، مرڪندي چيو "مان جڏهن اتي هيس، تڏهن ماڻهن هڪڙي عجيب ڳالهه ٻڌائي هئي."

"ڪهڙي ڳالهه هئي؟" لوسيءَ پڇيس.

"مرمت جي سلسلي ۾، مزدورن جي هڪ ڪال ڪوٺڙيءَ جي خبر پئي، جنهن کي ڪو زمانو ٿيو جو ناهڻ ڪانپوءِ وساري ڇڏيو ويو هو. ان ڪوٺڙيءَ جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ قيدين جا نالا ۽ ڏس پتا، تاريخون، شڪايتون ۽ دعائون اُڪيريون ويون هيون. شايد ڪاسيءَ لاءِ وڃڻ مهل هڪ قيديءَ، هڪ ڪنڊ تي اڪر اُڪيري ڇڏيا هيا. اُهي اڪر ڪنهن صفا ردي اوزار سان تڙ تڪڙ ۾ ڏکندڙ هٿن سان اُڪيريا ويا هيا. پهريون ته اهي ڊي آءِ سي پڙهڻ ۾ ٿي آيا، پر غور ڪرڻ سان معلوم ٿيو ته 'سي' جي جاءِ تي 'جي' جو اڪر آهي. جيل ۾ اهڙي ڪنهن به قيديءَ جي داخلا نه هئي جنهن جي نالي جي منڊ ۾ اهي اڪر ايندا هجن. نالي جي باري ۾ ڏاڍا ڏکا هنيا ويا.

نيٺ اهو طئي ٿيو ته اهي ڪنهن به نالي جا پهريان اڪر آهن، پر سڄو لفظ 'ڊِگ' يعني کوٽڻ بڻجي ٿو. لکت جي هيٺان فرش کي ڏاڍي ڏيان سان ڏٺو ويو ۽ هڪ پٿر جي هيٺان سڙيل ڪاغذ جي خاڪ ملي، جيڪا هڪ سڙيل چمڙي جي خاڪ سان ملي هڪ ٿي وئي هئي. گمنام قيديءَ چا لکيو هو اهو ڪڏهن به معلوم ٿي نه سگهندو، پر هن ڪجهه لکيو ضرور هو ۽ جيلر اهو لکائڻ لاءِ ان کي دفن ڪري ڇڏيو هو.

"بابا! چا توهان جي طبيعت خراب آهي؟" لوسيءَ گهبرائجي پڇيو.

ڊاڪٽر مينٽ ٻنهي هٿن سان پنهنجو مٿو پڪڑي ورتو هو. ماڻهو هن جي اهڙي وياڪل حالت ڏسي ڏاڍا ڊڄي ويا، پر هن ترت ئي پاڻ کي

سنياڻي ورتو. هن پنهنجي هٿ جي پنيءَ تي پاڻيءَ جي هڪ بوند ڏي اشارو ڪيو. واقعي بارش جون وڏيون وڏيون بوندون وسڻ لڳيون هيون. پر قيدخاني جي انڪشاف جي باري ۾ جيڪو ڪجهه به ٻڌو ويو هو تنهن بابت هن هڪ لفظ به نه ڳڻيو.

هن ايترو تڪڙ ۾ پاڻ سنياڻي ورتو جو مسٽر لاريءَ کي پنهنجين معاملي شناس اکين تي اعتبار نه رهيو.

هُنَ گول ڪمري ۾ بيٺي معذرت ڪئي ته جيڪڏهن اڄ ڪلهه کا به اوچتي ڳالهه ٿي پوي ٿي، ته هُو چرڪ پري پريشان ٿي پوي ٿو. هن جي اها حالت اوچتو بُوندن جي پوڻ ڪري ٿي وئي هئي. اهو ٻڌائيندي هُو ڪمري ۾ سينگاريل سونهري ديوَ جي ٻانهن کان وڌيڪ سگهارو نظر اچي رهيو هو. مس پروس چانهه ٺاهي. هن تي وري جهنڪن جو دور پيو هو. ايڏا تائين سوين ماڻهو نازل نه ٿيا هيا. رڳو مسٽر ڪارٽن آيو هو ۽ انهن جي هوندي هاڻ ۾ ملاقاتي ٿي ويا هئا.

رات ڇوري هئي. جيتوڻيڪ در ڪليل هئا، پوءِ به گرميءَ جي ڪري ساهه ٻوساٽجي رهيو هو. جڏهن چانهن جي ميز هٽائي وئي، تڏهن سيپ دريءَ وٽ وڃي، گهاٽي ميرانجهي روشني کي ڏسڻ لڳا. لوسي پنهنجي پيءَ جي ويجهو ويني هئي. هن جي پر ۾ ئي ڌارني وينو هو. ڪارٽن دريءَ ۾سان ٽيڪ ڏيون بيٺو هو. ڏڳها اڇا پردا هوا جي جهوٽن سان اُڏامي، آسماني پرن وانگر ڇت تي لهرائي رهيا هيا.

"ڪوريون ڪوريون بوندون هاڻ به ايڪڙ ٻيڪڙ پئجي رهيون آهن. مينهن هوري هوري اچي رهيو آهي." ڊاڪٽر مينٽ چيو.

"پوريءَ پڪ سان اچي رهيو آهي."

عام طور تي ويهي انتظار ڪرڻ وارن ماڻهن وانگر هُو به جهيٽي آواز ۾ ڳالهائي رهيا هيا. جيئن ماڻهو اونداهي ڪمري ۾ ڪنوڙ جي چمڪي جي انتظار ۾ سدائين هوريان ڳالهائيندا آهن.

گهٽيءَ ۾ گڙٻڙ هئي. ماڻهو مينهن کان بچڻ لاءِ هيڏي هوڏي ڀڄي رهيا هيا. اها ڪنڊ، جيڪا آواز جي پڙاڏي لاءِ مشهور هئي سا ايندڙ ويندڙ قدمن جي ڪري پڙاڏا ڪري رهي هئي. قدم لنگهي ٿي ويا، پر انهن جا پڙاڏا ٻه ٽي ڀيرا گونجي ٿي ويا.

"بي شمار ماڻهو آهن. . . پوءِ به ڪيڏي نه اڪيلائي آهي!" ڪي پل رڪي مسٽر ڀارنيءَ چيو.

"ڪيڏو نه دلچسپ پيو لڳي، مسٽر ڀارني!. . . مان ته ڪڏهن ڪڏهن شام جو هتي ويهي سوچيندي آهيان. . ." لوسي چوندي چوندي رُڪجي وئي. . . "اهڙي اونداهي ڀيچاريندڙ رات ۾ ته اهڙين ڳالهين بابت سوچڻ سان ئي ڏڪڻي وڃي ٿي وڃي."

"ڪا ڳالهه ناهي. ٻڌايو ته اسان سيئي به ڏکي پوندا سين."

"توهان کي ته اهو منهنجو وهم ئي لڳندو. اهي خيال ته بس انهيءَ کي ئي متاثر ڪري سگهندا، جيڪو انهن کي تخيل جو حصو بنائي چڏي. منهنجي خيال ۾ ته انهن کي ڪنهن ٻئي جي دل ۾ وجهي نه ٿو سگهجي. ڪڏهن شام جو ويهي، اڪيلن قدمن جي ڪڙڪي کي ٻڌندي آهيان ۽ ائين لڳندو آهي ته اها انهن قدمن جي گونج آهي، جيڪي هوري هوري اسان جي زندگيءَ ۾ گهڙندا پيا اچن."

"ان جو مطلب اهو ٿيو ته هڪ ڏينهن اسان جي زندگين ۾ وڏي هجوم جي مداخلت ٿيڻ واري آهي." سدني ڪارٽن پنهنجي پراڻي انداز ۾ چيو.

وڪن جي گونج جو سلسلو اڃ ڪٽ هو ۽ انهن جي تيزي هر دم وڌندي پئي وئي. ان ڪنڊ ۾ پيرن جي گونجَ ٻيهر ٽيهر اڀي رهي هئي. . . ڪي قدم دريءَ جي هيڻان هيا، ڪجهه ويجي رهيا هيا، ڪجهه اڇي رهيا هيا، ڪي ٽڙي ٽاپڙي رهيا هيا ۽ پوءِ ماڻ ٿي پئي ويا. اهي سيئي پري، سڙڪ تي هيا، نظرن کان پريا!

"ڇا اهي قدم اسان سيني جي زندگيءَ ۾ ڌار ڌار داخل ٿيندا. مس مينٽا اسان انهن کي پاڻ ۾ ورهائي ونڊنداسين."

"خبر ناهي، مسٽر ڀارني!. . . مون چيو ته اهو منهنجو احمقاڻو تخيل آهي. خير! توهان پڇي رهيا آهيو ته ٻڌايانوَ ٿي. واضح رهي ته اهي خيال جڏهن مان اڪيلي هوندي آهيان، تڏهن ئي ايندا آهن. منهنجي تخيل ۾ انهن قدمن جي گونج آهي، جيڪي منهنجي ۽ منهنجي پيءُ جي زندگيءَ ۾ دخل انداز ٿيڻ وارا آهن."

"مان بنان جرح ۽ احتجاج ڪرڻ جي، انهن قدمن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ سموهي وٺندس." مسٽر ڪارٽن چيو. . . "مس مينٽا هڪ هجوم اسان ڏي وڌي رهيو آهي ۽ مان کنوڙ جي تجلي ۾ انهن کي ڏسي سگهان ٿو." اهو آخري جملو ڪارٽن کنوڙ جي چمڪ تي چيو. هُو هڪ پل جي لاءِ دريءَ وٽ بينل نظر آيو.

"۽ ٻڌي ٻه سگهان ٿو- اُهي تيز آواز ۾ رڙيون ڪندا اچي رهيا آهن." ڪرن جي گجڻ کان پوءِ هن ڳالهه ۾ واڌارو ڪيو. هن جو اشارو مينهن جي گجگوڙن ڏانهن هيو. هُو مان ٿي ويو. چو ته ڪو به آواز نه پئي آيو. پوءِ هڪدم مينهن تيز ٿي ويو. کنوڙ چمڪي ۽ گجگوڙ جو طوفان اچي ويو. کنوڙ جي چمڪي، گجگوڙ ۽ مينهن کي هڪ پل لاءِ به قرار نه هو.

جڏهن سينٽ پال جي وڏي گهڙيال ڪلاڪ جو گهنڊ وڄايو ته آسمان صاف ٿي چڪو هو ۽ جيري بوٽ پايون. لالٽين کڻي هلي رهيو هو. مسٽر لاري پنهنجي گهر ڪلرڪين ويل ڏي موٽي رهيو هو. ڪلرڪين ويل ۽ سوهو جي وچ وارا ڪي حصا ويران پيا هيا ۽ ڦورن جي ڦُرڻ جو ڊپ سڀائين مسٽر لاريءَ سان گڏ هوندو هو. توٽي جو هُو به ڪلاڪ اڳ آيو هو.

"ڇا ته رات هئي! بالڪل اهڙي پوائتي، جڏهن مڙدا قبرن مان نڪري پوندا آهن." مسٽر لاريءَ چيو.

"مالڪ! مون اهڙي رات نه ڏٺي، نه ٻڌي ڪو سبب به ته هجي نا" جيريءَ وراڻيو.

"گڊ نائيٽ!" مسٽر ڪارٽن. . . ڪاروباري ماڻهوءَ چيو.

"گڊ نائيٽ!. مسٽر ڊارني! اسان سڀ وري زندگيءَ ۾ اهڙي رات ضرور گذاريندا سين."

شايد! ۽ شايد اهو وقت به هڪ ڏينهن اچي وڃي، جڏهن انهن کي انسانن جا ڏٺن جا ڏٺ کين پاڻ ڏانهن پڇندي ڪاهيندي نظر اچن!

نامياروءِ رئيس شهر ۾

نامياڑو رئيس دربار جي وڏي پهچ وارن دربارين مان هڪ هو. هُو پيرس جي شاندار هوٽل ۾ پندرهن ڏينهن کان جشن ملهائڻ ۾ مشغول هو. نامياروءِ رئيس اڪيلائي واري پاڪ ڪمري ۾ هو. اها جاءِ هن جي انهن پرستارن جي لاءِ، جيڪي باهرين ڪمري ۾ ويهندا هيا، وڏو اعليٰ مرتبو رکندي هئي. رئيس چاڪليٽ مليل ڪير پيئندو ٿي ويو. هُونءَ نامياروءِ رئيس، وڏيءَ سولائيءَ سان شيون ڳهي ويندو هو ۽ ڪجهه بيڪار ماڻهن جو خيال هو ته هُو وڏيءَ تيزيءَ سان فرانس کي به هڙپ ڪري رهيو هو پر جيسيتائين بورچي ۽ پيا چار ماڻهو گڏجي زور نه لائيندا هيا، تيسيتائين صبح جو چاڪليٽ سندس نڙيءَ مان هيٺ نه لهندو هو.

۽ جَرڪندڙ وردين وارا چار نوڪر، جن جو داروغو وري اهڙو جو جيڪڏهن سندس ڪيسي ۾ به واڇون نه هجن، ته جيئرو رهي نه سگهي. اهي گڏجي نامياري رئيس جي ايجاد ڪيل رواج مطابق، پنهنجين گڏيل ڪوششن سان، چاڪليٽ هن جي نڙيءَ کان هيٺ لاهيندا هيا. هڪ نوڪر چاڪليٽ وارو ٽانءُ سندس خدمت ۾ حاضر ڪندو هو. ٻيو چاڪليٽ ڳاريءِ، ان کي هڪ اوزار سان ولوڙيندو هو. جيڪو هُو پاڻ سان گڏ کڻي ايندو هو. ٽيون هڪ مقرر ڪيل نيپڪن پيش ڪندو هو ۽ چوٽون، جنهن وٽ به سونَ جون واڇون هيون، سو چاڪليٽ اوتيندو هو. نامياروءِ رئيس، جي انهن مان ڪو هڪ نوڪر به گهٽ ڪري چڏي ها، ته دنيا کي کڙو مُنهُن ڏيکاري ها. جي نوڪر ٽي رهجي ويجنس ها ته سندس شانَ ۾ گهٽتائي ٽي پوي ها ۽ جي به

رهجي وڃنس ها تہ هُو ان حادثي ڪري ڪڏهن بہ جيئرو نہ بچي سگهي ها.

نامياروَ رئيس گذريل رات دعوت تي هيو. اُتي مزاحيا برامي ۽ گرانڊ اوپيرا ڪيس ڏاڍو لطف ڏنو هو. نامياروَ رئيس هر رات اهڙن شريف دوستن جي صحبتن ۾ ننڍين وڏين دعوتن ۾ سڏايو ويندو هو. هُو ڏاڍو نياز نوڙت وارو ۽ سادو وري ايڏو هو جو مٿس حڪومت جي خشڪ ۽ غيردلچسپ قانونن ۽ ڪُجهن مامرن کان وڌيڪ 'گرانڊ اوپيرا' ۽ 'ڪاميڊي' جو اثر هو. هن جي خواهشن جي اڳيان سڄي فرانس جي زندگيءَ جي ضرورتن جي ڪابہ حقيقت نہ هئي. اها فرانس جي خوش نصيبي هئي. فرانس تہ ڇا هر پاڻ وَند ملڪ جو حال اهوئي ٿيندو آهي. رنگين مزاج استورت بادشاهن جي زماني ۾ انگلينڊ جو بہ اهڙوئي حال ٿيو هو جنهن جا هنن ٽڪرا ڪري ڇڏيا هيا.

نامياري رئيس جو عام انتظام جي باري ۾ هڪڙو آملهہ اصول هيو تہ انتظام ۾ ڪابہ دخل اندازي نہ ڪئي وڃي ۽ ان کي پنهنجي حالت تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي. ان ڪانسواءِ ٻيو پاڪ اصول هي هيس تہ هر قسم جو انتظام ڪرڻ وقت، خود هن جي مفاد ۽ کيسي جو خاص خيال رکيو وڃي. سندس پنهنجي عيش عشرت واريءَ زندگيءَ لاءِ، اهو قول مبارڪ هيس تہ دنيا ان ڪري ناهي وئي آهي تہ جيئن سندس عياشين کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ملي سگهي. بائيبل جي قديم حڪمن ۾، هن هڪڙي معمولي تبديلي ڪري ڇڏي هئي. نامياروَ رئيس فرمائيندو هو "دنيا ۽ دنيا جون نعمتون. . . منهنجي لاءِ آهن."

ان سڀ جي باوجود، نامياري رئيس کي اندازو ٿيڻ لڳو هو تہ سندس نجي مامرن جي سلسلي ۾، هوري هوري بچڑائيون پيدا ٿي ۽ مصيبت جو روپ وٺندیون پيون وڃن. هُو فرانسيسي صلاحيتن کي ڪنهن ڪم ۾ لڳائي نہ پيو سگهي تہ پوءِ بهتر اهوئي هو تہ اهي ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪيون وڃن. ان ڪري فارمر جنرل، يعني نجي فوج جي مالڪ سان ڪيس سمجهوتو ڪرڻو پيو هو. ڇو تہ حڪومت کان سواءِ هن جا نجي خرچ بہ تہ اهم سوال هيا. فارمر جنرل وڏو امير ماڻهو

هو. نامياري رئيس جا ابا ڏاڏا پيڙهين کان وٺي، پنهنجي موڙي عياشين ۾ وڃائي سُڃا ٽي چڪا هئا ۽ ڏينهون ڏينهن ڪنگال ٿي رهيا هيا. ان ڪري نامياري رئيس پنهنجي پيٽ کي خانقاهه مان ڪيڊي چڏيو هو. ڇو ته ان وقت هُنَ کي راهبا ٽيٽ کان بچائي سگهجي پيو. هُنَ پنهنجي پيٽ کي هڪ اهڙي فارمر جنرل سان سوکڙي ڪري پرٽائي چڏيو جيڪو اعليٰ خاندان جو نه هو.

اهو فارمر جنرل هن وقت هٽ ۾ ناسپتي جيتري سونَ جي مُنڊي واري لَٽ سميت، پاسي واري ڪمري ۾ موجود هو. ماٿهو هن جي سامهون گيسيون پائيندا هيا. هن جي اها بہ دلي خواهش هئي ته اهي ماٿهو جن جي رڳن ۾ پاڪ رت ڊوڙي رهيو آهي، مثلن نامياروَ رئيس ۽ سندس پيٽ، يعني سندس زال، جيڪي سدائين مٺس سِيٽيا وتندا هئا، اهي ٻئي هن جي اڳيان سجدا ڪن.

فارمر جنرل ڏاڍو شاندار ماٿهو هو. هن جي ڪُڙهِ ۾ ٽيهه ته رڳو گهوڙا هيا. محل ۾ چوويهه نوڪر رکيل هيس. هن جي زال جي چاڪريءَ لاءِ ڇهه ٻانهيون مقرر هيون، حالانڪ، هن اها سموري دولت رڳو ڦرلٽ مان حاصل ڪئي هئي. شاديءَ وسيلي سندس سماجي حيثيت گهٽي مٽاهين ٿي وئي هئي.

اهو ڪمرو ڏسڻ ۾ ڏاڍو سهڻو هو ۽ ڏاڍي عمدي نموني سان، پنهنجي زماني جي بهترين شين سان سينگاريو ويو هو پر اصل ۾ ان جو حسن عارضي هو. جيڪڏهن ان ڪمري، انهن جهرڪين کي ڇڄائڻ وارن جي پاڇن ۽ انهن جي اڳڙين ۽ ڦاڦل ساڙل ڪپڙن سان پيٽ ڪئي ويجي ها ته اهو ٽاڻ ۽ اها دولت قطعي پائيدار نه هيا. نوڙي ڊيم جا اوچا مينار انهن ۾ مختلف جهانن جي تقريبن هڪ جيتري فاصلي تي ٻيٽا، خاموش سپاهين جيئن تڪي رهيا هيا. اهو وڏو بحث طلب سوال هو پر ڪري ڪير ها؟ خاص طور تي نامياري رئيس جي دولت خاني تي. . . ان مهل نامياري رئيس وٽ قسم قسم جا ماٿهو گڏ ٿيل هئا. فوجي آفيسر، جن کي فوجي اصولن جي باري ۾ ڪا بہ ڄاڻ نه هئي. ساموندي فوج جا آفيسر، جن کي بحري جهازن بابت ڪا بہ خبر

نہ هئي. سرڪاري آفيسر، جن کي مامرن جي ڪا بہ سُڌَ بُڌِ نہ هئي. مذهب ۽ تقدس کان وانجهيل مذهبي رهنما، جن ۾ دنيا جون بدترين ڪمزوريون هيون. ڪارَزبانيون، ڳالهائڻ جون ڪِنيون ۽ بي عزت رَنون، مطلب تہ سڀ جا سڀ پنهنجن طبقن لاءِ، حد کان وڌيڪ آڻ ٺهڪندڙ هيا ۽ سيئي نالائق پنهنجو تعلق مختلف شعبن سان ظاهر ڪرڻ لاءِ، وڏن ڪوڙن کان ڪم وٺي رهيا هيا. پر لڳ ڀڳ سيئي نامياري رئيس جي قبيلي جا ئي هئا. اهڙن ماڻهن جا ئي وڳ سرڪاري عهدن تي مقرر هيا، جتي انهن جي ڦرلٽ جاري هئي. انهن کان سواءِ اهڙا ماڻهو بہ هيا، جن جو حڪومت ۽ نامياري رئيس سان ڪو بہ تعلق نہ هو پر اهي بہ ڪنهن حقيقي ۽ ٺوس شئي سان لاڳاپيل نہ هيا ۽ نہ ئي انهن جو انهن زندگين سان ڪو سڌو تعلق هيو. جيڪي زندگيون سڌيءَ راهہ تي سفر ڪرڻ وارن کي، پنهنجي منزل ڏانهن وٺي ويندیون آهن. اهڙا ماڻهو بہ وڏي تعداد ۾ موجود هيا. رئيس نامياري جي پوئين ڪمرن ۾ ڊاڪٽر پنهنجي شاهي مريضن جو مُرڪي معائنو ڪندا هيا ۽ سندن هوائي بيمارين جي لاءِ ڏاڍا مزيدار نسخا تجويز ڪندا هئا ۽ لکين رپيا ڪمائي وٺندا هيا. پوپا، جن کي رياست مٿان هوا وسيلي جِنَ پُوت لاهڻ جون هزاربن ٽ ڪيبون معلوم هيون، پر انهن کي اها ترڪيب نہ ايندي هئي، جنهن وسيلي سنجيدگيءَ سان ڪم ڪري، حقيقي گناهہ جي پاڙَ پٽي سگهجي. اهي نامياري رئيس جي ڊرائنگ روم ۾ ويهي، پنهنجي ڪوکلي علم جون وڏيون ڊاڙون ٻڌاڪون هڻي رهيا هيا. مرتد فيلسوف، جيڪي رڳو لفظن وسيلي نئين دنيا ٺاهي رهيا هيا ۽ تاس جي پتن سان بابل جا مينار اُڀا ڪري، آسمان تائين پهچڻ جا خواب ڏسي رهيا هيا، يا انهن مرتد ڪيمياگرن سان، گڏجي منصوبا ٺاهي رهيا ها، جيڪي لوهہ کي سولي طريقي سان سون ٺاهڻ وارين اتڪلن جي ڳولا ۾ هيا. اهي سيئي نامياري رئيس جي محفلن جي رونق هيا. اصلي ۽ کري نسل جا وڏ ڏٽي، هر ان شئي کي ڏڪار جي اک سان ڏسندا هيا، جنهن مان انساني نسل کي فائدو پهچي. اهڙن ماڻهن جي هن زماني ۾ بہ ڪا ڪمي ناهي. سيئي ان دعوت ۾ ڪميٽائپ ۽

ڪريل هجڻ جو عمدو نمونو بڻيا وينا هيا. پيرس جي ان عظيم الشان دنيا ۾ ماڻهو اهڙا اهڙا لاجواب خاندان چڏي ويا، جو سيئي مخبر... هن مهذب محفل ۾ اڏ کان گهٽا تہ مخبر ۾ جاسوس ئي هيا، جيڪڏهن اهي سيئي پنهنجيون صلاحيتون وقف ڪري چڏين ها، تڏهن بہ انهن کي ان محفل ۾ اهڙي ڪا عورت نہ ملي ها، جيڪا پنهنجي طور طريقي يا لباس مان ماڻ هجڻ جو اقرار ڪري ها. ماڻ جي نالي کي ڪا بہ عزت حاصل نہ هئي، چو تہ ان جو رواج ختم ٿي چڪو هو. هنن جا ٻار ڳوٺن ۾ ڳوٺاڻين مائين وٽ رهندا هيا، اهي ئي انهن جي پالنا ڪندیون هيون. سڪ سڪ سالن جون ڏاڏيون ڪراڙيون، چوڪرين جيئن ڪپڙا پائي، ٻين مائين سان پوڳ ٺڪاءِ هٽندیون وتندیون هيون.

نامياري رئيس سان لاڳاپو رکندڙ هر ماڻهو ڏيکاءِ جي ڪوڙهہ ۾ وڃي چڪو هو. ٻاهرئين ڪمري ۾ اڏ درجن اهڙا ماڻهو وينا هيا، جن کي شڪ پوڻ لڳو هو تہ زماني جون حالتون بگڙجنديون پيون وڃن. انهن اهنجن جو چگيءَ ريت مقابلو ڪرڻ لاءِ، اڏ درجن ماڻهن مانَ اڏ وڃي انهن درويشن جي عجيب ۽ غريب ٽولي سان ملیا هيا، جيڪو وڏي غور فڪر سان اهو سوچي رهيو هو تہ ڪهڙو طريقو باهہ تي پاڻي ثابت ٿيندو؟ وات مان گگ ڳاڙيندي هڪدم غضب ۾ پرجي وڃڻ يا زور زور سان ٻوڪاٽ ڪري روئڻ، سڪرات ۾ پئجي وڃڻ ۽ ائين هُو نامياري رئيس جي رهنمائيءَ لاءِ، نهايت صاف ۽ کليل ۽ چٽو پٽو اشارو ٻڌجي وڃن. انهن ٽنهين درويشن کان پوءِ باقي جيڪي ٽي فلسفي بچيا، اهي وري هڪ ٻئي گروهہ ۾ شامل ٿي ويا. اهي ماڻهو 'زمين جو وچ' جو نعرو هٽندا هيا. هنن جو چوڻ هو تہ انسان سڃائي جي مرڪز کان ڪيڪي پري ٿي ويو آهي. چو ۽ ڪڏهن؟ ان جي تشريح ڪرڻ جي ضرورت نہ ڄاتي وئي ۽ هنن ٻڙو اهو خيال بہ هو تہ انسان مرڪز کان پري ٿي ويو آهي، پر ايجا دائري کان ٻاهر نامي نڪتو ان کي پوري ڪوشش ڪري. هن کي ان دائري مان ٻاهر نڪرڻ نہ ڏجي. روزا رکي، روحن سان ملاقاتون ڪري، توبهہ استغفار ڪري، هُنَ کي موتائي مرڪز ۾

آندو ويڃي. انهن ماڻهن جا روحن سان وڏا ڪارائتي قسم جا بحث ٿيندا هيا. پر نتيجو ڪجهه به نه نڪتو!

پر هڪ ڳالهه وڏي تسلي ڏيندڙ هئي. نامياري رئيس جي دعوتن ۾ ماڻهو لٽو ڪپڙو ڏاڍو پلو پائي ايندا هيا. نفيس گهنڊيدار وارَ جن مٽان پائوڊر جا ٿهه جميل، بُجن وانگر مٽي اُپا ٽيل وارَ رنگ روغن سان مصنوعي طور تي صفا ڪيل مُنهَن. اهڙيون شاندار تراروں جو بس وينو ڏسجي. خوشبوئن جي استعمال ڪرڻ جا اهي نايابَ طريقا. جيڪي سالن جي پراڻي سڙيل شئي کي تازو ظاهر ڪن. اوچي نفيس نسل جا وڏ ڏٽي ننڍڙا ننڍڙا تعويذ پائيندا هيا. اهي جڏهن هلندا هيا ته چم چم جا آواز پيدا ٿيندا هيا ۽ اهي سونهري زنجيريون ننڍڙين قيمتي گهنٽين وانگر وڄي اُٺنديون هيون.

اها سونهري جهنڪار. . . ريشم اطلس ۽ تن تي پاتل ڪپڑن جا سرڙاٽ. . . هوري هوري سينٽ انٽائين ۾ ڏڪندڙ خونخوار بک کي ايجا وڏائي رهي هئي. !

هر شئي کي پنهنجي جاءِ تي برقرار رکڻ لاءِ رڳو لباس جي جادوءَ کي استعمال ڪيو ويندو هو. ائين لڳندو هو ته هر شخص سهڻن، نئين نئين جوڙَ جي لباسن جي جشن لاءِ ٺهي سنبري آيو آهي. جيڪو جشن ڪڏهن به ختم نه ٿيندو.

تولريز جي محل کان وٺي رئيس نامياري جي ۽ سڃيءَ دربار تائين. . . محلن ۾ ۽ پوريءَ سوسائٽيءَ ۾. . . هر ماڻهوءَ کي سينگارجڻ جو جنون هو. رڳو جهرڪين کي ڏيجارڻ لاءِ. جيڪي بوتا ڪتل هيا، سي ئي انهيءَ کان آجا هيا. فيشن جلاد تائين به پهچي چڪو هو. هُو پنهنجا وارَ گهنڊيدار بڻائي. انهن مٽان چمڪندڙ پائوڊر هنيون. . . سونهري ڪوٽ پايون. اڇا جورابا ۽ پيرن ۾ گرگابي وجهيون. پنهنجا فرض ادا ڪندو هو. سُولي يا موت واريءَ جاءِ وٽ (انهن ڏينهن ۾ ڪهاڙي گهٽ استعمال ٿيندي هئي) ڪليسيا جي رسمن مطابق. موسيو پيرس ۽ موسيو اورلين ۽ ٻيا ماڻهو. وڏن عمدن لباسن ۾ سينگاريا. اُتي ويڙل هوندا هيا.

1780ع ۾ رئيس نامياري جي انهن دعوتن ۾ شريڪ ٿيڻ وارن مان ڪنهن کي ٿورو شڪ ۾ نه هو ته اهو نظام جيڪو پائوڊر جميل گهنڊيدار وارن . . سونهري ڏاڙهن سان سينگاريل ڪپڙن . . اڇن ريشمي جورابن ۽ گرگابين جي ٻل تي قائم هو اهو جيسين چند ستارا هوندا تيسين باقي نه رهندو. جڏهن نامياري رئيس چاڪليٽ جو بار چئن نوڪرن جي ڪلهن تي هلڪو ڪري ڇڏيو. تڏهن هن ڪين مقدس ۽ پاڪ ڪمري جا در کولي ڇڏڻ جا حڪم ڏنا. تڏهن چئني پاسن کان ڪيس عقيدت سان پريل سلاميون ڏنيو ويون. سندس حاضري پري وئي ۽ ڪيس سجدا ڪيا ويا. نياز ۽ نوڙت مان گيسيون ڪيون ويون. جيسيتائين روحاني ۽ جسماني قدم بوسيءَ جو سوال آهي، ته اهي سڀ نامياري رئيس جي حضور ۾ ادا ڪيون ويون ۽ آسماني خدا لاءِ باقي ڪجهه نه رهيو. اهوئي ڪارڻ هو جو نامياري رئيس جا پرستار خدا کي ڪڏهن به تڪليف نه ڏيندا هئا.

ڪنهن کي وعدي سان سرفراز ڪيائين ته ڪنهن کي مسڪرائڻ سان. هڪ خادم جي ڳڻ ۾ ڪا ننڍڙي ڳالهه چئي ڇڏيائين، جنهن ان کي خوش ڪري وڌو. ڪنهن کي وري شفا جو هٿ ٿي گهمايائين. نامیارو رئيس پنهنجي ڪمري مان لنگهندي، سڃائيءَ جي بلند ترين مرڪز وٽ پهچي ويو. اتان موٽيو ۽ موتي پنهنجي حجري ۾ چاڪليٽ سان روحاني رشتو قائم ڪرڻ لاءِ غائب ٿي ويو ۽ پوءِ ڏسڻ ۾ نه آيو.

تماشو ختم ٿي ويو. هوا ۾ جيڪا هلڪي بي چيني هئي، سا وڏي طوفان ٿي وئي ۽ ننڍڙين ننڍڙين قيمتي گهنٽين وڄندين، هيٺ لهي ويون. رڳو هڪ ماڻهو ان هجوم ۾ پوئتي رهجي ويو. هيٺ بغل ۾ ڏيون، تاس جي ڊبي سنياليون، هوري هوري آرسين جي اڳيان لنگهي وڃڻ لڳو.

"توکي شيطان جي حوالي ڪريان ٿو." اهو آخري شخص در وٽ بيهي رهيو ۽ نامياري رئيس جي پاڪ حجري ڏي ڏسي ايترو چيائين ۽ پوءِ تڪڙو هيٺ لهي ويو.

هن جي عمر لڳ ڀڳ ست سال ٿئي ها. انداز ۾ وڏائي هيس ۽ منهن هڪڙي سهڻي خول وانگر هيس. شيشي وانگر ڦِڪو ۽ مهانڊو

ڏاڍو چنو. نڪ تہ سھڻي ڍنگ وارو هيس پر ناسن وٽان ٽورو ڏيل. انهن ہن ڪڙن مان هن جي منهن جي لاهيءَ چاڑهيءَ جو اندازو ڪري سگهبو هو. ڪڏهن انهن جو رنگ بہ تبديل ٿي ويندو هو ۽ نبض جي هلڪي حرڪت سان ئي اهي ڪڏا ڦوڪجڻ ۽ سسڻ لڳندا هيا. انهن مان هن جي چهري تي مڪر ۽ بي رحمي ظاهر ٿيڻ لڳندي هئي. جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي تہ وات ۽ ڏڳهيون ڇڪيل اکيون بہ سندس چهري جي سختيءَ کي وڌائيندڙ هيون. پوءِ بہ ڪنهن سھڻو ۽ غير معمولي هيس.

اهو همراهہ هيٺ لهي. آڪر مان ٽيندو وڃي پنهنجي گاڏيءَ ۾ رويو ۽ هليو ويو. ڏهوٽ ۾ هن سان ڪيترن ئي ماڻهن ڳالهہ ٻولهہ ڪئي هئي. هُو سيني کان ڏار ٻيٺو هو ۽ نامياري رئيس کي ڪپندو هو تہ هن سان ڪجهہ وڌيڪ گرم جوشيءَ جو اظهار ڪري ها. ان مهل هُن کي اِها ڳالهہ ڏاڍي پلي لڳي رهي هئي تہ عام ماڻهو پري ٿي. سندس گاڏيءَ کي رستو ڏيڻ لاءِ ڪيترا ڀيرا هيا ۽ ڪڏهن تہ پريان کان ئي تر جيتريءَ وٽيءَ تان پاڻ بچائي پڄي ٿي ويا. هن جو ڪوچوان گاڏيءَ کي ائين پڄائي رهيو هو جڙ تہ ڪنهن دشمن تي ڪاهہ ڪري رهيو هجي. ڪوچوان جي انهيءَ پرواهيءَ لاپرواهيءَ جي موٽ ۾ سندس آقا جي منهن تي ڪوبہ گهنج نہ هو. ان گونگي ہوڙي شهر ۾ ڪڏهن ڪڏهن شڪايت جو آواز بلند ٿي ويندو هو تہ هِنَ شهر جا ڏڳ سوڙها آهن ۽ فٽ پاٽ ناهن. شهر جا وڏا ڏٽي پنهنجيون گاڏيون اهڙيون تہ تيز پڄائن ٿا. جو هينئين طبقي جا ماڻهو ڏنجي پون ٿا ۽ ڪڏهن مري بہ پون ٿا. پر تہ ڪنهن سندن فرياد ٻڌو نہ ڪنهن ڏيان ڏنو ۽ ان مامري کي بہ مجبور ۽ بيوس عوام مٿان چڙي ڏنو ويو تہ اهي جيئن چاهن تيئن ان جو حل ڪين.

گاڏي وڏي وحشياڻي انداز ۾ گڙگڙ ڪندي، گوڙ مچائيندي، وڏي غير انساني انداز سان سڙڪن تي اڏندي پئي وئي. اڄ ڪلهہ تہ اهي ڳالهيون ڏيڇاريندڙ خواب لڳن ٿيون تہ جڏهن اها گاڏي سڙڪ تي اوچتو هڪ موڙ کان لڙي تہ سامهون ايندڙ مايون رڙيون ڪندين پڄي ويون. ماڻن هڪبئي کي توڙي ٻارن کي گهلي پري ڪري ورتو.

گاڏي هن ڦوهاري جي ويجهو سڙڪ جي ڪُنڊ وٽان جيئن ٿي مُڙي، تہ هن جي هڪ ڪيٽي کي هڪ ڏڇي ۾ وجهندڙ لوڏو محسوس ٿيو. ڪيترن ئي آوازن جون رڙيون اُٿيون. گهوڙن وٺي نرا ڪنيا ۽ پوءِ اڇتي جهڪي ويا.

جي گهوڙا اونڌا نہ ٿي وڃن ها تہ گاڏي شايد نہ بيهي ها. عام طور تي انهن موقعن تي ائين ئي ٿيندو هو. گاڏيون زخمين کي چڏي هليون ويندیون هيون ۽ چو نہ هليون وڃن. ڀنل ڪوچوان تڪڙو هيٺ لٿو. هن ويهن گهوڙن جون رينون ڇڪي ورتيون.

"ڪهڙي گڙٻڙ آهي؟" موسيو وڏي اطمينان سان پڇيو.

رات واري ٽوپي پاتل هڪڙي ڏڳي ماڻهوءَ گهوڙن جي جنگهن وچ مان هڪ بنبل ڪنيو ۽ ڦوهاري جي پڳ تي رکي چڏيائين ۽ پاڻ اتي ئي گپ ۽ پاٽي ۾ ڪِري، جهنگ جي جانور وانگر رڙيون ڪرڻ لڳو.

"معاف ڪجو. . . حضور! ٻار هو. . ." هڪڙي اجڙيل مسڪين ماڻهوءَ چيو.

"پر هي ماڻهو اهڙا بيهودا آواز چو پيو ڪيئي؟ ڇا اهو هن جو ٻار هو؟"

"معاف ڪجو سرڪار!. . . هائو. . . وڏي ڏک جي ڳالهہ آهي."

ڦوهارو ٽورو پري هو اتان سڙڪ ويڪري ٿي ويندي هئي ۽ ڏهہ ٻارهن چورس گز جو ٽڪرو آزاد هو. ڏڳو ماڻهو هڪدم گاڏيءَ ڏانهن آيو. مارڪوئيس تڪڙ ۾ تلوار جي مُٺي ۾ هٿ وڌو.

"ماري وڌئي. . ." اهو ماڻهو وحشياڻي انداز ۾ رڙڻ لڳو. هن ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجا ٻئي هٿ مٿي ڪان مٿي ڪيا ۽ ڄُوهہ وجهي تڪيندي چيائين، "مري ويو!"

ماڻهو ويجها آيا ۽ مارڪوئيس صاحب کي ڏسڻ لڳا. ڏسڻ وارن جي اکين ۾ رڳو شوق ۽ ديدار جي تڙپ هئي. ڪا بہ ڏڪار يا ڪاوڙ نہ هئي. پهرين رڙ ڪان پوءِ ماڻهن جي واتان ڪوبہ آواز نہ نڪتو. اهي خاموش هيا. اهو ماڻهو جيڪو ڳالهائي رهيو هو تنهن جو آواز ساڻو ۽ انتهائي درجي جي نوڙت جي ڪري ڏهيل هو. مارڪوئيس صاحب،

هنن سيني تي اهڙي نظر وڌي، جو جڙ تہ اهي سپ ڳوڙا هجن ۽ پنهنجن هرن مان ٻاهر نڪري آيا هجن.

هن پنهنجو ٻڌون ڪڍيو.

"ڪيڏي نہ حيرت جي ڳالهہ آهي، جو توهان پنهنجي ۽ پنهنجن ۾ ڇن جي سار سنڀال ۾ نہ ٿا ڪري سگهو. توهان يا توهان جا ٻار سدائين اسان جي سامهون ايندا ٿا رهو. هاڻ ٻلا مون کي ڪيئن خبر پوي تہ منهنجي گهوڙن کي ڪٽي ڏڪ لڳو آهي. هي ڏس. . . هي ان کي ڏئي ڇڏ." هن ڪوچوان ڏي هڪ اشرفي اڇلائي. سيني جا ڪنڌ اڳتي وڌي آيا تہ جيئن سيئي ڪريل اشرفيءَ کي ڏسي سگهن. ڏگهي همراهہ هڪ پيرو وري حيوان وانگر رڙ ڪئي، مري ويو!"

هڪ ٻيو ماڻهو ميڙ کي چيريندو اڳتي وڌي آيو. ماڻهن هن کي ڏڪ ڏنو. هن ان ماڻهوءَ کي سهارو ڏنو. هن کي ڏسي اهو آپاڳو انسان، سندس ڪلهي تي ڪنڌ لاڙي، ڏنڊ ڪرون ڏئي روئڻ لڳو ۽ ڦوهاري ڏي اشارو ڪيائين. جتي ڪجهہ مايون ان پنڌ پاهڙ ٿي ويل بندبل مٽان جهڪيل هيون. اهي ۾ مردن وانگر مائڙي ڪري، هيڏي هوڏي ڦيريون پائي رهيون هيون.

"مون کي سپ خبر آهي. چڱيءَ طرح خبر آهي. دل نہ لاهہ. گيسپرڊا ننڍڙي راندڪي لاءِ، هن زندگيءَ کان تہ سنو ٽيو جو مري ويو. هڪ گهڙيءَ ۾ بنان ڪنهن تڪليف جي مري ويو. چا هُو بنان ڏڪ جي هڪ ڪلاڪ ۾ جي سگهي ها!؟" پچاڙيءَ ۾ ايندڙ چيو.

"اوا چا نالو آ تنهنجو؟ تون تہ پورو فلسفي ٿو لڳين."

"مون کي ڊيفارج چوندا آهن."

"ڪهڙو ڪم ڪندو آهين؟"

"مارڪوئيس صاحب! شراب وڪڻندو آهيان."

"هي وٺ!" مارڪوئيس ٻي اشرفي هن ڏي اڇلائيندي چيو "ڪٽ، شراب وڪڻ وارا فلسفي! ۽ جيئن وڃئي تيئن وڃي ڪپاءِ. . . ڏس! گهوڙا تہ خير سان آهن نہ؟"

مارکوئیس صاحب ماٺهن ڏانهن بنان ٻيهر ڏسڻ جي، آرام سان ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو بلڪل ان شريف ماڻهوءَ جيئن، جنهن اتفاق سان کا معمولي شئي ڏيڪي هجي ۽ پوءِ ان جو ڏنڊ پري ڏنو هجئين. پر اوچتو سندس آرام ۾ خلل پئجي ويو هجي. جڏهن اشرفي پٽڪات کندي گاڏيءَ ڏي آئي ۽ اچي فرش تي ڪري، تڏهن مارکوئي صاحب رڙ ڪئي، "ترس!... گهوڙا بيهار... هيءَ ڪنهن اچلائي؟"

هُنَ انهيءَ پاسي ڏنو جتي ڪي پل اڳ ڪلال ڊيفارج ٻيٺو هو. اُپاڻو پيءُ زمين تي اونڌو پيو هو ۽ هن جي پرسان هڪڙي ماسيري سانوري عورت بيٺي ڪجهه اُٺي رهي هئي.

"ڪميٽا ڪُتتوا" مارکوئيس صاحب منهن تي ڪو به پاڻ نه آڻيندي چيو. رڳو هن جون ناسون ڦڙڪي رهيون هيون. "مان وڏيءَ خوشيءَ سان توهان سيني جي مٽان گاڏي چاڙهائي وڃي سگهان ٿو توهان جو نسل دنيا مان ختم ڪري سگهان ٿو. جي مون کي خبر پئجي وڃي ته ڪهڙي بدمعاش گاڏي ڏي سڪو اُڇليو آهي ۽ اهو گاڏيءَ جي ويجهو آهي، ته ٽيٽن ۾ اچي پيسجي ويندو."

ماڻهو ڏاڍا ڊنل هيا، چو ته هنن جا ڏکي عرصي کان انهن ماڻهن سان واسطو پوندو ٿي آيو جيڪي قانون جي اندر رهندي ۽ قانون کان ٻاهر رهي ڪري ٻ. هنن سان گهٽو ڪجهه ڪري سگهن پيا. نه ڪو هٽ مٽي ٿيو ۽ هن نه ڪو آواز بلند ٿيو. ايسيتائين جو ڪنهن اک کڻڻ جي همت ٻه نه ڪئي. مردن مان ته ڪنهن کي همت نه ٿي، پر اها عورت، جيڪا بيٺي ڪجهه اُٺي رهي هئي، سا لڳاتار مارکوئيس صاحب جي منهن کي تڪي رهي هئي. هن ان ڏي ڏيان ڏيڻ پنهنجي شانَ جي خلاف ڄاتو ۽ ان تي ۽ انهن سيني ڪُوئن تي متاچري نظر وڌي، وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي ويٺو ۽ حڪم ڏنائين، "گاڏي هلاءِ!"

هن جي گاڏي لنگهي وئي. پويان پويان ٻيون گاڏيون ٻه ٽيز ٽيز لنگهي ويون. وزير جي... مدارالمهام جي... مذهبي اڳواڻ جي... فارمر جنرل جي... ڊاڪٽر جي... وڪيل جي... گرانڊ اوپيرا مزاحيا ڊرامن جي، پوءِ پوري ٽينسي بال جون گاڏين ٽڪڙيون لنگهي ويون.

ڪُوئا جلوس ڏسڻ جي لاءِ هرڻن مان ريڑهيون پائي ٻاهر نڪري آيا هيا ۽ ڪلاڪن تائين ڏسندا رهيا. سپاهي ۽ پوليس جا ماڻهو انهن جي ۽ جلوس جي وچ ۾ ڦري رهيا هيا. انهن هڪ پٽ ناهي ڇڏي هئي. جنهن جي پويان ڪُوئا هيسيل بيئا ڏسي رهيا هيا. پيءُ پنهنجي ڪوٽري ڪٽي ڪاڏي گم ٿي چڪو هو. اهي عورتون جيڪي هن جي نگراني ڪري رهيون هيون. سي ڦوهاري جي وهندڙ پاڻيءَ کي ۽ جلوس کي تڪي رهيون هيون. رڳو هڪ ئي عورت هئي. جيڪا سيني کان نمايان بيٺي ڪجهه اُٿي رهي هئي. . . قسمت جي ڦٽ آڳرين وانگر هن جون آڳريون به اُٿي رهيون هيون. ڦوهاري جو پاڻي به وهي رهيو هو. تکو درياهه وهي رهيو هو. ڏينهن رات ۾ ٻڌي رهيو هو. قدرت جي قانون مطابق. شهر ۾ ڪيئي زندگيون موت جي ڪُنَ ۾ ٻڌي رهيون هيون. وقت ۽ وِيرَ ڪنهن جو انتظار ناهن ڪندا. ڪُوئا پنهنجن اونداهين ۾رن ۾ لڪا. هڪئي جي پرسان ستا پيا هئا. فينسي بال رات جي مانيءَ مهلَ روشني ڪيون جڳمڳائي رهيو هو. دنيا پنهنجي محور تي ڦري رهي هئي.



باب انون

نامیارو رئیس ڳوٺ ۾

منظر وٽندڙ هو. پوک جَرڪي رهي هئي، پر هئي صفا ٿوري جتي مڪائي ڦُٽل هجڻ گهرجي ها. اُتي ننڍين ننڍين ٽڪرن ۾ بيڪار جَوَ پوکيل هئا. ڪٽڪ جي جاءِ تي وڏي داٽي وارا مٽر ۽ ڏاڍي ردي قسم جي سائي پاڄي پوکيل هئي. پوکڻ وارن ۽ پوک مٽان هڪ قسم جي مرک واري ڪيفيت چانيل هئي، جڏ ته فصل زوريءَ اُپرڻ تي مجبور هجن ۽ آڏ مٿا تي مِنجي وڃڻ ۽ تباهه ٿي وڃڻ جي آرزو رکندا هجن. مارڪوئيس صاحب پنهنجي ڳوري سفري گاڏي ۾، ڇٽن گهوڙن ۽ ٻن سَنئيسَنِ سان گڏ، ٽڪري جي لاهيءَ تي هوري هوري رڙهي رهيو هو. مارڪوئيس صاحب جي منهن جي ڳاڙهاڻ سان، هن جي حسب نسب تي ڪو حرف نه پئي آيو. اصل ڳالهه هيءَ هئي ته لهندڙ سج جي لالائي سندس منهن تي پئجي رهي هئي ۽ ان کي روڪڻ هن جي وس جي ڳالهه نه هئي.

شفق جي ڳاڙهاڻ سان گاڏيءَ تي اهڙي ته چمڪ پئجي رهي هئي، جو اها سڄي ڳاڙهاڻ ۾ ٻڏل نظر پئي آئي.

"لهي ويندي هاڻي جو هاڻي." هن پنهنجي هٿن جي ڳاڙهاڻ کي ڏسندي چيو. جائي ٻه سج ايترو ته هيٺ ٿي چڪو هو جو ان ئي مهل لهي ويو. جڏهن ڦيٽن ۾ لوهه جي آٽڪ ڏني وئي، تڏهن گاڏي لاهيءَ تان هوري هوري هيٺ لهڻ لڳي. ڏوڙ ۾ سڙيل ڪوئلي جي ڏپ هئي. ڳاڙهاڻ گم ٿي وئي. جڏهن ڦيٽن مان آٽڪ ڪڍي وئي، تڏهن روشني بلڪل غائب ٿي چڪي هئي.

پر سامهون وسيع ويران، اجڙيل علائقو پکڙيل هو. ٽڪري جي هيٺان هڪڙو ننڍو ڳوٺ، تنهن جي اڳيان ڪليل ميدان ۾ هڪڙي

پِٽَ. هڪ گرجا جي چوٽي، هوائي چڪي ۽ شڪار جي لاءِ هڪ جهنگ، ان کان اڳتي هڪڙو پوٽو جنهن مٿان هڪ ڪوٺ ٺهيل هو جيڪا قيدخاني طور استعمال ٿيندي هو. جيئن جيئن رات اڳتي وڌي رهي هئي، تيئن پڪڙجندڙ اونداهيءَ ۾ مارڪوئيس صاحب جو مُنهُن ان ماٺهوءَ جهڙو ٿيندو پئي ويو جنهن کي اها خبر هجي ته سنڊس گهر ويجهو اچي رهيو آهي. ڪوٺ جي هڪ وڏي غريباڻي گهٽي هئي، جنهن ۾ معمولي شراب واري بڻي هئي. ننڍڙو چمڙي جو ڪارخانو هو. ڏاڍي بدحال قسم جي سراءِ هئي. اجڙيل ڪُڙهه هئي، جتي ڀاڪ وارا گهوڙا مٽايا ويندا هيا. ننڍڙو حوضَ ۽ ننڍڙيون ننڍڙيون سرگرميون هيون. هن ڪوٺ ۾ ڪجهه غريب ماڻهو به هيا. ٿورا ڇو؟ سيئي ته غريب هيا ۽ پنهنجن پنهنجن درن آڏو ويهي، رات جي ماني جي لاءِ بصر وغيره ڇلهي رهيا هيا. ڪي وري گاهه کي ۽ جيڪي جهنگلي جڙي ٻوٽيون کائڻ جي لائق هيون، انهن کي ڏوئي رهيا هيا. اهي غريب ڇو هيا؟ ان جا ڪارڻ هيا سرڪاري ٽيڪسون. گرجا جو ڏَنُ، زميندار جي ڊلَ، عام ۽ خاص ٽيڪس، قانون جي مطابق ڪجهه هيڏي ڏيڍو ٽي پيو ته ڪجهه هوڏي. انهن ٽيڪسن کي ڏسي حيرت ٿيندي هئي ته ڪو خاص ڪوٺ ڪيهجي وڃڻ کان ڪيئن بچي ويو آهي!؟

ٻار ڏاڍا گهٽ پئي نظر آيا ۽ ڪتا ته وري هيا ئي ڪونه. مردن ۽ عورتن جي لاءِ بس ٻه ئي دڳ هيا. مري مري جيئندا رهن يا پوئي تي ٻٽيل قيدخاني ۾ گهٽَ ٻوسٽ ۽ موت جو مقابلو ڪن.

اڳيان اڳيان هرڪارو ۽ ان جي پويان ڪوچوان، ڪنڊ جي چوڏاري نانگن وانگر هنڌرن کي شُوڪاڻ ڪرائيندا هلي رهيا هيا، جڏ ته پوائتين ديوين سان گڏ هجن. مارڪوئيس صاحب پنهنجي سفري گاڏيءَ ۾ ڀاڪ گهر جي ڦاٽڪ اندر گهڙيو. ڀاڪ گهر چشمي جي ويجهو هيو ۽ ماڻهن هنن کي ڏسڻ جي لاءِ پنهنجا ڪم ڪار ڇڏي ڏنا. هنن ماڻهن تي متاچري نظر وڏي ۽ بنان ڏسڻ جي اهو ڄاڻي ورتو ته ماڻهن جا پريشان چهرا ۽ بدن جڏ ته رندي سان ڇلهجندا پيا وڃن.

انهيءَ ڏهرائپ جي ڪري انگريزن فرانسيسين لاءِ اها راءِ قائم ڪئي هئي تہ اهي ڄائي ڄم ڪان سنهڙا هوندا آهن. اصليت بدلجي ب وڃي، تڏهن ب ماڻهو سو سالن تائين اهائي پراڻي ڳالهہ چوندا رهندا آهن. مارڪوئيس صاحب هنن جي مسڪين ۽ جهڪيل ڇهرن ڏي ڏٺو. خود هن جهڙا ماڻهو بادشاهہ آڏو جهڪندا آهن، فرق رڳو اهو هو تہ هي ڇهرا خوشامد بدران ڏک ۽ لاچاريءَ جي ڪري جهڪيل هيا. ايترن کوڙ سارن ڇهرن ۾ هڪڙو لغڙ جهڙو سڙڪن جي مرمت ڪرڻ وارو بيلدار ب اچي گڏيو.

"هن کي اسان وٽ وٺي اچو!" مارڪوئيس صاحب حڪم ڏنو.

ٽوپي هٿ ۾ کنيل انهيءَ همراهہ کي، هن جي اڳيان پيش ڪيو ويو. ماڻهو هن جي چوڌاري تماشو ڏسڻ لاءِ گڏ ٿي ويا، جيئن 'پيرس جي چشمي' جي چوڌاري گڏ ٿي ويندا هيا. اها جاءِ جتي ماڻهن کي قتل ڪيو ويندو هو سا پيرس جو چشمو چوائيندي هئي. چو تہ اتي رت پاڻيءَ جيئن وهندو هو.

"اسان سڙڪ تي تنهنجي پرسان لنگهيا هياسين؟"

"جي هائو منهنجا سائين! توهان منهنجي پرسان لنگهي مون کي عزت بخشي هئي."

"ٽڪريءَ جي چاڙهي چڙهندي ب ۽ لاهي لهندي ب؟"

"هائو منهنجا سائين!"

"تون ايترو چتائي چا ڏسي رهيو هئين؟"

"سرڪار! ماڻهوءَ کي ڏسي رهيو هيس."

هُو ٽورو جهڪي پنهنجي ٽوپيءَ سان گاڏيءَ جي هيٺان اشارو ڪرڻ لڳو ۽ ان سان گڏوگڏ پاڻ ب جهڪي گاڏيءَ هيٺان ڏسڻ لڳو "ڪهڙو ماڻهو ڙي! سُوئر!... تون ايڏهن چا ڏسي رهيو هئين؟"

"معاف ڪجو منهنجا سائين! اهو همراهہ ڪانڊي جي هيٺان زنجيرن کي پڪڙي لڙکي رهيو هو."

"ڪير؟"

"سائين!... هو ماڻهو!"

"هِنن ڇُوتين کي خدا غرق ڪري. چا نالو هو ان ماڻهوءَ جو؟ تون ته هِنَ علاقي جي سيني ماڻهن کي سڃاڻين ٿو. ڪير هو اهو؟"

"سائين! اهو هن علاقي جو ماڻهو نه هو. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ هن کي ڪڏهن ناهي ڏٺو."

"زنجيرن سان لڙڪي رهيو هو. مري نه ويو هوندو؟"

"منهنجا سائين! اجازت هجي ته عرض ڪيان؟ اهائي ته حيرت جي ڳالهه آهي. هن جو مٿو. . . هيئن لڙڪي رهيو هو." هُو گاڏيءَ ڏي پاسيرو ٿي بيهي رهيو ۽ پوئتي جهڪي پنهنجو منهن آسمان ڏي مٿي ڪيائين ۽ ڪنڌ کي هڪ پاسي لڙڪائي ڇڏيائين. هُو ادب سان جهڪيو ۽ پنهنجي ٽوپيءَ سان کيڏڻ لڳو.

"شڪل ڪيئن هيس؟"

"سائين! هُو آٿي پينهڙ واري کان وڌيڪ اڇو هو. پُوت وانگر سڄو مٽيءَ ۾ پيپوت هو. صفا پُوتَ وانگر ڏُکو. . ."

انهيءَ تفصيل هجوم کي ڏاڍو متاثر ڪيو. پر سيني جون اکيون هڪٻئي کان سوال ڪرڻ بدران. مارڪوئيس صاحب کي ڏسڻ لڳيون. شايد اهو ڏسڻ جي لاءِ ته هن جي ضمير مٿان ڪنهن پُوت جو ڪو پاڇو آهي يا نه؟

"واهه! تو هڪ چور کي اسان جي پويان ڏنو ۽ ٻڌائڻ جي لاءِ پنهنجو آواندي جهڙو وات به نه کوليو؟ هُووون ن ن. . . موسيو گيبل! هن کي ڏار ڪري بيهار."

موسيو گيبل پوسٽ ماسٽر به هيو ۽ ڪجهه ڊل وغيره به. وصول ڪرڻ سان تعلق هيس. هُو وڏيءَ تابيداريءَ سان پڇا ڳاڇا ۾ مدد ڪرڻ لاءِ پهتو هو ۽ هُو آفيسراڻي انداز ۾ ملزم کي پانهن کان جهليون بيٺو هو.

"هُون ن. . . پري ٿي بيهه" موسيو گيبل چيس.

"جي اهو ڏاريو ماڻهو اڄ توهان جي ڪوٺ ۾ رات گهارڻ چاهي ته هڪدم پڪڙجانس. گيبل! چگهيءَ ريت اطمينان ڪجان ته اهو ماڻهو ايماندار آهي يا نه؟"

"منهنجا سائين! مان توهان جو حڪم بجا آڻڻ، پنهنجا پاڻ ٿو سمجهان."

"ڇا اهو همراهه پڇي ويو؟ اهو نياڳو آهي ڪٿي؟"

اهو نياڳو پنهنجن اڌ درجن ساٿين سان گڏ گاڏيءَ جي هيٺان لڪل ٽوپيءَ سان زنجيرن ڏي اشارو ڪري رهيو هو. ٻين خاص اڌ درجن ساٿين کيس ڳهلي ٻاهر ڪڍي ورتو ۽ هن کي مارڪوئيس صاحب جي اڳيان پيش ڪيو.

"ازڻي چندا! جڏهن اسان ٽيٽن کي گٽڪو ڏيڻ لاءِ ٻيٽا هياسين، تڏهن هُو پڇي ويو هوندو."

"منهنجا سائين! هُو ٽڪريءَ واري پاسي، مٽي ۾ ائين ٽپو ڏئي ويو جڏ تہ دريا ۾ ٽپو ڏنو هجئين."

"هُنَ جي ڳولا ڪيو گيبل! گاڏي هلايو."

اهي اڌ درجن ڪن جيڪي زنجيرن جو معائنو ڪري رهيا هيا، سي ايڏا تائين رڌن وانگر ٽيٽن وٽ جهڪيا پيا هيا. اوچتو ٽيٽا هلي پيا ۽ اهي انهن ۾ اڇڻ کان ڏري گهٽ بچي ويا. اهي ماڻهو پاڻ وارا هيا، جو هنن وٽ سواءِ کل ۽ هڏين بچائڻ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو نہ تہ هنن جو خير نہ هو.

گاڏي ڳوٺان ڏاڀي تڪڙي رواني ٿي ۽ اڳتي چڙهائيءَ تي چڙهندي هلي وئي. پر جڏهن لاهي شروع ٿي، تڏهن گاڏيءَ جي رفتار گهٽ ٿي وئي ۽ هوري هوري هلڻ لڳي. رات جي سهاڻي خوشبو پکڙيل هئي. ڪوچوان پنهنجي هنٽرن جي مرمت ۾ لڳا پيا هيا. ٽانڊاٽا سندن مٿان ٽيرا ڏئي رهيا هيا. نوڪر گهوڙن سان گڏ هلي رهيو هو. هرڪاري جي پيرن جي گونج اڳتي اونداهيءَ ۾ ٻڏڻ ۾ اچي رهي هئي. جتي لاهي ويڪري هئي، اُتي هڪڙو ننڍڙو قبرستان هو. هڪ صليب تي عيسيٰ جي مُورت لڳل هئي. اها ڪاٺ جي مُورت ڏاڀي بي سُري هئي، ڪنهن سيکڙاٽ گهڙي هئي. پر هُنَ شايد زندگيءَ جو مشاهدو ڪري پوءِ گهڙي هئي يا وري شايد پنهنجي ئي زندگيءَ جو. ڇو تہ مُورت سنهڙي سيپڪڙي هئي.

اهو صليب هڪ ڏکوئيندڙ ظلم جي نشاني هو جيڪو گهٽجڻ بدران ايڏا وڌي رهيو هو پر انتها تائين نہ پهتو هو. هڪ عورت هن جي اڳيان گوڏا کوڙيون ويٺي هئي. جڏهن گاڏي ويجهي پهتي، تڏهن هن ڪنڌ ورائي ڏنو ۽ اٿي پڄندي گاڏيءَ جي در وٽ اچي پهتي.

"سرڪار! توهان آهيو نہ.. هڪ عرض ڪرڻو اٿم."

هُنَ مُنهَن جو وَرن متائڻ ڪانسواءِ باهر ڏنو ۽ بيزار ٿيندي چيو "هَئي لعنت هجيس! چاهي؟ جڏهن ڏس، تڏهن درخواستون!"

"حضور!... خدا جي واسطي... منهنجو مڙس پيلي جو نگران هو."

"تہ پو چا ٿيو تنهنجي مڙس کي، جيڪو پيلي جو نگران هو؟ توهان ماڻهن کي هر وقت ڪي نہ ڪي بهانا کپن. چا ڀل نہ ٿو ڏئي سگهي!؟"

"ڀل تہ هن پائي پائي ادا ڪري ڇڏي، حضور!... هُو مري ويو."

"چگو ٿيو هُنَ جو وات بند ٿي ويو. هاڻي مان هن کي تنهنجي لاءِ جيئرو ڪيان چا؟"

"نہ.. سرڪار!... افسوس... پر هُو اڏسڙيل گاهَ جي ڍير هيٺان پوريو پيو آهي."

"تہ پو مان چا ڪيان؟"

"سرڪار! هتي ڪيڏا نہ متيءَ جا ڍير آهن."

"آهن تہ پوءِ؟"

هُوءَ جوان عورت هئي، پر ڪراڙي پئي لڳي. غم ۽ درد وچان اڌ چري ٿي رهي هئي. هُوءَ پنهنجا ڪَهرا ۽ اُپريل رڳن وارا هٿ مروڙي رهي هئي. هن هڪ هَٿُ گاڏيءَ جي در تي رکي ڇڏيو. اهو ڇڻ تہ ڪنهن انسان جي ڏڙڪندڙ دل هجي ۽ هن جون منٽون ٻڌي وگهر جي ويندي.

"سرڪار!... منهنجو عرض ٻڌو سرڪار! منهنجو مڙس غربت جي ڪري مري ويو. غربت جي ڪري ڪيترائي مري رهيا آهن ۽ ڪيئي مري ويندا."

"تہ پو مان انهن جا پيٽ پري سگهان ٿو چا؟"

"سرڪار...! اهو تہ پروردگار ئي ڄاڻي... مان تہ ائين نہ ٿي چئي سگهان. منهنجو تہ بس ايترو عرض آهي تہ جتي متيءَ جي ڍير هيٺان

منهنجو مڙس پوريل آهي. اتي ڪائيءَ يا پٿر جو ڪو ٽڪر هنيو وڃي نہ تہ اها جاءِ جلد ئي سپني کان وسري ويندي. ۽ جڏهن مان انهيءَ ويا هٿان سَڄي مرنديس. تڏهن مون کي بہ سڙيل گاهہ جي ڍير هيٺان پوريو ويندو. اهي ڍير گهٽا آهن. انهن جو تعداد تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. ڪيڏي نہ غربت آهي... سرڪار!... منهنجا غريب نواز!..."

خادم هن کي در کان پري ڪري ڇڏيو ۽ گاڏي تڪڙي اڳتي وڌي وئي. ڪوچوان رفتار وڌائي ڇڏي ۽ هُوءَ مائي گهٽو پوئتي رهجي وئي ۽ مارڪوئيس ڪاوڙ ۾ پرجي ويو. اهو ڪجهہ ميلن جو پنڌ. جيڪو هنن جي ۽ گهر جي وچ ۾ هو سو تڪڙو طئي ٿيڻ لڳو.

گرمين جي ٿڌيءَ وٽندڙ رات جي مٺي مٺي خوشبو هنن جي چٿني پاسي پکڙيل هئي ۽ اها مِينهُن وانگر بنان ڪنهن فرق جي. واريءَ مان اٺيل هيٺن پورهيتن جي چوڌاري بہ پکڙجي وئي. جي جهرٽي ويجهو گڏ ٿيل هيا. بيلدار ايجا تائين ٽوپيءَ جي اشارن سان پُوت جي باري ۾ ڪجهہ چئي رهيو هو. اها ٽوپي مالڪ کان وڌيڪ اهم هئي. ان کان سواءِ هن جي هستي ڪجهہ بہ نہ هئي. هُو ان پُوت جي ڀيگهہ ويڪر تيسيتائين وڌائيندو رهيو جيسيتائين اهي سَهي سگهيا. جڏهن هنن کان برداشت نہ ٿي سگهيو. تڏهن اهي هڪ هڪ ٿي پنهنجين جهوپڙين ڏي کسڪي ويا. ننڍڙين ننڍڙين جهوپڙين ۾ روشني ٽمڪڻ لڳي. جڏهن اوندهہ ٿي وئي ۽ آسمان تي تارا اپري آيا. تڏهن ائين پئي لڳو جڻ تہ زمين تي ٻاريل ڏيئا آسمان تي وڃي چمڪڻ لڳا آهن.

ان وچ ۾ مارڪوئيس صاحب هڪ اوچي چت واري عاليشان مڪان جي پرسان. جهومندڙ وٽن جي چانءَ ۾ پهچي ويو. هڪ ڏياڻيءَ جي سوجهري اونداهي کي ڏڪي پري ڪيو. گاڏي بيهي رهي ۽ محل جا بلند در هنن سامهون ڪلي ويا.

"چا موسيو چارلس. جنهن جو اسان کي انتظار هيو انگلينڊ کان اچي چڪو آهي؟"

"عالي جناب! ايجا تہ نہ پهتا آهن."

باب نائون

گارگن جو مٹو

مارڪوئيس صاحب جو محل پٽر جو ٺهيل هو. سامهون هڪڙو پٽرائون احاطو هيس. ۽ پٽرايون ڏاڪڻيون مٿي وڃي هڪ ٽلهي سان ملي ٿي ويون. پٽر ئي پٽر هيا. هر پاسي ڪوري پٽر جا ٽلها. پٽر جا ڪٺونرا ۽ گهگهيون. پٽر جا گل. پٽر جا ڇهرا. پٽر جي شينهن جا مُنهن. ائين پئي لڳو ته جڏهن مڪان ٺهي تيار ٿيو هو ته گارگن هن تي پرپور نهار وڌي هوندي (گارگن اهو ديوتا هو جيڪو جنهن تي ۽ نظر وجهندو هو سو پٽر ٿي ويندو هو.)

مارڪوئيس صاحب گاڏيءَ تان لهي، ويڪري ڏاڪڻ مٿي چڙهي ويو. اڳيان اڳيان ڏياٽي هئس. جنهن جي روشنيءَ پري وٽن ۾ لڪيل ڪُڙهه جي ڇت تي ويٺل هڪ چهري ڪي پريشان ڪري ڇڏيو ۽ هن احتجاجي پڪار بلند ڪئي. باقي سيني شين مٿان مات ڇانيل هئي. هڪ ڏياٽي ڏاڪڻين تي گڏ مٿي وئي پئي، ۽ در تي نوڪر وٽ هئي. پر ائين لڳي رهيو هو ته اهي ڏياٽيون ڪليل هوا بدران جڙ ته بند ڪمري ۾ ٻري رهيون هجن. چهري کان سواءِ ٻيو ڪو به آواز ٻڌڻ ۾ نه پئي آيو يا بس ان ڦوهاري جو آواز هو. جنهن جو پاڻي پٽر جي ٽالهه ۾ ڪري رهيو هو. اها هڪ اهڙي رات هئي. جيڪا ڪلاڪن تائين ساهه روڪيون پئي هوندي آهي. پوءِ ڏڪهو ٿڏو ساهه پريندي آهي ۽ وري چپ هٽي ڇڏيندي آهي.

مارڪوئيس اندر گهڙيو. ڀاٽڪ هڪ ٽڪاءَ سان هن جي پويان بند ٿي ويو. هُو هال مان لنگهيو جتي مور جي شڪار وارا نيزا، تراروڻ، شڪاري چاڪون پتين تي لڳل هيا ۽ ان کانسواءِ لڪڻ ۽ هنٽر به

سينگاريل هيا. ڪيترن ئي هارين موت جي هنج ۾ سدائين جي لاءِ سمهڻ کان اڳ انهن هنڌرن جا ڏڪ ٻڌا هيا.

وڏا وڏا ڪمرا رات جو بند ڪري چڏيا ويا هيا. انهن ڪمرن ۾ اوندهه چانيل هئي. مارڪوئيس صاحب ڏياڻيءَ واري همراهه سان گڏ مٿي ڪوٺي تي ويو ۽ پنهنجن ڪن خاص ٻڪ پرين ڪمرن ۾ هليو ويو. اهي مٿانهين چت وارا ٽڏا ڪمرا هيا، جن ۾ گلمر وچايل نه هيا. آتشدان منجهه ٻه پٿر جا ڪتا ٿهيل هيا. سياري ۾ انهن جي مٿان ڪائيون رکي هارين ويندين هيون. ڪمري جي ساز سامان مان عياشيءَ جو اظهار ٿي رهيو هو. قيمتي فرنيچر لوئي چوڏهين جي زماني جو هو. شاهي گهراڻي جو اهو تاجدار جنهن جي سلسلي جي ختم ٿيڻ جو ڪو به امڪان نه هو. ان ڪانسواءِ سينگار جي سامان ۾ اهڙيون شيون به شامل هيون. جيڪي فرانس جي پراڻيءَ تاريخ تي روشني وجهي رهيون هيون.

ٽئين ڪمري ۾ ٻن ماڻهن لاءِ مانيءَ جي ٽيبل تيار هئي. اهو ڪمرو انهن چئن ڪمرن مان هڪ هو جن جي چت جا ٻُرج، چلمر جي نموني جا هيا. هڪ ننڍڙو پر ٻُڪ پريل ڪمرو هو. جنهن جون دريون صفا ڪليل هيون. پر انهن ۾ وڏين پٽين واريون ٽڏيون پيل هيون ۽ رات رڳو ڪارين پٽين جي شڪل ۾ نظر اچي رهي هئي.

"اطلاع مليو آهي ته اسان جو پائٽيو صاحب ايجا تائين نه پهتو آهي!" مارڪوئيس کاڏي جي سجايل ميز تي نظر وجهندي چيو.

واقعي سندس پائٽيو نه پهتو هو پر اميدِ اها هئي ته اچي ويندو.

"هُون٠٠ن٠٠ن٠٠٠ ممڪن آهي ته اڄ رات پهچي وڃي. ان ڪري ميز ائين ئي رهڻ ڏي، اسان پندرهن منٽن ۾ تيار ٿي ويندا سين."

پندرهن منٽن ۾ مارڪوئيس صاحب تيار ٿي، اڪيلي سر ئي لذيذ ۽ وٽندڙ کاڏن جي ميز تي اچي ويٺو. هن جي ڪرسي دريءَ جي سامهون هئي. هُو شوربو پيئڻ کان پوءِ شراب جو گلاس چپن سان لائڻ واروئي هيو جو بيهي رهيو ۽ گلاس رکي چڏيائين.

"هي چاهي؟" هن دريءَ واريءَ ٽڏيءَ جي ڪارين پُورين پٽين کي ڏسندي ڪوري آواز ۾ پڇيو.

"سرڪار... ! ڪٿي؟"

"ٽڏيءَ جي ٻاهران.. ٽڏي پري ڪر."

ٽڏي هٽائي وئي.

"هُون.. ن.. ن!"

"ڪجهہ بہ ناهي، سرڪار! وڃ آهن ۽ اونداهي رات آهي. ان کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي."

نوڪر ٽڏي پري ڪري چڏي، ٻاهر ڪاريءَ رات ۾ چتائي ڏٺو پوءِ حڪم جي انتظار ۾ موٽي بيهي رهيو. هن جي پويان ڪاريءَ رات جي اونداهي هئي.

"ٺيڪ آ... تڏي بند ڪر." آقا وڏي سڪون پرئي لهجي ۾ چيس.

حڪم جي تعميل ڪئي وئي ۽ مارڪوئيس صاحب ماني کائيندو رهيو. هُو وچ ۾ ئي وري گلاس هٿ ۾ کڻي، گاڏيءَ جي ڦيٽن جو آواز ٻڌڻ لڳو. گاڏي تکي هلندي محل جي ڦاٽڪ تائين پهتي.

"جاچ وٺ تہ ڪير آيو آ؟"

مارڪوئيس صاحب جو پانڌيو آيو هو. هُو ٽيپهريءَ کان ئي هن جي پويان پويان ٻاڪ گاڏي ۾ اچي رهيو هو. هن تيزي سان وچ واري وٽي کٽائي وڏي هئي، پر پوءِ بہ ٻئي ڇڙا هڪ ٻئي سان سڙڪ تي ملي نہ سگهيا هيا. ٻاڪ گهر وٽ هُنَ کي هِنَ بابت جاڻ ملي چڪي هئي.

مارڪوئيس صاحب چوائي موڪليس تہ مانيءَ جي ميز تي تنهنجو انتظار ڪيو پيو وڃي. هُو ترت ئي ڪمري ۾ داخل ٿيو. انگلينڊ ۾ ماڻهو پڪ سان ئي ڪيس چارلس ڊارني جي نالي سان سڏيندا هئا.

مارڪوئيس وڏي جوش سان ساٿس ملیو پر هن هٿ نہ ملايس.

"جناب! توهان ڪالهہ پيرس مان نڪري آيا آهيو؟" هن ميز تي ويهندي چيو.

"هائو ڪالهہ.. ۽ تون؟"

"مان سڌو پيو اچان."

"لنڊن کان؟"

"هائو."

"تو اڃ ۾ ڏاڍي دير ڪئي." مارڪوئيس مرڪي چيس.

"نہ صاحب! سڏو تہ اڃان پيو."

"تون نہ سمجهئين. منهنجو مطلب، سفر ۾ دير ڪرڻ جو ناهي، پر سفر جو ارادو ڪرڻ ۾ دير ڪيئي..."

"ڪجهہ سببن جي ڪري.. مون کي رُڪجڻو پيو." پائٽئي ٿورو وٿي وجهندي حجت مان چيس.

"بي شڪ!" چاچهنس سندس تصديق ڪئي.

جيسين نوڪر موجود رهيو هنن پاڻ ۾ ڪا خاص ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪئي. پر ڪافي پيش ڪرڻ ڪانپوءِ هُو اڪيلا هيا. تڏهن پائٽئي چاچي جي اکين ۾ اکيون وجهي، سندس ڳاڙهي ٿي ويل منهن ڏي ڏٺو.

"مان توهان جي اميد مطابق موٽي آيو آهيان. مان جنهن سلسلي ۾ ويو هيس، تنهن ۾ اميد جي ابتڙ پريشانيون ڏسڻيون پيون. پر منهنجو مقصد ايترو تہ پاڪ هو جو جي منهنجي جان بہ هلي وڃي ها، تہ بہ پرواهہ نہ هئي."

"جان تہ نہ وڃئي ها. اهو چوڻ جي ضرورت تہ ناهي تہ جان وڃي ها." چاچي چيس.

"مون کي شڪ آهي، قبلا!... جيڪڏهن مان موت جي ڪوهہ تائين پهچي وڃان ها تہ چا توهان مون کي بچائڻ جي تڪليف ڪيو ها؟" پائٽئي پڇيس.

هن جي ناسن وارا ڪڏا اُونها ٿي ويا. بي رحم ڇهري تي ڪجهہ گهنج اڃا وڌيڪ چٽا ٿي ويا ۽ اُوچي ذات واري مارڪوئيس ان الزام تي ڪوبہ احتجاج نہ ڪيو. پر ڳالهہ جو اثر ڪجهہ ڏکو هو.

"پڪ سان سائين جن اها ڪوشش ضرور ڪئي هوندي تہ انهن شڪن شبهن کي اڃا وڌيڪ پڪو پختو بڻايو وڃي، جيڪي منهنجي خلاف پيدا ٿي سگهن پيا."

"نہ نہ. بلڪل بہ نہ" چاچي هيج وچان چيس.

"پوءِ ۽ مون کي پڪ آھي تہ توھان جي سياست وڏيءَ سنگدليءَ سان، مون کي پنھنجن مقصدن حاصل ڪرڻ کان روڪڻ چاھيندي ۽ منھنجي خلاف ھر ڪِريل انڪل استعمال ڪرڻ کي جائز ڄاتو ويندو." ڀائٽئي چاڇي کي ٻي ويساھي مان ڏسندي چيو.

"منھنجا پيارا. . . ! اسان توکي اڳ ئي ٻڌائي ڇڏيو ھو. ٿورو مھرباني ڪري، ياد ڪري اھو تہ ٻڌاءِ تہ اسان توکي ڇا چيو ھو؟" چاڇھنس جون ناسون ڦڙڪڻ لڳيون.

"مون کي چگيءَ طرح ياد آھي."

"شڪر آھي." مارڪوئيس ڏاڍي ٺڏي لھجي ۾ چيس. ھن جو آواز ھوا ۾ ڪنھن ساز جي جھنڪار وانگر ٽنگجي ٻيو.

"اسان اصل نہ سمجھيو توھان جو مطلب ڇاھي؟ ٿورو کولي ٻڌايو." چاڇھنس ڪافيءَ جو ڍڪ ڀريندي چيس.

"مونکي پڪ آھي تہ جيڪڏھن توھان دربار ۾ عتاب ھيٺ نہ اچو ھا ۽ گذريل ڪارنامن جي ڏوڙ ۾ گم نہ ھجو ھا تہ منھنجي لاءِ توھان جو بس ھڪ خط ئي، مون کي سڄي عمر ڪنھن قلعي جي قيدخاني ۾ دفن ڪرڻ لاءِ ڪافي ھجي ھا."

"ٽي سگھي ٿو. خاندان جي عزت لاءِ جيڪڏھن اھا تڪليف اسان کي توکي پھچائڻي پوي تہ. . . معاف ڪجان. اسان کي ڪا بہ ھيڪ نہ ٽيندي" چاڇھنس سڪون سان چيس.

"منھنجا پاڳ پلا ھئا. . . جو بہ ڏينھن اڳ توھان جي اُتي ڪا ٿني خدمت چاڪري نہ ٿي."

"اسان ان کي تنھنجي خوش قسمتي نہ ٿا سمجھون." چاڇھنس وڏي مھذب ۽ نرم لھجي ۾ چيس. "اسان کي ان ڳالھ سان اتفاق ناھي. جيڪڏھن توکي اڪيلائيءَ ۾، ان تي غور ڪرڻ جو موقعو ملي ويجي، تہ تون پنھنجي مستقبل کي وڌيڪ روشن ۽ تابناڪ ٻڌائڻ لاءِ سوچي سگھندين، پر ھاڻي ان ڳالھ جو سوال ئي نہ ٿو پيدا ٿئي. تون ٺيڪ ٿو چوين. اسان مجبور آھيون. ستڌارڻ وارا اھي ننڍا ننڍا طريقا. . . اسان خاندانن جي عزت ۽ شان کي برقرار رکڻ جي لاءِ مجبور آھيون. شفقت

ڀر ہڏل اهي سِکيا جا طور طريقا! اهي معمولي رعايتون جن مان توکي تڪليف پهچي سگهي ٿي. اهي رڳو پهچ وسيلي ئي حاصل ڪري سگهجن ٿيون. ڪيئي ماڻهو ان طاقت کي حاصل ڪرڻ جا خواهشمند آهن ۽ گهٽ ماڻهن کي اها رعايت ڏني وڃي ٿي. اڳ ڀر اها حالت نہ هئي. ان معاملي ۾ فرانس ڏاڍو پوئتي رهجي ويو آهي. اسان جي ابن ڏاڏن کي آس پاس جي نيچ ماڻهن کي مارڻ يا جيئرو رکڻ جو حق حاصل هيو. هن ئي ڪمري مان ڪيترائي اهڙا ذليل ڪُتا وڃي ڦاهيءَ چاڙهيا ويا. ٻئي ڪمري، يعني منهنجي بيڊ روم ۾، هڪ ماڻهوءَ کي رڳو ان ڪري موت جي منهن ۾ اڇلايو ويو جو هن پنهنجي ڏيءُ جي باري ۾ پنهنجي واتان گندي ڳالهه ڪڍي هئي. واضح رهي تہ خود پنهنجي ڏيءُ جي باري ۾! اسان کان ڪيترين ئي رعايتون کسجي چڪيون آهن. هڪ نئون فلسفو رائج ٿي چڪو آهي ۽ اسان کي پنهنجي شان ۽ مان قائم رکڻ لاءِ ڪيترن رڪاوٽن کي منهن ڏيڻو پوندو. اسان اهو نہ ٿا چئون تہ ڪو هن وقت رڪاوٽون اڇيان آهن. ۾ اندیشو آهي تہ اڳتي اينديون. ڏاڍو واهيات. بلڪل واهيات!"

مارڪوئيس ناس جي چپٽي ورتي ۽ هُنَ مناسب حد تائين دلگير ۽ غمگين ٿي. ملڪ جي حالت تي ڏک وچان ڪنڌ ڏوڙيو جتي هن جهڙا قابل آفيسر موجود هيا. جيڪي ملڪ ۾ وري ساهه وجهي سگهن پيا.

"اسان پنهنجن حقن جي حاصلات ۾ ماضي ۽ حال، ٻنهي زمانن ۾ اهي حرڪتون ڪيون آهن، جن جي ڪري اسان جي نالي کان پوري فرانس کي گرهڻ لڳي ٿي وڃي." پائٽئي غمگين ٿي چيس.

"هنن مان اسان کي اهائي اميد رکڻ گهرجي. ڪريل ماڻهو جڏهن ڏُڪيل ماڻهن کان نفرت ڪرڻ لڳن، تڏهن لازمي طور تي ان جو مطلب اهو آهي تہ اُهي ڏُڪيل ماڻهن جي برتريءَ اڳيان ڪنڌ جهڪائن ٿا."

"هن ملڪ ۾ آس پاس مون کي ڪو بہ اهڙو شخص نہ ٿو ملي، جيڪو مون ڏي تعظيم وچان ڏسي. سيني جي نظرن ۾ ڊپ ۽ اونداهي غلاميءَ واري عاجزي ۽ نوڙت ملي ٿي." پائٽئي اداسيءَ وچان چيس. .

"اها ڳالهه ته تنهنجي خاندان جي شان ۽ وڏائي کي ظاهر ڪري ٿي ۽ جنهن ريت اسان پنهنجي فضيلت ثابت ڪري ڇڏي آهي، ان جي روشنيءَ ۾ ائين ئي هجڻ گهرجي." هن وري هڪ پيرو ٻيهر نازڪ ۽ ننڍڙي ناس جي چپڻي ورتي ۽ ٽَنگ تي ٽَنگ چاڙهي ويهي رهيو. جڏهن ٻائٽئي مايوسيءَ وچان غمگين ٿيندي، ٽونيون ڪٽي ميز تي رکيون ۽ پنهنجيون اکيون هٿن ۾ لڪائي ڇڏيون، ته خول چڙهيل چهرو ڪيس چور نگاهن سان ڏسڻ لڳو. چاچهنس جي اکين مان چالاڪي، هوشياري ۽ ناپسنديدگيءَ ظاهر ٿي رهي هئي. هُو اڳ اهي ڪيفيتون لڪايون ويٺو هو.

"سختي ئي اهڙو فلسفو آهي، جنهن کي ثبات حاصل آهي. اهو ڊپ ۽ نوڙت، منهنجا دوست! ڪُتي کي هنٽر جو غلام ان وقت تائين ڪري رکندو، جيسين آسمان هيٺان هيءَ ڇت قائم آهي." ممڪن آهي اها ڇت ايترا ڏينهن قائم نه رهي، جيترن ڏينهن جي اميد مارڪوئيس کي هئي. جيڪڏهن ڪجهه سال پوءِ جيڪو ڪجهه ٿيو اُنَ جي تصوير ڪنهن ريت مارڪوئيس کي ان مهل ڏيکاري ويجي ها ته هُو باهه ۾ سڙيل لُٽيل محل کي سُجاڻي ۾ نه سگهي ها ۽ اها ڇت، جنهن جي باري ۾ هُو ٻاڙون هٽي رهيو هو تہ اِنَ آسمان کي لڪائي ڇڏيو آهي ته اها ڳالهه ۾ سچ ئي ثابت ٿي وئي، چو ته واقعي انهن اکين جي سامهون آسمان روپوش ٿي ويو. جن جي جسمن ۾ هِنَ ڇت جو سِيهو، گولين جي شڪل ۾، هزارين لکين بندوقن جي وسيلي داخل ڪيو ويو.

"جيڪڏهن تون ان وچ ۾ ڪجهه نه ٿو ڪرين ته پوءِ اسان پاڻ پنهنجو خانداني شانُ ۽ مانُ قائم رکنداسين. پر تون ڏاڍو ٽڪجي پيو آهين. اڄ رات بحث اتي ئي ختم ڪجي ٿو."

"بس، هڪ گهڙي ترسو. . ."

"گهڙي ڇو هڪ ڪلاڪ، جيڪڏهن تون چاهين ته."

"جناب! اسان غلطيون ڪيون آهن ۽ انهن غلطين جو نتيجو پوڳي رهيا آهيون." ٻائٽئي چيس.

"اسان غلطيون ڪيون آهن؟" چاچهنس سوالي مرڪ سان ڳڙ پهريان پائٽئي ڏي ڏٺو پوءِ پاڻ ڏي اشاري ڪري ورجايو.

"اسان جي خاندان. . . اسان جي عظمتن پرئي خاندان، جنهن جي عزت جو خيال، اسان ٻنهي کي پنهنجي مختلف سوچ مطابق آهي. منهنجي والد جي زماني ۾ به بي شمار زيادتيون ڪيون ويون. جيڪو به اسان جي عيش عشرت اڳيان آيو اسان ان کي تباهه ڪري ڇڏيو. اهو منهنجي والد جو ئي نه، پر توهان جو زمانو به هو. ڇا مان پنهنجي والد جي جاڙي پاءُ ۾ گڏيل وارث کي هن کان ڌار ڪٽي سگهان ٿو."

"اسان کي موت ڌار ڪري ڇڏيو." مارڪوئيس چيو.

"۽ مون کي هڪ اهڙي قانون جي ٻنڌڻن ۾ جڪڙيو ويو آهي، جنهن کان مون کي وحشت ٿيندي آهي. منهنجي مٽان ذميواري آهي، پر مون وٽ طاقت ناهي، ته مان پنهنجي پياريءَ ماءُ جي وصيعت کي پورو ڪري سگهان! پنهنجي ماءُ جي آخري نگاهه جو حڪم بجا آڻيان ۽ هن جي آخري لفظن تي عمل ڪري سگهان. هُنَ مون کي رحم ڪرڻ ۽ ازالي ڪرڻ جي التجا ڪئي هئي، پر مان ڪجهه به ڪري نه ٿو سگهان. اجايو مدد جي ڳولا ۾ هٿورراڙيون ڏئي رهيو آهيان."

"تون مون کان انهن ڳالهين جي اميد رکيون وينو آهين، پائٽيا! ته پوءِ تنهنجو اهو خواب سڄي عمر پورو نه ٿيندو." چاچهنس پنهنجي سيني ڏي اشارو ڪندي چيس. هُو ٻئي هاٿي آتشدان جي پرسان بينا هيا. مارڪوئيس جي اڇي چهري جي هر هڪ گهنج مان، مڪاري، دوکو ۽ بي رحمي ظاهر هئي. هُو ماڻ ڪيون، ناس جي ڏهي هٿ ۾ جهليون. پنهنجي پائٽئي ڏي ڏسي رهيو هو. هن پوءِ پنهنجي آڱر کي هُنَ جي سيني تي ائين رکيو، جڻ ته هُو سندس سيني ۾ نازڪ ترار جي چُنهُنبَ کپائي ڇڏڻ گهرندو هجي. پوءِ چيائينس، "منهنجا پيارا! مان ان رسم کي جاري ڪري پوءِ مرندس، جنهن رسم جي هنج ۾ مون جنم ورتو آهي ۽ زندگي گذاري آهي."

جڏهن هُو اهو چئي چڪو تڏهن هن ڳالهه هولهه ختم ٿيڻ جي اشاري طور ناسَ جي آخري چپٽي ڏني ۽ ڏهي پنهنجي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏي.

"اهو بهتر آهي ته انسان وڏي دل ڪري، پنهنجي قسمت تي شڪر ۽ صبر ڪري، پر موسيو چارلس! اسان کي ته ائين ٿو لڳي ته تون گمراهه ٿي چڪو آهين." هُنَ ميز تي پيل ننڍڙي گهنٽي وڄائيندي چيو.

"مون کي نه فرانس سان ڪو مطلب آهي ۽ نه هن ملڪيت سان. مان هنن ۽نهي تان هٽ ڪٽان ٿو." پائٽئي اداسيءَ وچان چيو.

"ڇا اهي تنهنجي ملڪيت آهن، جو تون انهن تان هٽ ڪٽين ٿو. فرانس هوندو تنهنجي ملڪيت، پر هيءَ جائيداد تنهنجي آ؟ اها چوڻ جي ضرورت ته ناهي ته هيءَ ايڏا تائين تنهنجي ناهي."

"جو ڪجهه مون چيو ان مان منهنجو مطلب اهو نه هو ته جائيداد منهنجي آهي. جيڪڏهن توهان وٽان مون کي ورثي ۾ ملي، سياڻي."

"۽ جنهن جي باري ۾ اسان کي خوش فهمي آهي، ته اهو سياڻو ايترو جلدي نه ايندو."

"منهنجو مطلب آهي، ته پل ته اهو ويهه سال پوءِ چونه اچي."

"اسان جي همت افزائي ڪري رهيو آهين، تون. ها، تنهنجو اهو پويون انداز اسان کي وڌيڪ پسند آهي."

"مان ان مهل اها جائيداد وٺڻ کان انڪار ڪري چڏيندس ۽ ڪٽي ٻئي هنڌ، ڪنهن وسيلي سان گذر سفر ڪندس. هُونءَ به اها ڪا عظيم قرباني ناهي. هت رکيو ئي چاهي سواءِ غربت ۽ تباهيءَ جي."

"واهه" مارڪوئيس سينگاريل ڪمري تي نظر وجهندي چيو.

"ظاهر آهي ته اهو ڏاڍو سهڻو ٿو لڳي، پر جيڪڏهن هن جي اصل قيمت ڪٽي وڃي ۽ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ آسمان جي هيڻان، هن جي وجود تي غور ڪيو وڃي ته هتي تباهيءَ جي ڪرندڙ مينارن جي چوڌاري بدانتظامي، ڏاڍ ۽ ظلم، قرض ۽ وياج، بک، اگهاڙپ، ڏاڍائي ۽ ڏکن کان سواءِ ڪجهه به ناهي."

"واهه" مارڪوئيس هڪ پيرو وري وڏي اطمينان سان چيو.

"جيڪڏهن اهو سچ آهي ته منهنجي قبضي ۾ آيو ته اهو ڪنهن اهڙي هٿ جي حوالي ڪيو ويندو جيڪو آهستي آهستي انهيءَ کي ٻوجهه مان آزاد ڪرائڻ جي اهليت رکندو هجي ته جيئن اهي غريب ۽ مجبور انسان، جيڪي هن کي چڏي وڃي نه ٿا سگهن ۽ جن کي ايترو ته پيڙو ويو آهي، جو هاڻ انهن جي سهپ جواب ڏئي وئي آهي. شايد پوءِ انهن ماڻهن جو ايندڙ نسل ايترو ڏک نه ڏسي. پر اهو منهنجي هٿ ۾ ناهي. هيءَ زمين ئي نياڳي آهي."

"۽ تون؟ معاف ڪجان. اسان هي جاڻڻ گهرون ٿا ته تون پنهنجي انهيءَ فلسفي سان گڏ باعزت طريقي سان رهي سگهندين؟"

"مون کي پنهنجي گذر سفر لاءِ پورهيو ڪرڻو پوندو جيئن منهنجي ملڪ جي ماڻهن کي. پل ته اهي امير طبقي مان هجن. نيٺ هڪ ڏينهن محنت سان ئي پنهنجي روزي ڪمائڻي پوندي."

"انگلينڊ ۾ رهندين؟"

"هائو. هُنَ ملڪ ۾ منهنجي خاندان جو نڪ رهجي ويندو. خانداني نالي کي منهنجي ڪري ڪو به نقصان نه پهچندو چو ته مان ٻئي ملڪ ۾ اهو نالو نه سڏائيندس."

گهنٽي وڄڻ کان پوءِ، پاسي واري بيڊ روم ۾ روشني ٿي چمڪي هئي. وچ واري در مان اهو ڪمرو پرندو نظر اچي رهيو هو. مارڪوئيس هن پاسي ڏنو ۽ موٽي ويندڙ نوڪر جي پيرن جا ڪڙڪا ٻڌندو رهيو.

"انگلينڊ توکي ڏاڍو پسند آهي ۽ اُتي تون ڪيترن نه مختلف طريقن سان ترقي ڪري ورتي آهي." هن چيو ۽ پنهنجو پرسڪون چهرو پائڻئي ڏي ڦيرائي مرڪندو رهيو.

"مون پهريون ئي عرض ڪيو هو ته مان اتي پنهنجي ترقيءَ لاءِ توهان جو ٽورائتو آهيان. واقعي به پناهه وٺڻ لاءِ اهائي جاءِ مناسب آهي."

"ٻڌاڪي انگريز چون ٿا ته اُتي الائي ڪيترن کي پناهه ملیل آهي. تنهنجو هڪ وطني به اتي پناهه گير ٿي ويٺو آهي."

"هڪ ڊاڪٽر آهي. . . سُجاڻين ٽوان کي؟"

"جي، هائو."

"هڪ ڏيءُ سان گڏ."

"جي، هائو."

"چڱو تون ٽڪجي پيو آهين. گڊ نائيٽ" مارڪوئيس چيس.

هُنَ جڏهن شاهي ريت مطابق، ڪنڊ جهڪائي اهي لفظ چيا، تڏهن عجيب پراسرار تاثر سندس چهري تي طاري هو. هن جو اهو انداز پائٽئي کي ڪُٽڪڻ لڳو. هن جي سنهري سِڌين لِيڪن، سنهڙن پُوَر وچوٽ چپن ۽ ٽوڪ وچان سيٽجي ويل نڪ جي ناسن، گڏجي سڏجي هُنَ جي چهري کي وڌيڪ پيانڪ طور تي حسين ڪري ڇڏيو هو.

"ها. . . !" مارڪوئيس وري ورجايو "ڊاڪٽر ۽ سندس چوڪري. . . ! ها، نئون فلسفو ائين شروع ٿيندو آهي. تون ٽڪجي پيو آهين. . . خدا حافظ!"

هُنَ جي پٽرايل ۽ جميل چهري تان ڪو جواب ونڻ ائين هو جيئن ڪنهن محل جي ٻاهران ڪنهن پٽرائين بوتي کان جواب گهريو وڃي.

"گُڊ نائيٽ! صبح جو توسان وري ملاقات ٿيندي، پوءِ ئي خوشي ملندي. آرام سان وڃي ننڊ ڪر. . . اسان جي پائٽيي صاحب کي سندس ڪمري تائين روشني ڏيکار ۽ جيڪڏهن ٽي سگهي ته اسان جي پائٽئي کي ان جي بستر ۾ ويڙهي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو." هُنَ آخري جملو دل ۾ چيو. هن وري ننڍڙي گهنٽي وڄائي. هُنَ نوڪر کي پنهجي ڪمري ۾ گهرايو. رات مانيٽي ۽ گرم هئي. نوڪر آيو ۽ هليو ويو. مارڪوئيس صاحب وڏي اطمينان سان سمهڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. هُن جي بيڊ روم ۾، سندس نوڪر جي سليپرن جو ڪو به آواز نه پئي ٻڌڻ ۾ آيو. هُو هڪ مهذب چيتي وانگر هيڏي هوڏي ڦري رهيو هو. هُو قديم دور جو اهو مڪريل رئيس لڳي رهيو هو جنهن مٿان سندس گناهن جي سزا طور جادو ڪيو ويو هجي، جنهن جي زور تي هُو بيٺي پير چيتي مان رئيس ٽيڻ وارو هيو يا وري چيتو بڻجڻ وارو هو.

هُو پنهنجي شاندار بيڊروم جي انهيءَ ڪنڊ تائين ويو ۽ ائين ئي بنان سوچڻ جي ڪيس سجي ڏينهن جا واقعا ياد اچڻ لڳا. سج لهڻ مهل

پھاڑيءَ تي ريڑھيون پائي، چاڑھي چڑھڻ وارو سج، لاهي، پَنَ چڪي، جھرٽي جي چوڏاري گڏ ٽيل هاري ۾ هُو سڙڪ جي مرمت ڪرڻ وارو، جيڪو ٽوپيءَ سان زنجيرن ڏي اشارا ڪري رهيو هو. هُو پيرس جي جھرٽي جھڙو جھرٽو! ننڍڙي ڳنڍڙي، ننڍڙيءَ ڏاکڻ تي رکيل. ان مٿان جھڪيل مايون ۾ هُو ڏگھو ماڻھو، هٿ ۾ آواز هوا ۾ پکيڙي دانھون ڪري رهيو هو، "مري ويو. . ."

"ھاڻي دماغ گھٽو ٽڏو ٿي ويو آھي، ھاڻ سمھڻ ڪپي." ھن سوچيو.

هُنَ آتشدان جي ويجھو ھڪ برندڙ ميڙ بتي چڏي، پنھنجي چوڏاري پردا ڪيرائي چڏيا ۾ رات کي ھڪ ڏگھو ٽڏو ساھ پريندي ڏٺو. . پوءِ هُو سمھي پيا.

پٿر جي چھرن ٽي ڳورا ڪلاڪ، ڪاريءَ رات ۾ انڌن وانگر تکي تکي گذاري چڏيا. ٽن ڪلاڪن تائين، گھوڙا ڪُڙھ ۾ پنھنجي جاءِ کي کڙڪائيندا رهيا، ڪتا ڀونڪندا رهيا ۾ چپري جو آواز بلڪل مٽيل ھو جنھن جو شاعر پنھنجن شعرن ۾ ذڪر ڪري چڪا آھن، پر ان قسم جا جانور ڪڏھن اھا حرڪت ناھن ڪندا، جيڪا ھنن لاءِ اڳواٽ مقرر ڪري چڏي وئي آھي.

پٿر جا گھڙيل انسان، لڳاتار ٽن ڳورن ڪلاڪن تائين انڌن وانگر رات جي اونداھيءَ ۾ تڪيندا رهيا. فضا ۾ موت جي تاريڪي چانيل ھئي. رات جي ڳوري سناٽي، سڙڪن جي دم گھٽيندڙ خاموشيءَ کي پنھنجي مُٺ ۾ ڪري چڏيو ھو.

قبرستان ۾ خاڪ جي ننڍن ننڍن ڍيرن ۾ ڪو فرق باقي نہ رهجي ويو ھو. صليب تي چڙھيل مورتي، جيڪڏھن هيٺ بہ لھي اچي ھا تہ خبر نہ پويس ھا. ڳوٺ ۾ ٽيڪس وٺڻ وارو ۾ ٽيڪس ڏيڻ وارو ٻئي ننڍ ۾ غرق ھئا. شايد وڏين وڏين دعوتن جا خواب ڏسي رهيا ھجن، جيئن سيئي بکيا ڏسندا آھن يا وري بار ڍوئڻ وارا ڍورَ ۾ مظلوم غلامَ آرام ۾ سکون سان پيٽ ڀري ڪائڻ جا ۾ آزاديءَ جا خواب ڏسندا آھن.

ڳوٺ وارو جھرٽو اکين جي اوٽ ۾ ماٺ ڪيون وهي رهيو ھو. محل وارو جھرٽو بہ اونداھيءَ ۾ ماٺ ڪيون وهي رهيو ھو. ٽي ڪلاڪ خاموش وهي رهيا ھيا.

پوءِ ٻنھي جھرٽن جو پاٽي آسيبي خاڪي رنگ وٺڻ لڳو ۽ محل جي پٽريلن ڇھرن اکيون ڪولي ورتيون. ھوري ھوري رات جي ڪاراڻ ھلڪي ٽيڻ لڳي. ايسيتائين جو سج جي ڪرڻن خاموش وٽن جي چوٽين کي ڇھي ورتو ۽ پنھنجي روشني جبل تي پکيڙي ڇڏي . سج جي روشنيءَ ۾ محل جي جھرٽي جو پاٽي رت وانگر ڳاڙھو لڳي رھيو ھو ۽ پٽر جا ڇھرا لال ٽي ويا ھيا. جھرڪيون اُوچن سُرَن ۾ ڇرڙاٽ ڪري رھيون ھيون ۽ مارڪوئيس جي بيڊ روم جي پراٽي چانئٽ تي ويٺل ھڪ ننڍڙي جھرڪي منڍا سُر آلاپي رھي ھئي. سيني کان ويجھو وارو پٽرايل ڇھرو جھرڪيءَ جي ان حرڪت تي حيران ھو. ھن جو وات پٽيل ھو. واچ لڙڪي رھي ھيس ۽ ڇھري تي وحشت جا آثار ھيس.

سج مٿي چڙھي آيو ھو ۽ زندگي ڳوٺ ۾ چرپر ۾ اچڻ لڳي. جھوپڙين جون دريون ڪليون. ڦڏا سڏا در ڪلي ويا ۽ ماڻھو سيءَ ۾ ڏکندا، تازيءَ ھوا ۾ باھر نڪري آيا. پوءِ ڳوٺ جي رھاڪن جي محنت وارن ڪمن جو سلسلو شروع ٽي ويو. ڪي چشمي ڏي ھليا ويا، ڪي کيتن ڏي. ڪجھ عورتون ۽ مرد ڪاٽي ڪٺ ۾ لڳي ويا. ڪي مال جي پرگھور لھڻ لڳا ته جيئن ڏھرين ڳئن کي، سڙڪ ڪناري ڪا مٽ ڪن گاھ ملڻ جي اميد ۾ چارڻ لاءِ وٺي وڃن. ڪي ماڻھو گرجا ۽ صليب وٽ جھڪيا دعا گھري رھيا ھيا. چَرڻ لاءِ ويندڙ ڳئون اتي ھڪ مٽ گاھ لاءِ بيھي ٽي رھيون.

محل ۾ ڪجھ دير سان جاڳ ٽي. ماڻھو پنھنجي شانَ شوڪت مطابق، ھوري ھوري وڏي اطمينان سان اٽي رھيا ھيا. پھريون ته ھميشہ وانگر سوئر جي شڪار وارن پالن ۽ چاڪن تي روشني پئي ۽ اھي ڳاڙھا ٽي ويا. پوءِ اھي صبح جي اڇي روشنيءَ ۾ چمڪڻ لڳا. در دريون کولي ڇڏيا ويا. گھوڙن پنھنجي ڪُڙھ ۾ ڪنڊ ھيڏي ھوڏي لاڙي در ڏي ڏسڻ شروع ڪيو. جتان صبح جي تازگي ۽ روشني اندر اچي رھيون ھيون. ڪتا پنھنجي زنجيرن سان زور آزمائڻ لڳا ۽ آزاد ٽيڻ لاءِ ھڪدم بي چين ٽي ويا.

اهو سڀ ڏهاڙي صبح جو ٿيندو هو. پر هڪدم محل جو گهنڊ وڳو اهو ڏهاڙيءَ جو دستور نه هو! ماڻهو ڏاڪڻين تي لهي چڙهي رهيا هيا ۽ چت تي هيڏي هوڏي پريشان هيا. هر پاسي ڇڪ متل هئي. ڪنهن جو گهوڙي تي زين وجهي، هوا سان ڳالهيون ڪندي پڇي وڃڻ بہ ڏهاڙي وارين ڳالهين جي خلاف هو.

اهائي ڏڙتي ۽ گهبراهٽ، ڪنهن پاسي جي هوا بيلدار ۾ بہ پري چڙي هئي. هُو ٽڪريءَ تي، ڳوٺ کان ٿورو اڳتي پنهنجي ڪم ۾ لڳو پيو هو. هن جي کاڌي واري ڳوٺڙي، جنهن ۾ ڪنهن ڪانءَ جي دلچسپيءَ جي لائق بہ ڪجهہ نه هو سا پرسان هڪ پٿر تي پئي هئي. چا ڪنهن جهرڪيءَ پنهنجي اڏار ۾ ائين ئي، هُنَ جي مٿي تي گهبراهٽ جو ٻج اڇلائي چڏيو هو. جيئن عام طور تي جهرڪيون هيڏي هوڏي اڇلائي چڏيندیون آهن. جتي اهي نسري ايندا آهن. هُو هوا سان ڳالهيون ڪندو پئي ويو. وڃڻ تہ موت هن جي پويان لڳل هجي. هُو ٽڪريءَ کان هيٺ پڇندو، گوڏن تائين ڏُوڙ ۾ ٽڦيو جهرٽي تائين اچي پهتو.

ڳوٺ جا ماڻهو اداس ۽ مئل دل سان جهرٽي جي آس پاس ٻيهي سس پس ڪري رهيا هيا. هنن جي هُوڻن تي سواءِ وحشت، دهشت، هورا ڪورا ۽ حيرت جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. ڪُئن ڪي چاريندي چاريندي موڪائي وڻي اچي ڪنهن شئي سان ٽڪي چڏيو ويو هو تہ جيئن اهي پڇي نہ وڃن. اهي پنهنجين بيوقوف نگاهن سان تڪي رهيون هيون. جن ۾ ڇڻن دڳ ۾ رات هٽي ورتا هيا، سي اوگر ڪري رهيون هيون.

ڪجهہ محل جي عملي جا ماڻهو ۽ ڪجهہ ٻاڪ عملي وارا آفيسر لڳ ڀڳ هٿياربند ٿي، سڙڪ جي هن پاسي اجايا بيٺا هيا. ان وچ ۾ بيلدار پنجاهہ جي لڳ ڀڳ دوستن جي گروهہ ۾ گهڙي، پنهنجي نيريءَ ٽوپيءَ سان پنهنجي چاتي ڪُٽي رهيو هو.

انهن سيني ڳالهين جو مطلب چا هوءَ ڪا خبر ئي نہ پئجي رهي هئي ۽ اهو ڪنهن جي بہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ چو موسيو گيبل هڪ نوڪر جي پويان، گهوڙي تي مينهن واچ ڪيون پئي ويو. توٽي جو

گهوڙي تي ٻيٽو وڻن رکيل هو. ان گهڙيءَ هنن کي ڏسي جرمنيءَ جي ليونور جي داستان جي ياد تازي ٿي رهي هئي.

انهن ڀالهين جو مطلب اهو هو ته محل جي پٽراون چهرن ۾ هڪ ٻئي چهري جو واڌارو ٿي ويو هو.

رات گارگن ديوتا وري محل جي عمارت جو معائنو ڪيو هو ۽ ان پٽر واري چهري جو منجهس واڌارو ڪري ڇڏيو هو. جنهن جو محل کي ٻن سئو سالن کان انتظار هو.

اهو ٽرايل چهرو مارڪوئيس صاحب جي وهاڻي تي پيو هو. اهو چهرو هڪ نازڪ خول وانگر هو جيڪو ڊپ وچان چرڪي پيو هجي ۽ پوءِ ڪاوڙ ۾ اچي پٽرائجي ويو هجي. ان چهري سان لاڳاپيل پٽرائين جسم جي دل ۾ هڪ خنجر مُٺي تائين ڪُپايو ويو هو. مُٺي وٽ هڪ ڪاڪر ٽڪي رهيو هو جنهن تي لکيل هو:

"هن کي ترت قبر تائين پهچايو." پاران جيڪوس.

باب ڏهون

بي واعدا

ٻارهن مهينا سال بٽي آيا ۽ گذري ويا. مسٽر ڊارني انگلينڊ ۾ فرانسيسي ٻوليءَ جي هڪ اهم استاد جي حيثيت ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي ورتي. هن کي فرانسيسي ادب تي به مهارت حاصل هئي. اڄ ڪلهه جي زماني ۾ هن کي پروفيسر مجيو وڃي ها. هُو اُن زماني ۾ استاد چوائيندو هو. هُو انهن نوجوان شاگردن کي پڙهائيندو هو جن کي اهڙي جيئري ٻولي سکڻ جي واندڪائي هئي، جيڪا سڄي دنيا ۾ ڳالهائي ويندي هئي. هن کي ان ٻوليءَ جي ادبي سرمائي ۽ علم ۾ دلچسپي هئي. هُو ان تي تنقيد ڪري سگهي پيو ۽ سُٺيءَ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري سگهي پيو. اهڙا عالم ان زماني ۾ آساني سان نه ملندا هيا. اهي جيڪي شهزادا هيا ۽ اُهي جيڪي بادشاهه ٻڌجڻ وارا هيا، سي عالمن منجهان نه هيا. ان وقت تائين تباهه ٿيل درباري ۽ رئيس، ٽيلسن بينڪ جي رجسٽر مان خارج ٿي، بورچي ۽ ڊڪڻ نه بڻيا هيا. استاد جي حيثيت ۾ هن جي لياقت شاگردن لاءِ ڏاڍي وٽندڙ ۽ لاياڪتي هئي. هن مترجم جي حيثيت ۾ پنهنجن ترجمن ۾ لغت جي علم کانسواءِ، خود پنهنجي ڄاڻ مان فائدو پهچايو. ان ڪري ترت ئي نوجوان مسٽر ڊارني مشهور ٿي ويو ۽ سندس همت افزائي ڪئي وئي. ان کانسواءِ هُو پنهنجي ملڪ جي حالتن کان به چڱيءَ ريت واقف هو جنهن ڪري هُنَ ۾ ماڻهن جي دلچسپي جيئن پوءِ تيئن وڌي رهي هئي. هُنَ کي پنهنجين لڳاتار ڪوششن ۽ اڻ ٽڪ محنتن جي ڪري ڪاميابي نصيب ٿي.

هُنَ کي لنڊن ۾ سونَ جي دڳ تي هلڻ جي اميد نه هئي ۽ نه ئي گلن جي سيج تي سمهڻ جي، پر جي سندس اميدون ايتريون اوچيون هجن

ها تہ هُو ترقي ۾ نہ ڪري سگهي ها. هُنَ کي خبر هئي تہ محنت ڪرڻي پوندي ۽ هن محنت ڪئي. ان تي پروسو ڪيو ۽ ان ۾ ئي سندس ڪاميابيءَ جو راز هو.

هُنَ جو ڪجهہ وقت ڪيمبرج ۾ گذرندو هو جتي هُو انڊر گريجوئيٽ شاگردن کي پڙهائيندو هو. اُتي هُنَ جي حيثيت جڙ تہ لِڪَ چَپَ ۾ منع ٿيل مال گهرائڻ واري واپاريءَ واري هئي. جيتوٽيڪ يوناني ۽ لاطيني هوليون جائز ڌڳ سان درآمد ڪيون ويندیون هيون. هُنَ جو باقي وقت لنڊن ۾ گذرندو هو.

اُنَ زماني کان وٺي، جڏهن جنت ۾ سدائين وٽندڙ گرميءَ جي مند هوندي هئي. اڄ تائين جڏهن ٽڏن ملڪن ۾ سدائين سردي پوي ٿي. مرد جو هڪ ئي ڌڳ رهيو آهي. اهو آهي چارلس ڊارني جو ڌڳ. يعني محبت جو ڌڳ!

چارلس، لوسي مينٽ سان ان وقت کان پيار ڪرڻ شروع ڪيو هو. جڏهن هُنَ جي زندگي خطري ۾ هئي. هُنَ اهڙو همدرديءَ ۾ ٻڏل منڙو آواز ڪڍهن ۾ نہ ٻڌو هو. هُنَ پنهنجي اڳيان اهڙو سهڻو ۽ نرمل چهرو اڳ ڪڍهن ۾ نہ ڏٺو هو. جڏهن هُو اُنَ قبر جي ڪنڊيءَ تي بيٺو هو جيڪا هن لاءِ کوٽي وئي هئي، پر هن انهيءَ موضوع تي ڪڍهن ۾ لوسيءَ سان نہ ڳالهايو هو. قتل ۽ محل جي اجڙڻ کان پوءِ، اهو ڏکيءَ ڏُوڙ پريل سڙڪ جو سفر ۽ اهو پٽڙ جو محل، سڀ هڪڙي ڏنڊلي خواب ۾ گم ٿي چڪا هيا. هُنَ کي هڪ سال گذري چڪو هو ۽ هُنَ پنهنجي وات مان، پنهنجي دل جي حالت بابت هڪ لفظ ۾ نہ ڪڍيو هو.

هُو اهو ۾ ڄاڻي پيو تہ ان جا ڪجهہ ڪارڻ آهن. گرمين جي مند هئي. هُو تازو ئي ڪالیج جي موڪلن واري موقعي تي لنڊن آيو هو. هڪ ڏينهن هن جا پير سوهو جي خاموش ڪنڊ ڏانهن ڪڇي ويا. گرمين جو ڏينهن لڙي رهيو هو ۽ هن کي سُڌ هئي تہ لوسي مس پروس سان گڏ گهر کان ٻاهر ويل آهي.

ڊاڪٽر دريءَ وٽ آرام ڪرسيءَ تي ويٺو هو. اها طاقت، جنهن هن کي هڪ ئي وقت قيد جي زماني ۾ مصيبتون سهڻ جي همت بخشي

هئي ۽ گڏوگڏ سندس ڪاوڙ ڪي بہ ليٽو ڪري ڇڏيو هو. سا هاڻي هوري هوري موٽي آئي هيس. هاڻ هُو واقعي هڪ وڏو ڏرٽ قسم جو انسان ٿي ويو هو. هن پر اِرادي جي پختگيءَ سان گڏ، عمل پر ڏرٽتي بہ اچي وئي هئي. ٻيهر مليل صلاحيتن جي استعمال پر اڪثر هڪ قسم جي اوچتائپ ۽ هيڪ موجود هوندي هيس، پر هاڻوڪن ڏينهن پر انهن پر چٽو فرق پوڻ شروع ٿيو هو ۽ هاڻ ڪيس پراڻا دورا ڪڏهن ڪڏهن ئي پوندا هئا.

هُو ڏاڍو پڙهندو هو ۽ گهٽ سمهندو هو. سولائيءَ سان گهٽو ٽڪ سَهي ويندو هو ۽ سدائين هشاش بشاش رهندو هو. جڏهن هُنَ چارلس ڊارني کي ايندي ڏٺو تہ ڪتاب پاسي تي رکي ڇڏيائين ۽ ملڻ لاءِ هٿ اڳتي وڌايائين.

"چارلس ڊارني! توکي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي. گذريل ڏينهن ڪان، اسان ڏاڍي تنهنجي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هياسين. مسٽر استرائيور ۽ سڊني ڪارٽن ڪالهہ آيا هيا. انهن جو خيال هو تہ توکي ضرور اچڻ گهرجي."

"هنن جي دلچسپيءَ جي لاءِ، مان هنن ٻنهي جو ٿورائتو آهيان." ڊارني انهن ٻنهي بابت ٽڏائپ ڏيکاري ۽ وري گرم جوشيءَ سان پڇيو. "مس مينٽ!؟"

"ٺيڪ آهي." ڊاڪٽر چيو ۽ هڪدم مات ٿي ويو وري چيائين، "تنهنجي اچڻ سان اسان سيني کي خوشي ٿيندي هُوءَ ڪنهن گهريلو ڪم جي سلسلي پر ٻاهر وئي آهي. جلد ئي اچي ويندي."

"ڊاڪٽر مينٽ! مون کي خبر هئي تہ هُوءَ گهر پر ناهي. مان جاڻي واڻي اهڙي وقت تي آيس. جڏهن هُوءَ گهر پر نہ هجي. مون کي توهان جي اجازت سان ڪجهہ عرض ڪرڻو آهي."

هڪ اجائي مات چائڻجي وئي.

"اچا!" ڊاڪٽر هيڪندي چيس. "پنهنجي ڪرسي سوري اڇ. . . ۽ چَئُ."

ڊارني ڪرسي تہ سوري، پر ڳالهہ شروع ڪرڻ پر هيڪ لڳو.

"اها منهنجي خوش نصيبي آهي. ڊاڪٽر مينٽا جو مان تقريبن ڏيڍ سال کان هن گهر ۾ بنان ڪنهن رندڪ روڪ جي اچان وڃان ٿو." نيٺ هن همت ڪري چيو "ان ڪري جنهن موضوع تي ڪجهه عرض ڪرڻ گهران ٿو. اهو متان وڌيڪ..."

ڊاڪٽر هُنَ کي هٿ جي اشاري سان منع ڪيو ۽ وري هٿ هيٺ ڪري چڏيو. "توکي لوسيءَ بابت ڪجهه چوڻو آهي؟"

"هائو!"

"ڪنهن موقعي تي به منهنجي لاءِ هن بابت ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ڏاڍو ڏکائيندڙ هوندو آهي. چارلس ڊارني! تون جنهن لهجي ۾ ڳالهه ڪري رهيو آهين. اهو ڏاڍو ڏکائيندڙ آهي."

"ڊاڪٽر مينٽا منهنجي لهجي ۾ جوش پري واکاڻ سچي پوڄا ۽ گهري محبت کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي."

وري هڪ بي ٽُڪي مان چاننجي وئي. پوءِ لوسيءَ جي پيءُ چيس. "مون کي توتي اعتبار آهي. مان توسان ناانصافي نه ڪندس. مون کي پڪ آهي." هن جي ٻيوسي ايتري ته چٽي هئي. جو ان کان متاثر ٿي چارلس ڊارني ڊڪٽر ۾ پٽجي ويو.

"جناب! ڇا مان پنهنجي ڳالهه پوري ڪري سگهان ٿو؟"

"ها. چوندو وڃ."

"توهان کي اهو ته اندازو ٿي ويو هوندو ته مان ڇا ٿو چوڻ چاهيان. پر منهنجي دل جو راز ڄاڻڻ کان سواءِ توهان اهو نه ٿا ڄاڻي سگهو ته اهو جذبو ڪيترو شديد آهي ۽ نه وري توهان کي انهن پريشانين ۽ آس نراس جي حالت جو ڪو اندازو هوندو جن جي خيال سان منهنجي دل تي بوجهه پيل آهي. مهربان ڊاڪٽر! مون کي توهان جي ڏيءُ سان بي پناهه بنان ڪنهن غرض جي چٽي محبت آهي. جيڪڏهن دنيا ۾ ڪڏهن محبت ڪئي وئي آهي ته اها منهنجي محبت آهي. توهان پاڻ به ڪڏهن ڪنهن سان محبت ڪئي هئي. توهان کي پنهنجي محبت جو واسطو آ. منهنجي محبت کي سهارو ڏيو."

ڊاڪٽر منهن ۾ٿي پاسي ڪيون ويٺو هو. هن جون اکيون ڏرتيءَ ۾ ڪتل هيون. هن جي پڇاڙڪن لفظن تي، هن بي چين ٿي، تڪڙ ۾ ڪيس روڪيو ۽ رڙ ڪئي. . .

"مهرباني ڪري ان جي ڳالهه نه ڪر. . . ڇڏ انهيءَ کي. مان توکي التجا ٿو ڪريان ته انهن يادن کي زنده نه ڪر."

هُنَ جي رڙ ۾ سندس جسماني درد جو ٽڪ هو. هُو جڏهن مائ ٿي ويو. تڏهن به اها دانهن چارلس ڊارني جي ڪنن ۾ گونجندي رهي. هُنَ هٽ جي اشاري سان چارلس ڊارني کي منع ڪيو. هُو هن جو اشارو سمجهي ويو ۽ مائ رهيو.

"مون کي معاف ڪريو." ٿوري دير کان پوءِ هن وڏي جهيٽي لهجي ۾ چيو.

هُنَ پنهنجو مُنهُن ڊارني ڏي ڪيو. پر اکيون نه کوليون ۽ نه وري هُنَ ڏي ڏٺو. سندس وار منهن مٿان سايو ڪيون بيٺا هئا. ۽ کاڏي تريءَ تي بيٺل هيس.

"تو لوسيءَ سان ڳالهايو آهي؟"

"نه"

"خط وسيلي به نه؟"

"ڪڏهن به نه"

" تو ان مامري ۾ جيڪو صبر کان ڪم ورتو آهي، ان جي جيڪڏهن تعريف نه ڪئي وڃي، ته اها توسان ناانصافي ٿيندي، تو لوسيءَ جي پيءُ جو ايترو لحاظ ڪيو هُو تنهنجو ٿورو ٿو مڃي."

هُنَ هٽ ملائڻ لاءِ هٽ اڳتي وڌايو. پر سندس اکيون هن جو ساٿ ڏئي نه سگهيون. اهي جهڪيل ئي رهيون. . .

"مون کي خبر آهي ته ڊاڪٽر مينٽا مون توهان کي ۽ توهان جي ڏيءُ کي گڏ ڏٺو آهي ۽ توهان جي محبت ڏاڍي غيرمعمولي ۽ دل ۾ڇائيندڙ آهي. ڇو ته اها جنهن ماحول ۾ وڏي آهي، تنهن جو مثال سولو ملي نه سگهندو. مان ڄاڻان ٿو ڊاڪٽر! ۽ ڪهڙيءَ ريت ان ڳالهه کي نظر انداز ڪري سگهان ٿو ته اها تمام خدمت چاڪري، فرض ۽

محبت، جنهن جي هڪ جوان ڏيءُ مان اميد ڪئي ويندي آهي. تنهن ۾ هُنَ ڪڏهن به ڪوتاهي نه ڪئي آهي. ان کان سواءِ ان ۾ هن جي نند‌ڀوڻ جي اها سموري محبت به شامل آهي. جنهن کان هُوءَ سدائين محروم رهي هئي. مان ڄاڻان ٿي نند‌ڀوڻ ۾ هُنَ کي ابي امان جو پيار نه ملیو ان ڪري سندس محبت ۾ ان عمر جي جوش، عقيدت ۽ پيار کان سواءِ نند‌ڀوڻ جو پروسو پاڻُ اربڻ ۽ لڳاءُ به شامل آهي. هُوءَ انهن ڏينهن جي پرڀائي ڪري ٿي. جڏهن توهان هُنَ کان ڪسجي ويا هيا. مان ڄاڻان ٿو ته جيڪڏهن توهان ۾ دنيا مان موٽي به هُنَ کي ملو ها. تڏهن به هُوءَ توهان کي ايترو ئي پاڪ، بزرگ ۽ عزت لائق ميڇي ها. جيترو هاڻي ميڇي ٿي. مون کي خبر آهي ته هُوءَ جڏهن توهان سان پاڪر پائي ٿي. تڏهن توهان جي ڪچيءَ ۾ هڪ ئي وقت هڪ ٻارڙي، هڪ چوڪري ۽ هڪ عورت جون ٻانهون پيل هونديون آهن. مان اهو به سمجهان ٿو توهان سان محبت ڪندي هُوءَ پنهنجي مرحوم ماءُ جي جوانيءَ ۽ ستر ٽيل پيءُ جي جوانيءَ سان محبت ڪندي آهي. ان ماءُ سان پيار ڪندي آهي. جنهن جي دل ڪڏهن ڀئي هئي. ان پيءُ سان پيار ڪندي آهي. جنهن مٽان ظلم جا پهاڙ ڪيرايا ويا ۽ جيڪو پيءُ هاڻ ڪيس موٽي ملیو آهي. مان جڏهن کان توهان سان توهان جي گهر ملیو آهيان، مون ڏينهن رات انهن شين تي ڌيان سان ويچاريو آهي."

هُنَ جو پيءُ ماڻ ڪيون ڪنڌ جهڪايون ويٺو رهيو. هن جا ساهه ٿورا تيز ٿي ويا هيا. پر گهبراهٽ جا ڪي ٻيا آثار لڪائي ورتا هيائين.

"پيارا ڊاڪٽر! مون اهو سڀ ڪجهه ڏسندي ۽ سمجهندي، توهان کي ۽ هن کي ان پاڪ روشنيءَ ۾ ڏسڻ کان پوءِ، ضبط جو دامن هٿان وڃڻ نه ڏنو. مون ايترو ضبط ڪيو جيترو ڪو به انسان فطري طور تي ڪري سگهندو آهي. مون محسوس ڪيو آهي ۽ هاڻي به محسوس ڪيان ٿو ته توهان ٻنهي جي وچ ۾، پنهنجي يعني خود منهنجي محبت کي آڻڻ ۾ توهان مٽان ٽيل وارتا واري ڪهاڻيءَ جي بلنديءَ ۾ ڪمي ڪرڻ آهي. پر مان هن سان محبت ڪريان ٿو. خدا ڏسي ٿو ته مون کي هن سان محبت آهي."

"مان توتي ويساهه ڪريان ٿو. مون هُنَ کان اڳ ان ڳالهه تي سوچيو هو ۽ هاڻي ته مون کي توتي يقين آهي." ڊاڪٽر وڏي غمگين آواز ۾ چيو.

"پر جيڪڏهن توهان کي شڪ آهي ته جي منهنجي پاڻ وراڻي ڪئي ۽ اهو پاڻ واروڏينهن آيو جو هُوءَ منهنجي زال بڻجي وئي ته پوءِ مان هن جي ۽ توهان جي وچ ۾ ڪڏ بڻجي پوندس ته ڪڏهن به ويساهه نه ڪجو ۽ مان پنهنجي هن ڳالهه ٻولهه جو هڪ لفظ به پنهنجي وات مان نه ڪيندس . ان کان سواءِ مان ان کي وڏي ڪميٽائپ سمجهندس. جيڪڏهن ڪٽي منهنجي دل جي گهرائين ۾ ڪو اهڙو لڪل خيال به هجي، ڪو پري جو وهم گمان به هجي ۽ سالن کان پوءِ اهڙو خيال اُپرڻ جو دل ۾ امڪان به هوندو ته مان توهان جو هي پاڪ هٿ ڇهڻ جي ڪڏهن به همت نه ڪيان ها." اهو چوندي ڊارني پنهنجو هٿ ڊاڪٽر جي هٿ مٿان رکي ڇڏيو.

"نه پيارا ڊاڪٽر! مان به توهان وانگر پنهنجي مرضيءَ سان وطن ڇڏي فرانس آيو آهيان. اتي توهان وانگر مان به تباهين، ظلمن ۽ ڏکن کان بچي آيو هان. مان به توهان وانگر اتان کان پري، هتي پنهنجي محنت سان زندگي گذارڻ ۽ پنهنجي مستقبل جي خوشين تي پروسو رکان ٿو. مان رڳو توهان جي خوشيءَ ۽ غم ۾ شريڪ ٿيڻ گهران ٿو. توهان جي زندگي ۽ گهر ۾ شريڪ ٿيڻ جو آسائتو آهيان ۽ سڄي عمر توهان جو تابيدار رهڻ گهران ٿو. لوسي توهان جي نياڻي آهي. مان توهان، پيءُ ۽ ڌيءَ جي محبت کي تقسيم ڪرڻ نه ٿو چاهيان. پر ٿي سگهيو ته پنهنجي محبت ۾ هن کي شريڪ ڪري، کيس ۽ توهان کي پنهنجي ويجهو ڪرڻ چاهيان ٿو."

هُنَ جو هٿ اڃا تائين هُنَ جي پيءُ جي هٿ مٿان پيل هو. هُنَ هورڙيان هن جي هٿ جي زور جو جواب ڏنو. ٽڏائپ سان نه پوءِ هُنَ پنهنجا هٿ ڪرسيءَ جي هٿئي مٿان سُڪَ ڪري رکيا ۽ ڳالهه ٻولهه هلندي، پهريون پيرو ڊارنيءَ جي اکين ۾ اکيون وجهي ڏٺو. هُنَ جي مُنهَن تي چمڪاٽ جا آثار ظاهر ٿي رهيا هيا. هُو انهيءَ ٻڌڻ جي وچ ۾ هر هر

ڪيس ڏسي رهيو هو. هُنَ جي اکين ۾ شڪ جا ڪارا پاڇا ۽ هڪڙو اڻ ڄاتل ڊپ هو.

"تنهنجن لفظن ۾ ڪوساڻ ۽ مڙسي آهي. چارلس ڊارني! مان تنهنجو دل جي گهرائين سان ٿورو ميجان ٿو ڪيڻ سچيءَ دل سان توکي پسند ڪريان ٿو. ڇا تو وٽ ويساهه ڪرڻ لاءِ ڪو ڪارڻ آهي ته لوسي توسان محبت ڪري ٿي."

"نه، ايڏا تائين ته نه."

"ته مان اهو سمجهان ته هن ڳالهه بولهه مان تنهنجو مقصد اهو هو ته تون منهنجي اجازت کان پوءِ ترت ئي ان جي تصديق ڪري وٺين."

"اهو به نه. مون ۾ شايد ڪيئي هفتن تائين اها همت پيدا ٿي نه سگهي ۽ غلط يا صحيح، مون ۾ شايد سياڻي ئي ايتري جرئت پيدا ٿي پوي."

"تون مون کا ڪا صلاح ونڊ گهرين ٿو؟"

"نه جناب! پر مون کي اهو خيال آيو هو ته جي توهان مناسب سمجهو ته منهنجي مدد ڪري سگهو ٿا."

"مون کان ڪو واعدو ونڊ چاهين ٿو؟"

"هائو."

"ڪهڙو پلا؟"

"مون کي اهو چڱيءَ ريت معلوم آهي ته توهان جي مرضيءَ کان سواءِ، مون لاءِ ڪا به اميد ناهي. مون کي اها به خبر آهي ته جي فرض ڪيو ته مس مينٽ جي دل ۾ مون لاءِ ٿوري به جاءِ آهي، واضح رهي ته مون رڳو فرض ڪرڻ جي همت ڪئي آهي، پوءِ به هن جي پيءُ جي محبت جي مقابلي ۾ منهنجي ڪا به حيثيت نه هوندي."

"جي اهو صحيح آهي ته توکي خبر هوندي ته حالتن جي مختلف هجڻ ته نتيجا ڪهڙا نڪرندا."

"مون کي اها به خبر آهي ته جي هن جو والد ڪنهن به سڳ گهرندڙ جي حق ۾ هڪ لفظ به چئي چڏي ته هُوءَ پنهنجي راءِ ۽ سچي دنيا جي راءِ جي پرواهه نه ڪندي. ان ڪري ڊاڪٽر مينٽ

جيڪڏهن منهجي جان بہ خطري ۾ هجي، تڏهن بہ مان اهڙي هڪ لفظ چوڻ لاءِ توهان کي درخواست نہ ڪندس." ڊارني وڏي ويساهہ پر نوڙت وچان چيس.

"مون کي پڪ آهي، چارلس ڊارني! تہ شديد محبت ۾ بہ اهڙي اوپرائپ پيدا ٿي ويندي آهي، جهڙي اختلاف جي صورت ۾. جتي گهري محبت هجي، اُتي اها اوپرائپ ڏاڍي نازڪ ۽ لطيف هوندي آهي. ان راز جي تهہ تائين پهچڻ ڏکيو آهي. ان مامري ۾ منهنجي ڏيءُ منهنجي لاءِ هڪ اهڙو ڳجهو راز آهي، جو مان پاڻ هُنَ جي دل جي ڪيفيت جو اندازو نہ ٿو لڳائي سگهي."

"چا مان پڇي سگهان ٿو تہ . . توهان جي خيال ۾ هُنَ جو . ." هُو هيڪيو ڊاڪٽر جملو پورو ڪيس.

"تنهنجو مطلب آهي تہ هن جو ٻيو ڪو طلبگار بہ آهي؟"

"هائو منهنجو مطلب اهوئي هو."

ورندي ڏيڻ کان اڳ لوسيءَ جي والد ٿوري دير لاءِ سوچيو . . پوءِ چيائين، "مسٽر ڪارٽن کي تہ تون هتي ڏسي چڪو آهين. ڪڏهن ڪڏهن مسٽر اسٽرائيوَر بہ ايندو رهندو آهي، جي ڪو هجي بہ تہ انهن ٻنهي مان هڪ ٽي سگهي ٿو."

"شايد ٻئي بہ ٽي سگهن ٿا."

"مون ٻنهي جي باري ۾ ڪڏهن ناهي سوچيو ۽ نہ ئي ان جي ڪا اميد آهي. تون مون کان ڪو واعدو وٺڻ چاهين ٿو؟ ٻڌاءِ اهو چاهي ؟"

"جي ڪڏهن مس مينٽ بہ مون وانگر توهان جي اڳيان پنهنجن دلي جذبن جو اظهار ڪري تہ توهان هنن ڳالهين جي گواهي ڏجو جيڪي مون توهان اڳيان رکيون آهن، ۽ اهو بہ فرمائجو تہ توهان کي مون تي ويساهہ آهي. مان اميد رکان ٿو تہ توهان مون کي ان لائق سمجهندا هوندئو منهنجي مخالفت نہ ڪندئو. هن لاءِ مون چا چا نہ داوَ تي لڳايو آهي، تنهن جي باري ۾ ڪجهہ بہ نہ ٻڌائيندس. مان رڳو ايترو چاهيان ٿو اها ڳالهہ جنهن جي ڪري مون اها درخواست ڪئي آهي، سا مان توهان جي

اڳيان هاڻي جو هاڻي بيان ڪندس ۽ توهان کي ڄاڻڻ جو حق به آهي."

"مان واعدو ٿو ڪريان." ڊاڪٽر چيو" مان بنان ڪنهن شرط جي واعدو ٿوڪريان. مان يقين رکان ٿو ته تنهنجو مقصد اصل ۾ اهو ئي آهي، جيڪو تو مون سان هاڻي بيان ڪيو آهي. مون کي ان تي اعتبار به آهي ته تون منهنجي ۽ منهنجي سڀ کان پياري وجود جي محبت جي وچ واري ناتي کي ٽوڙڻ بدران. ان کي مضبوط ڪرڻ جو ارادو رکين ٿو. پر جيڪڏهن هُنَ ڪڏهن به مون سان اها خواهش ظاهر ڪئي ته تنهنجو وجود هُنَ جي خوشين جي پوراءَ لاءِ لازمي آهي ته مان هُنَ کي تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيندس. جيڪڏهن ڪو سبب . . يا ڪو خيال يا وهم يا ڪو ڊپ، ڪجهه به . . نئون يا پراڻو ڪنهن به شخص جي خلاف ثابت ٿيو چارلس ڊارني! تڏهن مان کا به هڪ نه ڏيکاريندس. شرط اهو آهي ته ان فعل جي ذميواري هن جي مٿان نه ايندي هجي."

نوجوان ٿورائتو ٿيندي، هن جو هٿ پڪڑي ورتو ۽ ٻنهي جا هٿ ٻاڻ ۾ مليل هيا. ڊاڪٽر پنهنجي ڳالهه جاري رکي، "لوسي ئي منهنجو سڀ ڪجهه آهي. لوسي جي لاءِ مون کي پنهنجي دماغ مان هر ڳالهه کي مِٽائڻو پوندو. هُوءَ مون کي انهن ڏکن کان وڌ پياري آهي، جيڪي مون سَٺا آهن. . . انهن ظلمن کان وڌيڪ اهم آهي، جيڪي مون برداشت ڪيا. . . پر اهي سڀ اجايون ڳالهيون آهن!"

هُو وڏي پُراسرار انداز ۾ هوري هوري ماڻ ٽي ويو ۽ جڏهن ڳالهه ڪري چڪو تڏهن سندس اکيون عجيب نموني سان پٽرائجي ويون ۽ جڏهن هُنَ هورڙيان هُنَ جو هٿ ڇڏي ڏنو تڏهن ڊارني محسوس ڪيو ته هُنَ جو هٿ برف وانگر ٺڏو ٿي ويو آهي.

"تون مون کي ڪجهه پيو به چوڻ چاهين پيو. اها ڪهڙي ڳالهه هئي؟" ڊاڪٽر مينٽ مرڪي پڇيس.

ڊارني جي سمجهه ۾ ڪجهه نه پئي آيو ته هو چا چوي. پوءِ هن کي ياد آيو ته هُنَ هڪڙو شرط مقرر ڪيو هو جيئن ئي سندس دماغ

اوڏانهن هليو ويو تہ هن کي اطمينان ٿي ويو ۽ چيائين، "توهان جهڙي ريت مون تي اعتماد ڪيو آهي، تنهن جو جواب اهو آهي تہ مان توهان تي ڪامل پروسو ڪيان. منهنجو هاٿوڪو نالو منهنجي ماءُ جي نالي کي ٿورو تبديل ڪري رکيو ويو آهي، اهو منهنجو اصلي نالو ناهي. مان توهان کي پنهنجو اصلي نالو ۽ انگلينڊ ۾ رهڻ جو ڪارڻ ٻڌائڻ چاهيان ٿو."

"ترس!" ڊاڪٽر چيس.

"مان چاهيان ٿو تہ سڀ ڪجهہ ٻڌايانوَ تہ جيئن ويساهہ ڪرڻ جي لائق ٿجي سگهان. مان توهان کان ڪا بہ شئي ڳُجهي رکڻ نہ ٿو گهران."

"ترس!" هڪ پيرو تہ ڊاڪٽر پنهنجا ٻئي هٿ ڪنن تي رکي چڏيا، پوءِ وري اهي هُنَ جي چپن تي رکيا. "هاڻ نہ جڏهن مان توکان پڇان تڏهن ٻڌائجانءِ. جيڪڏهن تنهنجي خواهش پوري ٿي وئي ۽ لوسي توسان محبت ڪرڻ لڳي، تڏهن پنهنجي شاديءَ جي صبح جو ٻڌائجان. ان ڳالهہ جو واعدو ڪر."

"دل سان."

"مون کي پنهنجو هٿ ڏي. هُوءَ هاڻ موٽڻ واري ئي هوندي ۽ سُنو اهو آهي تہ هُوءَ اڃوڪي رات اسان ٻنهي کي گڏ نہ ڏسي. وڃ، خدا جي امان ۾ هجين."

جڏهن چارلس ڊارني اتان موڪلايو تڏهن اونداهي ٿي چڪي هئي ۽ هڪ ڪلاڪ پوءِ جڏهن لوسي گهر پهتي تہ اونداهي ايڏا گهاٽي ٿي چڪي هئي. هُو اڪيلي، تڪيون وڪون ڪٽندي ڪمري ۾ پهتي. ڇو تہ مس لوسي سڏي مٿي هلي وئي هئي. هُنَ جي پڙهڻ واري ڪرسي خالي ڏسي، ڪيس حيرت ٿي.

"بابا...!... پيارا بابا...!" هُنَ سڏ ڪيو.

هُنَ کي ڪا بہ ورندي نہ ملي. پر بيڊروم مان لنگهندي ڪيس ڪجهہ ڏَڪا ڏُکيءَ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. هُنَ وچ واري ڪمري مان هورڙيان گذرندي، پيءُ جي ڪمري ۾ جهاتي پاتي ۽ ڏڃي

پوئتي موٽي. سندس رڳن ۾ رت جمي ويو ۽ هُوءَ پنهنجي مُنهن روئڻ لڳي.

"هَئي... هَئي... مان هاڻي چا ڪريان؟... مان چا ڪريان؟"

ٿوري دير بعد هن جي اها ہڈ تر واري حالت ختم ٿي وئي. هُوءَ تڪڙي موٽي ۽ سندس دَر تي آهستي ڪڙڪو ڪندي سڏ ڪيائين. هُنَ جو آواز ہڏندي ئي نَڪَ نَڪَ جو گوڙ بند ٿي ويو. هُو تڪڙو ئي هِنَ ڏي آيو ۽ ہٿي ڇڏا دير تائين ٿَهلندا رهيا.

هُوءَ رات جو پنهنجي هنڌ مان اُٿي. هُنَ کي سُتو ڏسڻ آئي. هُو پڪي ننڊ سُتو پيو هو. هُنَ جو جُوتا ناهڻ وارو سامان اٽپوري جُوتي سميت سندس پرسان پيو هو.

باب يارهون

پاسي واري تصوير

"سڊني! شراب جو هڪ جام ٻيو ٻه تيار ڪر. مون کي توسان ڪجهہ ڳالهائڻو آهي." مسٽر اسٽرائيوَر انهيءَ رات يا صبح جو پنهنجي گدڙ کي چيو.

سڊني ان رات ٻيٽو ڪم ڪيو هو. ان کان اڳينءَ رات ۽ ان کان ٻه اڳينءَ رات، ايڏا ٻه ڪيترين راتين کان هُو مسٽر اسٽرائيوَر جي ڪاغذن کي ترتيب ڏئي رکڻ ۾ لڳاتار رڌل رهيو هو. هُنَ کي اهو گڏ ٿي ويل ڪم موڪلن کان اڳ پورو ڪرڻو هو ۽ نيٺ پورو ٿي ويو. مسٽر اسٽرائيوَر جا سمورا الجهيل مامرا سُلجهي چڪا هيا. نومبر ۾ وري اهوئي قانوني ڪوهيڙ گڏ ٿي ويندو ۽ وري نوان گهاڙا حاضر ٿي ويندا.

سڊني گهٽي پيئڻ کان پوءِ نه ته گهٽو اخلاق وارو ٿي ويو هو ۽ نه وري پنهنجي هوش حواس ۾ هو. هُنَ کي سڄي رات ڪم ڪرڻ جي لاءِ ڪيئي پِنَل ٽُوال مٿي تي رکڻا پيا هيا. اِنَ کان اڳ گهٽي مقدار ۾ شراب جو سهارو ورتو ويو هو هُنَ جي حالت گهٽي ٽَڪَ جي ڪري رحم جوڳي هئي. هُنَ مٿي تان آلي ٽُوال وارِي پڳڙي لاهي، اُنَ ٽانوَ ۾ اڇلائي، جنهن ۾ هُو انهيءَ کي ڇهن ڪلاڪن کان پسائيندو رهيو هو.

"يَر! شراب جو ٻيو پيالو تيار ڪرين پيو نہ؟" ٽلهي متاري مسٽر اسٽرائيوَر ان صوفي تي، جنهن تي ليٽيل هو پنهنجي پَٽي ۾ هٿ وجهي، چت ڏي تڪيندي، ڪنڌ ورائي هُنَ ڏي ڏٺو.

"ها!"

"ٻڌ! جيڪا ڳالهہ مان توکي ٻڌائڻ وارو هان، اها ٻڌي توکي ٿوري حيرت ٿيندي ۽ تون مون کي ايترو هوشيار نہ چوندين، جيترو مون کي سمجهندو آهين. منهنجو ارادو شادي ڪرڻ جو آهي."

"هائو!!"

"ها... ۽ ڏوکڙن جي ڪري نہ پيو ڪريان چئُ! هاڻي چاڻو چوين؟"

"هِنَ مهل چوڻ جي ته مون ۾ ڪا سگهہ ناهي. ڪير آهي هُوءَ..."

"پَيَجُ پرولي."

"چا مان هُنَ کي سڃاڻان؟"

"پَيَجُ ڳجهارت!"

"هاڻي مان صبح پنجين وڳي ته پرولين پيڄ جي موڊ ۾ بلڪل ناهيان. هُون ۽ به منهنجو ميڃالو ٽڇڪي رهيو آهي. جي تون ڳجهارتون پيڄائڻ ئي چاهين ٿو ته پوءِ مانيءَ جي دعوت تي گهراءِ."

"خير... ٻڌايان ۽ ٿو." مسٽر استرائيوَر هورڙيان ويهندي چيو.

"سڀني! مون کي پنهنجو مطلب واضح ڪرڻ ۾ ٿوري مايوسي ٿي رهي آهي. چو ته تون صفا احمق آهين."

"۽ تون وڏو حساس ۽ شاعراڻي مزاج وارو شخص آهين!" سڀني شراب جو جام ٽاهيندي چيس.

"تون اهو ته مڃين ٿو ته مان توڻي جو گهڻو رومانوي هجڻ جي دعويٰ نہ ٿو ڪريان ۽ نہ ئي وري منهنجي اهڙي ڪا خواهش آهي. چو ته مون کي پلي پت اميد آهي ته مان اهو چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو پوءِ به مان توکان وڌيڪ حليم طبيعت جو ماڻهو آهيان." مسٽر استرائيوَر کلندي ٻڌاڪ هنئي.

"تنهنجو مطلب آهي ته تون مون کان وڌيڪ پاڳن وارو آهين."

"منهنجو بلڪل اهو مطلب ناهي. منهنجو مطلب آهي ته... مان... مون ۾... وڌيڪ."

"هاڻي جي چوڻ تي سندرو ٻڌو ئي اٿئي ته پوءِ سورما! ڇئي چو نہ ڏين." ڪارٽن راءِ ڏنس.

"خير مان سورمو ئي صحيح... منهنجو مطلب آهي ته مان انهن ماڻهن مان آهيان، جيڪي ڪلٽا ملٽا هوندا آهن ۽ هر دلعزيز ٽيڪ جي ڪوشش ڪندا آهن. ۽ عورتن جي صحبت ۾ هنن کي ڪيئن متاثر ڪيو ويندو آهي. اهو مان توکان وڌيڪ ڄاڻان ٿو."

"ٻيو ڪجهه؟" مسٽر سڊني ڪارٽن چيس.

"نه پر ڪجهه ٻيو چوڻ کان اڳ، مان توتي هڪ ڳالهه واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته تون ڊاڪٽر مينٽ جي گهر ايترا پيرا ئي ويو آهين، جيترا پيرا مان ويو هان. پر منا! اُتي غمگين شڪل ناهي، ويهڻ ۽لا ڪو ضروري آهي چا. . . ! تون اهڙو ته مُئل ٻُوٽ ٻڌائي مايوس لڳو ويٺو هوندو آهين، جو مون کي، پيارا! تنهنجي ڪري، سڊني! وڏي خواري کٽڻي پوندي آهي." اسٽرائيوَر ڪميٽائپ وچان هُنَ تي چوٽ ڪندي چيو.

"جيڪي حرڪتون تون ڪندو آهين، اُنهَن جي ڪري ته توکي پريل ڪورٽ ۾ شرمندو ٿيڻ کپي. توکي منهنجو ٿورائتو ٿيڻ گهرجي." سڊنيءَ وراڻيس.

"تون انهن ڳالهين جي ڪري بچي نه سگهندين. نه سڊني! توکي آگاهه ڪرڻ منهنجو فرض آهي ۽ توکي سامهون چوڻ ئي تو۽ائ ۽لو ٿيندو ته تون اهڙين ڪچهرين ۾ ڏاڍو شيطان صفت ۽ بي جوڙ ثابت ٿيندو آهين. تون ڏاڍو ڪميٽو ۽ بداخلاق انسان آهين." مسٽر اسٽرائيوَر جهٽ ۾ ڳالهه کي اهڙو ته ۽لٽو کارايو جو سڊنيءَ جو وات ئي پٽجي ويو.

سڊني جيڪو شراب جو گلاس ناهي رهيو هو سو هُو ڳيت ڏئي پاڻ پي ويو۽ ڪِلڻ لڳو.

"مون ڏي ڏس!" اسٽرائيوَر ڪلها لوڏيندي چيس. "مون کي ايتري ۽ل ماڻهسائِپ سان پيش اچڻ جي ضرورت ئي ناهي، جيتري توکي آهي. مان تنهنجي پيٽ ۾ وڌيڪ خودمختيار آهيان، پو۽ مان ايترو مروت سان چو ٿو پيش اچان؟"

"مون ته توکي ڪڏهن اهڙو نه پاتو آهي. . ."

"مان ان ڪري مروت سان پيش ايندو هان، جو اها مصلحت جي تقاضا آهي، مان اصولي طور انهيءَ تي عمل ڪندو هان ۽ ڏس مان ڪامياب آهيان."

"پر تون پنهنجي شاديءَ جي باري ۾ ڪجهه تفصيل ٻڌائڻ ۾ قطعي ڪامياب نظر نه پيو اچين." ڪارٽن لاپرواهيءَ وچان چيس.

سڀني کارٽن تڪڙو تڪڙو جام پيئندو رهيو ۽ پنهنجي دوست ڏي ڏسندو رهيو.

"ته منهنجا يارسڀني! هاڻي توکي سڀ ڳالهيون معلوم ٿي ويون. مون کي ڏن دولت جي پرواهه ناهي، چوڪري سهڻي آهي ۽ مون پنهنجيون خوشيون ماڻڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي ۽ مان اها سگهه به رکان ٿو. هن کي اهڙو مڙس ملي رهيو آهي، جيڪو ڪافي خوش حال آهي، تيزي سان ترقي ڪري رهيو آهي ۽ جنهن جي وڏي عزت آهي. اهي واقعي هن جا پاڳ آهن. پر هُوءَ اهڙي خوش قسمتيءَ جي حقدار به آهي. ڇا توکي ان تي حيرت آهي؟"

"پلا مون کي ڇو حيرت ٿيندي؟." کارٽن جام پيئندي چيس.

"ته توکي منهنجي پسند سان اتفاق آهي؟"

"پلا مون کي تنهنجي پسند سان اتفاق ڇو نه ٿيندو!" سڀنيءَ جام چاڙهيندي چيس.

"منهنجي اميد جي ابتڙ تو ڏاڍي ماٺهپي سان اها ڳالهه ٻڌي منهنجو خيال هو ته تون مون کي پنهنجو هم خيال بنائڻ جي راءِ ڏيندين. پر سچائي هيءَ آهي ته هاڻ ته توکي اندازو ٿي ويو هوندو ته تنهنجو هي پراڻو دوست، وڏي مضبوط ارادي وارو انسان آهي. سڀني! هاڻ هن قسم جي زندگيءَ مان منهنجو جيءُ پرجي چڪو آهي. ڇو ته هِنَ ۾ ڪابه نرالي ڳالهه پيش نه ٿي اچي. مان محسوس ڪريان ٿو ته هڪ انسان وٽ گهر جو هجڻ به ڏاڍو وٽندڙ هوندو. هُو جنهن مهل به چاهي، پنهنجي گهر وڃي سگهي ٿو. نه وڃڻ چاهي ته پلا ڪهڙي زبردستي آهي. منهنجو خيال آهي ته مس مينٽ هر حال ۾ مون لاءِ مناسب ثابت ٿيندي ۽ هُنَ جي ذات کان مون کي فائدو پهچندو. تنهنڪري مون فيصلو ڪيو آهي ته هاڻي، پيارا دوست سڀني! مان تنهنجي مستقبل جي باري ۾ ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو. تون خراب حالن کي رسي چڪو آهين. توکي رُبين ڏوکڙن جو ڪو قدر ئي ناهي. تون ڏاڍي هنگامي زندگي گذاري رهيو آهين. تون ضرور ڪجهه ڏينهن ۾ ٽوڪر کائيندين. بيماريءَ ۽ غربت جي ڇار ۾ ڦاسي پوندين. توکي ڪو

"مهرباني ڪري هن موضوع تي ڪجهه روشني وجهه ۽ جيسين منهنجو سوال آهي تہ چا تون اهو ڪڏهن بہ سمجهي نہ سگهندين تہ مان هڪ ڪريل قسم جو ماڻهو آهيان. "هن اها ڳالهہ ٹوري ڏڪار واري لهجي ۾ ڪئي.

"توکي ائين ڪريل ۽ بيڪار بڻجڻ جو ڪو حق ناهي!" هن جي دوست کو گهٽي پيار پريل لهجي ۾ نہ چيس.

"مون کي خبر آهي تہ منهنجو هجڻ بہ حق بجانب ناهي." سڀني کارٹن چيو. "اها خاتون ڪير آهي ؟"

"هاڻ ڏس. منهنجي انهيءَ اعلان تي ڪاوڙ چنبڙ جي ضرورت ناهي." مسٹر استرائيوَر ڏاڍي دوستاڻي طريقي سان سڀني کي راز ٻڌائڻ تي آماده ڪيو. "مان ڄاڻان ٿو تہ تون جيڪو ڪجهه چوين ٿو ٹنهن جو اڌ چوڻ بہ تنهنجو مقصد ناهي. خير. جيڪڏهن هن محل تنهنجو جائي بہ اهو مقصد هو تڏهن بہ مون کي ڪا پرواهہ ناهي. ايڏي ڊگهي پٹاڑ مون ان ڪري ضروري سمجهي. جو تو هڪ پيري ان خاتون جي لاءِ ڪجهہ ڪريل لفظ استعمال ڪيا هيا."

"سچي!"

"ها. سچي پچي! هن ئي دفتر ۾."

سڀنيءَ پنهنجي شراب جي پيالي ۾ جهاتي پاتي. پوءِ پنهنجي مروت پرئي دوست کي ڏنو. جام پي ويو ۽ وري پنهنجي بااخلاق دوست ڏي ڏنو.

"تون ان خاتون کي سونهري وارن واري گڏي چيو هو. اها نوجوان خاتون مس مينٹ آهي. جيڪڏهن تون ٹورو بہ حساس ۽ لطيف طبيعت وارو انسان هجين ها تہ اهڙن سخت لفظن استعمال ڪرڻ تي مون کي سخت اعتراض هجي ها. پر ائين آهي ڪونہ. تو ۾ سليڪٹائپ جي ڪوٹ آهي. مون کي ان ڳالهہ تي اصلي بہ ڪاوڙ نہ ٹي اچي. جڏهن تنهنجن لفظن کي ياد ڪريان ٿو. جيڪڏهن کو مصوريءَ جي فن کان وانجهيل ماڻهو منهنجي تصوير جي گِلا ڪري يا کو بي سُرو منهنجي ڳائڻ جي شڪايت ڪري تہ مون کي اصلي پرواهہ نہ ٹيندي."

سرپرست ڳولهڻ گهرجي." جنهن سرپرستيءَ ۾ بزرگيءَ واري انداز ۾ اسٽرائيوَر تقرير ڪئي، تنهن هُنَ کي اصل کان ٻيڻ ٽيڻ تي وڌيڪ ڪوڙو ٻڌائي ڇڏيو.

"منهنجي خيال ۾ هاڻي توکي به سچائيءَ جو مقابلو ڪرڻ گهرجي. ڏس، منهنجا يارا! اسان ته پنهنجي طريقي سان پنهنجين تڪليفن جو حل ڳولي ڪڍيو هاڻي تون به پنهنجي حيثيت مطابق پنهنجو سهارو ڳولهي وٺ. شادي ڪر. ڪو اهڙو ساٿي ڳولهي وٺ، جيڪو تنهنجو خرچ کڻي. تون هن ڳالهه جي پرواهه ئي نه ڪر ته توکي عورتن جي صحبت ۾ دلچسپي ئي ناهي، ۽ نه وري ڪا ان باري ۾ سمجهه اٿئي ۽ نه ڪو ملڪو حاصل اٿئي. بس ڪا ڳولهي وٺ. ڪا شريف عورت، جنهن وٽ ٿوري گهڻي ڪا ملڪيت هجي، ڪا مڪان جي مالڪياڻي، جيڪا ڪمرا ڪرائي تي ڏيندي هجي، اِنَ سان شادي ڪري ڇڏ ته جيئن بُري وقت جي ساٿياڻي ملي پوئي. ڪو اهڙي قسم جو انتظام تولاءِ به ٽيڻ گهرجي. سڀني. . . ! ان معاملي تي سنجيدگيءَ سان غور ڪر."

"ٺيڪ آهي. . . سوچيندس." سڀنيءَ چيس.

باب بارهون

سُڌريل ماڻهو

مسٽر اسٽرائيوَر ڊاڪٽر جي ڏيڻ جي قسمت چمڪائڻ جو فيصلو ڪرڻ کان پوءِ، ڊگهين موڪلن ۾ شهر کان ٻاهر وڃڻ کان اڳ ان خوش خبريءَ کان هن کي واقف ڪرڻ ضروري ڄاتو. گهٽي سوچ ويچار کان پوءِ هنن طئي ڪيو ته سڀ انتظامَ پورا ڪيا وڃن. ان کان پوءِ اهي ماڻهو آرام سان فيصلو پيا ڪندا ته اهي مائيڪلمس جي موڪلن کان هڪ ٻه هفتا اڳ پنهنجو هٽ هن جي هٽ ۾ ڏين. يا ڪرسمس ۾ هلاري جي وچ وارين مختصر موڪلن ۾ اها نيڪ رسم ادا ڪئي وڃي.

جيسيتائين هن جي پنهنجي ڪيس جي مضبوطيءَ جو سوال هو، ته ان ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش ئي نه هئي. فيصلو اڪين سامهون صاف نظر اچي رهيو هو. جيوري مٿان اِها ڳالهه چٽي هئي ته دولت ئي دنيا ۾ هڪ ڏيانَ لائق سچائي آهي. اهو هڪ ڪليل ۽ صاف معاملو هو ۽ ان ۾ ڪوبه نڪتو ڪمزور نه هو. هن پاڻ کي پاڻ ئي فريادي پاران گهرايو. هن جي پاران ڏنل ثبوتن کان بچي وڃڻ محال هو. ملزم جي وڪيل هار مڃي. پنهنجا ڪيس جا ڪاغذ اڇلائي ڇڏيا ۽ جيوريءَ کان غور ڪرڻ لاءِ مهلت گهرڻ به ضروري نه سمجهي. هِنَ ڪيس جي ٻڌڻيءَ کان پوءِ، وڪيل اسٽرائيوَر کي اطمينان ٿي ويو ته هن کان وڌيڪ سولو ڪيس ڪو ٻيو ٿي نه ٿو سگهي. تنهن ڪري مسٽر اسٽرائيوَر موڪلن جي شروعات جي رسم ادا ڪرڻ لاءِ، مس مينٽ کي واڪس هال وٽي وڃڻ جي تجويز وڌي اهتمام سان پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جي اُتي ڪاميابي نه ٿي ته رين لا، جي اتي به اتفاق سان

ڳالھ نہ بڻي تہ پوءِ مٿس اھو لازمي ٿي پئي ويو تہ سوھو تشريف کڻي وڃي ۽ اتي پنھنجي منشا ظاھر ڪري.

ان ڪري مسٽر اسٽرائيوَر ٽيمپل کان ڪُلھا لوڏيندو سوھو ڏي روانو ٿي ويو. ڏگھين موڪلن جون دلچسپيون پنھنجي منڊ کان وڏو جوين ڏيکاري رھيون ھيون. جيڪڏھن ان مھل ڪنھن ھن کي سوھو واري ڏڳ تي، ٽيمپل بار جي سينٽ ڊنسٽان واري پاسي، پنھنجي پوري جاھ ۽ جلال سان فٽ پاٽ تي ڪمزور انسانن کي ڏکا ڏيندي، ويندي ڏٺو ھجي ھا تہ ھن کي خبر پئجي وڃي ھا تہ ھُو ڪيڏو نہ طاقتور آھي.

سنڊس راھ ۾ ٽيلسن بينڪ بہ آئي ۽ جيئن تہ انھن جو ڪو حساب ڪتاب بہ ھيس، ۽ اھا بہ سُڌ ھيس تہ مسٽر لاري مينٽ جي گھراٽي جا ويجھڙا دوست آھن. اھا ڳالھ مسٽر اسٽرائيوَر جي دماغ ۾ ويھي وئي ھئي تہ ھُو بينڪ وڃي، مسٽر لاريءَ کي سوھو جي قسمت کلي پوڻ جي خوشخبري ٻڌائي. تنھنڪري ھُنَ سڪرات جي ھڏڪي ڏيندي در کوليو. ڪرندي ڪرندي پاڻ سنياليندي، بہ ڏاڪا ھيٺ لھي آيو. ڊڪر ڪائيندڙ خزانچين وٽان لنگھيو ۽ ڪلھو ھٽندي ان ڪونڙيءَ ۾ گھڙي ويو، جتي مسٽر لاري انگ اکر لکڻ لاءِ ليڪُن وارا ڳورا رجسٽر ڪنيون وينو ھو. ھن جي سامھون دريءَ ۾ اُڀيون شيخون لڳل ھيون. اھي بہ شايد انگن لکڻ جي لاءِ ٺاھيون ويون ھيون ۽ ائين لڳي رھيو ھو تہ آسمان جي ھيٺان سڀ شيون ھڪ انگ بڻجي ويون آھن ۽ اھو عدد مسٽر اسٽرائيوَر جي شڪل ۾ دريءَ جي سامھون لکيل ھو.

"ھيلو!" مسٽر اسٽرائيوَر چيو "طبيعت ڪيئن اٿئي. . . اميد آھي تہ خيرن سان ھوندين."

اھا مسٽر اسٽرائيوَر جي شاندار شخصيت ھئي، جو ھُو جنھن بہ جاءِ تي ھوندو ھو اتي ان جاءِ کان سدائين وڏو ثابت ٿيندو ھو. ٽيلسن بينڪ جي لاءِ تہ ھُو ايڏو وڏو ھو جو ڪُراڙا ڪلارڪ پري ڪُنڊن ۾ سُسيا، ڪيس شڪايتي نظرن سان ڏسي رھيا ھيا، جڏ تہ ھُنَ انھن کي پٺين ۾ ڦاسايو ھجي. مينيجر بہ جيڪو وڏي شان سان ھڪ ڪنڊ ۾ سيني کان ڌار پار وينو اخبار پڙھي رھيو ھو، تنھن اخبار پري ڪري،

هن کي ائين ڏسو جڙ ته استرائيوَر جو مٿو هن جي واسڪٽ سان ٽڪرائجي ويو هجي.

مسٽر لاري موقعي جي حساب سان ڏاڍي رُکي آواز ۾ چيو "ڪيئن آهيو؟ مسٽر استرائيوَر. . . جناب ٺيڪ آهيان؟" ۽ هٿ ڏنائينس. هن جو هٿ ملائڻ جو طريقو به ٽيلسن جي سيني ڪلارڪن وانگر ڏاڍي عجيب نموني جو هو. خاص ڪري ان مهل، جڏهن مينيجر به اتي موجود هجي. هن پنهنجي هستيءَ کي نظر انداز ڪري، ائين هٿ ڏنس جڙ ته هُو ٽيلسن اينڊ ڪو جي پاران هٿ ڏئي رهيو هجيس.

"مان توهان جي کهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو؟ مسٽر استرائيوَر!" هُنَ پنهنجو ڪاروباري ڪردار ادا ڪندي چيس.

"ڪجهه به نه، مسٽر لاري! مان توهان سان نجي طور تي ملڻ آيو آهيان. مون کي توهان کي اڪيلائي ۾ ڪجهه چوڻو آهي." مسٽر استرائيوَر چيس.

"هان، واقعي!" مسٽر لاري پنهنجو ڳڻُ هُنَ جي ويجهو آڻيندي چيو، پر سندس نظرون فرنيچر تي جميل هيون.

"مان پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي سهڻي ۽ ناز انداز واري ننڍيءَ سنگتياڻي مِس مينٽ جي خدمت ۾ شادي لاءِ پيش ڪرڻ ويجي رهيو آهيان، مسٽر لاري. . . !" مسٽر استرائيوَر وڏي ويساهه سان ڊيسڪ تي هٿ ٽيڪيندي چيس. توٽي جو ڊيسڪ ڏاڍي وڏي هئي، پوءِ به مسٽر استرائيوَر جي لاءِ اٽپوري هئي.

"خدا خير ڪري. . . جناب! منهنجو مطلب آهي ته خدا خير ڪري. . ." مسٽر لاريءَ چيو.

"توهان جو خدا خير ڪري مان چا مطلب آهي، مسٽر لاري!" مسٽر استرائيوَر حيرت مان چوندي پوئتي ٽي ويو.

"منهنجو مطلب بلڪل دوستاڻو ۽ وٽندڙ آهي. ۽ ان ۾ توهان جي واڪاڻ به شامل آهي. منهنجو مطلب اهوئي آهي، جيڪو توهان چاهيو ٿا. توهان پڪ ڄاڻو ٿا ته. . . مسٽر استرائيوَر." پوءِ مسٽر لاريءَ وڏي بي ٽُڪائپ سان پنهنجو ڪنڌ ڏُوڙيو جڙ ته هُو پنهنجي مرضيءَ جي

ابتڙ دل ئي دل ۾ اھو چوڻ تي مجبور ھجي تہ "واھ! توھان تہ حد کان وڌندا پيا وڃو وڌندا پيا وڃو."

"خدا مون تي رحم ڪري خدا توھان تي رحم ڪري. مسٽر لاري مان توھان جو مطلب نہ سمجھيو." مسٽر اسٽرائيوَر اکيون ڦاڙي چيس ۽ ھن ھڪ وڏو ساھ ڪڍي، وڏي زور سان پنھنجو جنگي ھٽ ڪڍي ڏيسڪ تي ھنيو.

مسٽر لاريءَ فيصلائتي انداز ۾ پنھنجي وگ ڪڍي، ٻنھي ڪنن مٿان ويھاري ۽ قلم واروپڙ ڏندن ۾ ڏئي چڌيو.

"ڏوڙ پويس. . . جنابہ! چا مان مناسب ناھيان؟" مسٽر اسٽرائيوَر ھن کي دوڌا ڦاڙي تڪيندي چيو.

"او منھنجا خدا!. . . پڪ سان توھان ھن لاءِ مناسب آھيو. جيسين مناسب ھجڻ جو سوال آھي تہ توھان ضرور مناسب آھيو." مسٽر لاريءَ وراڻيو.

"چا مان امير ناھيان؟" اسٽرائيوَر پڇيس.

"۽ جيڪڏھن توھان دولت جو ذڪر ڪري رھيا آھيو تہ توھان بلڪل امير آھيو." مسٽر لاريءَ چيس.

"ترقي ڪري رھيو آھيان."

"جيسين ترقيءَ جو سوال آھي تہ توھان جاڻو ٿا. . . ان ۾ ڪو بہ شڪ ناھي." مسٽر لاري خوش ٿيو تہ ھن جي ھا ۾ ھا ملائڻ لاءِ ھڪ ٻي ڳالھ بہ ھٽ اچي وئي.

"تہ پوءِ پلا توھان جو مطلب چا ھو؟" مسٽر اسٽرائيوَر ٿورو ھيٺو پوندي چيس.

"ھُون. . . تہ توھان ھن وقت اوڏانھن وڃي رھيا آھيو؟" مسٽر لاريءَ پڇيو.

"سڏو اوڏانھن." مسٽر اسٽرائيور پنھنجي مُٺِ پڪوڙي ڏيسڪ تي رکندي چيو.

"تڏھن تہ منھنجو خيال آھي تہ مان توھان جي جاءِ تي ھجان ھا تہ بلڪل نہ وڃان ھا."

"چو؟ هاڻ ته مان توهان کي مجائي پوءِ چڏيندس." مسٽر اسٽرائيوَر چيو. "توهان ڪاروباري ماڻهو آهيو ۽ پڪ سان توهان وٽ ان جو ڪو ڪارڊ هوندو. پنهنجو ڪارڊ ڪولي ٻڌايو. توهان چو نه ويجو ها؟"

"چو ته جيسين مون وٽ ڪو اهڙو مناسب ثبوت نه هجي ها ته مون کي ان مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻ جي اميد آهي. تيسين مان ڪڏهن به نه ويجان ها."

"مار پويس... اها ته حد ٿي وئي."

مسٽر لاريءَ پري ويٺل مينيجر کي ڏنو پوءِ ڪاوڙ ۾ پريل اسٽرائيوَر کي ڏنو.

"توهان ڪاروباري ماڻهو آهيو وڏيءَ عمر وارا ۽ تجربيڪار به آهيو. ٽي ڏاڍا اهم سبب موجود آهن. جن جي ڪري مڪمل ڪاميابي لازم ٽي وڃي ٿي ۽ توهان چئو ٿا ته بلڪل ڪو ثبوت ناهي. توهان جو دماغ ته جاءِ تي آهي نا؟" مسٽر اسٽرائيوَر ائين چيس جو جيڪڏهن مسٽر لاريءَ جو دماغ جاءِ تي نه هجي ها ۽ هُو اها ڳالهه چوي ها ته اصلي حيرت نه ٿئيس ها.

"جڏهن مون ڪاميابيءَ جو ذڪر ڪيو. تڏهن منهنجو مطلب آهي. محترم خاتون سان شادي جي مسئلي ۾ ڪاميابيءَ ۽ جڏهن مون سببن ۽ ڪارڻن جو ذڪر ڪيو ته. منهنجو مطلب هو اُهي سبب. جن کان نوجوان خاتون متاثر ٿي سگهي. نوجوان خاتون. منهنجا سائين! سڀ کان پهريون ته نوجوان خاتون جي مرضيءَ جو سوال آهي نا" مسٽر لاريءَ آهستڙي هن جي ٻانهن تي ٽپڪي هٽندي چيو.

"چا. مسٽر لاري! توهان مون تي اهو واضح ڪرڻ ٿا گهرو ته توهان جاڻي واڻي اها راءِ قائم ڪئي آهي ته نوجوان خاتون. جنهن جي باري ۾ هيءَ گفتگو ٿي رهي آهي. سا عقل کان وانجهيل ۽ چَري آهي." مسٽر اسٽرائيوَر پنهنجيون ٿوٿيون پڪيڙيندي چيو.

"بلڪل نه.. مسٽر اسٽرائيوَر! مان توهان تي واضح ڪري چڏيان ته مان نوجوان خاتون جي خلاف ڪنهن جي به واتان هڪ اکر

پڌرڻ لاءِ تيار ناهيان. جيڪڏهن مون کي خبر هجي ته ڪو اهڙو ماڻهو آهي. . . توڻي جو مون کي اميد آهي ته اهڙو ڪو به ڪونهي. اهڙو ڪو ماڻهو جيڪو ايتري ڪريل سوچ وارو هجي ۽ منهنجي هن ڀيسڪ تي ويهي نوجوان خاتون جي باري ۾ گستاخيءَ جو لفظ استعمال ڪري ته مون کي ٿيلسن جي پرواهه به نه ٿيندي ۽ مان ڪيس سَتَ سُريون ہڌائڻ کان سواءِ نه رهندس."

جُهڪيل هجڻ ۽ ڏهيل آواز ۾ ڳالهائڻ تي مجبور ٿيڻ جي ڪري، مسٽر اسٽرائيوَر جي رڳن مٿان رت جو دباءُ خطرناڪ حد تائين وڌي ويو. هونءَ به مسٽر لاري جي رڳن جو ڪم ڪرڻ ڏاڍو پورو پنو ۽ صحتمند هو پر جڏهن هُنَ جي ڪاوڙ ڪرڻ جو وارو آيو ته سندس حالت کا گهٽي اطمينان جهڙي نه رهي.

"جناب! مان توهان تي اهو واضح ڪري ڇڏڻ ٿو گهران ته مهرباني ڪري هن مامري ۾ ڪنهن به قسم جي غلطي ٿيڻ نه ڏجو." مسٽر لاريءَ چيو.

مسٽر اسٽرائيوَر ٿوري دير تائين هڪ ڦُٽَ پَٽيءَ جو چيڙو چُوسيندو رهيو ۽ ڏندن وچان هڪ راڳ آلاپڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. جنهن جي ڪري هُنَ جي ڏندن ۾ سُور اُٺيو. هن انهيءَ اجائي خاموشيءَ کي هيئن ٽوڙيو.

"اها مون لاءِ غير متوقع ڳالهه آهي، مسٽر لاري! توهان مون کي. . . مون کي، يعني شاهي عدالت جي اسٽرائيوَر کي، ڇاٽي ٻُجهي ائين چئي رهيا آهيو ته مان پنهنجو پيغام ڪٽي سوهو نه وڃان!"

"ڇا توهان منهنجي راءِ وٺڻ ٿا چاهيو مسٽر اسٽرائيوَر!"

"ها، بلڪل چاهيان ٿو."

"ڏاڍو سُنو. ته مون راءِ ڏُئي ڇڏي. يعني اُهائي، جيڪا هاڻي توهان چئي چڪا آهيو. بلڪل صحيح، توهان نه وڃو."

"۽ مان ان باري ۾ رڳو ايترو چئي سگهان ٿو ته توهان صاحبن پنهنجي ماضي، حال ۽ مستقبل کي به مات ڪري ڇڏيو. . . ها ها ها. . . ها!!" مسٽر اسٽرائيوَر لَڄي ٿي ڪلڻ لڳو.

"منهنجي ڀالهه کي سمجهڻ جي کوشش ڪيو. هڪ ڪاروباري ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ مون کي ان باري ۾ چوڻ جو حق ناهي. هڪ ڪاروباري ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ مان اهي ڀالهيون سمجهان ٿو نه ٿو پر جيڪو ڪجهه مون چيو آهي سو هڪ اهڙي ڪراڙي انسان جي حيثيت ۾ چيو آهي، جنهن مس مينٽ کي پنهنجن هٿن ۾ کيڏايو آهي، جيڪو مس مينٽ ۽ سنڊس پيءُ جو ويجهو دوست آهي، جنهن کي انهن ٻنهي سان بي انتها محبت آهي ۽ بي ڀالهه ته مشورو توهان پاڻ وٺڻ آيا آهيو. توهان جو خيال آهي ته مان غلطيءَ تي آهيان."

"نه، منهنجو اهو خيال ناهي." مسٽر اسٽرائيوَر سيٽي وڄائيندي چيو. "سوچ سمجهه جي لحاظ کان مون کي ٻنهي فريقن کي ڇڏي ڪنهن ٽئين ماڻهوءَ کي ڳولهڻ جي ضرورت ناهي. هي منهنجو پنهنجو مامرو آهي. مان سمجهان ٿو ته ٻئي فريق ۾ به سمجهه جي ڪوٽ ناهي. توهان مکڻ مانيءَ کي فضول ڀالهيون ٿا سمجهو. اهو منهنجي لاءِ نئون انڪشاف آهي. شايد توهان جو خيال ئي صحيح هجي."

"جيڪو ڪجهه مان فرض ڪريان ٿو ان جو فيصلو به مان پاڻ ئي ڪريان ٿو. جناب! ايتري ڀالهه ضرور سمجهي ڇڏيو. . . ٽيلسن بينڪ ۾ به ڪنهن شخص کي، پنهنجي ڪنهن ڳڻ جي باري ۾ پاڻ فيصلو ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندس."

"چڱو سائين! مون معافي ورتي، بس!"

"اها ته ڪا ڀالهه ئي ناهي. مهرباني."

"ته، مسٽر اسٽرائيوَر! مان اهو چئي رهيو هيس ته توهان کي شايد اهو ڄاڻي تڪليف ٿيندي ته توهان جو اندازو غلط هو. شايد ڊاڪٽر مينٽ کي به توهان کي صاف جواب ڏيندي تڪليف ٿئي ۽ مس مينٽ کي توهان جي اڳيان کو بهانو ڪندي گهٽي تڪليف ٿيندي. توهان ڄاڻو ٿا ته منهنجا لاڳاپا ان گهراڻي سان ڪيڏا نه سُٺا ۽ ويجهڙائپ وارا آهن. اها مون لاءِ عزت واري ڀالهه ٿيندي ۽ خوش قسمتي هوندي، جو مان توهان جو حوالو ڏيڻ کان سواءِ، بنان توهان کي شامل ڪرڻ جي، مان پاڻ پنهنجي طرفان ڪنهن ٻئي طريقي سان، پنهنجين اکين سان

ڏسي، اهو اندازو لڳايان ٿو توهان کي ڪيتري ڪاميابي نصيب ٿيندي. پوءِ توهان چاهيو ٿو پاڻ پنهنجي زباني ان جي تصديق ڪري اطمينان ڪري وٺو ۽ جيڪڏهن توهان کي منهنجي اطلاع تي وساهه هجي ٿو توهان پاڻ ۽ ٻيا ماڻهو اجائي شرمندگيءَ کان بچي ويندا. ان باري ۾ توهانجو ڇا خيال آهي؟"

"مون کي گهٽا ڏينهن شهر ۾ ترسڻو پوندو؟"

"بس ڪجهه ڪلاڪن جي ڳالهه آهي. شام جو سوهو ويندس ۽ اتان موٽندي سڌو توهان جي آفيس ايندس."

"ٺ پوءِ مون کي منظور آهي. مان هن مهل اوڏانهن نه ويندس. ڇو ٺ منهنجي دل ۾ ڪو گهٽو نه پئي چاهي. ها، ٺ مان رات جو توهان جو انتظار ڪندس. گڊ مارننگ!" مسٽر اسٽرائيور پوئتي موٽيو ۽ نڪ نڙاڪ ڪندو ٻاهر نڪري ويو. سڄي بينڪ ايڏي ٺ زور سان لڏي وئي جو ڊيسڪ تي ادب وچان جهڪيل ۽ پراڻن ڪلارڪن کي پنهنجي جاءِ تي ٻيئي رهڻ لاءِ، پنهنجي باقي سڄي طاقت خرچ ڪرڻي پئي. اهي ويچارا هيڏا ۽ ڪمزور ڪلارڪ، سدائين ادب سان جهڪڻ جون خدمتون ئي سرانجام ڏيندي نظر ايندا هيا ۽ اهو مشهور هو ٺ اِهي جڏهن ڪنهن ۾ گراڪ جي موڪلائڻ مهل ان جي اڳيان جهڪندا آهن ٺ بس خالي دفتر ۾ لڳاتار جهڪندا ئي ويندا آهن. ايسيتائين جو وري نئين آيل گراڪ کي پليڪار چوندا آهن.

ايترو عقل ۽ سمجهه ٺ وڪيل ۾ ۽ هئي، جو اندازو لڳائي سگهي ٺ جيڪڏهن ان ڳالهه تي يقين ڪرڻ جو ڪو مناسب بهانو نه هجي ها ٺ مسٽر لاري ايڏو زور نه پري ها. هُو اهڙي ڪوڙي ٽِڪي ڳهڻ جي لاءِ تيار نه هو پر نه چاهيندي ۽ ڳهي ويو.

"۽ هاڻ ان جهيڙي مان پاڻ کي صاف بچائي ڪيئي وڃڻ جو طريقو هي آهي، ٺ سيني کي غلط ثابت ڪجي." هُنَ هڪ قانوندان وانگر سڄي بينڪ ڏي ڪاوڙ ۾ آڱر سڏي ڪئي.

پراٽيءَ عدالت جي ماهر جي حيثيت ۾ ۽ اها ڳالهه هڪ للڪار هئي ۽ ان خيال سان هن کي ڏاڍي سگهه ملي، "نوجوان خاتون!

ان کان اڳ جو توهان مون کي غلط ثابت ڪريو مان پاڻ کي غلط ثابت ڪندس."

تنهنڪري جڏهن رات جو ڏهين وڳي مسٽر لاري هن سان ملڻ ويو تڏهن هُو چئني پاسي جاڻي واڻي ڪاڪڙ وکيريون ائين وينو هو جڙ ته هن کي صبح واري ڳالهه جي باري ۾ ڪجهه ياد ئي نه هجي. ايڏا به مسٽر لاريءَ کي ڏسي اڇاڙ ٻڌجي ويو ۽ ظاهر اهو ڪرڻ لڳو ته هُو ڏاڍو ڪم ۾ ڦاٽل ۽ گم آهي.

"ته پوءِ مان سوهو ويو هيس." ڪواڙ ڪلاڪ کن مطلب جي ڳالهه تي اڇڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ نيٺ مسٽر لاريءَ چئي وڌو.

"سوهو ويو هئين، هائو. . . نه جاڻ مان ڇا سوچڻ لڳو هيس." مسٽر استرائيوَر بي رخيءَ وچان چيو.

"۽ مون کي قطعي به ڪو شڪ نه رهيو ته مان صحيح چئي رهيو هيس ۽ مان هاڻي به اهائي صلاح ڏيندس." مسٽر لاريءَ چيو.

"مان يقين ٿو ڏياريانو ته مون کي توهان سان همدردي آهي ۽ هُنَ ويچاري پيءُ سان به وڏي همدردي اٿم. مون کي خبر هئي ته اهو موضوع هن گهر لاءِ تڪليف جو ڪارڻ ٿيندو. خير هاڻي ان ڳالهه کي وساري ڇڏڻ گهرجي." مسٽر استرائيوَر وڏي خلوص وچان چيو.

"مان توهان جو مطلب نه سمجهيس؟" مسٽر لاري چيو.

"واقعي. . . ! خير ڪا ڳالهه ناهي. . . بس، خير آ." مسٽر استرائيوَر تسلي ڏيڻ واري انداز ۾ فيصلائتي لهجي ۾ چيو.

"پر هيءَ ڳالهه اهميت رکي ٿي." مسٽر لاريءَ ڳالهه تي زور ڏنو.

"نه بلڪل نه مان توهان کي پڪ ڏياريان ٿو ته ڪا اهميت نه ٿي رکي. جتي عقل ۽ سمجهه نه هجي، اُتي سياڻپ جي ۽ جتي سارهه جوڳي بلند خيالي جو وجود ئي نه هجي، اُتي سارهه جوڳي بلند خياليءَ جي اميد رکڻ ڪٽان جي عقلمندي آهي. منهنجي غلط فهمي دور ٿي وئي ۽ مان ذري گهٽ بچي ويس. هن کان اڳ به اهڙي قسم جون چريائپون نوجوان ڇوڪرين کان ٿي چڪيون آهن ۽ پوءِ غربت ۽ مفلسيءَ ۾ گم ٿي. کين پچتائڻو پيو آهي. هڪ صفا غير جانبدار

شخص جي حيثيت ۾ ته مون کي ڏاڍو افسوس آهي ته اهو معاملو طئي نه ٿيو. چو ته دنياوي نقطي نظر سان ڏسجي ته ان سان ٻين کي فائدو پهچي رهيو هو. پر جيستائين منهنجي فائدي جي ڳالهه آهي ته مون کي خوشي ٿي آهي جو معاملو ختم ٿي ويو. چو ته مون کي دنياوي لحاظ کان ان ۾ نقصان ئي نقصان هو. شايد اهو چوڻ جي ته ضرورت ئي ناهي ته مون کي ڪو به فائدو پهچڻ جو امڪان نه هو. شڪر آهي، ڪنهن به قسم جو نقصان نه پهتو. شڪر آهي، مون نوجوان خاتون کي پيغام نه ڏنو ۽ پنهنجي ڳالهه آهي، اُنَ ڪري چوان ٿو ته اهو سُٺو ئي ٿيو. مسٽر لاري انهن ڇَرين، عقل کان وانجهيل ڇوڪرين جا نخرا کڻڻ به ڪنهن مصيبت کان گهٽ ناهي. ڪو به انسان هڪ پيرو انهن جي چڪر ۾ ڦاسي پوي ته پوءِ سواءِ پريشانيءَ جي ٻيو ڪجهه به هٿ نه ايندو آ. مهرباني ڪري اها ڳالهه اتي ئي ڇڏي ڏيو. مون کي ٻين جي نقصان تي ته افسوس ٿي رهيو آهي، پر پنهنجي پاسي کان اطمينان ٿي ويو ۽ واقعي مان توهان جو ٿورائتو آهيان. جو توهان مهرباني ڪري مشوري جي اجازت ڏني ۽ ايڏي قيمتي صلاح ڏِنَوَ سچ به ته توهان نوجوان خاتون کي مون کان وڌيڪ ڄاڻو ٿا. توهان بلڪل صحيح چيو هو."

مسٽر لاري حيران ٿي ويو ۽ جڏهن مسٽر استرائيوَر هن کي باقائدي ڪمري مان نڪري وڃڻ جو چيو تڏهن هُو ڪيس اکيون ڦاڙي ڏسڻ لڳو.

"منهنجا پيارا! توهان مهرباني ڪري هتان هليا وڃو." مسٽر استرائيوَر وڏي سخاوت، مروت ۽ اخلاق سان، در وٽ چڪر هڻندي، هُنَ کي چيو "اها ڳالهه ڪنهن سان به نه ڪجو. . . مان هڪ پيرو وري توهان جو ٿورائتو آهيان. جو توهان مون کي پنهنجي مشوري مان فائدي وٺڻ جو موقعو ڏنو. . . گُڊ نائيٽ!"

ان کان اڳ جو هُو ڪجهه سمجهي ها، مسٽر لاري ٻاهر وڃي چڪو هو. مسٽر استرائيوَر صوفي تي ليٽيو چت کي تڪي رهيو هو.

باب تيرهون

بدمعاش انسان

ممڪن آهي تہ سڀني ڪارڻن شايد ڪنهن محفل ۾ ڪڏهن چمڪي پيو هجي، پر ڊاڪٽر مينٽ جي گهر ۾ تہ هن جي شخصيت ڪڏهن بہ نہ اُپري سگهي هئي. هُو سال ڪن ڪان اڇي رهيو هو پر سدائين خاموش ۽ پريشان ويٺو رهندو هو. هُو جڏهن ڳالهيون ڪرڻ لڳندو هو تہ ڏاڍيون دلچسپ ڳالهيون ڪندو هو پر گهٽو تڻو مٽس لاپرواهيءَ جا اهڙا ڪڪر ڇانيل رهندا هيا، جو هُنَ جي باطني خوش مزاجيءَ واري روشني، ان المناڪ انڌيري کي مشڪل سان پار ڪري سگهندي هئي. پوءِ بہ هن کي ان گهٽيءَ سان لڳاءُ هو جتي اهو گهر هو. گهٽيءَ جي انهن بي جان پٽرن سان عشق هيس، جيڪي ان دڳ ۾ وڇايل هيا. اڪثر راتين جو جڏهن ڪيس شراب جو نشو بہ عارضي خوشيون پهچائڻ ۾ ناڪام ٿي ويندو هو تڏهن هُوانهن گهٽين ڏي هليو ايندو هو ۽ گهٽو تڻو سج اپرڻ مهل اُتي اڪيلو ۽ گم سم ٻيٺو هوندو هو! ايستائين جو سج جي روشني وڏي گرجا جي برجين ۽ مينارن ۽ اوچين عمارتن جي سنگتراشيءَ جي نمونن جي حُسنَ کي ٻيٽو ڪري چڏيندي هئي. تڏهن انهن خاموش ۽ پرسڪون گهڙين ۾ سندس دماغ منجهہ انهن وساريل سهڻين خواهشن جي ياد تازي ٿي ويندي هئي، جيڪي سندس پهچ کان پري هيون! ڪجهہ ڏينهن کان ٽيمپل ڪورٽ ۾ پيل بسترو گهٽو ڪري تہ خالي پيل هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هُو وقتو بي وقتو گهڙي پل لاءِ هنڌ ۾ ڪري پوندو هو ۽ وري اُٿي انهيءَ گهٽيءَ جي خاڪ چاٽڻ لاءِ هليو ايندو هو.

آگسٽ جي مهيني ۾ مسٽر استرائيور پنهنجي گدڙ کي ٻڌايو تہ اوچتو مون کي عقل اچي ويو ۽ مون شادي ڪرڻ جو اِرادو ملتوي

ڪري چڏيو آهي ۽ پوءِ هُو پنهنجي سموري ڪل پوڳ سميت ڊيوَن شائر هليو ويو.

ان وقت جڏهن ايجا گلن ۾ خوشبو باقي هئي، بيمارن کي شفا جي اميد ٿي پئي هئي ۽ ڪراڙن مٽان جواني اچي رهي هئي، سڀني ڪارڻن جا قدم لڳاتار انهن پٽرن جي خاڪ چاٽي رهيا هيا، هن جا قدم جهڪڻ ۽ هٻڪڻ بدران، ايجا ارادي جي پختائپ جي ڪري وڌيڪ بي باڪ ٿي ويا ۽ دل جو حال ٻڌائڻ جي ارادي سان روانا ٿي ويا ۽ وڃي ڊاڪٽر جي در تي پهتا.

جڏهن هن کي مٿي پهچايو ويو تڏهن مس لوسي پنهنجي ڪم ۾ رُڌل هئي، هُوءَ ايجا تائين هن سان ايتري بي تڪلف ٿي نه سگهي هئي. هن ٽورو هٻڪندي سندس استقبال ڪيو. . . ۽ هُو هن جي ميز جي پرسان ويهي رهيو. هيڏهون هوڏهون جي ڳالهين کان پوءِ جڏهن هِنَ ڏيان سان هُنَ جي چهري ڏي ڏٺو تڏهن ان ۾ هڪڙي عجيب قسم جي تبديلي ڏٺائين.

"مسٽر ڪارٽن! خدا نه ڪري، توهان جي طبيعت خراب ته ناهي؟"

"نه، پر مان جنهن قسم جي زندگي گذاريان پيو اها صحت لاءِ بلڪل چڱي ناهي. ۽ پيو ته هڪ بيڪار انسان مان ڪهڙي اميد ڪري سگهجي ٿي!"

"معاف ڪجو مان اهڙي ڳالهه ڪرڻ جي جرئت ڪري رهي آهيان. ڇا اها افسوس جي ڳالهه ناهي. ڇا توهان ان کان وڌيڪ سُٺي زندگي گذاري نه ٿا سگهو."

"خدا ڄاڻي ٿو ته وڏي شرم جي ڳالهه آهي!"

"ته پوءِ توهان پنهنجي زندگيءَ کي بدلائي چو نه ڇڏيو؟" "چوڪريءَ وڏي پاڻوهه وچان هُنَ ڏي ڏٺو. کيس وڏي حيرت ٿي ته سڀنيءَ جي اکين ۾ ڳوڙها جرڪي رهيا آهن.

"هاڻي وقت نڪري ويو. مان جهڙو آهيان، ان کان وڌيڪ بهتر ٿي نه ٿو سگهان ۽ ڏينهون ڏينهن حالت خراب ٿيندي ويندي ۽ مان پستيءَ

ڏي ڪرندو ويندس." هن لوسيءَ جي ميز تي ٽوٽ ٽيڪي. اکين تي هٿ رکي چڏيا. چوڌاري ماڻ چانيل هئي ۽ ميز ڏکي رهي هئي.

لوسيءَ هن کي ڪڏهن به ائين بي قابو ٿيندي نه ڏٺو هو ان ڪري هرو پرو پريشان ٿي وئي. سڀني هُنَ ڏي ڏسڻ کانسواءِ سندس گهبراهٽ ۽ پريشانيءَ جو اندازو ڪري ورتو.

"مهرباني ڪري.. مون کي معاف ڪريو مس مينٽا مان جيڪو چوڻ چاهيان ٿو ان جي هوجهه سان منهنجي چيلهه جهڪندي پئي وڃي. چا توهان منهنجو هڪ عرض ٻڌندئو."

"جيڪڏهن دل جي ڳالهه چوڻ سان توهان جو من هلڪو ٿي پوي. تہ وڏي خوشيءَ سان فرمايو."

"خدا توهان کي خوش ۽ شاد رکي ۽ هن همدرديءَ جو صلو ڏئي." ڪجهه ڪَلَ رکي. پوءِ سڀنيءَ منهن تان هٿ هٽائي چڏيا.

"مان جيڪو ڪجهه چوندس. اهو ٻڌي ڏڃي نه وڃجو ۽ نه وري نفرت وچان پري ٿي وڃجو. مون پنهنجي سڄي عمر ائين ئي تباهه ڪري چڏي ۽ هڪ اهڙي شخص جيئن آهيان. جيڪو ننڍپڻ ۾ ئي مري چڪو هجي."

"نه مسٽر ڪارٽن! مون کي پوري پڪ آهي تہ توهان جي زندگيءَ جو بهترين ۽ وٽندڙ حصو هاڻي اچڻ وارو آهي ۽ توهان ان جا اهل ثابت ٿيندئو."

"مان پنهجي دل جي گهرائين جا سمورا راز جاڻان ٿو پر جيئن تہ اهي لفظ توهان چئي رهيون آهيو مان انهن کي ڪڏهن به نه وساريندس."

لوسيءَ جو سڄو بدن ڏڪو ٿي ويو ۽ ڪنبڻ لڳو. هن کي انهيءَ پريشانيءَ ۽ مونجهاري مان نجات ڏيڻ لاءِ سڀنيءَ ڳالهه کي جلد ئي اهڙو تہ پلٽو کارايو جو اها ملاقات پنهنجي قسم جو هڪ اٽوگو مثال قائم ڪري وئي. جنهن جو ڪو جواب ئي نه ٿو ملي. "فرض ڪريو تہ جي اهو ممڪن هجي ها تہ هِي جيڪو شخص توهان جي سامهون وينو آهي. اُنَ جي محبت جو جواب توهان محبت سان ڏئي سگهو تہ

اهو پنهنجي هٿان پاڻ تباهه ٿيل انسان . . هڪڙو سڪڙو ڏاندو شرابي . . پاڻ کي وڏو پاڳن پريو انسان سمجهي ها. پر اهو شخص چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ته ان محبت جي جواب ۾ هُو توهان کي رنج ۽ غم تباهيءَ ۽ برباديءَ کان سواءِ ڪجهه نه ٿو ڏئي سگهي. هُو پنهنجي پاڻ کي تباهه ڪري چڏيندو ذليل ڪري چڏيندو ۽ پاڻ کي زوال جي ڪنهن غار ۾ وٺي ويندو. مان ڄاڻان ٿو ته توهان جي دل ۾ مون لاءِ تر جيتري به جاءِ ناهي. مان گهرجائو به ناهيان. ايڏا به ٿورائتو آهيان ته ان جو ڪو امڪان به ناهي!"

"مسٽر ڪارٽن! ڇا ان کانسواءِ ڪنهن ٻئي طريقي سان مان توهان کي تباهي کان بچائي نه ٿي سگهان. معاف ڪجو ڇا مان ڪنهن به ريت توهان کي بهتر زندگيءَ ڏي موٽائي نه ٿي سگهان!؟ توهان جي ان رازداريءَ جو بدلو ڇا مان ڪنهن به طرح چڪائي نه ٿي سگهان. مان ڄاڻان ٿي ته اهو توهان جو راز آهي. پر اميد آهي ته توهان ان جي ڀالهه ڪنهن سان به نه ڪندئو. ڇا مان توهان جي پلائي جي لاءِ ڪجهه به نه ٿي ڪري سگهان؟ مسٽر ڪارٽن!" هن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا.

"نه . . مس مينٽل . . توهان مون لاءِ ڪجهه به نه ٿيون ڪري سگهو. جيڪڏهن توهان ٽڏيءَ دل سان منهنجي رام ڪهاڻي ٻڌو ته اها به وڏي مهرباني ٿيندي. جيڪا مون سان ڪري سگهجي ٿي. مان ايتري ڀالهه ڪرڻ ٿو چاهيان. ته توهان منهنجي ٻڌڻ ڏکندڙ پريشان روح جو آخري جواب آهيو. مون کي زندگيءَ ۾ ان کان ڪڏهن به پنهنجي ذلت جو ايترو شديد احساس نه ٿيو آهي. جڏهن مون توهان کي ۽ ڊاڪٽر کي ڏٺو هن گهر کي ڏٺو جنهن کي توهان پنهنجن هٿن سان سنواريو آهي. تڏهن مون کي پنهنجين محرومين جو احساس ٿيو ۽ اهي سڀڻا اخلاقي قدر جن کي مون مئل سمجهي ورتو هو سي وري جيئرا ٿي ايري آيا."

"مان جڏهن کان توهان سان مليو آهيان. منهنجو ضمير جاڳي پيو آهي ۽ مون کي ملامت ڪري رهيو آهي. پراڻيون وساريل ڀالهيون

منهنجن ڪنن ۾ سس پس ڪري رهيون آهن. . . منهنجي دل ۾ ترقيءَ ڪرڻ جا مبهم منصوبا جاڳي رهيا آهن. جيڪي مون کي هڪ پيرو وري زندگيءَ شروعات ڪرڻ لاءِ اتساهي رهيا آهن ته جيئن مان لذت پرستيءَ ۽ سستيءَ کي پري اڇلائي ڇڏيان ۽ اها ڪشمڪش. جيڪا مون اڌ ۾ ڇڏي ڏني هئي، ٻيهر شروع ڪري، زندگيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪريان. . . پر اهي سپنا آهن. . . رڳو خواب! ۽ خواب غفلت جي ننڊ سمهڻ وارن کي هٿين خالي ڇڏي گم ٿي ويندا آهن. . . مان رڳو ايترو ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته توهان جي هستيءَ انهن امنگن کي وري زنده ڪري ڇڏي هو."

"ته چا هاڻي انهن مان ڪجهه به باقي نه رهندو. . . مسٽر ڪارتن!. . . ٿورو سوچيو صحيح. . . وري ٻيهر ڪوشش ڪريو!"

"نه، مس مينٽا! مون اڄ تائين پنهنجو پاڻ کي ڪنهن به قابل نه سمجهيو آهي. پوءِ نه ڄاڻ ڇو هيءَ ڪمزوري مون ۾ حاوي پئجي وئي ۽ ائين رهندي مان هڪ پيرو توهان کي اهو ٻڌائي ڇڏڻ ٿو چاهيان ته توهان خاڪ جي ڍير ۾ اهڙي ڇتي باهه ڏئي ڇڏي آهي. جيڪا ڏکي رهي آهي. اها باهه جيڪا مون کان ڏار ٿي نه ٿي سگهي، نه ڪنهن شئي کي ٻاري ٿي ۽ نه سوجهرو ٿي ڪري. نه وري ڪنهن به قسم جو فائدو ٿي پهچائي- بس رڳو ڏکندي رهي ٿي."

"مان ڏاڍي اياڳي آهيان. جو مون سان ملي، توهان جي دڪن ۾ واڌارو ٿي ويو مسٽر ڪارتن!"

"نه، مس مينٽا! اِئين نه چئو. توڻي جو رڳو توهان ئي مون کي بچائي سگهو ٿيون، پر منهنجي تباهيءَ جو سبب ته اصل نه ٿيون ٿي سگهو."

"توهان چئي رهيا هيَئو ته مون توهان کي متاثر ڪيو آهي، ته چا مان ان اثر کي توهان جي پلائيءَ لاءِ صفا استعمال نه ٿي ڪري سگهان؟"

"وڌ ۾ وڌ پلائي، جيڪا منهنجي حق ۾ ٿي سگهي ٿي، اهائي ته اڄ وصول ڪرڻ آيو هان. بس مون کي پنهنجي باقي رهيل غم جي

ڪهاڻي ۾ ٻڌائڻ ڏيو ته جيئن اها حسين ياد دل ۾ رهجي وڃي. ته مون سڄي ياد کي هڪ پاسي ڪري، پنهنجي دل توهان جي اڳيان چيري رکي ۽ منهنجي دل ۾ هاڻي ڪجهه باقي رهجي نه ويو آهي. جنهن تي توهان کي همدردي محسوس ٿئي ۽ مون تي رحم آڻي."

"مان دل جي گهراين سان توهان کي التجا ٿي ڪريان ته يقين ڪريو ته توهان دنيا ۾ ان کان وڌيڪ سلوڪ جا حقدار آهيو مسٽر ڪارٽن!"

"مون کي ان ڳالهه تي يقين ڪرڻ جي التجا نه ڪريو. مس مينٽا مان پنهنجي هستيءَ کي خوب سڃاڻان ٿو. چو ته مون وٽ ثبوت آهن. مون توهان کي ڏاڍو پريشان ڪيو. هاڻي پنهنجي بکواس ختم ڪريان ٿو. ڇا توهان مون کي هن ڳالهه جي اجازت ڏيندئو ته جڏهن به مان اڇوڪيءَ ملاقات کي ياد ڪريان ته هي يقين ڪري سگهان ته منهنجو آخري راز توهان جي پاڪ ڇاتيءَ ۾ محفوظ آهي ۽ اتي ئي دفن رهندو ۽ توهان ڪنهن کي به ان راز ۾ شريڪ نه بنايو."

"جيڪڏهن توهان کي ان سان تسلي ملي ٿي ته ضرور ائين ئي ٿيندو."

"ڪٽي ڪير به هجي، پل ته توهان جي زندگيءَ جو سيني کان پياروماڻهو چونه هجي."

"مسٽر ڪارٽن! راز توهان جو آهي. منهنجو ناهي ۽ مان سدائين ان کي لڪائي رکڻ جو واعدو ڪريان ٿي." لوسيءَ ڪا گهڙي ڏهني چڪتاڻ ۾ رهڻ کان پوءِ چيو.

"مهرباني. توهان مٿان خدا جي رحمت هجي." ڪارٽن. لوسيءَ جو هٿ پنهنجن چپن سان لڳايو ۽ در ڏي هليو ويو.

"مس مينٽا تسلي رکو. هن گفتگو جو هڪ اکر به اڳتي توهان جي اڳيان نه ورجايو ويندو. مان هن جو ڪٽي ذڪر به نه ڪندس. ائين سمجهو ته جي مان مري به ويان. ته به اها ڳالهه لڪل ئي رهندي جيتري منهنجي زندگيءَ ۾ آهي. موت جي آخري گهڙين ۾ اهائي ياد منهنجي زندگيءَ جو آخري سهارو بڻجندي ۽ تڏهن مان شڪرگذار

ٹيندس. منهنجي دل مان توهان لاءِ دعا نڪرندي. منهنجو نالو منهنجو آخري راز. منهنجيون ڪمزوريون ۽ غم جو افسانو توهان جي نرم ۽ نازڪ دل ۾ لڪل آهي! اي خدا هن دل کي سادئين شاد ۽ آباد رکجان!."

اڄ هُو روز وارو سڌني ڪارٽن هڪ ٻيو انسان ئي نظر اچي رهيو هو. مٽس زبردستيءَ جو خول چڙهيو هو سو لهي ويو هو. اهو سوچي ڪيس انتهائي ڏک ٿي رهيو هو ته هن زندگيءَ ۾ ڇا ڏنو ڇا پاتو ڇا ڪجهه زندگيءَ مِتائي ڇڏيو ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون اعليٰ صلاحيتون روز ڪچلي ڇيٽاڙي ڇڏيون. لوسي مينٽ ان ڪري زار زار روئندي رهي ۽ هُو مات ڪيون ڪيس تڪيندو رهيو.

"خدا جو نالو ائٿي. نه رو لوسي مينٽ! خدا ڄاڻي ٿو ته مان ان لائق ناهيان. ڪلاڪ بن جي ته ڀَالهه آهي. پوءِ وري اهي ئي رولاڪيون ۽ اهي ئي پراڻيون ذليل عادتون. جن کان مان نفرت ڪريان ٿو. پر انهن کان بچي نه ٿو سگهان. ۽ پوءِ مان انهن ڳوڙهن جي لائق نه رهندس. نه رو. اندروني حالت ته منهنجي اهائي رهندي. جيڪا تون هن وقت ڏسي رهي آهين. پر ظاهر ۾ اهوئي سڌني ڪارٽن نظر ايندس. جنهن کي تون ڄاڻين ٿي. منهنجي توکي هڪ التجا آهي ته جيڪو ڪجهه مون توهان تي ظاهر ڪيو آهي. ان تي يقين ڪريو."

"مان يقين ڪريان ٿي. مسٽر ڪارٽن!"

"منهنجي ٻي ۽ آخري خواهش هيءَ آهي ته. . ۽ ان کان پوءِ هن ملاقاتيءَ کان نجات ملي ويندئي ۽ توهان جي ۽ هن ملاقاتي جي وچ ۾ ڪو رشتو ناهي. توهان جي ۽ هن جي وچ ۾ هڪ پار نه ڪرڻ جهڙي وڏي کاهي آهي. مون کي خبر آهي ته چوڻ جو ڪو فائدو ناهي. پر ڀَالهه ايتري آهي ته اهو خيال منهنجي روح جي گهرائين مان اُپري رهيو آهي. مان تنهنجي لاءِ ۽ اهي جيڪي توکي پيارا آهن. انهن سيني جي لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. جيڪڏهن منهنجي زندگي شريفاڻي گذري ها ۽ قرباني جا موقعا هجن ها يا مون ۾ همت هجي ها ته مان تنهنجي ۽ تنهنجن عزيزن لاءِ اهڙي قرباني ڏيان ها. ڪڏهن اڪيلائيءَ ۾ منهنجو خيال اچئي ته دلجاءِ رکجانءِ ته مان هن مامري ۾

ڏاڍو پرخلوص ثابت ٿيندس. اهو وقت به اينڊو اهو وقت گهٽو پري ناهي. جڏهن تون نون ٻنڊڻن ۾ ٻڌجي ويندينءَ اهي ٻنڊڻ جن ۾ جڪڙجي هِنَ گهر جي ايجا به وڏيڪ ويجهو ٿي ويندينءَ اهي پيارا ٻنڊڻ جيڪي خوشيون ۽ بهارون آڻيندا. مس مينڊا جڏهن خوش نصيب پيءُ جي شبيهه توهان ڏانهن پاهوهه وچان ڏسندي جڏهن توهان جو پرنور حسن توهان جي قدمن جي ويجهو ڪيڏي ته ڪڏهن ڪڏهن اهو ضرور ياد ڪجانءَ ته دنيا ۾ ڪو اهڙو انسان به آهي جيڪو پنهنجي جند هن هستيءَ تي قربان ڪري سگهي ٿو جيڪا توهان کي پياري آهي."

ان کان پوءِ هن 'خدا حافظا' چيو ۽ آخري پيرو دعا ڏنائينس:

"خدا توهان کي پنهنجي امان ۾ رکي."

۽ پوئتي موٽي هليو ويو.

باب چوڏهون

ايماندار واپاري

مسٽر جيري ڪرنچر، فليٽ اسٽريٽ ۾، پنهنجي اسٽول تي ويٺو هو ۽ ساڻس گڏ سندس ڇٽن جهڙو ڇوڪرو بيٺو هو. ڏهاڙي هُنَ جي اڪين اڳيان، وڏي تعداد ۾، مختلف قسمن جون شيون گڏرنديون هيون. فليٽ اسٽريٽ جي ڪاروباري وقتن ۾، ڪير به ڪنهن شئي جي مٿان ويهي وڃي، ناممڪن آهي، جو اهو پوءِ انهن ٻن جلوسن جي گوڙ جي ڪري، جيڪي به جلوس مسلسل هتان نڪرندا هيا، ٻوڙو ۽ ڇريو نه ٿي پوي. هڪ جلوس سدائين سج سان گڏ اولهه ڏي ويندو هو، پيو سج جي ابتڙ پاسي اوپر ڏانهن ويندو هو. ٻئي جلوس سدائين انهن ميدانن ڏي ويندا هيا، جيڪي ڳاڙهين ۽ نيرين حدن کان هن پاسي آهن، جتي سج ٻڏي ويندو آهي.

مسٽر ڪرنچر وات ۾ گاهه جو تيلو وجهيون ويٺو ان جلوس کي ائين ٽڪيندو رهندو هو، جڙ کو جهنگلي ماٺهو صدين کان پاڻيءَ جي وهڪري کي ان اميد سان ٽڪيندو هجي ته اهو سُڪي وڃي ته پو هُنَ پار وڃجي. پر جيري کي انهن وهڪرن جي سُڪي وڃڻ جي ڪا به اميد نه هئي ۽ نه ئي وري اهڙي آس رکڻ کا سياڻپ هجي ها. ڇو ته سندس آمدني جو چگو پلو پاڳو انعام جي نتيجي ۾ گڏ ٿي ويندو هو. هُو ٽيلسن بينڪ ۾ ايندڙ انهن سادڙين عورتن کي، جيڪي گهٽو ڪري وڏيءَ عمر ۾ پختن خيالن واريون هوندڙيون هيون، بينڪ واري ڪناري کان ٻيڙي ۾ ويهاري، ٻئي ڪناري تائين پهچائيندو هو. مسٽر ڪرنچر انهن مائُن ۾ ايتري شدت سان دلچسپي وٺندو هو جو هنن جي صحت جو جام پيئڻ جي ڏمڪي ڏيڻ لڳندو هين ۽ انهن کان ڪجهه بخشش

ان نيڪ ڪم جي ڪري ملي ويندي هيس ۽ اهوئي سندس متئين۽ ڪمائيءَ جو ذريعو هو. جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي.

ڪنهن زماني ۾ شاعر استول تي ويهي سيني اڳيان غور فڪر ڪندا هيا. پر جيئن ته مسٽر ڪرنچر شاعر نه هو ان ڪري هُو استول تي ويهي به غور نه ڪندو هو پر پنهنجن چئني پاسن ڏي اکيون ڊوڙائيندو رهندو هو.

هڪ ڏينهن هُو ائين ئي وينو هيڏي هوڏي ڏسي رهيو هو هجوم گهٽ هو ۽ ڪراڙيون عورتون اڃا به گهٽ هيون. هُنَ جو ڪيسو به انهن ڏينهن ۾ خالي هو ۽ هن جي دل ۾ هر هر اهو شڪ ڪَرَ ڪٽي رهيو هو ته ضرور مسز ڪرنچر ڪنهن خاص نيت سان سجدا ڪري رهي هوندي ايتري ۾ هڪ عجيب هجوم فليٽ اسٽريٽ مان لنگهي. اولهه ڏي وڃڻ لڳو. هن جلد ئي پنهنجو ڏيان اوڏانهن ڪري ڇڏيو. خبر پيس ته ڪا جنازي قسم جي شئي گذري رهي آهي. ۽ عام ماڻهو ان جنازي جي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن. جنهن جي ڪري ڏاڍو گوڙ متل هو.

"جيري پُٽا لڳي ٿو ڪو ڪفن دفن جو مامرو آهي!" مسٽر ڪرنچر پنهنجي اکين جي ٽار ڏي ڏنو.

"وهوا... بابا سائين!..." ننڍڙي جيري خوشيءَ مان چيو.

ننڍڙي صاحب وڏي رمز ۽ پُراسرار طريقي سان خوشيءَ جو نعرو هنيو. اهو وڏي صاحب کي برو لڳو ۽ هن موقعي جو فائدو ونڊندي. ترت ئي ننڍي صاحب کي ڪنَ تي لپاٽ هڻي ڪيائين.

"هان.. چا ٿو چوين!؟ ازي وهوا چاجي؟ تون پنهنجي پيءَ سان ڪهڙي نه اڻ وٽندڙ ڳالهه ڪري رهيو آهين. چنبا ڪنهن جاءِ جا!... هيءَ چورو ته وڏا رنگ پيو ڏيکاري!" مسٽر ڪرنچر هن کي چتائي ڏسندي چيو. "تون ۽ تنهنجي وهوا جي ته هتان گهڙي هُتان.. هاڻي جي آواز ڪڍيئي ته اهڙي تادي ڪندوسانءِ جو.. ٻڌيا!"

"مون ته ڪجهه به نه چيو.." ننڍي جيريءَ ڪن مهٽيندي چيو.

"بس. مات ڪر. مون سان گهٽي ٽَرِ ٽَرِ نه ڪر. هل، اُٿي.. هيڏي مٿي چڙهه ۽ ميڙ کي چگيءَ طرح ڏس!"

پُٽ حڪم جي تعميل ڪئي. ميڙ وڌندو رهيو. ماڻهو هڪ اجڙيل ماتمي گاڏيءَ ۾ رکيل هڪ ميري جنازي جي چوڌاري گڏ ٿيا هيا ۽ ٿُوٿُو ڪري رهيا هيا. رڳو هڪڙي سوگ ڪرڻ واري کي ميرڙو ماتمي لباس پاتل هو جيڪو موقعي جي مناسبت سان ضروري هو. اهو ماڻهو موقعي جي لحاظ کان بلڪل خوش نه هو. چو ته هن جي چوڌاري گڏ ٿيل ماڻهو ڪيس گاريون ڏئي رهيا ها. مٽس ڦٽ لعنت ڪري رهيا هيا. ويچارا ڪڍي رهيا هيس ۽ لڳاتار رڙيون ڪري رهيا هيا. . . "جاسوس. . ٿُو. . . جاسوس. . . لعنت هجئي. . . آڪ ٿُو. . ." ان کان سواءِ ٻيا به اهڙا تعريفي جملا استعمال ٿي رهيا هيا. جيڪي ضرورت کان وڌيڪ جوشيلا هيا. جنهن ڪري اهي ورجائجي نه ٿا سگهجن.

مسٽر ڪرنچر کي سڀائين جنازن سان دلچسپي رهندي هئي. جڏهن به ٽيلسن بينڪ جي پرسان کو جنازو گذرندو هو ته هُن جا سمورا حواس جاڳي پوندا ها ۽ هُو جوش ۾ اچي ويندو هو. ظاهر آهي ته هُو هِنَ جنازي کي ڏسي. جنهن سان گڏ وڏو ميڙ هو وڏي جوش ۾ اچي ويو. هن جي پرسان جيڪو پهريون ماڻهو لنگهيو تنهن کان هن پڇيو "چا مامرو آ؟ ادا! هي ايڏو گوڙ چو آهي؟"

"مون کي خبر ناهي. . . جاسوس. . . لعنتي. . . ٿُو. . . جاسوس!!"

"ڪنهن جو جنازو آهي؟" هن ٻئي ماڻهوءَ کان پڇيو.

"خبر ناهي." چوڻ سان گڏ اهو ماڻهو پنهنجي منهن تي هٿ هٽي هٽي ڏاڍي جوش ۽ جنون سان گڏ حيرت انگيز حد تائين رڙ ڪري چوڻ لڳو "جاسوس. . . آڪِ ٿُو. . ."

نيٺ هڪ ماڻهو جيڪو انهن حالتن کان واقف هو سو ساڻس ٽڪرائجي ويو. هن کيس ٻڌايو ته اهو جنازو هڪ جاسوس جو آهي. جنهن جو نالو راجرس ڪلائي هو.

"جاسوس هو؟" مسٽر ڪرنچر پڇيو.

"پراڻي مختيارڪاريءَ جو جاسوس." مخبر جواب ڏنس. "آڪ ٿُو. . . جاسوس. . . لعنتي. . . جاسوس!!"

"ارڙي ها. . . صحيح ٽا چئو." جيري هُنَ ڪيس کي ياد ڪندي چيو. جنهن پر هن به مدد ڪئي هئي.

"ارڙي مون ان کي ڏٺو هو. مري ويو چا؟"

"مري ڏير ٿي ويو. . . ايڏا وڏيڪ چا مرندوا ڪيو انهن جاسوسن کي. . . لعنت هجي جاسوسن تي. . . ڪيو انهن جاسوسن کي!" ان همراهه وٽي نعرا هنيا.

ڪا خاص راءِ نه هجڻ جي ڪري، ڪنهن کي به ڪجهه سمجهه پر نه پئي آيو. تنهنڪري اها راءِ سيني کي پسند آئي. هجوم هڪدم انهيءَ جملي کي ترت ئي جهپي ورتو ۽ مردي کي گهلي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ رڙيون ڪرڻ لڳو. چئني پاسن کان ٻئي گاڏيون گهيري ۾ آڻي روڪيون ويون. هجوم در کوليو ته هڪ ماتم ڪرڻ وارو ته پاڻ ئي ٻاهر ٽپو ڏئي نڪتو. به چار گهڙيون وٽ وڃان ٿي. هن پنهنجي ڏاڙتيءَ مان فائدو ورتو ۽ ٻيءَ گهڙيءَ هُو پاسي واريءَ گهٽيءَ ۾ پوريءَ رفتار سان ڀڄي رهيو هو. هن وات تي ماتمي نشانَ مثال طور ڪوٽ، ٽوپيءَ جي ڪاري پٽي، ٽوپيءَ سميت جُبو، ڪيسي وارو اڇو رومال وغيرهه سڀ ڪجهه پٽيندو اڇلائيندو ويو. ماڻهن اهي شيون کڻي پرزا پرزا ڪرڻ شروع ڪيون ۽ هوا ۾ اڇلائي، چَرين وانگر نچڻ لڳا. دڪاندارن تڙ تڪڙ ۾ دڪان بند ڪرڻ شروع ڪيا. چو ته اهڙن موقعن تي هجوم ڪنهن به ڳالهه کان پرهيز نه ڪندو هو ۽ قابو مان نڪتل هڪ ازدها جو روپ وٺي ويندو هو. ماڻهو گاڏي کولي ڪفن، واري پيٽي کولڻ بابت سوچي ئي رهيا هيا، جو ڏهين همراهن راءِ ڏني ته ڪفن لاهڻ بدران هلو ته نچندا ڳائيندا هلي ان کي دفن ڪري اچون. جيئن ته عملي ترڪيبن جي سخت ضرورت محسوس ٿي رهي هئي، تنهنڪري ان راءِ کي وڏي جوش خروش سان منظور ڪيو ويو ۽ اٽ ماڻهو تڙتڪڙ ۾ اندر ۽ ڪي درجن ڪن ٻاهران چڙهي ويا. ايترائي ماڻهو گاڏي جي چت تي، نه ڄاڻ ڪيئن حيرت انگيز ترڪيب سان چڙهي چنبڙي پيا. . . انهن رضاڪارن ۾ سڀ کان اڳيان جيري ڪرنچر هو جيڪو وڏيءَ عاجزي سان پنهنجو ميخن جهڙن وارن وارو

مٿي ٽيلسن بينڪ جي عملي کان لڪايون. گاڏيءَ جي سڀ کان اندرئين ڪنڊ ۾ ڏهيو ڦسيو وينو هو.

ڪفن دفن تي مقرر ٿيل ڏميوار ماڻهن کي، رسمن جي انهيءَ تبديليءَ تي ٿورو اعتراض ٿيو پر جيئن ته درياءَ ويجهو هو ۽ ڪجهه ماڻهن جو هن ڀالهه تي زور هو ته مذهبي رسمن سرانجام ڏيڻ وارن هنن همراهن کي، جيڪڏهن ٽڏي پاڻيءَ ۾ ٽهيون ڏياريون وڃن ته ائين هنن جا هوش ترت ئي جاءِ تي اچي ويندا. تنهنڪري جلوس ائين نئين طريقي سان ترتيب ونڊي اڳتي روانو ٿيو. هڪ چمني صاف ڪرڻ وارو جنازي جي گاڏي جي اڳيان هلي رهيو هو. اصل ڪوچوان هن جي پر ۾ وينو هدايتون ڏئي رهيو هو. هن جي پرسان ئي نانبائي جڻ ته ڪابينا جي وزير جي حيثيت ۾، هن جي نگراني ڪري رهيو هو. جلوس اسٽرينڊ جي ويجهو پهتو ته هڪ رڇ وارو جيڪو ان زماني ۾ وڏو دلبر ڪردار مڃيو ويندو هو سو جلوس جي سُونهَن وڌائڻ لاءِ شريڪ ٿي ويو. هن جو رڇ، جيڪو ڪارو ۽ خارشي هو سو ڪفن دفن واري عملي وارن همراهن واري شانَ مانَ سان جلوس سان گڏ گڏ هلي رهيو هو.

ائين ماڻهو شراب پيئندي، سُلفين مان دُونهان ڪيندي، رڙيون ڪُوڪون ڪندي، ڀائيندي ۽ ڪوڙبدوڙ ۾ ماتر ڪندي هلي رهيا ها. هر وک تي نئين پرتي ٿي رهي هئي ۽ جلوس جي اڳيان وارا دڪان بند ٿي رهيا هيا.

جلوس پري ٻنين ۾ سينٽ پنڪراس جي پراڻي چرچ وڃي رهيو هو. نيٺ جلوس اُتي پهچي ويو ۽ سيئي ماڻهو قبرستان ۾ وڃڻ تي زور ڏيڻ لڳا. نيٺ هنن پنهنجي مرضيءَ ۽ پسند مطابق، مرحوم راجرس ڪلائي کي دفن ڪري ڇڏيو. مُردي کي جاءِ ڏيڻ کان پوءِ، وڌيڪ وِرُونهن لاءِ ڪنهن تجويز پيش ڪئي يا شايد انهيءَ ڏهين ۽ هوشيار همراهه راءِ ڏني ته ڊگ تان لنگهندڙن کي پراڻي مخيارڪاريءَ جا جاسوس تصور ڪري، انهن تي ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ انهن کان انتقام ورتو وڃي.

انهن ڪيترن ئي ماڻهن جي پويان اهو هجوم لڳي پيو جيڪي ماڻهو سڄي زندگي مختيارڪاريءَ جي پرسان ٻه نه لنگهيا هيا. تن کي انهيءَ وِرونهن لاءِ خوب ڊوڙائي پڪڙيو ويو. کين ڏاڍا ڏڪا ڏنا ويا ۽ چنبا هنيا ويا. ان کان پوءِ قدرتي طور تي درين پيڙ ۾ عام جائين کي لٽڻ واري ڳالهه تي عمل ڪيو ويو. . . نيٺ ڪيترن ئي ڪلاڪن کان پوءِ، جڏهن ڪيئي ڇپر لُٽي ڦري ۽ پتيون، جنگلا پيڇي، فسادي طبيعت وارا ماڻهو وڌيڪ هٿياربند ٿي ويا. تڏهن هيءَ خبر مشهور ٿي وئي ته حفاظتي پوليس اچي رهي آهي. ان خبر کان پوءِ هجوم هوري هوري ٽڙي پکڙي ويو. پوءِ شايد حفاظتي پوليس آئي ۽ شايد نه آئي، پر عام طور تي هجوم جو طريقو اهوئي هوندو هو. مسٽر ڪرنچر پچاڙيءَ وارين راندين ۾ حصو نه ورتو ۽ دفن ٿيندڙن کي الوداع چوڻ جي خيال کان گرجا ۾ رکجي ويو. هن کي اتي ڏاڍو سکون ملي رهيو هو. هن پاڙي واريءَ هڪ جاءِ مان سلفي اڏاري گهري ورتي ۽ ويهي پيئندو رهيو. هُو غور سان جنگلي کي ڏسي رهيو هو ۽ وڏيءَ سنجيدگيءَ سان جاءِ جو مشاهدو ڪري رهيو هو.

"جيري!" هن هميشه وانگر پاڻ کي مخاطب ٿيندي چيو "ان ڏينهن ڪلائي کي توپنهنجين اکين سان ڏٺو هو. ڏاڍو صحتمند جوان هو."

هُو سلفي پيئڻ کان پوءِ ڪجھ وقت پنهنجن خيالن ۾ مگن رهيو. پوءِ موٽي آيو ته جيئن ٽيلسن بينڪ جي بند ٽيڪ کان اڳ پهچي ويجي. شايد انسان جي فاني هجڻ جي ڪري، سندس جيري ۾ ڪا شڪايت ٿي پئي، يا وري سندس عام صحت اڳي ئي ڪجهه خراب ٿي رهي هئي. خير. . . اها ڪا ايتري وڏي ڳالهه ٻه نه هئي. پر موٽڻ مهل کي پَلَ نجي ڊاڪٽر، جيڪو هڪ مشهور سرجن هو، سان ڪو مشورو ڪرڻ لاءِ ضرور ويو هو.

ننڍي جيريءَ، پيءُ جي وڃڻ کان پوءِ ان جي جاءِ بلڪل ٻه نه سنياليو، پر هيڏي هوڏي گهمندو رهيو ته جيئن ٽيلسن جي بند ٽيڪ کان اڳ، سولائي سان پنهنجي جاءِ تي موٽي اچي. بينڪ بند ٿي وئي، پراڻا ڪلارڪ ٻاهر نڪري آيا، چوڪيدار ڊيوٽيءَ تي اچي ويو ۽ مسٽر

ڪرنچر ۾ سندس پٽ چانهه پيئڻ لاءِ گهر هليا ويا. هُنَ گهر ۾ گهڙندي ئي زال کي چيو:

"ڏس! هاڻ مان توکي صاف ٿو چوانءِ ته جي اڄ هڪ محنتي ۽ ايماندار ماڻهو جي حيثيت ۾ مون کي ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پيو ته مان بنان ڏسڻ جي ئي يقين ڪندس ته تون منهنجي پرپٽ بددعا گهرندي رهين ٿي ۽ ان ڪاڻ جي روشني ۾ ئي تنهنجي خبر ونندس."

هاريل دل واري مسز ڪرنچر ڪنڌ ڏوڻيو.

"چا تون منهنجي اکيان وري ساڳي حرڪت ڪري رهي آهين."

مسز ڪرنچر ڏڃي ڪاوڙ ۾ چيس. "مان ته ڪجهه به نه ٿي چوان."

"ته پوءِ مراقبي وغيرهه ۾ وڃڻ جي به ڪا ضرورت ناهي. مراقبي ۾ وڃڻ کان ته بهتر آهي ته سجدا ئي ڪري وٺ. توکي مڙئي ڪنهن نه ڪنهن نموني منهنجي مخالفت ڪرڻ سان مطلب آهي. ڇڪائي انهيءَ ۾ اٿئي ته اهڙو ارادو ختم ڪري ڇڏ."

"ٺيڪ آ، جيري!"

"ٺيڪ آ، جيري!" هن چانهه لاءِ ويهندي، سندس چيبارا ڪڍيا. "ها... صحيح آ... 'ٺيڪ آ جيري' چوڻ ۾ ئي تنهنجي پلائي آ."

جيري اهي ابتيون سبتيون ڪاڻهيون ڪندي، اصل ۾ ڪا خاص ڪاڻهه نه ڇڻي رهيو هو پر ائين هرو ڀرو ورجائي رهيو هو. جيئن عام طور تي ماڻهو ڪاوڙ ۾ ناراضگيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ ڪنا لفظ وات مان ڪيڏا ويندا آهن.

"تون ۾ تنهنجا... ٺيڪ آ جيري!... مان توکي چڱيءَ طرح سمجهان ٿو." مسٽر ڪرنچر مڪڻ واريءَ مانيءَ کي چڪ هنيو ۾ خيالن ۾ مڇيءَ جي گرهه سان گڏ نڙيءَ مان هيٺ لاهي ڇڏيائين.

"تون اڄ رات ٻاهر پيو وڃين؟ جيري!" جڏهن هن ٻيو گرهه ڪنيو تڏهن سندس نيڪ زال ڪائنس پڇيو.

"ها، وڃان ٿو."

"بابا...! مان به توسان گڏ هلان؟" پٽ تڪڙ ۾ پڇس.

"نہ، تون مون سان گڏ نہ ٿو هلي سگهين. تنهنجي ماءُ کي خبر آهي ته مان مڇيءَ جي شڪار تي پيو وڃان. ها، اوڏهن ٿو وڃان، مڇيءَ جو شڪار ڪرڻ."

"تنهنجي ڪُنديِ ٿوري ڪٽجي وئي آهي، بابا. . . ! ها نہ؟" پُٽَ هن جي ڪَٽُ چڙهيل آڱرين کي ڏسندي چيو.

"تنهنجو تنهن ۾ ڇا!؟"

"بابا! تون مڇيون آڻيندين؟"

"جي نہ آندم ته توکي ماني رُکي ملندي."

"چڱو هاڻي گهڻا سوال جواب ٿي ويا. جڏهن مان ويندس ته پوءِ تون دير تائين ستو پيو هوندين."

شام جو باقي وقت هُنَ مسز ڪرنچر جي سخت نگراني ڪندي گذاريو ان ڊپ وچان ته ڪٽي هُوءَ مراقبي ۾ گم ٿي، خدا جي حضور ۾ هن خلاف ڪو عرض نہ ڪري وجهي. هُو هرهر ڪيس تنگ ڪندو ۽ ڳالهين جو سلسلو شروع ڪندو رهيو.

هُنَ پنهنجي پُٽَ کي به پاڻ سان اهڙيون ڳالهيون ڪري، مسز ڪرنچر کي پريشان ڪندو رهڻ جي ڊيوٽيءَ سان لائي چڏيو. هُن کو نہ ڪو بهانو ڳولي پئي ورتو ۽ لڳاتار شڪايتون ڪندو رهيو ته جيئن هن کي سوچڻ جو موقعو نہ ملي.

"۽ ها اها ڳالهہ ڏيان ۾ هجئي ته جڏهن اسان ايمانداريءَ ۽ محنت جي ڪمائي مان، سياڻي ڪاڏي ۾ گوشت جو انتظام ڪنداسين ته پوءِ ائين نہ ٿئي ته تون ٻُوٽ سُجائي، ان کي هٽ لائڻ کان انڪار ڪري چڏين ۽ رکي ماني کائڻ لڳين. جي اسان محنت مزوريءَ مان بيئر وٺي اچون ته تون وري پاڻي پيئڻ تي گذارو ڪرين. جڏهن روم ويجي ته پوءِ روم وارن جي رواج تي هلجي. جي ائين نہ ڪندينءَ ته روم تنهنجيون ٽڪڙيون ڪري چڏيندو ۽ توتي واضح هجي ته اسان تنهنجو روم آهيون."

هُو وري پنهنجي مُنهن بڙبڙ ڪرڻ لڳو. . .

"تون پاڻ کائڻ پيئڻ جي مخالفت ڪرين ٿي. سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي ته تون چو ايڏي نڪ جي پڪائيءَ سان دعائون گهري، هن گهر

مان مانيءَ پاٽيءَ جو وجود مِٽائڻ جي پويان پئجي وئي آهين. پنهنجي پُٽ ڏي تہ ڏس! هي تنهنجو ئي پٽ آهي يا نہ . . سڪي ڪائي ٽي ويو آهي. تون بہ پاڻ کي ماءُ ٽي چوين، پر ايتري بہ خبر نہ اٿئي تہ هڪ ماءُ جو پهريون فرض اهو آهي تہ اها پنهنجي پُٽَ کي ڪارائي پيئاري، ٺُلهو متارو ڪري."

اهو ڏڪ ننڍي جيري جي دل تي وڄي لڳو. هن بہ پنهنجي ماءُ کان قسم ورتو تہ هُو اڳتي سڀ فرض پلجي وڃي تہ وڃي، پر خاص طور تي هڪ ماءُ وارو فرض انجام ڏيڻ ۾ ڪوتاهي نہ ڪندي، پر اهي فرض وڏي خوشيءَ سان پورا ڪندي، جن فرضن جو ذڪر سندس پيءُ هاٽي هاٽي وڏيءَ خوبصوتيءَ سان ڪيو هو.

ڪرنچر گهراٽي ائين پنهنجي شام گذاري ورتي. ننڍي جيري کي سمهڻ جو حڪم مليو ۽ هن جي ماءُ بہ ان حڪم جي تعميل ڪئي. رات جو مهڙيون حصو مسٽر ڪرنچر اڪيلي سر سلفي پيئندي گذاريو ۽ پنهنجي مهم تي هڪ وڳي کان اڳ نہ ويو. هُو گُگهہ اونداهيءَ رات جو ڪرسيءَ تان اُٿيو. ڪيسي مان ڪُنجي ڪڍيائين ۽ الماريءَ مان لوهہ جي مختلف سامانن جو ٽيلهو هڪ رسي، زنجير ۽ اهڙي قسم جا ميڇيءَ جي شڪار جا ٻيا ٽينَ ٽپڙ. هُو انهن هٿيارن سان هٿياربند ٿي، هڪ پيرو مسز ڪرنچر تي سخت نظر وڏي، روشني وسائي ۽ ٻاهر هليو ويو. ننڍو جيري جنهن ناڪ ڪري ڪپڙا متائي سمهڻ جو مڪر ڪيو هو سو پيءُ جي پويان لڳو ويو. هُو اوندهہ ۾ لڪندو لڪندو پيءُ جي پويان ڪمري مان ٻاهر نڪتو. ڏاڪا لهي ٻاهر سڙڪ تي آيو. هن کي موٽي گهر وڃڻ جي ڪا پريشاني نہ هئي. عمارت ڪرائيدارن سان پري پئي هئي ۽ در سدائين ڪليل رهندو هو. پنهنجي پيءُ جي شريفاٽي ڏنڊي جو مشاهدو ڪرڻ ۽ هن جو ڪجهہ معلوم ڪرڻ جو شوق هن کي اڏايون پئي ويو. هُو گهرن جي درن ۽ پتين سان گسندو پنهنجي پاڪ پيءُ تي اک رکيون پئي ويو. هن جو شريف پيءُ اتر ڏي ڪجهہ پري ويو هوندو جو هن کي هڪ ٻيو آئزڪ والٽن جو پرستار مليو ۽ هُو ٻئي گڏ گڏ هلڻ لڳا.

هُو اڏ ڪلاڪ جي اندر اڪيون ڇنڇيندڙ روشنين جي قطار کان پري ۽ چوڪيدار جي نگاهه کان ٻاهر، هڪ سنسان سڙڪ تي نڪري آيا. هتان وري هڪ ٻيو مهاڏو ۽ ساڻ هلڻ لڳو. اهو ايترو ته پراسرار طريقي سان شامل ٿي وين، جو جي ننڍو جيري وهمي هجي ها ته ائين سمجهي ها ته مڇيءَ جي شڪار جي شوقين ماڻهوءَ جا هڪدم ۽ ٽڪر ٿي ويا.

اڳيان اڳيان اهي ٽئي ۽ انهن جي پويان پويان جيري، هُو هلندي هلندي هڪ ڇاڇي هينان اچي ٻيٺا، جيڪو سڙڪ تائين جهڪيل هو. انهيءَ جي ڪناري جي مٿئين حصي تي هڪڙي ننڍڙي سِرن جي پٽ هئي، جنهن مٿان لوهه جو جنگلو لڳل هو. پٽ ۽ ڪناري جي وچ ۾ ٽئي ڇٽا سڙڪ ڏي مُڙي ويا ۽ هڪ بند گهٽي ۾ هلڻ لڳا، جنهن جي هڪ پاسي اَٽ فُٽَ اُوچي پٽ هئي. ڪنڌ ۾ لڪل ننڍڙو جيري، گهٽيءَ ۾ ليٺا پائي رهيو هو. پڳل ڪرن مان جهاتيون پائيندڙ چنڊ جي سامهون، هُنَ پنهنجي شريف پيءُ جي پاڇي کي ڏڙتيءَ سان لوهه وارو ڏاڪ ٽپندي ڏٺو. هُنَ جي پويان ٻيو ۽ پوءِ ٽيون ۽ اندر هليو ويو. هُو ٽئي ڏاڪ جي پرئين پاسي، زمين تي ٽپا ڏئي لٿا ۽ ڪجهه دير تائين ڳَنَ سُٽس کان پوءِ هٽين پيرين هلڻ لڳا.

هاڻي ننڍڙي جيريءَ جو وارو هو. هُو ساهه منجهايون، ٻليءَ پير ڏاڪ وٽ پهتو. هن هڪ ڪنڌ ۾ لڪي ڏٺو ته ٽئي مهاڏا ريڑهيون پائيندا، وڏي گاهه مان ٽيندا، گرجا جي قبرن جي وچان اڳتي وڌڻ لڳا هيا. قبرستان ڏاڍو ويڪرو هو. اُهي ماڻهو اڇن پُوتن وانگر نظر اچي رهيا ها ۽ گرجا جو مينار هڪ ديو وانگر اُپو ٻيٺو هو. اهي ٽورو گسڪڻ کان پوءِ اتي ٻيٺا ۽ مڇيءَ جو شڪار ڪرڻ لڳا.

پهريون ته هنن کوڏن سان مڇي پڪڙي، پوءِ ائين لڳو ته هڪ ڏکهي سِيخ، بوتل جي ڇوچ ڪيڻ وانگر ڦيرائڻ شروع ڪئي. هُو جهڙن هٿيارن کان ٻه ڪم وٺي رهيا ها، پر ڪري وڏي محنت سان رهيا ها. نيٺ گرجا جي گهڙيال گهنڊ وڄايو ۽ ننڍڙو جيري ڊپ وچان پڇي نڪتو. هن جي مٿي جا وار بلڪل هن جي پيءُ جي وارن وانگر اُپا ٿي ويا هئا.

پر ڳالهه جي ڳوٽ پيڙ لاءِ هن جي پراڻي شوق کيس پڇڙ کان روکي ورتو ۽ چڪي مونڻائي وئي ويس. هن جڏهن ٻيهر ڦاٽڪ مان اندر جهاتي وڌي ته اهي وڏيءَ تيزيءَ سان مڇيءَ جي شڪار ۾ لڳا پيا هيا. پر ائين پئي لڳو ته مڇيءَ کي ڪُنڊيو ڦاسي چڪو آهي. هينان ڪڙڪڙ جا احتجاجي آواز اُٿي رهيا هيا. هنن جون وريل آگريون. ڪنهن ڳوريءَ شئي کي چڪي رهيون هيون. هوري هوري ڳوري شئي متيءَ جي تهن کي چيريندي مٿي اچي وئي. ننڍي جيري اندازو ڪري ورتو ته هُو کهڙي شئي ڪڍي رهيا آهن. پر جڏهن والد صاحب اها کولڻ لڳو ته هن کي ڏاڍو ڊپ ٽيڙ لڳو. چو ته هن کي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو اهڙي ڏيک سان واسطو پيو هو. سو هُو وري پڇڙ لڳو ۽ هڪ ميل تائين بنان رڪجڻ جي پڇندو هليو ويو.

هُو سواءِ ساهه پٽڻ جي، ٻئي ڪنهن به اهم ڪم لاءِ وات تي ڪٽي ٻيهڻ وارو نه هو. اها جناتي ڊوڙ هئي، جنهن کي توڙ تائين پڄائڻ جي خواهش ڏاڍي شديد هئي. هن کي ائين پئي لڳو ته ڇڙ اهو ڪفن جيڪو هن هاٿي ڏٺو آهي، سو سندس پويان ڊوڙندو پيو اچي ۽ ڇاڙ سندس پاسي مان نڪري، ساٿس گڏ هلڻ لڳندو ۽ شايد سندس ٻانهن کي به پڪڙي وٺي. اهڙي پيچي ڪرڻ واري کان جند بچائي پڇڙ ئي مناسب آهي. هُو هڪ وڏو بي اصولو ۽ هڪ ئي وقت ۾ هر هنڌ موجود رهڻ وارو شيطان هو. جيڪو هن جي پويان رات کي ايجا وڏيڪ پوائتو ٻڌائي رهيو هو. ننڍو جيري اونداهين گهٽين مان ڊڪندو سڙڪ تي اچي پهتو. چو ته هن کي پَئُ ٽي پيو ته ڪٽي هُو شيطانُ. ڪنهن جَلندر جي مرض وَرتل ٻار وانگر ڦوڪجي ۽ ڏور ڪپيل لغڙ وانگر اچي نچڻ نه لڳي. ڪڏهن کيس اهو ٽي لڳو ته هُو درن جي اوٽ ڏيون لڪيو بينو آهي ۽ ڪلهن تائين پهتل گَنَ لوڏي لوڏي ڪِلي رهيو آهي. ڪڏهن ائين ٽي لڳس ته سڙڪ تي پاڇي ۾ سڏو ستو پيو آهي ته جيري اچي ته کيس آڙي هٽي ڪيرايو آ. ان سان گڏگڏ هُو جيريءَ جي پويان لڳاتار ٽينگ ڏيندو به اچي رهيو هو ۽ بس کيس پڪڙڻ وارو ئي هيو. چوڪرو جڏهن پنهنجي گهر جي در تي

پهتو تہ اڏ مُئو ٿي چڪو هو. تڏهن بہ ڪفن سندس پيڇو نہ ڇڏيو. پر هر ڏاڪي تي دِب دِب ڪندي چڙهيو ۽ هن سان گڏ هندڙ ۾ بہ دِب ڪري اچي ڪريو ۽ جڏهن جيري سمهي پيو تڏهن اهو بي جان ڳورو ڪفن سندس سيني تي چڙهي ويٺو.

جيري سڄي رات ڪِنا خواب ڏسندو رهيو. پرهہ ڦٽي رهي هئي، جڏهن سندس اک کلي تہ سندس پيءُ ڪمري ۾ موجود هو. ننڍي جيريءَ اندازو هٽي ورتو ڪا نہ ڪا گڙٻڙ ٿيندي. چو تہ سندس والد صاحب ماڻس کي ڪَنَ کان پڪڙيون. هُنَ جو مٿو پلنگ جي ٻانهين سان پيڇي رهيو هو.

"مون توکي اڳ ۾ ئي چيو هو. . . تہ توکي مزو چکائيندس. . ." مسٽر ڪرنچر چئي رهيو هيس.

"جيري. . . ! جيري. . .!!" سندس زال خوشامد ڪرڻ لڳس.

"تون منهنجي ڏنڊي جي مخالفت تي سندرو ٻڌي ٻيٺي آن. مان ۽ منهنجا ڀائيوار نقصان ۾ پيا وڃون. توکي منهنجو حڪم مڃڻ کپي ها. . . تو ڇو منهنجي نافرماني ڪئي. نياڳي!"

"مان هڪ سئي زال ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهيان. جيري!" هن ويچاريءَ روئندي چيس.

"ڇا پنهنجي مڙس جي مخالفت ڪرڻ سڀين زالن جو گُڻ آهي؟ مڙس جي محنت کي تباهہ ڪرڻ، ڇا هن سان پلائي آهي؟ ڇا هن جي اهم ڪاروبار جي سلسلي ۾ هن جو حڪم نہ مڃڻ وڏي فرمانبرداري آهي."

"تو وري اهوئي ٻرو ڏنڊو تہ شروع نہ ڪري ڇڏيو آهي؟ جيري!"

"تنهنجي لاءِ بس اهائي غنيمت آهي تہ تون هڪ ايماندار واپاريءَ جي زال آهين. تو جهڙي گهٽ عقل واريءَ جي سوچڻ جي ڪا بہ ضرورت ناهي. تہ هُو ڪهڙو ڪم ڪندو آهي ۽ ڇا نہ ڪندو آهي؟ هڪ فرمانبردار ۽ تابيدار زال کي مڙس جي ڪم ۾ دخل نہ ڏيڻ گهرجي. هُون. . . ! وڏو پاڻ کي الله واري ٿي سمجهي. پر تو جهڙيءَ مذهبي زال کان تہ بي دين زال سُٺي. تنهنجي کوپڙيءَ ۾ ايترو ئي عقل

آهي. جيترو ٽيمز درياءَ جي تري ۾ پيل پٽرن جي ڏير ۾. ان ڪري لازمي آهي ته ٿورو عقل ان ۾ وڌو ويجي."

اها سڄي ڪِٽ پِٽ هورڙيان ڪئي پئي وئي ۽ ائين ختم ٿي. جو ايماندار واپاريءَ گپ ۾ ٽڦيل جُوتا لاهي پري اڇلايا ۽ فرش تي ئي سڏو ٿي ليٽي پيو. ننڍي جيريءَ ڏڃندي ڏڃندي جهاتي پائي ڏٺو ته هُو پنهنجين ڳٽُ چڙهيل هٿن جو وهاڻو مٿي هيٺان ڏيون ستو پيو هو. هن جو اڪيلو پُٽ ٻه وري سمهي پيو.

نيرن تي مڇي نه هئي. ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ٻه نه هو. بس مسٽر ڪرنچر جي ڪاوڙ هئي. جيڪا وڌي رهي هئي. هن مسز ڪرنچر کي ڏمڪائڻ لاءِ لوهه جو چمٽو رکي چڏيو هو ته جي هُوءَ نيرن مهل خدا جو شڪر ٿي ڪري ته اهو اڇلائي ڪيس هٽي سگهجي. هُو مقرر ٽيل وقت تي وهنجي سهنجي تيار ٿيو هو ۽ پنهنجي پُٽَ سان گڏ پنهنجي ڏيڪاءَ واري نوڪري تي پهچي ويو هو.

ننڍڙو جيري استول بغل ۾ ڪيون. هُنَ سان گڏ هلي رهيو هو. هُو ان ڏنل جيريءَ کان گهٽو مختلف هو. جيڪو ڪاري سنسان رات ۾ پُوت کان جند بچائي وٺي پڳو هو. هن جو مڪر پرهه جي مهل وانگر تازو هو ۽ سندس راتوڪا سيئي ڏپ گم ٿي چڪا هيا. ان مامري ۾ هُو اڪيلو نه هو. لنڊن شهر جي هن فليٽ اسٽريٽ ۾ ٻيا ٻه ڪيئي ماڻهو سندس هم خيال هيا.

"بابا. . . ! مُنَن کي جيئارڻ واري کي ڇا چوندا آهن؟" جيري پنهنجي ۽ پيءُ جي وچ ۾ احتياط وچان استول کي آڻيندي پڇيس.

مسٽر ڪرنچر اوچتو وچ سڙڪ تي ڇرڪ پري بيهي رهيو.

"بابا! مان سمجهندو هيس ته توهان کي هر ڳالهه جي خبر هوندي آهي." سادڙي چوڪري چيو.

"هاءِ . . ! اهو ٻه هڪ قسم جو واپاري ئي هوندو آهي." مسٽر ڪرنچر مٿي تان هيٽ لاهي. مٿي تي لڳل ڪوڪن جي نمائش ڪندي هلڻ شروع ڪيو.

"ڪهڙي قسم جو مال وڪڻندو آهي؟" سياڻي چوڪري وري پڇيو.

"ان مال جو تعلق سائنس جي هڪ شاخ سان آهي!" مسٽر ڪرنچر ٿوري دير سوچڻ کان پوءِ جواب ڏنو.

"ماڻهن جي جسمن سان اٽس نہ بابا!؟" شيطان پار چيو.

"منهنجي خيال ۾ اهڙي ئي ڪا شئي آهي!" مسٽر ڪرنچر چيو.

"بابا. . ! جڏهن مان وڏو ٿي ويندس، تڏهن منهنجي دل ٿي چوي ته مان به مُئن کي جاڳائڻ وارو ٿيان."

مسٽر ڪرنچر جي دل کي ٿوري ٽيڪ اچي وئي. هن ڏاڍي شريفاڻي انداز ۾ سوچيندي، مٿو لوڏيندي چيس. "ان جو دارومدار ته تنهنجين صلاحيتن تي آهي. هِنَ ڳالهه جو خيال رکجانءِ ته تنهنجيون صلاحيتون ڪيئن بهتر طريقي سان اُپرن ٽيون ۽ ڪڏهن به ڪنهن کي ضرورت کان وڌيڪ ڳالهه نہ ٻڌائجانءِ ۽ هاڻي ئي ڪيئن ٿو چئي سگهجي ته تون واقعي ان ڪاروبار جي لاءِ صحيح رهندين يا نہ. . . !؟"

انهيءَ همت افزائيءَ مان خوش ٿي، ننڍو جيري ڏاڙيءَ واريءَ جاءِ تي استول رکڻ هليو ويو. تڏهن مسٽر ڪرنچرپاڻ سان ڳالهايو. "جيري! او ايماندار واپاري. . . ! ٿي سگهي ٿو ته تنهنجو هي چوڪرو تولاءِ وڏي نعمت ثابت ٿئي ۽ پنهنجي ماءُ جي ڪوتاهين جو بدلو چڪائي ڇڏي."

باب پندرهون

اڻتِ

موسيو ڊيفارج جي دڪان ۾ ڪجهه سوير کان ئي شراب جو دور هلي رهيو هو. صبح ڇهين وڳي کان ڪا مُنهن سِيخُن جي پويان جهاتيون پائيندي نظر اچي رهيا هيا. انهن جي پويان ٻيا ويڙل مُنهن شراب جي گلاسن مٿان جهڪيل نظر اچي رهيا هيا. عام طور تي موسيو ڊيفارج گهٽو چڊو شراب وڪڻندو هو پر ان ڏينهن لڳي ائين پئي ته شراب اهوئي بچيو هو جيڪو ضرورت کان گهٽو چڊو هو ۽ تکو ٻ هو. ان ڪري پيسن وارن جا منهن بند ٿيل هيا ۽ هنن جي ڇهرن تي اڃا وڌيڪ مايوسي چانيل هئي. موسيو ڊيفارج جي انگورن مان ڪڍيل شراب مان نشي جو ڪو شعلو نه پئي پڙڪيو پر ان جي تري ۾ باهه لڪل هئي، جيڪا اوندهه ۾ لڪي ڏکي رهي هئي.

اهو ٽيون صبح هو جو موسيو ڊيفارج جي دڪان ۾ لڳاتار شراب پيتو پئي ويو. سومر جي ڏينهن کان پيئڻ شروع ٿيو هو ۽ اڄ اربع جو ڏينهن هو. شراب کان وڌيڪ تاريڪ خيال دماغن تي چانيل هئا. ڪيترائي ماڻهو ته اهڙا هيا، جي پنهنجي عاقبت سنوارڻ لاءِ ٻ شراب خريدڻ تي مجبور ٿين ها. تڏهن ٻ انهن جي ڪيسي مان ڪُوڙي پائي ٻ نه نڪري ها. اهي در کولي اندر آيا، سس پس ڪري، پوءِ هيڏي هوڏي ڪسڪي ٿي ويا. پر اهي ٻ شراب جي دوڪان ۾ ايتري دلچسپي وٺي رهيا هيا، جو جي چاهن ته شراب جا گُندڙا خريد ڪري سگهن ها ۽ اهي هڪ ڪرسيءَ کان ٻي ڪرسيءَ تائين رڙهندي، ڪنڌ ڪنڌ گهمي رهيا هئا. اهي شراب جي بدران پرشوق نگاهن سان ڳالهيون پڏي رهيا هئا...

توڙي جو وڏو مجموعو هو پر شراب خاني جو مالڪ موجود نه هو. ڪنهن کي هُنَ جي اٿهوند جو احساس به نه هو. جيڪو به اندر آيو تنهن نه هُنَ جي پڇا ڪئي ۽ نه ڳولا. ڪنهن کي به حيرت نه هئي، ته رگو ميڊم ڊيفارج ئي پنهنجي جاءِ تي ڇو وينو آهي؟ اهائي شراب جي ڏيتي ليتيءَ جي ذميوار آهي. ان جي اڳيان هڪ پراڻي پيالي ۾ سِڪا پيا آهن. اهي سِڪا به انهن انسانن جي قاتل پراڻن ڪيسن مان نڪتا آهن، جيڪي سِڪن وانگر پاڻ به گسي ويل آهن ۽ انسانيت جي ڇاپ انهن جي چهرن تان گم ٿي چڪي آهي.

جاسوسن کي هتي سواءِ ان جي ٻيو ڪجهه به نظر نه اچي رهيو هو ته هر قسم جي دلچسپي مري چڪي آهي ۽ ماڻهو وساڻل، سنڊن هوش وڃايل نظر اچي رهيا آهن. ان زماني ۾ بادشاهه جي محل کان وٺي شراب خاني تائين، هر جاءِ تي جاسوسن ۽ مخبرن جو زور هو. هر جاءِ تي اها مايوسي ڇانيل هوندي هئي. جوارين جا هٿ ٽڪل هئا. شرابي ميزن تي ڪريل، شراب ۾ ليڪون ڪيڏي، شڪليون ٺاهي رهيا هيا. ميڊم ڊيفارج پنهنجي اوني اُٽ جو نمونو ٻانهن تي پکيڙي، ان جا خانا تيليءَ سان مٽي ڪري رهي هئي ۽ پري وٽيءَ تي نظرن سان اوڏر ۾ آيل ڪنهن شئي کي تڪي رهي هئي ۽ خاموشي ۾ ڪجهه ٻڌي رهي هئي.

سينٽ انتائين جي شراب خاني جو اهو ماحول ٻيپهريءَ تائين ائين ئي قائم رهيو. سمنڊ ۾ چاڙهه جي مهل هئي. ٽيپهري جو ٻه ماڻهو سڙڪ تان لنگهيا ۽ لڙڪندڙ لالٽينن جي هيٺان هلندا ويا. انهن مان هڪ ته موسيو ڊيفارج ۽ ٻيو نيريءَ ٽوپيءَ وارو ٻيلدار هو. هُو جڏهن شراب خاني پهتا، تڏهن ڏُوڙ ۾ پريل ۽ اُجارا هئا. هنن جي اچڻ سينٽ انتائين جي سيني ۾ هڪ قسم جي باهه پڙڪائي ڇڏي، جيڪا گهٽو ڪري درين ۽ درن مان جهاتيون پائيندڙ چهرن تي ٻري چمڪڻ لڳي، پر ڪو به هنن جي تعاقب ۾ نه آيو ۽ جڏهن اهي شراب خاني ۾ گهڙيا، تڏهن ڪنهن به هنن سان نه ڳالهايو. حالانڪ جيترا ماڻهو به اُتي موجود هيا، سي ڪين ڪنڌ ورائي ڏسڻ لڳا.

"گڊ مارننگ صاحبو!" موسيو ڊيفارج چيو.

اهو شايد زبان کولڻ جو اشارو هو. سيئي هڪدم هڪ آواز ۾ رڙ ڪري چوڻ لڳا، "گدا مارننگا"

"صاحبو! موسم ڏاڍي خراب آهي." ڊيفارج ڪنڌ لوڏيندي چيو.

تنهن تي هر ماڻهوءَ ٻئي ڏي ڏٺو پوءِ ڪنڌ ڦهڪائي ويهي رهيا. انهن مان رڳو هڪڙو ڇٽو اُٽيو ۽ ٻاهر هليو ويو.

"او رَبّا! مان هن بيلدار سان گڏ ڪيئي ميلن کان گڏ پيو اچان. هن جو نالو جيڪوس آهي. پيرس کان ڏيڍ ڏينهن جي دڳ تي منهنجي هن سان اتفاقي ملاقات ٿي وئي. ڏاڍو سادو آهي هي بيلدار. او منهنجي جوءِ! جيڪوس کي شراب ڏي. . ." ڊيفارج وڏي واڪي ميلبم ڊيفارج کي چيو.

ٻيو ماڻهو اٿي ٻاهر نڪري ويو. ميلبم جيڪوس نالي بيلدار اڳيان شراب آڻي رکيو. هن نيري ٽوپي لاهي سيني کي سلام ڪيو ۽ پيئڻ لڳو. هن جي جيڪٽ جي ڪيسي ۾ ڪاري ماني هئي. هُو اها ڪڍي وچ وچ ۾ کائيندو رهيو. پوءِ ميلبم ڊيفارج جي ميز جي پرسان ويهي ماني چٻاڙيندو ۽ شراب پيئندو رهيو. هڪڙو ٽيون ماڻهو اُٽيو ۽ ٻاهر هليو ويو!

ڊيفارج به شراب پي تازو ٿي ويو. هن ايترو شراب نه پيتو جيترو هن اوپري ماڻهوءَ پيتو. چو ته شراب هن لاءِ ڪا اوپري شئي نه هئي. پوءِ هُو انتظار ڪرڻ لڳو. ايتري تائين جو اوپري همراهه پنهنجي نيرن ختم ڪري ورتي. هُنَ ڪنهن ڏي به نه ڏٺو ۽ نه وري ڪنهن هُنَ ڏي ڏٺو. ميلبم ڊيفارج به نه جنهن پنهنجي اُوني اُٽ شروع ڪري ڇڏي هئي.

"نيرن ختم ڪري ورتئي؟ دوستا!" ڊيفارج موقعو ڏسي چيس.

"ها... مهرباني!"

"ته پو اڄ ته مان توکي اهو ڪمرو ڏيڪاريان. جتي تون رهي سگهين ٿو. تولاءِ اهو مناسب رهندو."

هُو شراب خاني مان نڪري، گهٽيءَ ۾ گهٽيءَ مان لنگهي آڪر ۾، آڪر مان لنگهي هڪ ڏاڪڻ چڙهي، مٿي ڪوٺڙيءَ ۾ پهتا. هيءَ اهائي ڪوٺڙي هئي، جنهن ۾ هڪ ڏينهن ڪراڙو اڇن وارن وارو همراهه ننڍي بينچ تي ويٺو جُوتا سلائي ڪري رهيو هو.

پر هاڻ اتي ڪو اچن وارن وارو ڳراڙو نہ هو. ها، اهي ماڻهو موجود هيا. جيڪي هڪ هڪ ڪري شراب خاني مان اٿي آيا هيا. انهن ۾ پري رهندڙ اچن وارن واري ڪراڙي ۾ هڪ اڻ لکو ناتو هيو. چو تہ هنن پٽ ۾ ٽنگ ڪري، جهاتي پائي هُنَ کي ڏٺو هو.

ڊيفارج در بند ڪيو ۽ هورڙيان چيو "جيڪوس نمبر هڪ، جيڪوس نمبر ٻہ، جيڪوس ٽي. هي اهو ئي شاهد آهي، جيڪو واعدي مطابق مون سان، يعني جيڪوس نمبر چار سان مليو. هي توهان کي سڄو قصو ٻڌائيندو. جيڪوس نمبر پنج پنهنجو بيان شروع ڪر."

بيلدار ٽوپي هٿ ۾ کڻي اُٿي بيٺو. هن پنهنجي ميري نرڙ تان پگهر اگهيو ۽ چيو "صاحبو! ڪٿان شروع ڪيان!؟"

"بس منڊ کان ئي شروع ڪر!" موسيو ڊيفارج سياڻپ وچان وراڻيو.

"صاحبو! هنن گرمين ۾ هڪ سال پورو ٿي ويو. جڏهن مون هُنَ کي ڏٺو هو. تڏهن هُو مارکوئيس جي گاڏيءَ جي هيٺان زنجيرن کي پڪڙيون لڙکيو پيو هو. ٿورو غور سان ٻڌو! مان سڙڪ جو ڪم پورو ڪري وڃي رهيو آهيان. سڄ ٻڌي رهيو آهي. مارکوئيس جي گاڏي هوري هوري ٽَڪريءَ جي چاڙهي چڙهي رهي آهي. هُو زنجيرن سان هيٺ لڙکيل آهي..."

بيلدار وري هڪ پيرو اُهوئي پراڻو سانگ ڪري ڏيکاريو. هاڻ تہ هن کي انهيءَ ڪرتب ۾ ماهر هجڻ کپي ها. چو تہ سڄو سال ڳوٺ وارن جي سپ لاءِ وٽندڙ وروڻهن جو ذريعو اهوئي ڪرتب هو.

جيڪوس نمبر هڪ پڇيس، "چا تون هن کي ان کان اڳ ڪڏهن ڏٺو هو؟"

"ڪڏهن بہ نہ" بيلدار ٻيهر سڏو ٽيندي چيو.

"تہ پوءِ بعد ۾ ڪيئن سُجاتئي؟" جيڪوس نمبر ٽئين پڇيو.

"هن جي ڏکي قد جي ڪري . . !" بيلدار آگر نڪ تي رکندي چيو.

"جڏهن مارکوئيس صاحب شام جو پڇيو . . ٻڌاءِ تہ هُو ڪيئن هو . . ؟ تہ مون چيو هيومانس . . يُوت وانگر ڏکو."

"توکي چوڻ کپندو هو ته گراڊ جيترو بندرو." جيڪوس نمبر به چيس.

"پر مون کي ڪهڙي خبر هئي. جيسين واردات نه ٿي هئي ڀ نه هن مون کي ڪجهه چيو هو. ٿورو غور ته ڪيو انهن حالتن ۾ به مون ڪجهه ناهي ٻڌايو. اسان جي چشمي وٽ ٻيهي مارڪوئيس صاحب چيو. . . هُنَ بدمعاش کي اسان وٽ وٺي اچو. پر هُنَ جي حڪم جي باوجود. يقين ڪيو. . صاحبوا مون هن کي ڪجهه نه ٻڌايو."

"جيڪوس! هي صحيح ٿو چوي. اڳتي ٻڌاءِ" ڊيفارج وچ ۾ پوندي چيو.

"ٺيڪ!" ٻيلدار پُراسرار انداز ۾ چيو. "ڊگهو همراهه گم ٿي وڃي ٿو. هن کي ڳوليو وڃي ٿو. گهٽا مهيناڻ نَ ڏَهه يارهن. . ."

"تعداد جي ڪائي اهميت ناهي." ڊيفارج چيو "چگيءَ طرح لڪايو ويو پر نيٽ نياڳ هي ته پڪڑيو وڃي ٿو. پوءِ؟"

"مان وري سڙڪ تي ڪم ڪري رهيو آهيان. سج لهڻ وارو آهي. مان پنهنجا اوزار کڻي. هيٽ ڳوٽ ڏي. پنهنجي جهوپڙي ڏانهن وڃڻ لڳان ٿو جتي هاٿي هاٿي اوندهه ٿي آهي. مان جڏهن اک کڻي ڏسان ٿو تڏهن ٽڪريءَ جي مٿان پنج ڇهه سپاهي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهن جي وچ ۾ هڪ ڊگهو همراهه بيٺو آهي. جنهن جا هٿ هيئن ٻڌل آهن." هُو پنهنجي ٽوپيءَ کي مُنهن ۾ ائين پکوڙي ڏيکاري ٿو. جيئن ڪنهن ماٺهوءَ کي رسيءَ سان ٻڌو ويندو آهي."

"صاحبوا مان پٽرن جي ڀير وٽ هڪ پاسي بيهي. سپاهين ۽ قيديءَ کي لنگهندي ڏسان ٿو. (چو ته اها سڙڪ سنسان آهي. جتي هر منظر پنهنجي پاڻ ۾ دلچسپي رکي ٿو) ۽ پهريون. جڏهن اهي اچي رهيا ها. تڏهن سج سندن پٺ ۾ هو تنهنڪري ڪارن پاڇن کان سواءِ ڪجهه به نه پئي لڳا. بس رڳو ايتري خبر پئي ته ڇهه سپاهي. هڪ ٻڌل قيديءَ کي وٺيو پيا اچن. مون ڏٺو ته اهي ڊُوڙ ۾ ٻڌل آهن ۽ هنن جي هلڻ سان به ڊُوڙ اڏي رهي آهي. پر جڏهن اهي منهنجي ويجهو پهتا. تڏهن مون ڊگهي همراهه کي سڃاڻي ورتو ۽ هن مون کي سُڃاڻي ورتو. ان مهل

هُو جيڪڏهن لاهيءَ تي ليٽرندو پڄي وڃي ها تہ ڏاڍو اطمينان محسوس ٿئي ها. جيئن ان جي پرسان واري جڳهہ تان اُنَ شام جو پڄي ويو جڏهن هُو پهريون پيرو مون سان مليو هو.

هُنَ اهو سڀ ڪجهہ ائين بيان ڪيو جڙ تہ هُو پاڻ اتي موجود آهي ۽ پنهنجين اکين سان چٽو ڏسي رهيو آهي. هن زندگيءَ ۾ شايد گهٽو ڪجهہ نہ ڏٺو هو.

"نہ مون سپاهين کي ٻڌايو تہ مان هن کي سڃاڻان ٿو نہ ئي هن ٻڌايو تہ هُو مون کي سڃاڻي ٿو. پر اسان جي اکين گهٽو ڪجهہ چيو ۽ ٻڌو. . . هلو هلو هُنَ کي جلدي هن جي قبر تائين وٺي هلو. . . هُو هن کي تکڙو گهلڻ لڳا. مان بہ هنن سان هلڻ لڳان ٿو. هن جون ٻانهون ايترو تہ سُڪَ ٻڌيون ويون آهن، جو اهي سُڄي ويون آهن. هن جون چاڪڙيون وڌيون وڌيون ۽ بي تڪيون آهن ۽ هُو منڊڪائي رهيو آهي. جيئن تہ هُو منڊڪائي رهيو آهي، تنهن ڪري هورڙيان هلي رهيو آهي. هُو هن کي بندوقن سان اڳتي ڌڪي رهيا آهن."

هن انهيءَ شخص جي آهَل ڪئي، جنهن جي چيلهہ ۾ بندوق سان چوڪ ڏئي، ڪيس ڌڪيو ويندو هجي.

"هُو جڏهن ٽَڪريءَ کان هيٺ چَرين وانگر ڊوڙندي لهڻ لڳن ٿا تہ هُو ڪِري پوي ٿو. هُو وري ڪِلي هُنَ کي اٽارن ٿا. هُنَ جي وات مان رت وهي رهيو آهي ۽ سندس مُنهن ڏُوڙ ۾ لنبيل آهي، پر سندس هٿ ٻڌل آهن ۽ هُو پنهنجو منهن چُهي نہ ٿو سگهي. هُو هن متان ڪِلن ٿا ۽ هن کي ڳوٺ ۾ وٺي اچن ٿا. سڄو ڳوٺ ڏسڻ لاءِ گڏ ٿي وڃي ٿو. هُو ڪيس پَن چڪيءَ وٽان ڏکيندا، قيدخاني ڏي وٺي وڃن ٿا. سڄو ڳوٺ ڏسي ٿو تہ رات جي اوندهہ ۾ قيدخاني جو ڦاٽڪ کلي ٿو ۽ هن کي هيئن ڳهي وڃي ٿو. . ."

هُنَ کان جيترو پنهنجو وات کلي سگهيو کولياٿين ۽ نڙاڪ ڪري ڏند بند ڪري ڇڏياٿين.

ڊيفارج چيو "اڳتي ٻڌاءِ، جيڪوس. . . پوءِ چا ٿيو؟"

"سجو ڪوٽ. . ." بيلدار پهن تي هلندي هورڙيان آواز ۾ چيو "اندر هليو وڃي ٿو. . . سجو ڪوٽ چشمي وٽ سُس پُس ڪرڻ لڳي ٿو. سجو ڪوٽ سمهي ٿو ۽ سجو ڪوٽ ڇپ تي بيٺل قيدخاني ۾ سِيخُن جي پويان بند بدنصيب قيديءَ بابت خواب ڏسي ٿو. هُو اتان ڪڏهن به نڪرندو. رڳو ڦاسيءَ لاءِ ڪڍيو ويندو. صبح جي مهل مان پنهنجي ڪاري مانيءَ جا ڪپا ڪائي، پنهنجا اوزار ڪلهي تي رکي، ڪم تي ويندي، قيدخاني جو چڪر هڻان ٿو. مان هن کي لوهه جي وڏي پيچري جي سِيخُن پويان، گذريل شام وانگر رت ۽ مِٽيءَ ۾ ڈُوڙ ٽيل ڏسان ٿو. هُنَ جا هٿ آزاد ناهن، جو مون کي سلام ڪري سگهي. مان هن کي سڏ ڪرڻ جي همت نه ٿو پانيان. هُو هڪ مُردي وانگر مون کي تڪي ٿو."

ڊيفارج ۽ ٽيون جيڪوس ڪاوڙ مان هڪٻئي ڏي ڏسڻ لڳن ٿا. جڏهن هُو بيلدار جي ڪهاڻي ٻڌي رهيا هيا، تڏهن هنن جي اکين ۾ ڪاوڙ نفرت، گُمڻ ۽ بدلي جي باهه ٻري رهي هئي. هنن سيني جا رويا پراسرار ۽ گڏوگڏ حاڪماڻا ٻه هيا. اهي هڪ وحشياڻي عدالت وانگر لڳي رهيا هيا. جيڪوس نمبر هڪ ۽ ٻه، پراڻي پلال جي پاڻاريءَ تي وينا هيا. هنن جون ڪاڌيون، سندن هٿ ترين تي ڪتل هيون ۽ اکيون بيلدار تي. جيڪوس نمبر ٽي، هنن جي پويان گوڏو پيڇيون وينو هو. هُو ٻه وڏي غور سان ٻڌي رهيو هو. هُنَ جو هڪ هٿ هر هر نڪ ۽ وات جي آس پاس پکڙيل نسن جي ڇار تي، گهبراهٽ وچان پئجي رهيو هو. ڊيفارج هنن جي ۽ ٻڌائڻ واري جي وچ ۾ بينو هو. هُو هرهر ڪڏهن هنن ڏانهن ڏي ته ڪڏهن بيلدار ڏي ڏسي رهيو هو.

"اڄتي ٻڌاءِ، جيڪوس!" ڊيفارج چيو.

"هُو پنهنجي لوهه واري پيچري ۾ ڪجهه ڏينهن رکيو وڃي ٿو. سجو ڪوٽ لڪ ڇپ ۾ ڪيس ڏسي ٿو ڇو ته ماڻهو ڊڄن ٿا. پر اهي سدائين پري کان قيد جي پيچري کي ڏسن ٿا ۽ رات جو جڏهن ڪم کان موڪل ٿي وڃي ٿي، تڏهن جهرٽي جي ڪپر تي ڳالهه ٻولهه لاءِ گڏ ٿي وڃن ٿا. ان مهل سيئي ڊاڪ گهر ڏي ڏسڻ لڳن ٿا ۽ ڪنهن مهل وري قيد خاني ڏي اُهي جهرٽي وٽ سُس پُس ڪن ٿا ته هن کي موت جي سزا ملي

چڪي آهي، پر هُو قتل نہ ڪيو ويندو. هُو چون ٿا تہ پيرس هڪ درخواست موڪلي وئي آهي. جنهن ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ ٻار جي موت، هن کي ڪاوڙ ۾ انڌو ڪري ڇڏيو هو ۽ اها درخواست خود بادشاهہ ڏي موڪلي وئي آهي. مون کي ڪهڙي خبر، شايد اهو ممڪن هجي، شايد نہ هجي."

"تہ پوءِ ٻڌ، جيڪوس! هڪ درخواست بادشاهہ ۽ راڻيءَ جي خدمت ۾ پيش ڪئي وئي هئي. سواءِ تنهنجي، اسان سڀني بادشاهہ کي اها درخواست ونندي ڏٺو جڏهن هُو راڻيءَ سان گڏ گاڏيءَ ۾ گذري رهيو هو. ڊيفارج، جنهن کي تون ڏسي رهيو آهين، اهوئي پنهنجي جند جوکي ۾ وجهي، گهوڙن جي پٺيان پڄندي درخواست هٿ ۾ کڻي ويو هو." جيڪوس نمبر هڪ رکائيءَ وچان چيس.

"۽ اهو بہ هڪ پيرو ٻڌي وٺ تہ سوارن ۽ پيدل جڻن هن کي گهيري ورتو ۽ ڏاڍي مار ڪيڀائونس. ٻڌءِ!" جيڪوس نمبر ٽي گوڏن ۾ جهڪيو وينو هو. هن جو آگريون وڏيءَ ڏاڙهيءَ سان سندس نازڪ نازڪ رڳن تي ڊوڙي رهيون هيون. هُنَ جي اکين ۾ هڪ اهڙي ٻک هئي، جنهن جو ڪائڊ پيئڊ سان ڪو تعلق نہ هوندو آهي.

"مان ٻڌي رهيو آهيان، صاحبو!"

"اڳتي ٻڌاءِ!" ڊيفارج چيو.

"ٻئي پاسي ماٺهو جهرٽي وٺ هي ڏسڻ ۾ ڪري رهيا آهن تہ هُو اسان جي ڳوٺ ۾ انهيءَ جاءِ تي قتل ڪرڻ لاءِ آندو ويو آهي. هُو تہ اها سس پس ۾ ڪن ٿا تہ جيئن تہ هن مارڪوئيس کي قتل ڪيو آهي ۽ مارڪوئيس پنهنجين آسامين جو مائي باپ هو. آسامي چئو يا غلام چئو ان ڪري هن کي ماءُ پيءُ جي قاتل جي حيثيت ۾ ماريو ويندو. جهرٽي وٺ هڪ ڪراڙو ماٺهو آهي، اهو چوي ٿو تہ هن جي ساڄي هٿ ۾ خنجر ڏٺي، هن جي اکين جي سامهون تپايو ويندو ۽ هن جي هڏن، سيني ۽ جنگهن ۾ زخم ڪري، انهن ۾ ٻڙڪندڙ تيل، وِگهريل سِيهو، ڳڙهندڙ لاک، ميڻ ۽ گندرف وڌو ويندو. پڇاڙيءَ ۾ چئن مضبوط گهوڙن جي جسم سان ٻڌي، هُنَ جي بدن جا ٽڪرا ڪيا

ويندا. اهو ڪراڙو ماڻهو چوي ٿو ته جنهن ماڻهوءَ لُوئي چوڏهين ڪي قتل ڪيو هو تنهن سان به ائين ڪيو ويو هو. هاڻ مون کي ڪهڙي خبر ته هُو ڪُوڙ ٿو هڻي يا سچ ٿو چوي. مان ڪو عالم فاضل ته ناهيان." ڳوناڻي چيو.

"ته پوءِ هڪ پيرو وري ٻڌ. جيڪوس!" ان ماڻهوءَ چيو. جنهن جون آڱريون وڍيءَ بي چينيءَ سان سندس چپن تي ڊوڙي رهيون هيون ۽ جنهن جي اکين ۾ شديد بک هئي.

"ان قيديءَ جو نالو بامين هو ۽ اهو سڀ ڪجهه ڏينهن ڏٺي جو ٿيو هو. پيرس جي گهٽين ۾ ۽ تماشائين ۾ ڪو به ماڻهو ايڏو گهٽو نمايان نه هو. جيترو شريف ۽ سڌريل عورتون هيون. جيڪي پچاڙيءَ تائين منجهس وڏي دلچسپي ونڊيون رهيون ۽ انجام... جيڪوس!... رات جو دير سان وڃي ٿيو. ان مهل هُنَ جون ٻئي جنگهون ۽ هڪ هٿ ضايع ٿي چڪا هئا. پر هُو ساهه کٽي چڪو هو ۽ اهو سڀ ڪجهه جڏهن ٿيو هو ته... تنهنجي عمر چا آهي؟"

"پنجٽيهه سال..." بيلدار چيو. حالانڪه هُو ست جو لڳي رهيو هو.

"اهو سڀ ڪجهه جڏهن ٿيو هو تڏهن تون ڏهن سالن کان ٿورو وڌيڪ عمر جو هُئين. توکي ته سڀ ڪجهه ياد هوندو."

"بس ايترو ڪافي آهي. خدا شيطان جي عمر وڏي ڪري اڇتي ٻڌاءِ..." ڊيفارج بي قراريءَ وچان چيس.

"ڪي هِيئن ٿا چون. ڪي هُونءَ ٿا چون. ان کان سواءِ بي ڳالهه ئي نه ٿا ڪن. لڳي ٿو ته جهرٽو به هن سان سُرَ ۾ سر ملائي رهيو آهي. نيٺ جڏهن سڄو ڳوٺ نند ۾ ڳهريو پيو آهي. سپاهي اچن ٿا. جيل ڏي وڃڻ مهل انهن جي بندوقن جو ڪڙڪو سنهڙي گهٽيءَ وارن پٿرن تي پڙاڏا ڪري ٿو. مزور کوٽن ٿا. نَڪا نُڪي ڪن ٿا... سپاهي ڪِلن ٿا ۽ ڳائن ٿا. صبح جي مهل. جهرٽي جي ڪپر تي ڪتل چاليهه فُٽ سُولي. جهرٽي جي پاٽيءَ ۾ زهر وجهي رهي آهي."

بيلدار ڪمري جي چت ڏي ڏسڻ بدران ان جي آرپار ڏسي ائين اشارو ڪيو جڻ ته سُولي پري ڪٿي آسمان ۾ لڙڪي رهي هجي.

"سپ ڪجهه رکجي ويو آهي. سپ گڏ ٿي وڃن ٿا. ڪو به ڳڻون چارڻ نه ٿو وڃي. ڳڻون به گڏ ٻيٽل آهن. ٻيهر ڀرڻ مهل نغاري جو آواز گونجي ٿو. سپاهي رات جو جيل ۾ اندر ويا هئا. هُو ڪيترن ئي سپاهين جي وچ ۾ نظر اچي ٿو. هُنَ جا هٿ اڳ وانگر ٻڌل آهن. ان کان سواءِ هنن سندس جي وات تي ڪپڙو به ٻڌي ڇڏيو آهي ۽ ايترو ته زور سان ٻڌو اٿائونس جو هن واڇون چيرجندي محسوس ٿي رهيون آهن. هُو ڇڙ ته ڪلندي محسوس ٿي رهيو آهي." هُنَ آڳونو پنهنجي وات ۾ وجهي، پنهنجون واڇون ڪنن ڏي ڇڪيندي وضاحت ڪئي. "سُولي‌ءَ مٿان هڪ خنجر ڪُتَلُ آهي جنهن جي ڇُنهنب مٿي اُپي ٽيل آهي. هن کي چاليهه فُٽ اوچي‌ءَ سولي‌ءَ تي لڙڪايو ويو آهي. هُو لڙڪيل... پاڻي‌ءَ ۾ زهر وجهي رهيو آهي."

منظر جي ياد تازي ٿيڙ جي ڪري هن کي پگهر اچي ويو آهي، جيڪو هن پنهنجي نيري‌ءَ ٽوپي‌ءَ سان اُکهي ڇڏيو. ان وچ ۾ ٻڌڻ وارا هڪٻئي کي غور سان ڏسندا رهيا.

"ڪيڏي نه پيانڪ ڳالهه آهي. وڏي خوفناڪ. صاحبو! عورتون ۽ ٻار پاڻي ڪيئن ٿا پري سگهن. سولي‌ءَ جي پاڇي ۾ ويهي ڪير ٿو ڪچهري ڪري سگهي. سومر جي رات، جڏهن سج موڪلائڻ جي ڪري رهيو هو ۽ مان ڳوٺ مان نڪري رهيو هيس، تڏهن مون پوئتي پٽ ورائي ڏٺو. سولي‌ءَ جو پاڇو گرجا مٿان پئجي رهيو هو. پن چڪي‌ءَ تي پئجي رهيو هو. جيل خاني کان لنگهي، زمين جي ان ڪنڌ تائين پئجي رهيو هو جتي زمين ۽ آسمان ملي هڪ ٿين ٿا."

بکيو همراهه پنهنجي هڪ آگر ڪُتري رهيو هو ۽ ٻئي طرف ڏسي رهيو هو. خواهش جي چتائي‌ءَ جي ڪري هن جي آگر ڏڪي رهي هئي.

"بس، صاحبو! مون کي ايتري ئي خبر آهي. سج لهڻ کان پوءِ مان روانو ٿي ويس. جيئن مون کي حڪم مليل هو. مان سڄي رات ۽ ٻئي ڏينهن جي اڌ تائين پنڌ ڪندو رهيس. تڏهن مان هن مهربان دوست سان مليس. جيئن مون کي ٻڌايو ويو هو ۽ هن سان گڏ ڪڏهن سواري‌ءَ

تي تہ ڪڏهن پنڌ. ڪالهوڪو باقي ڏينهن ۾ رات ائين گذريا ۾ باقي هاڻي توهان مون کي هتي ڏسي رهيا آهيو."

"شاباش! تو پنهنجي قول ۾ فعل سان ثابت ڪري ڇڏيو تہ تون ڏاڍو وفادار ماڻهو آهين. چا تون کا گهڙي باهر ويهي اسان جو انتظار ڪري سگهندين؟" ڪجهہ دير تائين نفرت پريل ماٺ ڇانيل رهي، پوءِ جيڪوس نمبر هڪ چيو. "جڏهن هُو موتي آيو تڏهن ٽئي مٽو ٻڌيون ويٺا هيا."

"تنهنجي چا راءِ آهي. . . فهرست ۾ لکي ڇڏجيس." جيڪوس نمبر هڪ پچيو.

"تباهہ ۾ برباد ڪيو ويندڙن واريءَ فهرست ۾ لکيو وڃي." ڊيفارج چيو.

"ڏاڍو سُنو." خواهش هٹان مجبور همراهہ چيو.

"محل ۾ سڄي نسل کي؟" پهرئين همراهہ پچيو.

"محل ۾ سڄي نسل کي نيست ۾ نابود ڪيو وڃي."

بکئي انسان وري "ڏاڍو سُنوا" جو نعرو هنيو ۾ پنهنجي ٻي آگر چباڻڻ لڳو.

"چا توکي چگيءَ طرح پڪ آهي تہ هن فهرست جي رکڻ وارن طور طريقن جي ڪري ڪي ڏکيائيون تہ پيش نہ ايندیون." ٻئي جيڪوس، ڊيفارج کان پچيو. "هونءَ تہ محفوظ طريقو آهي. تہ اسان کان سواءِ هن کي ٻيو ڪو بہ پڙهي نہ ٿو سگهي، پر چا اسان هميشہ پڙهي سگهنداسين. منهنجو مطلب آهي تہ اها انهن نشانين مان ڪو مطلب ڪڍي سگهندي؟"

"جيڪوس! جيڪڏهن منهنجي زال فهرست کي پنهنجي دماغ ۾ رکڻ جو فيصلو بہ ڪري وٺي، تڏهن بہ هوءَ هڪ لفظ يا هڪ اکر بہ نہ وساريندي. هن جي پنهنجي اُٹ ۾ پنهنجا نشانَ هُو ايڏي تہ سولائيءَ سان سمجهي ويندي آهي، جڻ سِجُ هجن. اها ڳالهہ ميڊم ڊيفارج تائين پهچائي ڇڏيو. بزدل کان بزدل سپاهيءَ لاءِ بہ پنهنجي هستي مِٽائڻ سولو هوندو. پر پنهنجي نالي

۽ عمل جو هڪ حرف به ميڊم جي هن اُٽيل رجسٽر مان ڪير مِٽائي نه سگهندو."

سيني رضامنديءَ جو اظهار ڪيو. هُو ماٺو جيڪو بڪيو هو سو پڇڻ لڳو "چا هِنَ جٽ کي ترت ئي واپس روانو ڪيو ويندو. منهنجي خيال ۾ ته هي ڏاڍو سادو آهي. چا انهيءَ ۾ هن جي لاءِ ڪو خطرو ته ناهي؟"

"هُو ڪجهه به نه ٿو ڄاڻي. جيڪو ڪجهه ڄاڻي ٿو ان جي ڪري هُو پاڻ وڏيءَ سولائيءَ سان ايڏيءَ ئي اُوچي سوليءَ تي چڙهي ويندو. مان هن کي پنهنجي نگرانيءَ ۾ رکندس ۽ واپس موڪلينداس. هُو بادشاهه ۽ راڻيءَ جي دربار جو شان شوڪت ڏسڻ گهري ٿو. آڇر جي ڏينهن هن کي ڏيکاريندا سين." ڊيفارج چيو.

"چا؟" جذباتي همراهه حيرت وچان دوڏا ڦاڙي ڏنو "چا اهي کي سُڻا آثار آهن ته هُو شهنشاهيت ۽ رياستي شان جو نظارو ڪرڻ ٿو چاهي."

"جيڪوس! سياڻپ انهيءَ ۾ آهي، ته جي تون چاهين ته ٻليءَ جي کير پيئڻ جي خواهش وڏي ته هن کي کير نه ڏيکارجي. پر ڪتي کان شڪار ڪرائڻ چاهين ٿو ته هن کي اصلي شڪار ڏيکاري ڇڏ ته جيئن هُو هڪ ڏينهن کيس پڪڙي وڃي."

ان ڪانپوءِ ڪجهه به نه چيو ويو. بيلدار جيڪو ڊاڪ ٿي ئي ڊڪرن ۾ پڄي ويو هو تنهن کي هدايت ڪئي وئي ته هُو پلال جي پاڻاري تي سمهي پوي. هن کي وڏيڪ چوڻ جي گهرج نه هئي. هو ڏاڍو ٽڪل هو ليٽندي ئي ننڊ ڪڍي ويس.

هُنَ ڳوٺاڻي غلام کي پيرس ۾ هِنَ شراب جي دڪان کان ڪنهي جاءِ به سولائي سان ملي سگهي پئي. ميڊم کان سواءِ، هڪ اڪ چٽي ڊپ جي، باقي زندگي قطعي نئين ۽ دلچسپ هئي. ميڊم سجو ڏينهن ميز تي وينِي هوندي هئي ۽ قطعي طور تي اهو فيصلو ڪري چڪي هئي ته هُوءَ هن ڏي ڪو به ڌيان نه ڏيندي ۽ هن کي ڪنهن به گهري سازش سان لاڳاپيل شمار نه ڪندي. هوءَ جنهن محل به هن ڏي ڏسندي هئي ته هُو

ڏکڻ لڳندو هو. چو تہ هن کي هر محل ڊپ هوندو هو تہ کا بہ خبر ناهي تہ هُو ڪيڏي محل، الائي ڪهڙو فساد ڪڙو ڪري ڏئي. نہ ڄاڻ ڪهڙي محل هن جي چمڪندڙ متي ۾ ڪا ڳالهہ ويهي رهي ۽ هُو هن متان قتل جو الزام هٽي. اهو بهانو گهڙي ونڊي تہ هن مقتول جي کل چمڪي لاٿي آهي تہ پوءِ پلا هن کي ڪير روڪي سگهندو. پڪ سان هُوءَ سمورو ڪيل ختم ڪري پوءِ بس ڪندي تنهنڪري جڏهن آچر آيو تہ هن کي اهو ڄاڻي ڪا بہ خوشي نہ ٿي تہ ميڊم بہ هن سان ۽ موسيو سان گڏ مارسيلز ويندي. جيتوڻيڪ هن پنهنجي بي انتها خوشيءَ جو اظهار ڪيو. هن کي ڏاڍي پريشاني ٿي رهي هئي. جڏهن هُو گاڏيءَ ۾ سڄي واٽ اُوني اُڻتِ ڪندي رهي ۽ وري رش ۾ بہ ميڊم پنهنجي اُڻتِ ڪندي رهي جڏهن ماٿهو راٿيءَ ۽ بادشاهہ جي گاڏيءَ جي ديدار لاءِ گڏ ٿيا تہ هن کي ايڏا بہ گهٽي وحشت ٿيڻ لڳي.

"تون ڏاڍي محنت ٿي ڪرين؟ ميڊما" هن جي ويجهو هڪ ماٿهوءَ چيو.

"ها. مون کي گهٽوڪجهہ ڪرڻو آهي." ميڊم ڊيفارج وراٿيس.

"ميڊما ڇا ناهي رهي آهين؟"

"ڪوڙ ساريون شيون."

"مثال طور...؟"

"مثال طور تي ڪفن!" ميڊم وڏي اطمينان سان وراٿيو.

موقعو ملندي ئي اهو ماٿهو اُتان ڪسڪي ويو ۽ بيلدار گرميءَ ۽ هوسٽ کان پريشان ٿي، پنهنجي ٽوپيءَ سان پاڻ کي هوا ڏيڻ لڳو. جيڪڏهن راٿي ۽ بادشاهہ جو وجود ئي ڪيس سگهہ بخشي سگهي پيو تہ پوءِ سنڊس دوا قريب هئي. ترت ئي وڏي ٻوٽ وارو بادشاهہ ۽ سنڊس سهٽي راٿي، ڪلندي، ٿهڪ ڏيندي، دربار جي عورتن ۽ چمڪندڙ شاهي نشان جي ساڻ ۾، پنهنجي سونهري گاڏيءَ ۾ گذرڻ لڳا ۽ اُهي ريشم ۽ هيرن جواهرن ۾ ٽهيا پيا هئا. هنن جي عمدن لباسن ۽ سينگاريل مڪڙن تي وڏائي ۽ گستاخي چٽي ٻکي رهي هئي. بيلدار هنن کي ڏسي، عارضي طور تي اهڙو تہ مدهوش ٿي ويو جو 'بادشاهہ زندابادـ . . راٿي

زندابادَ ۾ هر ڪو زندابادَ. هر شئي زندابادَ' جا نعرا هٽڻ لڳو. جڏ تہ هُنَ هر هنڌ موجود رهڻ واري جيڪوس جي تقرير زندگيءَ ۾ ڪڏهن ٻڌي ئي نہ هئي. پوءِ هُنَ باغ، چوڪ، چڇهريون، ڦوهارا ڏٺا... بادشاهہ ۾ راڻيءَ کي هر هر ڏٺو. شاهي شان، لاردِ صاحبان ۾ ليڊين کي ڏٺو ۾ سيني کي زندآباد چيو. ايتري حد تائين جو جذبن هٿان پَروس ٿي روئڻ لڳو. هن پوري منظر جي وچ ۾ جيڪو منظر لڳ ڀڳ ٽن ڪلاڪن تائين هن جي نظرن جي اڳيان گذرندو رهيو ڊيفارج کيس ڇڇيءَ کان پڪڙي، جهلي رکيو نہ تہ هُو انهن ديوين ۾ ديوتائن مٿان اٽلي پوي ها ۾ انهن جا پرزا اڏائي ڇڏي ها.

"شاباش! تون ڏاڍو لاجواب ماڻهو آهين." ڊيفارج جلوس جي پڄاڻيءَ تي، هڪ قوم جي خادم جي حيثيت ۾، هن جي پُٺي ٺپيندي چيو. بيلدار کي هاڻي هوش اچي رهيو هو ۾ کيس محسوس ٿي رهيو هو تہ آخر ۾ هن جو رويو ڪجهہ اعتراض جوڳو ٿي ويو هو پر نہ.

"اسان کي تو جهڙن انسانن جي ضرورت آهي." ڊيفارج هُنَ جي ڳڻ ۾ چيو. توکي ڏسي اهي بي وقوف سمجهن ٿا تہ اهي سدائين ائين ئي هوندا. تڏهن تہ اهي ايڏا وڏيڪ گستاخ ٿي وڃن ٿا ۾ منزل ايڏا وڏيڪ ويجهي اچي ويڃي ٿي."

"ازڻِ ها، اها تہ بلڪل صحيح ڳالهہ آهي." بيلدار ڳالهہ سمجهندي وراڻيو.

"اهي ڇڏ ڪجهہ نہ ٿا ڄاڻن. حالانڪہ اهي توکان نفرت ڪن ٿا، ۾ توکي ۾ تو جهڙن سوين انسانن کي، پنهنجن ڪتن ۾ گهوڙن مٿان بنان ڪنهن هڪ جي قربان ڪري ڇڏيندا. پر تون جيڪو ڪجهہ بہ چوين ٿو انهيءَ کي سچ سمجهن ٿا. هنن کي گهڙيءَ کن لاءِ اهو ڏوکو کائڻ ڏي، اهو ڏوکو گهڙو وقت قائم ناهي رهڻو."

ميلبم ڊيفارج ڏڪار وچان بيلدار ڏانهن ڏٺو ۾ هاڻوڪار ۾ ڪنڌ کي لوڏيو.

"۾ تون، ڪهڙو بہ هل هنگامو هجي، ائين ڳوڙها وهائيندين. ڪيئن ائين آهي نہ؟"

"واقعي ميڊم! منهنجو به اهوئي خيال آهي. في الحال ته...!"

"جي توکي گهٽيون ئي گڏيون ڏيکاري چيو ويجي ته هنن مان جيڪي چاهين اهي پيچي چڏ. چو ته انهيءَ ۾ ئي تنهنجو فائدو آهي. ته تون سيني کان وڌيڪ سينگاريل ۽ قيمتي گڏيون ئي چونڊيندين نه...!"

"پڪ سان، ميڊم!"

"جيڪڏهن توکي پرن ڪٽيل جهرڪين جو هڪ ميڙ ڏيکاريو ويجي ۽ توکي چيو ويجي ته پنهنجي مفاد لاءِ انهن جا پَرَ ۽ بُجَ پٽي اڇلائي چڏ. ته تون سيني کان سهڻن پَرن واريون جهرڪيون ئي چونڊيندين!؟"

"ها، ميڊم!"

ميڊم ان پاسي ڏانهن هٿ جو اشارو ڪري چيس، جنهن پاسي هاٿي وارو جلوس گذري رهيو هو... "اڄ تو گڏيون ۽ جهرڪيون ڏسي ورتيون... هاٿي گهر وڃ!"

باب سورهون

لاڳيتي اُٽتِ

ميڊم ڊيفارج ۽ سندس مڙس موسيو ڊيفارج، سُرها سُرها سينٽ انتائين ڏي موٽي آيا ۽ هڪ معمولي نُڪتو. . . نيري ٽوپي پايون. . . اُوندهه ۽ ڏنڊ مان لنگهندي ۽ ٽُڪو ٽٽو ميلن تائين پنڊ ڪندو سڙڪ جي ڪناري هلندو ان مرڪز ڏانهن وڃي رهيو هو جتي مرحوم مارڪوئيس صاحب جو محل، وٽن جي وچ ۾ وٽن جا سَرڙاٽ ٻڌي رهيو هو. هاڻي انهن پٽراوَن ڇهرن وٽ، وٽن ۽ جهرٽي جا سرهاٽ ٻڌڻ لاءِ گهٽو وقت هو. ڇو ته جهرڪين کي ڊيڄارڻ وارن پاڇن جهڙا ڇڻ، جيڪي اُتي ٻارڻ واريون سُڪيون ڪاٺيون ۽ ڪائڻ لاءِ جڙي ٻُوٽيون گڏ ڪرڻ ايندا هيا، اهي بالاخاني جي ڏاڪڻين ۽ پٽر واري آڳر ڏي ٻه اڇي نڪرندا هيا. انهن مَتِ جي مُوڙهن جو چوڻ هو ته پٽريلن ڇهرن جو شڪليون بدلجي ويون آهن. ڳوٺ ۾ هڪ خبر پکڙجي ويندي هئي ته پوءِ اها ڳوناٽن جي ڏنڊلي وجود وانگر وهم بڻجي پکڙجندي رهندي هئي. جڏهن خنجر جو وارُ ٽيو ته پٽريلن ڇهرن تي غرور ڇانئجڻ بدران، ڪاوڙ ۽ تکيلف ڇانئجي وئي ۽ جڏهن قاتل کي چالیهن فٽن جي اوچائي تي جهرٽي مٽان ڦاهيءَ لاءِ لڙڪايو ويو ته اهي ڇهرا وڏي بي رحميءَ سان بدلي ونڻ لاءِ مطمئن نظر اچڻ لڳا. ان بيبد روم جي دريءَ وٽ، جتي قتل ٽيو هو هڪ پٽر جي ڇهري جي نَڪَ جي ناسن جا ڪڏا ٻه ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا، جن کي هر ماڻهو سيڃاڻڻ لڳو ته اهي اڳ ڪڏهن ڏسڻ ۾ نه آيا آهن. ۽ جڏهن ميڙ مان ٻه چار جڻ، مارڪوئيس صاحب جي لاش تي هڪ مٽاڇري نهار ڏجهڻ جي لاءِ اڳتي وڌيا ته ڪنهن جي ڪانيءَ جهڙي آڳر هن ڏي هڪ منڻ ٻه اشارو نه ڪري سگهي هئي ۽

اهي سڀ وٽي پڳا ۽ ڊپ وچان پلال ۽ گاهه ۾ انهن سيهڙن وانگر لڪي ويا هيا. جيڪي انهن کان وڌيڪ پاڳوند هيا. جو اهي اتان پنهنجي خوراڪ ۽ حاصل ڪري پئي سگهيا.

محل ۽ جهوپڙي. . . پٿريلا چهرا ۽ سولي‌ءَ تي لڙڪندڙ جسم. . . پٿر جي فرش تي ڳاڙهو ڇُٽو. . . ڳوٺ جي ڪُوهَه جو صاف پاڻي. . . فرانس جو هڪڙو پورو ڳوٺ. . . اڄا به سڄو فرانس ڪاري رات سندي آسمان هيٺان. هڪ باريڪ نُڪتي تي گڏ ٽيل هو. ائين ئي سڄي دنيا ساڻ پنهنجي ويڪر ۽ سوڙهه جي هڪ ننڍڙي تاري وانگر ٽمڪندي نظر اچي رهي آهي. جيڪڏهن هڪ معمولي انسان جو عقل روشني‌ءَ جي ڪرڻن کي ورهائي. مادي جو راز ڄاڻي سگهي ٿو ته پهتل ذهن به اسان جي دنيا جي جهيڙي چمڪ ۽ ان ۾ وسندڙ ڏميوار انسان جي عمل ۽ خيال. سُڀائي ۽ برائي جو پتو لڳائي سگهي ٿو.

موسيو ۽ ميڊم ڊيفارج تارن جي چان‌ءَ هيٺ. ڪرائي جي گاڏي ۾ لوڙا ڪائيندا. پيرس جي وڏي ڦاٽڪ ڏي وڌي رهيا هئا. جو ته اهائي سندن منزل هئي. اهوئي ساڳي پراڻي دستور مطابق. سرحدي پهريدارن سيني کي بيهاري‌ءَ گاڏين اندر لالٽينن جي سوجهري ۾ تلاشي ورتي. ميڊم ۽ موسيو ڊيفارج هيٺ لٿا. جو ته اهي ٻن پهريدارن ۽ هڪ سپاهي‌ءَ کي سڃاڻندا هيا. سپاهي‌ءَ سان هنن جي سڻي ڏيٺ ويٺ هئي. هُو هنن سان پاڪر پائي مليو.

جڏهن ڊيفارج وارا هڪ پيرو وري سينٽ انٽائين جي ميري گندي هنج ۾ موٽي آيا ۽ سينٽ جي حدن ۾ لٿا ۽ پنهنجي گهٽي‌ءَ جي ڪاري گپ ۽ گند ۾ پنڌ وڇڻ لڳا. تڏهن ميڊم ڊيفارج مڙس کي چيو. "پيارا! ٻڌاءِ ته توکي پوليس واري جيڪوس چا ٻڌايو؟"

"ڏاڍو گهٽ ٻڌايائين. پر جيڪا هن کي خبر هئي. سا سڀ ٻڌايائين. هن چيو ته. اسان جي پاڙي ۾ هڪ نئون جاسوس مقرر ٿيو آهي. ممڪن آهي ته ٻيا به هجن. پر هن کي خبر رڳو هڪ جي آهي."

"هائو. . . ! ته پوءِ ان جو نالو به فهرست ۾ درج ٿيڻ گهرجي. چا نالو آهي هن جو؟" ميڊم چيو.

"اهو انگريز آهي."

"اها تہ اجا سُڻي ڳالهہ آهي. چا نالو آهي هن جو؟"

"برسادِ." ڊيفارج نالو حاصل ڪرڻ ۾ وڏيءَ هوشياريءَ کان ڪم ورتو هو. هن بلڪل صحيح اچار ڪيندي فرانسيسي هجي ۾ نالو ٻڌايس.

"برسادِ... ڏاڍو سُنو.. پهريون نالو چا اٿس؟" ميبم چيو.

"جان!"

"جان برسادِ!" ميبم نالو ٿي پيرا ورجايو. "ڏاڍو پلو.. صورت شڪل جي ڪا خبر؟"

"عمر چاليهن جي لڳ ڀڳ قد پنج فٽ نَو انچ. وار ڪارا، رنگ سانورو. عام طور تي موچاري منهن وارو ڄاتو ويندو آهي. اڪيون ڪاريون، منهن ڏگهو سنهڙو ۽ ڇِڪو.. نڪ سنهو باز جهڙو، پر سڌو نہ. عجيب نموني سان ڪپي ڳل ڏي مُڙيل اٿس. ان ڪري ڏسڻ ۾ وڏو پوائنٽو آهي."

"واهِ! چا مهانڊا ٻڌايا اٿئي. سياڻي سُڄاپجي ويندو." ميبم کلندي چيو. ٻئي شراب جي دڪان ۾ داخل ٿيا. جيڪو بند ٿي چڪو هو. چو تہ اڌ رات ٿي چڪي هئي. ميبم ڊيفارج تڪڙ ۾ پنهنجي ميز تي وڃي ويٺي. ريجو جيڪو هن جي غيرحاضريءَ ۾ گڏ ٿي ويو هو سو ڳٽيائين. مال جو جائزو ورتائين. رجسٽر ۾ لکت جاچيائين. ڪجهہ پاڻ لکيائين. شراب ڏيڻ واري جي پاران چڱيءَ طرح مطمئن ٿي، پوءِ هن کي وڃي سمهڻ جو چيائين. هُنَ جي وڃڻ کانپوءِ ريجو وڃي ڪڍيائين. ان کي پنهنجي رومال ۾ رات جو حفاظت سان رکڻ جي لاءِ ننڍين ننڍين ڳنڍين ۾ ٻڌائين. ان وچ ۾ ڊيفارج وات ۾ سلفي وجهيون. هيڏي هوڏي ڦرندو رهيو. ميبم کي عزت جي نگاهہ سان ۽ ڪجهہ برتريءَ واري احساس سان ڏسندو رهيو پر هن جي ڪم ۾ دخل اصلي نہ ڏنائين. اهو سچ ٻہ هو تہ جيسيتائين هن جي گهرو زندگي ۽ ڪاروبار جي انتظام جو سوال هو هن جو ڪم رڳو هيڏي هوڏي ڦيرڦون پائڻ ئي هو.

رات ڪوسي هئي ۽ شراب جو دڪان ڇڻي پاسن کان غلط پاڙيسرين ۾ گھيريل هو ۽ بند هجڻ جي ڪري ڏپ سان پريل هو. هُونءَ به موسيو ڊيفارج جي سنگھڻ واري سَکھ گھٽي تيز نه هئي. شراب ۾ مزو گھٽ هو. بُوءِ گھٽي هوندي هيس. اهو ئي حال رم، برانديءَ ۽ وڏڪ جي شراب جو هو. هن اُٽندڙ بدبُوءِ جي جُھوڻن کان ڏڪار جو اظهار ڪيو ۽ وسامي ويل سلفي رکي ڇڏائين.

"تون گھٽو ٽڪجي پيو آهين. نه ته اها ئي بدبُو ساڳي روز واري ئي ته آهي." ميبم ٻن پيسن جي ڳنڍڙي ڏار ٻڌندي اک ڪٽي هن ڏي ڏٺو.

"مان ٽورو ٽڪجي پيو هان." مڙس به ڳالهه مڃي.

"ڪجهه مايوس به ٿي رهيو آهين. هَئي ڙي مرد ذات!" ميبم جنهن جو پيسن ڏي ايترو ڌيان نه هو پر پنهنجي مڙس کي وڏي ڌيان سان ڏسي رهي هئي.

"پر... منهنجي پياري!" ڊيفارج چوڻ شروع ڪيو.

"پر منهنجا پيارا!!" ميبم سخت لهجي ۾ چئي ڪنڌ لوڏيو "پر منهنجا پيارا! اڄوڪي رات تنهنجي دل ٻڌي پئي وڃي! منهنجا پيارا!!"

"ڏاڍو ٽائيم ڪپي." هن ائين چيو. جڻ ته زوريءَ سنڊس سيني مان خيال ڪڍيا ويا هجن.

"ٽائيم ته ڪپندو ئي آهي." هن جي زال ورجايو "۽ ٽائيم ڀلا ڪڍهن ناهي لڳندو! بدلي وٺڻ ۾ نقصان جي پوراءِ لاءِ هڪڙو زمانو ڪپندو آ."

"هڪ ماڻهوءَ مٽان ڪنوڻ ڪيرائڻ ۾ گھٽو وقت ناهي لڳندو." ڊيفارج چيو.

"چڱو اهو ته ٻڌاءِ ته سرمايو گڏ ڪرڻ ۾ گھٽو وقت لڳندو آهي." ميبم اطمينان سان پڇيس. ڊيفارج سوچيندي پنهنجو مٿو ائين مٿي ڪيو جڻ ته واقعي ان ۾ ڪجهه هيو.

"هڪ زلزلي کي سڄو شهر ڳهڻ ۾ ڪا گھٽي دير نه لڳندي آ... صحيح!؟... پر تون ٻڌائي سگھين ٿو ته ان زلزلي کي تيار ڪرڻ ۾ ڪيترو وقت ڪپندو آهي؟" ميبم چيو.

"منهنجو خيال آ ته گهڻو وقت لڳندو هوندو." ڊيفارج مڃي ورتو.
"ڀ جڏهن اهو تيار ٿي ويندو آهي ته پو ڪاٽي پوندو آهي. جيڪا بہ شئي سندس سامهون ايندي آهي، تنهن کي پينهي چڏيندو آهي. ان وچ ۾ اهو توٽي جو ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي، پر هُو تيارين ڪندو رهندو آهي. اهوئي تنهنجو سهارو آهي، ان کي ياد رکجانءِ" هن جرڪندڙ اکين سان ڏسندي، هڪڙي ڳنڍ اهڙي ته چمڪي ڏني، جو جڻ ته ڪنهن دشمن جي ڳچي گهٽي رهي هجي.
"مان بڏائي ٿي چڏيانءِ" هن ڳالهہ تي زور ڏيڻ لاءِ پنهنجو ساجو هٿ اڳتي ڪندي چيس. "هُو توٽي جو پري، سڙڪ تي هلي رهيو آهي، پر وڏندو پيو اچي. . . منهنجي ڳالهہ مڃ. . . هُو ڪڏهن بہ موٽي ناهي ويندو ۽ ڪڏهن بہ ناهي رکجندو!"
"منهنجي ڳالهہ بڏا هُو اڳتي ئي وڏندو پيو اچي. پنهنجي چئني پاسن ڏانهن ڏس. پنهنجي آس پاس رهڻ واريءَ دنيا جي زندگي، جنهن کي اسان ڄاڻون ٿا، ان تي نظر وجهہ. ان ڪاوڙ ۽ بي چينيءَ ڏي ڏس، جيڪا جيڪوس فرقي جي تقريرن ۾ هر ڏينهن وڌي رهي آهي. هر ڪلاڪ سان گڏ اميد بہ وڌي رهي آهي. ڇا هي حال سدائين ائين قائم رهي سگهي ٿو. . . هَئي. . .!! مون کي تنهنجي حال تي ڪل ٿي اچي."
"منهنجي بهادر ساٿياٽي!" موسيو ڊيفارج پنهنجي زال اڳيان ڪنڌ جهڪايون، هٿ پويان بڌيون، ائين بيٺو هو جيئن ڪو مسڪين ۽ شريف شاگرد پنهنجي استاد اڳيان بيٺو هوندو آ. "مون کي ان اهميت کان انڪار ناهي، پر اهو سلسلو گهڻي عرصي کان ائين ئي هلي رهيو آهي ۽ تون ڄاڻين ٿي ته ممڪن آهي ته اسان جي زندگين ۾ نہ اچي سگهي."
"هُون. . . ته پوءِ" ميڊم ٻي ڳنڍ بہ اهڙيءَ ريت ڏني، جڻ دشمن جي ڳچي گهٽي چڏي هجائين.
"ته پوءِ . . اسان سوچ کي پنهنجين اکين سان ڏسي نہ سگهنداسين." ڊيفارج ڪجهہ شڪايت ڪندي ته ڪجهہ عذر واري لهجي ۾ چيو.

"پر اسان مدد ته ڪئي سين نه" ميلبم پنهنجي هٿ ڪي لوڏو ڏيندي چيو"اسان جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهيون. اهو اجايو نه ويندو. مان ته پنهنجي روح جي گهرائين سان محسوس ڪيان ٿي ته اسان فتح جو منهن ڏسنداسين. پر جيڪڏهن مون کي پڪ به ٿي وڃي ته انقلاب نه ايندو تڏهن به مون کي جي ڪنهن مٿين طبقي واري جي ڪچي هٿ اچي وڃي. ته مان هاٿي. . . به. . . مان. . ."

"بس." ڊيفارج ائين محسوس ڪيو ته جڻ ته ڪيس بزدل چيو پيو وڃي ۽ هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. "پياري! مان به ڪا هيڪ محسوس نه ڪندس."

"ها پر اها تنهنجي ڪمزوري آهي ته توکي جوش ۾ اچڻ لاءِ گهٽو ڪري. پنهنجو شڪار ۽ موقعو ڏسڻ جي گهرج پوندي آهي. ان کانسواءِ پنهنجو جوش قائم رکڻ سڪ. جڏهن وقت ايندو تڏهن هڪ شينهن. هڪ شيطان کي ڊر ڏئي ڇڏجان. پر سدائين شينهن ۽ شيطان کي تيار رک. انهن کي آزاد نه ڪر. . . پر کين ڪجهي نموني تيار رک."

ان نصيحت جي ڊرامائي پڄاڻيءَ تي. ميلبم پيسن جي ڳڻيين جي ڊگهي زنجير بغل ۾ هنئي ۽ فيصلو ڪيائين ته سمهڻ مهل ٿي وئي آهي. ٻئي ڏينهن ٻيڇهريءَ جو قدر لائق ميلبم ٻيهر پنهنجي ويهڻ واريءَ جاءِ تي. شراب خاني ۾ نظر اچي رهي هئي ۽ وڏي ڏيان سان اُوني اُڻت ڪري رهي هئي. هن جي پرسان هڪڙو گلاب جو گُل پيو هو. هن پنهنجي ڪم ۾ بنان ڪنهن رڪاوٽ وجهڻ جي. ڪنهن ڪنهن مهل گل کي ڏسي پئي ورتو. ڪجهه گراڪ وينا پي رهيا هئا. ڪي وري هيڏي هوڏي ٻيٺا يا ويٺا هيا. يا وري گهمي رهيا هيا. گرمي ڏاڍي گهٽي هئي. مڪين جا ڊير شراب جي لالچ ۾ وڏيءَ حيرانيءَ ۽ هوس وچان ميلبم جي پر ۾ ننڍين ننڍين شراب جي گلاسن ۾ ٻڏي مري رهيا هيا. انهن جي موت سان ٻين مڪين کي ڪا پرواهه نه پئي ٿي. جڻ ته هُو پاڻ شايد هاٿي يا اهڙي قسم جي جانور وانگر محفوظ هيون ۽ پاڻ پنهنجي موت کان اڳ مرندڙ مڪين کي وڏيءَ بي حسيءَ سان ڏسي رهيون هيون ته اهي ڪيڏيون نه ڇريون هيون! پر سياري جي مند جي هن روشن

ڏينهن تي، شاهي دربار ۾ موجود درباري ۽ ڪو گهٽ بي حسيءَ ۽ بيوقوفيءَ جو ثبوت نه ڏئي رهيا هيا.

در مان اندر داخل ٿيندڙ هڪ ماڻهوءَ جو پاڇو ميڊم مٿان پيو. هن ترت ئي محسوس ڪري ورتو ته اهو پاڇو ڪنهن اوپري ماڻهوءَ جو آهي! هن انهيءَ ڏي ڏسڻ کانسواءِ ئي پنهنجي اُوني اُٽتِ وارو ڪم رکي ڇڏيو ۽ گلاب جو گل ڪٽي وارن ۾ هڻي ڇڏيو.

عجيب ڀالهه ٿي. جيئن ئي ميڊم گل وارن ۾ هنيو تيئن ئي گراڪ مات ٿي ويا ۽ هوري هوري دڪان مان کسڪي ويا.

"گڊ مارننگ ميڊم!" نئين آيل چيو.

"گڊ مارننگ موسيو!" اهو ته هن زور سان چيو پر هن اُٽت وارو ڪم وري ڪٽي ورتو ۽ پنهنجي دل ۾ ورجائڻ لڳي. "هَئي. . . گڊ مارننگ. . . عمر اٽڪل چاليهن جي ويجهو قد لڳ ڀڳ 5 فٽ 9 انچ، ڪارا وار. عام طور تي سهڻو مُنهُن مهانڊو سانورو رنگ. ڪاريون اکيون. سنهڙو ڊگهو ۽ ڦِڪو مُنهُن. باز جهڙو نڪ. پر سڏو نه ۽ عجيب نموني سان ساڄي ڳل ڏي جُهڪيل. جنهن جي ڪري بُوٽ پوائنٽو ٽي ويو اٿس. . . گڊمارننگ. . . سيئي هڪ ئي قطار ۾."

"مهرباني ڪري هڪ گلاس پراٽي ڪونياڪ قسم جي برانڊي ۽ هڪ ڊڪ تازو پاڻي. مهماني ڪيو ميڊم!"

ميڊم فرمائش پوري ڪري ڇڏي.

"هي ته لاجواب ڪونياڪ آهي. ميڊم!"

اهو پهريون پيرو هو جو اهڙي تعريف ڪئي وئي هئي. پر ميڊم ڊيفارج ڪي ان جي اصلي ڪارڻ جي خبر هئي ۽ هُوءَ دِلبي ۾ اچڻ واري نه هئي. پوءِ به هن چيو "اها ڪونياڪ جي عزت افزائي آهي." ۽ پوءِ وري اُٽت ۾ گم ٿي وئي. ملاقاتيءَ ٿوري دير تائين، هُنَ جي آگرين کي ڏنو ۽ پوءِ دڪان جو جائزو وٺڻ لڳو.

"ميڊم! ڏاڍيءَ قرتيءَ سان اُٽت ڪيو ٿيون!؟"

"مون کي ان جي عادت آهي."

"نمونو به سُٺو آهي."

"اهو توهان جو خيال آهي." ميڊم مرڪي هن ڏي ڏٺو.

"پڪ سان اهو ڄاڻي سگهان ٿو ته اهو ڪنهن جي لاءِ پيو اُٽجي!"

"وقت گذارڻ لاءِ" ميڊم مرڪندي هن ڏانهن ڏسندي چيو پر هن جون آڱريون ڦڙتيءَ سان هلندڙيون رهيون.

"استعمال جي لاءِ ناهي."

"ڏٺو ويندو. جي ڪنهن ڏينهن ڪم اچي ويو. . . ته استعمال ڪري وٺنديس." ميڊم ساهه ٽورو ڏگهو ڪنيو ۽ ڪجهه نخري سان ڪنڌ کي لوڏيو.

اها ڪمال جي ڳالهه هئي. شايد سينٽ انتائين وارن جو ذوق، ميڊم جي وارن ۾ گل هٽڻ خلاف هو.

بہ ماٺهو اندر داخل ٿيا. اهي شراب گهرڻ وارا ئي هئا، جو هنن ميڊم جي مٿي جي سينگار کي ڏٺو ۽ چرڪي بيهي رهيا. پوءِ اهو بهانو ڪري ته ڪنهن دوست جي ڳولا ۾ آيا هئا ۽ موٽي ويا. انهن ماٺهن مان بہ جيڪي هن جي اچڻ مهل وينا هيا، سي بہ نظر نہ پئي آيا. هُو سيئي هليا ويا هئا. جاسوس ڏاڍو چست لڳو وينو هو. پر هُو ڪو بہ اشارو پڪڙي نہ سگهيو هو. سيئي گراڪ وڏيءَ لاپرواهيءَ وچان، غربت جي ماريل ماٺهن وانگر. بلڪل قدرتي انداز ۾ اٿي ڪسڪي ويا. ان ڳالهه جي ڪري هنن تي ڪوشڪ بہ نہ پيو ڪري سگهجي.

ميڊم 'جان' جي اکرن کي ڏيان ۾ رکي، پنهنجي اُٽ جي خانن کي جاچڻ لاءِ ڇٽيو ۽ وري اٽڻ لڳي. هن جون اکيون برساڌ تي ڪتل هيون. "ٿوري دير اڃا وينو رهه ته مان تنهنجي وڃڻ کان اڳ برساڌ بہ اُٽي وٺنديس." هن پنهنجي دل ۾ سوچيو.

"توهان جو مڙس آهي؟ ميڊما"

"هائو."

"ٻار؟"

"ٻار ڪونهن."

"ڪاروبار سنو نہ پيو هليو؟"

"ڪاروبار ٻاڙو آهي. ماٺهو ڏاڍا غريب آهن."

"هَئي... ! بدنصيبا... مصيبت جا ماريل ماڻهو! ڪيڏا نه مظلوم آهن، جيئن توهان چئي رهيون هيئو..."

"توهان چئي رهيا آهيو" ميڊم ڪهرائپ وچان، هن جي ڳالهه درست ڪئي ۽ تڪڙ ۾ هن جي نالي سان گڏ ڪجهه ٻيو به اُٽي ورتائين، جيڪو هن جي لاءِ بلڪل فائدي مند نه هو.

"معاف ڪجو. چيو ته اهو مون ئي، پر توهان به قدرتي طور تي ائين ئي سوچيندیون هوندؤ.. پڪ سان..."

"مان سوچيان ٿي؟" ميڊم ڏاڍيان چيو "مون کي ۽ منهنجي مڙس کي هي دڪان هلائڻ لاءِ هيڪاندو ڪم ڪرڻو ٿو پوي، ته پوءِ سوچڻ جي واند ڪٿي. بس اسان ته اهو سوچيندا رهون ٿا ته سفر گذر ڪيئن ٿئي؟ بس اسان ته انهيءَ موضوع تي سوچيندا رهون ٿا. صبح کان شام تائين اهو سوچڻ ۾ وقت گذري ٿو وڃي ته پوءِ اسان ٻين جي لاءِ سوچي، پنهنجو دماغ خراب ڇو ڪريون. واهه... ! مان ٻين لاءِ ڇو سوچيان... نه..."

جاسوس، جيڪو هتي مخبري ڪرڻ آيو هو ته جيئن هتان ڪجهه ڏاڙو ڇڪي، پنهنجو ڪم ٺاهي. هن پنهنجي پوائنٽي ڇهري تي ان نااُميديءَ کي اپرڻ نه ڏنو جيڪا هتان جون حالتون ڏسي دل ۾ پيدا ٿي رهي هئس. هن پنهنجي انداز ۾ ظاهر ڪيو ته هُو شوقين مزاج، ڳالهه ٻولهه مان مزو وٺڻ وارو شخص آهي ۽ هوري هوري شراب جون سرڪيون پرڻ لڳو.

"ميڊما گيسپرڊ جو قتل به وڏي خراب ڳالهه هئي. هاءِ... ويچارو گيسپرڊ!" هن وڏيءَ همدرديءَ وچان ٽڏو ساهه پريو.

"قَسم آهي، جيڪڏهن ماڻهو اهڙي قِسم جي ڪمن لاءِ چاڪُون استعمال ڪندا ته انهن کي ان جا نتيجا پوڳڻا پوندا. هن کي خبر هئي ته سندس ان عياشيءَ جي قيمت ڇا هوندي ۽ هن کي اها قيمت ڏيڻي پئي." ميڊم وڏي اطمينان سان ۽ هلڪي ڦلڪي انداز ۾ چيو.

"مون کي پڪ آهي." جاسوس رازداراڻي انداز ۾ چيو. هن جي آواز ۾ پروسو هو ۽ انقلابي جذبا اُپري رهيا هيس، جنهن ڪري هن جو مُنهن

ايا وڌيڪ بگڙي ويو هو. "ڪنهن کي چئجو نہ مون کي پڪ آهي تہ هن محلي ۾ ان غريب انسان لاءِ ماڻهن جي دلين ۾ وڏي همدردي آهي ۽ ماڻهو ڇڙيل آهن."

"اڇا؟" ميڊم سادگيءَ وچان پڇيس.

"ڇا ائين ناهي!؟"

"هُو منهنجو مڙس به اڇي ويو." ميڊم ڊيفارج چيو.

جيئن شراب خاني جو مالڪ در مان اندر ٽپيو. جاسوس پنهنجي ٽوپيءَ کي ڇهي، وڏي جوش وچان چيس. "گڊ مارننگ. جيڪوس!"

ڊيفارج ترسي. هن کي ٻوگهلن وانگر ڏسڻ لڳو. هن جي تيز نگاهن جي اڳيان جاسوس ٽورو وسامي ويو. تنهنڪري هن ٽورو جهيڙي آواز ۽ نرم مرڪ سان ورجايو. "گڊ مارننگ. جيڪوس!"

"توهان کي ڏوکو ٿيو آهي. موسيو! توهان ڪنهن جي ڏوکي ۾ مون کي سڏي رهيا آهيو. منهنجو نالو تہ ارنيسٽ ڊيفارج آهي." ڊيفارج چيو.

"ساڳي ئي ڳالهہ آهي. . . گڊ مارننگ." جاسوس ٽورو ٽڏو ٿي ويو. پر وري به هن پنهنجائپ وچان چيو.

"گڊ مارننگ." ڊيفارج رکي لهجي ۾ وراڻيو.

. "توهان تہ نہ هيا. منهنجا پاڻ جو مان توهان جي زال سان ڳالهائي رهيو هيس. مان هن کان پڇي رهيو هيس تہ ماڻهو چون ٿا تہ هتي سينٽ انٽائين ۾ غريب گيسپرڊ جي ڏکوئيندڙ موت تي وڏي ڪاوڙ ۽ همدردي محسوس ڪئي پئي وڃي ۽ ٽيڪ گهر جي."

"مون کي تہ ڪنهن به نہ چيو. مون کي ان بابت ڪا به خبر ناهي." ڊيفارج ڪنڌ ڏُوٽيندي چيو.

هُو اهو چئي ميز جي پويان هليو ويو ۽ پنهنجي زال جي ڪرسيءَ تي هٿ رکي بيهي رهيو ۽ ان همراهہ کي ڏسڻ لڳو جنهن جا اهي ٻئي دشمن هيا ۽ هن کي وڏيءَ خوشيءَ ۽ اطمينان سان گولي هڻي ڇڏڻ پسند ڪن ها.

جاسوس بہ پنهنجي ڪم ۾ ماهر هو. هن پنهنجي بي ڏياڻيءَ وارو انداز نہ مٽايو ۽ اطمينان سان پنهنجو ننڍو گلاس ختم ڪري تازي پاڻيءَ جو ڏڪ پيتو ۽ ڪونياڪ جي هڪ ٻئي گلاس جي فرمائش ڪئي. ميڊم هن کي گلاس پري ڏنو. اُٺت وارو ڪم ڪٽي شروع ٿي وئي ۽ ان سان گڏوگڏ هڪ گيت بہ جهونگاريڻ لڳي.

"مون کان وڌيڪ تہ شايد تون هن محلي کي ڄاڻين ٿو!" ڊيفارج چيو.

"بلڪل نہ. پر اميد اٿم تہ ڄاڻي ونڊس. مون کي هتان جي غريب ماڻهن سان تمام گهڻي دلچسپي آهي."

"واهہ!" ڊيفارج بڙبڙ ڪئي.

"موسيو ڊيفارج! توهان سان ڳالهائيندي مون کي خيال آيو تہ توهان جي نالي سان گڏ مون کي هڪ دلچسپ واقعو ياد اچي ويو." جاسوس چيو.

"سچي!" موسيو ڊيفارج پنهنجي انتهائي بي ڏياڻيءَ سان چيو.

"ها، سچي. مون کي خبر آهي تہ جڏهن ڊاڪٽر مينٽ رها ٿيو هو. تڏهن توهان جيڪي هن جا پراڻا نوڪر هيا، هُنَ کي پنهنجي نگرانيءَ ۾ رکيو هو. هُو توهان جي حوالي ڪيو ويو هو. ڏسو نہ مون کي سڀ ڳالهيون معلوم آهن."

"هيو بہ ائين ئي." هن جي زال جي ٽوٽ هن سان ائين لڳي وئي ۽ هن اشاري سان کيس سمجهائي ڇڏيو تہ ان ڳالهہ جو جواب ضرور ڏئي، پر ڏئي مختصر. هُونءَ هُوءَ ڏاڍي لاپرواهيءَ وچان جهونگاري رهي هئي.

"هن جي ڏيءُ تو وٽ آئي هئي ۽ تنهنجي ئي حفاظت هيٺ هن کي هتان ڪڍي وئي هئي. ان سان گڏ هُو جيڪو پُورن ڪپڙن وارو صاحب بہ هو، ڇا نالو هو هن جو؟ اهو ئي جنهن کي ننڍڙي وِگ پاتل هئي."

"لاري . . انگلينڊ جي ٽيلسن جي شاخ جو ايجنٽ . ." جاسوس چيو.

"بلڪل درست آ." ڊيفارج ورجايو.

"ڏاڍي دلچسپ ڳالهه ياد آئي. مان انگلينڊ ۾ باڪٽر مينٽ ۽ سنڊس ڏيءَ کان واقف هيس."

"هائو!!"

"توهان کي هنن بابت ڪو اطلاع وغيرهه نه ٿو ملي چا؟" جاسوس چيو.

"نه" ڊيفارج چيو.

"اسان ته هن جي باري ۾ ڪڏهن ڪا ڳالهه ئي نه ڪئي آ. اسان کي هنن جي سک سان پهچڻ جي خبر ملي. پوءِ هڪ ٻه خط آيا ۽ پوءِ شايد هُو پنهنجن ڪمن ۾ مصروف ٿي ويا ۽ اسان پنهنجين ڳڻتين ۾ ورتل آهيون. ان ڪري بعد ۾ ڪا خط ڪتابت نه ٿي." ميڊم وچ ۾ ڳالهايو.

"بلڪل ائين ئي ٿيو هوندو ميڊم! هن جي شادي ٿي رهي آهي." جاسوس چيو.

"شادي ٿي رهي ٿس. هُوءَ ايڈي سهڻي ته هئي جو هن جي شادي ٿي وڃڻ گهرجي ها. توهان انگريز ڏاڍا ٺڏي مزاج وارا آهيو."

"اڇا! توهان کي خبر آهي ته مان انگريز آهيان."

"انداز مان پوليو ته معلوم ٿي وڃي ٿي ۽ جتان جي پولي هوندي آهي، منهنجي خيال ۾ ماٺهو به اُتان جو ئي هوندو آهي." ميڊم وراڻيو.

هُنَ کي ائين سڃاڻجي پوڻ تي، پنهنجي کا عزت افزائي ٿيندي محسوس نه ٿي، پر هن ڪِلي وڏيءَ هوشياريءَ سان ڳالهه ٽنائي ڇڏي.

هُنَ شراب پيرو ڪندي چيو "ها، مس مينٽ جي شادي ٿي رهي آهي، پر ڪنهن انگريز سان نه هڪ اهڙي انسان سان ٿي رهي آهي، جيڪو هن وانگر فرانس ۾ جائو هو ۽ ويچارو گيسپرڊ انهيءَ جي ڳالهه تي ياد اچي وڃي ٿو. ڪيڏو نه ظلم ٿيو هن سان. ڪيڏي نه حيرت جي ڳالهه آهي ته هُوءَ جنهن شخص سان پرٽجي رهي آهي، سو ان مارڪوئيس جو پائٽيو آهي، جنهن جي ڪري گيسپرد کي ايتري اوچائي تي لڙڪايو ويو. هُو انگلينڊ ۾ نالو بدلائي پيو رهي. هاڻي هُو

مارڪوئيس ناهي. هُنَ جو نالو اُتي مسٽر چارلس ڊارني آهي. ڊارني هُنَ جي ناناڻي کهول جو نالو آهي."

ميڊم وڏيءَ ڦرتيءَ سان اُٿت ڪندي رهي، پر ان خبر سندس مڙس کي لوڏي ڇڏيو. هُنَ پاڻ لڪائڻ جي ڪئي ۽ سلفي دڪائڻ کي لڳي ويو. پر جاسوس ۽ ڪو ايترو ويل نه هو جو هُنَ جي حالت جو اندازو نه ڪري سگهي ها. هُو سمجهي ويو ۽ اها ڳالهه پنهنجي دماغ ۾ ويهاري ڇڏيائين.

هڪ تير نشاني تي ويٺو. هن انهيءَ کي ئي غنيمت ڄاتو. هُونءَ ۽ ڪو گراڪ ڪو نه پئي آيو. جنهن کان ڪجهه ٻيو معلوم ڪري سگهي. ان ڪري هُنَ جيڪو ڪجهه پيتو ان جو مُلهه ڏنائين ۽ ويندي ويندي وڏيءَ نرميءَ وچان چيائين ته هن کي آس آهي ته موسيو ۽ ميڊم ڊيفارج سان وري ملاقات جو شرف حاصل ٿيندو. جڏهن هُو سينٽ انٽائين جي ڪچيءَ آبادي ۽ واري علاقي ڏي هليو ويو تڏهن کي گهڙيون زال مڙس ائين ماڻ ڪيون ويٺا رهيا ته ڪٽي هُو موٽي نه اچي.

"ڇا اهو سچ ٿي سگهي ٿو جيڪو ڪجهه هن مس مينٽ جي باري ۾ چيو." ڊيفارج جهيڻي آواز ۾ پنهنجي زال ڏي ڏسندي چيو.

"جيئن هُو چئي رهيو هو تنهن مان ته اندازو ٿي رهيو هو ته شايد غلط هجي، پر ٿي سگهي ٿو ته صحيح هجي." ميڊم پنهنجي ٻرن کي هلڪو لوڏو ڏيندي چيو.

"جيڪڏهن سچ آهي ته پو. . ." ڊيفارج چيو. پوءِ رکجي ويو.

"جي سچ هجي ته پوءِ ڇا؟ زال چيس.

"ڀ جيڪڏهن وقت اچي ويو. اسان سوڀ جي ان گهڙيءَ تائين زنده رهياسين ته مون کي اميد آهي ته هُنَ لاءِ قسمت، هن جي مڙس کي فرانس کان ٻاهر ئي رکندي."

"قسمت هن جي مڙس کي اوڏنهن ئي وٺي ويندي، جتي هن کي ويڙهو آهي ۽ ان ٻڃاڻيءَ ڏي وٺي ويندئيس. جيڪا هن جي ٻُڃاڻي خراب آهي. بس ايترو ته مان ۽ ڄاڻان ٿي." ميڊم وڏي سڪون سان چيس.

"پر ڪيڏي نہ عجيب ڳالھ آھي. خاص طور تي ھاٿي ڇا اھا ڳالھ عجيب ناھي تہ ھن جي پيءُ ۾ خود ھن جي لاءِ ايتري ھمدردي محسوس ڪرڻ کان پوءِ بہ سندس مڙس جو نالو تنھنجي ھٿان ھُنَ ڪتي جاسوس جي نالي سان گڏ لکيل آھي. جيڪو ھاٿي اسان وٽان ويو آھي." ڊيفارج پنھنجي زال جي خوشامد ڪندي زال کي چيو تہ جيئن ھُو ھُنَ کان ان ڳالھ جو اقرار ڪرائي.

"جڏھن وقت ايندو تڏھن ان کان بہ وڌيڪ عجيب ڳالھيون ٿيندیون. ٻنھي جا نالا ھتي موجود آھن ۽ ٻئي پنھنجي ذاتي صفتن جي ڪري واڌو آھن. بس ايترو ڪافي آھي." ميڊم وراٿيس.

اھو چئي ھن اُٺِ وارو ڪم پاسي تي رکي چڏيو. گلاب وارو گل مٿي تي ٻڌل رومال مان ڪڍي ورتائين. يا تہ سينٽ انتائين کي غيب مان خبر ملي وئي ھئي تہ اعتراض جوڳو سينگار لٽل ھو يا وري ماٺھو تاڙ ۾ ھئا تہ ڪنھن مھل ٽي ميڊم وارن مان گل ڪڍي ۽ خطري جي ختم ٽيڪ جو اعلان ٽئي. ڇو تہ جيئن ئي گل نڪتو سينٽ انتائين جا رھاڪو ٻليءَ پير شراب جي دڪان ۾ داخل ٽي ويا ۽ شراب خاني ۾ روزانہ واري اڇ وچ بحال ٽي وئي.

سينٽ انتائين جا رھاڪو شام جي موسم مطابق ٻاھر نڪري ايندا ھيا ۽ درن جي ٻاھران ويھي. ڪنين گھٽين ۽ آڪرن ۾ تازي ھوا کائڻ ويھي رھندا ھيا. ميڊم ڊيفارج پنھنجي اُٺت واري ڪم جي لاءِ. ھنن جي وچ ۾ ھڪ ٽولیءَ کان ٻئي ٽوليءَ تائين. ھڪ پرچارڪ وانگر ڦرندي رھندي ھئي. ھن جھڙيون ٻيون بہ ڪيتريون ئي عجيب غريب ھستيون ھيون. سڀ مايُون اُوني اُٺت ڪنديون رھنديون ھيون. اھي بيڪار شيون اُٽنديون رھنديون ھيون. پر اھا دستڪاري کائڻ پيئڻ جي بدلي ۾ ٽيندي ھئي. جاڙين ۽ معدي جو ڪم ھٽ ڪندا ھيا. جيڪڏھن سنھڙيون ڪانيءَ جھڙيون آڳريون بيڪار رھنديون ھيون تہ خالي پيٽ جي پڪار اڃا وڌيڪ نہ سھڻ جھڙي ٽي ويندي ھئي.

پر آگرين سان گڏ اکيون ۽ هلندیون هيون ۽ دماغ ۾ ۽ ميڊم جڏهن عورتن جي هڪ ٽولي ۽ کي چڏي ٻي ۽ ٽولي ۽ ڏي ويندي هئي ته ٽنهي طاقتن جي رفتار تيز ٿي ويندي هئي.

هُنَ جو مڙس پنهنجي دَر وٽ ٻيٺو سلفي پيئندو رهندو هو ۽ هُنَ کي عقيدت ۾رين نظرن سان ڏسندو رهندو هو ۽ چوندو هو "هڪ عظيم عورت! هڪ طاقتور عورت! خوفناڪ حد تائين شاندار عورت!!"

اوندهه وڌندي وئي ۽ پوءِ گرجا جو گھنڊ وڄڻ لڳو. شاهي پهريدارن نغاري تي ڏونڪو هنيو ۽ عورتون اُٽنديون رهيون. تاريڪيءَ کين چئني پاسن کان گهيري ورتو. هڪ ٻئي قسم جي تاريڪي وڌندي پئي وئي. جڏهن فرانس جي وڏن مينارن تي وڃندڙ گھنڊ پگھاري گجندڙ توپون ٺاهيون ويندیون. جڏهن اهي نغارا مظلوم جي دانهن کي غرق ڪرڻ لاءِ وڄايا ويندا. اها رات اڃي رهي هئي. جڏهن انهن جو آواز ايترو ته طاقتور هوندو جيترو خوشحاليءَ، آزاديءَ ۽ زندگيءَ جي گهرجن جو ڀرپور آواز ٿي سگھي ٿو. انهن عورتن جي ڀرسان جيڪي لڳاتار ويهي اُٽي رهيون هيون. گھٽو ڪجهه سُسَندي سوڙهو ٿيندي گڏ ٿي رهيو هو. هنن جا پنهنجا وجود جيڪي ان عمارت جي ڀرسان گڏ ٿي رهيا هيا. . . جيڪا اڃا ٺهي نه هئي، جتي اهي ويهي لڳاتار اُٽي رهيون هيون ۽ ڪِرندڙ ڪچيون ڀٽي رهيون هيون.



باب سترهون

هڪ رات

سج لهڻ جو منظر ڪڏهن به ايڏو شاندار نه رهيو هوندو جيترو ان شام هو جڏهن ڊاڪٽر ۽ سندس ڏيءُ، سوهو جي مائيٽي ڪنڊ ۾ وڻ جي هيٺان گڏ وينا هيا. نه وري ڪڏهن چنڊ لنڊن مٿان ايترا نرم ۽ نازڪ ڪرٽا ڇڻيا هيا، جيترا پيءُ ۽ ڏيءُ، جيڪي اڄا تائين اُتي وينا هيا، مٿان وڻ جي پنن تان ترڪي چن چنن ڪري پئجي رهيا هيا.

ورندي ڏينهن تي لوسيءَ جي شادي ٿيڻ واري هئي. هن پنهنجي ڪنوارپ جي آخري شام پنهنجي پيءُ لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي، ۽ پئي اڪيلا اڪيلا ان وڻ جي هيٺان وينا هيا.

"پيارا بابا!... توهان خوش ته آهيو؟"

"ها... منهنجي ٻچڙي!"

هُو توڙي جو اُتي ڪچ وقت کان وينا هيا، پر ماڻ هيا. جڏهن روشني گهٽي هئي، تڏهن به نه ته لوسيءَ پنهنجو ڪم ڪيو ۽ نه ئي معمول مطابق پيءُ ڪجهه پڙهي ٻڌايس. هُوءَ ڏاڍي انهيءَ وڻ هيٺان، انهن ٻنهي طريقن سان پيءُ وٽ وقت گذاريندي هئي، پر اڄوڪو ڏينهن عام نه هو ۽ نه ئي ڪا شئي ان کي بدلائي سگهي پئي.

"۽ مان به اڄ ڏاڍي خوش آهيان، بابا! اها محبت جيڪا خدا منهنجي ۽ چارلس جي دلين ۾ هڪٻئي لاءِ عطا ڪئي آهي، سا منهنجي لاءِ وڏيءَ سرهائيءَ جو سبب آهي. جيڪڏهن منهنجي زندگي ان کان پوءِ به توهان جي خدمت لاءِ وقف نه رهي ها ۽ هن شاديءَ ڪري ڪجهه گهڙين جي وٽي پڻ منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ اچي وڃي ها ته مان توهان کي ٻڌائي نه ٿي سگهان ته مون کي ڪيڏو نه ڏک ٿئي ها ۽

منهنجو ضمير مون کي ڪيڏي نہ ملامت ڪري ها. جيتوڻيڪ هاڻي ب... " پوءِ هن جي نڙي پرجي آئي.

هُنَ اداس چانڊوڪيءَ ۾ پنهنجي پيءُ جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي ڪنڌ سندس سيني تي لاڙي ڇڏيو. چانڊوڪي تہ سدائين اداس هوندي آهي ئي. پر سج جي روشني ۾ انسان وانگر اپرڻ ۾ لهڻ مهل اداس ٿي ويندي آهي.

"منهنجا پيارا بابا!... آخري پيرو ٻڌايو. ڇا توهان کي پوري پوري پڪ آهي تہ ڪنهن ۾ نئينءَ محبت هوندي. کو نئون فرض لاڳو ٿيڻ بعد ۾ مون کان توهان جي فرمانبرداري ۾ خدمت ۾ ڪا ۾ ڪمي نہ ايندي. ڪا ۾ شئي اسان جي وچ ۾ نہ ايندي"

هُنَ جي پيءُ وڏي سرهائيءَ پرئي لهجي ۾. جيڪو بنان ڪنهن شڪ جي بناوٽي نہ هو چيو "مون کي سورهن آنا پڪ آهي. منهنجي پياري ڏيءُ!... پر ان کان ۾ وڌيڪ مون کي اها پڪ آهي تہ هاڻي منهنجو مستقبل جيترو روشن آهي... ايترو اڃ ڪڏهن ۾ نہ هو."

"بابا! جيڪڏهن مون کي ان ڳالهہ جي پڪ ٿي وڃي تہ..."

"يقين ڪر منهنجي جندُ! اهو واقعي ۾ سچ آهي. ٿورو ان تي غور تہ ڪر تہ اهو ڪيڏو نہ قدرتي عمل آهي. ائين ئي هجڻ گهرجي. تون نوجوان ۽ فرمانبردار آهين. توکي ڪهڙي خبر تہ مون کي ڪڏهن ڪڏهن تنهنجي ڪيتري نہ ڳڻتي ٽيندي آهي تہ تنهنجي زندگيءَ ڪٽي منهنجي خدمت ۾ ئي نہ تباهہ ٿي وڃي."

هُنَ سندس وات تي هٿ رکڻ جي ڪوشش ڪئي. پر پٽس سندس هٿ جهلي ورتو ۽ چيائين. "ها. ڪٽي برباد نہ ٿي وڃي. منهنجي ٻچڙي جي زندگي برباد نہ ٿيڻ گهرجي. تون بي غرض محبت ڪرڻ واري ڏيءُ آهين. تون سوچي ۾ نہ ٿي سگهين تہ منهنجو دماغ ان ڳالهہ تي ڪيترو نہ پريشان ٿيندو رهيو آهي. خود پنهنجي دل کان پڇا ڪر. جيڪڏهن تنهنجيون خوشيون پوريون نہ ٿين ها تہ مان ڪيئن خوش رهي سگهان ها."

"بابا! مون جيڪڏهن چارلس کي ڪڏهن نہ ڏٺو هجي ها تہ مان توهان سان گڏ ڪيڏي نہ خوشيءَ واري زندگي پئي گذاريان ها!؟"

هُنَ آڇاٽائيءَ ۾ قبول ڪري ورتو تہ هُوءَ چارلس سان نہ ملي ها تہ . . . پر هاڻي هُوءَ چارلس سان ملي چڪي هئي ۽ هن کان سواءِ خوش نہ ٿئي رهي سگهي. هُو هن جي سادگيءَ تي مرڪي ڇڏيو.

"منهنجي پياري ڏيءُ! پر تون ملينءَ ۽ چارلس سان ملينءَ. جيڪڏهن اهو چارلس نہ هجي ها، ڪو ٻيو هجي ها تہ اهو منهنجي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو المیو هجي ها. ڇو تہ پوءِ مان ئي اِنَ جو ڪارڻ هجان ها ۽ منهنجي زندگيءَ جو اونداهو حصو. . . منهنجي وجود کان اڳتي وڌي، تنهنجي مٿان پنهنجو پاڇو وجهي ڇڏي ها."

ڊارني جي ڪيس کان پوءِ اهو پهريون ڀيرو هو جو هن پيءَ کي انهن ڏکن ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌو هو جيڪي ڏک هن سَٺا هيا. انهن لفظن هن کي عجيب نموني سان متاثر ڪيو ۽ هُوءَ وڌي عرصي تائين انهن جي اثر کي وساري نہ سگهي.

"هُو ڏس!" ٻووي جي ڊاڪٽر چنڊ ڏي هٿ کڻي چيو "مان پنهنجي قيدخاني جي دريءَ مان هِنَ ڏي ڏسندو هيس. اُنَ وقت مون کان اِنَ جي روشني برداشت نہ ٿيندي هئي. مان اِنَ ڏي ڏسندو هيس ۽ سوچيندو هيس تہ هي چنڊ اُنَ دنيا مٿان چمڪي رهيو آهي، جيڪا دنيا مون کان ڏور ٿي چڪي آهي ۽ مان پنهنجو مٿو قيدخاني جي پٽين سان هٽندو هيس. مان هن کي ڏسندو هيس ۽ منهنجي حالت ويتر وڌيڪ خراب ٿي ويندي هئي تہ پوءِ مان ان مٿان اُبتيون ليکون کڌندو هيس، پوءِ وري سبتيون ليکُون کڌندو هيس. ان مهل منهنجو دماغ صفا خالي ٿي ويندو هو." هُنَ پنهنجي ٽڪل ۽ ڳوري انداز سان چنڊ ڏي ڏٺو ۽ چيو "۽ اهي ليکُون ٻنهي پاسن کان ويهه هوندا هيا ۽ ويهين ليکَ ڏاڍي ڏکيائيءَ سان ليکبي هئي."

هُنَ جون ڳالهيون ٻڌي لوسيءَ جي جسم ۾ هڪ عجيب قسم جي ڏُرهٽ اُٿي. هُو جنهن ريت پنهنجن گذريل ڏکن جو ذڪر ڪري رهيو هو اُنَ سان هُنَ کي تڪليف نہ ٿي. هُو رڳو پنهنجين هاڻوڪين خوشين جي، گذريل ڏکن سان پيٽ ڪري رهيو هو. "مان چنڊ ڏي ڏسي سڀائين ان ٻار جو سوچيندو هيس، جيڪو ايڏا ماڻ جي پيٽ ۾ هيو ۽

مان جنهن کان جدا ڪيو ويو هيس. ٻار جيئرو ڇاڏيو ماءُ جي غم کيس ماري وڌو؛ ڇا اهو ڇاڏو هوندو جيڪو هڪ ڏينهن پيءُ جو بدلو ونندو. هڪڙو وقت قيدخاني ۾ اهڙو ٻه گذريو جو جڏهن بدلي جي خواهش سڀ کان ٻاهر ٿي وئي هئي. . . شايد ان پُٽ کي پنهنجي پيءُ جي ڪهاڻي ٻه معلوم ٿي نه سگهي ۽ هُو شايد اهو سوچي ته سندس پيءُ ڇاڏي واڻي پنهنجي مرضيءَ سان گهر ٿي ويو ۽ شايد اها ڇوڪري هجي، جيڪا هڪ ڏينهن جوان عورت ٿي ويجي."

هُوءَ پيءُ جي ويجهو آئي ۽ هن جي ڳلن ۽ هٿن تي چميون ڏنائين.

"مون پنهنجي دماغ ۾ جيڪا ڏيءَ جي تصوير ٻڌائي هئي، اها منهنجي وجود کان بلڪل اڻ واقف هئي. منهنجو خيال هن جي لاشعور ۾ ٻه نه هوندو. مون سالُ سالُ ڪري، هُنَ جي عمر جي ورهين کي گڏ ڪيو. مون تخيل ۾ اهڙي شخص سان هن جي شادي ٿيندي ڏٺي، جنهن کي منهنجي بدقسمتيءَ جي باري ۾ ڪابه خبر ناهي. سڄي دنيا مون کي وساري ڇڪي هئي ۽ مون ائين محسوس ڪيو ڇڙ نئين نسل جي لاءِ منهنجو هجڻ نه هجڻ، ٻئي برابر آهن."

"بابا!. . . ان ڇوڪريءَ جو ذڪر توهان واتان ٻڌي، مون کي ائين ٿو لڳي ته ڇڙ مان اهڙي ئي ڇوڪري آهيان."

"تون، لوسي! اڄ هن چنڊ جي هيٺان تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ جيڪي ڪليل دل سان ڳالهيون ٿي رهيون آهن، سي رڳو ان ڪري ممڪن ٿي سگهيون، جو تو مون کي پنهنجي محبت ۽ رفاقت سان ٻيهر جيئرو ڪيو ۽ مون کي ذهني ۽ جسماني صحت ڏني، ان لائق ٻڌايئي جيئن مان ڪجهه محسوس ڪري سگهان. ها ته مان ڇا چئي رهيو هيس."

"ته اها توهان کي بلڪل نه سڃاڻي ۽ توهان جي ڪا به پرواهه نه ٿي ڪري."

"ها، پر ڪڏهن ان چانڊوڪيءَ ۾، جڏهن اداسيءَ ۽ خاموشيءَ جو منهنجي دل تي ڪجهه ٻئي طريقي جو اثر ٿيندو هو اهو جذبو جنهن جو بنيادُ ئي ڏُکَ ۽ ڏوجهري تي هجي، اهو سواءِ هڪ اداسيءَ جي، ٻيو

ڪنهن بہ قسر جو سڪون پائي نہ ٿو سگهي. مان تڏهن سوچيندو هيس تہ هُوءَ منهنجي ڪال ڪوٺڙي ۾ اچي وئي آهي ۽ مون کي قلعي جي ڪوٺ مان ٻاهر ڪڍي آئي آهي. مون ڪيئي ڀيرا ائين هُنَ جي شڪل چانڊوڪيءَ ۾ ڏٺي هئي. جيئن مان توکي اڄ ڏسي رهيو آهيان. فرق رڳو ايترو هو تہ مان هن کي ڪڏهن بہ ٻاڪر ۾ پري نہ سگهيس. هُوءَ جنگلي ۽ در جي وچ ۾ بيئل نظر ايندي هئي. پر اهو سمجهي رهي هوندي تہ مان هُنَ پارڙيءَ جي باري ۾ نہ چئي رهيو آهيان."

"اها... اها ٻاڇو... تخيل جي ناهيل تصوير."

"نہ.. اها بلڪل ٻي ڪا تصوير هئي. اها هميشہ منهجي اُلجهيل دماغ اڳيان موجود رهندي هئي. پر حرڪت نہ ڪري سگهندي هئي. اهو وهم. جنهن جو پيڇو منهنجو دماغ ڪندو رهندو هو. سو بلڪل مختلف حقيقت جي ويجهو هو. هن جي شڪل صورت جي باري ۾ مون کي ڪو بہ اندازو نہ هو. سواءِ ان جي تہ هن جي شڪل ماءُ تي وئي هوندي. پر ان ۾ بہ اهائي شباهت هئي. جيڪا تو ۾ آهي. پر صفا ائين نہ هئي. سمجهين ٿي نہ تہ مان چا چئي رهيو آهيان. نہ لوسي! اها ڳالهہ سمجهڻ ڏاڍو ڏکي آهي. انهن الجهيل باريڪين کي اهوئي سمجهي سگهي ٿو جنهن تنهائي جو قيد ڪٽيو هجي."

هُنَ وڏيءَ پَڪَ ۽ دلچسپيءَ سان اهي ڳالهيون ڪيون ۽ پنهنجي گذريل زندگيءَ جي چيرَ ڦاڙَ ڪئي. پر پوءِ بہ لوسيءَ جو رت ڊپ وچان جمڻ لڳو هو. "۽ جڏهن منهنجي حالت ڪجهہ پرسڪون هوندي هئي. تڏهن مان تخيل ۾ ڏسندو هيس تہ هُوءَ چانڊوڪيءَ رات ۾ مون وٽ آئي آهي. مون کي ٻاهر وٺي وڃي ٻڌائي رهي آهي تہ هُنَ جي خوشين ڀريل سگهاري زندگي. سندس گم ٿيل پيءُ جي سارَ ڪان خالي ناهي. هُنَ جي ڪمري ۾ منهنجي تصوير لڳل آهي. هن جي زندگي خوشين. هُلَ هنگامن ۽ مصروفيتن سان ڀريل آهي. پر ان ۾ سندس پيءُ جي تاريڪ زندگيءَ جو پاڇو موجود آهي."

"مان توهان جي تخيل واري اهائي چوڪري هيس. توهان جي تخيل جي چوڪريءَ وانگر ئي هيس. بابا! ايتري تعريف لائق تہ

ناھيان. پر جيسين محبت جو سوال آھي تہ مان توھان جي تخيل واري ڏيءَ کان گھٽ نہ ھيس."

"ھُوءَ مون کي پنھنجا ٻچا ٻہ ڏيکاريندي ھئي ۽ اھي سڀ منھنجي باري ۾ ٻُڌي چڪا ھيا ۽ انھن کي مون سان ھمدردي ڪرڻ سيکاريو ويو ھو. اھي جڏھن ڪنھن سرڪاري قيدخاني‌ءَ جي پرسان لنگھندا ھيا، تڏھن قيد جي نفرت جوڳين پتين کان پري پري ٿي ھلندا ھئا ۽ ان جي شِيخُنِ کي ڏسي، سُس پُس ڪرڻ لڳندا ھيا. پر ھُو مون کي ڪڏھن ٻہ آزاد نہ ٻڌي ڪرائي سگھيا. ھُو سڀ ڪجھ مون کي تخيل ۾ ڏيکاري موڪائي ايندي ھئي. پر ڳوڙھا وھڻ جي ڪري، مون کي سڪ ملي پوندو ھو ۽ مان گوڏن ۾ِ جُھڪي، ھُنَ کي دعائون ڏيندو رھندو ھيس."

"مون کي اميد آھي، بابا! تہ مان اھڙي ئي ڏيءَ ثابت ٿيندیس. بابا سائين! منھنجا پيارا بابا سائين! سڀاڻي توھان مون کي ائين ئي دعائون ڏيندئو."

"لوسي! مان اڄ انھن تڪليف ڏيندڙ ڳالھين کي ان ڪري ورجائي رھيو آھيان، جو مان اڄ توسان ايترو تہ پيار ڪريان ٿو جو لفظ ان جي ترجماني نہ ٿا ڪري سگھن ۽ مان پنھنجي ان خوشيءَ لاءِ خدا جو شڪرگذار آھيان. منھنجا توڻي جو خواب ڪيڏا ٻہ پرپور ھوندا ھيا، پر مون کي اھا خوشي ڪڏھن ٻہ نصيب نہ ٿي، جيڪا توسان گڏ ھجڻ تي ملي اٿم ۽ اڃتي ٻہ ملندي رھندي."

ھُنَ ڏيءَ کي ياڪر پائي. وڏيءَ سنجيدگيءَ سان خدا کي ھن جو ضامن ٻڌايو ۽ وڏيءَ عاجزيءَ سان خدا جو شڪر ادا ڪيو. جو ھن پنھنجي رحمت جي صدقي ھڙي ڏيءَ عطا ڪيس. ڪجھ گھڙيون پوءِ ھُو ٻئي گھر ھليا ويا.

شاديءَ ۾ سواءِ مسٽر لاري جي، ٻيو ڪنھن کي ٻہ نہ گھرايو ويو ھو ۽ ڪنوار جي سنگتياڻين ۾ ڪير ٻہ نہ ھو سواءِ ھن بي ڊولي مس پروس جي. شاديءَ جي ڪري ھنن جي رھٽيءَ کھٽيءَ ۾ ڪو فرق نہ پوٽو ھو. ڊاڪٽر مٽين ہن ڪمرن کي، جن ۾ نظرن کان غائب رھڻ وارو پُراسرار مسواڙي رھندو ھو، پنھنجي گھر ۾ شامل ڪري ڇڏيو ھو. ھن کي ان

کان وڌ جي گهرج نه هئي. ننڍڙي دعوت جي موقعي تي ڊاڪٽر مينٽ ڏاڍو خوش هو. مانيءَ تي ٿي ڇڪا آيل هيا ۽ انهن مان ٽئين ڇڙي مس پروس هئي. هنن کي ڏک هو ته چارلس ان مهل موجود نه هو. هنن مذاق ۾ شڪايت ڪرڻ گهري ته هُو ڪنهن شرارت جي ڪري غير حاضر هو. پوءِ وڏيءَ محبت سان، هن جي صحت جو جام پيتائون.

ائين لوسيءَ کي گڊ نائيٽ چوڻ جي مهل اچي وئي ۽ هو جدا ٿي ويا. لوسي رات جو دير سان چپ چپ ڪري هيٺ لهي. هُنَ جي ڪمري ۾ وئي. هاڻ به هن جي دل ۾ اڻڄاتل ڊَپَ سمايل هيا...

پر هر شئي پنهنجي جاءِ تي موجود هئي. ماٺ چانيل هئي. ڊاڪٽر غافل ستو پيو هو. هن جا اڇا سهڻاوارَ اطمينان سان وهاڻي تي ڪنڊڙيا پيا هيا ۽ هٿ آرام سان سَوڙ تي رکيل هيس. لوسيءَ پنهنجي اجائي آندل ميڙ بتي آڙ ۾ رکي چڏي هُوءَ هليءَ پير سندس ويجهو آئي ۽ پنهنجا چَپَ هُنَ جي چپن تي رکي چڏيائين ۽ پوءِ جهڪي کيس ڏسڻ لڳي.

هُنَ جي سهڻي منهن تي قيد ۽ بند جون ليڪُون پراٽيون ٿي ڇمي ويون هيون. پر هن انهن کي پنهنجي اِرادي جي سگهه سان لڪائي چڏيو هو ۽ نند ۾ ائين پئي لڳو ته هن کي انهن مٿان پورو ڪنٽرول آهي. ان رات جي حاڪيمت ۾ ڪو به ڇهرو ايترو لاجواب ۽ سهڻو نه هوندو. جيترو ڊاڪٽر مينٽ جو هو. هن جي پيشانيءَ تي سڪون چانيل هو. هڪ اڻڄاتل حملي آور خلاف ضبط جي جدوجهد هئي.

هُنَ ڏڇندي ڏڇندي پيءُ جي پياري چاتيءَ تي هٿ رکي چڏيو ۽ دعا گهريائين ته هُوءَ سدائين هُنَ جي محبت ۽ وفاداريءَ ۾ ائين ئي ثابت قدم رهي. جيئن سندس آرزو هئي ۽ جيڪو هن جي غم مِٽائڻ لاءِ لازمي هو. پوءِ هن پنهنجو هٿ پري ڪري ورتو. هڪ پيرو پيهر هن جي چپن تي چمي ڏنائين ۽ موتي هلي آئي. سج اپريو. وٽن جي پنن جا پاڇا هن جي چهري کي ساڳيءَ ريت چُمي رهيا هيا. جيئن هن لاءِ دعا ڪرڻ مهل لوسيءَ جا چپ ڏڪيا هئا.



باب ارڙهون

نَوَ ڏينهن

شاديءَ وارو ڏينهن چمڪندڙ ۽ روشن هو. ماٿو ڊاڪٽر جي ڪمري جي در تي تيار بيٺا. سنڊس انتظار ڪري رهيا هيا. ڊاڪٽر چارلس ۽ ڊارني ڪچهريءَ ۾ گم هيا. سهڻي ڪنوار مسٽر لاري ۽ مس پروس گرجا وڃڻ لاءِ تيار بيٺا هئا. مس پروس به هوري هوري هاٿي ٽيڙ واري ڳالهه کي سمجهي، انهيءَ شاديءَ جي حق ۾ ٿي وئي هئي. رڳو هڪ خيال جي ڪري شادي جو مزو خراب ٿي رهيو هو. هُنَ جي دل ۾ ايڏا اهو خيال باقي هو ته جي سنڊس ياءُ سولومن هجي ها ته اهو هر ڳالهه ۾ پلو ثابت ٿئي ها.

"ته مان توکي هن ڏينهن لاءِ سمنڊ پار وٺي آيو هيس. هان، پياري لوسي! ڪيتري نه ننڍڙي هُئين تون!! واهه.. ان مهل ته مون کي خوابَ خيالَ ۾ ئي نه هو ته مان ڇا ڪري رهيو آهيان. تنهن مهل مون کي بلڪل پرواهه نه هئي ته مان پنهنجي دوست چارلس ڊارني مٿان ڪيڏو نه احسان ڪري رهيو آهيان."

مسٽر لاريءَ چيو "ڪنوار کي ڏسي ڏسي، هُنَ جي دل ئي نه پرجي ها. هُو هن جي چوڌاري چڪر هٽي هٽي، هر ڪنڊ ڪان هِنَ جي سادي، پر سهڻي لباس جي واکاڻ ڪري رهيو هجي ها."

"چَريائپ آهي! ان وقت پلا توکي ڪيئن خبر پوي ها ته تون ان مهل ڪنهن تي احسان ڪري رهيو آهين." غيرجذباتي مس پروس چيس.

"سچ آ. پر رو ته نه" نرم دل مسٽر لاري چيو.

"مان ته ڪو نه پئي روئان. توهان روئي رهيا آهيو." مس پروس چيو.

"ارڻي واهـ! منهنجي پروس! مان روئي رهيو هان." ان وچ ۾ مسٽر لاري هن سان گهٽو ويجهو ٿي ويو هو. جو ڪنهن ڪنهن مهل مذاق ۾ ڪري ٿي ورتائون.

"هاڻي هاڻي توهان روئي رهيا هيا، مون ڏٺو ۽ ان ۾ ڪا حيرت جي ڳالهـ ته آهي ڪونـ . . چاندي‌ءَ جي سامان جو جيڪو تحفو توهان ڏنو آهي، ان کي ڏسي ڪير پنهنجا ڳوڙها روڪي سگهي ٿو. جڏهن ڪالهـ رات باڪس آيو ته مون هر ڪانٽي ۽ چمچي تي ڳوڙها ڳاڙيا، ايترا جو مون کي ڪجهـ به ڏسڻ ۾ نه پئي آيو." مس پروس چيو.

"مان ڏاڍو احسانمند آهيان. توڻي جو منهنجو اهڙو ڪو ارادو نه هو ته ان معمولي تحفي کي ڪنهن جي نظرن کان لڪايو ويو. خدا ڄاڻي ٿو ته هي اهڙو موقعو آهي، جو انسانَ زندگي‌ءَ ۾ جيڪو ڪجهـ ويجايو هجي، ان تي داءُ لڳائي ڇڏي. . . واهـ واهـ! ٿورو سوچيو ته لڳ ڀڳ پنجاهـ سالن جي عرصي ۾ به پلا مسز لاري جو ڪو وجود ٿي سگهي ٿيو." مسٽر لاري چيو.

"بلڪل نـ" مس پروس چيو.

"تنهنجو خيال آهي ته مسز لاري جو وجود ممڪن ئي نه هو؟" مس پروس ڳالهـ اڳتي وڌائي.

"ها. ڳالهـ ته صحيح ٿي لڳي." مسٽر لاري مرڪندي پنهنجي مختصر ۽ وگ مٿي تي ويهاريندي چيو.

"۽ توهان کي پينگهي ۾ سمهارڻ کان اڳ ئي، توهان جي پرورش ڇڙهائپ واري‌ءَ زندگي جي لاءِ ڪئي وئي هئي."

"تڏهن ته منهنجو خيال آهي ته مون سان وڌي زيادتي ڪئي وئي هئي ۽ زندگي‌ءَ جو خاڪو ناهڻ مهل، مون کي پنهنجي راءِ جي اظهار جي موڪل ملڻ کپي ها. بس هاڻي، پياري لوسي!" اهو چئي هن وڌي پيار منجهان هن جي چيلهـ ۾ هٿ وجهي چيو "هُو هاڻي ڪمري مان نڪرڻ وارا ئي آهن ۽ مان ۽ تون، مس پروس! هن ڪاروباري انسانن جي حيثيت ۾ ڪجهـ چوڻ جو آخري موقعو ويجائڻ نه ٿا گهرون. تون اهو ٻڌڻ چاهين ٿي ته تون پنهنجي پياري پي‌ء کي جن ماڻهن جي

حوالي ڪري ويندينءَ. اهي ان سان ايتري ئي محبت ڪن ٿا، جيتري تون ڪندي آهين. هن جي اڳيان ٽيلسن جي ۽ ڪا حيثيت نہ سمجهي ويندي. ان کان پوءِ جڏهن اهو تو وٽ ڇ تنهنجي پياري مڙس وٽ، پندرهن ڏينهن جي سَير ڇ سفر لاءِ ويلز پهچندو تہ تون ڪيس چگو پلو ڇ خوش پائيندينءَ. مون کي ڪنهن جي پيرن جو ڪڙڪو ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي. مون جهڙي اڻ پرٽيل ڪراڙي کي ۽ جنهن جون بهترين تمنائون توسان گڏ آهن. هڪ پيرو پاڻ چمڻ ڏي، پياري ڏيءُ! پوءِ تہ حقدار پنهنجو حق وڻڻ پهچي ويندو."

ڪجهہ گهڙين جي لاءِ هن سندس سهڻو سيبتو منهن پنهنجن هٿن ۾ ونيو، سندس اکين ۾ وسندڙ خاص پاوَن کي ڏسندي، هن جو چمڪندڙ ننڍڙو مٿو پنهنجي پُوري رنگ جي وِڳ سان، وڏي پريم ڇ خلوص وچان لائي چڏيو. اِهي رسمون پراڻيون آهن تہ پلي هجن. . . شايد آدم کان هِنَ دم تائين ائين ٿيندو رهيو آهي.

ڊاڪٽر جي ڪمري جو در کليو ڇ هُوءَ چارلس ڊارني سان گڏ ٻاهر نڪري آئي. هن جي منهن تي موت جي زردي ڇانيل هئي، حالانڪ جڏهن اهي ٻئي اندر ويا هيا، تڏهن هن جي حالت اهڙي نہ هئي. هاڻ تہ هن جي چهري تي ڪو رنگ ئي نہ هو. پر هن جي سهپ ڇ رک رکاءَ ۾ اهائي سيبتائي هئي. پوءِ ۽ اها ڳالهہ مسٽر لاريءَ جي زماني شناس نگاهن ترت ئي تاڙي ورتي. اهي ئي پراڻا ڊپ ڇ هيڪ جو هڪ برفاني جُهوٽو هِنَ مهل ڪيس ڇُهي ويو آهي. هُنَ پنهنجي ڏيءُ کي ٻانهن کان ونيو هيٺ لهي ويو ڇ اُنَ گاڏيءَ ۾ سوار ٿيو جيڪا ان مبارڪ موقعي لاءِ مسٽر لاريءَ گهرائي هئي ڇ سيئي ٻي گاڏي ۾ روانا ٿي ويا. ويجهي هڪ چرچ ۾ جتي اوپريون نگاهون کين گهورڻ لاءِ موجود نہ هيون، اُتي چارلس ڊارني ڇ لوسي مينٽ شاديءَ جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي ويا.

انهن ڪرندڙن ڳوڙهن کان سواءِ جيڪي هن ننڍي گروهہ جي مرڪ جي وچ ۾ سندن اکين ۾ اچي ويا هيا. ڪجهہ جَرڪندڙ هيرا ۽ ڪنوار جي هٿ تي چمڪڻ لڳا. اهي هيرا ان مهل مسٽر لاريءَ جي کيسي مان اوندهہ ۾ نڪتا هيا. سڀ گهر موٽي آيا. نيرن ڪئي وئي ڇ

خير خوبيءَ سان موڪلائڻ جي مهل اچي وئي. گهر جي در وٽ جدائي مهل ورڻ اهي سونهري وارَ اچن وارن سان پاڪرين پوڻ لڳا. جيڪي پيرس جي هڪ ڪال ڪوٺڙيءَ ۾، غريب ڄوتن ٺاهڻ واري جي آڇن وارن سان ملي هڪ ٿي ويا هيا.

جدائيءَ جو منظر مختصر، پر اثرائتو هو. پر پيءُ هن کي دل ٻڌائي ۽ نيٺ هن جا هٿ، جيڪي سندس ڳچيءَ ۾ وڌل هيا، سي جدا ڪري چيو "ها، چارلس! وٽ سنياليِ هِنَ کي. هاڻي هيءَ تنهنجي ٿي."

لوسيءَ پنهنجو ڏکندڙ هٿ گاڏيءَ جي دريءَ مان ٻاهر ڪيڊي لوڏيو ۽ هُو هليا ويا.

اها ڪنڊ جيئن ته عام سڙڪ کان پري هئي، اِنَ ڪري رولُو ۽ نُوس نُوس ڪندڙ ماڻهن جي پهچ کان پري هئي. تياريون ڏاڍيون سادگيءَ ۽ خاموشيءَ سان ڪيون ويون هيون. هنن جي وڃڻ کان پوءِ ڊاڪٽر، مسٽر لاري ۽ مس پروس اڪيلا رهجي ويا هيا. هُو جڏهن پراڻي هال جي آرام ڏيندڙ ۾ ٽڏي ڇانوَ ۾ پهتا، تڏهن مسٽر لاريءَ، ڊاڪٽر ۾ هڪ اهم تبديلي محسوس ڪئي. وڃڻ پٽ تي ڇٽيل سونهري هَٽَ هُنَ مٽان ڪو زهريلو وار ڪري، ڪيس زبردڪ هنيو هجي.

قدرتي طور تي، هُنَ وڏيءَ سَهپ کان ڪم ورتو هو ۽ سندس وڃڻ کان پوءِ، جڏهن سهپ جي گهرج نه رهي، تڏهن ڪجهه نه ڪجهه تبديلي پيدا ٿيڻ لڳو هو. پر هُنَ جي اکين ۾ وري اهوئي پراڻو ڊپ موٽي آيو. جنهن مسٽر لاريءَ کي پريشان ڪري ڇڏيو ۽ هُو جڏهن مٿي ويو تڏهن ساڳيءَ ريت هيسجي، هرهر پنهنجو مٿو پڪڙي، گم سم انداز ۾، پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. هن کي اهڙيءَ حالت ۾ ڏسي، مسٽر لاريءَ کي شراب خاني جو مالڪ ڊيفارج ۽ تارن جي ڇانوَ ۾ ڪيل گاڏيءَ جو سفر ياد اچي ويو.

"منهنجو خيال آهي. . ." کي گهڙيون پريشانيءَ وچان غور ڪندي، مس پروس کي هورڙيان چيو "منهنجو خيال آهي، في الحال اسان کي هن سان ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ڪرڻ گهرجي ۽ نه ئي ڪنهن ريت هن جي آرام ۾ خلل وجهڻ گهرجي. مون کي هڪ پيرو ٽيلسن

ويٺو پوندو پر مان وڃي ترت ئي موٽي ايندس، پوءِ اسان هن کي گاڏيءَ ۾ ڀهراڙيءَ ڏي وٺي ويندا سين. اتي ئي ماني کائيندا سين، پوءِ سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو."

مسٽر لاري لاءِ ٽيلسن وڃڻ سولو هو پر موٽي اچڻ ڏکيو هو. هن کي اُتي به ڪلاڪ لڳي ويا. هُو جڏهن موٽيو تہ نوڪر کان پڇڻ کان سواءِ سڏو مٿي چڙهي ويو. هُو ڈاڪٽر جي ڪمري ڏي ويندي، ٻَڪ ٻَڪ جو هلڪو آواز ٻڌي بيهي رهيو.

"او منهنجا خدا! هي وري ڪهڙو قصو آهي؟" هن چرڪي چيو.

مس پروس جو منهن ڦڪو ٿي ويو هو. هن سندس ڪن ۾ چيو "يا خدا! اي منهنجا خدا!... سڀ تباهه ٿي ويو. هاڻي مان پنهنجي ننڍڙيءَ جهرڪيءَ کي ڪهڙو جواب ڏيندیس. هُو مون کي به نہ ٿو سُجهاڻي، هُو جُوتا ٿاهي رهيو آهي." مس پروس هٿ مهٽيندي چيو.

مسٽر لاري اهو ٻڌي ڪيس دلاسو ڏنو ۽ پاڻ ڈاڪٽر جي ڪمري ۾ ويو... بينچ روشنيءَ طرف ڪئي وئي هئي. هن جو مٿو ائين ئي جهڪيل هو جيئن سڀ کان اڳ هن کي جُوتا ٿاهيندي ڏٺو ويو هو. هُو ڈاڍو رڌل هو.

"ڈاڪٽر مينٽ!... منهنجا دوست ڈاڪٽر مينٽ!!"

ڈاڪٽر هڪ پل لاءِ هن ڏانهن ڏٺو. هن جي اکين ۾ ڪجهه حيرت ۽ ڪجهه سڏڻ تي پيدا ٿيل بُڇان هئي ۽ هُو وري پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويو.

هُنَ پنهنجو ڪوٽ ۽ واسڪيٽ لاهي، هڪ پاسي ڪري رکيا هيا. سندس ڳلو ڪليل هو. بلڪل ائين جيئن سدائين ڪم ڪندي ڪليل هوندو هيس. وري سندس چهري تي اهوئي پراڻو ٽڪ، ڪراڙپ ۽ بي ساهي موٽي آئي. هُو وڏيءَ بي صبريءَ سان محنت ۾ رُڌل هو. ڇڻ تہ وچ ۾ ڪو اجايو اچي پيو هيس.

مسٽر لاري ان شئي ڏي ڏٺو جيڪا هُو ٿاهي رهيو هو. اهوئي پراڻي ڍزائين ۽ ماپ وارو جُوتو هو. هن سندس ويجهو پيل هڪ ٻيو جُوتو کڻي هن کان پڇيو "هي ڇا آهي؟"

"هڪ نوجوان خاتون جي گهمڻ ڦرڻ لاءِ جُوتو. هن کي گهٽو اڳ مڪمل ٿي وڃڻ ڪپندو هو. اهو رکي چڏ." هن ڏي ڪنڊ ڪٽي ڏسڻ کانسواءِ ئي هن چيو.

"پر ڊاڪٽر مينٽ. . . ! مون ڏي ڏس!"

هن انهيءَ پنهنجي پراڻي نوڙت واري انداز ۾ ڪم بند ڪرڻ کان سواءِ ئي ڪنڊ ڪٽي ڏنو.

"پيارا دوستا تون مون کي سچاٽين ٿو؟ وري سوچيو. . . اهو ڪم توهان جو اصلي ڏنڏو ناهي. سوچيو پيارا دوستا"

سوين جتن ڪرڻ باوجود. هن ڪجهه به نه ڳالهايو. جڏهن هن کي مٿي ڏسڻ لاءِ چيو ٿي ويو تڏهن هن هڪ پل لاءِ ڪنڊ مٿي ٿي ڪنيو. پر واتان هڪ اکر به نه ٿي ڪڍيو. هُو لڳاتار ڪم ۾ رڌل رهيو ۽ لفظن جو مٽس ڪو به اثر نه ٿيو. ڳالهه جڙ ته هوا ۾ گم ٿي پئي وئي، يا اهڙيءَ پت سان ٽڪري، جنهن جي ڪا گونج نه هجي. بس ٿوري اميد جي گنجائش اِن ڳالهه ۾ هئي ته هُو بنان ڪجهه چوڻ جي به پريشان ٿي، اکيون مٿي ڪري ڏسڻ ٿي لڳو. هُنَ جي ان سلوڪ ۾ ٿوري حيرت ۽ پريشاني جهلڪي رهي هئي. هُو جڙ پنهنجي دماغ ۾ پيدا ٿيل ڪن شڪن جي وضاحت ڪري قائل ٿيڻ پيو چاهي.

مسٽر لاريءَ کي جلد ئي به شيون ضروري لڳيون. هڪ هيءَ ته ان ڳالهه جي لوسيءَ کي خبر نه پوڻ ڏجي. ٻيو هي ته هن ترت ئي اهو طئي ڪيو ته سيني کي اها ڳالهه چئي وڃي ته ڊاڪٽر جي طبيعت ٺيڪ ناهي ۽ هن کي ڪجهه ڏينهن تائين مڪمل آرام جي گهرج آهي. ۽ سندس چوڪريءَ کي ڏوڪي ۾ رکڻ لاءِ، مس پروس کيس خط ۾ لکي ته ڊاڪٽر پنهنجي ڏنڏي جي سلسلي ۾ ٻاهر ويل آهي.

۽ انهن فرضي خطن جو به ذڪر ڪري چڏجي، جيڪي ڊاڪٽر لکيا آهن ۽ ڪجهه سٽون هن جي نانءَ به لکيون اٽائين.

بهرحال انهن تجويزن تي احتياطي طور تي عمل ڪرڻو ئي هو. مسٽر لاريءَ وٽ ان کانسواءِ ٻيو ڪوبه چارو نه هو جو هو ويهي هن جي پاڻ ئي ٺيڪ ٿي وڃڻ جو انتظار ڪري ها. جي جلد ئي هن جا هوش

حواس موٽي اچن ٿا پوءِ هن هڪ ٻي ڳالهه سوچي ڇڏي هئي. اها هئي ته ڊاڪٽر جي بيماريءَ جي چڪاس ڪرائي ويندي.

ڇٽي پلي ٽيڪ جي صورت ۾ چڪاس جي لاءِ هُنَ ڊاڪٽر کان لڪي، سندس نگراني ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان لاءِ، هن زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ٽيلسن کان موڪل ورتي ۽ هن جي ڪمري جي دريءَ وٽ ديرو دمائي ويهي رهيو.

ترت ئي ڪيس معلوم ٿي ويو ته ڊاڪٽر سان ڳالهائڻ جي ڪوشش اجائي ئي نه پر ڪيس تڪليف ڏيندڙ پڻ آهي. چو ته جڏهن هن کي ڳالهائڻ تي مجبور ڪيو ٿو وڃي، تڏهن هُو پريشان ٿي ٿو وڃي. پهرين ڏينهن ئي هُنَ ڳالهائڻ جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏيو ۽ هن جي سامهون ان وهم جي خلاف خاموش ويهي احتجاج ڪرڻ شروع ڪيو. جنهن وهم ۾ هُو ٻڏي ويو هو يا ٻڏندو پئي ويو. هُو دريءَ وٽ ويهي لکندو يا پڙهندو رهندو هو ۽ هر ممڪن طريقي سان اهو ظاهر ڪندو هو ته اهو ڪو قيدخانو نه، پر هڪ آزاد جاءِ آهي.

ڊاڪٽر مينٽ کي ڪائڻ پيئڻ لاءِ، جيڪو ڪجهه به ڏنو ويندو هو سو ونندو هو ۽ شروعاتي ڏينهن ۾ لڳاتار ڪم ڪندو رهيو. ايتري تائين جو اڌڙي اونداهه ٿي ويندي هئي، جو ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه ايندو هو ۽ مسٽر لاري ان روشنيءَ ۾ نه ته ڪجهه لکي سگهندو هو نه وري پڙهي سگهندو هو. پوءِ به هُو اڏ ڪلاڪ پوءِ تائين ڪم ۾ لڳو رهيو. جڏهن هُنَ اوزارن کي صبح تائين بيڪار سمجهي، هڪ پاسي رکي ڇڏيو، تڏهن مسٽر لاري کيس چيو "ٻاهر هلبو؟"

هن پنهنجي پراڻي انداز ۾ فرش ڏي ڏٺو. انهيءَ انداز ۾ مٿي ڏٺائين ۽ ساڳي ئي پراڻي انداز ۾ چيائين، "ٻاهر...؟"

"گهمڻ ڦرڻ لاءِ مون سان گڏ هلو.. پلا چو نه هلجي."

هن نه ڪو سبب ٻڌايو ۽ نه ئي ڪو جواب ڏنو. پر مسٽر لاريءَ سوچيو ۽ سمجهي ويو ته ڊاڪٽر شام جي ميرانجهيءَ روشنيءَ ۾ پنهنجن گوڏن تي ٺوٺيون رکيون مٿو هٿن ۾ جهليو گم سم انداز ۾ ڪجهه سوچي رهيو آهي.

"چونہ"

مس پروس ۽ مسٽر لاريءَ رات کي بن پاڳن ۾ ورهايو ۽ هن مٿان نظر رکڻ شروع ڪيائون. هُو پر واري ڪمري مان وٽيءَ وٽيءَ سان اچي. هن کي ڏسي ٽي ويا. ڊاڪٽر ليٽڻ کان اڳ ديرتائين هيڏي هوڏي ڦرندو رهيو پر جنهن مهل ليٽيو تڏهن ترت ئي ننڊ پٽجي ويو. هُو صبح اٺڻ شرط ئي سڏو پنهنجي بينچ ڏي ويو ۽ ڪم ۾ جنبي ويو.

ٻئي ڏينهن مسٽر لاريءَ وڏي ادب سان ڪيس سلام ڪيو ۽ انهن موضوعن تي ڳالهائڻ لڳو جيڪي هنن ٻنهي جي گڏيل دلچسپيءَ جو ڪارڻ هيا. هن ڪو به جواب نہ ڏنو پر اهو ظاهر ٿيو تہ هن جيڪو به چيو آهي، سو ٻئي پاسي ضرور ٻڌو ويو آهي ۽ ان بابت الجهيل انداز ۾ سوچيو ويو آهي. انهيءَ تي مسٽر لاري جي همت اڃا وڌي. هن ڏينهن ۾ ڪيئي پيرا، مس پروس کي به پنهنجو ڪم ڪمري ۾ اچي ڪرڻ جو چيو. هن سان لوسيءَ بابت ۽ سندس پيءُ بابت، جيڪو اتي موجود هيو. اهڙيون تہ پنهنجائپ پريون ڳالهيون ڪيون. جو جڻ تہ ڪا خاص ڳالهہ ٿي ئي ناهي. اهو سڀ ڪجهہ بنان ڪنهن ڏيکاءَ جي ڪيو ويو. گهٽيءَ ديرتائين به نہ جو هُو پريشان ٿي وڃي ۽ اهو ڏسي مسٽر لاريءَ جي پيار پريل دل هلڪي ٿي وئي ۽ ان وچ ۾ هن ڪيئي پيرا ڏيان سان ڏنو ۽ جڻ تہ هن کي پنهنجي ڪمري ۾ ڪنهن بي ترتيبيءَ ۽ گڙبڙ جو احساس ٿي رهيو هو.

جڏهن رات ٿي وئي، تڏهن مسٽر لاريءَ وري کانئس پڇيو "پيارا ڊاڪٽر...! ٻاهر هلبو؟"

۽ هن وري اهوئي جواب ڏنو "ٻاهر...!."

"ها... مون سان گهمڻ ڦرڻ... پلا چونہ هلجي!؟"

هُو هن پيري جڏهن کي به جواب ونئي سگهيو. تڏهن ڏيکاءَ خاطر ٻاهر هليو ويو ۽ هڪ ڪلاڪ تائين غير حاضر رهيو. ان وچ ۾ ڊاڪٽر دريءَ وٽ وڃي ويٺو هو. پر مسٽر لاري موٽي آيو تہ هُو جلد ئي وڃي پنهنجي بينچ تي ويٺي رهيو.

وقت ڏاڍي سست رفتار سان سُري رهيو هو ۽ مسٽر لاريءَ جون اميدون اونداهه ۾ ٻڏي ويون. هن جي دل جو ٻوجهه وري وڌي ويو ۽ اهو وڌندو ئي ويو. ڏهاڙي وڌندو ئي ويو. ٽيون ڏينهن آيو ۽ گذري ويو. پوءِ چوٿون ڏينهن ۽ پنجون. پنج ڏينهن، ڇهه ڏينهن، ست ڏينهن، نَوَ ڏينهن!

مايوسيءَ جي ڪاراڻ وڌندي وئي. دل تي پيل ٻوجهه ڳورو ٿيندو ويو. مسٽر لاري اهي ڏينهن ڏاڍيءَ پريشانيءَ ۾ گذاريا. رازداري ڪامياب ثابت ٿي ۽ لوسيءَ کي ڪا به ڪڙڪ نه پئي. هُوءَ خوش هئي. پر مسٽر لاري جي نگاهن کان ڪا به ڳالهه لڪل نه هئي ته جُوتا ناهيندڙ جا هٿ، جيڪي منڊ ۾ ايڏا ڪاريگر نه هيا، سي هاٿي وڏي ڏَڙتي ۽ خوفناڪ مهارت حاصل ڪندا پيا وڃن. ان کان اڳ اهي هٿ ڪڏهن ائين ڪم ۾ غرق نه ٿيا هيا ۽ نه ئي ايڏا ماهر ۽ ڏَڙتيلا هيا. جيڏا نائين ڏينهن جي شام جو نظر اچي رهيا هئا.



باب اُٹويهون

هڪ راءِ

مسٽر لاري چوڪيداري ڪندي ڪندي، پنهنجي جاءِ تي ننڊ پئجي ويو. هُو ڏهين ڏينهن صبح جو چرڪي پيو. هُنَ جي ڪمري ۾ جتي هُو رات جو گهري ننڊ ستو هو اُتي اُسَ چمڪي رهي هئي. هن پنهنجيون اکيون مهٽيون ۽ جاڳي پيو. پر جاڳندي ئي هن کي شڪ ٿيو ته هُو ڪٿي ستل ته ناهي. هن ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ ويجي ڏٺو ته خبر پيس ته جُوتا ناهڻ واري بينچ هڪ پاسي پئي آهي ۽ ڊاڪٽر مينٽ دريءَ وٽ پڙهڻ ۾ رڌل آهي. هن کي ايڏا تائين پنهنجو صبح وارو لباس پاتل هو ۽ هُنَ جو منهن، جيڪو مسٽر لاري چگهيءَ ريت ڏسي سگهي پيو. سو ڦِڪو ٿي رهيو هو. پر وڏي سُڪون ۽ سمجهه ۽ فهم سان پريل هو.

جڏهن مسٽر لاريءَ کي پنهنجي جاڳڻ جي پڪ ٿي وئي، تڏهن به هُو ڪجهه گهڙين تائين ساڳيءَ ڊڏتر ۾ رهيو ته اهو جُوتن ناهڻ وارو قصو ڪٿي. هن جي پنهنجي دماغ جو خواب ته نه هو؟ ڇا هُو پنهنجي دوست کي انهن ڏاڍڙي وارن ڪپڙن ۾ معمول مطابق، مطالعي ۾ رڌل ڏسي رهيو هو؟ ۽ ڇا اهڙي ڪا نَشاني هن وٽ هئي، جنهن مان ثابت ٿئي ته واقعي هن ۾ ڪا تبديلي پيدا ٿي پئي هئي، جنهن جا نشان ايڏا تائين هن جي چهري تي نظر اچي رهيا هيا.

اهو سوال ڪجهه گهڙين لاءِ اُٽيو ۽ هن کي حيرت ۽ پريشاني ۾ وجهي ويو. ٽنهن کان پوءِ ته تصديق ٿي وئي ته جيڪڏهن انهن احساسن جو حقيقي سبب نه هو ته پوءِ هُو پنهنجو پاڻ کان پڇڻ لڳو ته مسٽر جاروس لاري تون پاڻ هِنَ گهر ۾ ڇو موجود آهين؟ تون ڪيئن

مڪمل لباس پايون. ڊاڪٽر مينٽ جي مريض ڏسڻ واري ڪمري ۾ صوفي تي ايڏي گهري ننڊ سمهي پيو هئين ۽ صبح سويري ڊاڪٽر جي در تي بيٺو انهن خيالن سان وڇڙي رهيو هئين؟

ٿوريءَ دير کان پوءِ مس پروس اچي، هن جي ڪن ۾ هورڙيان ڪجهه چوڻ شروع ڪيو. پر جيڪڏهن هن جي دل ۾ ٿورو به شڪ رهجي وڃي ها ته اهو مس پروس جي ڳالهين کانپوءِ هڪدم ختم ٿي چڪو هجي ها. پر ان مهل تائين هن جو دماغ صاف ٿي چڪو هو ۽ سندس دل ۾ ڪو به شڪ شبهو باقي نه رهيو هو. هن راءِ ڏني ته نيرن تائين وقت ائين ئي گذرڻ ڏيو ۽ پوءِ ڊاڪٽر سان ائين ملو جڻ ته ڪجهه ٿيو ئي ناهي. جي هُو بلڪل هوش حواس ۾ نظر آيو ته پوءِ مسٽر لاري وڏي احتياط سان، هن جي بيماريءَ جي تپاس لاءِ ساٿس ڳالهه ٻولهه ڪندو.

مس پروس سندس راءِ سان اتفاق ڪيو ۽ وڏي احتياط سان ان تي عمل ڪيو ويو. مسٽر لاري وٽ وهنجي سهنجي تيار ٿيڻ لاءِ ڪافي وقت هو. تنهنڪري هُو نيرن تي اڇي قميص ۽ صاف سٽري پتلون پائي ميز تي آيو. ريت مطابق ڊاڪٽر کي گهرايو ويو ۽ هُو اچي ويو. مسٽر لاري چڱيءَ طرح ڄاتو ٿي ته ڊاڪٽر مينٽ کي احتياط سان هوري هوري حقيقت کان واقف ڪرائڻ ئي، هن جي صحت لاءِ فائديمند ٿيندو. پهريون ته هُن اهو سمجهيو ته سندس پياري ڏيءَ جي شادي ڪالهه ئي ٿي هئي. مسٽر لاريءَ ڳالهين ڳالهين ۾ شاديءَ جي اصلي تاريخ، ڏينهن ۽ مهيني جو ذڪر اتفاقي طور تي ڪيو ته هُو سوچ ۾ پئجي ڏينهن ڳڻڻ لڳو ۽ ڪجهه بي چين ٿي ويو. هاڻي هُو بلڪل ٺيڪ ۽ پرسڪون نظر اچي رهيو هو. اهو ڏسندي، مسٽر لاريءَ فيصلو ڪيو ته سندس بيماريءَ جي باري ۾ خود سندس راءِ معلوم ڪئي وڃي. تنهنڪري نيرن کان پوءِ، جڏهن ٽانوَ ڪنيا ويا ۽ هُو ڊاڪٽر سان اڪيلو وڃي بچيو ته هن جذبن هٿان مجبور ٿي چيو "پيارا مينٽ! مان هڪ معاملي ۾ نجي طور تي تنهنجي راءِ ونڻ گهران ٿو. هڪ عجيب قسم جو مرض آهي، جنهن ۾ مون کي ڏاڍي دلچسپي آهي. منهنجو مطلب

آهي تہ مون لاءِ اهو مرض ڏاڍو عجيب آهي. ممڪن آهي تہ توهان وٽ جيئن تہ طبي معلومات گهٽي آهي، تنهن ڪري توهان کي ايترو عجيب متان نہ لڳي."

جڏهن ڊاڪٽر جي نظر پنهنجن هٿن تي پئي، تڏهن ڪيس اهو رنگ ڏسڻ ۾ آيو جيڪو هٿن تي ڪم جي ڪري چڙهي ويو هيس ۽ هُو بي چين ۽ پريشان ٿي ويو پر ڀالهہ غور سان ٻڌندو رهيو. ان وچ ۾ هُو ڪيئي ڀيرا پنهنجن هٿن کي غور سان ڏسي چڪو هو.

"ڊاڪٽر مينٽا" هن وڏي پيار وچان سندس هٿ پڪڙي چيو"اهو ڪيس منهنجي هڪ وڏي پياري دوست جو آهي. مهرباني ڪري غور سان ٻڌو ۽ منهنجي اُنَ دوست ۽ خاص طور تي هن جي پياريءَ ڏيءَ جي ڪري پنهنجي راءِ تہ ڏجو. ڊاڪٽر مينٽا"

"جي مان غلط نہ ٿو سمجهان تہ شايد ڪو دماغي صدمو. . ." ڊاڪٽر ڊهيل آواز ۾ چيس.

"ها."

"تفصيل سان ٻڌاءِ . . ڪو تفصيل رهجي نہ وڃي." ڊاڪٽر چيس.

مسٽر لاريءَ ڏٺو تہ هُو ٻئي هڪٻئي جو مطلب سمجهي رهيا آهن. تنهنڪري هن چيو "ڊاڪٽر منيٽا اهو هڪ پراڻو صدمو آهي، جنهن جو اثر ڊگهي وقت تائين رهيو آهي. ڏاڍو ئي سخت حادثو جنهن سان جذبا ۽ احساس متاثر ٿيا آهن ۽. . جيئن توهان چئي سگهو ٿا تہ دماغ متاثر ٿيو اٿس. ڏاڍو گهرو ۽ هنيانءَ ڪاڙ صدمو. دماغ جي اها چوٽ ڪيتري پراڻي آهي، ان جو اندازو ڪرڻ ڏکيو آهي، ڇو تہ مريض پاڻ وقت جو اندازو نہ ٿو ڪري سگهي. اهو هڪ اهڙي ڏهني زخم جو ڪيس آهي، جو مريض جڏهن چاڪ ٿي وڃي تہ هن کي بلڪل خبر نہ پئي تہ هُو ڪڏهن ۽ ڪيئن چڱو پلو ٿيو. مون پاڻ هن کي ان مرض جا تفصيل ٻڌائيندي ٻڌو هو. اهو اهڙو مرض آهي، جيڪو صحت ياب ٿي وڃڻ کان پوءِ، ٻيهر سڀي نموني سان دماغي محنت ڪرڻ لائق ٿي ويو. ان کانسواءِ جسماني ٽڪ به گم ٿي ويس ۽ علم جي ان خزاني ۾

جيڪو اڳي ئي گھٽو هيس، تنهن ۾ ويتر اضافو ٿي ويس. پر بدقسمتيءَ سان. . . بيماري وري ڪنهن حد تائين موٽي آيس. . ."

"اهو ٻيو حملو ڪيترن ڏينهن تائين رهيو؟" ڊاڪٽر جهيٽي آواز ۾ پڇيس.

"ٽوڏينهن ٽوراتيون. . ."

"بيماري ڪيئن ظاهر ٿي؟ منهنجو اندازو آهي ته هُنَ پراڻي صدمي سان لاڳاپيل ڪو شغل وري شروع ڪري ڇڏيو هوندو." ڊاڪٽر هٿن کي ڏسندي چيو.

"ها، ائين ئي آهي."

"هائو. . .!! چا تو هن کي اڳ ڪڏهن انهيءَ شغل ۾ گم ڏٺو هو؟" ڊاڪٽر وڏي اطمينان سان چٽي ۽ صاف، پر جهيٽي آواز ۾ پڇيو.

"ها، هڪ ڀيري ڏٺو هيم."

"۽ جڏهن مرض ٻيهر حملو ڪري آيس ته چا هن جي حالت بلڪل اڳ جهڙي هئي. . . يا ڪجهه فرق هيس؟"

"هر شئي اڳ وانگر ئي هئي."

"تو هن جي ڏيءُ جي ڀالهه ڪئي هئي. چا هن جي ڏيءُ کي ان ٻئي حملي جي خبر آهي؟"

"نه. . . اها ڀالهه هن کان لڪائي وئي آهي ۽ اڃتي به راز ئي رهندي رکو مون کي ۽ هڪ ٻئي ماڻهوءَ کي خبر آهي، جنهن تي اعتبار ڪري سگهجي ٿو."

ڊاڪٽر هن جو هٿ پڪڙي ورتو ۽ چيو "اها تنهنجي وڏي مهرباني هئي. تو ڏاڍو خيال رکيو."

مسٽر لاريءَ به هن جو هٿ پڪڙيو ۽ ٻئي ڇڻا ڪجهه دير تائين ماڻ رهيا.

"ڇڪو پيارا مينٽا! مان ته آهيان نَلهو ڪاروباري ماڻهو. انهن ڏکين ۽ منجهائيندڙ حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ، جنهن عقل ۽ فهم جي ضرورت آهي، اهو مون ۾ ناهي. مون کي رهنمائي جي ضرورت آهي. دنيا ۾ ڪو به اهڙو ناهي، جنهن جي راءِ کي توهان جي راءِ مٿان اهم

سمجهان. مون کي اهو ٻڌايو ته اهو مرض ڇو موتي ايندو آهي ۽ ڇا ان جي ٻئي حملي جو خطرو ٻه آهي؟ ڇا نئين حملي کي روڪڻ جو ڪو طريقو آهي؟ جيڪڏهن ٻيهر حملو ٿئي ته کڻڻو علاج ڪرڻ گهرجي؟ هر هر ان مرض جي اچڻ جو ڪارڻ ڇا آهي؟ مان پنهنجي دوست جي لاءِ ڇا ڪري سگهان ٿو؟جيڪڏهن مون کي ڪو طريقو معلوم ٿي وڃي ته مان هر طريقي سان پنهنجي دوست جي مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس."

"مون کي خبر ناهي ته ان مرض کي ڪيئن روڪجي. جيڪڏهن توهان پنهنجي هوشياريءِ علم ۽ تجربي جي مدد سان، مون کي صحيح دڳ سان لائي سگهو ته مان سڀ ڪجهه ڪري سگهندس. بنان سمجهه ۽ بغير رهنمائيءَ جي گهٽ مدد ڪري سگهان ٿو. مهرباني ڪري مون سان ان معاملي تي ڳالهايو. ٿورو تفصيل سان سمجهايو ۽ ٻڌايو ته مان ڪهڙي ريت ڪارائتو ثابت ٿي سگهان ٿو." مسٽر لاريءَ پنهنجي خاص، نرم ۽ پيار پرئي لهجي ۾ پڇيو.

ڊاڪٽر مينٽ جڏهن اهي جوش پريا لفظ ٻڌا ته هُو ماڻ ڪري سوچ ۾ ٻڏي ويو. مسٽر لاريءَ ٻه ڳالهه ٻولهه جاري رهڻ تي زور نه ڏنو.

"منهنجو خيال آهي ته اهو ٻيو حملو جيڪو ٿيو جنهن جو ذڪر تو هاڻي ڪيو، ڇا اهو مريض جي نقطي نظر سان گهٽو ٿو سندس اميد جي ابتڙ نه هو؟" ڊاڪٽر وڏيءَ ڏکيائيءَ کان پوءِ ماڻ کي ٽوڙيو.

"ڇا هن کي اڳ ۾ ئي ان ڳالهه جو ڊپ هو؟" مسٽر لاريءَ همت ڪري چيس.

"ڏاڍو!" هن بي اختيار ڏکندي چيو "تون نه ٿو ڄاڻين ته اهڙي ڊپ واري مريض جي دماغ تي ڪيترو نه ٻوجهه هوندو آهي ۽ جيڪا تڪليف سندس ساهه ٻوساڻيندي رهندي آهي، ان جي باري ۾ هڪ لفظ ٻه چئي سگهڻ مشڪل آهي ۽ ڪن حالتن ۾ ته بلڪل ناممڪن."

"ڇا جڏهن هن تي ٻيهر پريشانيءَ جو حملو ٿئي ۽ هُو ڪنهن کي پنهنجو رازدار ٻڌائي چڏي، ته سندس دل جو بار ڪجهه هلڪو ٿي ويندو؟"

"ها، منهنجو خيال ته اهوئي آهي، پر جيئن مون هاڻي چيو ته اهو تقريبن ناممڪن آهي. ايڏا به ڪن حالتن ۾ ته بلڪل ناممڪن."

ٻنهي پاسن کان ڪا گهڙي ماڻ رهي- پوءِ مسٽر لاريءَ نرميءَ سان هن جي ٻانهن تي هٿ رکندي چيو "ڏاڏو سُڻ! توهان مون کي ان حملي جو ڪارڻ ٻڌائي سگهو ٿا؟"

"مون کي پڪ آهي ته پراڻن واقعن جي يادن ڪري ۽ پريشان خيالن ڪري، اهو مرض ٿيو هو سي يادون حيرت انگيز طريقي سان وري تازيون ٿي ويون آهن. منهنجو خيال آهي ته ڪي گهٽو پريشان ڪندڙ واقعا، حد کان وڌيڪ ايذائيندڙ طريقي سان، ٻيهر نئين شڪل ۾ ظاهر ٿيا آهن. ٿي سگهي ٿو ته هن جي دماغ ۾ گهٽي عرصي کان، ڪڏهن نه ڪڏهن ياد ڏياريو وڃڻ جو ڊپ لڪل هجي. هن ڏاڏي ڪوشش ڪئي ته هُو پنهنجي پاڻ ۾ سهپ جي سگهه پيدا ڪري ونندو پر سپ اجايو. شايد برداشت ڪرڻ ۾ جيڪا سگهه کپي، تنهن ان کي ايڏا وڌيڪ نه سهڻ جهڙو بڻائي ڇڏيو."

"ڇا ڪيس ياد رهندو ته هن حملي ۾ مٿس ڇا گذري؟" مسٽر لاريءَ هيڪندي پڇيو.

ڊاڪٽر پريشان ٿي ڪمري ۾ هر پاسي نظر ڊوڙائي ۽ هورڙيان جواب ڏنو "نه بلڪل نه."

"هاڻي ڪجهه مستقبل جي باري ۾." مسٽر لاريءَ اشاري ۾ چيس.

"مان مستقبل جي باري ۾ گهٽو پراميد آهيان. ڇو ته خدا پنهنجي رحم ۽ ڪرم سان هن کي ايترو جلد صحت ڏني. ان ڪري ڪجهه اميد آهي. هُو گهٽي عرصي کان انهن واقعن ٿيڻ جو منتظر هو جن جو ڊپ ۽ ٻوجهه هن جي دماغ کي اڻجاتل ۽ اڻ ڏٺل وهمن جي ڪاهه کان ٽڪائي رهيو هيس. هُو انهن حالتن جي اڳيان جهڪي پيو. پر جڏهن طوفان اچي ويو ۽ اچي گذري ويو ته مان اهائي اميد ڪري سگهان ٿو ته برو وقت به گذري ويو."

"ڏاڏو سُڻو. اها دل کي تسلي ڏيندڙ ڳالهه آهي. مان توهان جو ٿورائتو آهيان." مسٽر لاريءَ چيو.

"مان بہ توهان جو ٿورائتو آهيان." ڊاڪٽر ڪنڈ جهڪائي ساڳيائي لفظ وڏي ادب سان چيا.

"بہ هڪڙيون ٻيون ڳالهيون پڻ آهن، جن جي باري ۾ صلاح ونڊ ضروري سمجهان ٿو. چا عرض ڪري سگهان ٿو؟" مسٽر لاريءَ اجازت گهري.

"ضرور...! توهان پنهنجي دوست جي ان کان وڌيڪ بهتر خدمت بي ڪهڙي ڪري سگهو ٿا." هن مسٽر لاريءَ جي هٿ ۾ پنهنجو هٿ ڏئي ڇڏيو.

"پهرين ڳالهہ تہ هيءَ آهي تہ هُو مطالعي جو ڏاڍو شوقين آهي. وڏي ذهانت جو مالڪ آهي. هُو وڏي ڊيان سان پنهنجي فن ۽ علم ۾ دلچسپي وٺي ٿو. تجربن ۽ ٻين ڳالهين ۾ گم رهي ٿو. تہ چا هُو گهرج کان وڌيڪ ڪم ڪري ٿو؟"

"تہ منهنجي خيال ۾ هن جي دماغ جي بناوت ئي اهڙي آهي، جو هن کي سدائين کو نہ کو شغل کپي. اها ڪجهہ تہ پيدائشي ڳالهہ هوندي ۽ ڪجهہ وري ذهني مرض جو نتيجو هوندي. هن جي دماغ کي جيتري گهٽ صحتمند مصروفيت ملندي، هُو اوترو ئي گهٽو غيرصحت شغل ڏي لڙندو. شايد پنهنجو غور سان مشاهدو ڪرڻ کان پوءِ، هن اها ڳالهہ ڳولهي لڌي آهي."

"توهان کي پڪ آهي؟ هن جي ذهن تي ضرورت کان گهٽو بار تہ نہ ٿو پوي؟"

"پوري پڪ اٿم."

"منهنجا پيارا مينٽا! جيڪڏهن هن مهل مٿس گهٽو بار پئجي رهيو هجي تہ..."

"پيارا لاري! منهنجو خيال آهي تہ ائين ٿيڻ ڏکيو آهي. هڪ پاسي گهٽو وزن پئجي ويو هو. هاڻي توازن ٺيڪ رکڻ لاءِ ٻئي پاسي بہ وزن پوڻ گهرجي."

"معاف ڪجو مان آهيان ڪاروباري ۽ پيو توهان جو مٽو ڪاوان. جيڪڏهن فرض ڪيو تہ هن مٿان ڪم جو گهٽو بوجهہ پئجي رهيو آهي تہ پوءِ مرض جي موڻي اڇڻ سان اهو ظاهر ٿي پوندو."

"نہ بلڪل نہ مان سمجهان ٿو تہ بلڪل بہ نہ." ڊاڪٽر مينٽ پوريءَ پڪ سان چيو "سواءِ خاص واقعن جي ردعمل جي، ہيءَ ڪنهن بہ شئي سان بيماريءَ جي موٽ جو خوف ناهي ۽ هاڻي تہ منهنجو خيال آهي تہ ڪو غيرمعمولي حادثو ئي اهڙو ردعمل پيدا ڪري سگهي ٿو جنهن سان اها بيماري وري موٽي اچي. جيڪو پيش اچي چڪو آهي ۽ ان جيڪري صحت خراب ٿي اٿس تہ اهڙيءَ صورت ۾ مون کي اهو ڊاڍو ڏکيو ٿو لڳي تہ هن جي دل جي نازڪ تارن کي وري ڪو اهڙو پوائنٽو جهٽڪو لڳندو. مون کي پروسو آهي، ۽ تقريبن پڪو ويساهہ اٿم تہ هاڻي هن جي مرض جي موٽي اچڻ جو ڪو ڪارڻ نہ رهيو آهي."

هُو هڪ باخبر انسان جي حيثيت ۾ چئي رهيو هو ۽ ڄاڻندو هو تہ دماغ جي نازڪ مشين جو توازن، هڪڙي ننڍڙي واقعي جي ڪري بگڙي ويندو آهي. ان سان گڏوگڏ هن جي لفظن ۾ ان شخص جي تجربي جو ويساهہ هو جيڪو پاڻ اهو سڀ ڪجهہ برداشت ڪرڻ کان پوءِ، ٻيهرپنهنجن حواسن تي قابو پائي چڪو هجي. هن جي انهيءَ ويساهہ کي لوڏڻ جو سندس دوست جو ڪو بہ ارادو نہ هو. هن پنهنجي يقين سان گڏ وڌيڪ اطمينان ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ هاڻي هُو پنهنجي ٻئي ۽ آخري سوال ڏي آيو. هن کي ان جي ڳالهہ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو لڳي رهيو هو پر جيڪي ڳالهيون مس پروس سان ٿيون هيون ۽ جيڪو ڪجهہ انهن نَوَن ڏينهن ۾ ڏٺو هيائين، تنهن کي ڏسندي، اهو سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ بہ ضروري هو.

"منهنجو اهو دوست ان ڏهني بيماريءَ هلندي، جنهن مان هاڻي خوش قسمتيءَ سان چاڪ ٿي ويو آهي، هُنَ وقت گذارڻ لاءِ فرض ڪريو تہ لوهارڪو ڏنڊو ڪرڻ شروع ڪيو هو. اسان اهو بہ فرض ڪري ٿا وٺون تہ انهن ٻُرن ڏينهن ۾ هُو لوهارڪو ڪم هڪ ننڍي ٻَڪريءَ جي مدد سان ڪندو هو. مثال طور، هُو وري اهو ڪم ڪندي ڏٺو وڃي تہ چا اها افسوس جي ڳالهہ ناهي تہ هُو ان کي سدائين پاڻ وٽ رکي ٿو." مسٽر لاري کنهنکر ڪندي چيو.

ڊاڪٽر پنهجي نرڙ تي هٿ جو پاڇو ڪري ورتو ۽ گهبرائجي پنهنجي جُوتي جي چنهنب سان نڪ ڪرڻ لڳو.

"ڇا ان ڳالهه ۾ توهان کي مشورو ڏيندي ڏکيائي ٿي رهي آهي؟" مسٽر لاريءَ چيو.

"مان سمجان ٿو ته اهو ڏاڍو دلچسپ سوال آهي. . . ۽ مان سوچيان ٿو ته. . ." هن پنهنجو ڪنڈ ڏُوٽيو ۽ ماڻ ٽي ويو.

"ڏسو! هن بدنصيب انسان جي دماغ جي اندرئين ڪيفيت جي سلسلي وار تشريح ڏاڍي ڏکي آهي. هڪ وقت اهو هو جڏهن هن کي انهيءَ ڪم ڪرڻ جي وڏي خواهش هئي ۽ جڏهن ڪم مليس، تڏهن ڪيس ڏاڍي سگهه حاصل ٿي. ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ائين هن جي ڏک ۾ گهٽي گهٽتائي اچي ويندي هئي. هن دماغ جي پريشانين وارو دباءُ گهٽ ڪرڻ جي لاءِ آڱرين کي ڪم جي پريشانين ۾ وچڑائي چڏيو ۽ جيئن جيئن سنڊس مهارت وڌندي وئي، آڱرين جي تيزيءَ، سنڊس دماغي ڏک جي شدت گهٽائي چڏي. ان ڪري هُو انهن اوزارن کي سدائين لاءِ پاڻ کان پري ڪرڻ جو ٻوتو نه ٿو پائين ۽ هاڻي به جڏهن ته مون کي پڪ آهي ته هن کي پنهنجو پاڻ تي ايتروئي پروسو آهي، جيترو اڳ ڪڏهن نه هيس ۽ هُو خود پنهنجي باري ۾ وڏيءَ پڪ سان ڳالهائي به سگهي ٿو پر هاڻي به اهو هن جي دل ۾ اوچتو ڊپ پيدا ڪري چڏي ٿو ته هُو متان انهن جي ضرورت شدت سان محسوس ڪري ۽ پوءِ نه پائي سگهي. هن جو اهو ڊپ هڪ گم ٽيل ٻار جي وهم وانگر آهي." ڊاڪٽر ٿوري دير پريشانيءَ ۾ رهڻ کان پوءِ کيس چيو.

مسٽر لاريءَ ڏي هُنَ اک ڪٽي ڏٺو ته هُو پاڻ پنهنجن لفظن جي هوبهو تصوير نظر اچي رهيو هو.

"ڇا ائين نه ٿو ٿي سگهي ته. . . واضح هجيوَ ته مان هڪڙو سڌو سادو ڪاروباري ماڻهو آهيان. جنهن جو واسطو رڳو پائونڊ، شلنگ ۽ بينڪ جي نوٽن سان پوندو رهي ٿو ته ڇا ائين نه ٿو ٿي سگهي ته انهن شين جي وجود سان، ان خيال جو وجود به قائم رهي ٿو. جيڪڏهن اهي شيون اتان پري ڪري چڏجن ته منهنجا پيارا مينڊا ڇا اهو خيال به

ميڙجي نہ ويندو؟ ڳالهہ مختصر هيئن ڪجي تہ ڇا ان بڻيءَ کي اُتي قائم رکڻ، ان وهم کي وڌائڻ ناهي!؟"

وري هڪ پيرو ٻيهر ماڻ ڇانٽجي وئي.

"تون اهو بہ ڄاڻين ٿو تہ هُو گهٽي وقت کان مون سان گڏ آهي." ڊاڪٽر ڏکندڙ آواز ۾ چيو.

"پر مان تہ انهيءَ کي پاڻ سان نہ رکان ها." ڊاڪٽر کي پريشان ڏسي، مسٽر لاريءَ جي دل ايجا وڌي وئي، "مان تہ هن جي خاتمي جي راءِ ڏيان ها. مون کي رڳو توهان جي اجازت جي ضرورت آهي. مون کي پڪ آهي تہ ان مان ڪو فائدو بہ نہ ٿو پهچي. مهرباني ڪري مون کي ڏئي ڇڏيو. هن جي ڏيءُ جي خاطر ئي صحيح. منهنجا پيارا دوستا!"

اها ڇڪتاڻ، جيڪا هن جي دماغ ۾ هلي رهي هئي، تنهن کي ڏسي ڊاڍي حيرت پئي ٿي.

"ڏيءُ جي خاطر، انهن شين کي پري ڪري سگهين ٿو. منهنجي پاران موڪل اٿئي، پر اهڙي وقت تي پري ڪر، جڏهن اهو اُتي موجود نہ هجي تہ جيئن دوست ۽ غمخوار جي جدائيءَ جو احساس ڪجهہ دير سان ٿئيس."

مسٽر لاري ان ڳالهہ تي ترت ئي راضي ٿي ويو. هنن ٻهراڙيءَ ۾ ڏينهن گذاريو ۽ ڊاڪٽر بلڪل ٺيڪ ٿي ويو. هُو تن ڏينهن تائين صفا تندرست رهيو ۽ چوٿين ڏينهن هُو لوسي ۽ سندس مڙس ڏي هليو ويو. هن جي خاموشيءَ جي باري ۾ جيڪو احتياط ڪيو ويو هو سو مسٽر لاريءَ هن کي چگيءَ طرح سمجهائي ڇڏيو هو. هن لوسيءَ کي ان ڪري ئي خط لکيو هو. تنهنڪري ئي هن کي کو بہ شڪ نہ ٿيو.

هُو جنهن رات گهران روانو ٿيو، مسٽر لاري هڪ کهاڙي، آري، هٿوڑي ۽ چيٽي کڻي، سندس ڪمري ۾ ويو. مس پروس روشني ڪرڻ لاءِ ساٽس گڏ هئي. مسٽر لاري اُتي در بند ڪري، ڏوهارين وانگر بينچ جا ذرا پرزا ڪري ڇڏيا. مس پروس روشني ڪري رهي هئي، جڏ تہ کنهن کي قتل ڪرڻ ۾ مدد ڪري رهي هجي. هُونءَ بہ هُوءَ پنهنجي ڊيڄارينڊڙ منهن مهانڊي جي ڪري، انهيءَ ڏوهہ لاءِ ٺهڪندڙ هئي. ذرا

پرزا ڪيل ڪپاڙ کي ساڙڻ جي رسم جلد ئي رڌڻي ۾ ادا ڪئي وئي.
اوزار جُوتا ۽ چمڙو باغ ۾ پوري چڏيائون. ايماندار انسانن کي هر قسم
جي تباهيءَ کان نفرت هوندي آهي. مس پروس ۽ مسٽر لاري جڏهن
انهيءَ ٻيڙ ٻاهه ۾ مصروف هيا، تڏهن هنن کي ائين لڳي رهيو هو جڻ ته
ڪنهن پوائتي ڏوهه جا ڏوهاري ٿي رهيا هجن.



هڪ عرض

جڏهن ڪنوار ۽ گهوٽ گهر موتي آيا، تڏهن سيني کان اڳ کين مبارڪ ڏيڻ لاءِ سڀني ڪارٽن پهتو. هُو هنن ٻنهي جي پهچڻ کان ڪجهه ڪلاڪ پوءِ پهتو هو. هن جي لٽي ڪپڙي ۽ اٽڪيءَ ويهڻيءَ ۾ ڪوبه سڏارو نه آيو هئو پر چارلس ڊارون پهريون پيرو ڏنو ته هُنَ ۾ پرخلوص دوستيءَ جو جذبو اڳي کان وڌيڪ آهي.

ڪارٽن اهڙيءَ گهڙيءَ جو منتظر هو. جڏهن هنن جي گفتگو ڪو ٻيو ٻڌي نه سگهي. هُو موقعو ڏسي، ڊارني کي دريءَ ڏانهن وٺي ويو ۽ چيائين، "مسٽر ڊارني! مان ٿو چاهيان ته اسان ٻئي اڳتي دوست ٿي رهون."

"دوست ته اسان هاڻي به آهيون."

"توهان اها ڳالهه رسمي طور تي چئي رهيا آهيو پر منهنجو مطلب رسمي ڳالهه ٻولهه سان ناهي. مان سچي به چاهيان ٿو ته اسان دوست رهون، ايڏا به ڪجهه وڌيڪ ٿي رهون."

چارلس ڊارني جي سمجهه ۾ ڪجهه به نه آيو ۽ هن ڪلندي دوستاڻي لهجي ۾ سندس ڳالهه جي وضاحت گهري.

"خدا جو سُنهُن! پنهنجي ڳالهه جو مطلب ٻين کي سمجهائڻ کان پاڻ سمجهڻ وڌيڪ سولو آهي." ڪارٽن مرڪندي چيو "پوءِ به ڪوشش ڪريان ٿو. توهان کي ياد آهي، هڪ ڀيري مون حد کان گهٽو پيتو هئو."

"ها، مون کي اهو ياد آهي. اهو يادگار موقعو. جڏهن توهان مون کي اهو مڃڻ تي مجبور ڪيو هو ته مان نشي ۾ آهيان."

"مون کي ب اهو سڀ ڪجهه ياد آهي. اهي سڀ ڏک پريون يادون منهجي دل تي اُڪريل آهن. مون کي اميد آهي ته جڏهن منهنجي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ٿي ويندا، تڏهن منهنجي پشيمانيءَ کي ب نظر ۾ رکيو ويندو. گهڻرايو نه. مان کو واعظ نه ٿو ڪرڻ گهران."

"گهڻرائڻ جي ڳالهه آهي ب نه. توهان ايڏي خلوص کان ڪم وٺي رهيا آهيو. پلا مون لاءِ گهڻرائڻ جي ب ڪا مهل آهي؟"

"اُن وقت جڏهن مان نشي ۾ ٻڏل هيس. مان ڪڏهن ب ايڏو نشي ۾ نه رهيو هيس." ڪارٽن لاپرواهيءَ وچان هٿ کي لوڏو ڏيندي چيو. جڙ ته هُو عادت مطابق اها حرڪت ڪري رهيو هو. گفتگو جاري هئي. "مان ان مهل ڪهڙي نه اجائي بڪواس ڪري رهيو هيس. ڪڏهن مون اهو پئي چيو ته مان توهان کي پسند ڪريان ٿو ڪڏهن چيم پئي ته توهان کي پسند نه ٿو ڪريان. مان چاهيان ٿو ته توهان اهي ڳالهيون وساري ڇڏيو."

"ڪوزمانو ٿيو مون ڀُلائي ڇڏيون آهن."

"توهان رسمي طور ڳالهه ڪري رهيا آهيو پر مسٽر ڊارني! مون لاءِ اهو وسارڻ ايترو سولو ناهي. مون اهي ڳالهيون وساريون ناهن ۽ نه ئي توهان جي مٺاڇري جواب ڏيڻ تي اهي وساري سگهان ٿو."

"جيڪڏهن توهان جي خيال ۾ اهو جواب ائين ئي هو ته مان معافي ٿو گهران." مسٽر ڊارني چيو. "منهنجو مطلب ان کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه هو ته توهان هڪ معمولي ڳالهه کي ايتري اهميت نه ڏيو. يقين ڪيو جڏهن هڪ شريف ماڻهو توهان کي پڪ ڏياري ٿو ته اها ڳالهه آئي وئي ٿي وئي. ان ۾ رکيو چاهي. خدا بهتر ٿو ڄاڻي. ان ڏينهن توهان مون تي ڏاڍو احسان ڪيو. ان کان پوءِ ٻيو ڇا ياد رهي سگهي ٿو."

"جيسين احسان جو تعلق آهي." ڪارٽن چيو "اها ته رڳو ڪاروباري اٽڪل هئي. ان وقت، مون پنهنجو پاڻ کي بچائڻ لاءِ ذاتي ڪوشش نه ڪئي هئي. منهنجن لفظن تي ٿورو ڏيان ڏيو. . . تڏهن. . . مان گذريل ڏينهن جو ذڪر ڪري رهيو آهيان."

"توهان پنهنجي احسان جي اهميت گهٽائي رهيا آهيو." ڊارني جواب ڏنس. "مون کي توهان جي انهيءَ مٺاڇري جواب سان ڪو واسطو ناهي."

"يقين ڪيو. . . دل جي ڳالهه آهي. . . خير! مان موضوع کان هٽي رهيو آهيان. . . مان ايندڙ وقت جي دوستيءَ جو ذڪر ڪري رهيو هيس. هاڻي توهان مون کان واقف ٿي چڪا آهيو. منهنجي نه سڌرڻ واري طبيعت کان به واقف ٿي چڪا آهيو. جي ان ۾ ڪو شڪ اٿوَ ته اسٽرائيوَر کان پڇي ونو. هُو به ان ڳالهه جي تصديق ڪندو."

"مان هن جي مدد کان سواءِ پاڻ راءِ قائم ڪري سگهان ٿو."

"صحيح. . . ته پوءِ توهان کي اها ته خبر هوندي ته منهنجي زندگي هڪ رولو ڪتي واري آهي. نه مون کي سنو ڪم ڪيو آهي ۽ نه ڪڏهن انهيءَ جي اميد آئٽر."

"اڳتي جي اميد جي باري ۾ ته مان نه ٿو چئي سگهان."

"مان چوان ٿو ۽ توهان کي منهنجي ڳالهه تي ويساهه ڪرڻ گهرجي. پلا جيڪڏهن توهان کي هڪ بيڪار ۽ بدنام شخص جو مهل بي مهل اچڻ قبول هجي ته مان اڄ وڃ جي اجازت چاهيان ٿو. ائين سمجهو ته هڪ بيڪار ماڻهو. بلڪ مان توهان جهڙو نه هجان ها ته چوان ها ته هڪ اجائي شئي. جيڪا ڪڏهن ڪم ايندي هئي. پر هاڻي نه ڪارائتي آهي نه سهڻي. سا ٿوريءَ دير لاءِ توهان جي گهر ۾ موجود آهي. مان انهيءَ اجازت جو ناجائز فائدو نه ونندس. شايد سال ۾ به چار ڀيرا اچي سگهان. پر مون کي اهو اطمينان رهندو ته مان جڏهن چاهيان تڏهن اچي سگهان ٿو."

"نيڪي ۽ پوڇ پوڇ!"

"ان جو مطلب هي آهي ته مون کي اها خاص حيثيت حاصل رهندي. ڀارني! وڏي وڏي مهرباني. . . ڇا مان توهان جي اجازت سان هيئن بنان ڪنهن روڪ ٽوڪ جي اچي سگهان ٿو."

"پڪ سان. ڪارٽن!"

هنن ڪنهي هڪڙي سان هٿ ملايا. سڀني اتان موڪلائيندي ئي وري ساڳيو ڪوڪلو انسان نظر اچي رهيو هو جيڪو هُو اڳ ۾ ڏسڻ ۾ ايندو هو.

شام جو سنڌي ڪارٽن جي غيرحاضريءَ ۾ چارلس ڊارني مس پروس ڊاڪٽر مينٽ ۽ مسٽر لاريءَ سان متينءَ ڳالهه ٻولهه جو مختصر ذڪر ڪيو ۽ سنڌيءَ کي لاپرواهيءَ جو هڪ نمونو ڪري پيش ڪيو. پر هُنَ جي لهجي ۾ ڪوڙاڻ يا مخالفت جو جذبو نه هو.

هن کي ڪهڙي خبر ته اها ڳالهه ٻولهه هن جي نوجوان زال جي دل تي نقش ٿي ويندي. پر جڏهن هُو ٿوري دير کان پوءِ پنهجي ڪمري ۾ هن سان مليو ته هُوءَ سندس انتظار ۾ ڪُلتيءَ سان گڏ بيٺي هئي.

"ڏاڍيءَ ڪُلتيءَ ۾ پئي نظر اچين!" ڊارني هن کي پاڪر ۾ پريندي چيو.

"ها. پيارا چارلس! اڄ رات ٿوري ڪُلتي ٿي پئي اٿم." هن پنهنجي مڙس جي ڇاتيءَ تي هٿ رکندي. تاڙ وٺڻ واري انداز ۾ هن ڏي ڏسندي چيو.

"ڇا ڳالهه آ؟ پياري لوسي!"

"واعدو ڪر ته مون کان هڪ سوال ڪڏهن به نه ڪندين!؟"

"واعدو ڪريان! پنهنجي پياريءَ لاءِ اها ڪهڙي شئي آهي. جنهن جو مان واعدو نه ڪندس!" هُو هڪ هٿ سان هن جا سونهري وار سندس ڇهري تان هڪ پاسي ڪري رهيو هو. ٻيو هٿ چوڪريءَ جي سيني تي هيس. جتي هڪ ننڍڙي دل هن جي پيار ۾ ڌڙڪي رهي هئي.

"پيارا چارلس! توکي مسٽر ڪارٽن جي باري ۾ اهڙيون ڳالهيون نه چوڻ گهرجن. . . هُو ويچارو ان کان وڌيڪ عزت ۽ مان جي لائق آهي."

"ڊارلنگ! اهو پلا چو؟"

"اهوئي هڪ سوال توکي مون کان نه ڪرڻ گهرجي. پر منهنجو گمان آهي. مون کي يقين آهي ته هُو وڌيڪ عزت جو حقدار آهي."

"منظور. . . ! هاڻي ٻڌاءِ. اي منهنجي جان! ته مان ڪهڙو طريقو اختيار ڪريان؟"

"هن سان سدائين سخاوت وارو سلوڪ ڪرڻ گهرجي. نه ڪي هن جي گلا ڪرڻ ڪپي. مان توکي چوان ٿي ته هن جي سيني ۾ به دل آهي. جنهن تي اونها زخم لڳل آهن. هُو پاڻ ته لڪائي ٿو پر مان انهن زخمن مان وهندڙ رت پاڻ ڏسي چڪي آهيان."

"مون کي ان خيال سان ئي تڪليف ٿي رهي آهي تہ مون هن سان ناانصافي ڪئي آهي." چارلس ڊارني چيو "مون هن بابت ڪڏهن برو ناهي سوچيو."

"منهنجا پيارا! اها ڳالهہ صحيح آهي. افسوس تہ ان ڳالهہ جو آهي تہ ڪا بہ شئي هن کي سڌي راهہ تي نہ ٿي آڻي سگهي. سڌاري جي ڪا اميد شايد ئي هجي. نہ هن جو ڪردار بدلجي سگهي ٿو ۽ نہ هن جي قسمت. پر مون کي پڪ آهي تہ هن ۾ رڳو سڻن ڪمن جي ئي صلاحيت ناهي. پر وڏن ڪارنامن سرانجام ڏيڻ جي قابليت بہ موجود اٿس."

هڪ آياڳي انسان تي، پنهنجي خلوص پرئي ويساهہ جي اندروني نور جي ڪري، هن جو مڪڙو جَرڪڻ لڳو ۽ هُوءَ ايتري تہ سهڻي نظر اچي رهي هئي، جو جيڪڏهن سندس مڙس ڪيس ڪلاڪن جا ڪلاڪ تڪيندو رهي ها تہ شڪ نہ هو.

هُوءَ هن سان ٻڪجي وئي ۽ پنهنجو مٿو هن جي سيني سان لڳايون. هن جي اکين ۾ اکيون وجهي، چوڻ لڳس "هاڻي منهنجا پيارا! اهو نہ وسار تہ اسان خوشيءَ وچان ڪيڏو نہ پرجي ويا آهيون ۽ هُو ويچارو مصيبت هٿان ڪيڏو نہ پريشان."

هن جي ان التجا جو سندس دل تي ڏاڍو اثر ٿيو ۽ چوڻ لڳو "منهنجي جان! مان سدائين ياد رکندس. مان سڄي عمر ياد رکندس."

هُو سونهري مٽي تي جهڪي پيو ۽ گلاب جهڙن چپن تان چمي ونڊي، هن کي پنهنجين ٻانهن ۾ ڪٽي قابو ڪيائين. جيڪڏهن هڪڙو ٻيوس لاچار رولُو جيڪو اُنَ مهل اونداهين گهٽين ۾ رلي رهيو هو. اهو هُنَ جي معصوم انڪشاف کي ٻڌي وٺي ها ۽ هنن پيار پرين نيرين نازڪ اکين ۾ بي انتها رحم جي ڪري، پرجي آيل ڳوڙهن کي ڏسي ها، جن ڳوڙهن کي مڙس جون چميون سڪائي رهيون هيون تہ اهو رولُو انسان وري هڪ پيرو رڙڪري چوي ها:

"انهيءَ دل نواز رحمدليءَ جي بدلي ۾، خدا هن کي سدائين شاد ۽ آباد رکي!"

باب ايڪويهون

پيرن جو ڪڙڪو

ماڻهن جو چوڙ آهي تہ جِتي ڊاڪٽر مينٽ رهندو هو اُتي اڪثر پڙاڏا گونجندي ٻڌڻ ۾ ايندا هيا. ان گهر جي ڪنهن خاموش ڪنڊ ۾، لوسي هر وقت پنهنجي پيءُ، مڙس ۽ پنهنجي ڪراڙيءَ ساٿياڻيءَ ۽ گهر جو چرخو هلائيندڙ سان گڏ، پنهنجي زندگيءَ کي سونهري ٻنڌڻ ۾ سوگهي ڪرڻ ۾ رڌل هوندي هئي. ان سُڪونَ ۽ خوشين ۾ريل جيون جا گهٽا ٽٽا پل، انهيءَ سکن پريءَ ڪنڊ ۾ گذرندا هيس، جتي گذريل ورهين جي ڪڙڪي کان سواءِ ڪو بہ آواز سندس ماڻ ۾ خلل نہ وجهندو هو.

مُنڊيَ ۾ نوجواني ۽ پرٽي جي خوشين هوندي ہ، ڪڏهن ڪڏهن هن جون اکيون آليون ٿي ويندیون هيون ۽ هٿ ڪم مان نڪري ويندو هو. چو تہ پڙاڏي جي آوازن ۾، ڪا اهڙي ڪيفيت هئي، ڪا اهڙي ڏندلي، نہ محسوس ٽيندڙ ۽ ماورائي ڪيفيت، جيڪا، هن جي جذبن کي ڏاڍو اُپاريندي هئي. هُوءَ اهڙن موقعن تي آس نراس جي عجيب ڪشمڪش ۾ ونجي ويندي هئي. هُوءَ ڪڏهن اهڙي، محبت جو خواب ڏسندي هئي، جنهن کان هُوءَ ايجا تائين اڻ ڄاڻ هئي. ڪڏهن هن کي اهو ڏڙڪو لڳي ويندو هو تہ شايد هوءَ ان محبت جي مزي ونڊ جي لاءِ زندهہ نہ رهي. هن دور جي آوازن ۾ هن کي ڪڏهن پنهنجي ئي جواني واري موت جي مزار تي، پيرن جو ڪڙڪو ٻڌڻ ۾ ايندو هو ۽ هُوءَ تصور ۾ پنهنجي مڙس کي ماتم ڪندي ڏسندي هئي ۽ هن جي اڪيلي ۽ برباد زندگيءَ تي، سندس ڳوڙهن جي ٻوڏ وهي ايندي هئي.

اھو زمانو ب گذري ويو ۽ ھڪ ننڍڙيءَ لوسيءَ سان سندس ھنج پرجي وئي ۽ پوءِ اڳتي وڌندڙ آوازن ۾، ھن جي ننڍڙين وکن جو آواز ۽ ھن جا ٻاتا ٻول ٻڌڻ ۾ ايندا ھيا. ٻيا آواز ڪٽي ڪيڏا ب اوچا ڇو نہ ھجن، پر پينگھي جي پرسان بيٺل ماءُ کي تہ رڳو اھي ئي ٻيا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا ھيا. پوءِ اھو وقت ب اچي ويو جڏھن گھر جي اڳيان واري پاڇي ۾ ھڪ ٻار جي ڪَلَ اُسَ وانگر چمڪڻ لڳي ۽ ٻارن جي آسماني دوست، جنھن کي ھن پنھنجي تکليف ۾ پڪاريو ھو تنھن پنھنجي عادت مطابق، ان ٻار کي پنھنجين ٻانھن ۾ ڪٽي، ھن لاءِ پاڪ خوشيءَ جو سامان حاضر ڪري ڇڏيو ھو.

لوسي گھر وارن کي پنھنجي محبت جي سونھري ٻنڌڻ ۾ ٻڌڻ ۾ لڳي پئي ھئي. ھُوءَ بنان پنھنجي مٽيرائپ ڏيکارڻ جي، ھنن جي زندگين کي، پنھنجي خدمت جي تاجيءَ سان سنواري رھي ھئي. گذريل ورھين جي موٽندڙ گونجَ ۾، دوستاٽي ۽ تسلي بخشيندڙ آوازن کان سوا لوسيءَ کي ٻيو ڪجھ ب ٻڌڻ ۾ نہ ايندو ھو. ھن جي مڙس جا قدم مضبوط ھيا، سندس پيءُ جي قدمن ۾ ب اھائي ثابت قدمي ھئي ۽ ھن مس پروس کي ڏسوا ھُوءَ ائين لڳندي ھئي، جڙ ڪنھن ٽاھُو گھوڙي کي وات ۾ لغام وجھي، چھبڪن سان قابو ڪيو ويو ھجي ۽ اھو ناسن مان ڦوڪارا ڪيندي، باغيچي جي وٽن ھيٺان، پيرن سان زمين کوٽي رھيو ھجي.

ڪجھ آواز غمگين ب ھيا، پر انھن ۾ ڳوڙاڻ ۽ بي رحمي نہ ھئي. ھن مھل ب جڏھن اھي سونھري وارَ ھڪڙي ننڍڙي سُڪل منھَن جي چوڌاري وھاٽي تي دائرو ٽاھيون ٻيٽا ھيا ۽ ھُو مرڪندي چئي رھيو ھو "پيارا بابا! پياري امي! مون کي توھان ٻنھي کان وڇڙڻ جو ڏک آھي ۽ پنھنجي ننڍڙيءَ ٻيٽ کان جدا ٿيڻ جو افسوس اٿم، پر مان مجبور آھيان. مون کي سڏ ٿيو آھي. مون کي وڃڻو آھي." ان مھل ب جڏھن روح موڪلائي رھيو ھو تڏھن نوجوان ماءُ جي ڳلن تا وھندڙ ڳوڙھن ۾ رڳو ڏک ئي نہ ھو. "ھنن ننڍڙين زندگين مٽان کا روڪ ٽوڪ نہ رکو. اھي منھنجي آسماني پيءُ

جو چهرو ڏسن ٿا. اي منهنجا آسماني پيءُ!. . ." ڪيڏا مبارڪ لفظ آهن اهي!"

مطلب ته هڪ فرشتي جي پرن جا سرڙاٽ، پيرن جي ٻين ڪڙڪن ۾ ملي ويا. اهي زميني ئي نه، پر آسماني آواز به هيا. باغ جي هڪ ننڍڙي قبر تي گهلندڙ هوائن جا ساهه به انهن ۾ ملي هڪ ٿي ويا ۽ لوسيءَ کي ٻنهي قسمن جون صدائون ٻڌڻ ۾ ايندڙ هيون. جڏهن ننڍڙي لوسي بي ڊنگي طريقي سان، صبح جا ڪم ڪندي هئي، يا پنهنجي ماءَ جي ٽپائي تي ويهي، گڏين کي ڪپڙا پارائيندي هئي ۽ ٻن شهرن جي هولين کي گڏوڇڙ ڪري ڳالهيون ٻاهيندي هئي، تڏهن اهي ٻن قسمن جون صدائون ٻڌڻ ۾ ايندڙ هيون. جيئن وارياسي ڪناري تي ستل موجن جا ساهه جهيڙن سُرن ۾ پنهنجا راڳ آلاپيندا آهن.

فضا ۾ ڪيترن قدمن جا آواز گونجندا هيا، پر انهن ۾ سڀني کان جي پيرن جا آواز تمام گهٽ هوندا هيا. هُو سال ۾ شايد پنج ڇهه ڀيرا اتان جو ڦيرو هٽندو هو. حالانڪ هن کي پوري اجازت هئي ته جڏهن سندس دل چوي تڏهن هليو اچي. هُو شام اُتي گذاري هليو ويندو هو. جيئن سندس پراڻي عادت هوندي هئي. پر هُو نشي جي حالت ۾ ڪڏهن به هِنَ گهر ۾ پير نه پائيندو هو ۽ هڪ ڳالهه سڀائين هن بابت فضائن جي سس پس ۾ ٻڌڻ ۾ ايندي هئي- هڪڙي خاموش گونج، جيڪا صدين کان اهڙن معاملن ۾ ٻڌڻ ۾ ايندي رهي آهي.

ڪنهن مرد کي، ڪنهن عورت سان سچي محبت هجي ۽ ان محبت ۾ ناڪاميءَ کان پوءِ به جڏهن اها ٻئي جي زال ۽ ان جي ٻارن جي ماءُ ٻڌجي وئي هجي ۽ ان شخص جي پاڪ ۽ سچن جذبن ۾ ڪو فرق نه پوي ته اهڙين سيني صورتن ۾، هن جي محبوبا جا ٻار هميشه هن جا فدائي رهندا ۽ انهن جي دلين ۾ رحم جو نازڪ جذبو پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي. ڪنهن آواز جي پڙاڏي جي ڪري، اهي ڪهڙا لطيف ڳجها احساس پيدا ٿيندا آهن، خبر ناهي پوندي، پر ائين ٿيندو آهي ۽ هِنَ پيري به ائين ئي ٿيو. ڪارٽن پهريون اجنبي هو جنهن کي ڏسي ننڍڙيءَ لوسيءَ پنهنجا سهڻا هٿ اڇتي وڌايا ۽ اهو ناتو سالن تائين قائم

رھيو. ننڍڙو ھاربہ مرڻ مھل ھن کي ياد ڪري رھيو ھو "ويچارو ڪارٽن! منھنجي ياران ھن کي پيار ڪجو."

مسٽر استرائيوَر قانون جي ميدان ۾ پين کي ڏکا ڏئي، اڳتي وڌي رھيو ھو. ھُو اھڙيءَ انجڻ وانگر ھو جيڪا گدلي پاڻيءَ کي چيري اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ۾ ھجي ۽ ھن جا ڪارائتا دوست وري ان ٻيڙي وانگر ھئا، جيڪا ھن جي پويان ٻڌي ھلي اچي. ان قسم جي ٻيڙي گھٽو ڪري تڪليفن ۾ قاسندي ۽ ٻڌندي رھندي آھي، ان ڪري پاڻي ھر وقت سڌني جي قد کان مٿي ٿي ويندو ھو. پر بدقسمتيءَ سان سُستيءَ جي عادت منجھس پنھنجي قابليت يا ذلت جي احساس کان وڌيڪ سگھاري ھئي ۽ ھُو ھن تي صابر رھيو. جيئن گدڙ ڪڏھن شينھن جي پنيان لڳو رھي. استرائيوَر آسودو ھو ۽ ھڪ شانَ مانَ واريءَ رن زال سان شادي ڪئي ھياٿين، جنھن کي اولاد ۽ جائيداد ھئي. ان مائيءَ جي ٽنھي ٻارن ۾ سندن پڊنگ جھڙن مٿي جي وارن کانسواءِ ٻي ڪا بہ شئي چڱي نہ ھئي.

انھن ننڍڙن شريف زادن سان گڏ مسٽر استرائيوَر جنھن جي انگ انگ مان وڏائي ٽِمي رھي ھئي، وڃي رھيو ھو. اھي ٽئي رڍن ٻڪرن وانگر، ھن جي اڳيان سوھو جي ھڪ سانتيڪي ڪنڌ ڏي وڌيا. مسٽر استرائيوَر لوسيءَ جي مڙس کي ڏسندي ئي چوڪرين کي شاگرد جي حيثيت ۾ پيش ڪندي چيو "ھيلو ڊارني! تنھنجي شاديءَ ۾ ھي ٽي پنير پريل مانيون ٽيڪ رھنديون." ۽ جڏھن انھن ٽِن پنير پريل مانين کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو تڏھن مسٽر استرائيوَر ڪاوڙ ۾ ٿوڪجي ويو ۽ بعد ۾ ٽنھي ننڍڙين شريف زادين کي نصيحت پرئي لھجي ۾ چوڻ لڳو تہ ھُنَ استاد جي وڏائيءَ کان بچندا رھن.

ھن کي مسز استرائيوَر کي ليڪچر ڏيڻ جي بہ عادت ھئي. ھُو گھٽو ڪري شراب پيئڻ کان پوءِ چوندو ھو تہ ڪيئن نہ مسز ڊارني ڪيس گھيرڻ چاھيو ھو ۽ ھُو ڪھڙي نہ حرفت سان، ھن جي ھٿ نالن جو جواب، پنھنجي چالاڪيءَ سان ڏئي، ذري تان بچي ويو. استرائيوَر جا ڪجھ واقف، جيڪي شاھي درٻار سان تعلق رکندا ھيا، سي جڏھن

بہ هن سان گڏجي شراب پيئندا هيا ۽ اهو نسورو ڪُوڙ ٻڌندا هيا تہ اهي هي چئي ڪيس معاف ڪري ڇڏيندا هيا تہ هُو ايڏا پيرا تہ اهو ڪُوڙ ورجائي چڪو آهي. جو هاڻ پاڻ بہ انهيءَ کي سچ سمجهڻ لڳو آهي. جي اهو خيال صحيح آهي تہ پوءِ ان ڏوهہ جي نوعيت تهائين وڌيڪ سنگين ٿي وڃي ٿي. اهڙي چوري ۽ وري سينا زوري ڏيڪارڻ واري کي تہ ڪنهن ويراني ۾ وٺي وڃي ڦاهي ڏيڻ کپي.

اهي ۽ ان قسم جون ٻيون صدائون لوسيءَ جي ڪنن ۾ پونديون هيون. هُوءَ ڪڏهن اداس ۽ ڪڏهن خوش باش. پنهنجي سک واري ڪُنبائتي زندگي گهاريندي رهي. ايتري تائين جو ننڍڙي لوسيءَ جي عمر ڇهہ سال ٿي وئي. اهو چوڻ جي ڪا ضرورت ناهي تہ ننڍڙيءَ جي قدمن جو آواز ۽ هن جي پنهنجي پختي ارادي واري پياري پيءَ ۽ پياري مڙس جي پيرن جا آواز سندس دل جي ڪيترو نہ قريب هيا. ان ڳالهہ بيان ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ دليل جي گهرج ناهي تہ هُوءَ گهر جو انتظام وڏي سليقي سان سنيالي رهي هئي. ان ۾ فضول خرچيءَ کان وڌيڪ ڪفايت جو هٿ هو. ان پيارَ پرئي گهر جو هلڪي کان هلڪو آواز بہ وٺندڙ موسيقيءَ کان گهٽ نہ هو. خاص ڪري جڏهن سندس پيءُ ڪيس چوندو هو تہ هُوءَ شاديءَ کان پوءِ اڳي کان بہ وڌيڪ عقيدت مند بڻجي وئي آهي ۽ هن جو مڙس ڪيس کي بہ ڪم ٻڌائيندو هو تہ هُوءَ ڪيڏن بہ ڪٺن ۽ ڳٺتين هوندي بہ بنان ڪنهن دير جي هن جي مدد ڪندي هئي ۽ هن سان محبت ڪندي هئي. هُو هن کان پڇندو هو "پياري! هن هيڏي قرب جو راز ڇا آهي. تون هر ڪنهن لاءِ جڻ تہ سپ ڪجهہ آهين. جڻ تہ کوهيو ان محبت ۾ شريڪ ناهي ۽ وڏي ڳالهہ تہ بنان ڪنهن ڏکيائيءَ جي اهو ڪارنامو انجام ڏئي ٿي ڏيکارين."

پوءِ پري کان ٻيا آواز بہ ايندا هيا. اهي آواز ڏاڍي خطرناڪ طريقي سان هن زماني ۾ بلند ٿي رهيا ها ۽ هاڻي جڏهن ننڍڙي لوسيءَ جي چهين سالگرهہ ملهائي پئي وئي. تڏهن ائين لڳي رهيو هو جڻ تہ فرانس ۾ ڪو وڏو طوفان اچي رهيو آهي ۽ سمنڊ ۾ پوائنٽو گوڙ بلند ٿي رهيو آهي.

1781ع جي جولاءِ واري مهيني جي وچين تاريخن ۾ هڪ رات جو ديرسان مسٽر لاري ٽيلسن بينڪ کان لوسيءَ ۾ سنڊس مڙس جي گهر آيو ۽ ٻنهي سان گڏ اونڌهه ۾ دريءَ جي پرسان ويهي رهيو. گرميءَ هوندي به اها هڪ طوفاني رات هئي ۽ هنن کي اهڙي ئي ڪنهن آچر جي رات ياد اچي رهي هئي. جڏهن انهيءَ جاءِ تي هنن ڪنوڙ کي کوَندي ڏٺو هو.

"منهنجو خيال هو ته اڄوڪي رات ٽيلسن بينڪ ۾ گذرندي" مسٽر لاريءَ پوري وارن واريءَ وِگ کي پوئتي سُرڪائيندي چيو. "اسان سڄو ڏينهن اهڙو ته مصروف رهياسين جو سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو ته چا ڪجي ۽ ڪهڙو ڪم اڳ ۾ ڪجي؟ پيرس ۾ ايڏي بي چيني آهي. جوسيپ ماٿهو پوري پروسي سان اسان مٿان اچي ٽنا آهن. اسان جا گراڪ ڏڙاڏڙ پنهنجيون ملڪيتون ۽ جائيدادون اسان جي سنيال ۾ ڏئي رهيا آهن ۽ ڪن کي ته پنهنجي دولت انگلينڊ آڻڻ جو جنون ٿي پيو آهي."

"نشانيون ته ڏاڍيون خراب آهن!" ڊارني چيو.

"منهنجا پيارا ڊارني! تون چوين ٿو ته نشانيون خراب آهن. ٺيڪ آهي. پر اصل سبب کان ڪو به واقف ناهي. ماٿهو هميشه عقل کان ڪم نه ونندا آهن. ڪهڙي خبر! اسان مان ٽيلسن بينڪ جا ڪجهه ڪارڪن ڪُراڙا ٿي ويا آهن ۽ اسان ۾ ايتروپل رهيوئي ناهي جو مهل بي مهلو ڪم جو گهٽو ٻوجهه کٽي سگهون."

"پوءِ به توهان جاڻو ٿا ته اُپُ تي ڪيڏي نه پوائتي اونڌهه چانيل آهي." ڊارني چيس.

"هائو مان جاڻان ٿو." مسٽر لاريءَ سنڊس ڳالهه سان متفق ٿيو. هن اصل ۾ پنهنجو پاڻ کي اهو باور ڪرائڻ پئي گهريو ته سنڊس مود خراب آهي ۽ هُو بڙبڙ ڪري رهيو آهي. ان ڪري هن چيو. "سڄي ڏينهن جي هڻ هڻان کان پوءِ. مان ٿوري چِڙَ ڏيکارڻ چاهيان ٿو. مينٽ ڪٽي آهي؟"

"مان حاضر آهيان." ڊاڪٽر اونداهي ڪمري ۾ پير رکندي چيو.

"شڪر آ جو توهان گهر ۾ ئي آهيو. سڄي ڏينهن جي ڇڄ بڪ ۽ وسوسن جي ڪري، مان هروپرو ۾ گهبرائجي ويو آهيان ۽ ان لائق ناهيان جو توهان جو مقابلو ڪري سگهان. لوسي! چا چانهه جو سامان تيار آهي؟ مون کي ته نظر نه ٿو اچي."

"اهو ته توهان جي لاءِ رکي ڇڏيو اٿم."

"مهرباني، منهنجي جان! پياري ديئرڙي آرام سان سمهي پئي آهي نه."

"مزي سان سُتي پئي آهي."

"ٺيڪ آهي. سڀ ڪجهه صحيح آهي ۽ ڪنڪي جي ڪاب ڳالهه ناهي. خدا جو شڪر آهي. ڪنهن ۾ ڪنڪي جي ڳالهه ناهي. پر اڄ منهنجو مزاج ڪجهه اهڙو ته بگڙيل آهي ۽ پي ڳالهه ته مون ۾ جوانيءَ وارو بل ۾ ته نه رهيو آهي.. منهنجي پياري..! منهنجي چانهه ڪٽي آهي؟ مهرباني.. هاڻي ٿورو ويجهو ته اڄ، ته جيئن سڀ ڪڏجي ويهون ۽ پوءِ خاموش ويهي، پري جا اهي سڀ آواز ٻڌون، جن جي باري ۾ تنهنجو پنهنجو الڳ نظريو آهي."

"نظريو نه، رڳو هڪ خيال هو."

"ڏاڍو سُنو. هڪ خيال ئي صحيح، منهنجي سياڻي جهرڪي!" مسٽر لاريءَ هن جي هٿ تي ٽپڪي هڻندي چيو "پر اهي آواز بي شمار ۽ شور پريا آهن. آهن يا نه.. ٿورو ڪن ڏئي ته ٻڌ!"

اهي ماڻهو لنڊن جي اونداهيءَ دريءَ وٽ هتي وينا ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ هوڏي ڪوهين پري سينٽ انتائين ۾، وڏي زور شور سان قدم اڳتي وڌي رهيا هيا. تيز ديوانن جيان خطرناڪ قدم جيڪي ڪنهن جي زندگيءَ کي لتاڙي، رت هاڻا ٿي وڃن ته پوءِ سولائيءَ سان پاڪ صاف نه ٿي سگهندا آهن.

صبح ٽيندي ئي سينٽ انتائين ۾ جهرڪين کي ٻيجارڻ وارن پاڇن جو بي پناهه هجوم هو. منڊين جي انهيءَ اونداهين سمنڊ مٿان فولادي ترارون ۽ سنگينون جَرڪي رهيون هيون ۽ هر پاسي روشني چمڪا ڏئي رهي هئي. سينٽ انتائين جي نڙيءَ ۾ هڪ محشر جو گوڙ

اٽيو ۾ وري سياري جي مند وارن اگهاڻن وٽن جي لامن جيئن لکين اگهاڻن هٿن جو جهنگ پر گهٽ ٿيو. هر هٽ جون آگريون هڪ عجيب جوش ۾ قسم قسم جي هٿيارن کي مضبوط پکڙيون بينيون هيون. هٿيار ئي نہ ڪا بہ هٿيار جهڙي ڪوري شئي بہ ڪافي هئي. جيڪا زمين جي تھ خانن مان پري پري تائين اڇلائي وئي هجي.

انهن کي هٿيار ڪنهن ڏنا هيا. اهي ڪٽا آيا هيا. اهو سلسلو ڪڏهن شروع ٿيو ڪنهن جي ذريعي هتي پهتا. ڪنوٽين وانگر مٽن جي مٽان گهمايا ڦيرايا ۽ چمڪايا پئي ويا؟ هجوم مان ڪنهن جي بہ اکين مان ان جي خبر ونڊ ممڪن نہ هئي. پر بندوقون ورهايون پئي ويون. ڪارتوس بارود ڏنڊا ۽ گهوبا. ڇرا ۽ ڪهاڙيون نيزا پالا. مطلب تہ هر قسم جو هٿيار جيڪو بہ تصور ۾ آڻي سگهجي. ورهائجي رهيو هو. جن ماڻهن کي هٿيار نہ مليا. اُهي پٽين مان سِرُون پٽر ڪڍي. پنهنجا هٿ زخمي ڪري رهيا هيا. سينٽ اينٽائين کي تيز بخار ٿي پيو هو. هر هڪ دل ۾ شعلي جي گرمي ۽ هر نبض ۾ ڪنوڙ جي تکائي هئي. هر جاندار کي اُتي زندگي اجائي پئي نظر آئي. هر ماڻهوءَ مٽان پنهنجي جند گهوڙ جو جنون سوار هو.

جيئن اهرندڙ پاڻيءَ جو هڪ مرڪز ٿيندو آهي. تيئن اهو ڪاوڙ ۽ قهر بہ ڊيفارج جي ڪلاڪ خاني جي ارد گرد جوش ڪائي رهيو هو ۽ ان ديگ جو هر انسان جهڙو ڦڙو ان پاسي ڏانهن ڇڪبو ٿي آيو جتي ڊيفارج پاڻ پگهر ۾ پڌل ۽ بارود ۾ پيوت ٿيل حڪم ۽ هٿيار ڏئي رهيو هو. هُنَ ڪڏهن هِنَ ماڻهوءَ کي پوئتي ڌِڪيو تہ ڪڏهن هُنَ کي اڳتي پئي ڪو تہ ڪڏهن هڪ کان هٿيار وٺي ٻئي کي ٿي ڏنائين. مطلب تہ هنگامي جي مرڪز ۾ اهوئي سيني کان وڌيڪ سرگرمي ڏيکاري رهيو هو.

"جيڪوس نمبر ٽي منهنجي پرسان رهج." ڊيفارج پڪاريو "۽ جيڪوس نمبر هڪ ۽ نمبر ٻہ. توهان هڪٻئي کان ڏار ٿي وڃو ۽ جيترا بہ محبِ وطن گڏ ٿي سگهن. انهن جي اڳواڻي ڪريو. منهنجي زال ڪٽي آهي؟"

"هتي ئي ته بيني آهيان." ميبم چيو "هُو سدائين وانگر پرسڪون هئي. پر اڄ هُنَ اُٺت وارو ڪم نه پئي ڪيو. مستقل مزاج ميبم جو ساڃو هٿ اُٺت وارين سِرائين جي بدران، ڪهاڙيءَ سان راند ڪيڏي رهيو هو ۽ سندس چيلهه جي پٽي ۾ هڪ پستول ۽ هڪ خوني ڇرو ٻڌل هيا.

"او پياري! ڪاڏي ٿي وڃين؟"

"مان هن مهل توسان گڏ هلي رهي آهيان." ميبم چيو "ٿوري دير کان پوءِ عمارتن جو لشڪر منهنجي پويان هوندو."

"دوستو ۽ وطن جا پرستارئو!" ڊيفارج گجگوڙ ڪئي، "هلو ته باستيل هلون." پوءِ ته هڪ شور هو جيڪو آسمان تائين اُٿي پيو. جڏ ته سڄي فرانس جو ساهه هڪ نفرت لائق لفظ ادا ڪرڻ ۾ ڪم اچي ويو. انسانن جو سمنڊ چوليون هٽڻ لڳو. موجن مٿان موجون اٿڻ لڳيون ۽ سڄي شهر مان اُڪندڙ اها ٻوڏ، ان حد تائين وڃي پهتي، جو خطري جون گهنٽيون وڄڻ لڳيون. دُهل وڄي رهيا هيا. مڇريل سمنڊ پنهنجي نئين ڪناري سان گجي گجي ٽڪرائجي رهيو هو. اهڙي شانَ سان حملو شروع ٿيو.

اونهيون ڪاهيون، پٽيون پليون، جيڪي ڪٽي سگهجن پيون. ڍگهيون سنگين پٽيون، اَٽَ وڏا برج. . . توپون. . . بندوقون. . . باهه ۽ دونهون. . . باهه ۾ لنگهندڙ دونهين مان گذرندڙ. . . باهه جي وڪڙ ۽ دونهين جي ڪڪر ڊيفارج گلال کي انهيءَ سمنڊ ۾ ڏڪي توپ ويجهو پهچائي ڇڏيو هو. هُو بيني پير ئي توبچي ٻڌجي ويو ۽ هن غضب ناڪ ڪلاڪن تائين هڪ بهادر سپاهيءَ وانگر ڪم ڪندو رهيو.

"هيڏي اڄ!" هن جي زال دانهن ڪئي، "ڇا اسان قلعي تي قبضي ڪرڻ مهل مردن وانگر قتل نه ٿيون ڪري سگهئون؟" ۽ سيئي عورتون، جيڪي بک ۽ بدلي جي باهه ۾ هڪجيتريون ٻڙڪي رهيون هيون، توٽي جو هنن جي هٿن ۾ جيڪي هٿيار هيا، سي مختلف هيا، سي سيپ ميبم ڏي ڀڳيون. توپ، بندوق، باهه ۽ دونهون، پوءِ به اها انوهي ڪاهي ۽ هڪ ڀُل، اها ڍگهيون ويڪريون پٽيون ۽ اهي اٺ وڏا برج، جيئن جو

تيئن زخمين جي ڪِرڻ سان غضبناڪ سمنڊ ۾ ٿورڙي اَدل بدل، چمڪندڙ هٿيار، برندڙ مشعلون، آلي گاهه واريون گاڏيون، هر پاسي وارن مورچن ۾ هلندڙ ڪوڪون ۽ هوڪرا، گولين جو مِينهُن، لعنت لعنت جو گوڙ وڏي سورهيائي، گجگوڙون، ڇڄ ڏاهه ۽ انسانن جي سمنڊ جو آسمان کي ڦاڙيندڙ شور. وري اهائي گهري ڪاهي، اهائي هڪ پُل، اهي ئي ڏکيون پٽريليون پتيون ۽ اهي ئي اٽ بُرجَ. ساڳي ئي ريت ڊيفارج ڪلال ۽ توپ هلائيندي، چئن غضبناڪ ڪلاڪن جي ٽڪائيندڙ محنت جي ڪري، اڳي کان وڌيڪ ڪاوڙ ۾ مچريل...

قلعي اندر هڪ اچي جهنڊي، ڪاوڙيل طوفان جي وچ ۾، صلح جي ڳالهه هولهه جو جڙ ته نقشو. توڙي جو هڪ لفظ ۽ ڪنهن کي ٻڌڻ ۾ نه پئي آيو پر پوءِ اوچتو سمنڊ پري پري تائين پکڙڻ ۽ وڌڻ لڳو ۽ ڊيفارج ڪلال کي هيٺ لاڙل پُل تائين، ڏکيندڙ ڏڪمين ويڪرين پٽريلي پتين کان اڳتي، انهن اٽن برجن جي اندر پهچائي ڇڏيو جن تي قبضو ٿي چڪو هو.

جيڪو سمنڊ ڪيس اڳتي ڏکي رهيو هو ان جي هٽن ۾ ايڏي ته بي پناهه طاقت هئي، جو هُو ساهه ۽ نه پئي کڻي سهگيو ۽ نه پوئتي ڪنڊ ورائي ڏسي ٿي سگهيو. جڙ ته هُو ڏاکڻي سمنڊ جي موجن سان مقابلو ڪري رهيو هجي. نيٺ هن کي باستيل جيل جي باهرين اڳڙ تائين پهچايو ويو. هن اتي پٽ جي هڪ ڪنڊ کي ٽيڪ ڏئي، آس پاس ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪوس نمبر ٽي پرسان موجود هيو. ميلبم ڊيفارج هٽ ۾ چُرو ڪنيون، عورتن جي جٿي سان گڏ اڳتي اندر نظر اچي رهي هئي. هر پاسي گوڙ هل هنگامو خوشيءَ جو جوش، ڳَنَ ٻوڙا ڪري چڏيندڙ ديوانن جي بازار عجيب ۽ غريب رڙيون، دانهون، ان جي باوجود حيرت ناڪ حد تائين هر پاسي مچريل تماشو جڙ ته اشارن جي ڪا راند ٿي رهي هجي.

"قيدي"

"رجسٽر."

"قيدخاني جا ڳجها ڪمرا."

"تشدد ڪرڻ وارا اوزار."

"قيدي"

انهن سيني نعرن ۽ ٻين هزارين قسم جي بي ٽُڪن آوازن ۾ 'قيدي' جو نعرو سيني ڪان وڌيڪ ان انساني سمنڊ ۾ گونجي رهيو هو. ائين پئي لڳو ته جڻ زمان ۽ مڪان آهي ئي نه. پر انسانن جو تعداد بہ لامحدود آهي. جنهن ۾ سيني ڪان اڳيان واري پوڙ جيل جي آفيسرن کي گهيري ۾ آڻيون. انهن کي تہ خانن جو ڏس پتو نہ ڏيڻ جي صورت ۾ فوري موت ڏيڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهي آهي. ڊيفارج پنهنجا مضبوط هٿ. انهن مان هڪ ڪراڙي مشعل بردار جي سيني تي رکي. ان کي ٻين کان ڌار ڪري چڏيو ۽ ان شخص کي پنهنجي ۽ پٽ جي وچ ۾ گهوگهو ڏيندي چيو "اتريون برج ڪٿي آهي؟ ٻڌاءِ.. جلدي ٻڌاءِ!"

"جيڪو حڪم." ان ماٺهوءَ چيو "توهان مون سان گڏ هلو. پر اتي ڪو بہ ناهي."

"هڪ سو پنج. اتريون برج. ان جو مطلب ڇا آهي؟" ڊيفارج چيو "جلدي ٻڌاءِ!"

"مطلب.. جناب!"

"ڇا ان جو مطلب قيدي آهي يا قيدخانو. ٻڌاءِ نہ تہ هتي ئي ڊيري ڪندوسانءِ"

"جناب! اهو تہ خانو آهي."

"مون کي اوڏانهن وٺي هل."

"هيڏي اچو."

جيڪوس نمبر ٽئين جي دل جيڪو چاهي رهي هئي. سو ٿي نہ سگهيو. ان ڳالهہ سان هن کي ڏاڍي بيزاري ٿي. چو تہ هتي رت وهائڻ جي اميد نہ هيس. هن جو هڪ هٿ ڊيفارج جي ٻانهن ۽ ٻيو هٿ جيلر جي ٻانهن ۾ هيو. اهي ٽئي ايترو تہ ويجهو بيٺا هيا. پوءِ بہ هڪٻئي جي ڳالهہ وڌيءَ ڏکيائيءَ سان ٻڌي رهيا هيا. انهيءَ مان اندازو ڪري سگهجي پيو تہ انساني سمنڊ جو ڌمڙ ڪيڏو نہ گهٽو هو. هاڻي اها پوڙ قلعي ۾ داخل ٿي. اڳتن. وراندن ۽ ڏاڪڻين وٽ طوفان آڻي رهي

هئي. اها باهر ۽ چٽي پاسي پتين سان ٽڪرائجي هڪ هنگامو اُٿاري رهي هئي.

اوندهه ۾ تهه خانن مان ٽيندي، جتي ڏينهن جي روشنيءَ ۽ اچي نه سگهي هئي، تاريڪ ڪنڊڻ ۾ ڪال ڪوٺڙين جي پوائتن درن مان گذرندي، خونخوار ڏاڪڻين تان لهندي، سرن ۾ پٽرن جا ڏاڪا چڙهندي، ڊيفارج، جيلر ۽ جيڪوس نمبر ٽيون، هٽ هٽ ۾ ڏيون، تيز تيز وڄي رهيا هيا. شروع ۾ اهي ڪٽي ڪٽي ماڻهن جي هوڏ ۾ گهيرجي ٽي ويا. پر جڏهن هيٺ لهي ويا ۽ پوءِ وروڪڙ رستن تان ٽيندا، هڪ برج تي چڙهي رهيا هيا تہ اتي ڪير ۽ نہ هو. سنگين پتين ۽ وَنگن ۾ گهيريل قلعي اندر ۽ باهر گوڙ واري طوفان جو آواز ايترو تہ جهيڙو معلوم ٿي رهيو هو جو جڻ تہ هُو ڪنن کان پوڙا هجن.

جيلر هڪ ننڍي در وٽ اچي بيهي رهيو ۽ هڪڙي ڪنجي ڪنڊيل قلف ۾ ڪنجي ڦيرايائين. در کي هوري کوليائين ۽ جڏهن هُو ڪنڊ جهڪائي اندر گهڙڻ وارو هو تڏهن چيائين، "هڪ سئو پنج، اتريون برج."

پٽ ۾ هڪ ننڍڙي ڪِني دري مٿئين پاسي کلندي هئي، جنهن جي اڳيان پٽر جي اوٽ هئي، جنهن ڪري آسمان کي ڏسڻ لاءِ هيٺ جهڪڻو پوندو هو. ڪجهه منٽن ۾ هڪ پاسي شِيخن سان بند ٽيل هڪ ننڍڙي چمني ظاهر ٿي. آتشدانَ مٿان پراٽيءَ ڪائيءَ جي خاڪ پئي هئي. هڪ ٽپائي، هڪ ميز ۽ ڪُرسي ڪانن جو هڪ هنڊ ۽ ڪَٽ چار ڪاريون پتيون، جن مان هڪ ۾ لوهه جو ڪنڊيل لوهي ڪڙو لڳل هو.

"مشعل ويجهي آڻ، تہ جيئن ڏسي سگهان." ڊيفارج جيلر کي چيو.

جيلر حڪم جي تعميل ڪئي ۽ ڊيفارج غور سان هر هڪ پٽ کي ڏسڻ لڳو.

"ترس... جيڪوس! هيڏي ڏس."

"اِي، ايم." جيڪوس نمبر ٽئين اکيون ڪپائيندي، شوق سان پڙهندي ئي دانهن ڪئي.

"الیگزينڊر مينٽ" ڊيفارج پنهنجيون ٻارود هاڻيون آڱريون اکرن مٿان ڦيرائيندي، ڪن ۾ چيس، "۽ هتي ڏس، هن لکيو آهي... غريب

ڊاڪٽر. . . پڪ سان هن پٽر تي بہ هُنَ ڪيلينڊر جون تاريخون اڪيريون آهن. تنهنجي هٿ ۾ چاهي؟ رنبو؟ هيڏي ڪر مون کي ڏي"

"هن جي هٿ ۾ ايجا تائين توپ کي ٻارڻ واري ڏيتَ هئي. جيڪا ڏئي. هن ساٿيءَ کان رنبو ورتو ۽ اڏوهي کاڏل ميز جا يڪدم ٽڪرا ڪري چڏيائين."

"روشنيءَ کي مٽي ڪر." هن جيلر کي ڪاوڙيل لهجي ۾ چيو ۽ پوءِ وري پنهنجي ساٿيءَ کي چيائين. "ٽورو هنن ٽڪرن کي چڱيءَ ريت ڏس. جيڪوس! ۽ هي وٽ منهنجو ڇُرو ۽ هن بستري کي چيري. هن جي ڪکن کي چڱيءَ طرح ڦولهي ڏس. . . اڙي ٽوري روشني مٽي ڪر."

هُو جيلر کي ڏمڪي ڏئي. آتشدان مٿان چڙهي ويو ۽ چمنيءَ اندر ڏسندي. رنبي سان ان کي ڪڙڪائي ڏنائين ۽ پوءِ لوهي جاريءَ کي پيڙ لڳو. ڪجهہ ئي گهڙين ۾ ڪجهہ گچ ۽ مٽي هيٺ ڪرڻ لڳا. هو پنهنجي منهن کي بچائيندي ڪجهہ کوٽڻ لڳو ۽ پوءِ چمنيءَ جي خاني ۾ رنبو وجهي. هيڏي هوڏي ڦولهڻ لڳو.

"جيڪوس! ڪائين ۽ ڪکن مان ڪجهہ مليو؟"

"ڪجهہ نہ مليو."

"انهيءَ سڄي ڪچري کي وچ ۾ رکنداسين. . . اڙي ان کي باهہ چو نہ ٿو ڏين!؟"

جيلر ان ننڍي ڊير کي باهہ ڏئي چڏي. شعلا پڙڪڻ لڳا ۽ هُو ان کي ٻرندو چڏي. ننڍي در مان جهڪي باهر نڪري ويا ۽ وري آڪر ڏي ويڻ لڳا. هُو جيئن جيئن هيٺ لهندا ويا. آواز وڌندا ويا. ايتري تائين جو هُو وري مچريل ٻوڏ ۾ گهيرجي ويا.

ان مچريل ٻوڏ کي ڊيفارج جي ئي ڳولا هئي. سينٽ انتائين سڏ ڪري رهيو هو تہ هن جو ڪلاڻ ئي عوام جي قاتلَ باستيل جي گورنر جي نگران دستي جي اڳواڻيءَ لائق آهي. ڊيفارج کان سواءِ ٻيو ڪير گورنر کي هوٽل ڊي ويل وٽي وڃي. عدالت ۾ پيش ڪري سگهي ٿو. هونءَ تہ ان ڳالهہ جو امڪان هو تہ گورنر پڇي وڃي ۽ عوام جي وهندڙ رت جو انتقام نہ وٽي سگهجي.

جوش، جذبي ۽ قتلام جي ان گوڙ ۾ريل ڪائنات ۾ جتي اهو ظالم ڪراڙو آفيسر پنهنجي خاڪي ڪوٽ ۽ اعزاز ۾ ملندڙ ڳاڙهن ربينن سميت گهيريل هو سڄو ميڙ رڳو هڪ هستيءَ لاءِ گڏ ٿيل هو ۽ اها هڪ عورت هئي، جيڪا ڊيفارج ڏي اشارو ڪري چئي رهي هئي، "هُو ڏسو! هُو منهنجو مڙس آهي. ڊيفارج! او سرتي ڏس." هُوءَ هن ڪراڙي ظالم وٽ پرسڪون انداز ۾ بيٺي رهي. وڏي سڪون سان هن سان گڏ هلندي رهي، جڏهن ڊيفارج ۽ ٻيا هن کي ڏکيون وٽيون پئي ويا. هُوءَ پرسڪون انداز ۾ هن جي پرسان بيهي رهي، جڏهن هن کي منزل تي پڄايو ويو ۽ هن کي پويان ڪُٽڪا ڪيڄڻ لڳا. پوڙهي مٽان ترارن ۽ خنجرن جو مِينهُن وسڻ لڳو تڏهن به هُوءَ سڪون سان بيٺي هئي، پر جڏهن هُو زخمن جو تاب نه سهي، هيٺ ڪريو ۽ دم نڪري ويس، تڏهن ان عورت ۾ جڻ ته هڪدم نئون ساهه پئجي ويو ۽ هُنَ پنهنجو پير هن جي ڪنڌ تي رکيو ۽ پنهنجي پوائتي ڇُري سان هن جي منڊي لاهي ورتي.

سينٽ انتائين پنهنجي پوائتي خيال جي پوئلڳي ڪندي، لالٽينن جي جاءِ تي، انسانن کي نُڪَهن مٽان لڙڪائي، پنهنجي سگهه جو مظاهرو ڪرڻ وارو هو. سينٽ انتائين جو رت جوش ۾ هو ۽ ظلم ۽ لوهي چنبن واري اقتدار جو ساهه نڪري رهيو هو. هڪ پاسي گرمي وڌيل هئي ته ٻئي پاسي وري ڪريل هئي. هوٽل ڊي ويل جي انهن ڏاڪن تي، جتي گورنر جو مُئل بدن پيو هو ميڄر ڊيفارج جي جُوتن هيٺ، جن سان هُوءَ گورنر جي مئل بدن کي لتاڙي رهي هئي ته جيئن بعد ۾ هن جا ذرا پرزا ڪيا وڃن. هر جاءِ تي پراڻو اقتدار پيرن هيٺان لتاڙجي رهيو هو. "لالٽين هيٺ لاهيو." سينٽ انتائين جو نعرو هو ۽ جو ته موت جو هڪ نئون طريقو ڳولهي لڌو ويو آهي. "هتي هڪ سپاهيءَ کي ڊيوٽي تي رهڻو آهي." هجوم لڙڪندڙ پهريدار کي پنهنجي جاءِ تي چڏي ٻوڏ اڳتي وڌي وئي.

پوائنٽو اونداهو سمنڊ، هلاڪ ڪندڙ لهرن وارو درياءَ، جنهن جي اونهائيءَ جو ڪنهن کي به اندازو ناهي ۽ جنهن جي سگهه کان ڪو به

واقف نہ هو. پڙڪندڙ شعلن، انتقامي نعرن ۽ مصيبت جي باهه ۾ تتل بي رحم سنگدل چهرن جو آڪاهه سمنڊ.

چهرن جي انهيءَ سمنڊ ۾ جتي هر قسم جا پوائتا جذبا اُپريل هيا. ۽ ٽولا خاص طور تي هڪٻئي کان مختلف هيا. ايتري قدر جو شايد ئي ڪنهن سمنڊ ۾ تباهيءَ جا اهڙا آثار نظر آيا هجن. هر گروهه ۾ ست شڪليون هيون. هڪ پاسي اهي ست قيدي هيا، جيڪي طوفان جي اچڻ تي پنهنجين قبرن مان ڪڍيا ويا هيا ۽ هاڻي عوام جي ڪلهن تي سوار هيا، هيسيل، گم سم، چڙ تہ قيامت اچي چڪي هجي ۽ انهن جي چَوگرد خوشيون ملهائيندڙ ماڻهو نہ. پر جِنَ ۽ پُوتَ هجن. ٻئي ٽولي سان گڏ ڇهرا نيزن مٿان، ست مئل ڇهرا، جن جون پنبڙيون جهڪيل، اکيون اڌ ڪليل، محشر جي حساب ڪتاب جون منتظر هُيَنِ. سندن بي حس ڇهرا، جن مان ائين پئي لڳو تہ انهن ۾ اڃا ڪجهه ساهه رهجي ويو آهي، چڙ تہ اهي هن خوفناڪ وقفي ۾ پنهنجا پنبڙ ڪٽي، پنهنجن مئل چپن سان چوندا، "اهو سپ ڪجهه تو ڪيو!"

ست آزاد ٽيل قيدي نيزن مٿان ست رت هاڻا مٿا، نياڳن قلعن جي اٽن مضبوط برجن جون ڪُنجيون، پراڻن قيدين جا ڪجهه خط ۽ نشانيون، جيڪي مايوس ٿي ڪڏهوڪا مري چڪا هيا ۽ اهو ان قسم جو ٻيو سامان، سينٽ انٽائين جي هٽ لڳو هو ۽ هُو اهو ڪٽي 1789ع جي جولاءِ مهيني جي وچين تاريخن ۾، پيرس جي گهٽين ۾ گشت ڪري رهيو هو. خدا ڪري لوسي ڊارني جا وهم غلط ثابت ٿين ۽ هن ميڙ جا قدم هن جي زندگيءَ کان گهٽو گهٽو پري رهن. چو تہ قدم تڪا تڪا ۽ خطرناڪ آهن ۽ جڏهن ڊيفارج جي ڪلال خاني وٽ، شراب جو گندڙو پگهو هو تڏهن ان کان ڪيئي سال پوءِ بہ انهن ڳاڙهن ڇُٽَن کي ڏوئڻ سولو نہ هو.



باب ٻاويهون

طوفان جو زور

بدحال سينٽ انٽائين کي خوشيون ملهائڻ لاءِ اڃا رڳو هڪ هفتي جي مهلت ملي هئي، جنهن ۾ هُو پنهنجي رهيل سَهيل مانيءَ ۾ هڪ حد تائين پاڪرن ۽ مبارڪن جي کيرٽي ملائي سگهي پيو. اهڙن ڏينهن ۾ اڳ وانگر ميڊم ڊيفارج سودو وڪڻڻ واري ميز وٽ نظر آئي. هُوءَ گراڪن جو جائزو وٺي رهي هئي. ميڊم ڊيفارج جي وارن ۾ ڪو به گلاب لڳل نه هو. چو ته ان ننڍي هفتي ۾ جاسوسن جي وڏي برادري هوشيار ٿي وئي هئي ۽ انهن مان ڪو به سينٽ انٽائين جي رحم ڪرم تي ڀروسو نه پيو ڪري سگهي. ڏڪن تي لڙڪندڙ لالٽينون ڏاڍي لڇڪ ڏيڪاري رهيون هيون ۽ ائين انهن جو لڙڪندو رهڻ ڪو ستو سَنئوڻ نه هو.

ميڊم ڊيفارج ڇاتيءَ تي هٿ رکيون. صبح جي اُس ۽ سوجهري ۾ شراب خاني ۽ ڏڪ جو ڏيان سان جائزو وٺي رهي هئي، جتي ڪيئي مصيبت جا ماريا، خراب حالن وارا ڦيرا پائي رهيا هيا. انهن جي چهرن تي پريشانيءَ سان گڏ سگهه جو احساس به چٽو بکي رهيو هو "مان ڄاڻان ٿو ته منهنجي پنهنجي زندگي جهنم بٽيل آهي، پر مان اهو به ڄاڻان ٿو ته مون لاءِ ٻيءَ زندگيءَ جو خاتمو ڪرڻ ڪيڏو نه سولو آهي." هر هڪ ڪمزور ۽ اگهاڙو هٿ، جيڪو هن مهل تائين بيڪار هو تنهن کي هاڻي هروقت ڪم ملي سگهي پيو. هاڻي اهو ٻئي مٽان حملي ڪرڻ لاءِ اُپو ڪري سگهجي پيو. اُٽڻ وارين عورتن جون آڱريون به ٻين کي چيرڻ ڦاڙڻ لاءِ بي قرار هيون ۽ سينٽ انٽائين جي شڪل ئي متجي وئي هئي. ان مورتيءَ ۾ ڪيئي سالن کان تبديليءَ جو رجحان

هيو ۽ هاڻي وارن فيصلائتن ڏَڪن جو اثر هن جي منهن مهانڊي تي ظاهر ٿي رهيو هو.

سينٽ انتائين جي عورتن جي اڳواڻ ميڊم ڊيفارج ان مورتيءَ کي ڏسي، اڳواڻيءَ واري شان سان پنهنجي رضامنديءَ جو اظهار ڪري رهي هئي. هن جي هڪ همخيال عورت سندس پرسان ويني اُٽڻ جو ڪم ڪري رهي هئي. اها هڪ بڪن ماريل مٺهياري جي بندري زال ۽ ہن ہارن جي ماءُ هئي. ميڊم جي انهيءَ مددگار جو نالو ونجنس (بدلو) هو.

"ہڏا!" ونجنس چيو "ہڏ، ڪنهن جي اڇڻ جو آواز آهي."

سينٽ انتائين جي ہاهرين علائقي کان شراب خاني جي در تائين بارود وڇائي، ان کي باهه ڏيڪاري وڃي ها تہ ان سان جيڪو ڏماڪو ٿئي ها، بس اهڙي ئي شور سان اهو افواهه چئني پاسي پکڙجي ويو.

"هُو ڏس! ڊيفارج آهي." ميڊم چيو "ديس جا فدائيو! خاموش."

ڊيفارج جو ساهه ہُوساٽجي رهيو هو. هن پنهنجي ڳاڙهي ٽوپي لاٿي ۽ هيڏي هوڏي ڏنو.

"سيئي ماڻهو ہڏو!" ميڊم هڪ پيرو وري چيو "غور سان ہڏو هُو ڇا چوڻ وارو آهي." منتظر اکيون ۽ پٽيل واڻن جي پسمنظر ۾ ڊيفارج سَهڪندي اُٽي بيٺو. ڪي ماڻهو در کان ہاهر هيا ۽ ڪي ڪلال خاني اندر پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اُٽي بيٺا هيا.

"منهنجا مڙس! ڪا نئين خبر آهي ڇا؟"

"ہي دنيا کان خبر آئي آهي."

"ہي دنيا؟ ڇا مطلب!؟" ميڊم ڊيفارج ڏڪار وڃان چيو.

"ياد اٽئي ڪراڙو فائولن، جنهن اسان بک ۾ مرندڙن کي چيو هو تہ گاهه وڃي ڪائو ۽ پوءِ اهو ڪراڙو جهنم حوالي ٿي ويو هو."

"ياد آهي. سيني کي ياد آهي." هر وات مان آواز نڪتو.

"ان جي باري ۾ خبر ہڏائڻ آيو آهيان. اهو اسان ۾ موجود آهي."

"مُئل، ۽ اسان جي وچ ۾ موجود!؟" وري هر هڪ وات مان نڪتو.

"اهو مئو نہ هو پر اسان جي ڊپ جي ڪري ائين مشهور ڪيو ويو هو تہ هُو مري ويو آهي ۽ سندس جِڙتو جنازو بہ ڪنيو ويو هو پر هاڻي هُو

جيئرو لڏو ويو آهي. هُو جنهن ڳوٺ ۾ لڪل هو اتان هن کي شهر اندو ويو آهي. مان هاڻي هاڻي ڪيس ڏسي آيو هان. هن کي زنجيرن ۾ ٻڌي، هوٽل ڏي ويل ڏي وٺيون پئي ويا. مان ٿو چوان ته هن جو اسان کان ڏڃڻ بجا هو. ٻڌايو صحيح هويا نه؟"

جي هُو ستر سالن جو پراڻو پاپي، ان سوال جي جواب کان واقف نه به هو ته . . هنن ماڻهن کان ٻڌي سندس دل شاهدي ڏئي ها ته اهو سچ آهي.

هڪ پل لاءِ ماڻ چانيل رهي. ڊيفارج ۽ سندس زال هڪٻئي کي گهوريندا رهيا. ونجنس هيٺ جهڪي ۽ جيئن ئي ڪائونٽر جي هيٺان، هن پنهنجي پير سان ڏُهل کي ڏڪو ڏنو تڏهن هن مان ڪو آواز نڪرڻ لڳو.

"ديس جا جانثارو!" ڊيفارج وڏي عزم واري لهجي ۾ چيو. "چا اسان سڀ تيار آهيون؟"

اک چنپ ۾ ئي ميڊم ڊيفارج جو ڇُرو سندس چيلهه جي پٽي ۾ لڙڪڻ لڳو. سڙڪ تي دهل ائين وڄڻ لڳو جڻ ته دهل ۽ دهلائي ڪٽان جادوءَ وسيلي اڏامي اچي ويا هجن ۽ ونجنس هوڪرا ۽ ڪوڪرا ڪندي، هٽن کي ڪُڏائيندي، گهر گهر ويجي عورتن کي مچرائڻ لڳي.

مردن جون شڪيليون ڏسڻ وٽان هيون. ڪاوڙيل، غصي ۾ پريل، درين مان ليئا پائي رهيا هيا. پوءِ هٿيار ٻڌي هيٺ لهي آيا ۽ سڙڪن تي گڏ ٿي ويا. پر عورتن جو جوش ۽ ڪاوڙ ته ايڏي هئي، جو انهن کي ڏسي دلير کان دلير مرد به ڊڄي ويجي. ٻُکن جا ماريل گهرن جو ڪم چڏي، ٻارن، ڪراڙن ۽ بيمارن جا ٻُڪ ۾ بيتاب بدن، زمين تي بي ساها چڏي، پاڻ وار ڪنڊيڙيون، گوڙ ڪنديون، گهرن مان نڪري آيون هيون ۽ وڏي جوش سان هڪٻئي کي اُپاري رهيون هيون. . . پيڻ. . . بدمعاش فائولن پڪڙيو ويو آهي. . . ڏيءُ. . . حرامي فائولن سوگهو ٿي ويو آهي. . . پوءِ هنن جي وچ ۾ ويهه پنجويهه ٻيون عورتون چاتي پٽيندي ۽ وارَ پٽيندي چئي رهيون هيون. . . فائولن جيئرو آهي. . . فائولن، جنهن بکئي عوام کي چيو هو ته گاهه کائو. فائولن، جنهن منهنجي ڪراڙي

پيءَ کي، جنهن کي مان ماني جو گرهه به نه پئي ڏئي سگهان، تنهن کي چيو هو ته گاهه کاءِ. فائولن، جنهن مون کي چيو هو ته منهنجين سڪل چاتين ۾ کير ناهي ته منهنجو کير پياڪ ٻچڙو گاهه جا تيلا ته چٻاڙي سگهي ٿو نه. او بيبي مريمرا! اهو فائولن. . . او منهنجا خدا! اسان جون مصيبتون منهنجي ٻچڙي جي روح کي ٻڌاءِ. منهنجي ڏهري پيءَ کي ٻڌاءِ. مان ڏرتيءَ جي پٽرن مٿان گوڏا کوڙي قسم ٿي کاوان، ته فائولن کان تنهنجو بدلو وٺنديس. پائرو نوجوانو! اسان کي فائولن جو رت کپي. فائولن کي ٽکر ٽکر ڪري مٽيءَ ۾ پوريوس ته جيئن هن جي ماسَ مان گاهه ڦٽي.

انهن نمرن سان گڏ عورتون ڪاوڙ ۾ مڇرجي، طوفان بڃجي، بي اختيار وڻي پڳيون. خود پنهنجن ساٿين کي هٿنڙ هڻنديون ۽ انهن جا ڪپڙا ڦاڙينديون، بيهوش ٿي ڪرڻ لڳيون ۽ جيڪڏهن انهن جا مائٽ مرد کين دڳ تان پري نه ڪن ها ته اهي سپئي پيرن هيٺان لتاڙجي مرن ها.

ان هوندي هڪ گهڙي به ضايع نه ڪئي وئي. سپ ڪجهه پل ڪن ۾ ٽي ويو. فائولن هوٽل دي ويل ۾ هو ۽ جي تڪڙ نه ڪئي وئي ته چُٽي سگهي پيو. جي ڪڏهن سينٽ انتائين کي اڳيون مصيبتون، ذلتون ۽ ظلم نه وسريا هجن ته ائين ڪڏهن نه ٿيندو. هٿياربند عورتون ۽ مرد هن علاقي مان نڪري، ايتريءَ تيزيءَ سان گڏ ٽي ويا ۽ رهيل سَهيل ماڻهن کي پاڻ سان تڪڙ ۾ گڏائي ورتو ڪلاڪ جي چوٽائيءَ اندر سينٽ انتائين جي هيٺان ڪراڻن ۽ ٻارن کان سواءِ ڪو به بني بشر موجود نه هو.

ان مهل اهي سپ جاچ واري هال ۾ ڏجي ڏسجي بيهي رهيا، جتي ان خبيث ڪراڙي کي آندو ويو هو. جن ماڻهن کي اندر جاءِ نه ملي، اهي باهر آڱر ۾ گڏ ٽيل هيا. ڊيفارج ۽ سندس زال، ونجنس ۽ جيڪوس نمبر ٽيون، اڳئين صف ۾ ملزم کان ڪو گهٽو پري نه هيا.

"هن ڪراڙي بدمعاش کي ته ڏسوا ڪيئن نه رسين سان ٻڌو پيو آهي." ميلبر چُري سان هُنَ ڏي اشارو ڪندي چيو "واهَ! هُنَ جي پُٺيءَ

سان ته گاهه جي پري ۾ پڌل آهي. ڏاڍو پلو ڪيوَ. . . هاهاها. . . ڏاڍو پلو ڪيوَ!! کائڻ ڏيوس هاڻي پاڻ کي ۾ گاهه" ميڊم چرو بغل ۾ ڪري تاڙيون وڄائڻ لڳي. جيئن راند روند ۾ ٽيندو آهي.

ميڊم ڊيفارج جي پويان جيڪي ماڻهو ٻيٺا هيا. انهن اها خوشخبري پويان ٻيٺلن کي ٻڌائي ۽ انهن اڃا پوين کي ۽ ائين اها خوشخبري آخري صف تائين پهچي وئي. ايسيتائين جو آس پاس جون گهٽيون ۾ تاڙين جي گوڙ سان گونجڻ لڳيون. ۽ن ٽن ڪلاڪن جي ڏگهي بحث مباحثي ۽ اڻ ڳٽين لفظن جي چنڊچاڻ هلندي. ميڊم ڊيفارج جا چيل لفظ وڏي بي صبريءَ ۽ حيرت ناڪ تيزي سان پري پري تائين ورجائجي رهيا هيا. ان جو هڪ سبب هي ۾ هيو ته ميڊم ڊيفارج جا ڪي واقف وڏيءَ چالاڪيءَ سان. ٻاهرين پٽ تي چڙهي اندر جو نظارو ڏسي رهيا هيا ۽ ميڊم ۽ ٻاهر جي هجوم وچ ۾ برقي تار وارو ڪمر سرانجام ڏئي رهيا هيا.

نيٽ ڏينهن ايترو ته مٽي چڙهي آيو جو پوڙهي قيديءَ جي مٽي تي سج جا ڪرٽا ائين چمڪڻ لڳا. جڏ ته اهي حفاظت ۽ امان يا اميد جا ڪرٽا هجن. پر هن جي اهڙي قسمت ڪٿي! اک چنبي ۾ ڏُوڙ ۾ پڌل ميڙ. جيڪو دير تائين وچ ۾ رندڪ ٻڌيل هو سو چئني پاسي پکڙجي ويو ۽ قيدي سينٽ انٽائين جي قبضي ۾ هو.

هڪ چيڙي کان ٻئي چيڙي تائين هجوم ۾ خبر پکڙجي وئي. ميڊم ڊيفارج هاڻي ئي هڪ ميز ۽ ڪنڍڙي کي ٽپي. ان بدنصيب شڪار کي پنهنجين خطرناڪ ٻانهن ۾ ورتو هو. ميڊم ڊيفارج اڃا قيديءَ جون رسيون ئي ڏسي رهي هئي. ونجنس ۽ جيڪوس نمبر ٽي ۾ نه پهتا هيا ۽ ماڻهو درين مان اندر نه گهڙيا هيا ۽ اهي سڀ شڪاري پکي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي هيا. جو سڄي شهر ۾ هي نعرو گونجڻ لڳو "هن کي ٻاهر ڪيڊي اڇو. هن کي لالٽين جي ٽنيي وٽ وٺي اڇو."

هيٺ ۽ مٽي. مٽي ۾ ڊاڪٽين تان ليٽڙجندو ڪڏهن پنهنجي گوڏن ۾ ته ڪنهن مهل مُنهن ۾. ڳهلجندو زخمن ۾ رَتو رَت. هُو هرهر رحم جي درخواست ڪري رهيو هو. ماڻهو هُنَ کي ڏسڻ لاءِ دائرو ٽوڙي.

جڏهن ويجها ٿي آيا تہ هُو وڏي پيڙا جي حالت ۾ هٿ پير هڻڻ ٿي لڳو ۽ پوءِ وري پيرن جي جهنگ ۾ هڪ بي ساهي ٻُڪل ڪائيءَ جيئن گهلبو ٿي ويو. ائين ويجهي واري گهٽيءَ جي موڙ تائين آندو ويو جتي هڪ جان وٺندڙ لالٽين ٽنگيل هئي. ان جاءِ تائين پهچي ميلهر ڊيفارج هن کي چڏي ڏنو جيئن هلي ڪُوئي کي چڏي ڏيندي آهي ۽ جڏهن آخري تيارين ٽيڻ لڳيون. تڏهن خاموشيءَ ۽ تسليءَ سان هن جي ايلازن جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ ڪيس گهوريڻ لڳي. عورتون اهو پورو وقت جوش وڃان ڏانهون ڪوڪون ڪنديون رهيون ۽ مرد زور زور سان چئي رهيا هيا تہ هِنَ جي وات ۾ گاهہ وجهي. ڪيس ماريڻ گهرجي. هڪ پيرو هِنَ جو جسم مٿي آڻيو ۽ رسي ٽڻي پئي ۽ هُو رڙيون ڪرڻ لڳو ۽ ماڻهن ڪيس پڪڑي ورتو. هن جو جسم ٻيهر مٿي ڪنيو ويو وري رسو ٽڻي پيو ۽ هُو رڙيون ڪرڻ لڳو ۽ وري ماڻهن پڪڑي ورتس. ٽئين پيري رسي کي رحم اچي ويو ۽ هن جي ڳچيءَ ۾ قاتل رهيو. پوءِ هن جي منڊي نيزي تي هئي ۽ وات ۾ ايترو تہ گاهہ هيس. جو هن کي ڏسي سجو سينٽ انتائين رقص ڪري سگهي پيو.

پر ايجا ڏينهن جا خراب عمل پورا نہ ٿا هيا. هوڪرا ڪري نچڻ جي نتيجي ۾ سينٽ انتائين جو رت گرم ٿي ويو هو ۽ جڏهن شام جو هيءَ خبر پهتي تہ مهلوڪ جو عوام دشمن نيائو بہ پنج سَو سوارن جي نگراني ۾ پيرس آندو پيو وڃي. تڏهن رڳن ۾ رت ٽهڪڻ لڳو. سينٽ انتائين هن جي ڏوهن جي لسٽ ٻاهي ۽ هن کي پنهنجي قبضي ۾ وٺي چڏيو. جيڪڏهن پوري فوج بہ هن جي نگراني ڪري ها. تڏهن بہ هُو هن کي ڪسي فائولن سان گڏ ٻئي جهان موڪلين ها. پوءِ هن جي منڊيءَ ۽ دل کي نيزي تي ٽنگي. هن جي مال غنيمت سان گڏ ٻگهڙن جو جلوس ڏڻن تي گهمڻ لڳو.

جڏهن رات ٿي وئي. تڏهن مرد ۽ عورتون سيئي پنهنجي پنهنجي گهرن ڏي واپس ٽيا. جتي بکيا ٻار بک وڃان ٻوکٽ ڪري رهيا هيا. پوءِ غريب نانواين جي دڪانن تي ميڙ ٿي ويا ۽ ڏڪيون ڏڪيون قطارون صبر سان گڏ خراب مانيءَ لاءِ بيٺيون رهيون ۽ ماڻهو خالي پيٽ هوندي

بہ هڪ ٻئي کي پاڪر پائي. سڄي ڏينهن جي ڪاميابين کي ورجائي مزو وٺي رهيا هيا. هوري هوري ڪاٽل اڳڙين پاتل انسانن جا ميڙ ڇڏا ٿيڻ لڳا ۽ مٿي درين ۾ برندڙ روشنيون جهيٽيون ٿيڻ لڳيون ۽ واڻن تي باهه ٻاري، پاڙيسري گڏيل طور تي رڌپچاءُ ڪرڻ لڳا تہ جيئن بعد ۾ پنهنجي پنهنجي گهر ڪٽي وڃي کائي سگهن.

اهو کاڌو بہ کهڙو کاڌو هو نہ گوشت نہ مسالو رڳو رکيون مانيون. جن سان پيٽ بہ نہ پرجي، پر انسانن جي ساڻ ۾ پٽر ۾ بہ سواد پيدا ٿي ويندو آهي ۽ خوشيءَ جون چٽنگون نڪرڻ لڳنديون آهن. ماءُ پيءُ ان ڏينهن جي سپ کان خراب ڪمن ۾ حصو وٺڻ کان پوءِ پنهنجن هيٺن ٻارن سان ٻاجهه وچان کيڏڻ لڳا هيا ۽ عاشقن معشوقن انهن حالتن ۾ بہ اميد ۽ محبت جو دامن هٿن مان نہ چڏيو هو.

صبح ٿيڻ وارو ئي هو جو ڊيفارج جي شراب خاني جا گراڪ موڪلائڻ لڳا ۽ موسيو ڊيفارج در بند ڪندي ڪندي، پنهنجي زال کي ڪاٽل آواز ۾ چيو "پياري.. ! نيٺ اهو ڏينهن اچي ويو."

"ها." ميڊم وراٽيس. "گهٽو ڪري اچي ويو."

سينٽ انٽائين نٽ ۾ هو. ڊيفارج ۽ سندس زال ستا پيا هيا. ونجنس بہ پنهنجي بکئي مٺياري جي پاسي ۾ ستي پئي هئي. ڏهل ماڻ هو. سينٽ انٽائين ۾ بہ هڪ آواز هو جيڪو رتوڇاڻ جي هوندي بہ نہ بدليو هو. اهو انهيءَ ڏهل جي نگران ونجنس جو آواز هو. ونجنس جيڪڏهن ڪيس وڃائڻ لڳي ها تہ اهي ئي آواز نڪرن ها. جيڪي باستيل تي قبضي ڪرڻ کان اڳ ۽ ڪراڙي فائولن جي قتل کان اڳ نڪرائيندا هيا. پر سينٽ انٽائين جي هنج ۾ جيڪي مرد ۽ عورتون ستا پيا ها، انهن جي ڪاٽل آوازن جي باري ۾ اهو نہ پيو چئي سگهجي.

باب ٽيويهون

باهر جا شعلا

ڪوٽ جو نقشو بدليل هو. خاص ڪري قُوهاري جي ويجهو جتي سڙڪ جي مرمت ڪرڻ وارو ڏاڙي پٽرن تي هٿوڙو هلائي، روزي ڪمائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو تہ جيئن هن جي هيٺي جسم ۽ ساهہ جو ناتو قائم رهي سگهي. لَڪَ وٽ قائم ڪيل قيدخانو هاٿي اڳي جيئن شاندار نہ رهيو هو. ڪجهہ آڳرين تي ڳڻڻ جيترا سپاهي هاڻ بہ هن جي نگراني ۽ لاءِ مقرر ٿيل هيا ۽ ڪجهہ آفيسر وري انهن سپاهين جي نگراني ڪندا هيا. پر ڪنهن بہ آفيسر کي اها خبر نہ هئي تہ انهن سپاهين جي موت ڪهڙي هوندي يا وري اتي اها اميد رکڻ اجائي هئي.

پري پري تائين اُجڙيل ملڪ ۾ تباهي کان سواءِ ڪنهن ۾ پيداوار جو نالو نشان ئي نہ هو. وٽن جا پن، گاهہ جا تيلا ۽ اَنَ جا داڻا، سڀ ڪجهہ غريب انسانن وانگر سُڪي ويو هو. هر شئي ڪنڌ جهڪايل، مايوس، مظلوم ۽ شڪست کاڌل نظر اچي رهي هئي. مڪانَ، ويڑها، پالتو جانور، مرد، عورتون ۽ ٻار ۽ انهن جي ڇٽيندڙ ڏرتي، سيئي هيڏا ۽ بي حال هئا.

اڪثر رئيس ذاتي، طور تي شريف هيا. قوم لاءِ انهن جو وجود فائدي مند هو. انهن جي ڪري بلند اِرادن جو شانُ باقي هو. اهي عيش عشرت جي چمڪ جا سهڻا نمونا ۽ نہ ڇاڻ ڇا ڇا هيا. ان هوندي بہ اها سموري تباهي انهيءَ طبقي جي ڪرتوتن جي ڪري هئي. اهو عجيب تماشو هو تہ اها ڪائنات، جيڪا رڳو رئيسن لاءِ تخليق ڪئي وئي هئي، سا ايترو جلد خراب ۽ پراڻي ٿي وئي هئي. پڪ دنيا جي نظام ۾ ڪو بنيادي عيب هو. بهرحال معاملو ائين ئي هو. پٽرن تي هٿوڙا

هلائي هلائي ممڪن قُوتُ هٽ ڪيو ويو هو. اهڙين ذليل حالتن ۾ رئيسن جي لاءِ فرار کان سواءِ ٻيو ڪجھ ويو هو.

پر ان ڀُوٽ ۾ ان قسم جي ڪجھ ٻين علاقن ۾ اهو سوال نه هو. چو ته هِنَ ڀُوٽ کي لُٽڻ وارا رئيس، ڪيترن سالن کان هتي نه آيا هيا. ڪڏهن ڪڏهن رڳو شڪار لاءِ ايندا هيا. انسانن جي شڪار جي لاءِ ڪڏهن جانورن جي شڪار لاءِ، جن جي حفاظت جي لاءِ غيرآباد جهنگن کي رونق ڀرين ڪارائتن جائين ۾ تبديل ڪيو ويو هو. پر هاڻي شڪار جو قسم منجي چڪو هو. هاڻي وڏي ذات وارن رئيسن جي سھڻن، سينگاريل سنواريل چھرن جي گم ٿيڻ کان وڌيڪ هيٺين ذات جي نَوَن نَوَن چھرن جي آمد جو مسئلو هو.

انهن ڏينهن ۾ جڏهن بيلدار اڪيلو منڊي ڏُوڙ ۾ ڪم ڪري رهيو هو تڏهن هُنَ کي اهو سوچڻ جي واندِ به نه هئي ته هُو منڊيءَ جو ٺهيل آهي ۽ نيٺ وڃي منڊيءَ ۾ ملندو. جڏهن هُنَ جو سمورو وقت اِنَ ڳٽڻيءَ ۾ گذرندو هو ته هُنَ جي ماني ڪيتري نه ٿوري ۽ بک ڪيتري نه گھٽي آهي! انهن ڏينهن ۾، جڏهن هُو اڪيلائيءَ ۾ ڪم ڪندي ڪندي، ٿوري ساهي پٽيندو هو ۽ اڪ ڪٽي هيڏي ڏسندو هو ته ڪونه ڪو عجيب غريب شڪل شباهت وارو ماڻهو وڪون ڪٽندي نظر ايندو هيس. جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويا، تيئن تيئن اهڙي قسم جون شڪليون گھٽيون ڏسڻ ۾ ايندیون رهيس.

جڏهن اهڙي شڪل اڳتي وڌي ويندي هئي، تڏهن بيلدار اطمينان سان ڏسندو هو ته اهو هڪ وڪريل وارن وارو وحشي قسم جو ماڻهو آهي. ڊگھي قد وارو، ڪِنيون چاڪڙيون پاتل، پوائتو ڊيڇارينڊڙ مُنهُن منڊيءَ ۾ پيُوت ٽيل. ڪيترن ئي هيٺين علاقن جي لوٽيائ ۾ ٻڌل ۽ ڪيترن ئي قسم جي جهنگلي ٻُوٽين جي پنن ۽ ڪنڊن سان ڀريل.

جولاءِ جي هڪ ٻيھريءَ جو اهڙي قسم جو هڪ پُوت اچي نڪتو. بيلدار ان مھل پٽرن جي ڊير تي ويهي، ٽڪري جي اوٽ ڏئي، ڳڙي کان بچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

اجنبيءَ اڳ ۾ هن ڏي ڏٺو پوءِ ماڻريءَ واري ڳوٺ تي نظر وڌي ۽ چڪي ۽ لڳ جي قيدخاني جو جائزو ورتائين. جڏهن اهي جايون پنهنجي جڏي ذهن سان سچائي ورتائين تہ پوءِ پنهنجي خاص ٻوليءَ ۾ چوڻ لڳو "چا حال آ؟ جيڪوس!"

"ٺيڪ آهيان."

"هٿ هيڏي ڪر."

بنهي هٿ ملايا ۽ اهو همراهہ پٽرن جي ڀير تي ويهي رهيو.

"رات جي ماني ملئي ٿي؟"

"رڳو ٽيپهريءَ جي ماني ملندي آهي." بيلدار چيو. هن جو منهن ٻڌائي رهيو هو تہ بکيو آهي.

"اڄ ڪلهہ اهوئي رواج آهي. رات جي مانيءَ جو ڪٿي نالو به ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي." اجنبيءَ ٻڙبڙ ڪئي.

هُنَ هڪڙو ڪاري رنگ جو پائيپ ڪڍيو. ان ۾ تماڪ وجهي، چقمق جي چٽنگن سان باهہ ڏنائينس ۽ پوءِ ڪش هڻڻ لڳو. سلفي چگيءَ طرح ڏکڻ لڳي. پوءِ هن سلفي کي ٿورو پري ڪري، ان ۾ ڪجهہ وڌو جنهن جي ڪري ان مان شعلو نڪتو ۽ ترت ئي دونهي ۾ گم ٿي ويو.

بيلدار انهن ڳالهين جو مطلب سمجهي ويو ۽ چوڻ لڳو "هٿ ملايا"

بنهي جڻن ٻيهر هٿ ملايا.

"اڄ رات!" بيلدار پڇيس.

"اڄ راتِ" اجنبيءَ سلفي وات ۾ وجهندي چيو.

"ڪٿي؟"

"هتي."

ٻئي ائين پٽرن جي ڀير تي ماڻ ڪيو ويٺا. هڪٻئي کي چتائي ڏسي رهيا هيا. ڪڙا وچ وچ ۾ سنگينن مٿان هوري هوري حملي وانگر پئجي رهيا هيا. ڪجهہ دير کان پوءِ آسمان صاف ٿيڻ لڳو.

"مون کي اها جڳهہ تہ ڏيکارا!" مسافر ٽڪريءَ تي چڙهي چيس.

"هوڏي ڏس!" بيلدار آڱر جو اشارو ڪندي چيو. "تون هتان هيٺ لهندين ۽ پوءِ گهٽيءَ ۾ هن ڪُوهاري کان پري . . ."

"جهنم ۾ وڃي پوي اهو ڏڪ. مان گهٽي ٻڌي ڪجهه نه ڄاڻان ۽ نه مون کي ڦوهاري سان ڪو واسطو آهي." اجنبيءَ وچ ۾ رڙ ڪئي ۽ پوءِ چوڻ لڳو "نه پوءِ"

"نه پوءِ ڳوٺ کان مٿي واري ٽڪريءَ کان ٻه ميل اڳتي."

"ٺيڪ آهي. تون پنهنجو ڪم ڪهڙيءَ مهل پورو ڪندو آهين؟"

"جڏهن سڄ لهي ويندو آهي."

"هتان وڃڻ کان اڳ مون کي جاڳائي ڇڏجانءِ. مان بنان ڪنهن آرام ڪرڻ جي، گذريل ٻن راتين کان پنڌ ڪري رهيو آهيان. ٿورو هي ۽ سلفي پي الوٽ ننڊ سمهي پوندس. ويندي مهل مون کي جاڳائيندي نه؟"

"ضرور."

مسافر سلفي پي ڪيسي ۾ رکي ڇڏي ۽ پوءِ پنهنجيون چاڪڙيون لاهي، پٽڑن جي ڏير تي سمهي پيو. هُو گهڙي ڪن ۾ ئي دنيا جهان کان بي خبر ستو پيو هو.

بيلدار ڪم ڪندي ڪنديءَ ۾ پيوت ٽي چڪو هو. جهڙ لهي چڪو هو. اڇيءَ روشنيءَ جا پٽا زمين ۽ آسمان تي چانديءَ جي تارن وانگر چمڪي رهيا هيا. اسان جو ڪاريگر، جنهن کي هاڻي نيريءَ ٽوپيءَ بدران ڳاڙهي ٽوپي پاتل هئي، اهو پٽڑن جي ڏير تي سمهڻ واري کي جُوهَ وجهي ڏسي رهيو هو. ايتري جُوهَ وجهي ڏسي رهيو هيس جو هن کي پنهنجي ڪم جو هوش به نه رهيو هو. ڪاٽو هڪڙو منهن، وکريل وچڑيل ڪارا وارَ ۽ اهڙي ٽي سندس ڳاڙهي. ڳاڙهي رنگ جي کهري اُوني ٽوپي، جانورن جي کل ۽ دستي اُٽيل بيڪار لباس، سگهاري هاڻي، جنهن کي جيڪڏهن سڏو ڪاڏو ملي ها ته اڃا وڌيڪ سگهاري ٽي پوي ها. ننڊ ۾ ڪاوڙ ۽ مايوسيءَ وچان پڪوڙيل چپ، بيلدار کي روب ۾ وجهي رهيا هيا. مسافر پري کان اچي رهيو هو. هن جا پير ڇلهجي چڪا هيا ۽ ٽِڻين وٽان رت وهي رهيو هيس . وڏين وڏين چاڪڙين منجهه ڪک ڪانا پريل هيس. هن جي ڪپڙن ۾ ٽنگ ۽ جسم تي رهندڙون هيون. بيلدار جهڪي هن

جي ڪيسن ۾ هٿيارن جي جاچ وٺڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. مسافر جا هٿ سيني تي ايڏا تہ مضبوطيءَ سان ڇميل هيا، جھڙي مضبوطيءَ سان هن جا چپ، بيلدار جي نظر ۾ قلعي بند شهر، ڪوٽ، پهريدارن جون جايون، در، ڪاهيون ۽ انهن ڪاهين جون پُليون، سڀ انهيءَ ماڻهوءَ جي اکيان هيڏا هيا ۽ جڏهن هن اک ڪٽي آسمان ڏي ڏٺو ۽ چئني پاسن ڏانهن نگاهہ وڌائين، تڏهن هن جي ڪُنڊل نگاهہ ۾ ٻيون بہ اهڙيون ڪيئي شڪليون ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اڀرندي وڏندي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳيون.

اهو همراهہ لڳاتار ستو پيو هو. هن مٿان نہ مينهن جو ڪو اثر ٿيو نہ سج جي ڪرڻن جو. نہ اس جو ۽ نہ پاڇي جو. نہ سندس جسم تي پوندڙ ڪڙي جو. جيڪو سج جي روشنيءَ ۾ هيرن وانگر جرڪي رهيو هو. هُو سج لٿي تائين ائين ستو پيو هو. بيلدار پنهنجو ڪم ڪري، اوزار گڏ ڪري، ڪيس جاڪايو.

"ٺيڪ آهي." اجنبيءَ ننڍ مان اُٽندي ئي چيو "ٽڪريءَ جي چوٽيءَ کان ٻہ ڪوهہ اڀرندي."

"هائو تقريبن."

"تقريبن... ٺيڪ آهي."

بيلدار هوا سان گڏوگڏ ڏُوڙ اُڏائيندو گهر ويندي ڏُوهاري تي پهتو جتي جانور پاڻي پي رهيا هيا. هن کي ائين پئي لڳو تہ ڳوٺ وارن سان گڏگڏ اهي جانور بہ هن جي سس پس ٻڌي رهيا آهن. جڏهن ڳوٺ وارا شام واري رکي سکي مانيءَ کائي چڪا، تڏهن اُهي عادت مطابق ستا نہ پر درن مان ٻاهر نڪري پيا ۽ هنن ۾ سس پس جي ويا پکڙجي وئي ۽ ان سان گڏ آسمان ڏي هڪ خاص پاسي ڏسڻ جو مرض لڳي وين. ڳوٺ جو مکي موسيو گيبل پريشان هو. هُو بہ اڪيلو پنهنجي ڳوٺ جي ڇت تي چڙهي، اوڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ پنهنجي گهر جي چمنيءَ جي اوٽ وٺي، ڏُوهاري وٽ گڏ ٿيندڙ ماڻهن جي مڇريل چهرن تي نظر وجهڻ کان پوءِ، گرجا جي دربان کي چوائي موڪليائين تہ شايد گهنڊ وڄائڻ جو وقت ويجهو اچي چڪو آهي.

رات وڏندي وئي. پراڻي محل جي پاسن وارا وڻ جي زور تي ائين لڏي رهيا هيا، جڙ اهي جڳهه جي اکيلي عمارت جي ويڪرن بنيادن کي ڏمڪيون ڏئي رهيا هجن. ڏاکڻين تي مينهن پٽجي رهيو هو ۽ پاڻي در وٽ گوڙ ڪندو ڪنهن تکي آيل قاصد وانگر اندرين کي جاڳائي رهيو هو. هوا جا جُهوٽا، قديم نيزن ۽ چُرن سان پريل هال ۾ گهڙي، ڏاکن وٽ شور ڪندي، ان پلنگ جي پردن کي هرهر لوڏي رهيا هيا، جنهن پلنگ تي آخري نالياورو رئيس ڪڏهن ننڊ ڪندو هو. اوپر اولهه ۽ اترڏکڻ وارن ٻُوڙن کي چار ڏٽا مُٽا همراهه لتاڙيندا، آڪر ڏي وڏي رهيا هيا. جتي چار روشنيون ڏسڻ ۾ آيون هيون، اتان اهي چئن مختلف پاسن ڏي حرڪت ڪندي گم ٿي ويون ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ وري اوندهه ٿي وئي.

ڪجهه دير ۾ ئي محل جا در دريون ظاهر ٿيڻ لڳا. انهن ۾ ڪجهه هلچل پيدا ٿي ۽ هڪ ماڻهو گهوڙي تي چڙهي روانو ٿي ويو. اهو اوندهه ۾ هوري هوري، لڪي لڪي ڳوٺ جي ڦُوهاري جي ويجهو موسيو گيبل جي در وٽ اچي بيٺو. "اسان جي مدد ڪر، گيبل! ۽ سڀ ماڻهو به اسان جي مدد لاءِ اچو." گهنڊ لڳاتار وڄڻ لڳا. پر مدد ڪرڻ لاءِ ڪو به تيار ئي نه هيو. بيلدار ۽ ان جا ايڊائي سَئو ساٿي هَٿَ تي هَٿُ رکيون، ڦُوهاري وٽ باهه جي ڌُلَهه کي ڏسندا رهيا. "هوندو ڪو چالاڪ فُٽَ اوچو." هنن گوڙاڻ پريل لهجي ۾ چيو پر پنهنجي جاءِ تان ڇُريا ئي نه.

محل وارو گهوڙي سوار پنهنجي گهوڙي کي تيز ڊوڙائيندو، ڳوٺ مان ٽيندو پهاڙيءَ واري قيدخاني تائين پهتو جتي ڦاٽڪ تي ڪجهه آفيسر ۽ ٿوريءَ وٽيءَ تي ڪيئي سپاهي باهه جو تماشو ڏسي رهيا هئا. "افيسر صاحبو! توهان اسان جي مدد ڪريو. محل سڙي رهيو آهي. وقت سر مدد پهچڻ تي قيمتي سامان کي سڙڻ کان بچائي سگهجي ٿو. خدا جي واسطي اسان جي مدد ڪريو." آفيسرن سپاهين ڏي ڏٺو. سپاهي باهه ڏي ڏسي رهيا هيا. آفيسرن هنن کي حڪم ڏيڻ بدران ڪلها لوڏي، چَپَ چپاڙي جواب ڏنو "اهو ته سڙندوئي سڙندو."

سوار ٿڪريءَ تان هيٺ لهي، جڏهن گهٽين ۾ گهوڙو ڊڪائڻ لڳو تڏهن سڄو ڳوٺ روشني ڪرڻ ۾ لڳو پيو هو. بيلدار ۽ سندس ادائي سَئو دوست هڪ جسم ٻڌجي ڏياري ڪرڻ جي تياريءَ ۾ پڄ ڊڪ ڪري، پنهنجن پنهنجن گهرن ۾، درين جي شيشن پويان ميڙ بتيون ٻاري رهيا هيا ۽ جيئن ته هر قسم جي سامان جي ڪوٽ هئي، اُنَ ڪري موسيو گيبل کي نه چاهيندي به، ميڙ بتين وارو مطالبو پورو ڪرڻو پيو. جڏهن هن ٿوري هڪ ڏيڪاري، تڏهن بيلدار جيڪو ڪڏهن وڏو تابيدار قسم جو ماڻهو هو، تنهن به ڏمڪي ڏنس ته گاڏين ساڙڻ جي ڪم اچي سگهن ٿيون ۽ گهوڙا پُڄي ڪائي سگهجن ٿا.

محل شعلن ۾ گهيريل هو. باھ ڏيڻ جي جوش ۾ ائين ئي لڳو ته دوزخ جي باھ محل کي پنهنجي جهنمي ڦُوڪ سان ساڙي رک ڪري چڏيندي. جيئن جيئن شعلا پڙڪندا ويا، پٿر جي مورتين جون شڪليون ائين ڏسڻ ۾ پئي آيون. جڙ ته انهن مٿان ڪو عذاب نازل ٿي رهيو هجي. جڏهن وڏا وڏا پٿر ليٽڙندا، هيٺ پئي آيا ۽ ڳوري ڪاٺ جي ڏاڪڻ ڪري ته اهو چهرو، جنهن جي نَڪَ ۾ چِيرُ هو سو لڪي ويو ۽ پوءِ دونهين ۾ وري ظاهر ٿيندو ويو. اهو جڙ ته ظالم مارڪوئيس هو جيڪو ٽنيي تي جيئرو ساڙيو پئي ويو ۽ ٻرندي ٻرندي باھ سان ڪشمڪش هجي.

محل سڙي رهيو هو. ويجهڙائي وارا وڻ باھ ۾ لوساڻجي ويا هيا. پري جا وڻ جن کي انهن ڪاوڙيل چئن جٽن باھ ڏئي چڏي هئي، سي شعلن ۾ گهيريل عمارت جي چوڌاري، دونهين جو هڪ جهنگ پکيڙي رهيا هيا. ڦُوهاري واري مرمر جي حوض ۾ پگهاريل لوھ ۽ سِيهو پڙڪي رهيو هو. پاڻي سُڪي ويو هو. برجن جي باھ وسائڻ واريون چتيون پاڻ برف وانگر گرميءَ جي ڪري ڳري، شعلن جي پتين ۾ ڪري رهيون هيون. مضبوط پتين ۾ ايترا ته وڏا ڪڏا پئجي ويا هيا، جو اهي بلور جا ٽڪرا لڳي رهيا هيا. پکي تپش جي ڪري پاڳل ٿي، هيڏي هوڏي اُڏندي، ان بنيءَ ۾ وڃي پئي ڪريا. پوءِ اهي چارئي مچريل همراھ اوپر، اولهه، اتر ۽ ڏکڻ جي اونداهين سڙڪن تي، پنهنجي ئي لڳايل باھ جي

سوجهري ۾ هي منزل ڏي وڏي ويا. سڄي ڳوٺ ۾ ڏيارو هئي ۽ گرجا جي گهنڊ تي ناجائز قبضو ڪري خوشيءَ جا گهنڊ وڄايا پئي ويا.

اهوئي نہ پر ڏڪار جي باهہ ۽ گهنڊن جي گوڙ جي ڪري مست ٽيل ڳوٺ وارا موسيو گيبل جي ڳَڻَ مهٽَ ڪرڻ لاءِ سنبري آيا. هنن جو خيال هو تہ اهوئي شخص دل ۽ ڏَڻُ وصول ڪندو آهي. توٽي جو هن سال ٽيڪس گهٽو گهٽ وصول ٿيو هو ۽ دل تہ ٿي ئي نہ هئي. بهرحال اهي هن جي گهر جي چوڌاري گڏ ٿي ويا ۽ هن کي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جي لاءِ ٻاهر نڪرڻ تي مجبور ڪر ڻ لڳا. موسيو گيبل ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ بدران در ڏئي، پنهنجو پاڻ سان اڪيلائيءَ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کي بهتر ڄاتو ۽ ان خودڪلاميءَ جي نتيجي ۾ چت تي چڙهي ويو ۽ چمنيءَ جي پٽيان وڃي پناهہ ورتائين. موسيو گيبل جو پڪو ارادو هو جيڪڏهن ڪنهن در پيچي اندر گهڙڻ جي ڪئي تہ هُو ڪٿڙي تان ٽپو ڏئي. هڪ ٻن کي پاڻ سان گڏ وٺي مرندو. هُو ڏکڻ جو رهاڪو ۽ هڪ معمولي ماڻهو هو. هن جي طبيعت انتقامي قسم جي هئي.

موسيو گيبل سڄي رات شايد اِئين ئي چت تي بيٺو رهيو. پري هرندڙ محل آتشدانَ ۽ شمعدانَ ٻنهي جو ڪم ڪري رهيو هو. موسيقيءَ بدران درن پيڇڻ جا آواز هيا. هن جي در اڳيان هڪ لالٽين ٽنيي تي لڙڪي رهي هئي. سڄي ڳوٺ جي تمنا هئي تہ لالٽين جي جاءِ تي هن کي اُتي لڙڪايو وڃي. هن مٿان آس نراس جي عجيب ڪيفيت چانيل هئي. خطرن جي سمنڊ جي ڪناري، گرميءَ جي ڏگهي رات گهاريل، وقت اڇڻ تي ٽپي ڏيڻ لاءِ تياري، موسيو گيبل جي لاءِ ڪا ورونهن نہ هئي. نيٺ اميد وارو صبح ٿيو. ڳوٺ ۾ جلديءَ ۾ ٻاريل ڏيئا وسامندي ئي ماڻهو ڪنڊڙڻ لڳا ۽ موسيو گيبل جند بچائڻ جو احساس ڪٽي هيٺ لٿو.

اتان سوين ميلن جي وٿيءَ تي، ٻين شعلن ۾ گهيريل مڪانن جي روشني ۽ اتان جا چاڪر ايترا خوش نصيب نہ هيا. ان رات جو ۽ ٻين ڪيترين راتين جو ڪيترائي بدبخت، پنهنجن مڪانن جي اڳيان سڙڪن تي لڙڪايا ويا. انهن سڙڪن تي، جتي ڪڏهن پرامن حالتن

ھر ھنن جي پرورش ٿي ھئي. صبح جي روشني انھن جي بي جان جسمن مٿان نوحا پڙھي رھي ھئي. ڀ ٻين ڳوٺن وارا ڀ شھري، اسان جي بيلدار ڀ انھيءَ جي ساٿين وانگر خوشنصيب نہ ھيا ڀ انھن کي چاڪرن ڀ سپاھين بدلي وٺڻ خاطر لڙڪائي ڇڏيو ھو. ڪٽي ڇا بہ ھجي، پر ڪاوڙيل ھمراھہ اوپر اولھہ ڀ اتر ڏکڻ ڏي لڳاتار گھمي رھيا ھيا ڀ ڪٽي ڪنھن کي لڙڪايو ويڄي. باھہ ھئي جا لاڳيتو پکڙجي رھي ھئي. اھڙي سُولي، جيڪا ھِنَ باھہ کي وسائڻ ۾ پاٽيءَ جو ڪم ڏئي. ڪنھن ڪارڪن ايجا تائين رياضيءَ جي سھڪار سان ايجاد نہ ڪئي ھئي.

باب چوويهون

مقناطيسي چپ جي ڪشش

باهر پاڻيءَ جي ٻوڏ وڌندي پئي وئي. زمين جو مضبوط مٽاچرو اٿلي پٿلي رهيو هو. مچريل سمنڊ جون موجون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون هيون، جن کي ڏسي، ڪناري تي بيٺل ماڻهن جون دليون هيبت ۽ حيرت مان ڌڪي رهيون هيون. ائين ٿي طوفاني سال گذري ويا. ان وچ ۾ ننڍڙيءَ لوسيءَ جي گهر وارن جي پُرسڪون زندگيءَ ۾ ٻارڙيءَ جون ٿي سالگرهون خوشيون ٻڌجي آيون.

ڪيترن ئي ڏينهن ۽ راتين کان انهيءَ خير ۽ شانتيءَ واري ڪنڌ ۾ پري جا آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هيا. انهن قدمن جا آواز ٻڌي گهر وارن جون دليون هيبت منجهان ويهي ٿي ويون. هنن جي ڏهنن ۾ اهڙن ڪروڙن انسانن جا قدم هيا، جن جو ڳاڙهو جهنڊو عوام جي مٿان جهومي رهيو هو. جن جو ملڪ خطري ۾ گهيريل هو ۽ جن کي سالن جي وحشت ناڪ جادوگريءَ جهنگلي جانور ٻڌائي ڇڏيو هو.

رئيس هڪ طبقي جي حيثيت ۾ پنهنجي بي قدري واري ماحول کان ڏار ٿي چڪا هيا. فرانس ۾ انهن کان ايڏي ته بيزاري هئي، جو جيڪڏهن اهي اتان نه وڃن ها ته ڪين دنيا مان ڪڍي ڇڏيو وڃي ها. اُنَ جاهل وانگر، جيڪو هڪ ڪهاڻيءَ ۾ وڏين تڪليفن کان پوءِ شيطان کي گهرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ ڊپ وچان بنان ڪجهه ٻ پڇڻ جي وٽي پهچندو آهي. ناميارا رئيس ٻ شيطانن کي قابو ڪرڻ وارا ڪيترائي عمل ڪرائڻ ۽ ڪيئي سال ابتيون دعائون گهرائڻ کان پوءِ، ابليس جي صورت ڏسي، ان جي هيبت کان هيسجي پڃي ويا.

دربار جو 'چمڪندڙ چنڊ' غائب ٿي چڪو هو نہ ته گولين جي مينهن وسندي مٿس اهڙي ته نشاني بازي ٿئي ها جو ڏٺي جي پناهما شاهي اکيون هونءَ به خراب هيون. ڪيترن ئي ورهين کان عزازايل جي تڪبر ۽ نينوا جي بادشاهہ ساردين پلس جهڙي عياشيءَ سندس نظر کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. ۽ هاڻي ته اکيون به هليون ويون هين. اندران کان باهر تائين سازش، بي ايمانيءَ ۽ منافقيءَ وارا سپ پاڳا ڪپجي چڪا هئا. شاهي موڪلائي چڪي هئي. پهريون محل جو گهيرو ڪيو ويو ۽ پوءِ آخري خبر هيءَ ٻڌڻ ۾ آئي ته جهان پناهہ کي به معطل ڪيو ويو آهي.

1792ع جو آگسٽ گذري چڪو هو ۽ رئيس پري پري کنڊڙي چڪا هيا.

ٽيلسن بينڪ لنڊن ۾ فرانسيسي رئيسن جو اڈو بڻجي چڪو هو. چيو وڃي ٿو ته جسم زندگيءَ ۾ عام طور تي، جتي رهڻ جا هيراڪ هجن، مرڻ کانپوءِ روح به انهن جاين تي ڦيرا پائيندا رهندا آهن. نامياري رئيس جي ڪيسي ۾ هڪ پائي به نہ هئي، پر جنهن جاءِ تي ڪڏهن سندس پايون رهنديون هيون، هُو ان جاءِ جا چڪر هڻڻ لڳو. ان کانسواءِ اتان تازيون ۽ سچيون خبرون به ملي ويندیون هيون. مٿان وري ٽيلسن بينڪ جي سخاوت به مشهور هئي ۽ ٽنڊل دلين وارن گراڪن سان هن جو سلوڪ ڏاڍو سخاوت پريو هو. ٻيو ته ڪجهہ رئيس طوفان جي اڇڻ کان اڳ، پنهنجين ضبطين ۽ ڦرلٽ جي ڪٽڪي جي ڪري، پنهنجي گهٽي ٽٽي ملڪيت ٽيلسن بينڪ ۾ منتقل ڪري ڇڏي هُئي. اهڙن رئيسن جي خبر انهن جي مفلس پائرن کي اُتان سولائيءَ سان ملي ويندي هئي. ايڏا وڏي ڳالهہ هيءَ هئي ته هر هڪ نئون آيل فرانسيسي، پنهنجي اڇڻ جو اطلاع ضرور ڏيندو هو ۽ خبرون چارون به پهچائيندو هو. انهن ڪارٽن جي ڪري ٽيلسن بينڪ ان زماني ۾ فرانسيسي خبرون پهچائڻ جو مرڪز بڻيل هئي. پبلڪ ان ڳالهہ کان چڱيءَ ريت واقف هئي ۽ پچائن جو سلسلو ايترو ته ڏگهو هوندو هو جو ڪيئي ڀيرا ته بينڪ وارا پاڻ

تازين خبرن جو بليٽن ٻاهي. درين مٿان هٽي چڏيندا هيا ته جيئن ٽيمپل بار وٽان لنگهڻ وارا پڙهي سگهن.

هڪ ڪوهيڙي ورتل شام جو مسٽر لاري پنهنجي ميز جي سامهون ويٺو هو ۽ چارلس ڊارني ان ميز مٿان جهڪيو هوري هوري ساٿس ڳالهيون ڪري رهيو هو. اها ڪال ڪوٺڙي جيڪا ڪڏهن ملاقات وارو ڪمرو ڇوائيندي هئي. هاڻي اُتي خبرون ٻڌڻ وارن جو هجوم رهندو هو. بينڪ بند ٽيڻ ۾ اڌ ڪلاڪ دير هئي.

"جي توهان دنيا جا سڀ کان وڌيڪ نوجوان هجو ها ته مان توهان کي صلاح ڏيان ها. . ." چارلس ڊارني ٻڌندي چيو.

"مان ڄاڻان ٿو. . . توهان جو مطلب ڇاهي. معنيٰ ته مان گهٽو ڪراڙو آهيان." مسٽر لاريءَ چيو.

"خراب موسم. ڏکو سفر. اڄ وڃ جون غيريقيني حالتون. ملڪ ۾ بدنظمي ۽ هڪ اهڙو شهر. جتي توهان محفوظ به نه رهي سگهو!!"

"پيارا چارلس!" مسٽر لاريءَ مرڪندي خوداعتماديءَ وچان چيو "اهو صحيح آهي."

"پر اهي دليل ته منهنجي سفر جو ڪارڻ آهن. نه وڃڻ جو نه. مون کي ڪهڙو خطرو آهي. جتي هزارين نوجوان موجود هجن. اتي مون جهڙي اسي سالن جي ڪراڙي تي ڪير پابندي هٽندو ۽ جيڪڏهن شهر ۾ اُڌل پٽل نه هجي ها ته اسان جي شاخ مان اُتي ڪنهن معتبر ۽ ڄاڻو ماڻهوءَ کي وڃڻ جي ضرورت ئي ڇو پيش اچي ها. جيسيتائين اڄ وڃ جي غيريقيني حالتن ۽ ڏکي سفر ۽ سياري جي مند جو تعلق آهي. ته مان پنهنجي پراڻي لاڳاپي جي ڪري ٽيلسن لاءِ ٿوري به تڪليف نه سهان. ته پوءِ ٻيو پلا ڪير ان لائق آهي."

"ڪاش! مان پاڻ وڃان ها." چارلس ڊارني ڳڻتيءَ وچان چيو. وڃ ته هُو ڳالهائي نه پر غور ڪري رهيو هجي.

"واهه! توهان جي اعتراضن ۽ صلاحن جي ڇا ڳالهه ڪجي!؟" مسٽر لاري حيرت وچان چوڻ لڳو "توهان وڃڻ چاهيو ٿا!! توهان جنهن جو پيدائشي وطن فرانس آهي!! ڪيترا نه عقلمند آهيو توهان!!"

"مسٽر لاري! پيارا دوست! مان فرانس ۾ ئي ڄائو هان. ان ڪري ته اهو خيال. جيڪو مون ظاهر نه ٿئي ڪرڻ گهريو سو هر هر منهجي ذهن ۾ آيو آهي. جنهن کي غريبن سان همدردي هجي ٿي هُن انهن جي ڪري ڪجهه قرباني به ڏني هجي." هن ڪجهه سوچيندي چيو "تنهن شخص جي ڀالهه شايد اهي ٻڌي وٺن ٿي ڪنهن حد تائين صبر کان ڪم وٺن. ڪالهوڪي رات جي ئي ڀالهه آهي. توهان جي هليو اچڻ کان پوءِ مان لوسيءَ کي چئي رهيو هيس."

"توهان لوسيءَ کي چئي رهيا هيا." مسٽر لاريءَ وچ ۾ ڀالهايو "توهان کي وچ ۾ لوسيءَ جو نالو آڻيندي شرم نه ٿو اچي. هِنَ دور ۾ توهان فرانس وڃڻ چاهيو ٿا!"

"پر وڃان نه پيو." چارلس ڏارني مرڪندي چيو "هاڻ ئي ته توهان پيا فرمايو ته وڃي رهيا آهيو."

"ڀالهه هيءَ آهي." مسٽر لاريءَ پري هڪ عمارت کي ڏسندي هوڙي چيو "منهنجا پيارا چارلس! سچ پچين ته توکي ڪا خبر ئي ناهي ته اسان جو ڪاروبار ڪيڏيءَ نه ڏکيائيءَ سان هلي رهيو آهي ٿي اُتي اسان جي حساب ڪتاب جا رجسٽر ڪيڏي نه خطري ۾ آهن! خدا ئي بهتر ڄاڻي ٿو ته جيڪڏهن اسان جا ڪي دستاويز ٻين جي هٿ لڳا. يا اهي تباهه ڪيا ويا ته ڪيترن ماڻهن تي مصيبت ڪرندي! ٿي اهو ڪو ناممڪن ناهي. ڪنهن به مهل پيرس کي لُٽي ساڙي سگهجي ٿو. ڪجهه قرض وارا ضمانتي ڪاغذ ترت ئي ته خانن ۾ لڪائي ڇڏڻ يا انهن کي ٻئي هنڌ موڪلڻ ڏاڍو ضروري آهي ٿي اهو ڪم رڳو مان سرانجام ڏئي سگهان ٿو. ٽيلسن وارا ان ڀالهه کان واقف آهن ٿي هنن مون سان ان خواهش جو اظهار ڪيو آهي. . . ٽيلسن وارا. جن جو مون سٺ سالن کان نمڪ کاڌو آهي. . . ته چا مان ان ڪري نهڪر ڪري ڇڏيان. چو ته منهنجا سَنڈَ ٽورو سور ٿا ڪن. . . منهنجا سائين! ڪن جهور ڪراڻن جي پيٽ ۾ ته مان اڃا چوڪرو ٿو لڳان."

"مسٽر لاري! مان توهان جي همت ٿي مڙسيءَ کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهان."

"چڏ بابا!. . . منھنجا پيارا چارلس!" مسٽر لاريءَ وري ساڳيءَ ڏورانھين جڳھ تي نظر وجھندي چيو" توکي ياد رکڻ کپي تہ اڄ ڪنھن بہ قسم جو ڪو سامان پيرس مان ٻاھر ڪڍي وڃڻ تقريبن ناممڪن آھي. مان توکي ھڪڙي راز واري ڳالھہ ٻوڌايان. جيتوڻيڪ اھا مونکي لکائڻ کپي ھا، تہ اڄ ئي ڪجھہ ڪاغذ ۾ قيمتي شيون عجيب غريب قاصدن ھٿان وصول ٿيون آھن. سرحد پار ڪندي انھن مان ھڪڙي جي جان مس مس بچي آھي. پراٽي زماني ۾ اھڙا پارسل ايتريءَ سولائيءَ سان موڪليا ويندا ھيا جھڙيءَ سولائيءَ سان اسان خود ھتي انگلينڊ ۾ ڪاروبار ڪندا ھئاسين. پر ھاڻي ھر شئي جي جھل آھي."

"تہ ڇا توھان جائي بہ اڄ رات وڃي رھيا آھيو؟"

" مان جائي بہ اڄ رات وڃي رھيو آھيان. معاملو ڪجھہ اھڙو اھم آھي جو دير ڪرڻ مناسب ناھي."

"۽ توھان سان ڪو ھيو نہ ھوندو؟"

"مون سان گڏ وڃڻ لاءِ ڪيترن ئي ماڻھن جا نالا ڪنيا ويا. پر مون رڳو جيري کي ئي چونڊيو آھي. جيريءَ ورھين کان منھنجي گارڊ جا فرض انجام ڏنا آھن ۽ مان بہ ھن جي ساڻ جو عادي ٿي چڪو آھيان. سڀ اھو سمجھندا تہ جيري انگريزي ٻُلداگ آھي ۽ ھن جي دماغ ۾ سواءِ پنھنجي مالڪ جي دشمن تي حملي ڪرڻ جي، ٻيو ڪو خيال اچي ئي نہ ٿو سگھي."

"مان وري بہ چوان ٿو تہ توھان جي ھمت ۽ جوانن واري طبيعت جي ساراھہ ڪرڻ کان سواءِ رھي نہ ٿو سگھان."

"مان وري چوان ٿو. . . واھيات. . . واھيات. . . مان جڏھن پنھنجي اِھا ڊيوٽي ادا ڪندس تہ شايد ٽيلسن بينڪ جي چوڻ مطابق، پينشن ونڊي آرام سان زندگي گھاريندس. ھِنَ ڪراڻپ ۾ سوچڻ لاءِ گھٽو وقت ملي پوندم."

اھا ڪچھري مسٽر لاريءَ جي ميز وٽ ٿي رھي ھئي. ھڪ گز جي وٿيءَ تي، فرانس جا ڪيئي نامياريا رئيس نياڳي عوام کان بدلي وٺڻ جون ڌاڑون ھڻي رھيا ھيا. پناھہ واري انھيءَ ناڪام زندگيءَ ۾ رئيسن

وٽ هاڻي رڳو اهوئي شغل باقي بچيو هو. هيڏانهن پراڻ پسند انگريزن جي ڀالهين مان ائين ٿي لڳو ته اهو هيڏو سارو انقلاب جڙ بنان ڪنهن ڪاوڙ جي رونما ٿيو آهي. جڙ ته اها پوک بنان ڪرڻ جي پنهنجو پاڻ تيار ٿي وئي آهي. جڙ ته فرانس جي ڪروڙين بدنصيبن جي ذليل زندگيءَ کان ڪو واقف ئي نه هيو ۽ انهن جي چڱيلائيءَ تي جيڪو پيسو ڏوڪڙ خرچ ٿيڻ کپي ها، ان جي اجائي استعمال جي هنن کي جڙ ته ڄاڻ ئي نه هئي. ۽ جيئن ڪنهن ان اٽٽر انجام جي ڪا اڳڪٿي ئي نه ڪئي هئي. جن ماڻهن کي حقيقت جي خبر هئي، سي ان قسم جي جوش خروش کي پسند نه ڪندا هيا ۽ نه وري رئيسن جي ڏاڍ پرين سازشن تي ماڻ رهي پئي سگهيا. اهي رئيس، جيڪي پنهنجين انهن ٻڌائي نه سگهڻ جهڙين حالتن کي، جيڪي هميشه لاءِ ختم ٿي چڪيون هيون، وري واپس آڻڻ چاهين پيا. انهيءَ شش و پنج ۽ اڻ تڻ ۾، جيڪا چارلس ڊارنيءَ کي هر وقت لاڳو هوندي هئي، هُو پنهنجن وطنين جو اهڙو ته جوش جذبو ائين محسوس ٿيندو هيس جڙ ته خود سندس ڪن وڄندا هجن.

شاهي عدالت جو وڪيل مسٽر اسٽرائيوَر به اهڙي بڪواس ڪرڻ وارن مان هڪ هيو. هُو وڏي عهدي جي لالچ ۾، ان مسئلي تي وڏي زور شور سان بحث ڪندو هو. هُو رئيسن کي اهڙيون اٽڪلون ٻڌائيندو هو جو سندس چوڻ مطابق، سڄي قوم هڪ ئي ڏماڪي ۾ اڏامي ويڄي ۽ سمورو عوام هڪدم نيست ۽ نابود ٿي ويڄي ۽ اهڙي قسم جون ٻيون تدبيرون، جن جو مثال ائين هو جيئن ڪو چوي ته شڪاري پکين جي پڇن تي لوڻ هرڪڻ سان، انهن جا سڀ نسل نيست ۽ نابود ٿي ويندا. ڊارنيءَ کي اهڙي قسم جون ڀالهيون بلڪل پسند نه هيون ۽ هُو سوچي رهيو هو ته اُتان ماڻ ميڙ ۾ هليو وڃي، يا وري پنهنجي راءِ ظاهر ڪرڻ لاءِ اُتي ترسي.

آفيس وارا مسٽر لاريءَ وٽ آيا ۽ هڪ بند لفافو جنهن مٿان ڇُنا ٿيل هيا، ڪيس ڏيندي پڇڻ لڳا ته لفافي جي مالڪ جي ڪا سُڌ ملي آهي يا نه؟ دفتر وارن اهو خط ڊارني جي ايترو ته ويجهو رکي ڇڏيو جو

هُو ڏس پتو پڙهي سگهي پيو ۽ جيئن ته هن جو ئي اصلي نالو لکيل هو ۽ هُو سولائي پڙهي پيو سگهي. لکيل هو "جناب اڳوٽو مارکوئيس سينٽ ايورمونڊ آف فرانس. معرفت ميسرز ٽيلسن اينڊ ڪمپني، بنکرس، لنڊن، انگلينڊ."

اوهانءَ واري صبح جو ڊاڪٽر مينٽ چارلس ڊارني کي تاکيد ڪئي هئي ته جيسين هُو پاڻ اجازت نه ڏئي، تيسين سنڊس اصلي نالو راز ۾ رکيو وڃي. اها ڳالهه ٻئي کي معلوم نه هئي، خود سنڊس زال کي به ان جو ڪڏهن گمان نه ٿيو هو. مسٽر لاريءَ کي ڪيئن معلوم ٿي پئي سگهيو.

"ڪا خبر ناهي." مسٽر لاريءَ آفيس وارن کي چيو "مون هتي هر ماڻهوءَ کان پڇيو آهي، پر ڪير به هن صاحب جو ڏس پتو نه ٿو ڄاڻي."

بينڪ جي بند ٿيڻ جي مهل ٿي رهي هئي. مسٽر لاري جي ميز جي پرسان ماڻهن جو وڏو گوڙ هو. هُو لفافو اڳتي وڌائي، هر هڪ کان پڇڻ لڳو ۽ سيئي اڳوٽا رئيس، جيڪي هاڻي ڪاوڙ ۾ پريل سازشي پناهه گير هيا، سي فرانسيسي يا انگريزي ۾ روپوش مارکوئيس جي خلاف ڪجهه نه ڪجهه بي عزتيءَ وارا جملا چئي رهيا هيا.

"منهنجو خيال آهي ته هُو معزز مقتول مارکوئيس جو نياڳو اڻ سڌريل پائٽيو آهي." هڪڙي چيو "خوش قسمتيءَ سان مان هن کي نه ٿو سڃاڻان."

"بزدل پاڇوڪڙ جنهن ڪجهه سال اڳ پنهنجن فرضن نپائڻ کان پاسو ڪيو." ٻيو رئيس فرمائڻ لڳو جنهن کي پيرس کان ٻاهر گاهه واريءَ گاڏيءَ ۾ جنگهون مٿي ۽ مٿو هيٺ ڪري آندو ويو هو.

"نَوَن خيالن جي مرض کان متاثر هو" پنهنجي عينڪ مان ڏڪ ڏي نهاريندي، ٽئين رئيس چيو. "هُو مارکوئيس جي مخالفت ڪري رهيو هو، ورثي ۾ جيڪا ملڪيت مليس، ان تان هٽ ڪٽي، پنهنجو سڀ ڪجهه بدمعاشن کي ڏئي ڇڏيائين. هاڻي منهنجي خيال ۾ اهي هن کي مناسب بدلو ڏيندا."

"اِها سڀ ڪالھ آھي." اسٽرائيوَر ڏاڍيان رڙ ڪئي. "ڇا ھُو اھڙي قسم جو ماڻھو آھي. ٿورو مان ۾ ته ڏسان. اھو بدنام شخص شل جھنم ۾ وڃي."

ڊارني کان وڌيڪ صبر ٿي نہ سگھيو ۽ ھن مسٽر اسٽرائيوَر جي ڪلھي تي ھٿ رکي چيو "مان ان ماڻھوءَ کي سڃاڻان ٿو."

"واقعي...! سچي!!" اسٽرائيوَر چيو "مون کي افسوس آھي."

"ڇو؟"

"ڇو؟ مسٽر ڊارني! توھان ھن جا ڪرتوت نہ ٻڌا. ھن زماني ۾ 'ڇو' جو لفظ وات مان نہ ڪيو."

"پر وري توھان پڇندؤ ته ڇو؟"

"ته مسٽر ڊارني! مان وري توھان کي چوندس ته مون کي افسوس آھي. مون کي افسوس آھي ته توھان اھڙا غيرمعمولي سوال ڪري رھيا آھيو. ٿورو ان ماڻھوءَ جو سوچيو. جنھن شيطان گيري جي سپ کان وڌ زھريلي ۽ ڪافراڻي اصول کان متاثر ٿي. پنھنجي جائيداد روءِ زمين جي بدترين قاتلن جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ توھان پڇو ٿا ته ڇو؟ مون کي افسوس آھي ته نوجوانن جو ھڪ استاد ان شخص کان واقف آھي. چڱو ته ٻڌو منھنجو جواب. مون کي ان ڪري افسوس آھي ته مان سمجھان ٿو ته ھن بدمعاش کي وچڙندڙ بيماري لڳل آھي. توھان ڪجھ سمجھيو؟" ڊارنيءَ کي راز کلي پوڻ جو ڊپ ھو. ھن وڏيءَ ڏکيائيءَ کان پوءِ پاڻ تي ڪنٽرول ڪيو ۽ رڳو ايترو چيو "توھان ھن شريف ماڻھوءَ جي احساسن کي نہ ٿا سمجھو."

"مسٽر ڊارني! مان رڳو ايترو سمجھان ٿو ته توھان ڪيئن کي مڃايو وڃي." ماڻھو آزاريندڙ اسٽرائيوَر چيو "۽ اھو مان ڪري ڏيکاريندس. جيڪڏھن ھُو شريف ماڻھوآھي ته مان ھن کي نہ ٿو سمجھان. توھان منھنجي پاران ھن کي اھو پيغام تحفي طور پھچائي ڇڏيو. توھان ھن کي ھي ٻہ چئو ته پنھنجي دولت انھن ڪاسائين جي حوالي ڪرڻ کان پوءِ. مون کي حيرت آھي ته ھُو انھن جو سردار ڇو نہ ٻڌيو. پر صاحبو!" اسٽرائيوَر چئني پاسن ڏي ڏسندي، چپڻي وڃائيندي

چيو "مان انساني فطرت کان جيترو واقف آھيان ۽ توھان کي چوان ٿو تہ اھڙي قسم جا ماڻھو اھڙن نايابن چمچن تي پروسو ناھن ڪندا. نہ صاحبو! ھُو ڏکئي وقت پوپان پير ڪري پڄي ويندو. لڙائي شروع ٿيندي ئي ھُو پڄي ويندو." استرائيوَر اھي لفظ چوندي ئي آخري پيرو چپڻي وڃائي ۽ ماڻھن کي ڏکيندو پري ڪندو فليٽ استريٽ ڏي راھي ٿيو ۽ ٻڌندڙن سندس تقرير کي دل کولي ساراھيو. جڏھن ماڻھو بينڪ مان وڃي چڪا، تڏھن ڊارني ۽ مسٽر لاري باقي وڃي بچيا.

"چا ھي خط توھان جي حوالي ڪريان؟" مسٽر لاريءَ چيو "چا توھان کي سندس ڏس معلوم آھي."

"ھا، معلوم آھي."

"چا توھان ھن کي سپ ڪجھ سمجھائي چڏيندئو؟ منھنجو خيال آھي تہ شايد رڳو اندازي تي تہ شايد اسان کي سندس پتو معلوم ھجي. ھي اسان جي معرفت موڪليو ويو آھي. ھن کي ٻڌائي چڏجو تہ ھي خط ڪجھ ڏينھن کان اسان وٽ پيو ھو."

"مان ڪيس ضرور ٻڌائيندس. چا توھان پيرس لاءِ ھتان ئي روانا ٿيندؤ؟"

"ھا، ھتان ئي، انڀين بجي."

"مان توھان کي خدا حافظ چوڻ لاءِ ضرور واپس ايندس."

ڊارني پنھنجو پاڻ کان غيرمطمئن. استرائيوَر ۽ ٻين ماڻھن کان غيرمطمئن. ڪنھن ريت ٽيمپل جي خاموش ماحول ۾ پھچي خط پڙھڻ لڳو. جنھن ۾ لکيل ھو:

ايبي جو قيدخانو، پيرس.

21 جون 1792ع

محترم سابق مارڪوئيس صاحب!

گھٽي وقت تائين ڳوڙ وارن جون زندگيون خطري ۾ ھيون. پوءِ مون کي مارڪٽَ ۽ ذلت سان گرفتار ڪري، پنڌ پيرس وٺي ويا. مون کي دڳ ۾ ڏاڍيون تڪليفون پھتيون. رڳو ايتروئي نہ پر منھنجو گھر ۽ ڌاڙو ويو. اھو صفا پٽ ٿي ويو.

اڳوڻامارڪوئيس صاحب! جنهن ڏوهه ۾ مون کي پڪڑي قيد ڪيو ويو آهي ۽ جنهن جي لاءِ مون کي عدالت ۾ پيش ٿي، پنهنجي جند تان هٿ کڻڻو پوندو سواءِ ان جي جو توهان مون کي بچائي وٺو هُو منهنجو ڏوهه اهو ٿا ٻڌائن ته تو هڪ پڳوڙي جي مدد ڪري، عوام جي مخالفت ڪئي آهي ۽ پنهنجي قوم سان غداري ڪئي آهي. مان چوان ٿو ته مون توهان جي حڪمن تي عمل ڪري، عوام جي حمايت ڪئي آهي، مخالفت نه ڪئي اٿم. پر منهنجي ٻڌڻي نه ٿي ٿئي. مان عرض ڪريان ٿو ته وطن چڏي ويندڙن جي جائيداد عدالت جي تحويل ۾ اچڻ کان اڳ ئي موڪلائي، سڀ ٽيڪس معاف ڪري چڏيا هيا. جيڪي هونءَ به وصول کو نه ٿيا ۽ اهو به ته مون کا به دل ناهي ورتي ۽ نه ڪنهن جي خلاف کا قانوني ڪارروائي ڪئي اٿم. پر منهنجي ڪير ٻڌي ئي نه ٿو. بس هڪڙو ئي راڳ ڳايو ويو وڃي ته مان هڪڙي پڳوڙي جو نمائندو آهيان. اهو پڳوڙو ڪٿي آهي ؟ ان جو ڏس پتو ٻڌاءِ.

هاڻ مون تي سڀ کان وڏا ٻاجهارا. جناب اڳوڻا رئيس مارڪوئيس! اهو وطن چڏي ويندڙ ڪٿي آهي؟ مان ننڍ ۾ به رڙيون ڪرڻ لڳان ٿو هُو ڪٿي آهي؟ مان پاڪ ڏٺيءَ کان پڇان ٿو ته ڇا هُو مون کي بچائڻ خاطر نه ايندو؟ کو به جواب نه ٿو ملي. هاڻ جناب اڳوڻا مارڪوئيس صاحب! مان هن اميد ۾ ٽيلسن بينڪ جي معرفت، جيڪا بينڪ پيرس ۾ ڏاڍي مشهور آهي، پنهنجي آهه زاري پڇائي رهيو آهيان ته منَ توهان تائين پُڄي ويجي.

جناب اڳوڻا مارڪوئيس صاحب! توهان کي خدا جو واسطو. انصاف، سخاوت ۽ خانداني عزت ۽ ناماچاريءَ جو واسطو وجهي التجا ڪريان ٿو ته منهنجي مدد ڪري، مون کي رهائي ڏياريو. منهنجو ڏوهه هي آهي ته مان توهان جو وفادار رهيو آهيان. او منهنجا اڳوڻا مارڪوئيس صاحب! مان درخواست ٿو ڪريان ته توهان به مون سان خلوص وارو سلوڪ ڪريو.

اڳوڻا مارڪوئيس صاحب! هن هيبت ناڪ قيدخاني ۾ جتي مان ڏينهون ڏينهن هلاڪيءَ کي ويجهو ٿيندو پيو وڃان، توهان کي پنهنجي بدنصيب خدمتن جي پڪ ڏياريان ٿو.

مصيبت جو ماريل،

گيبل.

ان خط سان ڀارني جي ذهني پريشانيءَ ۾ ايڏا وڏيڪ چٽائي پيدا ٿي وئي ۽ هاڻ هن ۾ عمل جو جذبو جاڳي پيو. هڪ قديم ۽ نيڪ خادم جنهن جو ڏوهہ بس ايترو هو تہ هن پنهنجي مالڪ ۽ ان جي خاندان سان وفاداري ڪئي هئي، اهو خطري ۾ پئجي ويو هو ۽ اهڙين ملامت ڪندڙ نگاهن سان، هن جي وات ڏسي رهيو هو جو هُو پنهنجي ايندڙ وقت جي سلوڪ تي غور ڪندي ٽيمپل ۾ ٽيلار ڪندي ڪندي، واتهڙن کان منهن لڪائي ڇڏي ها تہ ڪا عجب جي ڳالهہ نہ هئي.

هُنَ خوب ڄاتو پئي تہ سندس اِنَ ڪريل حرڪت جي ڪري، جيڪا خاندان جي بدنامي ۽ بدڪاريءَ جي انتها هئي، پنهنجي چاچي جي خلاف ڪاوڙ ۽ بدگمانيءَ جي ڪري، ان پراڻي نظام کان نفرت جي ڪري، سندس چاچو جنهن جو نگهبان سمجهيو ويندو هو هن ڪوتاهيءَ کان ڪم ورتو هو. هن چگّيءَ ريت ڄاتو پئي تہ لوسيءَ جي محبت ۾، هن جو پنهنجي سماجي رتبي کي قربان ڪري ڇڏڻ ۾ل تہ ڪيڏو بہ سندس دلي خواهش مطابق هجي، پر تڪڙ ۽ ڪوتاهيءَ کان خالي نہ هو. هن ڄاتو پئي تہ هن کي اهو ڪم باقائدگيءَ سان ۽ پنهنجي نگرانيءَ ۾ ڪرڻ گهرجي ها ۽ سندس اِرادو بہ اهوئي هو پر اِئين ٿي نہ سگهيو.

انگلينڊ ۾ هن جي شادي، هر گهڙيءَ مصروف رهڻ جي ضرورت، حادثن جي تيز رفتاري، حالتن جي تبديلي، جن جي ڪري هر هفتي هڪ نئون موقف ۽ هر ڏينهن هڪ نئين صورت پيدا ٿي پوندي هئي. اهي اهڙا واقعا هيا، جن جي اڳيان هُو مجبور ٿي پيو هو. هن ڄاتو پئي تہ هن خاموشيءَ سان هٿيار ناهن ڦٽا ڪيا، پر پوءِ بہ جيئن ڪيس ڪرڻ گهرجي ها، تيئن انهن مجبورين جو مقابلو ناهي ڪيو. هن ڪجهہ

ڏينهن تائين ڪي قدم کڻڻ جو انتظار ڪيو پر مهينا ۽ سال گذرندا ۽ بدلجندا ويا ۽ ايستائين جو وقت هٿن مان نڪري ويو ۽ فرانس جا رئيس، هر ننڍي وڏي دڳ وسيلي فرار ٿيڻ لڳا. انهن جي جائيداد ڪسجڻ ۽ تباهه ٿيڻ لڳي ۽ انهن جو نالو نشان ميٽجڻ لڳو. هُو انهن مامرن کان ايترو ئي واقف هو جيترو فرانس جا نوان حاڪم. جن جي حڪم تي خود هن تي ڪيس هلائي سگهجي پيو.

پر هن ڪنهن تي به ظلم نه ڪيو هو. هن ڪنهن کي قيد نه ڪيو هو. زوري دِل وٺڻ ته هڪ پاسي، هُو ته پنهنجي مرضيءَ سان سيني مطالبن تان هٿ کڻي چڪو هو ۽ پنهنجي ٻانهن جي ٻل تي پنهنجي روزي ڪمائي رهيو هو. موسيو گيبل ان سُڃي ۽ قرضي جاگير جي سنيال، لکت پڙهت مليل حڪمن هيٺ ڪري رهيو هو. هن کي هدايتون ڏنيون ويون هيون ته رعيت کان ڪجهه به نه وٺي ۽ جيڪو ڪجهه بچي، سو هن لاءِ رکيو وڃي. قرضي سياري ۾ جيترو به گاهه پٽو ڪائيون ۽ اونهاري ۾ جيترو به ان ڏئي سگهن اهو انهن ۾ ورهايو وڃي. پڪ سان موسيو گيبل وٽ انهن ڳالهين جي لکت هوندي ۽ هُو پنهنجي سلامتيءَ لاءِ اها ضرور پيش ڪندو.

پيرس جي سفر جو جرئت پريو اِرادو چارلس ڊارني جي خيالن جي ڪري ايڏا به پختو ٿي ويو.

بنان ڪنهن شڪ جي، ڪهاڙي جي پراڻي جهازي وانگر هوائون ۽ چولين، هن کي مقناطيسي چپ جي ويجهو وٺي آيون هيون. سندس ذهن ۾ جيڪا به شئي اُپري ٿي آئي سا ڪيس مزي مزي سان، پوري سگهه ۽ تيزيءَ سان ان پوائنٽي طرف وٺي پئي وئي. هن کي سدائين هن خيال کان تڪليف پئي ٿي ته سندس بدنصيب وطن ۾، وڏن مقصدن لاءِ خراب ڏريعا ڪم آندا پيا وڃن ۽ هن جهڙا نيڪ دل ماڻهو اُتي رتوڇاڻ کي روڪي، انسانيت ۽ رحم دليءَ وارا مطالبا ميڙائڻ لاءِ اُتي موجود نه هيا. ان ڪشمڪش ۾ هُو ڪڏهن پنهنجي پريشاني تي پردو وجهڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته ڪڏهن پاڻ کي ملامت ڪندو هو ۽ ڪڏهن پنهنجي پيٽ ان دليل مرد سان ڪندو هو جنهن کي فرض جو

سگهارو احساس هو. ان پيٽ ۾ سنڊس پڙ هيٺ ڪري ٽي پيو ۽ مٽان وري رئيسن جا طعنا تنڪا ۽ اسٽرائيوَر جي زهريلي ٽوڪ، اهو سڀ ڪجهہ ايڏائيندڙ لڳندو هيس. سيني کان آخر ۾ گيبل جو خط هو. هڪ بي گناهہ قيدي، جنهن جي جند خطري ۾ هئي، سو ڪيس انصاف، نيڪ ناميءَ ۽ عزت جو واسطو وجهي رهيو هو. هن پڪو ارادو ڪري ورتو. هن لاءِ پيرس جو پنڌ اٽڪل هو.

بنان ڪنهن شڪ جي، مقناطيسي چپ ڪيس پاڻ ڏي ڇڪي رهي هئي ۽ هُو تباهيءَ ڏي وڃي رهيو هو. پر هن کي نہ ڪنهن چپ جي خبر هئي ۽ نہ ڪنهن خطري جو احساس. هُو ائين سمجهي رهيو هو تہ فرانس جي سرزمين تي پير ڏرينديئي، فرانسيسي مهرباني‌ءَ سان گڏ، هن جي خدمتن جو اعتراف ڪندا، جيڪي خدمتون اٽپوريون ئي صحيح، پر نيڪ اِرادن سان انجام ڏنيون ويون هيون. ۽ وري سڀن ڪمن جو اهو تصور اُپرڻ لڳو جيڪو پاڪ ذهنن لاءِ اميدن جي رڄ هوندو آهي، ۽ هن کي اها غلط فهمي ٽي پئي تہ هُو بغاوت ۽ گمراهيءَ وارن ڏينهن ۾ عوام جي ڪا نہ ڪا رهنمائي ڪري سگهندو.

هُو اهو فيصلو ڪري ٽيلار ڪرڻ لڳو. هُو وڃڻ کان اڳ لوسيءَ ۽ سنڊس پيءُ کي ان مامري کان اڻجاڻ رکڻ پيو گهري. لوسيءَ کي جدائي جي گهڙيءَ واري صدمي کان بچائڻ ضروري هو ۽ ان جي پيءُ کي بہ. جيڪو سدائين ماضيءَ جي خطرناڪ تجربن کي وساريڻ پيو گهري. هُو انهيءَ ڳٽتيءَ ۾ ٻڌل ڦرندو رهيو ۽ پوءِ مسٽر لاريءَ کان موڪلائڻ جي لاءِ، ٽيلسن بينڪ ڏانهن هليو ويو. هُو پيرس پهچندي ئي پينهنجي هن قدي دوست جو در ڪڙڪائيندو هن مهل ڪيس ڪجهہ بہ نہ ٻڌائڻ ڪيو.

بينڪ جي در تي گاڏي تيار بيٺي هئي ۽ جيري بہ وردي پايون، پنهنجي سازسامان سان گڏ تيار هو.

"مون اهو خط پهچائي ڇڏيو آهي." چارلس ڊارني، مسٽر لاريءَ کي ٻڌايو. "لکت ۾ جواب مناسب ناهي. شايد توهان کي زباني پيغام پهچائڻ ۾ ڪو عذر نہ هوندو."

"ضرور. جي اهو ڪو خطرناڪ پيغام نه هجي." مسٽر لاريءَ چيو.

"نه اهڙو ته ناهي. ايبي جي قيديءَ لاءِ هڪ پيغام آهي."

"هن جو نالو ڇاهي؟" مسٽر لاريءَ ڪليل نوٽ بڪ هٿ ۾ جهليندي چيو.

"گيبل."

"گيبل. ان بدنصيب قيديءَ جي نالي ڪهڙو پيغام آهي؟"

"اهوئي ته سندس خط پهچي ويو آهي ۽ هُو صاحب پاڻ اچڻ وارو آهي."

"ڪڏهن؟"

"هُو سياڻي صبح جو روانو ٿي ويندو."

"ڪنهن خاص ماڻهوءَ جو ڪو ذڪر."

"نه"

مسٽر لاريءَ کيئي گرم ڪوٽ پاتا. ان ڪم ۾ هن جي مدد ڪرڻ کانپوءِ، ڊارني هن سان گڏ پراڻي بينڪ جي ڪوسن ڪمرن مان نڪري، فليٽ اسٽريٽ جي ڪوهيڙي ۾ريل هوا ۾ ساهه کڻڻ لڳو.

"لوسي ۽ ننڍڙي لوسيءَ کي منهنجي پاران پيار ڪجانءِ" مسٽر لاريءَ موڪلائڻ مهل چيس. "منهنجي موٽي اچڻ تائين هنن جي چڱيءَ طرح نگهباني ڪجانءِ" جيئن گاڏي رواني ٿي، چارلس ڊارني شڪ ۾ريل مرڪ سان گڏ ڪنڌ لوڏڻ لڳو.

هُو 14 آگسٽ جي رات جو دير تائين جاڳندو رهيو. هن ۾ جذباتي خط لکيا، هڪ لوسيءَ جي نالي، جنهن ۾ پيرس وڃڻ واري اهم فرض جي وضاحت ۽ پنهنجي ان اطمينان جي سمجهاڻي، ته اتي هن لاءِ ڪو خطرو ناهي. ٻيو خط ڊاڪٽر جي نالي، جنهن ۾ لوسي ۽ ننڍڙيءَ چوڪريءَ کي سندس حوالي ڪندي، زورائتي انداز ۾ راهي ئي اطمينان واريون ڳالهيون ورجايون ويون هيون. هن پنهي کي لکيو هو ته هُو فرانس پهچندي ئي پنهنجي خير عافيت جو تڪڙو اطلاع ڪندو.

اهو ڏينهن ڏاڍو ڏکيو هو. پنهي جي زندگيءَ ۾ هُو اهو پهريون ڏينهن جيڪو ڏهني تڪليف سان گذاري رهيو هو ان معصوم ڏوکي کي

لڪائڻ لاءِ، جنهن جو هنن کي صفا ڪو خيال ئي نه هو. ڏاڍي ڏکي ڳالهه هئي. لوسيءَ جي خاموش مدد کان سواءِ ڪو ڪم ڪرڻ هن لاءِ غيرمعمولي شئي هو ۽ هُو اصل ڳالهه بيان ڪندي ڪندي رهجي ويو ۽ هڪ ٻاجهه پري نگاهه پنهنجي مصروف ۽ خوشيءَ ۾ ٽُلندڙ زال تي وڃي، راز کي راز رکڻ جو پڪو پهه ڪري ورتائين. وقت تڪڙو گذرندو ويو. شام جو هن لوسيءَ ۽ ان جي همنام پياريءَ کي ڀاڪر ۾ پريو ۽ ڪنهن فرضي ڪم جو بهانو ڪري، کين مطمئن ڪيو ته هُو جلد ئي موٽي ايندو. هن لڪ ڇپ ۾ ڪپڙا وغيرهه ٻڌي ورتا ۽ دل تي پٿر رکي، پٿراون رستن تي، ڳوري ڪوهيڙ ۾ نڪري پيو.

ڪا اڻ ڏٺل قوت هن کي پاڻ ڏي مزي مزي سان گهليون پئي وئي. هوائن ۽ چولين جو سڄو منهن اوڏانهن هو. هن هڪ پروسي واري نوڪر کي ٻئي خط ڏٺي، تاڪيد ڪئي هئي ته اڌ رات کان اڳ پهچائي ڇڏجان. هن تڪڙ ۾ گهوڙي تي چڙهي، وڃي ٻووَر وارو دڳ ورتو. "پاڪ ڏٺيءَ جو واسطو نيڪ نامي، سخاوت ۽ عزت جو واسطو اٿئي." غريب قيديءَ جو آواز سندس ڪنن ۾ گونجي رهيو هو. هُن کي مقناطيسي ڇپ ڏي ڪنهن لڙهندڙ ڳڪَ ڪاني وانگر ويندي، پنهنجين عزيز ترين هستين کي ڇڏيندي به اهوئي مٺيون خيال تسلي ڏئي رهيو هيو.



کتاب تیون

طوفان جودگُ

باب پهريون

راز جو قيدي

1792ع جي سياري ۾ انگلينڊ کان پيرس وڃڻ واري ڊگ تي ويندڙ مسافر هوري هوري وڃي رهيو هو. سڙڪون ڏاڍون خراب هيون. گهوڙا ڏاڍا نياڳا ۽ انهن جو سازسامان بہ بيڪار قسم جو هو. ان مهل فرانس جو معزول بادشاهہ پنهنجي سموري شان ۽ مان سان تخت تي ويٺل هجي ها، تڏهن بہ سفر جا اهي ڏاکڙا دير ٿيڻ جو سبب بڻجن ها. پر هاڻي تہ بدليل حالتن ۾ انهن کان سواءِ کي ٻيون رکاوٽون بہ پيدا ٿي چڪيون هيون. هر شهر جي ڦاٽڪ وٽ ۽ هر ڳوٺ جي ناکي تي مُنهن ۾ڙو بندوقون سنياليون، وطن جي پوڃارين جا جٿا موجود هيا. اهي پهريدار سيني مسافرن جي اڇ وڇ تي ڪڙي نظر رکندا هيا، انهن کان پڇا ڳاڇا ڪندا هيا، انهن جي راهدارين کي تپاسيندا ۽ پنهنجين فهرستن ۾ سندن نالا جاچيندا هيا ۽ پوءِ پنهنجي مرضيءَ سان انهن کي سفر جي موڪل ڏيندا، موٽائي ڇڏيندا يا وري پنهنجي حراست ۾ رکندا هيا ۽ پنهنجي ٻڌِ ۾ اهو تصور ڪندا هيا تہ اهي آزاديءَ، برابريءَ ۽ پائيچاري يا موت جي گڏيل ۽ اڻ ورهايل نئين ڄاول ري پبلڪ جي خدمت ڪري رهيا آهن.

فرانس جي سفر جي مهڙين مرحلن ۾ ئي چارلس ڊارني کي خبر پئجي وئي هئي تہ جيسيتائين کيس پيرس جي حاڪمن وٽان سُٺي شهري هجڻ جو تصديق نامو نہ ملندو تيستائين واپسيءَ تي هنن ڳوناٽين سڙڪن تي پير ڌرڻ نصيب نہ ٿيندو. جيڪو ڪجهہ بہ ٿئي، اڳتي وڌڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نہ هو. هر بدحال ڳوٺ، جنهن مان هُو لنگهيو پئي، هر ناکي جو در جيڪو هن جي لنگهڻ کان پوءِ بند

ٿي پئي ويو اهو انگلينڊ موٽر ۾ رڪاوٽ بڻجندو ٿي ويو. هُو چئني پاسن کان هزارين قسمن جي نگراني ۾ گهيريل. ائين محسوس ڪري رهيو هو جڙ ته ڪنهن ڇار ۾ قاسائي يا پنجري ۾ بند ڪري. منزل تائين پڇايو ويندو هجي.

هزارين قسمن جا نگران. هر مرحلي تي ڪيس دڳ ۾ ويهه پيرا روڪيندا هئا. ويهه پيرا هن جي گهوڙي کي پوئتي موٽائي آندو پئي ويو يا هن جي اڳيان گهوڙا ڊوڙائي. ڪيس حراست ۾ پئي ورتائون. ائين ڏينهن مٽان ڏينهن گذرندا رهيا. هُو نيٺ اچي پيرس کان ڪيئي ميل پري. وڏي سڙڪ تي موجود هڪ ننڍي شهر ۾ پهتو ۽ آتي سڄي رات تڪ جي ڪري ڏڙهه لڳو پيو هو.

ايبي جي قيدخاني مان لڪيل بدنصيب گيبل جو خط نظر ۾ نه هجيس ها ته هُو هن جاءِ تائين اچڻ جي ڪوشش ڪڏهن به نه ڪري ها. هن ننڍڙي شهر جي لاڪ اپ ۾. هن ايڏين تڪليفن کي مُنهن ڏيڻو پيو جو هو سمجهي ويو ته سفر جو نازڪ مرحلو هاڻي اچي ويو آهي. ان ڪري جڏهن ان ننڍڙي مسافرخاني ۾. جتي هن کي رات گذارڻ لاءِ ترسايو ويو هو اڌ رات جو اٺاريو ويس ته هن کي ڪا به حيرت نه ٿي.

جاڳائڻ وارن همراهن مان هڪ ڊيڄو قسم جو مقامي آفيسر ۽ ٿي ڳاڙهيون ٽوپيون پاتل سپاهي. وطن جا هٿيار بند فدائي هيا. جن جي واتن ۾ سلفيون هيون. سي اچي سندس هنڌ تي ويٺا.

"ياڄوڪڙا!" آفيسر چيو. "مان توکي پهريدارن سان گڏ پيرس موڪلڻ وارو آهيان."

"- ٽيزن! مان پيرس جو ئي اِرادو رکان ٿو. پر پهريدارن جي ڪا ضرورت ناهي."

"خاموش!" هڪ ڳاڙهيءَ ٽوپيءَ واري بندوق جو ڪنداڪ سوڙ تي هڻندي. رڙ ڪندي چيو. "رئيس جا پُٽڙا وات بند ڪر."

"معزز وطني ياءِ جو چوڻ بلڪل صحيح آهي." ڊيڄو آفيسر چيو. "تون رئيس آهين. بنان پهريدار جي نه ٿو وڃي سگهين ۽ ان جي لا ڏڪڙ حرڪ ڪرڻ پوندا."

"جيئن توهان جي مرضي." چارلس ڊارني وراڻيو.

"جيئن توهان جي مرضي! ٻڌو ٽ صحيح." ڳاڙهيءَ ٽوپيءَ واري ڪاوڙ مان چيو "جڏ ٽ سُوليءَ تي چڙهڻ کان بچائڻ ڪو احسان ئي ناهي."

"معزز وطني ياءِ صحيح چيو." آفيسر ب هن جي تائيد ڪئي، "ياجوڪڙ! اُٺُ ڪپڙا پاءِ"

ان حڪم تي عمل ڪرڻ کان پوءِ ڊارني کي موٽائي لاڪ اپ ۾ آندو ويو. جتي ٻيا وطن جا فدائي، باهه جي مچ جي چوڌاري بيڪار ڳاڙهيون ٽوپيون پايون، سلفين جا ڪش هڻي، شراب جا جام ڏوگهي رهيا هيا، يا وري بي خبر سُتا پيا هيا. هتي ڪيس پهريدارن جي لاءِ وڏا ڏوڪڙ ڏيڻا پيا ۽ پوءِ صبح جي ميرانجهيءَ اونداهيءَ ۾ گپ پريل سڙڪن تي پنهنجن پهريدارن سان گڏ روانو ٿي ويو.

هُنَ جي ٻنهي پاسن کان ڏهن ڏهن گهوڙن تي سوار پهريدارَ قومي شانَ سان سجايل بندوقون ۽ ترارون ڪنيون، ساٿس گڏگڏ ڊوڙي رهيا هيا. پهريدارن جي مٿن تي ٽِ رنگي ڀُري واريون ڳاڙهيون ٽوپيون هيون. ڊارني جي گهوڙي جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ هئي، پر اها واڳ هڪ رسي سان بڌل هئي، جنهن جو هڪ پاسو هڪ وطن جي فدائي جي ڳرائي سان ويڙهيل هو. سڙڪون مينهن ڪري گپ لڳيون پيون هيون. انهن ٽن جڻن گاديءَ جي هنڌ تائين پهچندي، ڏهٽين سان پريل ڊگهيون سڙڪون پار ڪيون. رڳو گهوڙا متبا هيا ۽ رفتار گهٽ وڌ ٽيندي هئي ۽ بس.

هُو رات جو سفر ڪندا ۽ ڏينهن ٽيڙ تي ترسي پوندا هيا ۽ شام تائين پيا هوندا ها. پهريدارن جي بدن تي لباس ب اٽهورو هو. هُو سيءَ کان بچڻ لاءِ پنهنجون اگهاڙيون جنگهون ۽ اڳڙين ۾ ويڙهيل هانهون ڪُرونڊڙيون ڪيون. گاهه ۾ ستا پيا هوندا هيا. اهڙن ساٿين سان گڏ سفر ڪرڻ تڪليف ڏيندڙ ضرور هو خاص ڪري تڏهن، جڏهن انهن مان هڪ وطن جو فدائي رات جو نشي ۾ ٿُن ٿي. پنهنجي پريل بندوقَ وڏي بي احتياطيءَ سان رکندو هو. پوءِ ب چارلس ڊارنيءَ جي دل ۾ انهن

پابندين جي ڪري گهٽي خطري جو احساس پيدا نه ٿيندو هو. هُو ان ڳالهه تي مطمئن هوندو هو ته انهن انتظامن جو سندس ذاتي ڪيس سان ڪو به تعلق ناهي. چو ته اڃا سيڪي ڳالهيون چٽيون نه ٿيون هيون ۽ نه ئي اها شاهدي پيش ڪئي وئي هئي، جنهن جي تصديق ايبي جي قيديءَ کان ڪنهن به مهل ٿي سگهي ٿي.

پر هُو جڏهن شام جو بووي شهر ۾ گهڙيا، جتي ڏاڍي رونق هئي، تڏهن هن تي واضح ٿي ويو ته حالتون ڏاڍيون خراب آهن. هُو جڏهن ڀاڪ گهر جي آڏر ۾ گهوڙي تان لهي رهيو هو تڏهن هڪ وڏو خطرناڪ ميڙ گڏ ٿي ويو ۽ "ياجوڪڙ مرداباد" جا آواز هر پاسي کان اُٿڻ لڳا. هُو زين تان لهندي ٻيهي ويو ۽ پوءِ پاڻ سنيالي، مصلحت ڪندي، پنهنجي جاءِ تي ويهندي، چوڻ لڳو "ياجوڪڙ؟ ساٿيو! توهان ڏسو نه ٿا ته مان پاڻ پنهنجي مرضي سان فرانس موٽي آيو هان."

"نياڳا ياجوڪڙ!" ميڙ مان هڪ نعل ساز هٿوڙو ڪنيون، ڪاوڙ ۾ هُنَ مٽان ڪاهي آيو "مردود پيٽان!"

نعل سازَ ڀارني جي گهوڙي جي لغام ڏي هٿ وڌائي ئي رهيو هو جو ايتري ۾ پوسٽ ماسٽر ٻنهي جي وچ ۾ اچي ويو ۽ نرميءَ وچان چوڻ لڳو "چڏيو... چڏيو. ان ڳالهه جو فيصلو پيرس ۾ ٿيندو."

"فيصلو!" نعل ساز هٿوڙو هٽندي چيو.

"ها، غداريءَ جي سزا ضرور ڏجي." ميڙ رڙيون ڪوڪون ڪري، هن جي حمايت ڪئي.

پوسٽ ماسٽر ڀارني جي گهوڙي کي آڏر ڏي وٺي وڃڻ پٽي گهريو. وطن جو فدائي بدمست لغام سان هڏل رسي کي سُڪ جهليون، پنهنجي زين تي اطمينان سان ويٺو هو. ڀارني پوسٽ ماسٽر کي روڪيندي، گوڙ گهٽ ٿيڻ تي چوڻ لڳو "ساٿيو! توهان ڏوڪو ڪاڏو آهي، يا توهان کي ڏوڪو ڏنو پيو وڃي. مان غدار ناهيان."

"ڪوڙو ڪنهن جاءِ جو." لوهار رڙ ڪئي. "ياروا هي غدار آهي. سرڪاري حڪر جي حساب سان هِنَ جي زندگي هاڻي عوام جي هٿ ۾ آهي. هِنَ مردود کي هاڻي پنهنجي زندگي تي ڪو به حق ناهي رهيو."

ڊارني ميڙ جو مود ڏسي سمجهي ويو ته هاڻ مٿس حملو ٿيڻ وارو آهي. ان ۾ هل سندس گهوڙي کي پوسٽ ماسٽر آڳر ڏي موڙي چڏيو. ٻئي پهريدار ساٿس گڏ هيا. جڏهن اهي اندر داخل ٿيا، تڏهن پوسٽ ماسٽر در جا ٻئي پراڻا تاڪ بند ڪري، ڪڙو ڏئي چڏيو. لوهار انهن تاکن مٿان ڏڪ هنيو ۽ ميڙ ڪجهه گوڙ ڪيو پر ٻيو ڪجهه نه ٿيو.

"لوهار سرڪاري حڪم جي باري ۾ چا چئي رهيو هو؟" ڊارني پوسٽ ماسٽر جا ٿورا مڃڻ کان پوءِ پڇا ڪئي. هُو هِنَ جي پرسان ٻيٺو هو.

"اهو حڪم وطن چڏي ڀڄي ويندڙن جي ملڪيت وڪڻڻ جي باري ۾ آهي."

"اهو حڪم ڪڏهن جاري ٿيو."

"چوڏهين تي."

"جنهن ڏينهن مان انگلينڊ مان هليو هيس."

"هر ماڻهو چوي ٿو ته اهڙا ڪيئي حڪم جاري ٿيندا ۽ ترت ئي هڪ قانون پاس ٿيندو جنهن جي حساب سان سيني وطن چڏي ويندڙن کي جلاوطن ڪيو ويندو ۽ موٽي اچڻ تي موت جي سزا ڏني ويندي. تڏهن ئي ته هُو همراهه چئي رهيو هو ته تنهنجي زندگي هاڻي تنهنجي ناهي."

"پر ايڏا تائين ته اهڙو ڪو حڪم جاري نه ٿيو آهي."

"ڪهڙي خبر!" پوسٽ ماسٽر ڪلها لوڏيندي چيو "حڪم جاري ٿي ويو آهي، يا ٿيڻ وارو آهي. ساڳي ڳالهه آهي. تنهنجو چا خيال آهي."

اڌ رات جو گهوڙن جي هڪڙي ڪُڙهه ۾ گاهه تي آرام ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن سڄو شهر ستو پيو هو هُو وري اڳتي روانا ٿيا. جن وحشيائين تبديلين هُنَ جي انهيءَ پوائتي سفر کي غيرحقيقي بڻائي چڏيو هو، انهن ۾ ننڍ جو غائب ٿي وڃڻ به هڪ اهم واقعو هو. ويران سڙڪن مٿان پري پري تائين اڪيلو سفر ڪرڻ کان پوءِ، هنن کي روشنيءَ ۾ ٽمر ٽمر ڪندڙ ڪجهه پراڻيون جهوپڙيون نظر آيون، جتي

ماڻهو آزاديءَ جي ڪوماڙ وڙ جي چوڌاري. اڌ رات جو هڪڙي جي هٿن ۾ هٿ ڏيون. ناچ ڪندي يا پوٽن وانگر ملي. آزاديءَ جا گيت ڳائيندي نظر ايندا هيا. پاڻ پلا جو ان رات ٻووي ۽ ماڻهو ستا پيا هيا ۽ هُو اتان سولائيءَ سان نڪري. پنهنجو سفر جاري رکي سگهن پيا. اُهي ڪمهلي سردي ۽ مينهن ۾ اُجڙيل. ويران ڪيتن ۽ سڙيل گهرن وٽان لنگهندا هيا. تڏهن ڪڏهن ڪڏهن سڙڪن جا پهريدار. وطن جا فدائي دستا. پنهنجن مورچن مان نڪري. هنن جو ڏڪ جهلي ٻيهي رهندا هيا.

هُو نيٺ صبح ٽيڻ مهل پيرس جي پتين وٽ اچي پهتا. ڪانڪ بند هوءِ ان جي سخت نگراني ٿي رهي هئي. .

"هِنَ قيديءَ جا ڪاغذ ڪٿي آهن؟" هڪڙي مٿي فريل آفيسر پڇيو. جنهن کي گارڊ باهر ڪڍي آيو هو.

اها ڳالهه چارلس ڊارني کي فطري طور تي بري لڳي ۽ هن آفيسر جو ڏيان هِنَ ڳالهه ڏي ڇڪايو ته هُو فرانس جي هڪ آزاد شهريءَ جي حيثيت ۾ سفر ڪري رهيو آهي ۽ ملڪ جي بدنظميءَ جي ڪري. هُنَ پنهنجي خرچ تي گارڊ دستي کي گڏ ڪيو آهي.

"هِنَ قيديءَ جا ڪاغذ ڪٿي آهن؟" اُنَ آفيسر وري بيپرواهيءَ وچان سوال ڪيو.

بدمست وطن پرست پنهنجي ٽوپيءَ مان اهي ڪاغذ ڪڍيا. جڏهن گيبل جي خط تي آفيسر جي نظر پئي. تڏهن ان اڻارٽيءَ واري کي ڪجهه پريشاني ۽ ڪجهه حيرت ٿي ۽ هُو غور سان ڊارني کي ڏسڻ لڳو.

پوءِ هُنَ کي ۽ سندس پهريدارن کي اُتي ڇڏي. بنان ڪجهه چوڻ جي اهو آفيسر گارڊ جي ڪمري ۾ هليو ويو. هوڏي هُو پنهنجن گهوڙن تي ويٺا رهيا. ائين گيٽ جي ٻاهران آس نراس جي ڪيفيت ۾ چارلس ڊارني هيڏي هوڏي نظر ڊوڙائي ۽ ڏٺو ته ڪانڪ وٽ سپاهين ۽ قومپرستن جو گڏيل پهرو آهي. جنهن ۾ قومپرست سَوايا ۽ سپاهي گهٽ آهن. اتان هارين جي رسد آڻڻ وارين گاڏين ۽ اهڙي قسر جي

سوارين آٽڻ وارن جي داخلا تہ سولي آهي، پر معمولي کان معمولي ماڻهن جو به شهر کان نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. جانورن ۽ گاڏين کان سواءِ اُتي مردن ۽ عورتن جو به هجوم هيو ۽ سيئي ٻاهر نڪرڻ لاءِ منتظر هيا، پر ان کان اڳ سچاڻپ جي ڪارروائي ايڏي تہ سخت هئي، جو اهي سپ هوري هوري ڦاٽڪ تي ظاهر ٿي رهيا هيا. انهن مان ڪجهہ اهو ڏسي تہ سندن وارو دير سان ايندو، ڏرتيءَ تي ويهي، تماڪ پيئڻ يا ننڊ ڪرڻ مان مزو وٺي رهيا هيا ۽ ڪي وري پاڻ ۾ ٻڌَ هڻي رهيا هيا يا هيڏي هوڏي گهمي ڦري رهيا هيا.

گهوڙي تي ويٺل ڊارني ڪجهہ دير تائين اهو منظر ڏسندو رهيو. پوءِ انهيءَ آفيسر اڳتي وڌي، گارڊ کي ڦاٽڪ کولڻ جو حڪم ڏنو. ان کان پوءِ ٻئي پهريدار جن مان هڪ هوش ۾ هو ۽ ٻيو نشي ۾، رسيد ڏئي پوئتي هٽيا. آفيسر ڊارني کي گهوڙي تان لهڻ جو حڪم ڏنو. ٻئي وطن جا فدائي، هُنَ جو ٽڪل گهوڙو ڪاهي واپس موڪلي ويا.

ڊارني پنهنجي سُونهين سان گڏ حوالات ۾ داخل ٿيو جيڪو سادي شراب ۽ تماڪ جي بُوءِ سان مهڪي رهيو هو. اُتي ڪجهہ سپاهي ۽ قومپرست جاڳ ۽ مستي ۽ هوشياريءَ جي مختلف حالتن ۾، ڪٽي بيٺل تہ ڪٽي ليٽيل هيا. حوالات جو سوجهرو به جيڪو ڪجهہ ڏيئن ۽ ڪجهہ ڏينهن ٿيڻ جي ڪري پکڙجي رهيو هو، ميز تي ڪجهہ رجسٽر پکڙيا پيا هيا ۽ هڪڙو پوائتي شڪل وارو بدتميز آفيسر صدارتي ڪرسيءَ تي ويٺو هو.

"ستيزن ڊيفارج!" ان عهديدار پرچي وٺي ڊارني جي رهبر کان پڇيو "چا وطن چڏي ويندڙ ايور موندِ هي ئي آهي؟"

"اهوئي آهي."

"ايور موندِ! تنهنجي عمر چا ٿيندي؟"

"ستٽيهہ سال."

"ايور موندِ! چا تنهنجي شادي ٿي چڪي آهي؟"

"هائو."

"ڪٽي ٿي آهي؟"

"انگلينڊ ۾."

"صحيح... پر تنهنجي زال ڪٿي آهي، ايور مونڊا؟"

"انگلينڊ ۾."

"صحيح... ايور مونڊا توکي لافورس جي قيدخاني ۾ رکيو ويندو."

"خدا رحم ڪري" ڊارني حيرت وچان چيو "ڪهڙي قانون هيٺ ۽ ڪهڙي ڏوهه ۾؟"

آفيسر هڪ گهڙيءَ لاءِ پرچي تان اک کنئي. "تنهنجي هليو وڃڻ کان پوءِ نوان قانون پاس ٿيا آهن. ايور مونڊا ۽ نَون ڏوهن جو لسٽون ٺهيون آهن." هن هڪ بي رحم مرڪ سان وراڻيو ۽ پوءِ لکڻ کي لڳي ويو.

"مهرباني ڪري هيءَ ڳالهه نه وسارجو ته مان هتي پنهنجي مرضيءَ سان آيو آهيان. توهان جي سامهون منهنجي هر وطن جو اهو خط موجود آهي، جنهن جي التجا مون کي هتي وٺي آئي آهي. منهنجو مطالبو رڳو ايترو آهي ته مون کي جلد کان جلد هن سان ملڻ جو موقعو ڏنو وڃي. ڇا مون کي اهو حق حاصل ناهي؟"

"وطن چڏي ويندڙن جو ڪو به حق ناهي، ايور مونڊا" ان مختصر جواب کان پوءِ آفيسر پنهنجو لکڻ مڪمل ڪري ورتو ۽ خاموشيءَ سان اها لکت پڙهي. ان کي واريءَ سان خشڪ ڪيو ۽ ڊيفارج جي هٿ ۾ ڏيندي چيو "راز جو قيدي"

ڊيفارج پرچي کڻي، قيديءَ کي پاڻ سان گڏ هلڻ جو اشارو ڪيو. قيديءَ حڪم جي تعميل ڪئي ۽ ٻن هٿياربند وطن پرست پهريدارن جو جٿو ساٿس گڏ هلڻ لڳو.

حوالات جي ڊاڪٽين کان لهي، هُو جيئن ئي پيرس جي شهر ۾ گهڙيا، ڊيفارج آهستڙي چيو "ته باستيل جي قيديءَ جي ڏيءَ سان شادي تو ڪئي آهي!"

"ها." ڊارني حيرت وچان هُنَ جي منهن ڏي تڪيندي چيو.

"منهنجو نالو ڊيفارج آهي. سينٽ انتائين ۾ منهنجو شراب خانو آهي. تو شايد منهنجو نالو ٻڌو هجي."

"ها، چو نہ منهنجي زال پنهنجي پيءُ کي واپس وٺي وڃڻ جي لاءِ تنهنجي ئي گهر آئي هئي."

زال جي لفظ سان ڊيفارج جو تخيل ڪنهن ٻئي پاسي پٽڪڻ لڳو ۽ هن بي صبريءَ وچان چيو "توکي نئين ڄاول هِنَ جهان جي قاتل بي رحم مس گلوٽين جو واسطو تون فرانس ڇو آئين؟"

"هڪ منٽ اڳ ۾ سبب ٻڌائي ته چڪو آهيان. ڇا توکي ويساهه نہ ٿو اچي ته مان سچ ڳالهائي رهيو آهيان."

"سچي ڳالهه ته آهي، پر تولاءِ اها ڪا سٺي ڳالهه ناهي." ڊيفارج نرڙ تي گهنج وجهي، سامهون ڏسندي چيس.

"واقعي به منهنجو عقل ڪم ئي نہ ٿو ڪري هت هر پاسي چرپٽ راجا انڌير نگري لڳي پئي آهي. مون کي سمجهه ۾ نہ ٿو اچي ته ڇا ڪجي؟ ڇا تون منهنجي ڪجهه مدد ڪري سگهين ٿو؟"

"مان ڪا به مدد نہ ٿو ڪري سگهان." ڊيفارج اڳ وانگر سامهون ڏسندي چيو.

"ڇا تون منهنجي هڪ سوال جو جواب ڏيندين؟"

"ان جو دارومدار سوال تي آهي ته تون ڇا ٿو پڇڻ چاهين؟"

"مون کي جنهن قيدخاني ۾ زوري وڌو پيو وڃي، ڇا اتان مان باهرين ڏي ڪو پيغام موڪلي سگهندس؟"

"خبر پئجي ويندي."

"مون کي، صفائيءَ جو بيان ٻڌڻ کان سواءِ ئي ته اُتي دفن نہ ڪيو ويندو؟" "خبر پئجي ويندي.. پر ان ۾ نئين ڳالهه ڪهڙي آهي. اڳين کي انهن کان وڌيڪ خراب قيدخانن ۾ دفن ڪيو ويو آهي."

"پر سٽيزن ڊيفارج! مون ته ڪنهن کي ائين دفن ناهي ڪيو."

جواب ڏيڻ بدران ڊيفارج ماٺ مان. ڪاوڙ سان هن ڏي ڏٺو ۽ بنان ڪجهه چوڻ جي ٽپ هنيون. پنهنجي دڳ هلندو رهيو. هُنَ جي خاموشي جيتري وڌندي وئي، اوترو ئي ڊارني جون اميدون گهٽ ٿيندیون ويون. ڊارني کي هاڻي نرميءَ جي اميد نہ هئي، تنهنڪري هُو بنان ڪا اڳ پُٺ سوچڻ جي چوڻ لڳو "ٽيلسن بينڪ جو انگريز

ڪارندو مسٽر لاري، جيڪو هِنَ مهل پيرس ۾ آهي، تنهن کي هي اطلاع ڏيڻ ضروري آهي (تون مون کان وڌيڪ ڄاڻين ٿو تہ ڪيڏو نہ اهم آهي) تہ مون کي لافورس جي قيدخاني ۾ بند ڪيو ويو آهي. بس ايترو اطلاع پهچائڻ لاءِ تون کو بندوبست ضرور ڪندين."

"مان تنهنجي لاءِ ڪجهہ نہ ٿو ڪري سگهان." ڊيفارج قطعي لهجي ۾ چيو. "مان پنهنجي قوم ۽ پنهنجي وطن جو وفادار آهيان. ٻنهي جو سچو خادم ۽ تنهنجو مخالف آهيان. مان تنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪندس."

چارلس ڊارني محسوس ڪيو تہ وڌيڪ ڪجهہ چوڻ اجايو آهي ۽ سندس خودداريءَ کي بہ ڏک لڳو. وات ويندي هُن ڏٺو تہ ماٿهو قيدين جي قطار جا ڪيڏا نہ عادي آهن، جو ٻار بہ انهن جو نوٽيس نہ ٿا وٺن. ڪجهہ واڌيڪ ڪيس ڏٺو ۽ ڪن آڳريون سَڄي ڪيس محسوس ڪرايو تہ هُو رئيس آهي، نہ تہ هڪ سکر ماٿهوءَ جو جيل وچڙ اهڙي تہ عام ڀالهہ ٿي وئي هئي، جيئن ڪنهن وردي پوش مزور جو ڪم تي وچڻ.

هاڻ هُنَ کي لڳي رهيو هو تہ انگلينڊ ڇڏڻ مهل جن خطرن جو وجود هو، هاڻ هُو انهن کان وڌيڪ خطرن ۾ گهيريل هو. هاڻي ڪيس معلوم ٿيو تہ خطرا ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن ۽ وڌي ئي رهيا آهن. هن دل ئي دل ۾ مڃي ورتو تہ جي ڪيس حالتن جو ٿورو بہ اندازو هجي ها تہ هُو هي سفر نہ ڪري ها. پوءِ بہ هن جا ڪٽڪا اونداهيءَ ۾ ايترا گهيريل نہ هيا، جيترا اُهي بعد وارين حالتن ۾ نظر اچي رهيا هيا. مستقبل ان مهل پريشان ڪندڙ ضرور هو پر پوءِ بہ ايندڙ واقعن جو علم نہ هجڻ جي ڪري، ان اونداهيءَ ۾ بہ روشنيءَ جو ڪرٽو بہ هيو. رات ڏينهن جي وحشياڻي قتلام جيڪو ڪجهہ ڪلاڪن ۾ زمين کي رت سان ڀاڙهو ٻڌائڻ وارو هو، سو سندس نظر ۾ ايڏو تہ پري هو، جيترو ڪو لکين سال پوءِ ٿيڻ وارو واقعو. هن کي قيد بند جي سختين ۽ زال ۽ ڏيءُ جي جدائي وارين مصيبتن جو ڪو اندیشو ئي نہ هو. ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ چٽو خطرو نظر نہ پئي آيس. بهرحال قيد جي ويراني جي لاءِ،

اهي سوچون ۽ ڪافي هيون، جن جو ٻوجھ ڪنيون ھُو لافورس جي قيدخاني ۾ داخل ٿيو.

ڊيفارج قيدين کي ھڪ ماٺھوءَ جنھن جو ٻُوٽ ڦوڪيل ھو حوالي ڪندي چيو "وطن چڏي ويندڙ ايور موند."

"جھنم ۾ وڃي پَوَنِ، ايڏا ڪيترا آھن ھي نياڳا." ڦوڪيل منھن واري چيو.

ڊيفارج ان احتجاج تي ڪو ۽ ڏيان نہ ڏنو ۽ رسيد وٺي، پنھنجن ٻنھي وطن پرست ساٿين سان گڏ موٽي ويو.

"جھنم ۾ وڃي پَوَنِ." جيلر پنھنجي زال کي چيو "مان وري چوان ٿو تہ ايڏا ڪيترا آھن، ھِي نياڳا!" جيلر جي زال وٽ اِنَ ڳالھ جو ڪو ۽ جواب نہ ھو ان ڪري ھن ڪيس رڳو دلاسو ڏنو "پيارا! انسان کي صبر کان ڪم وٺڻ گھرجي."

جيلر جي تَن نوڪرن، جيڪي گھنٽي جو آواز ٻڌي آيا ھيا، ھُنَ جي ھا ۾ ھا ملائي، ۽ انھن مان ھڪ موقعي جي مناسبت جو خيال ڪرڻ کان سواءِ ئي چيو "آزادي زندآبادا"

لافورس جو قيدخانو ڏاڍي اونداھي جاءِ ھئي، جتي ماحول ۾ تاريڪي ۽ ڪِنُ ڪچرو ۽ سمھڻ وارن جا ڏپارا ساھَ پاڻ ۾ ڳتيل ھيا. عجيب ڳالھ آھي تہ جَن جاين جي سار سنيال ناھي ڪئي ويندي، اُتي سمھڻ وارا ترت ئي بند ڪمرن ۾ گندگي پکيڙي چڏيندا آھن.

"راز جو قيدي" جيلر پرچي ڏسي بڙبڙ ڪئي، "اڳ ۾ ڪھڙا ٿورا ھئا، جو وري ھڪ ٻئي جو واڌارو ٻہ ٿي ويو."

ھُنَ ٻوٽ خراب ڪندي، پرچي فائيل ۾ لڳائي چڏي، چارلس ڊارني اڌ ڪلاڪ تائين انتظار ڪندو رھيو تہ ھُو ڪجھ چوي، ان وچ ۾ ڊارني ڪمري ۾ ڪڏھن اچ وچ ٿي ڪئي تہ ڪڏھن ھڪ پٽرائين بينچ تي ويھي پئي رھيو. بھرحال ھن جي شڪل آفيسر ۽ سندس ماتحتن جي اکين ۾ ئي رھي.

"پگوڙا! مون سان گڏ ھل." آفيسر ڪُنجيون سنياليندي چيو.

قيدخاني جي ميرانجهڙي ۾ اداس ماحول ۾، نئون قيدي، آفيسر سان گڏ ڪيئي ڏاڪڻيون ۾ اڳڙ لنگهندو ويو. ڪيئي در کليا ۾ هن جي لنگهي وڃڻ کان پوءِ بند ٿي ويا. تڏهن وڃي هُو هڪ ويڪري پر هيٺاهين ڪمري ۾ داخل ٿيا، جتي ڪيئي عورتون ۾ مرد قيد هيا. عورتون هڪ ڊگهيءَ ميز جي چوڌاري ويهي، لکڻ پڙهڻ، سيبي ڪرڻ، پرت پرڻ يا اُٽڻ جي ڪم ۾ لڳيون پيون هيون. مرد يا ته پنهنجين ڪرسين جي پويان بيٺا هيا، يا ڪمري ۾ ٽيلار ڪري رهيا هيا.

قيدين جو تعلق جيئن ته شرمناڪ ڏوهن سان هوندو آهي، تنهنڪري اسان جو نئون پهتل همراهه ميڙُ ڏسي، تڪڙ ۾ پوئتي ٿي ويو. پر سندس حيرت جي حد ئي نه رهي، جڏهن هُنَ ڏٺو ته سيئي قيدي وڏيءَ سليڪٽائپ، اخلاق ۾ مروت سان سندس استقبال لاءِ اُٿي بيٺا آهن.

سُليڪٽائپ ۾ اخلاق جي سهڻي منظر متان جيل جي عادتن جا ڪارا ڪکر چانئجي رهيا هيا ۾ ڏک ۾ غم جي ان پوائتي ماحول ۾، چارلس ڊارني کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ته اهي سڀ جِنَ پُوتَ آهن ۾ هن کي مُئن جي جهانَ ۾ پهچايو ويو آهي، جتي جن پُوت ۾ پاڇا رهن ٿا. سُونهَن ۾ سوڀيا جا پاڇا، شانَ ۾ مانَ جا پاڇا، اخلاق ۾ ادب جا پاڇا، وڏ ماڻهپي ۾ دانائيءَ جا پاڇا، ويران ڪناري کي الوداع چوڻ جا منتظر، سڀ جا سڀ جيئرا قبر ۾، پنهنجين مئل اکين سان هن ڏي تڪيندڙ!!

هُو دنگ رهجي ويو. هُنَ جي پرسان بيئل جيلر ۾ بيا جيلر، جيڪي هيڏي هوڏي گشت ڪري رهيا هيا، سي عام حالتن ۾ ائين عجيب ۾ غريب نظر نه اچن ها، جيئن هن مهل ڏسڻ ۾ اچي رهيا هيا. غمگين مائرن ۾ سهڻين ڏيئرن، نازڪ ڪامڻين، نوجوان ۽ جبينن ۾ وچولي عمر جي باادب عورتن جي مقابلي ۾، اِهي آفيسر حد کان وڌيڪ بيڄڙا ۾ جاهل لڳي رهيا هيا ۾ ڪمري جو جناتي ماحولُ، اُنهن جي وجود جي ڪري ايڏا بہ وڌيڪ غيرحقيقي ٻڌجي ويو هو. اُهي سڀ پاڇا هئا. بي شڪ ڊارني جو ڊگهو ۾ غيرحقيقي سفر ڪنهن بيماريءَ جو دورو هو جنهن کيس پاڇن جي هِنَ غمگين وستيءَ ۾ پهچائي ڇڏيو هو.

"مان غم ۾ شريڪ سيني ساڻين جي پاران توهان کي لافورس ۾ پليڪار چوان ٿو." هڪ معزز شخص، شاهي دربار واري طور طريقي سان اڳتي وڌي چيو "هن عظيم حادثي ۾ اسان سيني مجلس وارن جون همدرديون توهان سان گڏ آهن. خدا ڪري هيءَ مصيبت جلد خوشيءَ ۾ بدلجي وڃي. ڪنهن ٻئي هنڌ هيءَ ڀالهه ۽ بداخلاقي ليکي وڃي ها، پر هتي معافيءَ لائق آهي. مان توهان جو نالو ۽ حالتون پڇي سگهان ٿو؟"

چارلس ڊارني چرڪي پيو ۽ مناسب لفظن ۾ هنن کي جاڻ ڏنائين.

"مون کي اميد آهي ته توهان راز جا قيدي ناهيو." معزز ماڻهوءَ چيف جيلر کي، جيڪو وڃي رهيو هو ڏسندي چيو.

"خبر ناهي ان اصطلاح جو مطلب ڇاهي؟ پر مون ائين ئي ٻڌو آهي."

"هاڻ ڪيڏي نه افسوس جي ڀالهه آهي. اسان کي ان ڀالهه جو ڏاڍو ڏک آهي، پر همت کان ڪم وٺو. اسان جا گهٽا ٽٽا قيدي 'راز جا قيدي' هيا. پر ترت ئي معاملو ختم ٿي ويو." هن پوءِ ڏاڍيان چيو "دوستن کي هي ٻڌي افسوس ٿيندو ته نئون آيل ساڻي 'راز جو قيدي' آهي."

چارلس ڊارني جڏهن ڪمري مان لنگهي، هڪڙي شِيخُن واري در ڏي وڌيو جتي جيلر سنڊس منتظر هو. تڏهن ميڙ ساڻس همدردي ظاهر ڪئي ۽ ڪيئي آواز جن ۾ گهٽو ڪري عورتن جا نرم ۽ همدرديءَ سان پريل آواز شامل هيا، سي نيڪ اُميدن ۽ حوصلو وڌائيندڙ جذبن جو اظهار ڪرڻ لڳا. هُن شِيخُن واري در وٽ پهچي، دل جي گهراين سان ٿورا مڃڻ لاءِ موتي لوٽو هنيو ۽ پوءِ جيلر در بند ڪري چڌيو ۽ اهي شڪليون سدائين لاءِ گم ٿي ويون.

دري پٽرائينءَ ڏاڪڻ ڏي پئي ڪلي، جنهن جو منهن مٿئين پاسي هو. جڏهن هُو چاليهه ڏاڪا چڙهيو (اڌ ڪلاڪ جو قيدي هاٿي کان ئي ڏاڪا ڳڻڻ لڳو هو) تڏهن جيلر هڪ ننڍڙو ڪارو در کوليو ۽ هُو تنهائي واري قيد واريءَ ڪوليءَ ۾ داخل ٿي ويا. اتي ٽڏ ۽ آلاڻ هئي، پر اوندهه نه هئي.

"تنهنجو ڪمرو." جيلر چيو.

"مون کي تنهائي جي قيد جي سزا ڇو پئي ڏني ويجي؟"

"مون کي ڪهڙي خبر؟"

"ڇا مان هن ڪُپڙي ۾ ڪاغذ خريد ڪري سگهان ٿو؟"

"مون کي اهڙا ڪي به حڪم ناهن مليا. تون معائني تي ايندڙ آفيسر کان پڇي سگهين ٿو. باقي تون پنهنجي خوراڪ خريد ڪري سگهين ٿو. پيو ڪجهه به نه."

ڪوٺڙيءَ ۾ هڪ ڪرسي، هڪ ميز ۽ هڪ ڪک پري ڏاهيل گاديلو پيا هيا. جيلر ٻاهر وڃڻ کان اڳ جڏهن سندس شين جي چڪاس ڪري ورتي ۽ چٽني پاسن ڏي پتين تي نظر وڌي، تڏهن سامهون واريءَ پٽ سان ٽيڪ ڏئي بيٺل قيديءَ جي ذهن ۾ هڪ خيال اُپريو. هن محسوس ڪيو ته جيلر جو منهن ۽ جسم ڏاڍو ڦُوڪجي ويا آهن، جڏهن ته هُو پاڻيءَ ۾ ٻڏي مُئل ماڻهوءَ جو لاش هجي. جيلر جي وڃڻ کان پوءِ هُو اهڙن پٽڪندڙ سوچن ۾ ٻڏل رهيو. . . هاڻي مون کي ڪنهن مُئي وانگر پوريو ويو آهي. . . پوءِ هُنَ گاديلي ڏي ڏسي ڪري وچان منهن موڙي چڏيو. "هاڻا مون کي انهن ريڑهيون پائيندڙ ڪيڙن ۾ مئل جسم جي ڏپ ڪري وڃڻ جو نقشو پيو نظر اچي."

"پنج قدم ڏڪهو سايا چار قدم ويڪرو پنج قدم ڏڪهو سايا چار قدم ويڪرو. پنج قدم ڏڪهو سايا چار قدم. . ." قيدي ڪوٺڙيءَ ۾ ٽيلار ڪندي، پنهنجون وڪون ڇٽڻ لڳو ۽ شهر جو گوڙ ائين پئي لڳو جڏهن ته ڪنهن ڪپڙي ويڙهيل ڏُهل جي آوازن ۾ رڙين ڪُوڪن جون صدائون به شامل ٿي ويون هجن. هُو جُوتا ڏاهيندو هو. . . هُو جُوتا ڏاهيندو هو. . . هُو جُوتا ڏاهيندو هو. قيدي وري ڪوٺڙيءَ کي ماپڻ لڳو ۽ ان جملي کان بچڻ لاءِ، هن پنهنجا قدم تيز ڪري چڏيا. جڏهن دري بند ٿي وئي ته سڀ غائب ٿي ويا. هڪ پاڇو هو ڪاري لباس واريءَ چوڪريءَ جي شبيهه. دريءَ مان جهاتيون پائيندڙ ۽ روشنيءَ جا ڪرٽا هن جي سونهري وارن سان کيڏي رهيا هيا ۽ هن جي شڪل هئي. . . خدا جو واسطو آٿوَ وٺي هلو هلي ڏسو ته جڳمڳ ڪندڙ ڳوٺن ۾ ڪيترا ماڻهو بيمار آهن! هُو جُوتا ڏاهيندو هو. . . پنج قدم ڏڪهو سايا

چار قدم ويڪرو. اهڙي قسم جا وکريل خيال قيديءَ جي ذهن جي اونهاين مان اُپري رهيا هيا ۽ هُو تيز تيز قدم کڻندو ڦري رهيو هو ۽ ڪٽ کرڻ تي ضد ڪيون ٻيئو هو ۽ شهر جو گوڙ اچا ٿائين ٻه ڪپڙي چڙهيل ڏُهل وانگر ٻڏڻ ۾ پئي آيو پر ان ۾ تبديلي هيءَ پيدا ٿي وئي هئي ته هن جون صدائون ۽ پڪارون ڄاتل سڃاتل لڳي رهيون هيون.



باب ٻيو

سِراڻِ

ٽيلسن بينڪ پيرس جي سينٽ جرمين واري علاقي ۾ هئي. هڪ وڏي عمارت جو حصو بينڪ لاءِ هيو جنهن سان لاڳاپيل آڳر ڪي هڪ اوچي پٽ ۽ مضبوط ڦاٽڪ وسيلي. وڏيءَ سڙڪ کان الڳ ڪيو ويو هو. عمارت جو مالڪ فساد شروع ٿيڻ وقت پنهنجي بلڊنگ جي بورچيءَ جي ويس ۾ سرحد پار ڀڄي ويو هو ۽ ايجا تائين هن جي حيثيت شڪارين جي ڊپ کان ڀڄندڙ جانور جهڙي هئي. پر هُو اڄ ٻ ان ڏهني تبديليءَ باوجود. پنهنجي لباس ۾ نامياروٕ رئيس ئي نظر ايندو هو. جنهن وٽ چاڪليٽ ٺاهڻ لاءِ ڪنهن زماني ۾ اُنَ بورچيءَ سان گڏ ٿي ڏنڊا مُٺا نوڪر رکيل هيا.

نامياروٕ رئيس فرار ٿي چڪو هو ۽ اُهي ٽئي ڏنڊا مُٺا نوڪر. جن کي ڪنهن دور ۾ وڏيون وڏيون پگهارون ملنديون هيون. هاڻي پنهنجي گناهه جي ڪفاري لاءِ آزاديءَ. برابريءَ ۽ پائيچاريءَ يا موت جي نئين جاول ري پبلڪ جي قربان گاهه تي پنهنجي مالڪ جي منڊي لاهڻ لاءِ وڏي ڏڙتي ڏيکاري وهيا هيا. نامياري رئيس جو مڪان پهريون ٽ عدالتي نگرانيءَ ۾ ورتو ويو ۽ پوءِ اهو ضبط ڪيو ويو. حالتون ايڏيون ٽ تڪڙيون بدلجي رهيون هيون ۽ حڪم مٿان حڪم ايترا ٽ تڪڙا لاڳو ٿي رهيا هئا. جو سيپٽيمبر جي ٽينءَ تاريخ تي. سياري جي منڊ ۾ رات جو قانون جا وطن پرست نمائندا. انهيءَ مڪان جي ديوان خاني ۾ ٽرنگي جي نشانن وچ ۾ وينا. براندي جا جام پي رهيا هيا.

ٽيلسن بينڪ پيرس وانگر لنڊن ۾ پنهنجو ڪاروبار هلائي ها ٽ هُنَ جو ڪڏهوڪو ڏيوالو نڪري ويجي ها. پلا انگريزن جي شرافت ۽

ذميواري اهو ڪٿي سهي سگهي ها ته بينڪ جي اڳڻ ۾ نارنگين جا وڻ جهومندا رهن ۽ سودو وڪڻڻ واريءَ ميز تي ڪيوبڊ جلوا ڏيکاري. پر هتي اهڙوئي نقشو هو. ٽيلسن وارن ڪيوبڊ مٿان اڇو رنگ ڪري ڇڏيو هو. جيڪڏهن لنڊن جي لمبارڊ اسٽريٽ واري علائقي ۾. انهيءَ نوجوان ڪافراٽي بت جي ائين نمائش ڪئي ويجي ها. يا نوجوان ديوتا جي پُٺ ۾. پردن سان تاڪ ۽ محراب ڪي سينگاريو ويجي ها ۽ پتين ۾ آرسيون لڳايون ويجن ها يا ڳالهه ڳالهه تي اهي نوجوان ڪلارڪ سرِعام نچڻ لڳن ها ته پڪ سان بينڪ جو ڪاروبار بند ٿي ويجي ها. پر فرانس ۾ ٽيلسن بينڪ وارن تي انهن ڳالهين جو ڪو اثر ئي نه پيو ۽ نه ئي حالتن جي ٺيڪ ٽيڻ تائين ڪنهن به گهبرائجي. پنهنجي موڙي ڪڍي وڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

آئيندي ڪهڙيون رقمون ٽيلسن مان ڪڍيون ويڻ واريون هيون ۽ ڪهڙيون رقمون اتي پيون رهڻيون هيون! ڪهڙا هيرا جواهر ۽ ڪهڙو قيمتي سامان ٽجوڙين ۾ سڙِي ڳري ويڻو هو ۽ ڪيترا گراڪ قيدخانن ۾ ڪڙيون هڻي ڦٽڪڻ وارا هيا ۽ ڪڏهن ڪين موت جي منهن ۾ ڏيڻو هو؟ ٽيلسن بينڪ جا ڪيترا ڪاتا هن دنيا مان پي دنيا ڏي منتقل ٽيڻ وارا هيا؟ ان رات ڪنهن کي به خبر نه هئي ۽ نه ئي غور فڪر ڪرڻ جو مسٽر لاري جاروس ٻڌائي پئي سگهيو. هُو آتشدان جي پرسان ويٺو هو جتي ڪائين کي هاٿي باهه ورتو هو. هن جي ديانتدار ۽ جرئت مند چهري تي ڏيئي جي روشني يا ڪنهن ٻيءَ شئي جي پاڇي ڪان وڌيڪ دهشت جو پاڇو بکي رهيو هو.

مسٽر لاري بينڪ سان وفاداري نباڻڻ ڪري ان بلڊنگ جي ڪمرن ۾ ائين ترسيل هو جڻ ته ڪا ستَ گُلي وَلِ پتين سان چنبڙيل هجي. اصل عمارت مٿان قوم پرستن جو قبضو هو ۽ ائين بينڪ وارن جي حفاظت به ٿي ويندي هئي. پر مسٽر لاريءَ جي رهڻ جو اصل مقصد. هن جو خلوص نه هو ۽ نه ئي ڪا اهڙي مصلحت. فرض جي پوراءَ خاطر هُنَ ڪڏهن به اهڙين شين کي اهميت نه ڏني هئي. آڪر جي ٻئي پاسي گاڏين بيهارڻ لاءِ به وڏا چاپرا هيا. جتي نامياري رئيس جون

ڪجهہ گاڏيون ايڏا بہ بيئل هيون. هن ڏلهن سان بہ وڏيون وڏيون مشعلون ٻڏل هيون، جن جي سوجهري ۾ هڪ وڏي سِراڻ ڪتل نظر اچي رهي هئي، جنهن کي ڇڻ تہ ڪنهن لوهار جي دڪان مان تڪڙ مان ڪڍي اچي هتي کوڙيو ويو هو. مسٽر لاري پنهنجي دريءَ مان انهن شين کي ڏسي ڏڪي ويو ۽ آتشدان جي پرسان پنهنجي ڪرسيءَ تي ويڄي ويهي رهيو. هن نہ رکو دريءَ جو شيشو بند ڪري ڇڏيو. پر باهرين ڇاريءَ واري ڪنڌي بہ ڏئي ڇڏي ۽ ان کان پوءِ مٿي کان پيرن تائين سڄو ڏڪڻ لڳو.

اوچي پت ۽ مضبوط ڦاٽڪ جي هن پارِ سڙڪن تي شهر جي رات واري جيون جو جهيڙو گوڙ ٻڏڻ ۾ اچي رهيو هو. جنهن ۾ ڪنهن ڪنهن مهل هڪ پوائتي پراسرار رڙ بہ گڏجي ٿي وئي، ڇڻ تہ ڪا پوائتي ۽ غيرفطري صدا آسمان مان بلند ٿي رهي هجي.

"شڪر آ خدا جو هن غدار شهر ۾ اڄ رات منهنجو ڪو عزيز موجود ناهي." مسٽر لاري هٿ مهٽيندي چيو "مولا! تون هر مظلوم جي حال تي رحم فرماءِ"

ٿوريءَ دير کان پوءِ ڦاٽڪ جي گهنٽي وڄڻ لڳي ۽ هن اهو سمجهيو تہ هُو واپس اچي ويا آهن ۽ ڪُنُ ڏئي پيرن جي ڌڪي کي ٻڏڻ لڳوم پر آڳر ۾ اميدن جي ابتڙ ڪا بہ گڙٻڙ نہ ٿي. ڦاٽڪ بند ٿيڻ کان پوءِ وري اڳ وانگر مات ڇانئجي وئي. گهبراهٽ ۽ دهشت جي ڪري، سندس دل ۾ بينڪ بابت مختلف وسوسا پيدا ٿيڻ لڳا. جيڪي انقلاب جي زماني ۾ اهڙن احساسن جو قدرتي نتيجو هئا . بينڪ جي حفاظت جو ڪافي انتظام ٿيل هو ۽ هُو پنهنجن معتبر چوڪيدارن کي ڏسڻ لاءِ وڃڻ وارو ئي هو جو اوچتو سندس ڪمري جو در ڪُليو ۽ ڪيس بہ شڪليون نظر آيون. هُو انهن کي ڏسي حيرت وچان پنهنجي جاءِ تي جيئن ويئل هو تيئن ويٺو ئي رهيو.

لوسي ۽ سندس والدا لوسيءَ پنهنجا ٻئي هٿ وڌائي، ڪجهہ اهڙي تہ شديد جذباتي انداز ۾ هُنَ ڏي ڏنو ڇڻ تہ هُنَ جي چهري جي اها سنجيدگيءَ واري ڇاپ، زندگيءَ جي هِنَ اهم مرحلي تي ڪيس نئين طاقت عطا ڪندي

"هي مان چا ڏسي رهيو آهيان!؟" گهبرائجي وڃڻ ڪري مسٽر لاريءَ جو ساهه مُنجهڻ لڳو هو "ڪالهه چاهي؟ لوسي! مينٽا مامرو چاهي؟ توهان جي هٿي اچڻ جو مقصد چاهي؟ پلا ڪجهه ته ٻڌايو."

لوسي ڦڪي ٿي ويل مُنهن ۾ پريشان نگاهن سان وڃي لاريءَ جي چاتيءَ سان لڳي ۽ ڏکندڙ آواز ۾ چيائين. "منهنجو پيارو دوستا منهنجو مڙس!"

"چا ٿي چوين؟ لوسي! تنهنجو مڙس!"

"چارلس!"

"چا ٿيو آ چارلس کي؟"

"هتي."

"هتي پيرس ۾."

"ڪجهه ڏينهن، شايد ڏهن چئن ڏينهن کان آهي. خبر ناهي ته ڪيترن ڏينهن کان آهي. منهنجو مٽو هن مهل جاءِ ناهي. ڪنهن غريب جي مدد ڪرڻ لاءِ هُو اسان کي ڪو اطلاع ڏيڻ کان سواءِ هيڏي هليو آيو. هن کي سرحد تي ئي روڪي جيل موڪليو ويو."

اهو ٻڌي هُنَ ڪراڙي جي واتان بي اختيار هڪ رڙ نڪري وئي. ان گهڙي ئي وڏي در جي ڪُنڊي وري وڃڻ لڳي ۽ پيرن جو آواز ۽ ڪيترن ئي ٻين آوازن جو گوڙ آڪر ۾ ٻڌجڻ لڳو.

"هي گوڙ چا جو آهي!؟" اهو چوندي ڊاڪٽر دريءَ ڏي مُڙيو.

"ٻاهر نه ڏسجان!" مسٽر لاريءَ رڙ ڪري چيس. "ٻاهر نه ڏس. مينٽا توکي پنهنجي جان جو قسم. ڪنڊيءَ کي هٿ نه لائجان!"

ڊاڪٽر مينٽ ائين ئي دريءَ جي تاڪ تي هٿ رکيون. وڏي اطمينان سان مرڪندي پوئتي موٽي چوڻ لڳو "پيارا دوستا هن شهر ۾ ڪير منهنجو وارُ ونگو به نه ٿو ڪري سگهي. مان باستيل ۾ قيد رهي چڪو آهيان. پيرس ۾ هڪ به اهڙو وطن دوست نه ملندو. پيرس ته چا سڄي فرانس ۾ به ڪو محب وطن اهو چاڻندي ته مان باستيل ۾ قيد رهي چڪو آهيان. مون کي هٿ نه ٿو لائي سگهي. يا جيڪڏهن مون کي هٿ لائيندو به ته هنن هٿن کي پيار مان چُهڻ لاءِ. پنهنجن ڪلهن

تي ويھاري، جلوس ۾ گڏ وئي وڃڻ لاءِ . . منھنجي اڳوٽي تڪليف، منھنجي سڳھ جو راز آھي، جنھن جي ڪري مان سرحد پار ڪري ھتي پھتس ۽ مون کي چارلس جي ڇاڻ مھيا ڪئي وئي. مان ڇاڻان پيو تہ مان اھو ڪم ڪري سگھندس. مان ڇاڻان ٿو مان چارلس جي مدد ڪري سگھندس. مون لوسيءَ کي اھوئي چيو ھو. . . اھو ڇاجو آواز آھي؟" ڊاڪٽر جو ھٿ وري دريءَ ڏي وڌيو.

"ٻاھر نہ ڏس!" مسٽر لاري ڇرين وانگر دانھن ڪئي، "نہ، پياري لوسي! تون ٻہ نہ ڏس. . ." ھن جي مٿي کي پنھنجي ڇاتيءَ سان لائيندي چوڻ لڳو "پياري! ايترو ڊڄ نہ. مان قسم کٹي چوان ٿو تہ مون چارلس جي باري ۾ ڪا ٻہ بري خبر ناھي ٻڌي، ايڏا ٻہ منھنجي تہ خيال ۾ ئي نہ ھو تہ ڪو ھُن يا ھِنَ خطرناڪ جاءِ تي آھي. . . ھن کي ڪھڑي قيدخاني ۾ رکيو ويو آھي؟"

"لافورس."

"لافورس! لوسي! منھنجي ڇوڪريا! تون سدائين دل مضبوط ڪري، ٻين جي مدد ڪندي آئي آھين. ھاڻ ٻہ ھمت سان گڏ منھنجي مشوري تي عمل ڪر. تون نہ ٽي ڇاڻين ۽ تنھنجي ھٿ پير ھڻڻ سان ڪو لاڀ ٻہ نہ ٿيندو. چارلس لاءِ مان توکي جيڪو ڪجھ ٻہ چوان اھو صبر طلبيندڙ ھوندو. توکي ٻنان ڪنھن ڇُوچَتَ جي منھجي ڳالھ مڃڻي پوندي. ھاڻ تون ماڻ ڪري پوئين ڪمري ۾ ھلي وڃ تہ جيئن مان ۽ تنھنجو پيءُ اڪيلائي ۾ ڪجھ منٽ ڳالھ ٻولھ ڪري سگھون. جلدي ڪر. ھي زندگيءَ ۽ موت جو سوال آھي."

"مان توھان جي ھر حڪم تي عمل ڪنديس. توھان جو چھرو ٻڌائي رھيو آھي تہ توھان مون مان ٻہ اھائي اميد رکو ٿا. مان توھان جي خلوص مان چگيءَ ريت واقف آھيان."

ڪراڙي ڪيس چمي ڏني ۽ جلد ئي ھن کي ڪمري ۾ بند ڪري، تالي ۾ ڪنجي ڦيرائي ڇڏي، پوءِ تڪڙ ۾ ڊاڪٽر ڏي موٽيو ۽ دريءَ جا ٻئي تاڪ سڄا کولي ڇڏيائين ۽ ٻاھرينءَ جاريءَ کي ٽورو کوليائين ۽ ڊاڪٽر جي ڪلھي تي ھٿ رکي، ٻاھر اڇڻ ڏي ڏسڻ لڳو.

ٻاهر چاليهه پنجاهه مرد گڏ ٿيل هيا. جن سان سڄو آڪر پرجي ويو هو. گهر جي ٻاهران موجود قبضي گيرن، هنن کي اندر اچڻ جي اجازت ڏني هئي ۽ هُو ڄاڻڪ مان اندر اچي سِراڻ کي ڦيرائي رهيا هيا. اها سِراڻ ان مقصد لاءِ ئي هتي لڳائي وئي هئي.

ابول! ڪيڏو نہ پوائتو ڪم ۽ ڪيڏا نہ پوائتا هٿ ڳمَ ڪرڻ وارا. سراڻ جا ٻہ هٿيا هيا، جن کي ٻہ ڇٽا چَرين وانگر گهمائي رهيا هيا. انهن ٻنهي جا منهن بدترين وحشين جي خوفناڪ روپ کان بہ وڌيڪ بي رحم ۽ وحشتناڪ هئا. هنن جي چهرن تي مصنوعي پرون ۽ هٿراڏو مُڇون هنيون ويون هيون ۽ انهن جون خبيث شڪليون رَتّ ۽ پگهر ۾ ٽٻيل هيون. مٽان وري سندن رڙيون، ڪيڪارَ ۽ سندن اوجاڳيل اکين جو ڏاندن جيئن ٻرڻ، ويتر وڏو ستم هو. جڏهن اهي بدمعاش هٿيو گهمائڻ ٿي لڳا ۽ هنن جا وکريل وارَ ڪڏهن اڇيان سندن اکين تي ۽ ڪڏهن پوئتي ڪنڌ تي ٿي پيا، تڏهن کي عورتون پيالا ڪٽي، هنن جي وات جي پرسان جهلي، کين شراب پيارڻ ٿي لڳيون. ان مهل هڪ پاسي رت جا ريلا وهڻ ٿي لڳا تہ ٻئي پاسي شراب جا ڦڙا ڪرڻ ٿي لڳا ۽ ٽئين پاسي سراڻ جي پٽر مان چٽنگون نڪري، هوا ۾ پکڙجڻ ٿي لڳيون ۽ سڄي ماحول ۾ باهہ ۽ رت پکڙيا ٿي ويا. ان ميڙ ۾ هڪ بہ اهڙو ماڻهو نہ هو جنهن جي بدن تي رت جون ٽٽنگون نہ پيون هجن. سراڻ جي ويجهو پهچڻ جي ڪوشش ۾ هڪٻئي کي ڏڪا ڏيندڙ اڏ اڳهاڙا، رت هاڻا جسمَ. اڳڙين ڏکيل انسانَ ۽ انهن اڳڙين تي لَهُوءَ جا چُٽا. عورتن جا سِتارن وارا ڪپڙا ۽ مرد وري شرارت وچان، انهن کي رت ۾ رڳيندڙ ۽ اهڙي قسم جا منظر نظر اچي رهيا هيا. ڪهاڙيون، ترارون ۽ سنگينون، جيڪي تکيون ڪيون پئي ويون، سي سڀ جو سڀ رت ۾ ٻاڙهيون هيون. ڪي ٻگل ترارون ريڙهن وسيلي ٽئين سان ٻڌل هيون. انهن جو رنگ بہ اهڙو ئي هيو ۽ جڏهن انهن هٿيارن کي ڦيرائيندڙ چَريا، سراڻ جي چٽنگن مان ڪڍي، گهٽين ۾ ٻُڪڻ پيڃڻ ٿي لڳا، تڏهن اهوئي لال رنگ سندن اکين مان بہ جهلڪڻ ٿي لڳو. اهي اکيون جن کي گولي هڻڻ جي لاءِ

هر هڪ شريف ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جا ويهه سال به قربان ڪري چڏي ته ڪا حيرت جي ڳالهه نه هوندي.

هُنَ ڪنهن ٻڌندڙ شخص جي تصورن يا ڪنهن انسان تي اوچتو ٽيندڙ انڪشاف وانگر، اهو سڀ ڪجهه ڪن پل ۾ ڏسي ورتو. هُو دريءَ کان پوئتي ٽيو ۽ ڊاڪٽر پنهنجي دوست جي ڪِلڪي ٽي ويل چهري تي هڪ سوالي نگاهه وڌي.

مسٽر لاريءَ بند ڪمري ڏي گهبراهٽ وچان ڏسندي، سربات ڪيو "اهي ماڻهو قيدين کي قتل ڪري رهيا آهن. جي توکي پڪ آهي ته تون جيڪو ڪهڙو چوين ٿو سو حقيقت آهي ۽ جيڪڏهن تنهنجي چوڻ مطابق هنن تي تنهنجو اثر آهي ۽ مان به سمجهان ٿو ته آهي ته پوءِ انهن شيطانن سان پنهنجو تعارف ڪراءِ ۽ انهن سان گڏجي هن مهل ئي لافورس وڃ. شايد وقت گذري چڪو هجي. ڪير ڄاڻو ڇئي سگهي! بهرحال هڪ منٽ جي دير به نه ٿيڻ گهرجي."

ڊاڪٽر مينٽ، مسٽر لاريءَ جي هٿ کي زور ڏنو ۽ اگهاڙي متي ٻاهر نڪري ويو. مسٽر لاري جي دريءَ تائين پهچڻ مهل هُو آڳر ۾ هو.

هُنَ جا هوا ۾ اڏرندڙ اڇا وارَ هن جو غيرمعمولي چهرو ۽ هن جي خود اعتمادي ڪم ڪري ڏيڪاريو. هُو انهن هٿيارن کي پري ڪندو اڇتي وڌيو ۽ جلد ئي سراڻ وٽ بينل ماڻهن جي وچ ۾ پهچي ويو. ڪجهه گهڙين جي مات، پوءِ ڪجهه چرپر ۽ آوازَ ۽ انهن جي ڳالهه هولهه جيڪا پري کان سمجهه ۾ نه پئي آئي ۽ پوءِ مسٽر لاريءَ ڏنو ته ميڙ ڊاڪٽر مينٽ کي گهيري ورتو. ڪي ويهه کن ماڻهو ڪلهو ڪلهي سان ملايون، نعرا هڻندا ٻاهر نڪتا. "باستيل جو قيدي زندابادا لافورس ۾ باستيل جي قيديءَ جي مائٽ کي مدد ڪيي. باستيل جي قيديءَ جي لاءِ دڳ ڏيو، پري ٽي وڃو. لافورس جي قيديءَ کي بچايو." اهڙا هزارين قسم جا آواز بلند ٿي رهيا هيا.

اهو ڏسي مسٽر لاريءَ جي دل ڏڙڪڻ لڳي. هن ترت ئي دري بند ڪري ۽ پردو ڏئي چڏيو ۽ پوءِ لوسيءَ وٽ پهتو ۽ هن کي خوشبخري ٻڌايائين ته سندس والد تنهنجي مڙس جي ڳولا ۾ نڪتو آهي. لوسيءَ

جي ننڍڙي ۾ مس پروس بہ اُتي موجود هيون. ان مهل هن کي ڪا بہ حيرت نہ ٿي، پر رات جو دير سان هنن ٻنهي جي اتي هجڻ تي کيس حيرت ٿيڻ لڳي.

ان وچ ۾ لوسي سندس هٿ پڪڙيون. هن جي پيرن وٽ بيهوش پئي هئي. مس پروس ننڍڙيءَ کي هنڊ ۾ سمهاري ڇڏيو هو ۽ هن جو پنهنجو ڪنڈ بہ ننڍڙيءَ حسينا پرسان وهاڻي تي لڙيو پيو هو. هاءِ! اها طوفاني رات ۽ وري غريب زال جون آهون ۽ پڪارون. هاءِ! اها طوفاني رات، جنهن ۾ نہ پيءُ جي ڪا خبر هئي ۽ نہ سندس مڙس جي.

رات جو وڏي در جي ڪنڊي بہ پيرا وڌيڪ وڄي. بہ پيرا هجوم اندر گهڙيو ۽ سراڻ کي ساڳي ريت هلايو ويو. "اهو ڇا آهي؟" لوسيءَ ڏڇندي ڏڇندي پڇيو.

"مات ڪر. هتي سپاهين جون ترارون تکيون ڪيون ويندیون آهن." مسٽر لاريءَ وراڻيو. "پياري! هيءَ جاءِ قومي ملڪيت آهي ۽ هن کي اسلحہ خانو بنايو ويو آهي."

وڌيڪ بہ پيرا ۽ بس. آخري پيرو ڪم جي رفتار سست هئي. پوءِ جلد ئي ڏينهن ٿيڻ لڳو ۽ مسٽر لاري لوسيءَ جو هٿ ڇڏائي، احتياط سان باهر ڏنو. جنگ جي ميدان ۾ ڪنهن زخمي سپاهي وانگر. جيڪو هوري هوري هوش ۾ اچي رهيو هجي، رت ۾ ٻڏل شخص سراڻ جي پرسان زمين تان اُٿي، قاتل اکين سان هيڏي هوڏي ڏسي رهيو هو. ٿوريءَ دير ۾ هن جون نگاهون وجي ناميارين رئيس جي گاڏين تي پيون ۽ هُو تڙندو وجي هڪ شاندار گاڏيءَ ۾ چڙهيو ۽ ان جي آرام ڏيندڙ گدن تي سمهي پيو.

جڏهن مسٽر لاري ٻيهر اوڏانهن نظر وڌي، تڏهن زمين جي عظيم سراڻ هڪ ڇڪر پورو ڪري چڪي هئي ۽ آڪر ۾ سج جي ڳاڙهي روشني پکڙجي چڪي هئي. صبح جي سڪون پري فضا ۾، هُوءَ ٻي سراڻ اڪيلي بيٺي هئي، جنهن تي ڳاڙهو ڇُٽا، نہ سج لڳايا هيا ۽ نہ ئي ڪڏهن انهن کي مِٽائي پيو سگهي.



باب ٽيون

پاڇو

جڏهن آفيس جو وقت ٿي ويو تڏهن ڪاروباري ٽائيم ۾ مسٽر لاريءَ جي ذهن ۾ سڀ کان اڳ هي خيال چڪر هڻڻ لڳو ته هڪ وطن ڇڏي ويندڙ ٻگوڙي قيديءَ جي زال کي، بينڪ جي بلڊنگ ۾ پناهه ڏئي، ٽيلسن جي موقف کي نقصان پهچائڻ جو حق ڪيس ناهي. لوسي ۽ هن جي ڏيءَ لاءِ هُو بنان ڪنهن هٻڪ جي، پنهنجي سلامتي ۽ جان ۽ مال جي بازي لڳائي سگهي ٿو پر جيڪا عظيم امانت سندس حوالي ڪئي وئي هئي، اها سندس ذاتي ملڪيت نه هئي. ڪاروباري فرض ۾ ان حد تائي سخت ماڻهو هو مسٽر لاري.

پهريون ته هن کي ڊيفارج جو خيال آيو ۽ هُو سوچڻ لڳو ته شراب خاني جو ڏس پتو وٺي، ان جي مالڪ کان پڇڻ ڪپي ته هاڻوڪي بدامنيءَ ۾ شهر جو سڀ کان محفوظ حصو ڪهڙو آهي. پر اوچتو هُنَ محسوس ڪيو ته اهو طريقو مصلحت جي ابتڙ آهي، ڇو ته ڊيفارج سڀ کان وڌيڪ فسادي علائقي ۾ رهندو هو ۽ اُتي هن جي وڌي هلندي پڇندي هئي ۽ پڪ سان هنن هنگامن ۾ هن جو هٿ آهي.

ڊاڪٽر مينٽ جو ٻيهريءَ تائين انتظار ڪرڻ کان پوءِ، اهو ڏسي ته هر گهڙيءَ جي دير سان ٽيلسن بينڪ جي نيڪ نامي متاثر ٿي رهي آهي. هُنَ لوسيءَ سان صلاح ڪئي ته تنهنجو والد بينڪ جي پرسان، عارضي طور تي گهر ڪرائي تي وٺڻ جي ڳالهه ڪري چڪو آهي. ڪاروباري لحاظ کان اها ڳالهه ايڏي خراب به نه هئي. مسٽر لاريءَ ڄاتو پئي ته جي چارلس کي خير سان رهائي ملي به وڃي، تڏهن به هُو پيرس کان ٻاهر نڪري نه ٿو سگهي، ان ڪري هُو گهر جي ڳولا ۾ نڪتو ۽

جلد ئي ڪيس گهٽيءَ ۾ هڪ سڻي گهر جي خبر پئجي وئي، جنهن جي آس پاس وارين جاين جون بند پيل دريون ٻڌائي رهيون هيون تہ اتي سيئي گهر خالي پيا آهن.

سڀ ڪان اڳ ۾ هن لوسي ۽ سندس ڏيءُ ۽ مِس پروس کي نئين جاءِ ۾ آندو ۽ جيتري همت پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندو هو تنهن کان وڌ همت سان هنن کي دلاسو ڏنائين ۽ هنن جي حفاظت لاءِ جيري کي دربانيءَ تي مقرر ڪيائين. جيريءَ جو مٿو ڦاڙي اندر گهڙڻ سولو ڪم نہ هو. جڏهن مسٽر لاري ٻيهر پنهنجن ڪمن ۾ مصروف ٿي ويو تڏهن سندس دل ۾ ڪيئي پريشانيون هيون ۽ سندس طبيعت اداس هئي. ائين سڄو ڏينهن ڏاڍو ڏکيو گذريس.

ڏينهن ڌَلندي ڌَلندي، هُنَ جي طبيعت بہ سست ٿيندي وئي. بينڪ جي بند ٿيندي ئي، هُو گذريل شام وانگر ڪمري ۾ اڪيلو وڃي ويهي رهيو ۽ آئيندي لاءِ سوچي رهيو هو جو ڊاڪٽ تي ڪنهن جي اچڻ جو آواز ٻڌائين. ڪجهہ گهڙين ۾ ئي هڪ ماڻهو سندس سامهون اچي بيهي رهيو ۽ ڪيس گهوريندي، سندس نالو وٺي پڪارڻ لڳو.

"مان توهان جو خادم آهيان." هن همراهہ چيو "چا توهان مون کي سڃاڻو ٿا؟"

هُو سگهاري بدن وارو ماڻهو هو. مٿي تي گهنڊيدار وارَ. چاليهن پنجيتاليهن سالن جو هوندو. جواب ۾ هُنَ وري ساڳيا ئي لفظ ورجايا:

"چا توهان مون کي سڃاڻو ٿا؟"

"مون توهان کي ڪٿي ڏٺو آهي!"

"شايد منهنجي ڪلال خاني تي."

مسٽر لاري وڏيءَ دلچسپيءَ ۽ پريشانيءَ وچان چوڻ لڳو "چا توهان کي ڊاڪٽر مينٽ موڪليو آهي؟ هو چا ٿو چوي؟ منهنجي لاءِ ڪهڙو پيغام آهي؟"

ڊيفارج هُنَ جي ٻي چين هٿن ۾ هڪ ڪليل چني ڏئي ڇڏي ڊاڪٽر جي هٿ اکرن ۾ لکيل هيءَ لکت هئي:

"چارلس صحيح سلامت آهي. پر منهنجو هتان وڃڻ ايڏا خطري کان خالي ناهي. مون هيءَ رعايت حاصل ڪئي آهي تہ هي چئي آٽيندڙ چارلس جي چئي لوسيءَ ڏي ڪٽي وڃي. توهان هن همراهہ کي لوسيءَ سان ملڻ ڏيو."

خط تي اڇوڪي ڏينهن جي تاريخ لڳل هئي. اهو لافورس کان هڪ ڪلاڪ اڳ موڪليو ويو هو.

"ڇا توهان مون سان گڏ مسز چارلس ڏي هلندئو؟" خط پڙهڻ کان پوءِ مسٽر لاريءَ خوش ٿي چيو.

"ها." ڊيفارج وراڻيو.

مسٽر لاريءَ ڊيفارج جي ڪهري لهجي ۾ رُکي ڳالهائڻ تي ڏيان نہ ڏنو ۽ ٽوپي پائي، هن سان گڏ نڪري ويو. آڳر ۾ہ مايون نظر آيون. جن مان هڪ آٽت ۾ مشغول هئي.

"ميڊم ڊيفارج. . . ! بنان ڪنهن شڪ جي." مسٽر لاريءَ چيو. اڄ کان سترنهن سال اڳ مون هن مائيءَ کي ائين ئي ڏٺو هو.

"ها، اُهائي آهي." هن جي مڙس چيو.

اهو ڏسي تہ هُوءَ ساٽن گڏ هلي رهي آهي. مسٽر لاريءَ پڇيو "ڇا ميڊم بہ اسان سان گڏ هلندي؟"

ڊيفارج جي رکائپ تي مسٽر لاري کيس شڪ وچان ڏسندو اڳتي وڌيو. ٻئي عورتون پوئيان هيون. ٻي عورت ونجنس (بدلو) هئي.

هُوءَ تيز تيز هلندا، وچ وارن رستن کي جلد طئي ڪندا، نئين گهر اندر گهڙيا، جتي جيريءَ هنن جي رهنمائي ڪئي. لوسي اڪيلي روئي رهي هئي. هُو مڙس جي باري ۾ تازي خبر ٻڌي خوشيءَ وچان ٽپو ڏئي اُٿي ٻئي هئي ۽ چئيءَ ڏيڻ واري جي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ وٺي چڏيو هٽائين. هُنَ کي ڪهڙي خبر تہ رات جي اونداهيءَ ۾ اهو هٿ چارلس سان ڇا ڪرڻ وارو هو ۽ جي موقعو مليس ها تہ ڇا ڇا نہ ڪري وجهي ها.

"منهنجي پياري! همت کان ڪم وٺ. مان ٺيڪ آهيان ۽ تنهنجي والد جي هتي وڃي هلندي پڇندي آهي. تون هن چئيءَ جو

جواب نہ ٿي موڪلي سگھين! منھنجي پاران اسان جي ننڍڙيءَ کي پيار ڪر."

بس ايتري ئي لکت هئي. لوسيءَ لاءِ اها بہ غنيمت هئي. هن ڊيفارج تان ڌيان هٽائي، هن جي زال جو هٿ چمي ورتو جيڪو اُٽ پر رڌل هو. محبت ۽ احسان مندي‌ءَ جي انهيءَ جوشيلي جذبي جو ٻئي پاسي کان ڪو بہ جواب نہ مليس. اُهو هٿ ساڳي بيرخيءَ سان اُٽ پر مصروف هو.

انهيءَ هٿ جي ڇهاءَ پر ڪا ڳالھ هئي، جيڪا لوسيءَ کي بہ کٽڪي وئي. هُنَ ڇني پنھنجي چولي‌ءَ اندر رکي ۽ پنھنجا هٿ ڪنڌ تي رکي، ڊڇندي ڊڇندي ميڊم ڊيفارج ڏي اک کڻي ڏٺو. ميڊم ڊيفارج بہ هن جي اکين ۾ اکيون وجھي وڏي بي دردي‌ءَ سان هن ڏي ڏٺو.

"پياري ڇڇري!" مسٽر لاري کيس سمجھائڻ لڳو. "سڙڪن تي روز فساد ٿي رهيا آهن ۽ تنھنجي لاءِ توڙي جو ڪو کٽڪو ناهي، پر پوءِ بہ ميڊم ڊيفارج جَن جي حفاظت ڪرڻ چاهي ٿي، انھن کي اڳتي سڃاڻپ لاءِ پنھنجي نظر ۾ رکڻ ضروري سمجھي ٿي." مسٽر لاري ٽنھي نَون آيلن جي سنگدلي‌ءَ واري شڪل ڏسي، هيڪندي جملو پورو ڪيو "ڪيئن؟ سٽيزن ڊيفارج! ڳالھ ائين آهي نہ؟"

ڊيفارج مايوسيءَ وچان پنھنجي زال ڏي ڏٺو ۽ هڪڙي رکي ها چئي چپ ٿي ويو.

"لوسي!" مسٽر لاري کيس سمجھائڻ واري انداز ۾ چيو "تون پنھنجي پياري ننڍڙي ۽ مس پروس کي هيڏي ونی آ. ڊيفارج! مس پروس انگريز خاتون آهي ۽ فرينچ هوليءَ کان ناواقف آهي."

محترما، جنھن کي سيني اجنبين جي پيٽ ۾، پنھنجي وڏائيءَ جو شديد احساس هو سا مصيبت ۾ بہ جھڪڻ واري نہ هئي. هُو پنھنجا ٻئي هٿ سيني تي ٻڌل هوندي، ونجنس کي انگريزي ۾ چوڻ لڳي. "سورمي! مون کي اميد آهي تہ تون خير سان هوندين!" ميڊم ڊيفارج کي بہ هڪ برطانوي ڪنگھ جو نمونو ڏيکاريو ويو، پر انھن ٻنھي ڪنھن ڳالھ جي پرواھ نہ ڪئي.

"چا هيءَ ننڍڙي هُنَ جي آهي؟" ميڊم ڊيفارج پهريون پيرو اُٺڻ وارو ڪم بند ڪري، لوسيءَ ڏي ائين اشارو ڪيو جڻ ته قسمت هن ڏي هٿ کڻي رهي هجي.

"ها، ميڊم!" مسٽر لاريءَ جواب ڏنو "هيءَ اسان جي غريب قيديءَ جي لاڏلي ۽ اڪيلو اولاد آهي."

ميڊم ڊيفارج ۽ هن جي ساٿين ننڍڙيءَ ڏي ڪجهه اهڙي ته وحشت واري انداز ۾ ڏٺو جو لوسي وسامي وئي ۽ بي اختيار زمين تي گوڏا ٽيڪي، ننڍڙي کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي ڇڏيو. پوءِ ميڊم ڊيفارج ۽ سندس ساٿين جو وحشت پريون نظرون ٻنهي ماءُ ڌيءُ تي پوڻ لڳيون.

"منهنجا مڙسَ! مون جيڪو ڪجهه ڏٺو آهي، سو گنج آهي." ميڊم ڊيفارج چيو "مان هنن ماڻهن سان ملي چُڪس، هاڻي اسان کي هلڻ گهرجي."

هُنَ جا ڏهيل جذبا اندر ئي اندر ۾ ڪنهن خطري جي ترجماني ڪري رهيا هيا. لوسيءَ ڏڃي ميڊم ڊيفارج جو دامن پڪڙي، ڪيس التجا ڪئي، "تون منهنجي مڙس سان مهرباني ڪندينءَ نا هُنَ کي ڪو نقصان ته نه پهچندو نا؟ جي ممڪن ٿيو ته چا مون کي هن سان ملڻ جو موقعو ڏنو ويندو؟"

"منهنجو تنهنجي مڙس سان چا وڃي!" ميڊم ڊيفارج ڏاڍي سڪون سان چيس، "منهنجو واسطو ته توسان رهندو. ڇو ته تون پنهنجي پيءُ جي ڌيءُ آهين."

"منهنجي ڪري ئي سهي، منهنجي مڙس تي رحم ڪر. منهنجي ڌيءُ جي ڪري هُوءَ پنهنجا ٻئي هٿ ٻڌي توکان رحم جي خيرات گهرندي، ٻين جي پيٽ ۾ توهان ٻنهي کان اسان کي وڌيڪ ڊپ ٿو ٿئي."

ميڊم ڊيفارج لاءِ اها ڳالهه وڏي خوشي ڏيندڙ هئي، ۽ هُوءَ پنهنجي مڙس ڏي ڏسڻ لڳي.

ڊيفارج، جيڪو بوڪلائجي پنهنجو ڪنهن ڇهاڙيندي، زال ڏي ڏسي رهيو هو سو هاڻي ڪجهه بي رحمي ڏيکارڻ لڳو.

"تنهنجي مڙس ڇنيءَ ۾ لکيو آهي." ميڊم ڊيفارج خطرناڪ مرڪ سان ڳڏ ڇيو "پهُچَ، ڪنهن هلندي پُڇندي‌ءَ جو ذڪر هوا؟"

"هُنَ لکيو آهي تہ" لوسيءَ تڪڙ ۾ ڪاڦر اَنگيءَ مان ڪيڏي ميڊم ڏسندي ڇيو "منهنجي پيءُ جي هتي ڏاڍي هلندي پُڇندي آهي."

"جيڪڏهن اِنَ هلندي پُڇندي‌ءَ جي ڪري هُو آزاد ٿي سگهي ٿو تہ ائين ئي سهي." ميڊم ڊيفارج ڇيو.

"مان هڪ زال ۽ ماءُ جي حيثيت ۾ توکي التجا ٿي ڪيان." لوسيءَ منٽ ڪيس. "مون تي رحم ڪر ۽ پنهنجي هَلندي پُڇَندي، منهنجي بي ڏوهي مڙس خلاف استعمال ڪرڻ بدران، سندس حمايت ڪر. پيڙ! ياد رکج تہ مان هڪ زال ۽ هڪ ماءُ جي حيثيت ۾ منٽ ٿي ڪيان‌ءَ."

ميڊم ڊيفارج وڏي‌ءَ بي رخيءَ سان منٽ ڪنڌ ٿي نظر وڌي ۽ پنهنجي ساٿياڻي ونجنس ڏي منهن ڪندي چوڻ لڳي. "جڏهن اسان هن ننڍڙي‌ءَ جي عمر جون هيون سين، تڏهن اسان جن زالن ۽ مائرن کي ڏٺو انهن تہ ڪنهن جو به لحاظ نہ ڪيو هو. اسان انهن جي ابن ڏاڏن ۽ انهن جي مڙسن کي اڪثر وڇڙندي ۽ قيد ۾ سڙندي ڏٺو آهي. اسان جون پينرون سڄي عمر مصيبتون سهنديون رهيون آهن. اُهي ۽ سندن ٻار بک، اگهاڙپ، غربت، بيماريءَ، تباهيءَ، ظلم، زيادتي ۽ هر قسم جي تڪليفن ۾ رهيون آهن."

"اسان‌اِنَ ڪان سواءِ ڏٺو ئي چاهي." ونجنس هن جي حمايت ڪئي.

"اسان گهٽي وقت تائين اهو سڀ ڪجهہ سهندا رهيا آهيون." ميڊم ڊيفارج لوسيءَ کي ڇيو "انصاف ڪر. هڪ زال ۽ هڪ ماءُ سان ٽيندڙ وارتا سان. اسان جي حساب ۾ ڪهڙو فرق پئجي سگهي ٿو."

هُنَ ٻيهر اُٺڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ ڪمري مان نڪري هلي وئي. ونجنس هن جي پويان هئي. آخر ۾ ڊيفارج ٻاهر ويندي، ڪمري جو در بند ڪري ڇڏيو.

"پياري لوسي! همت کان ڪم وٺ." مسٽر لاريءَ هن کي اُتارينديچيو "همت ۽ جرئت کان ڪم وٺ. اڄا تائين تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ

آهي. اسان جو حال ڪيترن ئي غريبن کان بهتر آهي. دل وڏي ڪر ۽ خدا جو شڪر ادا ڪر."

"مان ناشڪري ناهيان. پر هُنَ موڏي عورت کي ڏسي، منهنجين سيني اميدن مٿان پاڻي پئجي ٿو ويجي. هر پاسي هڪڙو پاڇو ڏسڻ ۾ ٿو اچي."

"هُش. . . هِنَ ننڍڙي دلير سيني ۾ ايڏي مايوسي!" مسٽر لاري چيو "چا چيئي؟ پاڇو ٿو نظر اچئي. ها، اهو رڳو پاڇو ئي ته آهي، ان ۾ ڪابه سچائي ناهي."

ان جي باوجود، هُنَ جي دل تي به ڊيفارج ۽ ميبل ڊيفارج جي تاريڪ نگاهن جو پاڇو پئجي رهيو هو ۽ هُو به ڏاڍو پريشان هو.



باب چوٽون

طوفان جي وچ ۾ سڪون

ڊاڪٽر مينٽ چوٽين ڏينهن صبح جو موٽيو. گهٽا واقعا اهڙي ته سُڻي نموني سان لڪايا ويا هيا، جو فرانس کان واپسيءَ تائين، لوسيءَ کي خبر ئي نه پئي. هڪ زماني کان پوءِ کيس سُڌَ پئي ته مردن ۽ عورتن کي ملائي، مختلف عمرن جا يارهن سَئو بيوس قيدي، عام ماٺهن هٿان ماريا ويا. انهن چئن ڏينهن ۾ چئن راتين ۾ قتل جي راند متل هئي، ۽ سڄو ماحول مقتولن جي رت سان آلو هو. اُنَ مَهلَ لوسيءَ کي رڳو ايترو علم هو ته قيدخانن تي ڪاهه ڪرڻ جي ڪري، سڀني سياسي قيدين جي جان خطري ۾ هئي ۽ ڪِن کي وري هجوم ٻاهر گهِلي قتل ڪري ڇڏيو.

مسٽر لاريءَ کي ڊاڪٽر مينٽ رازداريءَ جي اجائيءَ تاڪيد سان گڏوگڏ ٻڌايو ته هُو هجومَ سان گڏ قتلام جي ميدان مان لنگهندي، لافورس جي قيدخاني تائين پهتو هو. قيدخاني ۾ ججن جي هڪ خود ساختا ڪميٽي، قيدين جي لاءِ هڪ ٻئي پٽيان حڪم جاري ڪندي هئي. ڪنهن کي قصاص، ڪنهن کي رهائي جا ۽ ڪِن کي وري ڪال ڪوٺڙين ۾ واپس موڪلڻ جا فيصلا ٻڌايا پئي ويا. ڊاڪٽر کي همراهن ونِي ويي انهن ججن اڳيان پيش ڪيو. جڏهن هُنَ هي بيان ڏنو هو ته هُو ٻائيتاليهن سالن تائين بنان ڪنهن ڏوهه جي باستيل جي جيل ۾ 'راز جو قيدي' رهيو هو تڏهن عدالت جي هڪ ميمبر، جنهن جو نالو ڊيفارج هو تنهن اِنَ ڳالهه جي تصديق ڪئي هئي.

ميز تي رکيل رجسٽر ڏسڻ کان پوءِ ڊاڪٽر کي خبر پئي هئي ته سندس نياڻو قيد ۾ جيئرو آهي. انهيءَ قيديءَ پنهنجي رهائي ۽ جان

بخشڻ جي درخواست ڪئي آهي ۽ شروع ۾ اڳوڻي دور جي هڪ معتبرَ مصيبت جي ماريلَ جي حيثيت ۾ ڊاڪٽر جي ايڏي تہ وڏي جوش سان پليڪار ڪئي وئي، جو سندس چوڻ تي چارلس ڊارني کي ان قانون جي خلاف ٿهيل عدالت ۾ روبرو پيش ٿيڻ جي موڪل ۽ ملي وئي. هُو آزاد ٿيڻ وارو ئي هو جو اوچتو کا رڪاوٽ پيدا ٿي پئي، جنهن جو مطلب سمجهڻ ڏکيو هو. ان سلسلي ۾ ڳجهہ ڳوهہ ۾ کا صلاح ڪئي وئي، جنهن کان پوءِ صدر اطلاع ڏنو تہ قيدي حوالات ۾ ئي رهندو، پر ڊاڪٽر جي ڪري هُنَ جي سلامتيءَ جو پورو بندوبست ڪيو ويندو. قيديءَ کي ترت ئي جيل جي اندرئين حصي ڏي موڪليو ويو. ڊاڪٽر مينٽ اهو ڏسي زوردار التجا ڪئي تہ هن کي ۽ پنهنجي نياڻي سان ڪجهہ ڏينهن رهڻ جي اجازت ڏني وڃي تہ جيئن ڪيس اطمينان ٿي وڃي تہ سندس نياڻي کي ڪنهن بدنيتي يا غلط فهميءَ جي ڪري، قاتلن جي هجوم جي حوالي نہ ڪيو ويندو. هُنَ کي اها موڪل ملي وئي ۽ هُو خطري جي ٽري وڃڻ تائين اُنَ مقتل گاهہ ۾ ترسيل هو.

هُنَ ننڍ ڪرڻ ۾ ماني کائڻ جي مختصر وقفن کان سواءِ، باقي وقتن ۾ جيڪي نظارا ڏٺا، اهي ٻڌائي سگهڻ جهڙا ناهن. هڪ پاسي ڪجهہ قيدين جي رها ٿيڻ تي چَرين وانگر خوشي، ٻئي پاسي ٽڪر ٽڪر ٿيڻ وارن بدنصيبن جي خلاف پاڳلن واري ڪاوڙ. ڊاڪٽر جو بيان هو تہ هڪ آزاد ٽيل قيديءَ کي سڙڪ تي، هڪ وحشيءَ غلطيءَ وچان پالو هڻي زخمي ڪري ڇڏيو. هُو جڏهن ان قيديءَ جي مرهم پٽيءَ لاءِ ڪانڪ کان ٻاهر نڪتو تہ هُنَ ڏٺو تہ سامرين جهڙا نيڪ دل ماڻهو زخميءَ کي پنهنجي هنج ۾ ڪيون ويٺا آهن. اِهي اُهي ئي ماڻهو هيا، جيڪي پنهنجي مقتولن جي سيني تي چڙهي ويٺا هيا. عجيب فطري تضاد هو تہ اهي ئي ماڻهو ڊاڪٽر جي مدد ڪندي زخميءَ کي وڏيءَ همدرديءَ سان ڏولي۽ ۾ وجهي اُتان کڻي ويا ۽ وري موٽي اچي پنهنجا هٿيار سنيالي ورتائون ۽ قتلام جو اهڙو تہ هنگامو برپا ڪيائون جو ڊاڪٽر مينٽ پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ بيهوش ٿي ڪري پيو.

ان راز جي گفتگو ۾ مسٽر لاريءَ پنهنجي دوست جو چهرو ڏسي محسوس ڪيو تہ ٻاهٺ سالن جي عمر ۾ اهڙي قسم جي وحشت ناڪ تجربن جي ڪري، هن جي پراڻي بيماري وري موٽي اچڻ جو خطرو پيدا ٿي پيو آهي. پر هن انهيءَ کان اڳ ڪڏهن پنهنجي دوست کي اهڙي موقف سان نہ ٻڌو هو ڪڏهن هن جي ڪردار جي اهڙي پاسي تي نظر نہ پئي هيس. ڊاڪٽر کي پنهنجي عمر ۾ پهريون پيرو احساس ٿيو هو تہ سندس اڳوڻيون مصيبتون، هاڻوڪيءَ قوت جو راز آهن. انهيءَ ٻاهر ۾ تپي ئي اُهو فولادي ارادو وجود ۾ آيو آهي، جنهن جي وسيلي هُو پنهنجي نياڻي جي قيد جو در کولي. هُنَ کي رهائي ڏياري سگهي ٿو. اهو ڪم سڀ آهي، جنهن جو انجام بہ سُڀ آهي. منهنجا دوستا منهنجيون مصيبتون اجايون نہ ويون. جيئن منهنجي پياري ڏيءَ مون کي نئين زندگي بخشي آهي، ائين ئي مان هُنَ جي سپ کان پياري شئي کيس موٽائي ڏيندس. مان خدا جي مدد سان اهو فرض پورو ڪندس. ڊاڪٽر مينٽ ائين چوڻ لڳو ۽ جڏهن جاروس لاريءَ سندس اکين ۾ چمڪ ۽ چهري تي پختو عزم ڏٺو تڏهن کيس پڪ ٿي وئي تہ هن شخص جي زندگي، جيڪا بيئل گهڙي وانگر هئي ۽ ڪيترن سالن تائين بيڪار ٿي وئي هئي، سا هاڻ پهريون کان اڳ تيزيءَ سان حرڪت ۾ اچي ويندي.

ڊاڪٽر مينٽ جَنِ مخالف حالتن سان هن وقت مقابلو ڪري رهيو هو انهن کان وڌيڪ تڪليفون بہ هجن ها، تڏهن بہ هُنَ جو عزم ڪامياب ٿئي ها. هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ سندس واسطو هر انسان سان هيو. اهو آزاد هجي يا غلام، امير هجي يا غريب، نيڪ هجي يا بَدِ. هُنَ اهڙي تہ ڏاهپ کان ڪم ورتو جو جلد ئي ٽن قيدخانن جو نگران ڊاڪٽر ٿي ويو. انهن ۾ لانفورس جو قيدخانو بہ شامل هو. هن لوسيءَ کي اطمينان ڏياريو تہ هاڻي سندس مڙس اڪيلائيءَ واري قيد ۾ ناهي، پر عام قيدين سان گڏ گهاري رهيو آهي ۽ هُو پنهنجي نياڻي سان هر هفتي ملاقات ڪندو هو ۽ پنهنجي ڏيءَ جا ڏلاسو ڏيندڙ پيغام هن کي پهچائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سندس مڙس ڪن ٻين ذريعن وسيلي

لوسيءَ ڏي لکت ۾ پيغام موڪليندو هو پر هُوءَ انهن جو لکت ۾ جواب نه ڏئي سگهندي هئي. چو ته قيدخانن وارن جون اجايون بدگمانيون گهٽو ٿيو اهڙين سازشن وارن شڪن تي ٻڌل هيون. جن ۾ وطن ڇڏي ويلن جا ٻاهرين ماڻهن سان رابطا پيدا ڪرڻ جو ڪنڪو سيني کان وڌيڪ هو.

ڊاڪٽر جي زندگيءَ ۾ واقعي بہ پريشانين جي ڪوٽ نه هئي. پوءِ بہ مسٽر لاريءَ جي عقل اندازو ڪري ورتو ته هاڻي هن ۾ هڪڙي حوصلي منديءَ جو احساس پيدا ٿي ويو آهي. مسٽر لاريءَ جي لاءِ اهو انڪشاف ڏاڍو دلچسپ هو. ڊاڪٽر مينٽ جاڻي پيو ته هِنَ وقت تائين سندس قيد جو زمانو سندس نياڻيءَ ۽ سندس دوست جي نظر ۾ رڳو هڪ شخص جو آلميو هو. پر هاڻي ان جي نوعيت بدلجي وئي هئي. هاڻ ڪيس احساس هو ته سندس اڳوڻي مصيبت ئي سندس هاڻوڪيءَ طاقت جو ڪارڻ آهي. جنهن جي وسيلي چارلس کي رهائي ڏياري سگهي ٿو. ڊاڪٽر مينٽ جو ڪنڌ فخر وچان اوچو ٿي ويو هو ۽ هر مامري ۾ ٻنهي جي رهنمائي ڪرڻ لڳو هو. جيئن طاقت ور انسان ڪمزورن جي دستگيري ڪندا آهن. لوسيءَ جو ۽ هن جو اڳوڻو موقف بدلجي ويو هو. پر اها تبديلي احسان منديءَ ۽ محبت جي جذبن جي اثر هيٺ ٿي هئي. هُنَ کي رڳو هڪ شئي تي ئي فخر ٿي پيو سگهي ۽ اها هيءَ ته اڄ هُو پاڻ پنهنجي بهترين مددگار ۽ پياري چوڪري جي مدد ڪرڻ لائق آهي. "ڏاڍو دلچسپ مامرو آهي." مسٽر لاري سوچڻ لڳو. "بلڪل فطري ۽ سئو سيڪڙو صحيح. . . منهنجا دوستا رهنمائي ڪندو وڃ. . . هِنَ ڪم لاءِ توکان وڌيڪ بهتر ٻيو ڪو بہ ناهي."

ڊاڪٽرَ چارلس کي رهائي ڏيارڻ يا گهٽ ۾ گهٽ هن جي ڪيس جي ٻڌڻيءَ لاءِ لک ڪوششون ڪيون. پر عام راءِ هن جي خلاف هئي. تنهنڪري هُنَ کي ترت ڪا ڪاميابي نصيب نه ٿي سگهي. نئين دور جي شروعات هئي. بادشاهه تي ڪيس هلائي. سندس قسمت جو فيصلو ڪري ڇڏيو هيائون ۽ هُنَ جو سِرُ ڏڙ کان ڌار ٿي چڪو هو. آزادي، برابري، پائيچاري يا موت جي ري پبلڪ، پاڻ سان ٽڪر ۾ آيلَ

دنيا جي خلاف فتح يا موت جو اعلان ڪري چڏيو هو. ناتري ڊيم جي اوچن برجن وٽ، رات ڏينهن ڪارا جهنڊا ڦڙڪي رهيا هئا. روءِ زمين جي ظالم حاڪمن خلاف هٿيار کڻڻ جي عام اپيل تي، ٽي لک رنگروٽ، فرانس جي هر علاقي مان نڪري پيا هيا. ائين پئي لڳو ته آندارين پوکيون ويون آهن ۽ واڇوڙا ڦٽي رهيا آهن. ميدانَ ۾ پهاڙَ ٽڪرين ۾ ويران ڪيتَ، ساوا ستابا علائقا، ڏکڻ جو گرم خطو ۾ اتر جا جهڙالا پاسا، ڏهٽيون ۾ ٻيلا، انگورن جا باغ ۾ زيتونن جا جهڱٽا، ندين جا زرخيز ڪپر ۾ سمنڊ جا واريا سا ساحلَ، ڪٽي به ڪا پناهه نه هئي. اِنَ طوفان جو مقابلو ڪرڻ، ڪنهن به بني بشر جي وَسَ جي ڳالهه نه هئي. آزاديءَ جو پهريون سال هو ۾ اها ٻوڏ ڏرتيءَ جي متاڇري تان اُٿي هئي، آسمان جي ڇت تان نه ڪِري هئي. آسمان جون سيئي دريون بند هيون ڪا به ڪانه ڪلي هئي.

بنان ڪنهن وقفي جي بي رحمي ۾ بدامني جي فضا ۾ ڪن پل لاءِ به آرام نه هو. وقت جو هر پيمانو ڏٽي ڇڪو هو. رات ۾ ڏينهن جو ڇڪر توڙي جو ساڳيو ئي هو جيئن ازل کان رهندو آيو هو ۾ صبح ۾ شام به ساڳي نموني گذري رهيا هيا، پر زماني جي گردش جا ٻيا ماپا ختم ٿي ڇڪا هيا. سڃيءَ قوم ٽُڙ ۾ ورتل هئي. ڪڏهن ته شهر جي غيرفطري ماڻ کي ٽوڙڻ لاءِ، جلادُ بادشاهَ جو ڪپيل ڪنڈ ڏيکاريندو هو ۾ ڪڏهن وري ائين لڳندو هو ته ان ئي گهڙيءَ سهڻيءَ راڻيءَ جي منڊي پيش ڪئي پئي وڃي، جنهن راڻي جا وار ائٽن مهينن جي رنڊائپ ۾ قيد جي مصيبتن جي ڪري اڇا ٿي ويا آهن.

پوءِ به جيڪڏهن ان قانون جي تضاد تي غور ڪيو وڃي، جيڪو انهن حالتن ۾ هميشه ظاهر ٿيو آهي ته هُنَ ڪنوڙ جهڙي تيز رفتار باوجود ڪافي وقت ورتو آهي. گاديءَ جي هنڊ ۾ هڪ انقلابي عدالت، سڃي ملڪ ۾ چاليهه پنجاهه هزار انقلابي ڪميٽيون، شڪي ماڻهن وارو قانون، جنهن ڪري ڪنهن جي جان ۾ مال محفوظ نه هئا ۾ ڪو به نيڪ دل انسانُ، خبيث ڏوهارين جي رحم ڪرم تي چڏي سگهجڻ، پيو. بي گناهن سان تار پريل قيدخانا، جتي ڪنهن جي ٻڌڻي نه ٿيندي

هئي. اهي شيون عام هيون ۽ ڪجھ هفتن کان پوءِ ائين محسوس ٿيڻ لڳو تہ جڻ اهو سڀ ڪجھ قديم زماني کان ائين ئي هلندو پيو اچي.

خاص ڪري هڪ خبيث شڪل سان ماڻھو اهڙا تہ هري ويا. جو جڻ اها ازل کان وٺي عوام جي اڳيان رهي هجي ۽ اُنَ تکي مزاج واري عورت جو نالو هوءِ مس گلوٽين!

هُوءَ ٽوٽڪن ۽ لطيفن جو عام موضوع هئي. مٿي جي سُوَر جو بهترين علاجُ. وارن کي آڇي ٿيڻ کان بچائڻ جِي هڪ ٽِپُ دوا. مُنهَن کي صحتمند ڪرڻ وارو تيلُ. قومي حجامت جي پاڪي. جنهن بہ مِس گلوٽين کي چمي ڏني، تنهن جو دريءَ مان جهاتي پائڻ ۽ ٽيلهي ۾ نِڇُون ڏيڻ لازمي هو. هُو انساني نسل جي نئين زندگيءَ جي خوشخبري هئي. صليب کان وڌيڪ پاڪ. سينن تي صليب بجاءِ هُنَ جا نمونا لڙڪيل هيا. صليب جا منڪر هُنَ جي اڳيان جهڪندا ۽ مٿس ايمان آڻيندا هئا.

هُنَ ايترا تہ ڪنڊ لاڻا هيا، جو سندس رنگ ۽ ان زمين جو رنگ جنهن زمين کي هُنَ پليد ٻڌائي ڇڏيو هو سو ڳاڙهو ٽي ويو ايجا بہ ڏڪار جوگو ٻڌجي ويو هو. شيطان جي نندڙي راندیڪي وانگر ڪڏهن هُنَ جا ٽُڪر ڏار ڪيا ويندا هيا ۽ ڪڏهن وري اهي گڏي جوڙيا ويندا هيا. هُو واتوڙين تقرير بازن جو وات بند ڪري ڇڏيندي هئي. طاقت وَرن کي ڪيرائي وجهندي هئي ۽ بينڪن ۽ حسينائن جو انت آڻي ڇڏيندي هئي. هُنَ هڪ ڏينهن صبح جو هاويهہ منٽن ۾ هاويهہ عظيم دوستن جا ڪنڊ لاڻا هئا. جن مان ايڪيهہ جيئرا ۽ هڪ مئل بہ شامل هو. هُنَ جي نگران کي انجيل مقدس جي پراڻي عهدنامي جي هڪ سورمي جو نالو ڏنو ويو هو پر هي سورمو پنهنجي هم نام سيمسن کان وڌيڪ طاقتور ۽ وڌيڪ انڊو هو ۽ ڏاڙي پاڪ خدا جي عبادت گاهن جا در پيچندو هو.

ڊاڪٽر مينٽ انهن پوائنٽن خطرن وچ ۾ وڏيءَ خوداعتماديءَ سان گهاريندو هو. هُنَ کي پنهنجي سگهہ تي پروسو هو پوءِ بہ هُو وڏي احتياط سان پيرَ کڻندو هو. هُنَ کي پڪ هئي تہ هُو نيٽ هڪ ڏينهن لوسيءَ جي

مڙس کي بچائي ونڊندو. ان اطمينان ۾ پروسي جي هوندي به حالتن جو وهڪرو ايڏو ته تکو هو جو چارلس هڪ سال ڏيڍ مهينو قيد ۾ پيو رهيو. ڊسمبر جي مهيني ۾ انقلاب جون طاقتون ايتريون ته شرپسند ٿي ويون هيون. جو ڏکڻ جا درياءَ زوري غرق ڪيل هزارين بدنصيبن جي لاشن سان پرجي ويا ۽ اُتر جي ٽڏن علاقن ۾ قيدين کي قطارن ۾ بيهاري گوليون هنيون پئي ويو. انهن خطرن جي هوندي به ڊاڪٽر جي دل مضبوط هوندي هئي. پيرس ۾ ان وقت هِنَ کان وڌيڪ ڪو به مشهور نه هو. ڪنهن جو به موقف ايترو عجيب ۽ غريب نه هو. هُو هر لحاظ کان بي مثال ماڻهو هو. ٽورَ ڳالهائُو نرم دل. اسپتال ۾ جيل ۾ هڪ جيترو مقبول. هُو پنهنجي فن سان قاتلن ۽ گهايلن کي بنان ڪنهن فرق جي. هڪ جيترو فائدو پهچائيندو هو. هُو پنهنجي ڏنڊي جي پريڪٽس ۾ باستيل جي قيدي هجڻ ڪري خاص درجو رکندو هو. هُنَ مٿان شڪ ڪرڻ ائين هو جيئن ڪنهن ارڙهن سال اڳ واري قبر مان اٿي ايندڙ مُئل جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪرڻ يا ڪنهن روح بابت پڇا ڪرڻ جيڪو روح انسانن جي وچ ۾ گهاري رهيو هجي.

باب پنجون

آري هلائيندڙ

پندرهن مهينا گذري چڪا هيا. ان وچ ۾ لوسيءَ کي هر گهڙي اهو ڊپ لڳل هوندو هو ته نه ڄاڻ ڪهڙيءَ گهڙيءَ سندس مڙس جي منڊي لاٿي ويندي، سزا ملیل ماڻهن سان پريل گاڏيون ڍهاڙي پٽراون رستن مٿان لوڏا کائيندي گذرنديون هيون. سهٽيون چوڪريون ۽ ڏهين مايون، ڪنهن جا ڪارا ڪاڪل ۽ ڪنهن جا پُورا يا بادامي زلف. نوجوان چوڪرا، مضبوط مرد ۽ ڪراڙا انسان، شريف شهري ۽ پهراڙيءَ جا هاري، سيني جو رت مِس گلوٽين لاءِ ڳاڙهو شرابُ سيني کي ڏڪار جوڳن قيدخانن مان ڏهاڙي ٻاهر روشنيءَ ۾ آندو ويندو هو ته جيئن انهيءَ جهان جي قاتل حسينا جي خوني اڇ لهي. آزادي، برابري، پائيچارو يا موت. موت ئي سڀ کان سستو تحفو هو هاڻا مس گلوٽين.

اوچتي آيل مصيبت ۽ زماني جي گردش جي مقابلي ۾ لوسيءَ جو اِرادو هيٺو پئجي وڃي ها ته اها ڪا حيرت جي ڳالهه نه هجي ها. پر ان تاريخ کان، جنهن تاريخ تي هن سينٽ جيري ۾ پنهنجي ڪراڙي پيءُ جي اڇي مٿي کي، پنهنجي ڳچيرو سيني سان لاتو هو تڏهن کان هن پنهنجي فرض جي پوراءَ ۾ ڪا ڪوتاهي نه ڪئي هئي. آزمائش ۽ مصيبت جي هن دور ۾ هُوءَ ايجا وڌيڪ ڏڙتيءَ سان پنهنجا فرض ادا ڪرڻ لڳي، جيئن سيني نيڪ ۽ سڄڻ انسانن جو گڻ هوندو آهي.

هتي ايندي ئي سندس والد پنهنجي ڪاروبار ۾ مصروف ٿي ويو ۽ هُوءَ گهر جو سامان ائين سليقي سان رکڻ ۾ لڳي وئي، جيئن هُوءَ پنهنجي مڙس جي هوندي ڪندي هئي. هر شئي جي هڪ مقرر ٽيل جاءِ ۽ هر ڪم جو مقرر وقت هيو. ننڍڙي لوسيءَ جي پڙهائي جو ايڏو

ئي خيال ڪندي هئي. جيڏو انگلينڊ ۾ رکندي هيس. هُوءَ مختلف الڪلن سان پنهنجو پاڻ کي. هن خوش فهمي ۾ ريجهائي رکندي هئي ته سندس مڙس موٽي اچڻ وارو آهي. هُو هن جي ترت موٽي اچڻ جون ننڍيون وڏيون تياريون ڪندي هئي ۽ هن جي ڪرسي ۽ ڪتابن کي سجائي رکندي هئي ۽ راتين جو سپني بدنصيب قيدين مان. هڪ قيديءَ لاءِ خاص دعا گهرندي هئي. دل جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ بس اهي ئي ڪجهه طريقا رهجي ويا هيا.

هن جي ظاهري حالت ڪا گهٽي نه بدلي هئي. سادي ڪاري پوشاڪ، جيڪا ماتمي لباس سان ملندڙ جلندڙ هئي، سا هن مائيءَ جي بت تي هوندي هئي. سڪون ۽ سک واري زماني وانگر. هُوءَ هاٿي ۽ ڪپڙن جي صفائيءَ جو پورو خيال رکندي هئي. منهن جو رنگ سوٽورو ڦِڪو ٿي ويو هيس ۽ گم سر رهڻ لڳي هئي. نه ته هن جي حسن ۽ جمال ۾ ڪا ڪمي نه آئي هئي. هُوءَ ڪڏهن ڪڏهن رات جو پيءَ جي نرڙ تي چمي ڏئي. زارئون زار روئڻ لڳندي هئي ۽ چوندي هئي ته دنيا ۾ هن کان سواءِ منهنجو ٻيو ڪو به سهارو ناهي. هُو سدائين وڏي حوصلي سان جواب ڏيندو هيس. "لوسي! منهنجي علم کان سواءِ هن کي ڪو به حادثو پيش نه ٿو اچي سگهي. مان جاڻان ٿو مان هن کي بچائي سگهان ٿو."

ائين رهندي، ڪجهه هفتا نه گذريا هيا ته هڪ ڏينهن سندس والد ڪيس چيو "پياري! قيدخاني جي پٽ ۾ هڪ مٽاهين دري آهي. جتي ڪڏهن ڪڏهن ٽيپهريءَ جو چارلس جي رسائي ٿي سگهي ٿي. جڏهن به هُو پنهنجين تڪليفن تي قابو پائي اُتي پهچي سگهي. هن جو چوڻ آهي ته تون دڳ تي هڪڙي خاص جاءِ وٽ بيٺي رهه ته پوءِ هُو توکي ڏسي سگهندو پر تون هن کي نه ڏسي سگهندين. پياري ڏيءَ! جيڪڏهن تنهنجي نظر پئجي سگهي، تڏهن به ڪو خاص قسم جو اشارو ڪرڻ خطرناڪ هوندو."

"بابا! مون کي اها جاءِ ٻڌاءِ، مان ڏهاڙي اُتي ويندیس."

ان ڏينهن کان لوسي هر موسم ۾ اُتي وڃي ۽ ڪلاڪ انتظار ڪندي هئي. ۽ ٽيندي ئي اتي پهچي ويندي هئي ۽ چئين ڀڄي ٻيوس

ٿي موٽي هلي ايندي هئي. مِينهُن يا ٽڏ گهٽي نه هوندي هئي ته نندڙيءَ کي گڏ وٺي ويندي هئي. بهرحال ڪوڏينهن به وٺي نه وڃهندي هئي.

هڪڙي نندڙي گهٽيءَ جي اونداهين ۾ گندي موڙ وٽ، جتي آري هلائيندڙ جي ڪوٺڙيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو مڪان نه هو هُوءَ پٽ سان لڳي بيٺي رهندي هئي. ٽئين ڏينهن تي آري واري جي نظر هن تي پئي.

"سلام! ستيزن خاتون!"

"سلام. ستيزن!"

اهڙي قسم جي ادابن سلامن لاءِ ڪي سرڪاري حڪم جاري نه ٿيا هيا. وطن پرست هڪ زماني کان هڪٻئي کي ائين مخاطب ڪندا هيا. پر هاڻي ته اهو قانون بڻجي ويو هو.

"ستيزن خاتون! هتي ٽيلار پيا ٿين!؟"

"ستيزن! تون پاڻ ڏسي رهيو آهين."

آري وارو جيڪو ڪنهن زماني ۾ بيلدار هوندو هو بندري قد جو هو جنهن کي هٿ نچائي ڳالهائڻ جي عادت هئي. هن ٻنهين هٿن جون آڱريون پنهنجي منهن تي رکي شِيخُن جي شڪل ٺاهي ۾ مرڪڻ لڳو. "منهنجو انهن ڳالهين سان ڇا؟" اهو چئي ۾ پوءِ وري آريءَ سان ڪاٺي ڪپڻ کي لڳي ويو.

ٻئي ڏينهن هُو لوسيءَ جي انتظار ۾ هو ۾ هن کي ڏسندي ئي چوڻ لڳو. "خاتون ستيزن! تون هتي ٽيلار ڪري رهي آهين؟"

"ها، ستيزن!"

"واهه! هڪ ٻارڙي به گڏ آڻو. نندڙي ستيزن هيءَ تنهنجي ماءُ آهي؟"

"چا، مان ها چوان!؟" نندڙي لوسيءَ ماءُ کي پاڪر وجهندي چيو.

"ها، پياري!"

"ها، ستيزن!"

"خير! منهنجو انهيءَ سان ڪهڙو واسطو. منهنجو پنهنجي ڪم سان ڪم. هيءَ آري ڏسين ٿي نه مون هن جو نالو نندڙي گلوٽين رکيو آهي. لالالا ۾ ڪندو ويو."

ڪاٺيءَ جو تختو ڪپجندي ئي هيٺ ڪريو ۾ هن ڪٽي ٽوڪريءَ ۾ وجهي ڇڏيو.

"هيءَ ٻارڻ واري ڪاٺي آهي ۽ مان هن جو سيمسن آهيان. ڏسجانءِ لا لا لا لا ۽ ڪنڌ ويو. ۽ هاڻي هڪ ٻار... ٽِڪ، ٽڪ... پِڪ، پڪ... ڪنڌ ويو. سڄو ڪٽنب صفا چَٽُ"

هن جڏهن ٻہ تختا ٽوڪريءَ ۾ وڌا تہ لوسي ڏڪي وئي، پر جيسين هُو ڪم ڪندو رهيو اهو ناممڪن هو تہ اتي بيٺل اهي ماڻهو هن جي اکين کان لڪل هجن ها. لوسيءَ انهيءَ ڏينهن هن کي خوش ڪرڻ لاءِ سپ کان اڳ ۾ هن سان گفتگو ڪرڻ ۽ شراب پيئڻ لاءِ ڪيس انعام ڏيندي هئي.

هُو هر شئي جي تاڙ ۾ رهندو هو. ڪيئي ڀيرا لوسي هن کان بي خبر ٻڌي، قيدخاني جي ڇت تي اکيون جمايون. پنهنجي مڙس جي خيال ۾ گم رهندي هئي تہ هُو بڙبڙ ڪري هن کي چرڪ پرائيندو هو. بينچ تي گوڏا ڀيڇيون، آريءَ هٿ ۾ جهليون چوندو هيس، "منهنجو انهيءَ سان ڇا؟" ۽ پوءِ آري هلائڻ کي لڳي ويندو هو.

ڪا ٻہ مند هجي. سياري جي برف پوندي هجي يا بهار جون تيز هوائون، گرمين جي تکي اُس هجي يا سرءُ جا مينهن ۽ وري ٻيهر سياري جي برف باري. لوسي هر مند ۾ ڏهاڙي ٻہ ڪلاڪ هتي ايندي هئي ۽ موٽڻ مهل قيدخاني جي ڀت کي چمي ڏيندي هئي. هن کي پيءُ جي زباني معلوم ٿيو تہ سندس مڙس هن کي ڪڏهن هڪ اڏ ڀيرو تہ ڪڏهن ٽي چار ڀيرا ڏسي وٺندو هو. ڪڏهن پندرهن ڏينهن تائين ڏسڻ جو موقعو نہ ملندو هيس. بس اهائي غنيمت هئي، جو ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن، هوءَ هن کي جهلڪ ڏسڻ ۾ ايندي هئي. هُوءَ ان اميد تي هڪ ڏينهن تہ ڇا هڪ هفتو ٻہ اتي ترسڻ لاءِ تيار هئي.

انهن مصروفيتن ۾ ڏينهن گذرندا ويا. ايسيتائين ڊسمبر جو دهشت ناڪ مهينو ٻہ اچي پهتو. سندس والد ايترن خطرن جي هوندي ٻہ پنهنجي دل مضبوط ڪري ڇڏي هئي. شام جي مهل هئي، هلڪي هلڪي برف باري ٿي رهي هئي. هُوءَ ساڳي جاءَ تي پهتي. ان ڏينهن جشن ملهايو پئي ويو ۽ ماڻهو خوشيءَ وچان آپي مان نڪتا پئي ويا. هن ايندي ڏٺو تہ مڪانن کي بڙچين سان سينگاريو ويو آهي، جن تي

ننڍيون ننڍيون ڳاڙھيون ٽوپيون ۽ ٽِ رنگيون ربينون ھنيون ويون ھيون. ھر پاسي، اھائي ٽِ رنگي لکت نمايان آھي، 'نہ ورھائجي سگھندڙ پبلڪ آزادي، برابري، يائيچارو يا موت.'

غريب آريءَ واري جو دڪان ايترو ته ننڍو ھو جو اُتي ان رنگين داستان جي لاءِ ڪا گھٽي جڳھ نہ ھئي. بھرحال ھن بہ اھا تحرير لکائي ڇڏي ھئي. رڳو موت جو لفظ زوري مسين غلط جاءِ تي ڏٻي لکيو ويو ھو. ھڪ سُني شھريءَ وانگر، ھن پنھنجي ڇت تي بڙڇي ۽ ٽوپي ھنئي ھئي ۽ ڪنڌ ۾ پيل آريءَ تي 'پاڪ وليائي ننڍڙي گلوٽين' لکي ڇڏيو ھو. ان تيز مزاج واري قاتلہ کي ھاٿي ولايت جو رتبو بہ ملي ويو ھئائين. دڪان بند ھو ۽ آريءَ وارو اُتي موجود نہ ھو. لوسي اطمينان سان اڪيلي بيٺي ھئي.

پر ھُو کو گھٽو پري نہ ھو. ٿوري دير کان پوءِ لوسيءَ جي ڪنن ۾ رڙين وارا پريشان ڪندڙ آواز پوڻ لڳا ۽ پوءِ قيدخاني جي ڀت جي موڙ وٽ ھڪ ھجوم ظاھر ٿيو جنھن جي اڳيان اڳيان ونجنس ۽ آري ھلائيندڙ ھَٿُ ھٿ ۾ ڏيون ھلي رھيو ھا. . پنج سَئو آدمي، پنجن ھزار شيطانن وانگر نچي رھيا ھيا ۽ ڳائي رھيا رھيا ھئا. بس ايترو ئي راڳ جو انتظام ٿيل ھو. ھُو انقلابي گيت ڳائيندي ائين نچي رھيا ھيا، جڙ تہ ڪي مچريل انسان ھڪ ئي وقت ڪاوڙ ۾ ڏند ڪُرٽيندا ھجن. ڪجھ مردن سان گڏ ڪجھ مايون بہ نچي رھيون ھيون. مطلب تہ جنھن کي جيڪو بہ ساٿي ملي ويو اھو ان سان نچڻ ۾ مصروف ھو. پھريون تہ ماٺھو مڙئي ٽينگ ٽپا ڏئي رھيا ھيا، پر جيئن ئي ماٺھو وڏندا ويا ۽ لوسيءَ جي پرسان گڏ ٽيندا ويا، تيئن ئي ناچ ۾ چَريائپ پيدا ٽيندي وئي. ھڪڙا دائري ۾ نچندي نچندي بيھوش ٿي پئي ويا تہ وري ٻيا اڳتي وڌي ٿي آيا. ائين ھن ھن چئن چئن جون ٽوليون ٺھنديون، اڳتي وڌنديون ۽ پوئتي ھٽنديون رھيون. نچڻ شروع ٿي پئي ويو ۽ وري بند ٿي پئي ويو. وري شروع ٿي پئي ويو ھڪڙي معصوم ورونھن ھاٿي شيطاني راند ٻڌجي وئي ھئي. ھڪ صحتمند سرگرمي رت ٺھڪائڻ جو ذريعو ٻڌجي وئي ھئي، جنھن جي ڪري

ماڻهن جا دل ۽ دماغ گندا ٿي رهيا هيا. هن ناچ ۾ جيڪا خوبي هئي، سا به اڻ وٽندڙ پئي لڳي. جيئن نيڪي ۽ بدي جا سيئي پيمانا بدلجي ويا هجن. ڪامٽين جا ڪليل سينا ننڍڙين حسينائن جي مستي ۽ خاڪ ۽ خون ۾ ناز ۽ انداز سان ڪچندڙ قدم، اصل ۾ اهي سڀ بي جوڙ حالتن جا نمونا هئا.

انقلاب پسندن جي انهيءَ ناچ جو نالو 'ڪارمينول' هو. ميڙ ٽڙي پکڙي وڃڻ کان پوءِ، ڏنل ۽ حيران رهجي ويل لوسي آريءَ واري جي در تي بت بني بيٺي هئي. آسمان تي پکين جي پرن جهڙا برف جا اڇا ٽڪرا هوري هوري ڌرتيءَ تي ڪري رهيا هيا. انهن تي هل هنگامي جو ڪوبه اثر نه پيو هو.

پنهنجين اکين تان هٿ هٽائڻ کان پوءِ، لوسيءَ ڏٺو ته سندس پيءُ سامهون بيٺو آهي. "منهنجا پيارا بابا!" هن چيو. "ڪيڏي نه بي رحميءَ پريو تماشو آهي!؟"

"منهنجي جند! مون کي خبر آهي. مون اهي نظارا ڪيئي ڀيرا ڏٺا آهن. گهبراءِ نه. توکي ڪير به نقصان نه ٿو پهچائي سگهي."

"مون کي پنهنجي باري ۾ ڪٿتي ناهي، بابا! مون کي جڏهن پنهنجي مڙس جو خيال ٿو اچي ۽ هنن ماڻهن جو حرڪتون..."

"اسان ترت ئي هن کي هنن ماڻهن جي رحم ڪرم کان آزاد ڪرائي وٺنداسين. مان جنهن مهل اُتان هليو آهيان، تڏهن کان هُو جاري تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. مان توکي هن جو اطلاع ڏيڻ آيو آهيان، تون چاهين ته چت ڏي ڏسي، پنهنجي هٿ کي چُمي ڏئي سگهين ٿي."

"بابا! هي ڏس... مان پنهنجي چميءَ سان گڏ پنهنجو روح به نياپي طور موڪلي رهي آهيانس."

"ويچاري منهنجي ڇڄڙي! چا تون هن کي ڏسي نه ٿي سگهين."

"نه بابا! بلڪل نه" لوسيءَ پنهنجي هٿ کي چُمي ڏئي روئندي چيو.

برفاني دڳن تي پيرن جو آواز... ميڊم ڊيفارج..."ستيزن خاتون! سلام!" ڊاڪٽر چيو.

"سٽيزن! سلام." ميڊم جواب ڏنو ۽ ايترو چئي هُوءَ پاڇي وانگر اتان گم ٿي وئي.

"منهنجي جند! مون کي پنهنجي هٿ جو سهارو ڏي. توکي هن جي خاطر همت ۽ حوصلي کان ڪم وٺڻ گهرجي. . . شاباش!" هن جي وڃڻ کان پوءِ پٽس چيو "محنت اجائي نه ويندي. سياٽي چارلس جي ٻڌڻي آهي."

"سياٽي!"

"اسان کي تڪڙ نه ڪرڻ گهرجي. مان پوريءَ ريت تيار آهيان. پر ڪي پيش بنديون عدالتن جي سامهون ئي ڪري سگهجن ٿيون. هن کي اطلاع نه مليو آهي. پر مان ڄاڻان ٿو ته هن کي سياٽي طلب ڪيو ويندو ۽ هن کي حوالات ۾ رکيو ويندو آهي. مون کي بروقت اطلاع ملي چڪو آهي. تون ڏڃين ته نه ٿي نـا"

"مون کي توهان تي پروسو آهي." هُوءَ ايترو مس چئي سگهي.

"ها. مون تي پورو پروسو رک. هاڻي آس ۽ نراس جي حالت ختم ٿي چڪي. منهنجي جندڙي! هُو ڪجهه ڪلاڪن ۾ ئي توسان اچي ملندو. مون پنهنجي وس آهر هن جي حفاظت جا انتظام ڪري ڇڏيا آهن. مان ٿورو لاريءَ سان ملي اچان."

هُو ٻيهي رهيا. سندن ويجهو قيٽن جي گڙگڙ ٻڌڻ ۾ اچي رهي هئي. هُو ٻئي ان جو مطلب خوب سمجهندا هيا. هڪ هڪ، ٻه ٻه ٽي ٽي گاڏيون، پنهنجين بدنصيب سوارين کي کنيون، برف تي هلنديون پئي ويون.

"مان ٿورو لاريءَ سان ملي اچان ٿو." ڊاڪٽر لوسيءَ کي ٻئي پاسي هٽائيندي، پنهنجي ڳالهه ورجائي.

هُو ڪراڙو مرد اڃا تائين پنهنجي فرض کيل جاءِ تي ٻيهي، پنهنجي ڊيوٽي ادا ڪري رهيو هو. جنهن جائيداد کي ضبط ڪري قومي ملڪيت ڪيو ويندو هو ان جو حساب وٺڻ لاءِ مسٽر لاريءَ جي ۽ هن جي رجسٽرن جي ضرورت گهٽو ڪري پوندي رهندي هئي. جيڪو ڪجهه خانگي مالڪن لاءِ بچي سگهيو پئي، سو هن بچايو. ٽيلسن جي امانتن جو هن کان وڌيڪ ستو نگران ٻيو ڪير نه هو.

ڳاڙهي ڦڪي آسمان تي ٽوري ٽوري اونداهي پکڙجي رهي هئي. سِينَ درياءَ مان ڏنڈ اُٿي رهيو هو. ان مهل سج لهڻ وارو هو. هن جي بينڪ پهچندي پهچندي اونده ٿي چڪي هئي. نامياري رئيس جو شاندار محل بلڪل ويران ٿي چڪو هو. آڪر واري ڪن ڪچري جي ڊير تي هڪ تختي لڳل هئي، "قومي ملڪيت، متحد ۽ نه ورهائجي سگهجندڙ- ري پبلڪ آزادي، برابري ۽ پائيچارويا موت."

پنهنجو جو ڪوٺ ڪرسيءَ تي رکيون. مسٽر لاريءَ سان گڏ ڪو لڪيو ويٺو هو. . . اهو نئون آيل همراهه ڏڪندڙ دل ۽ حيران اکين سان پنهنجي محبوبا کي ڳل لائڻ لاءِ ڪٽان اچي نڪتو هو ۽ هن جي محبوبا جا لفظ ڪنهن جي اڳيان ورجائي رهيو هو. جڏهن ته هُنَ ڪمري کان ٻاهر نڪرندي، در ڏي منهن ڪندي ڏاڍيان چيو هو:

"حوالات ۾ روڊو ويو ۽ سپاٽي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو."

باب ڇهون

ڪاميابي

پبلڪ پراسيڪيوٽر، پنهنجي ڏُنَ جي پڪن جيوري جي ميمبرن ۽ پنجن ججن تي مشتمل، قهر ۾ ٻڌل عدالت جو اجلاس ڏهاڙي ٿيندو هو. هنن جي تيار ڪيل فهرست هر شام جو مختلف قيدخانن ڏي موڪلي ويندي هئي، جتان جا جيلر قيدين کي پڙهي ٻڌائيندا هئا. اهڙن موقعن تي جيلر عام طور تي مذاق ۾ چوندا هئا، "اندر ويهي چا ٿو ڪرين؟ٻاهر اچ ۽ ٿورو شام جي اخبار جا اطلاع ٻڌ!"

"چارلس ايورمونڊ عرف ڊارني."

نيٺ شام جي اخبار ائين شروع ٿي.

جڏهن بہ ڪو نالو پڪاريو ٿي ويو، تڏهن اهو ماڻهو اڳتي وڌي، ان جاءِ تي اچي بيهي پئي رهيو، جيڪا اهڙي قسم جي بدنصيبن جي لاءِ مقرر ڪيل هئي. چارلس ايورمونڊ عرف ڊارني ان طريقي ڪار کان واقف هو. هن سوين ماڻهن کي ائين سڏاريندي ڏٺو هو.

هن جي ٽلهي متاري جيلر، جنهن کي سڏائين عينڪ پاتل هوندي هئي، تنهن اهو ڏسي، تہ قيدي ۽ پنهنجي جاءِ سنڀالي ورتي آهي، لسٽ مان ٻيا نالا پڙهڻ شروع ڪيا. هُو هر نالو پڙهڻ کان پوءِ ترسي، اطمينان ڪري پيو وٺي. ڪل ٽيويهہ نالا پڪاريا ويا، پر ويهہ قيدي حاضر هئا. باقي ٽن مان هڪ جيل ۾ مري چڪو هو، پئي کي ڦاهيءَ چاڙهيو ويو هو پر اهي ٻَالهيون سندن ذهن مان نڪري ويون هيون. فهرست انهيءَ هال ۾ پڙهي وئي، جتي ڊارني قيدخاني جي ٻين ساٿين سان پهرين رات ملیو هو. اهي سڀ ماڻهو قتلام وسيلي دنيا مان موڪليا ويا هيا. هر اهو ماڻهو، جنهن کان هُو واقف هو، سو هن کان جدا ٿيڻ کان پوءِ ڦاهيءَ چاڙهيو ويو هو.

'خدا حافظ' ۽ 'مهرباني' جا چند اکر چئي، سيئي موڪلائي ويندا هئا. اها ڏهاڙي جي ڪرت هوندي هئي. ان ڏينهن شام جو لافورس جا رهاڪو هڪ ڪنسرٽ ۾ ڪجهه جَرماني راندين جي تياري ۾ رڌل هيا. اهي سيئي شِيخن وٽ اچي روئڻ لڳا. بهرحال ويهن ماڻهن جي جاءِ راندين ۾ خالي ٿي رهي هئي ۽ ترت ئي ڪو ٻيو بندوبست ڪرڻو هو. چو ته ڪونڊرين جي بند ٽيڻ جو وقت ويجهو هو ۽ پوءِ هُو دالان ۾ وڏن ڪمرن ۾، رات جي نگراني ڪرڻ وارن ڪتن جي قبضي ۾ هليا وڃن ها. ائين نه هو ته ڪو قيدي پٽر دل يا بي درد هيا. پر انهن جا طور طريقا سندن حالتن جا نتيجا هيا. حوالات جو دڳ اونداهو ۽ مختصر هيو. ڪيڏن سان پريل ڪال ڪونڊرين جي رات ڏِڪي ۽ ٽڏي هئي. ٻئي ڏينهن چارلس ڊارني جو نالو پڪارڻ کان اڳ، پندرهن قيدين کي گهرائي ڏيڍ ڪلاڪ جي اندر سيني کي سزائون ٻڌايون ويون هيون.

نيٺ "چارلس ايورمونڊ عرف ڊارني" جو وارو آيو.

جج صاحب پرن واريون ٽوپيون پايون. اجلاس هلائي رهيا هيا. ٻين جي مٿن تي بيڪار ڳاڙهيون ٽوپيون ۽ ڙِ رنگا طرا هئا. جيوري جي ميمبرن ۽ شرپسند ويٺلن کي ڏسي، هن کي محسوس ٿيو ته ابتو زمانو اچي ويو آهي ۽ بي ايمان ڏوهاري، ايماندار بي ڏوهين جي قسمت جو فيصلو ٻڌائي رهيا هئا. شهر ۾ ڪميٽن، ظالمن ۽ بدمعاشن جي ڪوٽ نه هئي. انهن ۾ جيڪي سيني کان وڌيڪ ڪِريل، ظالم ۽ بدمعاش هيا، تن جو ان تماشي ۾ وڌيڪ عمل دخل هو. تبصرن، تعريفن، مذمتن، اڳڪٿين ۽ فيصلن ۾، تڪڙ ڪرڻ لاءِ گوڙ متل هو. مرد گهٽي ياڳي هٿياربند هيا. عورتن مان ڪن جي هٿن ۾ خنجر ۽ چُرا هيا ۽ ڪي وري ڪائڻ پيئڻ ۾ مصروف هيون. گهٽيون عورتون اُٺڻ جو ڪم ڪري رهيون هيون. انهن مان هڪ عورت وٽ اُٺڻ جو سامان ضرورت کان گهٽو هو. اُها پهرينءَ قطار ۾، هڪ مرد جي پرسان وينِي هئي. ان کي ڊارنيءَ شهر ۾ گهڙڻ کان پوءِ ڪڏهن نه ڏٺو هو پر هن کي ياد هو ته اهو ڊيفارج آهي. عورت هن سان سس پس ڪري رهي هئي. ڊارني سمجهي ويو ته هُوءَ ان جي زال آهي. پر هن کي حيرت هن ڳالهه تي هئي

تہ هُو ايترو ويجهو هوندي بہ هن ڏانهن ڏيان نہ ڏئي رهيا آهن ۽ هُو وڏيءَ شدت سان فيصلي جا منتظر هيا. سندن نگاهون جيوري تي ڪُتل هيون. پريزيڊنٽ جي ڪرسيءَ جي پويان اڳ وانگر ڊاڪٽر مينٽ سادي لباس ۾ موجود هو. ڊارني سيني کي ڏسي جاڻي سگهي ٿيو تہ ويٽلن مان ڊاڪٽر ۽ مسٽر لاري رڳو اهي بہ همراهہ اهڙا هيا، جن انقلاب جي بيڪار وردين بدران پنهنجي عام پوشاڪ پاتي هئي.

پبلڪ پراسيڪيوٽر جو مطالبو هو تہ قانون جي حساب سان جيڪو بہ وطن چڏي ويندڙ (ياڇوڪڙ) موتي، اچي اهو موت جي سزا جو حقدار آهي. ان ڪري چارلس ايورمونڈ عرف ڊارني کي بہ ياڇوڪڙ جي حيثيت ۾ موت جي سزا ملڻ کپي. اها ڳالهہ الڳ هئي تہ اهو قانون هن جي موٽي اچڻ کان پوءِ لاڳو ٿيو هو. بهرحال هُو اتي موجود هو ۽ اهو قانون بہ پنهنجي جاءِ تي موجود هو ۽ هن کي فرانس ۾ گرفتار ڪيو ويو هو تنهنڪري هن جي منڊي لاهڻ کپي.

"هن جو ڪنڌ لاٿو وڃي." ويٽلن گوڙ ڪيو "هي ري پبلڪ جو دشمن آهي."

پريزيڊنٽ ماٿهن کي مات ڪرائڻ لاءِ گهنٽي وڄائي ۽ قيديءَ کان پڇيو تہ ڇا اهو سچ ناهي تہ هُو ڪيئي سال انگلينڊ ۾ رهيو آهي.

بنان ڪنهن شڪ جي اهو سچ هو.

ڇا هُو پڳوڙو نہ هو. هن جو نالو ڇا هو.

قانون ۾ ان اصطلاح جي جيڪا سمجهاڻي ڏني وئي هئي، ان جي حساب سان هُو پاڻ کي پڳوڙو باور نہ پيو ڪري سگهي.

چو نہ؟ پريزيڊنٽ ان جو ڪارڻ جاڻڻ گهري پيو.

ان ڪري، جو تہ هن پنهنجي خوشيءَ سان پنهنجو پسنديده خطاب چڏي ڏنو هو. هن پنهنجي خوشيءَ سان پنهنجو اڻ وٽندڙ عهدو چڏيو هو ۽ انهن ڏينهن ۾ وطن چڏيو هو جڏهن پڳوڙپي جو هاڻوڪو قانوني اصطلاح رائج نہ هيو ۽ هُو فرانس ۾ رهي مفت ۾ دولت اڏائڻ بدران انگلينڊ وڃي پنهنجي پگهر جي ڪمائيءَ تي زندگي گهارڻ چاهي پيو.

ان ڳالهه جو هن وٽ ڪهڙو ثبوت هو؟

هن ہن شاهدن جا نالا پيش ڪيا. هڪ ٿيوفيل گيبل ۽ ٻيو اليگزينڊر مينٽ.

پر هن جي شادي انگلينڊ ۾ ٿي هئي. پريزيڊنٽ ياد ڏياريس.

بي شڪ، پر انگريز عورت سان نه ڪئي هئي.

ڇا اها فرينچ نسل جي عورت هئي.

ها، هُوءَ فرانس ۾ ڄائي هئي.

هن جو نالو ڇا آهي؟ هُوءَ ڪهڙي ڪنب سان لاڳاپو رکي ٿي.

لوسي مينٽ. ڈاڪٽر مينٽ جي اڪيلي ڌيءَ. ڈاڪٽر صاحب به هتي وينا آهن.

ان جواب جو ويٺلن تي ڏاڍو سٺو اثر ٿيو. ڈاڪٽر جي ساراهه ۾ هال گونجڻ لڳو. ايڏا ڪجهه دير اڳ جيڪي پوائتا چهرا قيدي ڪي چيري ڦاڙي، ڪائي وڃڻ جي لاءِ گهوري رهيا هئا، هاڻ انهن جي اکين مان رحم جا ڳوڙها وهڻ لڳا.

چارلس ڊارني خطرن جي مقابلي لاءِ هر وک تي ڈاڪٽر مينٽ جي صلاحن تي عمل ڪندو رهيو. اهائي محتاط صلاح هر موقعي تي هن جي رهنمائي ڪري رهي هئي.

پريزيڊنٽ ڪانئس پڇيو ته هُو اڳ ۾ فرانس موٽي ڇو نه آيو؟

هُو اڳ ۾ فرانس ان ڪري موٽي نه سگهيو جو هُو هتان پنهنجي جائيداد تان هٿ کٽي چڪو هو ۽ هن جو ٻيو ڪو معاشي وسيلو نه هيو. ان جي ابتڙ هُو انگلينڊ ۾ فرانسيسي ٻوليءَ ۽ ادب جي تعليم ڏئي، روزي ڪمائيندو هو. هاڻي وطن موٽي اڃڻ جو سبب هي هيو ته هڪ هم وطن ڪيس لکيو هو ته منهنجي نه هوندي، سندس مٽان مصيبت اچي پئي آهي ۽ پرزور التجا ڪئي هيائين ته جلد کان جلد هيڏي اچان. هُو هڪ شهريءَ جي بچائڻ جي لاءِ پنهنجي جان خطري ۾ وجهي هيڏي آيو آهي ۽ خطرن جي هوندي به سچائي ظاهر ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. ڇا ري پبلڪ جي نظر ۾ اهو ڏوهه آهي.

عوام گوڙ ڪيو "ڪڍهن ٻه نه" ۽ انهن کي ماڻ ڪرائڻ لاءِ پريزيڊنٽ گهنٽي وڄائي. پر ماڻهو ماڻ ڪرڻ بدران يڪو "ڪڍهن ٻه نه" جا نعرا هڻندا رهيا. ايسين تائين جو نيٺ پاڻ ئي ٽڪجي ويهي رهيا.

پريزيڊنٽ ان شهريءَ جو نالو پڇيو. ملزم جواب ڏنو ته اهو شهري ملزم جو پهريون شاهد آهي. هن وڏي اعتماد سان ان خط جو حوالو ڏنو جيڪو ڪائنس چوڪيءَ تي ورتو ويو هو ۽ ان جو پريزيڊنٽ جي اڳيان پيش ڪيل ڪاغذن ۾ هجڻ يقيني هو.

ڊاڪٽر مينٽ ان جو انتظام ڪري چڏيو هو ۽ هن کي پڪ ڏياري هئائين ته اهو ڪاغذ موجود آهي. ڪارروائي جي اتي پهچڻ شرط اهو ڪاغذ پڙهيو ويو. سٽيزن گيبل کي شاهديءَ لاءِ پيش ڪيو ويو. . . سٽيزن گيبل وڏي احتياط ۽ نوڙت سان عرض ڪيو ته ري پبلڪ جي دشمنن جي ڪيسن جي گهٽائي ڪري، محب وطن ججن ڪيس شايد وساري چڏيا آهي. مطلب هي ته ايپي جي قيدخاني ۾ تي ڏينهن اڳ تائين ڪنهن کي شايد سندس خيال نه آيو. في الحال هن کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويجي. جيوري جي ميمبرن جي هن بيان تي ته سٽيزن ايور مونڊ عرف ڊارني جي پڪڙجڻ کان پوءِ، هاڻ هن تي ڪو به الزام باقي ناهي رهيو. هن کي رها ڪيو ويو.

پوءِ ڊاڪٽر مينٽ کان آڏي پڇا ڪئي وئي. هن جي مقبوليت ۽ سچ ڳالهائڻ جي ڪري سندس اثر پيو. جڏهن هن ڏاهپ، خلوص ۽ سچائيءَ سان سيئي واقعا بيان ڪيا ۽ ٻڌايو ته ڊگهي قيد مان رهائي کان پوءِ، ملزم ئي سندس پهريون دوست هو جنهن سان هُو مليو هو ۽ انگلينڊ جي جلاوطنيءَ دوران ملزم هميشه هن جو ۽ سندس چوڪريءَ جو سڀ دوست رهيو ۽ اتان جي لاردز جي حڪومت مٿس انگلينڊ جو دشمن ۽ آمريڪا جو دوست قرار ڏئي، ڪيس هلايو هو. اهو ٻڌي جيوري به عوام سان گڏجي وئي. نيٺ جڏهن هن التجا ڪئي ته هتي موجود سندس انگريز دوست مسٽر لاريءَ کان، جيڪو هتي موجود آهي ۽ انگلينڊ واري سڄي ڪيس کان واقف آهي، تنهن کان ان سڄي روداد جي تصديق ڪرائي وڃي ته جيوريءَ چيو ته شاهديون گهٽيون ملي

چڪيون آهن ۽ جيڪڏهن پريزيڊنٽ چاهي تہ هُو پنهنجي راءِ ڏيڻ جي لاءِ تيار آهن.

جيوري جي ميمبرن وڏي واڪي هڪ ٻي پنهنجي راءِ ڏني. هر هڪ راءِ تي عوام وڏي واکاڻ سان گڏ شاباشون ڏنيون. سپ رايا ملزم جي حق ۾ هيا ۽ پريزيڊنٽ سندس رهائيءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو.

پوءِ اهي حيرت ناڪ مظاهرا شروع ٿيا، جن سان عوام پنهنجي دل وندرائيندو هو. چلولائٽ چئو يا رحم دلي ۽ سخاوت وارا نيڪ جذبا يا پنهنجين ظالماڻين حرڪتن جي پرپائي جو جذبو يا شايد ٻئي محرڪ جو نتيجو سمجهو. بهرحال ان ۾ رحم جو عنصر ڇٽو هو. رهائيءَ جو فيصلو جاري ٿيندي ئي ائين ڪوڙها وهڻ لڳا. جيئن رت وهندو هو ۽ ايترن مردن ۽ عورتن هن کي پنهنجي سڳي ياءُ وانگر ڳل لڳايو جو هُو ڏکهي قيد جي ڪمزوريءَ کان پوءِ بيهوش ٿي ڪري پوڻ وارو هو. ان محبت جي اظهار جي باوجود. هن ڄاتو پئي تہ اهي ئي ماڻهو غالبن ڪنهن ٻئي جذبي جي اثر هيٺ اڄي مٿس ٽٽي پون ها ۽ ساڳيءَ ئي شدت سان سندس ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏين ها.

ٻين ملزمن جي ڪري، جن جو ڪيس هاڻي هلڻو هو. هنن کي اتان هٽڻو پيو ۽ ائين هُو وڏيڪ پاڪرن پائڻ جي خفي کان بچي پيو. پنجن ملزمن مٿان هي الزام هو تہ اهي ري پبلڪ جا دشمن آهن، ڇو تہ انهن پنهنجي قول ۽ فعل سان ري پبلڪ جي مدد نہ ڪئي هئي. سزا ڏيڻ جو هڪ موقعو جيئن تہ هاڻي هٿن مان نڪري چڪو هين، تنهنڪري قوم جي ٽيل نقصان جي پوراءُ لا، جج ايڈا تہ بي چين هيا، جو انهن پنجن ملزمن کي ٻيڻي پير سزا ٻڌائي وئي تہ چوويهن ڪلاڪن اندر هنن جون منڊيون لاٽيون وڃن. انهن مان هڪ جيل جي اشارن جي زبان ۾ آگر مٽي ڪري ڀارني کي ان ڳالهہ جو اطلاع ڪيو ۽ اهي سپ ملزم هڪ آواز ٿي رڙ ڪري چوڻ لڳا، "ري پبلڪ آباد"

ان ۾ شڪ ناهي تہ انهن پنجن قيدين جي ڪيس کي ڏکهو ڪرڻ جي لاءِ ويٽلن مان ڪو به نہ هو. جڏهن ڊاڪٽر مينٽ ۽ ڀارني ٻاهر نڪتا تہ ڦاٽڪ تي وڏي رش هئي، جنهن ۾ عدالت ۾ ويٽل عام ماڻهو به

شامل هيا. سواءِ ٻن جڻن جي، جن کي ڳولهي لهڻ ۾ ڏکيو هو ٻاهر نڪرندي ئي ميڙ ٻيهر هن جي مٿان ٽٽي پيو. وري اهي ئي ڳوڙها، پاڪر ۾ اهي ئي نعرا. ڪڏهن ڏار ڏار ته ڪڏهن گڏجي هنيا ويا.

عدالت جي هال يا ڪنهن ٻئي ڪمري مان ڪجهه ماڻهو وڏي ڪرسي کڻي آيا ۽ ڊارني کي ان تي ويهاري، ڪرسيءَ تي هڪ ڳاڙهي جهنڊي لڳائي وئي ۽ بڙڇيءَ تي ڳاڙهي ٽوپي ڦهائي. ڪرسيءَ جي پُٺ سان هڏو ويو. ڊاڪٽر جون منٽون ان مهل ڪارائتيون ثابت نه ٿيون ۽ ميڙ فتح جي جشن واري شان سان، ڊارني جي ڪرسي پنهنجن ڪلهن تي کڻي روانو ٿي ويو. ڳاڙهين ٽوپين جي ان ٻوڏ ۾ نه جاڻ الائي ڪيترا ٽڪا ماندا جهرا ايري رهيا هئا ۽ چا ته هنگامو هو. پر ڊارني جي منتشر سوچن ۾ جيڪا ڳالهه هرهر اچي رهي هئي، سا هيءَ ته هن کي شايد قيدين واريءَ گاڏيءَ ۾ ويهاري، سولیءَ چاڙهڻ وٽيون پيا وڃن.

جلوس پاٽيءَ مان نڪتو پئي ويو. جيڪو کين ڏڪ ۾ مليو پئي، ان کي پاڪر ٿي پاتائون ۽ ڊارني سان واقف ٿي ڪرايائون. هُو اڇين برفاني سڙڪن مٿان ري پبلڪ جو ڳاڙهو رنگ چڙڪائيندا پئي ويا. هُو ڊارني کي ان جاءِ تي وٺي ويا، جتي هُو رهندو هو. لوسيءَ جو پيءُ کيس اڳ ۾ ئي سڀ ڪجهه ٻڌائي چڪو هو. هن جڏهن مڙس جي سامهون آئي، تڏهن بيهوش ٿي سندس ٻانهن ۾ ڪري پئي.

هن لوسيءَ جي پُٺ ميڙ ڏي ڪري، هن کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي ڇڏيو ته جيئن هن جي ڳوڙهن سان پنل سهڻن چپن کي ڪير به ڏسي نه سگهي. ڪي ماڻهو خوشيءَ وچان نچڻ لڳا، ترت ئي ٻيا به انهن ۾ گڏجي ويا ۽ آخر ۾ انقلابي ناچ شروع ٿي ويو. پوءِ ميڙ هڪ نوجوان عورت کي آزاديءَ جي ديوي بڻائي ڪرسيءَ تي ويهاريو ۽ سڀ جا سڀ جلوس جي شڪل ۾ مختلف دڳن تا گذرڻ لڳا ۽ درياءَ جي ڪپ ۽ پُل تائين پهچندي ميڙ ايڏا وڏو ٿي ويو ۽ سيئي ڇرين جيئن انقلابي ناچ ۾ شريڪ ٿي ويا.

ڊارني پهريون ڊاڪٽر مينٽ سان هٿ ملايو. جيڪو فاتحاڻي انداز ۾ فخر سان اُتي بينو هو. پوءِ مسٽر لاريءَ سان مليو. جيڪو انقلابي ناچ

جي چڪر مان پاڻ بچائي ڏيکندو اتي پهتو هو. پوءِ ننڍڙي لوسيءَ کي چميون ڏنائين. جنهن سندس ڳچيءَ ۾ بانهون وجهي چڏيون هيون. پوءِ هُو خلوص سان پريل مس پروس کي پاڪر پائي مليو جنهن ننڍڙيءَ کي هنج تي کنيو هو ۽ پچاڙيءَ ۾ لوسيءَ کي پاڪر ۾ پري ڪمري ڏي ڪٽي ويو.

"لوسي! منهنجي جند منهنجي جان! مان صحيح سلامت آهيان."

"هاءِ! پيارا چارلس! مان خدا کان دعا گهرندي رهي آهيان. تون مون کي چڏ تہ مان گوڏا ٻيجي خدا جو شڪر ادا ڪيان."

سيئي وڏيءَ نوڙت ۽ عاجزيءَ وچان ادب ۽ احترام سان جهڪي پيا. هُو جنهن مهل وري ڀارنيءَ جي هنج ۾ آئي. تڏهن هن چيو "منهنجي جند! تون هاڻي پنهنجي بابا سان ڳالهه ٻولهه ڪر. سڄي فرانس ۾ هن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ مون لاءِ اهو سڀ ڪجهہ نہ ڪري سگهي ها."

ورهيہ اڳ، جيئن ڊاڪٽر مينٽ لوسيءَ جي چاتيءَ تي پنهنجو ڪنڌ رکيو هو اڄ تيئن هن وري پنهنجي پيءُ جي چاتيءَ تي پنهنجو ڪنڌ رکي چڏيو.

هُو خوش هو تہ هن انهيءَ محبت جي موت ڏئي چڏي آهي. هن کي اهو احساس هو تہ مصيبت جو بدلو ملي چڪو آهي. هُو پنهنجي طاقت تي فخر محسوس ڪري رهيو هو. "پيءُ جي جان! ڪمزوري سڀ ڳالهه ناهي." هن کيس دلاسو ڏنو "تون ڏکي رهي آهين. مون هن جي جان بچائي ورتي آهي."



باب ستون

در کڙڪائڻ

"مون هن جي جان بچائي آهي." ڪٿي هي به هڪ سپنو ته ناهي، جنهن ۾ هُو اڪثر قيد مان ڇُٽي، هن سان اڇي ملندو هو. نہ هُو سچي پچي اڇي ويو آهي. ان جي باوجود سندس زال ڏڪڻ لڳي ۽ هن مٿان هڪ اَڇاتو پر شديد ڊپ ڇانيل هو.

ماحول ايڏو ته اونداهو ۽ ڳورو هيو. ماٺهو پَل ۾ تولو پَل ۾ ماسو ۽ انتقام پسند هيا. بي ڏوهين کي معمولي شڪ جي بنياد تي به بغض ۽ ساڙَ جي ڪري، وڏي پيماني تي موت جون سزائون ڏنيون پئي ويون ۽ سندس مڙس جهڙا نيڪ ۽ محبوب انسان گهٽي تعداد ۾ ڏهاڙي مري رهيا هيا، جنهن کان هُو بچي ويو هو. پر لوسيءَ جي دل هئي، جيڪا ان ٻوجهه کان آجي نہ پئي ٿي. سياري جي سنجها جي اوندهه ڇانئجڻ لڳي هئي ۽ هاڻ به ڏڳن تي اهي دهشت پسند گاڏيون ڊوڙي رهيون هيون. هُو پنهنجي ذهن ۾ انهن گاڏين ۾ وينل سوارين ۾ پنهنجي مڙس کي ڳولهيندي ڇرڪي پئي ۽ پوءِ هن جي بدن سان چنبڙي پئي ۽ ڏڪڻ لڳي.

هن جي پيءُ جو کيس دلاسو ڏيڻ ۽ هن جي عورتاڻي ڪمزوري جي مقابلي ۾ پنهنجي برتري ظاهر ڪرڻ به مزيدار نظارو هو. هاڻي نہ اها ڪونڙي هئي، نہ اها جُوتي سازي ۽ نہ وري اهو هڪ سئو پنج اُتريون برج. سندس دل جو مقصد حاصل ٿي چڪو هو. ڊاڪٽر مينٽ، چارلس جي جان بچائي ورتي هئي ۽ هاڻ اُهي سيئي هن جا ٿورائتا هيا.

گهر جو خرچ وڏيءَ ڪفايت سان هلي رهيو هو. چو ته مصلحت جي تقاضا به اها هئي ته ڏيکاءُ ڪري، ماٺهن جي مخالفت خريد نہ

ڪئي ويڃي پر سچ بہ اهو هو تہ هُو امير نہ هيا ۽ چارلس کي قيد جي زماني ۾ مليل خراب کاڌن ۽ پهريدارن جي پگهارن ۽ غريب قيدين جي امداد تي گهڻو خرچ ڪرڻو پيو هو.

هنن پنهنجي گهر ۾ ڪو بہ ملازم نہ رکيو ان ڪري بہ تہ هُو پنهنجي گهر ۾ ڪنهن جاسوس جو هجڻ برداشت نہ ڪيا ڪن ۽ ان ڪري بہ تہ هُو آسودا نہ هئا. آڪر جي ڪاڪ تي جيڪي سٽيزن ۽ مايون درباريءَ جا فرض پورا ڪندا هيا. اهي ڪڏهن ڪڏهن هنن جا ڪم بہ ڪري ڇڏيندا هيا. مسٽر لاريءَ جيري کي هنن وٽ مقرر ڪري ڇڏيو هو ۽ هُو انهن جو ساٿي بٽيل هو ۽ رات اتي ئي گذاريندو هو.

آزادي، برابري ۽ پائيچاري يا موت جي متحد ۽ اڻ ورهائجندڙ ري پبلڪ جو آرڊيننس جاري ٿيو هو تہ هر گهر جي در ٻاهران رهڻ واري جو نالو هڪ خاص ماپ جي اکرن ۾ چٽيءَ ريت لکيو ويڃي. ان ڪري مسٽر جيري ڪرنچر جو نالو هينئين در کي سونهن بخشي رهيو هو. شام ٿيڻ واري هئي. جيري هڪ پينٽر کي ساڻ وٺي اچي نڪتو جنهن کي ڊاڪٽر مينٽ ۽ چارلس ايورمونڊ عرف ڊارني نالي ۾ واڌارو ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو هو.

عالمگير ڊپ ۽ بي اعتماديءَ جي اونداهي ماحول ۾ زندگيءَ جا سمورا سادا طور طريقا بدلجي ويا هيا. ڊاڪٽر جي مڪان لاءِ ٻين مڪانن وانگر ڏاڙي جي گهرج جون شيون بہ هر ڏينهن شام جو ٿوري مقدار ۾ مختلف دڪاندارن کان ورتيون ويندیون هيون. افواهن ۽ اعتراضن کان بچڻ لاءِ اهو طريقو هلندڙ هو.

ڪجهہ مهينن کان خريداريءَ جو انتظام مس پروس ۽ مسٽر ڪرنچر جي حوالي هو. مس پروس ڏوڪڙ ڪٽي ويندي هئي ۽ مسٽر ڪرنچر ٽوڪرو پري ڪٽي ايندو هو. هر ڏينهن شام جو رستن تي مشعلن جي ٻرڻ مهل. هُو گهران نڪري بازار ويندا هيا ۽ ضروري سامان وٺي موٽي ايندا هيا. مس پروس ڪنهن زماني ۾ چگهي وقت تائين هڪ فرانسي گهراٽي ۾ رهي چڪي هئي ۽ جي چاهي ها تہ سني فرينچ سکي ويڃي ها. پر هن جو ان پاسي ڪو لاڙو ئي نہ هو. ان ڪري

هُوءَ مسٽر ڪرنچر وانگر هن پوليءَ کان، خود سندس چوڻ مطابق ان واهيات شئي کان واقف ئي نه هئي. هن جو عام طريقو هي هوندو هو ته هُوءَ بنان ڪنهن ديرِ جي، ڪنهن به شئي جو نالو وٺي، دڪاندار کان پڇندي هئي ۽ جي اهو نالو نه ايندو هيس ته پوءِ اها شئي ڪٽي وٺندي هئي ۽ ان مهل تائين موتائي نه ڏيندي هئي، جيسيتائين مناسب لاهو گاهو نه ٿي وڃي. واجبي اڳهه جي باري ۾ سندس اصول هي هيو ته دڪاندار جيتريون آڳريون ڪٽي ڏيڻ ٿيندو هو هُوءَ ان کان هڪ آڳر گهٽ ڪري ڏيڻ ٿيندي هئي ۽ ائين مُلهه طئي ٿيندو هو.

"مسٽر ڪرنچر!" مس پروس خوشيءَ وچان دوڙا ڀاڙها ڪري چيو "تون تيار آهين ته مان به تيار آهيان."

جيريءَ ڦاٽل آواز ۾ مس پروس جي خدمت لاءِ رضامندي ڏيکاري.

"ڪوڙ ساريون شيون گهرجن." مس پروس چيو. "گهٽو وقت لڳي ويندو. گهر جي سودي کانسواءِ اسان کي شراب به ونڊو آهي. جتان به ملي. اهي ڀاڙهي مٽي وارا خوب صحت جو جام پيئندا."

"توتي ڪهڙو فرق ٿو پوي، مس صاحبا!" جيريءَ جواب ڏنس. "هُو تنهنجي صحت جو جام پيئن يا وڏي صاحب جو."

"وڏو صاحب ڪير؟" مس پروس پڇيو.

مسٽر ڪرنچر هيڪندي وراڻيس ته هن جو اشارو ڪراڙي نِڪ ڏي هيو.

"واها!" مس پروس چيو "انهن ماڻهن جو مقصد معلوم ڪرڻ جي لاءِ، ڪنهن به ترجمان جي گهرج ناهي پوندي. انهن جو رڳو هڪ ئي مقصد هوندو آهي. فساد پکيڙڻ ۽ رات جي اونداهيءَ ۾ ڦچيون ڪپڻ."

"خاموش، پياري! خدا جو نالو اٿئي. ڪجهه احتياط ڪر." لوسيءَ چيس.

"ها، ها، ها. مان احتياط ڪنديس." مس پروس چيو "پر پاڻ ۾ چوڻ ۾ ڇاهي. مون کي اميد آهي ته بصر ڪائي، تماڪ چکڻ وارا ڏڪن تي نه ملندا. ٻڌا منهنجي جهرڪي! منهنجي موٽي اچڻ تائين آتشدان ڇڏي ڪاڏي به نه وڃجانءِ پنهنجي مڙس جو خيال رکجانءِ. تو هُنَ کي

ويڃائي پاتو آهي. منهنجي واپسيءَ تائين پنهنجو ڪنڌ هن جي ڪلهي کان پري نه ڪجانءِ. ڊاڪٽر مينٽا مان ويڃ کان اڳ هڪ ڳالهه پڇي سگهان ٿي؟"

"جيڪو دل ڇَوئي سو پڇ." ڊاڪٽر مرڪندي چيس.

"خدا جي واسطي آزاديءَ جو نالو نه ڪڍو. هتي گهرج کان وڌيڪ آزادي آهي." مس پروس چيو.

"پياري، خاموش!" لوسيءَ وري منٽ ڪيس.

"منهنجي جان!" مس پروس ڪنڌ لوڏيندي، قطعي لهجي ۾ چيس، "ڳالهه جو ڳانو هي ته مان هِز ميجسٽي ڪنگ جارج ٽئين جي رعيت آهيان." مِس ادب وچان جهڪي وئي، "ان ڪري منهنجو چوڻ آهي ته هنن ماڻهن جي سياست تي لعنت وجهه. انهن جي بدمعاشين جو بلو ڪر. خدا اسان جي بادشاهه کي سلامت رکي، هِز ميجسٽيءَ سان اسان جون اميدون لاڳاپيل آهن."

مسٽر ڪرنچر وفاداريءَ جي جوش ۾ اچي هرهر هن جا لفظ ورجائڻ لڳو جيئن گرجا ۾ ورجايا ويندا آهن.

"مون کي خوشي آهي ته تون هڪ جوشيلو انگريز آهين. ڪاش! تنهنجي نڙي سرديءَ جي ڪري خراب نه هجي ها." مس پروس واکاڻ واري لهجي ۾ چيس. "پر ڊاڪٽر مينٽا سوال هي آهي ته. . ." هُوءَ ويچاري اهم مامرن کي سدائين ائين ئي مٺاچري طور تي بيان ڪندي هئي ته جيئن هُو گهٽو پريشان نه ٿئي. "ڇا نڪري هلڻ جي ڪا اميد آهي؟"

"ايڏا نه. چارلس جي لاءِ اهو خطرناڪ ثابت ٿيندو."

"هُنهُن. . . هُنهُن. . . هُنهُن." مس پروس باهه جي سوجهري ۾، پنهنجي سونهري وارن واريءَ پياريءَ کي ڏسندي، ٽڏو ساهه پريندي چيو "تڏهن ته اسان کي صبر سان انتظار ڪرڻ ڪپي. بس ٻيو ڇا! اسان کي پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪري هيٺ لڪيو رهڻ ڪپي. جيئن منهنجو پاءُ سولومن چوندو هو. هل، مسٽر ڪرنچر!. . . تون هتي ئي هججانءِ منهنجي جهرڪي!"

هُو ٻئي ٻاهر هليا ويا. لوسي ۽ سنڈس مڙس ۽ سندن ننڍڙي ۽ ڊاڪٽر مينٽ ٻاهه جي پرسان وينا رهيا. مسٽر لاري ٿوري دير ۾ بينڪ کان اڇڻ وارو هو. مس پروس ڏيئو ٻاري ڪنڊ ۾ رکي ڇڏيو هو ته جيئن هُو ويهي ٻاهه جو مزو وٺي سگهن. ننڍڙي لوسي پنهنجي نانيِ جي ٻانهن پکڙيون ويٺي هئي ۽ هُو هن جي ڳَ ۾ هوري هوري هڪ کهاٽي ٻڌائي رهيو هيو. جنهن ۾ هڪ شانَ مانَ واري پريءَ پنهنجي هڪ محسن کي قيد مان ڇڏائي ورتو هو. هر پاسي ماٺ هئي ۽ لوسي اڳ کان وڌيڪ مطمئن هئي.

"هُو ڇا آهي؟" هن دانهن ڪري چيو.

"پياريِ! همت ڪر." هن جي پيءُ کهاٽي اڏ ۾ ڇڏي، هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ونندي چيو "تون ڪيتري نه وائڙي آهين. ڀَالهه ڀَالهه تي چرڪ ٿي پوين. ڪا ڀَالهه هجي يا نه گهبرائجي ٿي وڃين. منهنجي ڏيءَ ٿي ڪري ايڏو خوف!؟"

"بابا! مون کي شڪ ٿيو." لوسيءَ هيسيل آواز ۾ هڪندي چيو "ته... ڏاڪٽين تي ڪنهن اجنبيءَ جي پيرن جو ڪڙڪو ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي."

"منهنجي جانِ! ڏاڪٽين تي موت جي ماٺ ڇانيل آهي."

هن جي وات مان ايڏا اهي لفظ نڪتا ئي مس هيا، جو ٻاهر ڪنهن زور سان در کڙڪايو.

"بابا! هي ڇا ٿي ويو؟ چارلس کي لڪاءِ هن کي بچاءِ."

"منهنجي ڏيءَ!" ڊاڪٽر اٿي بيهي پنهنجو هٿ هن جي ڪلهي تي رکندي چيو. "مان هن جي جان بچائي چڪو آهيان. پياريِ! اهڙي هيٺي دل نه ڪهڙي ڪم جي. ٿورو در وٽ وڃي ڏسان ته صحيح."

هُن لالٽين کڻي، وڃين ڪمرن مان ٿيندي وڃي ٻاهريون در کوليو. فرش تي ٽڪ ٽڪ ڪري هلندڙ ڳاڙهين ٽوپين وارا چار بچڑا ماڻهو ترارون ۽ پستول کنيون ڪمري ۾ گهڙي آيا.

"ستيزن ايورمونڈ عرف ڊارني!" پهرئين چيو.

"هن سان ڪير ٽوملٽ ڇاهي؟" ڊارني پڇيو.

"مان هن سان ملڻ چاهيان ٿو. اسان هن سان ملڻ چاهيون ٿا. ايورموندا! مان توکي سڃاڻان ٿو. اڄ مون توکي عدالت ۾ ڏٺو. تون وري ري پبلڪ جو قيدي قرار ڏنو ويو آهين."

هُو اُتي ئي بيٺو رهيو. هن جي زال ۽ ڏيءَ ساڻس چنبڙيا رهيا. چٽني ايندڙن هن کي گهيري ۾ آڻي ورتو.

"کهڙي ڏوهه جي ڪري مون کي ٻيهر گرفتار ڪيو ويو وڃي؟"

"بس، بڪواس نه ڪر. اڄ رات تون حوالات ۾ گهاريندين. سياڻي توکي خبر پئجي ويندي تنهنجو ڪيس سياڻي هلندو."

ڊاڪٽر مينٽ جو رت ئي سڪي ويو. هُو انهن ايندڙن جي پهچڻ کان پوءِ لالٽين هٿ ۾ ڪنيون ۽ بت بڻيو بيٺو رهيو. ار ڳالهه ٻولهه کان پوءِ هن لالٽين هيٺ فرش تي رکي ڇڏي ۽ ڳالهائڻ واري جي قميص جو اُوني دامن پڪڙي، نرميءَ سان چوڻ لڳس. "تون چوين ٿو ته تون هن کي سڃاڻين ٿو. ڇا تون مون کي سڃاڻين ٿو؟"

"ها، ستيزن ڊاڪٽر! مان توکي سڃاڻان ٿو."

"اسان سڀ توکي سُڃاڻون ٿا، ستيزن ڊاڪٽر!" باقي ٻين ٽنهي ڄڻن ٻه چيو.

ڊاڪٽر مينٽ گم سم ٿي، هڪ هڪ جو منهن تڪڻ لڳو ۽ ڪجهه دير کان جهيڻي آواز ۾ چوڻ لڳو "ڇا توهان هِنَ سوال جو جواب ڏيندئو ته اهو سڀ ڪجهه پلاٽيو ڪيئن؟"

"ستيزن ڊاڪٽر!" پهرئين ٽورو هيڪندي چيو "سينٽ انتائين جي علائقي ۾ هن جي خلاف مخبري ٿي آهي ۽ پنهنجي ساٿيءَ ڏي اشارو ڪندي چيو "هي ستيزن انتائين جي علائقي جو رهاڪو آهي."

ان ٻئي ستيزن ڪنڌ کي لوڏو ڏيندي جملو پورو ڪيو "سينٽ انتائين هن مٿان الزام هنيو آهي."

"کهڙي ڏوهه جو؟" ڊاڪٽر پڇيو.

"ستيزن ڊاڪٽر!" پهرئين ساڳي لهجي ۾ چيو "هاڻ هن کان ڪجهه به وڌيڪ نه پڇو. جيڪڏهن ري پبلڪ توهان کان قرباني جي طلبگار ٿئي ته تون پڪ سان ان لاءِ خوشيءَ سان تيار ٿي ويندين.

ري پبلڪ سيني کان مٿانهين آهي. عوام جو اقتدار سيني کان مٿي آهي. ايورمونڊ. . . ! اسان گهٽي دير تائين ترسي نه ٿا سگهون."

"بس ايترو ٻڌايو. . ." ڊاڪٽر منٽ ڪئي، "هن جي خلاف ڪنهن مخبري ڪئي آهي؟"

"اها ڳالهه اصول جي خلاف آهي." پهرئين جواب ڏنو "پر تون سينٽ انتائين جي هِنَ ساٿيءَ کان پڇي سگهين ٿو."

ڊاڪٽر ان ماڻهوءَ ڏي ڏٺو جيڪو بي چينيءَ وچان ڪجهه قدم اڳتي پوئتي ٿي رهيو هو ۽ پوءِ ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيرندي چيائين، "اها ڳالهه ٻڌائڻ واقعي قانون جي ابتڑ آهي، پر هن جي خلاف ڏاڍا سنگين الزام آهن. سٽيزن ڊيفارج ۽ سنڊس زال هن جي مخبري ڪئي آهي. . . ۽ هڪ ٻئي ماڻهوءَ."

"ٻيو ڪير؟"

"سٽيزن ڊاڪٽر! توهان پڇي رهيا آهيو؟"

"ها."

"پوءِ ته توهان کي سياٽي ان سوال جو جواب ملي ويندو." سينٽ انتائين واري همراهه وڏي پراسرار لهجي ۾ چيو "اڄ ته منهنجي زبان بند آهي."

باب انون

تاس راند

مس پروس ان پوائنٽي مصيبت کان اڻ ڄاڻ هئي، جيڪا سندس غيرحاضريءَ ۾ گهر تي نازل ٿي چڪي هئي. هُوءَ سنهڙين گهٽين مان ٽيندي، پونٽ نوف جي پل تان لنگهي، درياءَ جي هن پار پهچي وئي. هن جي دماغ ۾ سودي سُود جون اُهي شيون پريل هيون، جيڪي هن کي لازمي طور تي ونڊيون هيون. مسٽر ڪرنچر هڪ ٽوڪري ڪنيون، هن سان گڏ هلي رهيو هو. هُو پنهنجي ڪهي ۽ سڄي سيني دڪانن ۾ جهاتيون پائيندو پئي ويو. جتي به ماٺهن جو ميڙ نظر ٿي آيس، اتان ٽورو پاسو ڪري پئي لنگهيو. جي سڙڪ تي ماٺهو زور زور سان بحث ڪندا، اک تي چڙهي ٿي ويس تہ هُنَ سڙڪ ڇڏي ٿي ڏني ۽ پاسو ونڊي هلڻ ٿي لڳو. شام ڏاڍي خشڪ ۽ ٺڏي هئي. درياءَ مان اٽندڙ ڪوهيڙ جي ڪڪرن اکين کي ڇُنجهو ڪري ڇڏيو هو. گوڙ جي ڪري ڪنن جا پردا ڦاٽي رهيا هيا. اهو شور انهن ٻيڙين مان اُٿي رهيو هو جيڪي درياءَ جي مختلف جاين تي لنگر لاهيون بيٺيون هيون ۽ جن ۾ جمهوري فوج جا لوهار بندوقون ٺاهي رهيا هيا. اهڙو شخص، جيڪو ان فوج سان ڪاب چالبازي ڪندو هو يا غلط طريقي سان ترقي ڪري ويندو هو ٽٽڻ جو بس الله واهي هو. پاڳ پلا هئا انهن ماٺهن جا، جن جون ڏاڙهيون نہ ڪٽيون هيون ۽ قومي پاڪيءَ سان سندن حجامت نہ ٿي هئي.

مس پروس ٽوري گهٽي خريداري ڪئي. هن ليمپ لاءِ تيل ورتو ان کان پوءِ شراب ونڊڻ لاءِ مختلف دڪانن ۾ جهاتيون پائڻ شروع ڪيائين. هُو گُڊ ريڊ ببليڪن پروٽس آف اينٽي ڪوئٽي جي سائن بورڊ جي اڳيان بيهي رهي.

اھا جاءِ نيشنل پيلس کان گھٽي پري نہ ھئي. پوءِ ھُوءَ ٽولريز جي پرسان ٻيھي رھي، جتي ھن کي ڪجھ شين ۾ دلچسپي پيدا ٿي وئي. اھا جاءِ ٻين جي پيٽ ۾ ڪجھ پرسڪون نظر پئي آئي. توٽي جو اھا جاءِ ٻہ ڳاڙھين ٽوپين جي وجود سان ڳاڙھي ٿي رھي ھئي، پر ٻين جاين جھڙي ڳاڙھي نہ ھئي. مسٽر ڪرنچر جي راءِ وٺڻ کان پوءِ، ھن کي پنھنجي راءِ سان متفق ڏسي، ھُوءَ پنھنجي جانباز سپاھيءَ سان گڏ گڏ ري پبليڪن پروٽس آف اينٽي ڪوئٽي ۾ اندر گھڙي وئي.

ھنن دونھين ۾ ميرانجھيءَ روشنيءَ ۾، سلفيون وات ۾ ڏٻايل مزورن کي تامَ جي ميرن پٽن ۾ پراٽين ٻوٽن سان گڏ ڪيڏندي ڏٺو. ھڪ کاراٽ ۾ ٽڪيل مزور، جنھن جي ڇاتي ۾ ٻانھون اگھاڙا ھيا، سو زور زور سان اخبار پڙھي رھيو ھو. ڪجھ ماڻھو ٻڌي رھيا ھيا، ڪي وري ھٿيار سينگاريون ويٺا ھيا. ڪن ماڻھن ان مقصد لاءِ پنھنجا ھٿيار لاھي رکيا ھيا تہ جيئن ضرورت پوڻ تي تکڙ ۾ ڪٽي وڃن. ٻہ ٽي گراڪ اونڌا ستا پيا ھيا. ھي ٻئي اجنبي گراڪ ميز وٽ پھتا ۾ پنھنجي ضرورت واريءَ شئي جي فرمائش ڪيائون.

جڏھن ھنن جو شراب ڪيڊي ماپيو ۽ ويو تڏھن ڪنڊ ۾ ويٺل ھڪ ماڻھو اٿي ٻاھر وڃڻ لڳو. ھن ويندي ويندي مس پروس ڏي رخ ڪيو. جيئن ئي مس پروس جي نظر ھُنَ تي پئي، تيئن ئي ھُوءَ رڙ ڪري تاڙيون وڄائڻ لڳي. سڀ جا سڀ ھڪدم اٿي ڪڙا ٿيا. ماڻھن جو خيال ھو تہ شايد ڪو قتل ٿي ويو يا ڪنھن جي مخالفت جي بحث جي سلسلي ۾ جھيڙو ٿي پيو آھي. ھر ماڻھو لاش جي ڪرڻ جي اميد ڪيون ٻيٺو ھو، پر ھنن ڏٺو تہ ھڪ مرد ۽ ھڪڙي عورت ٻيٺا ھڪٻئي کي اکيون ڦاڙي ڏسي رھيا آھن. مرد ھر پاسي کان فرانسيسي جمھوريت پسند ٻئي لڳو ۽ عورت مڪمل انگريز لڳي رھي ھئي. گڏ ري پبليڪن پروٽس آف اينٽي ڪوئٽي جي شاگردن کي ان ٻُسي انجام سان جڙ تہ ھڪ قسم جي مايوسي ٿي. . . مس پروس ۽ سندس نگھبان جيتوٽيڪ وڏي غور سان ٻڌي رھيا ھيا، پر ھُنَ کي، سمجھ ۾ ڪجھ بہ نہ آيو. ھُو جڙ تہ عبراني يا ڪلداني ڳالھائي رھيا ھجن. بس ايتري خبر پين تہ

هنن جيڪو بہ چيو آهي، سو گهٽو ڏگهو ۽ ڏاڍيان چيو آهي. ماٺهو حيرت وچان ڪجهہ بہ نہ ٻڌي رهيا هيا. ها اهو سو هيو تہ رڳو مس پروس ئي حيران ۽ پريشان نہ هئي، پر مسٽر ڪرنچر بہ پنهنجي جاءِ تي حد کان وڌيڪ دنگ هو.

"نيٺ ڳالهہ چاهي؟" اهو ماٺهو جنهن مس پروس کي رڙ ڪرڻ تي مجبور ڪري وڌو هو تنهن انگريزي ٻوليءَ ۾ هورڙيان ۽ چڙي چيو.

"او سولومن. . . منهنجا پيرا سولومن!" مس پروس وري تاڙي وڃائي، "هيترن ڏينهن کان نہ تنهنجي ڪا خير خبر ملي ۽ اڄ مان توکي هتي ڏسي رهي آهيان!"

"مون کي سولومن نہ چئو. مون کي مارائيندينءَ چا؟" هن ماٺهوءَ ڏپ وچان چيو.

"ادا. . . منهنجا ادا!" مس پروس ٻرڙاٽ ڪري روئڻ لڳي، "مون ڪهڙو ظلم ڪيو آهي، جو اهڙيون بي دردي واريون ڳالهيون ڪري رهيو آهين!؟"

"تہ پوءِ پنهنجي هر ڳالهہ ۾ دل ڏيڻ واري زبان کي لغام ڏي ۽ جي مون کي ڪجهہ چوڻو اٿئي تہ ٻاهر نڪري آ. شراب جو ملهہ چڪاءِ ۽ ٻاهر اڇ. هي توسان گڏ ڪير آهي؟"

"مسٽر ڪرنچر!" مس پروس ڳوڙهن ۾ريل اکين سان پنهنجي بي مروت ٻاءُ کي ڏٺو ۽ پوءِ پشيمانيءَ ۽ مايوسيءَ مان ڪنڌ لوڏيندي چيو.

"هن کي ٻاهر وٺي آ. چا هي مون کي پُوت ٿو سمجهي؟"

مسٽر ڪرنچر جي منهن مان لڳي رهيو هو تہ هُن کو پُوت ڏٺو آهي، پر هُو بلڪل ماٺ رهيو. مس پروس روئندي پنهنجي ٻتونءَ مان وڏي مشڪل سان ڪجهہ پيسا ڪڍيا ۽ اهي دڪاندار کي شراب جي ملهہ طور ڏيڻ لڳي. ايتري ۾ سولومن پوئتي ڪنڌ ڦيرائي گُڊ ري پبليڪن آف اينٽي ڪوئٽي جي پوئلڳن سان ڪو ٻهانو ڪيو ۽ فرينچ ۾ ڪا سمجهاڻي پيش ڪئي. اهي ماٺهو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وڃي ويٺا ۽ شغل ۾ لڳي ويا.

"هاڻ ٻڌاءِ چا ٿي چوين؟" سولومن هڪ اونداهي ڪنڊ ۾ بيهندي چيو.

"ڪهڙو نه ظالم ۽ بي مروت ياءِ آهين. تنهنجي ڪنهن به حرڪت جي ڪري منهنجي محبت ۾ ڪڏهن کوٽ نه ٿي ۽ تون آهين جو اِئين پيو ڳالهائين! ڇڙ ته تنهنجي دل ۾ مون لاءِ ذري جيتري به محبت ناهي." مس پروس چيو.

"هُونهه.. لعنت هجيس.. ڇڏ هاڻي ان ڳالهه کي." سولومن جهٽ ۾ مس پروس جي چپن کي چمي ڏئي چيو. "بس، هاڻي ته توکي ڪا شڪايت ناهي نه."

مس پروس مان ڪيون روئندي رهي ۽ رڳو ڪنڈ کي هلڪو لوڏو ڏنائين.

"جي توکي اميد هجي ته مان توکي ڏسي حيران ٿيندس ته اها اجائي ڳالهه آهي. مون کي خبر هئي ته تون هتي آهين. مون کي ،ماڻهن جي اچڻ وڃڻ جي خبر گهڻي ياڳي ملندي رهندي آهي. جي تون منهنجي پويان هٿ ڏوئي نه پئي آهين، جيئن مون کي يقين به ٿيڻ لڳو آهي ته تڪڙ ۾ هتان هلندي ٿيءِ ۽ مون کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏي مان ڏاڍو سوگهو آهيان. مان هڪ آفيسر آهيان."

"منهنجو انگريز ياءِ سولومن." مس پروس ڳوڙهن پريل اکيون ڪٽي هن ڏي ڏٺو "جنهن جو ٻاروتڻ ڏسي، اها اميد ٿيندي هئي ته هُو پنهنجي وطن جو سڀ کان وڏي مرتبي وارو انسان ٻڌجندو. اهو اڄ غيرملڪين جو نوڪر آهي ۽ غير ملڪي به ڪهڙا؟ اي ڪاش! ان کان ته پلو هو ته هُو مئل هجي..."

"ڏٺئي..! مون کي ته اڳ ۾ ئي خبر هئي ته تون منهنجي پويان پئي آهين. چڱو پلو گذر ٿيڻ لڳو هو جو هاڻي منهنجي پنهنجي پيڙ منهنجي تباهيءَ جو سبب ٻڌجي اچي وارد ٿي آهي." مسٽر سولومن هن جي ڳالهه کي اڌ ۾ ڪپيندي چيو.

"خدا نه ڪري! ان کان ته ستو اهو ته مان توسان ڪنڌن ملان ئي نه. منهنجا پيارا سولومن! مون سڀائين توسان سچي محبت ڪئي آهي

ڇ ڪندي رهنديس. خدا جو واسطو اٿئي، مون سان انسانيت ڇ پيار سان ڳالهاءِ. بس هڪ ڀيرو مون کي اهو ڇئو ته توکي مون کا ڪا به شڪايت ناهي ڇ تون ڪاوڙيل ناهين. پوءِ مان توکان موڪلائي هلي ويندس." مس پروس چيو.

ويچاري مس پروس، جنڪ ته اها اوپرائپ سندس غلطيءَ جي ڪري پيدا ٿي هئي. ڪيئي سال ٿيا جو مسٽر لاري کي سوهو جي پرسڪون گهر ۾ اها ڳالهه چڳيءَ ريت معلوم ٿي وئي هئي ته سندس لاڏلو ياءُ سموري موڙي خاڪ ۾ ملائي، ڪيس ڇڏي هليو ويو آهي، پر هن کي هِنَ جي ڪا پرواهه به نه هئي.

سولومن هن کي دلاسو ڏنو پر هن جي لفظن ۾ دلي محبت ڇ پيار گهٽ ڇ احسانُ ڪرڻ وارو احساس وڌيڪ هو. جي هُو هِنَ جي جاءِ تي ڇ هيءَ هن جي جاءِ تي هجي ها ته هُنَ جو سلوڪ بلڪل مختلف هجي ها. اهوئي سڄي دنيا جو قاعدو آهي. ايتري ۾ مسٽر ڪرنچر وچ ۾ ٽپي پيو ڇ چوڻ لڳو:

"مان چوان ٿو توهان مهرباني ڪري ايترو ٻڌائي سگهو ٿا ته توهان جو نالو جان سولومن آهي، يا سرلومن جان؟"

آفيسر چرڪ ڀري هن ڏانهن ڪنڈ ڦيرايو ڇ وڏي شڪ جي نظر سان ڏسڻ لڳس.

"ان ۾ تڪلف ڪهڙو. جڏهن خبر اٿو ته پوءَ ٻڌائين چو نه ٿو." مسٽر ڪرنچر چيو. "جان سولومن يا سولومن جان! هيءَ توکي سولومن چئي رهي آهي. تنهنجي ٻيڻ آهي ته سچ چئي رهي هوندي ڇ مون کي چڳيءَ ريت خبر آهي ته تنهنجو نالو جان آهي. هاڻ تون ئي ٻڌاءِ ته تنهنجو ڪهڙو نالو پهريان ايندو آهي ڇ پوءِ هن خاندائي نالي پروس جو خيال به رکجانءِ. سمنڊ جي هن پار انگلينڊ ۾ ته تنهنجو اهو نالو هيوئي نه."

"ڇا مطلب آ تنهنجو؟"

"مون کي صحيح خبر ته ناهي، ته منهنجو مطلب ڇاهي، پر ته سمنڊ پار تنهنجو جيڪو نالو هو سو منهنجي ڏيان مان نڪري ويو آهي."

"وسري ويو آهي!؟"

"ها، مان جائي ٻه قسم ڪٽي سگهان ٿو ته تنهنجو نالو ۾ن لفظن سان مڪمل ٿيندو هو."

"واقعي!"

"ها ۽ هن ٻئي ماڻهوءَ جو نالو هڪ لفظ وارو هو. مان توکي ڄاڻان ٿو تون اهوئي مخبر آهين، جنهن عدالت ۾ شاهدي ڏني هئي. توکي ڪوڙن جي پيءُ جو واسطو. . . جيڪو تنهنجو پيءُ هو. ٻڌاءِ اُن وقت تنهنجو نالو ڇا هو؟"

"برسادا" پويان ڪنهن ڳالهه کي پورو ڪيو.

"هزار روپين جي شرط اهوئي نالو هيس." مسٽر جيري کان رڙ نڪري وئي.

وچ ۾ ڳالهائڻ وارو سڏني ڪارٽن هو. هن جا هٿ سواريءَ واري ڪوٽ جي دامن ۾ ٻُڌيءَ پويان لڪيل هيا ۽ هُو مسٽر ڪرنچر جي پاسي ۾ ائين ته لاپرواهيءَ سان بيٺو هو. جڏ ته هُو واقعي ٻه عدالت ۾ بيٺو هجي.

"مس پروس! ڏڃڻ جي ڪا ڳالهه ناهي. مان ڪالهه شام جو مسٽر لاريءَ وٽ پهتو هان. هُو ٻه حيران رهجي ويو. اهو طئي ٿيو هو ته جيسيتائين هتان جون حالتون صحيح نه ٿيون ٿي وڃن، يا منهنجي ڪا خاص ضرورت نه ٿي پوي، تيسيتائين مان پنهنجي اڇڻ جو اعلان نه ڪندس. مان هن مهل توهان جي پاءَ سان اڪيلائيءَ ۾ ڪجهه ڳالهيون ڪرڻ چاهيندس. ڪاش! توهان جو پاءُ هن ڪان پلي نوڪري تي لڳل هجي ها. توهان جي ڪري، مان چاهيان ٿو ته سنو اهو هو ته مسٽر برساڊ قيدخاني جي رِڍَ نه هجي ها."

جيلر جي ماتحت جاسوس جي لاءِ ان زماني ۾ 'رڍ' جو اصطلاح هلندڙ هو. جاسوس، جنهن جو منهن اڳ ئي ٽامٽي هٽي ويو هو سر وڏيڪ ڪوٽي ويو ۽ هُو چوڻ لڳو "ڪنهن جي ڇا مجال جو مون کي جاسوس چوي."

"مان هاڻي ٿو پڌايانءِ، مسٽر برساڀا کو ڪلاڪ ۾ ٽيندو جو مان گهمڻ ڦرڻ کان پوءِ، ڪنسير جيري جي قيدخاني جي پٽين کي ڏسي رهيو هيس. توهان جو منهن اهڙو آهي، جو ڏسڻ کان پوءِ وساري ڇڏڻ سولو ناهي ۽ مان چهري کي هڪ ڀيرو ڏسي، پوءِ وساريندو ناهيان. مان توهان کي جيل خاني سان لاڳاپيل ڏسي شڪجي پيس. ان جو هڪ سبب به آهي، جنهن کان توهان چڱيءَ ريت واقف آهيو. منهنجي هڪ بدنصيب دوست تي، هن کان اڳ به هڪ ڀيرو مصيبت آئي هئي، جنهن ۾ توهان جي مهرباني شامل هئي. ان ڪري مون توهان جو پيڇو ڪيو ۽ هيسيتائين شراب خاني ۾ هليو آيس ۽ توهان جي پرسان ويهي رهيس. توهان وڏيءَ رازداريءَ وچان، پنهنجن مداحن سان ويهي ڪچهري ڪري رهيا هيا. ان ڪري مون کي توهان جي ڏنڊي جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ ۾ ڪا به ڏکيائي نه ٿي ۽ اها حرڪت جيڪا مون ائين ٿي ڪئي هئي، پر اها مون کي هڪ مقصد جي ويجهو وٺي وئي. ڪيئن مسٽر برساڀا!"

"ڪهڙو مقصد؟" جاسوس پڇيو.

"سڙڪ تي بيهي ان جي وضاحت ڪرڻ مشڪل به آهي ته خطرناڪ به. چا توهان اڪيلائي ۾ مون سان ڪچهري ڪرڻ جي تڪليف ڪندؤ؟ مثال طور، جيڪڏهن ڪجهه منٽن جي لاءِ ٽيلسن بينڪ هلي سگهو ٿا."

"توهان مون کي ڏمڪي ڏئي رهيا آهيو؟"

"اڙي! ڏمڪي ڪنهن ڏني!"

"ته پوءِ مان چو هلان!؟"

"صحيح آ مسٽر برساڀا توهان نه ٿا هلي سگهو ته پوءِ مان ڪجهه نه ٿو چئي سگهان."

"توهان جو مطلب آهي ته توهان ڪجهه چوڻ نه ٿا گهرو؟"

"توهان منهنجو مطلب خوب سمجهي ويا آهيو مسٽر برساڀا! مان ائين نه چوندس."

ڪارٽن جو لاپرواهيءَ وارو انداز ۽ جرئت وارا تيور هن جي ڏڙتي ۽ چالاڪي، هن جا زبردست مددگار ثابت ٿي رهيا هيا. هُو پنهنجي دل ۾ چڱيءَ ريت ڄاڻي پيو تہ اهڙي موقعي تہ هن جهڙي شخص سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ گهرجي. هن جي تجربي ڪار اکين خوب اندازو ڪري، ورتو هو.

"مون توهان کي اڳ ئي چئي چڏيو هو تہ جيڪڏهن مون تي ڪا مصيبت پئي تہ ان جي ذميوار تون هوندين." مخبر پنهنجي پيٽ ڏي ڏسندي تنبيهي انداز ۾ چيو.

"ڏس، مسٽر برساد! ناشڪري نہ ڪر. جي مون کي توهان جي پيٽ جو خيال نہ هجي ها تہ مان توهان سان ائين ماٺهپي ۽ نرميءَ سان مامرو ٿي نہ ڪريان ها. توهان مون سان بينڪ هلي رهيا آهيو يا نہ؟"

"ها، مان توهان سان هلان ٿو. اهو ڏسڻ لاءِ تہ توهان چا ٿا چوڻ چاهيو."

"پهريون تہ اسان توهان جي پيٽ کي کي حفاظت سان گهٽيءَ جي موڙ تائين پهچائي اچون. مون کي پنهنجو هٿ ڏيو. مس پروس! هن وقت شهر محفوظ ناهي. جو توهان بنان ڪنهن چوڪيدار جي ٻاهر وڃو. ڇو تہ توهان جو ساڻي مسٽر برساد ڪان واقف آهي، ان ڪري مان هن کي مسٽر لاري وٽ ونڊي. وڃڻ ٿو چاهيان. توهان تيار آهيو؟ اچو تہ هلون."

ان کان ڪجهہ دير پوءِ ئي، جڏهن مس پروس ذڪر ڪيو ۽ سڄي زندگي ڪيس ياد رهيو تہ ان مهل جڏهن هن سڌني جي ٻانهن تي هٿ رکي، ڪيس التجا ڀريل نگاهن سان ڏٺو هو تہ جيئن هُو سولومن کي ڪو بہ نقصان نہ پهچائي تہ هن جي ٻانهن ۾ جيڪا استقلال جي ڇڪ هئي ۽ اکين ۾ هڪ قسم جو الهامي نور هيس، جيڪو نہ رڳو سندس الهڙائپ جي تردید ڪري رهيو هو پر تنهن کيس ڏاڍو پروقار بنائي چڏيو هو. هُوءَ ان مهل پنهنجي ٻاڻ جي سلامتي جي ڳڻتي ۾ غرق هئي، جيتوڻيڪ سندس ٻاڻ هن جي محبت جو ڪنهن بہ ريت قائل نہ هو.

هنن کين گهٽيءَ جي موڙ وٺ ڇڏي ڏنو ۽ ڪارٽن مسٽر لاريءَ جي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو. جان برسادِ يا سولومن پروس سندس پاسي ۾ هلي رهيو هو.

مسٽر لاري ان مهل ماني کائي، آرام ڪرڻ لاءِ آتشدان جي سامهون ويٺو شايد انهن شعلن ۾ پنهنجي انهيءَ وقت جي شبيهه کي ڳولي رهيو هو. جڏهن هُو ايترو ڪاڙو نه هو ۽ ائين ئي ڊورمين رائل جارج واري مسافرخاني ۾ باهه تي اکيون ڇمايون ويٺو هو.

"مس پروس جو پاءُ مسٽر برسادِ!" سڏنيءَ چيو.

"برسادِ!؟" هُنَ بزرگ شخص ورجايو "برسادِ! هن نالي سان ته لڳي ٿو ته مان هن کان واقف آهيان ۽ چهرو به ڏٺل وائٽل ٿو لڳي."

"مون توهان کي عرض ڪيو هو ته توهان جو چهرو لاجواب آهي." ڪارٽن رکائيءَ وچان چيس. "مهرباني ڪري ويهي رهو."

"هن ڪيس جو شاهد." ڪرسيءَ تي ويهندي هن مسٽر لاري کي حوالو ٻڌايو جنهن جي هن کي کا به ضرورت محسوس نه ٿي رهي هئي. "مسٽر لاريءَ کي ترت ئي ياد اچي ويو ۽ هن پنهنجي حوالاتيءَ ڏي نفرت وچان ڏٺو.

"مسٽر برسادِ کي مس پروس سچاٽي ورتو ته هي سندس اهوئي پاءُ آهي، جنهن جي باري ۾ توهان ٻڌي چڪا آهيو." سڏني چيو "۽ هن سان پنهنجي ناتي جو اقرار ڪري ورتو آهي. هڪ ٻي خبر هيءَ ته ڊارني کي وري گرفتار ڪيو ويو آهي."

"اهو چا پيو چئين! به ڪلاڪ ٽيندا، جو مان هنن کي بلڪل محفوظ ۽ آزاد ڇڏي آيو آهيان ۽ هاڻ به هنن ڏي وڃڻ وارو آهيان." ڊپ ۾ رنجي ويل ڪراڙي ماٺهو چيو.

"توهان جو چوڻ صحيح آهي، پر هن کي گرفتار ڪيو ويو. . . ڪهڙي مهل ٿيو اهو واقعو مسٽر برسادِ!؟"

"جي گرفتار ڪيو ويو آهي ته پوءِ هاڻي ڪيو ويو هوندو."

"مسٽر برسادِ کان وڌيڪ ٻيو ڪوبه ماٺهو ان ڳالهه کان واقف ناهي، منهنجا سائين!" سڏنيءَ چيو "۽ اهو اطلاع مون کي مسٽر برسادِ

وٽان ئي مليو آهي. هي پنهنجن ساڻي رڍن کي شراب پيئندي، اهو ٻڌائي رهيو هو ته گرفتاري ٿي چڪي آهي. هي وارنٽ ڪٽي اچڻ وارن کي پاڻ در تائين پڃائي آيو هو ۽ دربان کي در کولينديءِ، هن انهن کي اندر گهڙندي ڏٺو هو. اِنَ ڀالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته هن کي گرفتار ڪيو ويو آهي."

مسٽر لاريءَ جي تجربيڪار اکين، سڀني جو چهرو پڙهي ورتو ته ان ڀالهه جا وچور پڇڻ، وقت برباد ڪرڻ برابر آهي. هُو گهٽو پريشر ٿي به هوش مان ٻاهر نه نڪتو. اهو سوچي ته شايد ڪا چڱائي جي صورت نڪري اچي. هن جا هوش حواس قائم رهيا. ان ڪري هن پاڻ تي ڪنٽرول رکيو ۽ ماڻ ڪري غور سان ٻڌندو رهيو.

"هاڻي مون کي اميد آهي ته سياڻي ڊاڪٽر مينٽ جو نالو ۽ سندس پهچ، چارلس جي حق ۾ ڪارائتا ثابت ٿيندا. توهان چيو پئي ته هن کي سياڻي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو. ائين نه مسٽر برسابا؟"

"ها، منهنجي خيال ۾ ته ائين ئي آهي."

"جيئن هُو اڄ بچي ويو آهي، تيئن هُو سياڻي به ڇڏائجي ويندو. پر مسٽر لاريا هيءَ ڀالهه ٻڌي ته منهنجا پگهر نڪري ويا ته ڊاڪٽر مينٽ هن جي گرفتاريءَ جو حڪم ڪينسل نه ڪرائي سگهيو."

"هن کي اڳ ۾ اطلاع نه مليو هوندو." مسٽر لاريءَ چيو.

"پر اها ته ايڏا وڏيڪ خطرناڪ ڀالهه آهي. توهان کي ياد هوندو ته هن جو ۽ سندس نياڻيءَ جو سڳ ته هڪ حقيقت آهي."

"اهو ته سچ آهي." مسٽر لاري پريشان ٿي ڪارٽن ڏي ڏٺو ۽ گهبرائجي پنهنجي ڪاڏي کي کنهڻ لڳو.

"ڀالهه ڪٽائجي، ڏاڍو نازڪ زمانو آهي. نازڪ داؤ هٽي، خطرناڪ راندين کيڏيون پيون وڃن. ڊاڪٽر کي اهڙو داءُ لڳائڻ ڪپي، جيڪو ڪيس ڪٽائي سگهي. ها، مان هاريل بازي کيڏي سگهان ٿو. ڪنهن ماڻهوءَ جي زندگي ۽ رت وهائڻ لائق ناهي. جنهن کي ماڻهو اڄ آزاد ڪرائي گهر وڃي وڃن، هو سياڻي وري گرفتار ٿي سگهي ٿو. جي حالتون نازڪ آهن ته مون اِرادو ڪيو آهي ته اڄ ڪا ٻي راند ئي

کيڏان. منهنجو مقصد هڪ دوست کي کٽڻ آهي، جيڪو ڪنسير جري سان تعلق رکي ٿو. اهو دوست مسٽر برسادِ آهي."

"ان لاءِ توهان جي هٿن ۾ تاس جا سنا پتا هجڻ کپن." مخبر چيو.

"مان ڏسان ٿو منهنجي هٿن ۾ چا چا آهي؟ مسٽر لاري! توهان کي ته خبر آهي ته مان ڪيڏو نه ڪهري قسم جو ماڻهو آهيان. مهرباني ڪري مون کي ٿوري برانڊي ته ڏيو."

هن جي اڳيان برانڊي آڻي رکي وئي. هن هڪ گلاس پري ڏوکي ورتو هڪ ٻيو پيتو ۽ ڪجهه سوچي بوتل هڪ پاسي رکي ڇڏيائين.

"مسٽر برساد!" هن ائين ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ ته جائي ٻه هن جي هٿن ۾ تاس جا پتا هجن. "قيدخاني جي ريڊ. . . جمهوري ڪميٽيءَ جا نمائندا، جيڪي في الحال جيل جا محافظ بڻيا وينا آهن، سي ڪڏهن قيدي رهيا هيا. ۽ مستقل طور تي جاسوس ۽ ڳجها مخبر آهن. ۽ اها ايجا ٻه ڪارائتي خوبي اٿن ته اهي انگريز نسل جا آهن. ڇو ته فرانسيسي ماڻهن تي انگريزن جي ٻيٽ ۾ جلدي شڪ ڪري سگهجي ٿو. تو هتي پنهنجن آقائن کي پنهنجو غلط نالو ٻڌايو آهي، اهو تاس جو پتو ڏاڍو سٺو آهي. مسٽر برساد، جيڪو في الحال فرانس جي جمهوري حڪومت جو ملازم آهي، هن کان اڳ انگريزن جي بادشاهي سرڪار جو پٺو هو. جيڪا سرڪار فرانس ۽ ان جي آزاديءَ جي دشمن آهي. اهو پتو ته لاجواب آهي، هن شڪن ۽ شبهن جي زماني ۾، ماڻهن تي هي سولائي سان واضح ڪري سگهجي ٿو ته مسٽر برساد ايجا تائين اصل ۾ انگريز بادشاهي سرڪار جو نوڪر ۽ ٻٽ جو جاسوس آهي. جمهوريت جو ڏوکي باز دشمن، هن جي اندر ۾ ڇپ هنيو وينو آهي. انگريزي غدار ۽ سموري فساد جو ذميوار. جيڪو ايترو مشهور آهي ۽ وري ڳولهڻ تي ملي نه ٿو. منهنجو اهو پتو ڪير ٿو ضايع ڪري سگهي! مسٽر برساد! تو منهنجي بازي ڏٺي!؟"

"ها، پر مون کي تنهجي بازي ڪا گهٽي سمجهه ۾ نه آئي." مخبر ٿورو هيسجي جواب ڏنو.

"تہ مان يڪي جي چال هلندس. سڀ ڪان ويجهي ڪميٽيءَ جي شاخ ۾ وڃي. مسٽر برساد جا اڇا ڪارا پڌرا ڪيا ويندا. هاڻي توهان پنهنجي راند تي نظر وجهو ۽ ٻڌايو تہ توهان جي هٿ ۾ ڪهڙا پتا آهن؟ تڪڙ جي ڪا بہ ضرورت ناهي." هن وري بوتل پنهنجي ويجهو ڪئي. برانڊيءَ جو گلاس پيري پي ويو. هن ڏٺو تہ مخبر ڏڃي رهيو آهي تہ هُو شراب پي هن جو راز کولڻ جي تياري ڪري رهيو آهي تہ هن اهو ڏسي هڪ گلاس ٻيو پريو ۽ پي ويو.

"آرام سان. چگيءَ ريت پنهنجي بازيءَ جي جاچ ونو. ڪا تڪڙ ناهي."

بازي هن جي اندازي کان وڌيڪ ڪمزور نڪتي. برساد سمجهيو تہ سڀني کي خبر ناهي تہ هن وٽ هارايل پتا آهن. ناڪاميءَ جي ڪري ڪوڙا قسم کڻڻ تي. ڪيس پنهنجي عزت واري نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو هو. ان ڪري هتي سنڊس ضرورت نہ هئي. هن کي چگيءَ طرح معلوم هو تہ هن کاڙي پار ڪري، فرانسيس ۾ نوڪري ڪئي هئي پهريون تہ هن کي پنهنجن هم وطنن کي پنيلائڻ ۽ لڪي انهن جي ڳالهيون معلوم ڪرڻ تي مقرر ڪيو ويو پوءِ هوري هوري فرانسين کي گمراهہ ڪرڻ ۽ لڪي انهن جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو. هن کي ان ڳالهہ جي چگيءَ طرح احساس هو تہ هُو ان گورنمينٽ جو ملازم هو جيڪا ختم ٿي چڪي هئي ۽ هُو ان جي دور ۾ سينٽ انٽائين جي ڊيفارج واري دڪان جي جاسوسيءَ تي مقرر ڪيو ويو هو. هن کي اُتي پوليس جي وسيلي سڀ اطلاع مليا هيا. ڊاڪٽر مينٽ جو قيد ٿيڻ، وري رها ٿيڻ ۽ پورو قصو ڪيس ان کي ٻڌايو ويو هو تہ جيئن هُو ڊيفارج ۽ ميڊم سان ملي، سڀي نموني گفتگو ڪري سگهي. هن اهو نسخو ميڊم ڊيفارج تي آزمايو هو پر صفا ناڪام ويو هو. هُو سدائين اهو ياد ڪري ڏڪڻ لڳندو هو تہ هُو جڏهن ميڊم سان ڳالهائي رهيو هو تڏهن هُوءَ لڳاتار اٿي رهي هئي ۽ ميڊم هن ڏي ڏٺو هو تڏهن آڱريون تہ حرڪت ۾ هيس، پر اکين ۾ وڏي وحشت هيس. ان کان پوءِ هن ڪيئي ڀيرا ميڊم کي پنهنجي اٽيل فهرست ڪيي ماٺهن متان الزام هڻندي ڏٺو هو ۽ ٻولي

انهن سيني کي هڙپ ڪري، چڊيو هو ۽ هن جهڙا ٻيا ملازم به اهو ڄاڻن پيا ته سندن زندگي ڪڏهن به محفوظ ناهي. پڇي وڃڻ جو به ڪو امڪان نه هو. چو ته هُو ڪهاڙيءَ جي هيڻان سوگهو ڪيل هو ۽ توٽي جو هن هاٽوڪي خوفناڪ حڪومت جي قيام ۾ پوري پوري مدد ڪئي هئي، پوءِ به هڪ لفظ به هن کي ختم ڪري چڊڻ لاءِ ڪافي هو. هڪ پيرو جيڪڏهن مٽس اهي سمورا الزام هنيا وڃن، جن جو حوالو هاٽي ڪارٽن ڏنو هو ته اها ظالم عورت، جنهن جي سنگدليءَ جا ثبوت هُو ڪيئي پيرا اڳين ڏسي چڪو هو سا ضرور پنهنجو پوائنٽو رجسٽر ڪيو، هن جي زندگيءَ جي آخري اميد کي به ڪچلي چڊيندي، ان کان سواءِ مخبريءَ جو ڪم ڪرڻ وارا وڏيءَ سولائيءَ سان ڏڃي ويندا آهن. تاس جا اهي پتا هڪ بازيءَ کي هارائڻ لاءِ ڪافي آهن ۽ جڏهن راندیگر انهن کي اٽلائي پٽلائي ڏئو ته سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو.

"لڳي ٿو ته توهان کي توهان جي بازي ڪا گهٽي نه وٽي. . . توهان کو پتو ڪيڏنڊئو؟" ڪارٽن ڏاڍي سڪون سان چيو.

"جناب!. . . منهنجو خيال آهي. . ." هن وڏيءَ ڪميٽائپ وچان مسٽر لاريءَ ڏي ڏيان ڏيندي چيو "مان توهان جي سڀي طبيعت ۽ بزرگيءَ جو سهارو وٺي التجا ڪندس ته توهان هن صاحب کان عمر ۾ وڏا آهيو. توهان هن کان اهو پڇي نه ٿا سگهو ته اهو ڪهڙو شرط آهي، جيڪو هن کي يڪي جي چال هلڻ کان منع ڪري سگهي ٿو. مان قبول ٿو ڪريان ته مان مخبر آهيان. هن ڏنڊي کي ڏاڍو ڪريل ڄاتو ويندو آهي، پر ڪنهن نه ڪنهن کي ته اهو ڪرٽو پوندو نه. مسٽر ڪارٽن ته مخبر ناهي، هي چو مخبري ڪري پنهنجي عزت خراب ڪري رهيو آهي."

"مسٽر برسادا گهڙي اڇڻ واري آهي، جو مان بنان دير جي پنهنجو يڪو هلندس." ڪارٽن هن کي پاڻ سان ڳالهائيندي ڏسي، واڇ ڏسندي چيو.

"صاحبو! مون کي اميد هئي ته توهان ٻئي منهنجي پيڻ جو خيال ته ڪندئو." مسٽر برساد مسٽر لاريءَ کي چيو.

"توهان جي پيءُ جي توهان مان جان ڇڏائي وڃي ته اها هن لاءِ ڏاڍي عزت واري ڳالهه ٿيندي" سدني ڪارٽن چيو.

"توهان ائين نه ڪندئو."

"مون پڪو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي."

"مخبر جون چاپلوسيءَ واريون ڳالهيون، هن جي آڏنگي لباس ۽ منهن مهانڊي سان بلڪل نه پئي ٺهڪيون. ڪارٽن جنهن کي وڏا وڏا سياڻا ۽ ايماندار به سمجهي نه سگهندا هيا، تنهن هاڻي هن تيز طبيعت واري جاسوس کي اهڙو ته وائڙو ڪري وڌو هو جو هن جي سموري چالاکي گم ٿي وئي هئي. ڪارٽن اڳ وانگر پنهنجي هٿ ۾ تاس جي پتي کي غور سان ڏسندي چيو:

"۽ مون اڄا وڌيڪ غور ڪيو ته خبر پيءُ ته مون وٽ چال لاءِ اڄا هڪ پتو ٻيو به آهي. جنهن جي باري ۾ مون سوچيو ئي نه هيو. اهو دوست ۽ ساڻي 'ريڊ'، جيڪو پنهنجي متعلق چوندو هو ته ڳوٺ جي جيل ۾ مال چاريندو هو. اهو ڪير هو؟"

"اهو هڪ فرينچ آهي."

"ها ته ٿي سگهي ٿو!" ڪارٽن ظاهري طور تي وڏي لاپرواهي ڏيکاريندي چيو. ڇڙ ته هن جا لفظ ئي ورجائيندو هجي.

"ها، هُو هڪ فرينچ آهي. مان توهان کي پڪ ٿو ڏياريان، توڻي جو اها ڪا اهم ڳالهه ناهي." مخبر چيو.

"هُنهه. . . ڪا وڏي ڳالهه ناهي." ڪارٽن ساڳئي غيرجذباتي لهجي ۾ چيو "ڪا وڏي ڳالهه ناهي. نه، بلڪل ڪا وڏي ڳالهه ناهي. نه، پوءِ به مان هن کي سچاڻان ٿو."

"منهنجو خيال آهي ته توهان هن کي نه ٿا سُڃاڻو. مون کي پڪ آهي. ائين ٿي ئي نه ٿو سگهي." مخبر چيو.

"ٿي. . . ئي. . . نه ٿو سگهي." ڪارٽن وري ورجايو ۽ پنهنجو گلاس وري پيري ورتو. "ٿي ئي نه ٿو سگهي. سُٽي فرانسيسي ڳالهائيندو هو، پر لهجو غيرملڪي هيس. منهنجو خيال آهي."

"صوبائي لهجو چئو."

"نہ، غير ملڪي." ڪارٽن پنهنجي مڪ ميز تي هٽندي چيو. هڪ روشني هن جي دماغ ۾ پيدا ٿي. "ڪلائي. لعنت هجيس. . . پر اهوئي هو. پراڻي عدالت ۾ اهوئي همراهه اسان جي سامهون موجود هو."

"توهان ڏاڍي تڪڙ پيا ڪريو جناب!" برسادِ مرڪندي چيو جنهن جو نڪ هڪ پاسي ايجا وڏيڪ جهڪي ويو هو. "ان مامري ۾ پڪ سان مون کي ترهان تي مٿيرائي حاصل ٿي وئي. توهان پڪ سان هارائي ويا آهيو. ڪلائي، مان اقرار ٿو ڪريان تہ اهو ڪنهن زماني ۾ منهنجو پائيوار هو. سو زمانو ٽيو آ تہ مري ويو آ. مون پچاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ هن جي خدمت ڪئي هئي. لنڊن ۾ سينٽ پنڪراس ان ڏ فيلڊس ۾ دفنايو ويو هو. غنڊن جو تولو ان زماني ۾ هن کان ڏاڍو ناراض هو ان ڪري مان هن جي ڪفن دفن ۾ شريڪ ٿي نہ سگهيس، پر مون پنهنجي هٿن سان هن کي ڪفن ۾ رکيو هو."

ان مهل مسٽر لاري جتي ويٺو هو اُتي پت تي هڪ وڏي پُوت جي شڪل جي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي. هن اهو معلوم ڪرڻ لاءِ تہ پاڇو ڪهڙي شئي جي ڪري پئجي رهيو آهي، ڏنو تہ مسٽر ڪرنچر جي مٿي جا اُيا ٽيل وارَ ايجا وڏيڪ اُيا ٿي ويا آهن.

"اسان کي انصاف جو پاسو چڏڻ نہ گهرجي ۽ ايمانداريءَ سان ڪم وٺڻ گهرجي. توهان جي اها ڳالهہ ثابت ڪرڻ لاءِ تہ توهان ڪيڏيءَ نہ غلطيءَ تي آهيو ۽ توهان جا هنيل الزام ڪيڏا نہ اجايا آهن، مان هن جي دفن ٽيڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏيڪاريانوَ ٿو جيڪو اتفاق سان منهنجي ڪيسي ۾ پيل آهي." هن تڪڙ ۾ ڪيسي مان چوپڙي ڪڍي "هي ڏس. . . هُون. . . ٿورو غور سان ڏسو. . . توهان ڏسو تہ. توهان هٿ ۾ وٺي ڏسي سگهو ٿا. هي ڪوڙو ناهي."

مسٽر لاريءَ ڏنو تہ اهو پاڇو پت تي لوٽيرو ٿي ويو آهي ۽ مسٽر ڪرنچر اُٿي آيو. جي ڏڻ سگهن واري ڳئون، جيڪا هن گهر ۾ رهندي هئي، هن جا وار سنواري ها، تڏهن بہ اهي ايتري شدت سان ايا نہ ٽين ها.

مخبر هن کي ڏنو ۽ مسٽر ڪرنچر هن جي پير ۾ بيٺو هو. هن موت جي فرشتي وانگر هن جي ڪلهي کي ڇهيو.

"هُو جارج ڪلائي هيو نہ؟" مسٽر ڪرنچر ڏاڍي ڪَهري ۾ پوائتي منهن سان چيس. "تہ تو هن کي ڪفن ۾ رکيو هو؟"

"ها."

"تہ پوءِ هن کي اتان ڪير ڪڍي ويو هو؟"

برسادِ ڪرسيءَ تي ٽورو پوئتي ٽيندي هيڪندي چيو. "ڇا مطلب آهي تنهنجو؟"

"منهنجو مطلب هي آهي تہ هُو ڪڏهن ڪفن ۾ رکيو ئي نہ ويو هو. نہ ڪڏهن بہ نہ. جي رکيو ويو هجي تہ مان پنهنجو ڪنڈ ڪپائڻ لاءِ تيار آهيان." مسٽر ڪرنچر چيو.

مخبر ۾نهي همراهن ڏي ڪنڈ ورائي ڏنو ۽ ۾ئي جيري کي منڊجي ويل نگاهن سان ڏسي رهيا هيا.

"مان چوان ٿو تہ تو ان بڪسي ۾ پٽر ۽ متي وجهي چڏي هئي. هاڻي مون کي بيوقوف بڻائڻ جي ڪوشش نہ ڪر. مون کي ٿو بيوقوف ڪري تہ ڪلائي کي هن بڪسي ۾ ليتايو هو. بلڪل ڏوکو هوا۾و. مان ۽ بہ ٻيا ماڻهو ان ڳالهہ کي خوب ڄاڻون ٿا."

"توکي ڪهڙي خبر آ؟"

"تنهنجو ان سان ڇا؟" مسٽر ڪرنچر گجندي چيو. "توتي منهنجي پراڻي ڪاوڙ آهي. بي شرم پيٽڻهان! واپارين کي ڏوکو ٿو ڏين. اڏ ڳِنيءَ جي بدلي ۾ مان تنهنجو مٽڪو پيچي سگهان ٿو."

سڊني ڪارٽن بہ مسٽر لاريءَ وانگر حالتن جي ائين پلٽو کائڻ ڪري حيران ويٺو هو. هن مسٽر ڪرنچر کي چيو تہ هُو ٽورو ٽڈي دماغ سان ان ڳالهہ جا تفصيل بيان ڪري.

"جناب! ڪڏهن ۽ئي پيري ٻڌائيندوسانو." هن پاڻ بچائيندي چيو" هيءَ مهل تفصيل ۾ وڃڻ جي ڳالهہ ناهي. مون کي تہ رڳو اهو چوٽو آهي تہ ان بڪسي ۾ مسٽر ڪلائي هرگز نہ هو. هي ان بابت کو هڪ لفظ بہ وات مان ڪڍي تہ ڏيکاري. مان هن جو مٽڪو پيچي چڏيندس. يا هاڻي ئي ٻاهر وڃي هن جا ڪرتوت پڌرا ڪندس." مسٽر ڪرنچر وڏي واکي چيو.

"هُنهه.. هاڻ خبر پئي ته مون وٽ چال هلڻ لاءِ ايڏا هڪ پيو پتو به آهي." مسٽر ڪارٽن چيو. "مسٽر برسابا هن ڪاوڙ ۾ ٻڙڪندڙ پيرس ۾ توهان جا ڪرتوت پڌرا ٿيڻ کان پوءِ، توهان جو جيئرو رهڻ ممڪن ناهي. قطعي ممڪن ناهي. خاص طور تي جڏهن توهان جي هڪ ٻئي شاهي جاسوس سان لاڳاپا به آهن، جنهن بابت هي ڦراسرار الزام به لڳو آهي ته هن پنهنجي موت جو ڪوڙو اعلان ڪيو هو. ري پبلڪ جي خلاف جيل ۾ هڪ غيرملڪي سازش جي ڪوشش، هڪ سُٺو پتو آهي. پڪ سان سوليءَ چاڙهڻ جو پتو. توهان ڪيڏنڊئو؟"

"نه" مخبر وراڻيو "مان بس ڪئي. مون کي اعتراف آهي ته اسان ٻنهي مان غنڌا ڏاڍا خوش ٿي ويا هيا. مان ته هوڙي ماريو وڃان ها، پر بچي انگلينڊ مان پڇي آيس. هُو ڪلائي جي پٽيان اهڙا ته پيا جو جيڪڏهن هُوا هاڻ چال نه هلي ها ته ڪنهن به ريت بچي نه سگهي ها، پر وڏيءَ حيرت جي ڳالهه آهي ته هن همراهه کي ڪيئن خبر پئي!؟"

"اڙي سادڙا! ان ڳالهه تي پنهنجو مغز نه کپاءِ هي صاحب هونءَ به توکي ڏاڍو چتو ڪرڻ وارو آهي ۽ هڪ پيرو ٻيهر ڪن کولي ٻڌي ڇڏ. مان رڳو هڪڙي اڌ ڳڻيءَ جي لاءِ تنهنجو مٽڪو پڇي سگهان ٿو."

مسٽر ڪرنچر فوري طور تي بحث ۾ ڪڏندي ۽ پنهنجي سخاوت واري آفر جي نمائش ڪرڻ کان نه مڙيو.

جيل جي 'ريڊ' هنن کان ڏيان هٽائي چڏيو ۽ سڀني ڪارٽن کي فيصلائتي انداز ۾ چيو. "هاڻي هي مامرو طئي ٿيڻ گهرجي. مان گهٽو وقت انتظار نه ٿو ڪري سگهان. مون کي پنهنجي ڊيوٽيءَ تي وڃڻو آهي. توهان چئي رهيا هُيئو ته توهان جو ڪو شرط وغيره آهي، پر مون کان ڪا ناممڪن شئي جي فرمائش ڪرڻ. يا ڪا اهڙي ڳالهه چوڻ، جنهن جي ڪري منهجي ڳچي وڏيڪ خطري ۾ ڦاسي پوي ته پوءِ ڪهڙو فائدو؟ مان توهان جو اهڙو ڪو شرط پورو ڪرڻ بدران، قسمت جي فيصلي کي قبول ڪرڻ پسند ڪندس. ڳالهه جو ڳاڻو هي آهي ته مون کي ڪو نه ڪو فيصلو ڪرڻو پوندو. توهان مايوسيءَ جي ڳالهه ڪري رهيا آهيو هتي اسان سيئي اميد وڃائي وينا آهيون. ياد رکو ته

جي منهنجي دل ۾ ڳالهه ويهي ويجي ته مان توهان جي شڪايت ڪندس ۽ مان قسم کڻندو وتندس. ته مان پٽر جي پت جي آر پار ٽپي ويندس ۽ ماڻهو به منهنجو ساٿ ڏئي سگهن ٿا. ها ته توهان مون مان ڪهڙي اميد رکو ٿا."

"ڪا گهٽي نه. تو وٽ قيدخاني جون چابيون آهن."

"مان صاف صاف ٻڌائي چڏيانو ته پڄڻ جي ڪا واهه ئي ناهي." مخبر سختيءَ سان چيو.

"جيڪا ڳالهه مون چاهي ئي ناهي، سا ڳالهه تون هروپرو مون کي چو ٻڌائين. تو وٽ چابيون آهن نه؟"

سڀنيءَ شراب جو هڪ ٻيو گلاس پريو. اهو آتشدان جي اڳيان هارڻ لڳو ۽ ان کي غور سان ڏسندو رهيو. گلاس خالي ٿي ويو ته اُٺندي چيائين. "هن مهل تائين ته اسان هنن ٻنهي اڳيان ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي ته جيئن تاس جي پتن جا گُڻَ تو ۽ مون سواءِ هنن ٻنهي تي به واضح ٿي وڃن. هيڏي اونداهي ڪمري ۾ اڇ، آخري ڳالهه ٻولهه به ٿي وڃي."

باب نائون

بازي کٽي وئي

هيڏانهن سڀني ڪارٽن ۾ جيل جي 'ريڊ' اونداهي ڪمري ۾ ايترو ته هورڙيان ڳالهيون ڪري رهيا هيا، جو ٿورو آواز به ٻڌڻ ۾ نه پئي آيو. هوڏانهن مسٽر لاريءَ مسٽر ڪرنچر کي وڏي بي اعتباريءَ وچان ڏٺو. هڪ ايمانداري واپاري جهڙي ريت، هن جي نهار جو تاب پچائي نه سگهيو ان کي ڏسي مٽس بلڪل پروسو نه پيو ڪري سگهجي. هُو ڪنهن مهل هڪ ڇنگهه تي وزن وجهي بيهي ٿي رهيو ته ڪڏهن ٻيءَ ڇنگهه تي. ائين ڏِڪي رهيو هو جڙ ته هن جون ڪي پنجاهه ڪن ڇنگهون هجن، جن کي هُو هرهر مٽائي رهيو هجي. هن وڏي آڏنگي نموني سان، پنهنجين آڱرين جي نَنهَن کي گهورڻ شروع ڪيو ۽ جنهن مهل به هن جون نظرون مسٽر لاريءَ سان ملي ٿي ويون، تڏهن هُو هٽ جي مُٺ ٺاهي. هورڙيان ڪنگهڙ ٿي لڳو. اها بيماري عام طور تي دل جي صاف ماڻهن کي ناهي لڳندي.

"جيري! هيڏي اڇ." مسٽر لاريءَ چيو.

مسٽر جيري ٽيڏو پاسيرو هلندو وٽس پهتو. هن جو ڪلهو هن کان وڏي آيو.

"خبرون پهچائڻ کان سواءِ، تون ٻيو ڇا ڪجهه ڪندو هُئين؟"

هُو ٿوري دير تائين پنهنجي خيال ۾ ٻڏو مسٽر لاريءَ کي تڪيندو رهيو پوءِ هڪدم نهايت جَرڪندڙ خيال سندس دماغ ۾ تجلو ڏئي ويو "مڙئي پوکيءَ راهيءَ جو ڪم."

"مون کي شڪ ٿي رهيو آهي ته تو ٽيلسن جي پروقار نالي کي ڪاڪوس وانگر استعمال ڪيو ۽ کي وڏيون بيڪار ۽ ذليل

غيرقانوني حرڪتون ڪندو رهئين. جي اهو سچ آهي تہ پوءِ انگلينڊ موٽي هلڻ کان پوءِ، مون مان ڪنهن بہ قسم جي دوستي رکڻ جي اميد نہ رکجانءِ ۽ نہ وري اها اميد رکجانءِ تہ مان تنهنجو راز لڪائيندس. هاڻ تون ٽيلسن کي پنهنجي مفادن لاءِ وڌيڪ استعمال نہ ڪري سگهندين."

"مون کي توهان جا ننڍا وڏا ڪم ڪرڻ جي ڪري عزت حاصل ٿي چڪي آهي ۽ مون کي تہ هيءَ اميد آهي تہ توهان جي ئي خدمت ڪندي ڪندي منهنجا وار اڇا ٿي ويندا. ان ڪري جيڪڏهن ان ڳالهہ ۾ ڪا سچائي هئي بہ، تڏهن بہ مون کي نقصان پهچائڻ کان پهريون، توهان هڪ پيرو وري ضرور سوچيندئو. مان اهو نہ ٿو چوان تہ واقعي بہ اها ڳالهہ سچ آهي، پر فرض ڪٽي ڪريو هجي تڏهن بہ هن ڳالهہ جو خيال ضرور رکڻو پوندو تہ تازي هڪ هٽ سان ڪڏهن بہ ناهي وڃندي هر ڳالهہ جا بہ پاسا هوندا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ هن مهل ڊاڪٽريءَ جي ڏنڊي سان لاڳاپيل ماڻهو هزارين ڪمائي رهيا هجن ۽ هڪ ايماندار واپاريءَ کي هڪ رپيو نہ ٿو ملي. هوا وانگر بينڪ ۾ پيسا جمع ڪرائڻ اڃان ٿا. اڪين ئي اڪين ۾ چالاڪيءَ سان هن واپاري ڏي اشارا ڪن ٿا، پوءِ پنهنجين ذاتي گاڏين ۾ اڃان وڃن ٿا. وڌيڪ نہ بلڪل هوا وانگر. هاڻي مسز ڪرنچر آهي. بهرحال انگلينڊ ۾ تہ هئي نہ ۽ سياڻي وري هن سان واسطو پئجي سگهي ٿو ۽ هن کي موقعو مليو تہ تڙتڪڙ ۾ سجدا ڪرڻ لڳي ويندي. واپار جي خلاف دعائون گهري گهري تباهي ڪري ڇڏيندي. پر ڊاڪٽرن جون زالون ائين سجدا ناهن ڪنديون ۽ جي ڪنديون بہ آهن تہ انهن وٽ برڪت هوندي آهي. مريض وڌيڪ ايندا اٽن ۽ پيو تہ هڪ شئي مان ٻيون شيون عمل ۾ ايندیون آهن. ڪفن دفن جو انتظام ڪرڻ واري گرجا جو منشي، خادم ۽ پهريدار سيئي ان ۾ حصيدار هوندا آهن. جيڪڏهن ڪير بہ اهو ڪم ڪري، تڏهن بہ بچت ڪجهہ بہ نہ هڪ غريب ماڻهوءَ کي جيڪي ڪجهہ ملي ٿو ان مان تہ هُو خوشحال ٿي نہ ٿو سگهي. مسٽر لاري پوءِ بہ انهيءَ ۾ ڪا برڪت نہ هوندي آ. هرڪو انهيءَ ڏنڊي مان

نکرڻ چاهيندو. جيڪڏهن نکرڻ جو ڏڳ هجي تہ هُو اهو ڪم ڇڏڻ ئي پسند ڪندو."

"هَئا! مون کي تہ تنهنجي شڪل مان ئي ڊپُ ٿي رهيو آهي." مسٽر لاريءَ ڪجهہ نرمي ڏيکاريندي چيو.

"جناب! مان وڏيءَ عاجزيءَ سان، هڪ تجويز توهان جي اڳيان پيش ڪرڻ چاهيان ٿو. جيڪڏهن واقعي اها ڳالهہ سچ هجي ها... مان ائين نہ ٿو چوان تہ سچ آهي." مسٽر ڪرنچر چيو.

"هاڻي چالاڪي نہ ڏيکار." مسٽر لاريءَ چيو.

"نہ، صاحب! مان ائين ڪندس. مون اهو تہ ناهي چيو تہ اهو واقعو ڪوڙ آهي. جيڪو ڪجهہ مان توهان جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ چاهيان ٿو سو هي آهي تہ بار جي اسٽول وٽ، منهنجو چوڪرو ويهندو آهي. پلجي وڃو ٿي، جوان ڇوڪرو ٿي ويندو. توهان جو ڪم ڪار ڪندو. خط پٽ ڪٽي ويڙهي، هلڪا ڦلڪا ڪم ان وقت تائين ڪندو رهندو جيسين تائين توهان ڦِري نہ ويو. جي اها ڳالهہ سچ هجي ها، مون ايجا تائين قبول تہ نہ ڪيو آهي تہ اهڙي ڪا ڳالهہ آهي. ان چوڪري جي پيءُ کي سندس نوڪري تي رهڻ ڏيو تہ جيئن چوڪرو پنهنجي ماءُ جي سار سنڀال ڪري سگهي. هن چوڪري جي پيءُ جو تختو اونڌو نہ ڪريو صاحب! ائين نہ ڪجو صاحب! ۽ هن جي پيءُ کي باقاعدي گورڪن وارو ڪم ڪرڻ ڏيو صاحب! تہ جيئن هُو ان غلطيءَ جو بدلو چڪائي سگهي، جيڪا هن قبر کوٽي ۽ ڪفن چورائي ڪئي هئي. ڪئي نہ هئي پر جيڪڏهن اهڙي ڳالهہ هجي تہ ۽ هُو غلطي ڪري ها تڏهن... ان ڪري هُو انهن حرڪتن کان مُڙڻ لاءِ، هُو باقاعدي گورڪن بڻجي تہ جيئن اڳتي مرڻ وارن کي محفوظ رکڻ جي ذميواري محسوس ڪري."

مسٽر ڪرنچر قميص جي ٻانهن سان پنهنجو نرڙ اُگهيو. جنهن جو مطلب هي هيو تہ هن جي تقرير هاڻي پوري ٿي رهي آهي. "مان اهوئي توهان جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ چاهيان ٿو. اڄ ڪلهہ هتي جيڪو ٿي رهيو آهي، تنهن کي انسان ائين تہ ڏسي نہ ٿو سگهي.

ڪيترن ئي ماڻهن جا ڪلهن مٿان ڪنڊ ئي گم ٿي ويا. يا خدا! ڪَلُن جي ايتري گهٽائي آهي ۽ انهن جو ملهه ايترو ته ڪري پيو آهي، جو ان مان مزوريءَ جيترا پيسا به هٿ نه ٿا اچن...

... ها ته اهڙي ڳالهه جي سچ هجي ها ته مان اهوئي چوان ها، جيڪو مون هاڻي چيو آهي... ته مان توهان کي التجا ڪريان ها ته جيڪو مون توهان کي چيو آهي، ان کي ياد رکجو. هڪ نيڪ ۽ ڪارائتي مقصد لاءِ، مون پاڻ ئي سڀ ڪجهه توهان کي ٻڌائي ڇڏيو آهي. جي مان چاهيان ها ته ڳالهه تان ڦري ويجان ها."

"گهٽ ۾ گهٽ ايتري ڳالهه ته سچ آهي" مسٽر لاريءَ چيو "هاڻي بس ڪر. وڌيڪ ڪجهه نه چئُ. جي تون ان لائق ثابت ٿئين ته ۽ تو جائي به تويهه ڪري ورتي ته ممڪن آهي، مان پوءِ به تنهنجو دوست رهان. بس هاڻي وڌيڪ بڪ بڪ ٻڌڻ نه ٿو چاهيان."

مسٽر ڪرنچر سلام ڪرڻ لاءِ پنهنجي نرڙ تي هٿ رکيو. ايتري ۾ سڌني ڪارٽن ۽ مخبر اونداهي ڪمري مان نڪري آيا.

"خدا حافظ!... مسٽر برساڊ...! هاڻي سڀ معاملا طئي ٿي ويا ۽ توکي مون کان ڊڄڻ جي ڪا به ضرورت ناهي."

هُو اچي مسٽر لاريءَ جي سامهون آتشدان وٽ ويهي رهيو. جڏهن اهي اڪيلا ٿي ويا، تڏهن مسٽر لاريءَ پڇيو "تو چا ڪيو؟"

"گهٽو ڪجهه نه. جي ملزم مٿان برو وقت اچي ويو ته مون هڪ پيرو هن سان ملاقات جو انتظام ڪري ورتو آهي."

مسٽر لاريءَ جو منهن لهي ويو.

"مان ان کان وڌيڪ ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهان. ان کان وڌيڪ ڪجهه ڪرڻ جي خواهش رکڻ سان. هن جو ڪنڊ ڪهاڙيءَ هيٺان اچي سگهي ٿو. جيئن هُو پاڻ چئي رهيو هو ته جي هن جو راز کولیو ويو تڏهن به انجام ساڳيو ئي ٿيندو. هن کي وڏي سزا ته ملي نه ٿي سگهي. ظاهر ڳالهه آهي ته حالتون اسان جي حق ۾ ناهن. مجبوري آهي."

"پر جي عدالت هن جي خلاف حڪم ڏئي ڇڏيو ته هن سان ملڻ سان، هن جي جان ته بچي نه سگهندي نه."

"مون ائين ٿو ناهي چيو ٿو جان بچي پوندس."

مسٽر لاري وري باهه کي گهورڻ لڳو. پنهنجي پياري لوسي، جنهن سان هن کي همدردي ۽ محبت هئي. چارلس جي هيهر گرفتاريءَ سان هن کي جيڪا شديد مايوسي ٿي هئي، انهن سيني ڳالهين هن کي هوري هوري بي حال ڪري ڇڏيو. هاڻ هُو ڪاڙو ٿي چڪو هو. هاٿوڪن ڏينهن ۾ جن ڳٽتين اچي ورتو هيس، انهن کان ٽڪجي مايوس ٿي، سندس اکين ۾ ڳوڙها جرڪڻ لڳا.

"توهان ڏاڍا ماڻهو ۽ وفادار دوست آهيو. معاف ڪجو جي مان هي چوان ٿو توهان جذباتي ٿي رهيا آهيو. مان پنهنجي پيءُ کي ائين روئندو ڏسي، ڪڏهن به آرام سان ويهي نه سگهان ها ۽ جيڪڏهن توهان منهنجا والد هجو ها ٿو تڏهن به مان توهان جي غم جو ايترو ئي قدر ڪريان ها. شڪر آهي توهان کي مون جهڙي پُٽ جي ذلت نه ڪٽڻي پئي." ڪارٽن چيو.

هن اهي پويان لفظ پنهنجي خاص کهري لهجي ۾ چيا، پر پوءِ به هن جي لهجي مان سچا جذبا ۽ احترام جهلڪي رهيو هو. مسٽر لاري، جنهن کي ڪڏهن هن جو اهو بهترين پاسو ڏسڻ نصيب نه ٿيو هو، سو ان ڳالهه جي لاءِ بلڪل تيار نه هو. هن پنهنجو هٿ هِنَ جي هٿ ۾ ڏئي چڏيو ۽ ڪارٽن ان کي هورڻيان ڏياريو.

"ويچاري ڊارني لاءِ بس ايتروئي عرض آهي ٿ سندس زال سان هن ڳالهه ٻولهه ۽ انتظام جو ذڪر نه ڪجو. هُوءَ چارلس سان ملڻ نه وڃي سگهندي. هُوءَ شايد اهو سوچيندي ٿ سازش سٽي وئي آهي، ٿ جيئن حالتون خراب ثابت ٿين ۽ ائين هن کي اڳواٽ ئي فيصلو ٻڌڻ لاءِ تيار ڪري چڏيو وڃي."

ان بابت مسٽر لاريءَ ڪجهه به نه سوچيو هو. هڻ اهو ڇاڻڻ لاءِ چرڪ پري، ڪارٽن ڏانهن ڏٺو ٿ چا هُو پاڻ به اهوئي سوچي رهيو هو. سچ به اهو هو ٿ هن جي اکين کي پنهنجو جواب ملي ويو ۽ هُو سمجهي ويو.

"هُوءَ هزارين ڳالهيون سوچي سگهي ٿي،" ڪارٽن چيو "هن جي پريشاني ايڏا وڏي ويندي، هن سان منهنجي ڳالهه به نه ڪجو. جڻ ٿ

مون توهان جي اچڻ کان پوءِ چيو هو ته بهتر آهي ته مان هن سان نه ملان. مون کان جيڪو ڪجهه ٿي سگهندو اهو مان ڪندس. مون کان ٻوري گهٽي جيڪا مدد ٿي سگهندي، اها مان لڪ ڇپ ۾ ڪندو رهندس. توهان شايد هن ڏي وڃي رهيا آهيو. هُو اڃوڪي رات ڏاڍي ڏکويل هوندي."

"بس، مان هاڻي سڏو هن ڏي ئي ٿو وڃان."

"اهو سڀ کان سٺو ٿيندو. هُوءَ توهان سان ڏاڍو پيار ڪندي آهي. سن کي توهان مٿان پروسو به گهٽو آهي. هُوءَ ڪيئن هئي؟"

"ڏاڍي گهٽي پريشان ۽ غمگين... پر ڏاڍي سهٽي."

هڪ ڊگهي غم ۾ ٻڏل آهه جيڪا هڪ سڏڪي جيئن ڪارٽن جي دل مان نڪتي. هن تڪڙ ۾ مسٽر لاريءَ جي ان ڇهري ڏانهن ڏٺو جيڪو هن باهه ڏي ڪري ڇڏيو هو.

هڪ هلڪڙو پاڇو يا روشنيءَ جي جهلڪ ڇهري تي آئي ۽ تڪڙي ئي گذري وئي. جڏ ته هڪ ڇريائپ وڏائيندڙ جَرڪندڙ پرهه جو ڪو جهوٽو جابلو لاهيءَ تان لنگهي وڃي. هن پير سان هڪ ڪرندڙ ڪاني، کي لت هڻي، موٽائي آتشدان ۾ وجهڻ لاءِ ان تي پير رکي ڇڏيو. هن کي ان مهل سواريءَ جو اڇو ڪوٽ ۽ وڏا ٻُوتا جيڪي ان زماني ۾ گهڻا پسند ڪيا ويندا هئا، سي پاتل هيا. باهه جي روشني هن جي اڇن ڪپڙن تي پوڻ جي ڪري، هُو ڪو نظر اچي رهيو هو. هن جا ڊگها وارَ ائين وڏيل ۽ وکريل هيا ۽ سندس منهن مٿان پکڙيا پيا هيا. هن جو ٻُوتو جيڪو هرندڙ ڪانيءَ مٿان پيل هو سو سڙڻ شروع ٿي ويو هو. هن مسٽر لاريءَ کي ايترو لاپرواهه ڏسي ياد ڪرايس ته هن چيو "مون کان وسري ويو هو."

مسٽر لاريءَ جون نظرون وري هن جي چهري ڏي ٿي ويون. قدرتي حسين چهرو جيڪو ملزم سان هڪجهڙائي رکندڙ هو سو لاپرواهيءَ ۽ ڏياڻيءَ جو مرڪز بڻيل هو. مسٽر لاريءَ کي امالڪ ڀارني جو مڪ ير هن مهل سڀني جي مڪ تي به اهي ئي احساس هيا، ۽ مسٽر لاريءَ جي اکين ۾ وسيل هيا.

"ڇا توهان هتي جنهن ڪم سان آيا هيا، اهو پورو ٿي ويو؟"

"ها. . . مان ڪالهه توهان کي ٻڌائڻ وارو ئي هيس. جو اوچتو لوسي اچي وئي هئي. مون اهو ڪم پورو ڪري ورتو آهي. جنهن جي لاءِ مان آيو هيس. منهنجو خيال هو ته مان هنن کي پيرس ۾ محفوظ چڏي روانو ٿي ويندس. مون وٽ راهداري به موجود آهي. مان وڃڻ لاءِ بلڪل تيار هيس."

هُو ٻئي ماڻ ٿي ويا.

"توهان وڏي حياتي گذاري آهي. توهان ٻوٽتي مُڙي ان کي ڏسي به سگهو ٿا." ڪارٽن ڪنهن سوچ ۾ ٻڏل هوندي چيو.

"ما انهٽر ورهين جو آهيان."

"توهان جي سڄي عمر ڪارائتي گذري آهي. سدائين ثابت قدميءَ سان محنت ڪندا رهيئو. ماڻهن توهان متان پروسو ڪيو توهان جي عزت ڪئي ۽ توهان کي احترام سان ڏنو."

"مان جڏهن کان بلوغت کي پهتو آهيان، ڪاروبار ۾ غرق رهيو آهيان. مان ته ننڍپڻ کان ئي ڪاروباري ذهنيت جو هيس."

"هاڻي ڏسو نه. توهان انهٽر سالن جي عمر ۾ ڪيڏي نه وڏي مرتبي کي پهچي ويا آهيو. جڏهن توهان هن دنيا مان موڪلائي ويندئو تڏهن ڪيترا گهٽا ماڻهو هوندا، جيڪي توهان جي جدائيءَ جو غم ڪندا."

"مان هڪڙو ويچارو ڪراڙو. مون لاءِ ڪير روئڻ وارو آهي!" مسٽر لاريءَ ڪنڌ لوڏيندي جواب ڏنو.

"اهو توهان ڪيئن ٿا چئي سگهو! ڇا هُوءَ توهان لاءِ نه روئندي، هن جي ننڍڙي نه روئندي؟"

"ها، ها. خدا جو شڪر آهي. مون جيڪو ڪجهه ڪيو ان مان منهنجو اهو مطلب نه هو."

"ان ڳالهه لاءِ خدا جو شڪر ادا ڪري سگهجي ٿو نا"

"پڪ سان!"

"جيڪڏهن اڄوڪي رات توهان پنهنجي ويران دل سان اهو چئي سگهو ٿا ته دنيا ۾ ڪو به انسان مون سان محبت ناهي ڪندو ڪنهن

کي مون سان چاھ ناھي، کو بہ منھنجو ٹورائتو ناھي، مون کنھن جي بہ دل ۾ جاءِ ناھي ٺاھي، کنھن کي منھنجي پرواھ ناھي، مون زندگيءَ ۾ کو پلو ڪم ناھي ڪيو تہ کو مون کي ياد رکي سگھي، تہ پوءِ توھان جي زندگيءَ جا اھي اٺھتر سال، توھان لاءِ اٺھتر ڪوريون لعنتون بڻجي وڃن ھا يا نہ؟"

"توھان صحيح ٿا چئو مسٽر ڪارٽن! واقعي ائين ئي ٿيندو آھي!"

سڀني وري پنھنجيون اکيون باھ جي شعلن تي جمائي ڇڏيون ۽ ھڪ پل مائ رھڻ کان پوءِ چيو "مان توھان کان پڇڻ چاھيان ٿو تہ ڇا توھان کي پنھنجو ھاروٽڻ گھٽو پري لڳندو آھي، جڏھن توھان ماءُ جي جھوليءَ ۾ وينا ھيا، سي ڏينھن ھاڻي خواب وانگر ڏندلا نظر ايندا اٿوَ!"

"ويھ سال اڳ، اھي ڳالھيون تہ واقعي بہ گھٽيون ڏندلليون ٿي وين ھيون، پر جيئن جيئن آخري وقت ويجھو اچي رھيو آھي، مان گھمي ڦري واپس منڊ ڏي موڪي رھيو آھيان. ائين ٿو لڳي تہ ائين ھڪ سڏي سنواڻي ترڪڻي وات تيار ٿيندي پئي وڃي. منھنجي دل انھن ڪيترين ئي يادن جي ڪري متاثر ٿي رھي آھي، جيڪي ڪو زمانو اڳ سمھي پيون ھيون. ھاڻي ڪراڙپ ۾ بہ مون کي پنھنجي حَسِين ۽ ڳيرو ماءُ ۽ اھي ڏينھن ياد ٿا اچن، جڏھن ھيءَ دنيا منھنجي لاءِ ايتري مادي نہ ھئي ۽ منھنجيون ڪمزوريون انھن ڏينھن ۾ ايتريون پختيون نہ ٿيون ھيون."

"مان ھنن جي جذبن کي چڱيءَ ريت سمجھي سگھان ٿو جن جي ڪري توھان جي دل کي دلاسو ملندو آھي." ڪارٽن جي ڳاڙھي ٿي ويل مُنھَن تي رونق اچي وئي.

"اميد تہ اھائي آھي."

اتي پھچي ڪري ڪارٽن ڳالھ ٻولھ بند ڪري ڇڏي ۽ اُٿي ھن کي متان ڪوٽ پائڻ ۾ مدد ڪئي.

"پر تون . . تون تہ جوان آھين!" مسٽر لاريءَ موضوع ڏي موڙندي چيو.

"ها، مان ڪراڙو ناهيان، پر جواني ۾ منهنجون حرڪتون اهڙيون نه هيون، جيڪي انسان کي طبعي عمر تائين پهچڻ ڏين. بس، ڇڏيو منهنجي ڳالهه کي." ڪارٽن چيو.

"ڀ منهنجو ذڪر بہ ختم ٿيڻ گهرجي. ڇا توهان ٻاهر ويڙهڻ چاهيو ٿا؟" مسٽر لاريءَ چيو.

"مان هنن جي ڦاٽڪ تائين توهان سان گڏ هلندس. توهان تہ منهنجي رلڻ ڀ بي قراريءَ کان واقف آهيو. جي مان رات دير تائين سڙڪن تي چڪر هڻندو وتان تہ ڪٿتي نہ ڪجو. مان سياڻي حاضر ٿي ويندس. توهان سياڻي عدالت ۾ ويندئو؟"

"ها، بدقسمتيءَ سان وڃڻو ئي پوندو."

"مان بہ اتي موجود هوندس، پر ميڙ جي هڪ فرد وانگر. منهنجو مخبر منهنجي لاءِ جاءِ رکي ڇڏيندو. منهنجي ٻانهن جو سهارو وٺو منهنجا سائين!"

مسٽر لاريءَ هن جي ٻانهن پڪڙي ورتي. هُو لهي، هيٺ گهٽيءَ ۾ هليا ڀ چند منٽن ۾ ئي منزل تائين پهچي ويا. ڪارٽن اتي هن کان موڪلائي هليو ويو پر ٽورو پري وڃي بيهي رهيو ڀ جڏهن ڦاٽڪ بند ٿي ويو. تڏهن موٽي اچي ان کي ڇهيائين. هن ٻڌو هو تہ هُوءَ ڏهاڙي جيل ويندي هئي. "هُوءَ هن جڳهه کان ٻاهر آئي هوندي." هن پنهنجي چئني پاسن ڏانهن ڏسندي سوچيو "هتان لڙي پڪ سان هنن پٽرن مٿان ڪيئي پيرا قدم رکيا هوندائين. مان هن جي قدمن جي نشانن تي هلان تہ."

"گُڊ نائيٽ، سٽيزن!"

"ري پبلڪ جو ڪهڙو حال آ؟"

"تنهنجو مطلب تہ مس گلوٽين ڪيئن آ؟ ٺيڪ ٺاڪ آ، اڃوڪو تعداد ٽيهٺ هو. ترت ئي اسان سَئو تائين پهچي ويندا سين. ڪڏهن ڪڏهن سيمسن ڀ ان جا ماٺهو شڪايت ڪن ٿا تہ اهي ٽڪجي شل ٽي ٿا پون. ها هاهاها. . . ڇا تہ بيهودو ماٺهو آهي. سيمسن بہ ڪمال جو حجم آهي."

"چا تون اڪثر اهو سپ ڏسڻ ويندو آهي."

"حجامت ڪرائيندي ها سدائين. . . ڏاڙهي چا ته ڪمال جو حجم آهي. تو ڪڏهن هن کي ڪم ڪندي ڏٺو آهي؟"

"ڪڏهن نه"

"جنهن ڏينهن ڪجهه سُٺو دستو پهچي، ان ڏينهن وڃي هن کي ٿورو ڏس ته ٿورو پاڻ اندازو هڻ. سٽيزن! اڄ مون ۾ سلفيون پيتيون هيون جو هن ٽيهڻ ماڻهن جي حجامت ڪري ورتي. ۾ سلفين کان گهٽ واري وقت ۾. قسم سان!" جڏهن اهو ڏهرو همراهه هٽ سان سلفي ڏکائي جلاد جي وقت جو حساب ڪري رهيو هو تڏهن ڪارٽن جي دل ۾ چتي خواهش اُپري ته هُو هن کي اتي ئي ماري چڏي، ان ڪري هُو موتي پيو.

"تون ته انگريز ناهين، حالانڪ توکي انگريزي لباس پاتل آهي."

آري هلائيندڙ چيو.

"ها." ڪارٽن بيهي رهيو ۽ موتي جواب ڏنائينس.

"تون فرانسيسن وانگر ڳالهائين ٿو"

"مان هتان جو پراٽو شاگرد آهيان."

"واهه. . . ! هڪ مڪمل فرينچ. . . گُڊ نائيٽ، انگريز!"

"گُڊ نائيٽ، سٽيزن!"

"پر وڃي هن بيهودي ڪتي کي ضرور ڏسجانءِ. پاڻ سان گڏ هڪ سلفي به کڻي وڃجانءِ" ڏهري همراهه پويان رڙ ڪري چيس.

سڀني گهٽو پري نه ويو هو. وچ سڙڪ تي هڪ هرندڙ ليمپ جي هيٺان بيهي رهيو ۽ پينسل سان ڪاغذ جي ٽڪري تي ڪجهه لکيائين. پوءِ هُو ان ماڻهوءَ وانگر مضبوط وڪون کڻندو جنهن کي دڳ چڱي طرح ياد هجي، ڪيئي اونداهين ۾ ڪِنين گهٽين مان ٽيندو جيڪي گهٽيون اڳي کان وڌيڪ گنديون ٿي رهيون هيون، هڪ عطر فروش جي دڪان تي پهتو. اهي گهٽيون مارا ماريءَ جي زماني ۾، اڳي کان وڌيڪ گنديون ٿي رهيون هيون چو ته اڄ ڪلهه وڌيون سڙڪون به صاف نه ڪيون ويندیون هيون. اهو دڪان اونداهو ۽ سوڙهو هو

جيڪو هڪ ننڍڙيءَ چڙهائيءَ واريءَ سڙڪ جي ڏکي جاءِ تي هو. مالڪ به ائين مختصر ۾ کيڙو هيس.

هن دڪاندار کي به گُڊ نائيٽ چيو ۽ ڪاغذ سندس اڳيان ميز تي رکي چڏيو.

"اُف!" عطر واريءَ هوري هوري پڙهي چيو "هي... هي... هي!"

سڀني مٿس ڪوڙ ڏيان نه ڏنو.

"سٽيزن! توهان جي پنهنجي لاءِ؟"

"ها، پنهنجي لاءِ."

"ڏار... ڏار، حفاظت سان رکجو. توهان کي خبر آهي ته انهن کي ملائڻ جو نتيجو چا نڪرندو!"

"ها، بلڪل."

ڪي ننڍيون ننڍيون پُڙيون ناهي، هن کي ڏنيون ويون. هن هڪ هڪ ڪري اهي پنهنجي واسڪيٽ جي اندرين کيسن ۾ رکي چڏيون. هن پيسا ڳڻي ملهه ادا ڪيو ۽ دڪان مان ٻاهر نڪري آيو.

"هاڻي سپاڻي تائين مون کي ڪجهه ناهي ڪرڻو." هن چنڊ ڏي ڏسندي چيو.

"مون کي ننڊ نه ٿي اچي." هن تيز لنگهندڙ ڪرن جي پاڇي ۾ اهي لفظ چيا ته هن جي رويئي مان لاپرواهي ظاهر نه ٿي رهي هئي. ايتا ۾ لاپرواهيءَ کان دليري بکي رهي هئي. هُو اهڙي ماٺهوءَ وانگر نظر اچي رهيو هو جيڪو لڳاتار ٽڪل هجي ۽ رولاڪيون ڪندي ڪندي جدوجهد جو دڳ وساري ويٺو هجي، پر جنهن کي پنهنجي راهه ملي وڃي ۽ هُو منزل ڏي هلي پوي.

زمانو ٿيو جڏهن هُو نوجوان هو ۽ پنهنجي هڪ جيڏن ۾ سلڇٽي طور مشهور هو تڏهن سندس پيءُ وفات ڪري ويو هو. هن جي ماءُ ته گهڻو اڳ مري چڪي هئي. هُو اونداهيءَ سڙڪ تي وڃي رهيو هو. چٽني پاسي اونده هئي. چنڊ ۽ ڪڪر مٿس تري رهيا هيا. ان مهل جيڪي پاڪ لفظ هن جي پيءُ جي قبر تي پڙهيا ويا هيا، سي هن کي ياد اچي ويا، "مان مرڻ وارن جي لاءِ زندگيءَ جو پيغام آهيان. مان ئي

زندگيءَ جو نُور آھيان. خداوند مسيح چوي ٿو 'اھو جيڪو مون تي ويساھ رکي ٿو سو مري ۽ جيئرو رھندو ۽ اھو جيڪو جيئرو آھي ۽ مون تي ايمان رکي ٿو سو ڪڏھن ۽ نہ مرندو.' اھو شھر جنھن مٿان کھاڙيءَ جو پاڇو ڇانيل ھو. رات جي مھل ۽ اڪيلائي. سندس دل ۾ ٽيھٽ مرڪ وارن جو غم قدرتي طور تي ايري رھيو ھو ۽ ٻئي ڏينھن جي عتاب ھيٺ آيل انھن انسانن لاءِ، جيڪي قيد خانن ۾ پنھنجي موت جو انتظار ڪري رھيا ھيا. پوءِ ٻيو ڏينھن. . . ۽ ھڪ نئون سياڻو. . . خيالن جي سلسلي کيس لفظ ياد ڏياري ڇڏيا. خيالن جي زنجير لفظن جي ياد کي ھڪ پراٽي ٻڌي ويل جھاز جي گنڍجي ويل لنگر وانگر ڪناري ڏي ڇڪي وئي آئي، ھن کي انھيءَ جي ڳولا نہ ھئي، پر ھُو انھن لفظن کي دل ٿي دل ۾ ورجائيندو رھيو.

ھن روشن درين ڏانھن ڏٺو. جتي ماٺھو سيني وحشتن ۾ گھيريل ھوندي ۽ سپ ڪجھ وساري، چند پُرسڪون ڪلاڪن لاءِ سمھڻ جي تياري ڪري رھيا ھيا. ھن جو خيال گرجا جي انھن مينارن ڏي ويو جتي عبادت ڏوھ ٻڌجي چڪي ھئي. ماٺھن کي ڪريل پادرين ۽ ڦُورو مذھبي اڳواڻن ۽ دغابازن سان ايڏي تہ شديد نفرت ٿي چڪي ھئي، جو اھي پنھنجي تباھيءَ جا پاڻ طالب ٿي چڪا ھيا. ھن انھن قبرستانن ڏي ڏٺو جن جي ڦاٽڪن تي لکيل ھيو تہ 'ابدي ننڊ جي لاءِ وقف آھن.' ھن انھن جيلن لاءِ ۽ سڙڪ تان لنگھي. موت جي ھنج ۾ وڃڻ وارن جي لاءِ ھڪ گھري ۽ پاڪ دلچسپي محسوس ڪئي. اھو موت، جيڪو ھڪ اھڙي عام مادي حقيقت ٻڌجي چڪو جنھن جي ڪري ماٺھن ۾ سولي تي قتل ڪيو ويندڙن بابت ڪا زبردست قسم جي جنن ڦُوتن واري کھاٽي ۾ پيدا نہ ٿي رھي ھئي. سڀني کارٽن ھن شھر ۾، جيڪو سمھڻ جي تيارين ۾ ھو موت ۽ زندگيءَ جي باري ۾ سوچيندو سين درياءَ کان ٽيندو وري روشن گھٽين ۾ پھچي ويو. گاڏيون ڏاڏيون گھٽ نظر اچي رھيون ھيون، ڇو تہ گاڏين ۾ سفر ڪرڻ وارن تي شڪ ڪرڻ جو ڪتڪو ھيو ۽ اوچي طبقي وارا ماٺھو ڳاڙھين ٽوپين ۾ منھن لڪايون، ڳورا جُوتا پايون، پيدل ھلي رھيا ھيا. پر ٽيٽر سپ پريل ھيا.

۽ جڏهن هُو اتان لنگهيو تڏهن ماڻهو اتان ٿهڪ ڏيندا نڪتا ۽ کل پوڳ ڪندي گهرن ڏي روانا ٿي ويا. هڪڙي ٽيٽر جي در تي، هڪ ننڍي چوڪري ماءُ سان گڏ بيٺي، گپ هاڻي دڳ کي پار ڪرڻ جو انتظار ڪري رهي هئي. هُو هن کي ڪچ تي ڪٽي هن پار وٺي ويو ۽ کيس هيٺ لاهڻ کان اڳ هن کان پيار گهريائين.

"مان ئي مرڻ وارن جي لاءِ زندگيءَ جو پيغام آهيان ۽ مان ئي زندگي آهيان." خداوند مسيح چوي ٿو "جيڪو مون تي ويساهه رکي ٿو سو مري به جيئرو رهندو ۽ جيڪو جيئرو آهي ۽ مون تي ايمان رکي ٿو سو ڪڏهن به نه ٿو مري."

۽ رات گذري وئي ۽ دڳ ويران ٿي ويا. تڏهن به اهي لفظ سندس پيرن جي ڪڙڪي سان گڏ گونجي رهيا هيا ۽ هوا ۾ نچي رهيا هيا. هُو هلندي هلندي وڏي اطمينان ۽ ثابت قدميءَ سان اهي لفظ ورجائيندو وڃي رهيو هو. اهي لفظ برابر سندس ڪنن ۾ گونجي رهيا هيا.

رات گذري وئي. هُو پل تي بيهي پيرس جي ٻيٽ سان لاڳو درياءَ جي ڪنارن سان ٽڪرائجندڙ پاڻيءَ جو آواز ٻڌندو رهيو. مڪان ۽ گرجا، چنڊ جي روشنيءَ ۾ هڪڙي الجهيل تصوير وانگر جرڪي رهيا هيا، برفاني ڏينهن هڪ ڪفن پوش مئل ماڻهو وانگر آسمان تي ايري رهيو هو تڏهن چنڊ ۽ تارن سان سينگاريل رات ڦڪي ٿي وئي ۽ هن ساهه ڏئي ڇڏيو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ ائين لڳس ته دنيا مٿان جڙ ته موت جي حڪومت قائم ٿي ويندي.

پر سج اپريو ۽ اهي لفظ جيڪي رات جي ٻوجهه هيٺ ڏٻيل هيا، سي روشن ۽ ڏگهن ڪرٽن جي وسيلي، هن جي دل ۾ ڪپي ويا. هن پوڄا جي جذبي کان متاثر ٿي، پنهنجين اکين مٿان هٿ جو پاڇو ڪري، ڪرٽن ڏي ڏٺو. ڪرٽن جي جڙ ته هڪڙي پل هن جي ۽ سج جي وچ ۾ لڙکندي نظر آئي ۽ ان جي هيٺان درياءَ جهلمل ڪري رهيو هو.

صبح جي ماڻ ۾ موجون ڪيڏيون نه زبردست تيز ۽ ثابت قدم هيون. اهي هڪ سچي دوست وانگر پاسي رهيون هيون. هُو گهرن کان پري، درياءَ جي ڪناري هلندو رهيو ۽ ڪناري تي سج جي روشنيءَ ۽

گرميءَ ۾ سمهي پيو. هُو جنهن مهل اٿيو تڏهن به ڪا دير اتي ويٺو رهيو ۽ ڪُنَ جي اجاين ڦيرن کي ايسيتائين ڏسندو رهيو جيسيتائين وهڪري ان ڪُنَ کي گم نه ڪري ڇڏيو.

"بلڪل مون وانگر!"

هڪ تجارتي ٻيڙي، جنهن جا سَڙهه نرم ۽ نازڪ سڪل پنن جهڙا هيا، سا ترندي نظر آيس ۽ اها سندس اکيان لنگهي گم ٿي وئي. جڏهن پاڻيءَ تي ٻيڙيءَ جا ڇڏيل ڇِڇَ به ماڻ ۾ گم ٿي ويا، تڏهن اها دعا، جيڪا هن جي ڇپن تي دل مان ايري آئي هئي ۽ جنهن ۾ هن خدا کان التجا ڪئي هئي ته ڪائنس جيڪي غلطيون اڻڄاڻائيءَ ۾ ناسمجهيءَ جي ڪري ٿيون هيون، اي پروردگار! پنهنجي رحم ۽ ڪرم سان اهي بخشي ڇڏ. اها دعا هن جي ڇپن مان هنن لفظن جي صورت ۾ نڪتي، "مان ئي مرڻ وارن جي لاءِ زندگيءَ جو پيغام آهيان ۽ مان ئي زندگيءَ جو نُور آهيان." هُو جڏهن واپس آيو تڏهن مسٽر لاري ٻاهر وڃي چڪو هو ۽ اهو اندازو لڳائڻ سولو هو ته هُو خدا جو نيڪ بندو ڪاڏي ويو هوندو؟ سڀني ڪارٽن کانيءَ کان سواءِ ڪجهه نه پيتو. ٽوري ماني کاڌائين. وهنجي سهنجي سازوٿي عدالت ڏي روانو ٿي ويو.

عدالت ۾ آوازن جي بڙبڙ يُون يُون وانگر گونجي رهي هئي. ڪاري 'رِد'، جنهن کي ڏسي ماڻهن جاءِ ڏني، تنهن هن کي ميڙ جي وچ ۾، هڪ ڪنڊ ۾ ويهاري ڇڏيو. مسٽر لاري ۽ ڊاڪٽر مينٽ به موجود هيا. هُوءَ به موجود هئي، اتي ئي پنهنجي پيءُ جي پر ۾ ويٺي هئي.

جڏهن هن جي مڙس کي وٺي آيا، تڏهن هن ڪنڌ پوئتي ورائي ڏٺو هو. هن جي اکين ۾ همت افزائيءَ جي ڪوشش هئي. وڏي پوڄا ۽ محبت هئي، رحم سان تار پريل الفت هئي. ان ڪري هُوءَ وڏيءَ دليريءَ سان پنهنجي دل کي سنيالي ويٺي رهي. هن کي ڏسي ڊارني کي ڪجهه ٽيڪ ٿي ۽ هن جي مک تي صحت مند رت جي ڇاڙهاڻ ڊوڙي وئي ۽ سندس اکيون جرڪڻ لڳيون ۽ هن جي دل وڏي ٿي وئي. جيڪڏهن ڪير ان مهل سڀني ڪارٽن کي به ڏسي ها ته هن جي مُکَ تي به ساڳيا ياوَ ڏسي ها.

انهيءَ بي انصاف عدالت اندر ڪيس جي ڪارروائيءَ ۾ ڪا بہ ترتيب نہ هئي، جنهن مان ملزم جي صحيح طور تي ٻڌڻيءَ ۾ جي اميد ڪئي وڃي ها. جي گهٽي سختي ۾ حيوانيت سان سيئي قانون منسوخ نہ ڪيا وڃن ها تہ انقلاب ڪيئن اچي ها. انتقام کان وڌي پيماني تي متاثر ٿي، سيني قانونن کي ڪالعدم قرار ڏنو ويو هو توڻي جو اهو قدم خودڪشيءَ جي برابر هو. سيني جون نگاهون جيوري تي کتل هيون. اهي ئي پراڻا جمهوريت پسند قومپرست ڦٽ لڳا وينا هيا، جيڪي ڪالهہ بہ آيا هيا ۾ سياڻي بہ ۾ ٻئي ڏينهن بہ ڇميا وينا هوندا. جيوريءَ جي ميمبرن ۾ سيني کان وڌيڪ پرجوش هڪڙو اعصابي مريض هو. جنهن جون هوس پريون آگريون، بيقراري وچان، هن جي چپن تي سُرڪي رهيون هيون. هن کي ڏسي ويٺلن جي وڏي تعداد کي حوصلو ملي رهيو هو. اهو آدم خور خونخوار سينٽ انٽائين جو جيڪوس نمبر تي هيو. اها ڪتن جي پٽنچايت، هڪ هرڻ جو فيصلو ڪرڻ واري هئي.

پوءِ سيني جون نظرون پنجن ججن ۾ سرڪاري وڪيل ڏي ڪڇي ويون. اڄ هن پاسي کان ڪيس ڪنهن بہ قسم جي رعايت جي اميد نہ هئي. اڄ هنن جا اِرادا بہ ڏاڍا ظالماڻا، جنگي، قاتلاڻا نظر اچي رهيا هيا. ماڻهن وري هڪٻئي ڏي اطمينان ۾ پسند ڪرڻ وارين نگاهن سان ڏٺو. پنهنجا ڪنڌ ڏُوٽيائون ۾ پوءِ وڏي ڏيان ۾ دلچسپيءَ سان ڪيس ٻڌڻ جي لاءِ اڳتي جهڪي ويا.

چارلس ايورموند عرف ڊارني کي ڪالهہ رها ڪيو ويو هو وري ڪالهہ ئي الزام هٽي. ڪيس ٻيهر گرفتار ڪيو ويو هو. وارنٽ ڪالهہ رات، هن جي سامهون پيش ڪيا ويا هيا. ري پبلڪ جو شڪي دشمن، جنهن کي اگهاڙو ڪيو ويو هو امير نسل جو ماڻهو ظالمن جي گهراڻي جو هڪ ميمبر. . . لعنتي طبقي جو هڪ رڪن. ڇو تہ انهن ماڻهن پنهنجون رعايتون عوام کي ڪچلڻ لاءِ وڏي بي شرميءَ سان ڪم آنديون. ايورموند، جيڪو چارلس ڊارني طور مشهور هو سو انهن قانونن جي روشنيءَ ۾ بلڪل مري چڪو هو.

سرڪاري وڪيل ڪجهه اهڙي ئي مختصر جملن ۾ وضاحت ڪئي.

"ڇا ملزم تي سڌو سنئون الزام آهي، يا سندس مخبري ڪئي وئي آهي؟" صدر پڇيو.

"معزز صدر! ڪليل الزام آهي."

"الزام ڪنهن هنيو آهي؟"

"هن جي خلاف ٽن ماڻهن جون ڳالهيون آهن، هڪ ته ارنيسٽ ڊيفارج... سينٽ انٽائين جو ڪلاڪ."

"ڏاڍو سُٺو!"

"۽ ٻيو اليگزينڊر مينٽ.. ڊاڪٽر..."

عدالت ۾ شور اُٿيو ۽ ان گوڙ جي وچ ۾ ڊاڪٽر پنهنجي جاءِ تي اٿي بيٺو. هن جو منهن ڪوٽي ويو هو ۽ هُو ڏڪي رهيو هو.

"معزز صدر! مان احتجاج ٿو ڪريان. اهو ڏوڪو ۽ فريب آهي. توهان ڄاڻو ٿا ته ملزم منهنجي ڏيءُ جو مڙس آهي. منهنجي ڏيءُ ۽ اهي ماڻهو جيڪي مون کي پيارا آهن، مون کي پنهنجي جند کان وڌيڪ آهن. اهو ڪير آهي ۽ ڪٽي آهي جيڪو چوي ٿو ته مان پنهنجي ڏيءُ جي مڙس کي ملزم قرار ڏيان ٿو؟"

"سٽيزن مينٽ! پاٽيءُ مان نه نڪرو. عدالت جي حڪم نه مڃڻ نافرماني ڪرڻ جي ڪري، توهان پاڻ قانون جي پڪڙ ۾ اچي ويندئو. ۽ ٻي ڳالهه ته توهان کي جند جان کان وڌيڪ ڇا ڇا پيارو آهي ته هڪ سُٺي شهريءُ کي ري پبلڪ کان وڌيڪ ڪا شئي پياري نه هجڻ گهرجي."

ان چند پٽڻ تي آفرين ۽ واکاڻ جو وڏو گوڙ بلند ٿيو. صدر پنهنجي گهنٽي وڄائي ۽ وڏي جوش سان چيو. "جي ري پبلڪ توهان کان توهان جي ڏيءُ جي قرباني گهري، تڏهن به توهان جو فرض هوندو ته توهان اها قربان ڪري ڇڏيو. ماڻ ڪري ويهي ڪارروائي ٻڌو."

وري ماڻهن ٻي قرار ٽي گوڙ ڪيو. ڊاڪٽر مينٽ جا چپ ڏڪي رهيا هيا. هُو چٽني پاسي نظر ڦيرائي، ماڻ ڪري ويهي رهيو. سندس

ڏيءَ هن جي ويجهو ٿي وئي. اعصابي مريض ٻئي هٿ مهٽيا ۽ پوءِ هڪ هٿ سان چپ کي مهٽڻ لڳو.

جڏهن عدالت ۾ مان چانئجي وئي، تڏهن ڊيفارج کي پيش ڪيو ويو. هن مختصر طور تي ڊاڪٽر مينٽ جي ڪهاڻي ۽ هن جو قيدي ٽيڪ ٻڌايو. هُو انهن ڏينهن ۾ چوڪرات هو ۽ ڊاڪٽر وٽ ملازم هو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر جي رهائي ۽ رهائي کان پوءِ جڏهن هن جي حوالي ڪيو ويو، تڏهن قيديءَ جي جيڪا حالت هئي، سا هن تفصيل سان بيان ڪئي. عدالت جو ڪم وڏيءَ تيزيءَ سان ٿي رهيو هو. آڏي پڇا مختصر ڪئي وئي.

"سٽيزن! جڏهن باستيل جو قيدخانو قبضي ۾ آيو، تڏهن تو وڏيون عظيم خدمتون سرانجام ڏنيون."

"هائو."

ايتري ۾ هڪ جوش پريل مائيءَ ميڙ مان رڙ ڪئي، "تون سيني کان سُٺن قومپرستن مان هُئين. ٻڌائين ڇو نه ٿو ته تون ان ڏينهن توپچي هُئين ۽ ان منحوس قلعي جي فتح مهل، جيڪي سپ کان اڳ ۾ اندر گهڙيا هيا، تون انهن ۾ شامل هيئن. اي قومپرستو! مان سچائي بيان ڪري رهي آهيان."

اها ونجنس هئي، جيڪا ويٺلن جي جوشيلي واکاڻ ۽ نعرن جي وچ ۾، ڪيس جي ڪارروائيءَ ۾ مدد ڪري رهي هئي. صدر پنهنجي گهنٽي وڄائي، پر ونجنس کي ويٺلن وٽان جو پيپي ملي ته هُوءَ لڳاتار رڙيون ڪندي رهي.

"مون کي ان گهنٽيءَ جي تر برابر به پرواهه ناهي." ان ڳالهه تي به ماٺهن هن کي شاباش ڏني.

"شهر جي عدالت کي ٻڌاءِ ته تو ان ڏينهن باستيل ۾ ڇا ڇا ڪيو؟"

"مان ڄاڻان پيو ته . . ." هُنَ شاهد شاهدي واري اوچي ڪٽهڙي مان، پنهنجي زال ڏي ڏسندي چوڻ شروع ڪيو. هُو هيٺ دريءَ ڏي ڏسي رهي هئي. "مان ڄاڻان پيو ته مان جنهن جو ذڪر ڪري رهيو آهيان اهو هڪ سَئو پنج اترئين برج ۾ قيد هو. هن پاڻ مون کي ٻڌايو هو. هُو

پاڻ پنهنجي ذات کي سواءِ هڪ سَئو پنج اترئين برج جي نالي جي سُجاڻيندو ئي نه هو. هُو ان زماني ۾ مون وٽ جُوتا ٺاهيندو هو. هُو جڏهن مون وٽ هوندو هو ان ڏينهن جڏهن مون بندوق سنيالي تڏهن مون ارادو ڪيو ته جڏهن قلعو فتح ٿي ويندو تڏهن اها ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ڏسندس. قلعو فتح ٿي ويو ته مان جيلر جي رهنمائيءَ ۾ ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ چڙهي ويس. مون سان گڏ هڪ شهري به هيو جيڪو هن مهل جيوري جو ميمبر بڻيو ويٺو آهي. مان وڏيءَ محنت سان ان ڪوٺڙيءَ جي تلاشي ورتي. چمنيءَ جي سوراخ ۾ جتي ٿوري پٽ کوٽي جاءِ ٺاهي وئي هئي. اتان مون کي هڪ چٺي ملي. مون کي ڊاڪٽر مينٽ جي لکت ڏسڻ جو موقعو مليو آهي. اهو آهي اُهو خط جيڪو ڊاڪٽر مينٽ جي هٿن جو لکيل آهي. مان اهو صدر جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو."

"اهو خط پڙهيو وڃي."

خاموش موت جو پاڇو ڇانئجي ويو. اهو ملزم جنهن تي ڪيس هلي رهيو هو سو پيار پريل نگاهن سان پنهنجي زال کي ڏسي رهيو هو. سندس زال پهريون هن ڏي ڏٺو. پوءِ پريشان ٿي پيءُ ڏي ڏٺو. ڊاڪٽر مينٽ جون اکيون خط تي جميل هيون. ميڊم ڊيفارج لڳاتار ملزم کي تڪي رهي هئي. ڊيفارج پنهنجي زال کي ڏسي رهيو هو ۽ باقي ماڻهن جون نگاهون ڊاڪٽر تي جميل هيون. جيڪو ڪنهن کي به نه ڏسي رهيو هو.

خط پڙهيو ويو... ان ۾ لکيو ويو هو...!

باب ڏهون

پاڇي جو بڻ بڻياد

مان يعني اليگزينڊر مينٽ. . . ٻووي جو رهاڪو جيڪو بعد ۾ پيرس ۾ اڇي وينو هو. . . اهو بدنصيب ڊاڪٽر 1767ع جي پڇاڙڪي مهيني ۾ وينو پنهنجي ڏک ڀري ڪهاڻي قلم جي حوالي ڪري رهيو آهيان. مان هي اکر لک چپ ۾ لکي رهيو آهيان. منهنجي ڏکن جي ڪا انتها ئي ناهي. مان هي سپ ڪجهه لکڻ کان پوءِ هي ڪاغذ آتشدان جي پٽ ۾ لڪائي ڇڏيندس، جتي مون وڏي محنت کان پوءِ هڪڙي جاءِ کوٽي ٺاهي آهي ۽ هاڻي جڏهن مان ۽ منهنجا ڏک سور متيءَ ۾ ملي ويندا، تڏهن هي ڪاغذ شايد ڪنهن رحم دل انسان جي هٿ لڳي ويجي.

"هي لفظ مان هڪ چنهنبياري لوهه جي ٽڪري جي مدد سان لکي رهيو آهيان. آتشدان جي چمنيءَ مان ڪاراڻ ۽ ڪوئلو ڪٽي، ان ۾ پنهنجي رت کي ملائي، مس ٺاهي اٿم. اڄ مون کي قيد ٽئي ڏهه سال گذري چڪا آهن. منهنجي دل مان اميد مڪمل طور تي غائب ٿي چڪي آهي. مون مٿان ڪيئي ڀيرا خودفراموشيءَ جا اهڙا دَورا پئجي چڪا آهن، جو مون کي ويساهه ٿي چڪو آهي ته منهنجا هوش ۽ حواس گهڻو وقت سلامت نه رهندا، پر مان پوري پڪ سان چئي سگهان ٿو ته هن لکٽيءَ کي قلم جي حوالي ڪندي، منهنجا هوش ۽ حواس بلڪل صحيح ۽ سالم آهن. منهنجو يادگيرو صفا تازو ۽ چٽو آهي ۽ پل ته کو به انسان هيءَ لکت پڙهي سگهي يا نه، پر مان خدا کي حاضر ۽ ناظر ڄاڻي لکي رهيو آهيان ۽ مون کي قيامت جي ڏينهن خدا جي اڳيان حاضر ٿيڻو آهي.

برسات جي هڪ رات هئي. ٻسمبر جو ٽيون هفتو هو. . . (منهنجو خيال آهي ته مهيني جي ٻاويهين تاريخ هئي) هي واقعو 1757ع جو آهي. مان سين درياءَ جي ويران ڪناري، ڪوهيڙ ۾ گهيريل تازي هوا لاءِ ٽيلار ڪري رهيو هيس.

مان ميڊيڪل اسڪول واري علاقي ۾ رهندو هيس ۽ اها جاءِ اُتان ڪلاڪ ڪن جي پنڌ تي هئي. امالڪ هڪ تيز گاڏي پويان کان آئي. مان هڪ پاسي ٿي ويس. مان هن ڊپ وچان ته گاڏي هينان نه اچي وڃان، هڪ پاسي ٿي ويس. ڪنهن دريءَ مان منڊي ڪڍي، ڪوچوان کي بگي روڪڻ جو حڪم ڏنو. ڪوچوان گهوڙن کي قابو ڪري گاڏي بيهاري، هن همراهه منهنجو نالو ونيو، مون کي سڏ ڪيو. گاڏي ٽورو اڳتي وڃي بيني هئي، ان ڪري جيسين مان گاڏيءَ تائين پهچان، هُو به شريف ماڻهو گاڏيءَ جو در کولي هيٺ لهي آيا. مون ڏٺو ته هُو ٻئي پنهنجو پاڻ کي لڪائڻ خاطر ڪپڙن ۾ ويڙهيل هيا. مون کي اها خبر به پئي ته هُو جنهن مهل گڏگڏ بيٺا هيا، تڏهن ڳالهه ٻولهه ۽ چال چلت ۾ منهنجا هڪ جيڏا يا مون کان ٿورا ننڍا پئي لڳا. جيترو مون ڏٺو ان مان اندازو ٿيو ته هُو ٻئي هڪٻئي سان گهٽو ملندڙ مهانڊن وارا آهن.

"چا توهان ئي ڊاڪٽر مينٽ آهيو؟" هڪ چيو.

"ها. . . مان ئي آهيان، پو؟"

"اهوئي ڊاڪٽر مينٽ، جيڪو اڳ ۾ بووي ۾ رهندو هو. نوجوان ڊاڪٽر مينٽ، جيڪو اڳ ۾ ماهر سرجن هو. ٻه سال ٿيندا جو پيرس اچي هن وڏو نانءَ ڪمايو آهي." ٻئي چيو.

"صاحبو! مان اهوئي ڊاڪٽر مينٽ آهيان، جنهن جي باري ۾ توهان هن مهل عزت پريا لفظ ڪم آندا آهن." مون چيو.

"اسان توهان جي گهر کان ٿيندا پيا اچون." پهرئين چيو "بدقسمتيءَ سان توهان سان اتي ملاقات ٿي نه سگهي. خبر پئي ته توهان گهمڻ لاءِ هيڏانهن آيا آهيو. اسان انهيءَ اميد ۾ ته توهان سان ملي ونڊاسين، توهان جي پويان پويان آيا آهيون. چا توهان مهرباني ڪري گاڏيءَ ۾ سوار ٿيڻ جي تڪليف ڪندئو؟"

ٻنهي جو انداز ڏاڍو حاڪماڻو هو. هُو اهي لفظ چئي اڳتي وڌيا ۽ مون کي پنهنجي گهيري ۾ آندائون. هُو هٿيارٻند هيا. مان هٿين خالي هيس.

"صاحبو!" مون چيو. "معاف ڪجو. جن ماڻهن کي منهنجي ضرورت هوندي آهي، مان اڳ ۾ انهن کان هي پڇي وٺندو آهيان ته هُو ڪير آهن؟ اهو به ته ڪين ڪهڙي قسم جي مرض ۾ مدد جي ضرورت آهي؟"

ان ڀالهه جو جواب ٻئي نمبر واري ڏنو. "ڊاڪٽرا توهان کي گهرائڻ وارا معزز ماڻهو آهن. مرض بابت رڳو ايترو چئي ڇڏڻ ڪافي آهي ته اسان کي توهان جي هوشياري ۽ مهارت تي ايترو ته پروسو آهي، جو اسان جي خيال ۾ مريض جو حال ٻڌائڻ کان بهتر آهي ته توهان پاڻ هلي سندس تپاس ڪريو. چڱو بس هاڻي بحث ڪرڻ جي مهل ناهي. مهرباني ڪري گاڏيءَ ۾ ويهو."

مون لاءِ ان حڪم تي عمل ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪا واٽ ئي نه هئي. مان ماٺ ڪري گاڏيءَ ۾ ويهي رهيس. هُو به منهنجي پويان گاڏيءَ ۾ چڙهيا. پهرئين همراهه گاڏيءَ جي ڏاڪڻ مٿي ڪٽي ورتي ۽ ٽپو ڏئي اندر اچي ويو. مون اها ڀالهه ٻولهه ائين ئي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيئن اها ان مهل ٿي هئي. مان هر ڀالهه کي سُود پُود ائين ئي بيان ڪرڻ جو جتن ڪري رهيو آهيان، جيئن اها ٿي هئي. مان جنهن جاءِ تي کي ٽهڪا ڏئي ٿو ڇڏيان جيئن هن ڪاڦر تي هتي ڏنا اٿم. انهن جو مطلب ته مون وقتي طور لکڻ بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي لکت ڀُجهيءَ جاءِ تي لکائي ڇڏيان ٿو.

...

گاڏي گهٽين کي پوئتي ڇڏيندي، اترئين چوڪي کان ٽيندي، ڏاتوءَ واري سڙڪ تي پهچي وئي. مون ان مهل مفاصلي بابت غور نه ڪيو پر موٽڻ مهل اندازو هنيم ته گاڏي چوڪيءَ کان ٻه ڪوهه ڪن هلي، عام سڙڪ کان ٽيندي هڪ سنسان مڪان اڳيان بيهي رهي

هئي. اسان ٽئين لهي، هڪڙي آلي پيچري تان ٽيندا باغ مان لنگھياسين. ان باغ ۾ سار سنيال نہ لهڻ جي ڪري، چشمي جو پاڻي ٻاهر نڪري، گهر جي در تائين پکڙجي ويو هو. گهنٽي وڄائڻ تي در ترت نہ کليو ۽ جڏهن نوڪر در کوليو تڏهن مون سان گڏ جيڪي ٻه همراهہ گڏ هيا، تن مان هڪ پنهنجا دستانا ڪيس منهن تي هڻي ڪڍيا.

اهو منظر ڏسي مون کي ڪا به حيرت نہ ٿي. ڇو تہ مون کيئي پيرا ڏٺو آهي تہ عام غريبن کي ڪتن کان وڌيڪ مار ملندي آهي. جڏهن ٻئي ٻہ بلڪل ائين ئي ڪاوڙجي، هن کي ڏڪ هنيو تہ مون کي خيال آيو تہ ٻنهي جي چال چلت هڪجهڙي آهي ۽ ٻئي پڪ سان جاڙا ٻائر هوندا.

اسان جيئن در وٽ پهتاسين تہ ان کي تالو لڳل هو ۽ ٻنهي ٻائرن مان هڪ انهيءَ کي کوليو. اسان جي ڪنن ۾ ڪنهن جي دانهن ڪوڪن جا آواز اچڻ لڳا. اهي آواز مٽيندءَ ماڙ تان اچي رهيا هيا. مون کي ترت ئي اُتي نيو ويو. اسان جڏهن ڏاڪا چڙهي رهيا هياسين، تڏهن اهي رڙيون ايجا وڏنديون ويون. مون ڏٺو تہ هڪ مريض مائي دماغي بخار ۾ ورتل، پلنگ تي پئي آهي.

هُوءَ ڏاڍي سهڻي، سندر، نوجوان عورت هئي. ويهن سالن کان وڌ جي نہ هئي. هن جا وار پٽيل هيا. هن جا هٿ پاسن ۾ رومالن ۽ چيلهہ جي پٽي سان ٻڌل هيا. مون ڏٺو تہ جن شين سان ڪيس ٻڌو ويو هو، اهي مرداڻي لباس جا مختلف حصا هيا. انهن مان هڪڙي جهالر واري ڪپڙي کي مون سڃاڻي ورتو تہ اهو درباري لباس آهي ۽ ان مٿان ڪنهن رئيس جو خانداني نشان ۽ اکر 'اِي' پرت سان پريل آهن.

بيمارِ کي ڏسندي ئي، ڪجهہ منٽن جي اندر ئي، مون سيني ڳالهين جو اندازو لڳائي ورتو. ڇو تہ هُوءَ بيقراريءَ وچان تڙپي اونڌي تي وئي هئي ۽ پنهنجي وات ۾ رومال وجهي چڏيو هياٿين. جنهن جي ڪري هن جي دم گهٽجڻ جو ڪتڪو هو. مون پهريون ڪم هي ڪيو تہ هن جي وات مان رومال ڪڍي ورتم تہ جيئن هن جو ساهہ ٻوساٽجڻ

کان بچي وڃي. مون رومال ڪيڻ مهل ان جي ڪنڌ تي پريل نشان ڏسي ورتو.

مون هن کي سِڌو ڪيو. مون هن کي آرام سان ليٽائڻ لاءِ، سندس ڇاتيءَ تي هٿ رکيو ۽ غور سان هن جي چهري جي تپاس ڪيم. هن جي قاتل اکين مان وحشت جهلڪي رهي هئي ۽ هُوءَ لڳاتار اپ ڏاريندڙ رڙيون ڪري رهي هئي ۽ هر هر هينئن چئي رهي هئي، "منهنجو مڙس... منهنجو بابو... منهنجو پاءُ!!"... پوءِ هن ٻارهن تائين ڳڻپ ڪئي ۽ چيو "هُش!" بس هُنَ هڪ پَلُ ڪجهه ٻڌڻ جي لاءِ ماڻ ڪئي ۽ وري سندس ڪن ڦاڙيندڙ رڙيون شروع ٿي ويون. وري هن ساڻيو جملو ورجايو... منهنجو مڙس... منهنجو بابو... منهنجو پاءُ! ٻارهن تائين ڳڻپ ڪيائين ۽ وري ساڻيو ئي "هُش!" چئي، ساڳي ئي انداز ۾ بنان بيهڻ جي ائين رڙيون ڪندي رهي.

"هن جي هيءَ حالت ڪيتري عرصي کان آهي؟" مون پڇيو.

مان ٻنهي پائرن ۾ فرق ڪرڻ لاءِ، ننڍيو ۽ وڏو چوندس. وڏي مان منهنجي مراد اهو آهي، جيڪو سڀ کان وڏيڪ حڪم هلائي رهيو هو. وڏي ئي جواب ڏنو "ڪالهه رات کان. تقريبن هي وقت ئي هيو."

"ڇا هن جو مڙس ۽ پاءُ آهن؟"

"هڪ پاءُ اٽس."

"مون کي هن جي پاءُ سان ڳالهائڻ جو شرف نه حاصل ناهي."

"نه" هن وڏيءَ ڏڪار وچان جواب ڏنو.

"ڇا ٻارهن جي تعداد سان هن کي هاڻي ئي واسطو پيو آهي؟"

"ها، ٻارهين وڳي جو خيال سندس دماغ ۾ پرجي ويو آهي." ننڍي پاءُ ٿورو چڙندي، بي دليءَ وچان چيو.

"ڏسو صاحبو!... توهان مون کي جنهن حالت ۾ ونئي آيا آهيو مان صفا مجبور ۽ بيڪار آهيان. جي اُتي مون کي مريض جو ٿورو گهڻو حال معلوم ٿي وڃي ها تہ مان ڪجهه دوائون کڻي اچان ها، پر هاڻي تہ کوڙ سارو وقت برباد ٿيندو. هتي هن ويران جڳهه ۾ پلا دوائون ڪٿان ملنديون!؟"

وڏي پاءُ ننڍي ڏي ڏنو جنھن وڏيءَ گستاخيءَ ۾ وڏائيءَ وچان چيو "دوائن جي ھڪ پيٽي آھي تہ صحيح." ۽ ھن الماريءَ مان اھا پيٽي ڪڍي ميز تي رکي ڇڏي.

...

مون ڪجھ بوتلن کي سِنگھيو ۽ چکيو. جي مان انھن دوائن کان سواءِ ڪا بہ دوا ڏيڻ چاھيان ھا، تڏھن بہ ڏئي نہ سگھان ھا. ڇو تہ اھي سڀ دوائون نشي واريون ھيون. جيڪي پاڻ زھر ھوندیون آھن.

"ڏسو صاحبو! ھي دوا تہ مون کي ڏجو." مون جواب ڏنو ۽ چپ ٿي ويس.

مون ھرھر ڪوشش ڪري وڏي ڏکيائيءَ سان دوا جو ھڪ وزن مريض جي نڙيءَ ۾ لاٿو ڇو تہ ٿوريءَ دير کان پوءِ وري اھائي دوا ڏيڻي ھئي ۽ مون ان دوا جو اثر بہ ڏسڻ پئي چاھيو. ان ڪري مان ھنڊ وٺ ويھي رھيس. ھڪڙي بدحال قسم جي عورت، جيڪا ھينئين ھمراھہ جي زال ھئي، سا خدمت جي لاءِ موجود ھئي. اھا ھڪ ڪنڊ ۾ ويھي رھي.

گھر ڏاڍو پراٽو ۽ گھميل ھو. سڄو بي ترتيبي سان رکيل سامان سان پريل ھو. لڳي ائين پيو تہ ھتي ھاٽوکن ڏينھن ۾ ئي عارضي رھائش اختيار ڪئي وئي آھي. ڪجھ ٽلھا ڪپڙا درين ۾ پردن جي جاءِ تي ٽنگيا ويا ھيا تہ جيئن رڙين جو آواز ڏيجي وڃي. مريضياڻي لاڪيتو رڙيون ڪري رھي ھئي ۽ ھرھر ساڳيا لفظ ورجائي رھي ھئي، "منھنجو مڙس... منھنجو بابو... منھنجو پاءُ!" ۽ وري ٻارھن تائين ڳٽ ۽ "ھُش!". وحشت ايتري تہ گھٽي ھئي جو مون ھن جا ھٿ بہ نہ کوليا ھيا، رڳو ھن جي تکليف گھٽ ڪرڻ جي لاءِ، ٿورا ڏرا ڪري ڇڏيا ھيم. مريضياڻيءَ جي ڪيس ۾ رڳو ھڪ ڳالھہ ئي اميد پري ھئي تہ مون جيڪو ھٿ سندس ڇاتيءَ تي رکيو ھو ھُوءَ ان مان سڪون وٺي ڪجھ دير لاءِ ماڻ ٿي پئي وئي، پر سندس رڙين تي ڪو بہ اثر نہ پئي ٿيو.

مان ہن ڪلاڪن تائين مريضياڻيءَ جي پرسان ويٺو ھيس ۽ ٻئي پائر غور سان ڏسي رھيا ھيا. ايتري ۾ وڏي پاءُ چيو "ھڪ مريض ٻيو بہ آھي."

مان ڇرڪي پيس ۽ پڇيم. "ڇا هن جي حالت بہ هن وانگر نازڪ آهي؟"

"بهتر آهي تہ توهان پاڻ هلي ڏسوسِ." هن لاپرواهيءَ وچان جواب ڏنو ۽ لالٽين کڻي مون کي دڳ ڏيکارڻ لڳو.

...

ٻي ڏاڪڻ چڙهي، پوئين ڪمري ۾ ويا سين تہ اتي هڪ ٻيو مريض اصطبل جهڙي ٽلهي تي پيو هو. ان ڪمري جي هڪ حصي ۾ پلاسٽر جي هيناهين ڇت هئي، باقي ٻيو ڪليل هو. اڳيان هڪ حصي ۾ ڪڪ ڪانا هيس. ڪمري ۾ ڪجهہ ڪاٺيون ٻارڻ لاءِ پيون هيون ۽ واريءَ ۾ صوفن جو ڏڳ گڏ ٿيو پيو هو. مون کي ان حصي مان لنگهي، مريض واري حصي ڏي وڃڻو پيو. منهنجو يادگيرو محدود، پر ڏاڍو چٽو آهي. مان اڄ هتي باستيل جي قيدخاني ۾، ڏهن سالن کان پوءِ بہ پنهنجي تخيل جي مدد سان، هر شئي کي ڏاڍو چٽو ڏسي رهيو آهيان، جيئن جيئن مون ان رات ڏٺي هئي.

ٿورڙي گاهہ جي مٿان هڪ سهڻو هاري چوڪرو پيو هو. هن جي ڪنڌ هيٺان وهاڻو پيو هو. هُو وڌ ۾ وڌ سترهن سالن جو هو. هُو سڌو پيو هو ۽ ڪيس ڏنڊڻ پيل هيا. هن جي ساڄي هٿ جي مُٺ پڪوڙيل هئي ۽ اها سندس ڇاتيءَ تي رکيل هئي ۽ هُو قاتل اکين سان ڇت کي گهوري رهيو هو. مان هن کي ڏسڻ لاءِ گوڏن ڀر ويٺس. مون کي کو زخم تہ ڏسڻ ۾ نہ آيو. پر ايترو ضرور سمجهي ويس تہ هُو ڪنهن تيز هٿيار جو زخم کائي مري رهيو آهي.

"مان ڊاڪٽر آهيان، ڇڪڑا! مون کي تپاس ڪرڻ ڏي" مون چيو.

"مون کي ڪا بہ تپاس ناهي ڪرائڻي." هن چيو "ڇڏيو!"

زخم هن جي هٿ جي هيٺان هيو. مون وڏي نرمي سان، هن کي سندس هٿ پري ڪرڻ لاءِ راضي ڪري ورتو. زخم ترار ڪپائڻ جي ڪري ٿيو هيس ۽ ويهہ يا چوويهہ ڪلاڪ اڳ لڳو هيس. جي هن کي ترت طبي اُمداد ملي وڃي ها تہ پوءِ بہ سندس جان نہ بچي ها. سندس

زندگي ڏاڍي تکڙي پوري ٿي رهي هئي. مون وڏي پاڻ ڏي ڏٺو. هُو سھڻي چوکري کي ائين ڏسي رهيو هو جڙ تہ هُو کو انسان نہ، پر کو زخمي ٽيل پکي يا سيھڙ هجي.

"هي زخم ڪيئن لڳو؟ جناب!" مون چيو.

"ڪميٽو پاڳل ڪتو آهي... نياڳو هاري آهي... منهجي پاڻ کي تلوار ڪٽڻ تي مجبور ڪيائين ۽ منهنجي پاڻ جي ڏک جي ڪري ئي زخمي ٿيو آهي. منهنجي پاڻ هن کي هڪ شريف مرد وانگر ڏک هٽي ڪيرايو آهي."

هن جي لهجي ۾ رحم يا افسوس يا انساني همدرديءَ جي رتي بہ نہ هئي. هن جي گفتگو مان ظاهر ٿي رهيو هو تہ هن مختلف قسم جي جانور جي هيئن ڪھلي مرڻ تي ڪيس ڏک ٿي رهيو آهي. هن ماڻھوءَ کي پنهنجي دستور مطابق، پنهنجي ڪيڙن ڪاڏي ماحول ۾، پاڻ جھڙن ماڻھن وانگر ڳمنامي‌ءَ جي موت مرڻ کپي ها تہ پوءِ ڪا بہ برائي نہ هئي. هن ۾ هن غريب چوکري مٿان رحم کائڻ يا هن جي آياڳ کي محسوس ڪرڻ جي صلاحيت نہ هئي. هُو ڳالھائي رهيو تہ چوکر ان مھل اکيون هوري هوري پھريون هن ڏي ۽ پوءِ مون ڏي ڦيرايون.

"ڊاڪٽر!... هي ماڻھو ڏاڍا مغرور آهن... هي امير ماڻھو... پر اسان دڳ جا ڪتا بہ غيرت رکون ٿا. ڪڏهن ڪڏهن اسان جي خودي بہ جاڳي پوي ٿي. هي اسان کي لُٽين ٿا، تباهہ ڪن ٿا، اسان جي جسمن تي هنٽر وسائن ٿا ۽ اسان کي ماري ڇڏين ٿا، پر ٿوري غيرت ايجا رهجي وئي آهي. هُوءَ... ڊاڪٽر! ڇا توهان... هن کي ڏٺو؟"

رڙين ۽ دانهن جو آواز ڪجهہ جھيڻو ٿي ويو هو، پر پوءِ بہ اوستائين صاف اچي رهيو هو. چوکري جو مطلب هن جي رڙين بابت ئي هو... هُوءَ جڙ تہ اسان جي سامھون پئي هجي.

"ها، مون هن کي ڏٺو آهي." مون چيو.

"ڊاڪٽر! هُوءَ منهنجي پيٽ آهي. هنن شريفن جا بي حيائيءَ وارا حق آهن. هنن کي اسان جي مائرن پينرن جي عزت لُٽڻ جو حق سالن کان مليل آهي. هي وڏي عرصي کان ائين پنهنجا منهن ڪارا ڪندا

آيا آهن. پر هاڻي ٻه اسان ۾ پارسا ڇوڪريون موجود آهن. ماڻ ڄاڻان ٿو ۽ مون پنهنجي پيءُ کي چوندي ٻڌو آهي ته هُوءَ نيڪ ۽ پارسا ڇوڪري هئي. هڪ نيڪ نوجوان سان سندس مڱڻي ڇڪجي هو. اهو هنن جو راهڪ هو. اسان سڀ هنن جا راهڪ آهيون. هن جا، هي جيڪو سامهون بيٺو آهي. هي ٻيو هن جو ڀاءُ آهي. گندي نسل جو بدترين نمونو."

ڇوڪرو وڌي ڪوشش ڪري سڄي جسم جي سڳهه خرچ ڪري ايترو ڇئي سگهيو پر انهن لفظن ۾ سندس روح ڇالهائي رهيو هو.

"هي جيڪو سامهون بيٺو آهي، ان اسان کي ڏاڍو لُٽيو آهي. هي ماڻ کي برتر سمجهي ٿو ۽ هن اسان جي نسل جي سڀني حقير ڪتن کان جبر جي بنياد تي ڏُن ورتو آهي. بنان اجوري جي بيگر وهڻ تي مجبور ڪندو رهيو آهي. زوري پن چڪيءَ تي ان پيهائيندو رهيو آهي. هن جي پالتو پکين کي پنهنجن اجڙيل کيتن مان اناج کارائڻو پوندو آهي. اسان ماڻ ته ڪو پکي يا جانور پالي نه ٿا سگهون. اسان کي ايترو ته لُٽيو ويندو آهي. جو جيڪڏهن اسان کي گوشت ذرو نصيب ٿي ويندو آهي ته اسان ڍڇي ڍڇي کائيندا آهيون. در دريون بند ڪري کائيندا آهيون ته متان هي ماڻهو وات مان کڏي نه وڃن. اسان ايترا ته لٽيا، ڦريا ۽ برباد ڪيا ويا آهيون. ايترا ته مفلس ۽ ڪنگال ٿيا آهيون. جو اسان جي پيءُ چيو ته دنيا ۾ ڪنهن ٻار کي جنم ڏيڻ ٻه وڏو پاپ آهي ۽ اسان کي سڀ کان وڌيڪ دعا اها گهرڻ کپي ته اسان جون عورتون سنڌ ٿي وڃن ۽ اسان جو اپاڳو نسل دنيا مان منجي وڃي."

مون ڪڏهن ٻه ذليل ڪيو وڃڻ خلاف، بغاوت جي احساس کي باهه وانگر اڻبن ايڏو تيز پڙڪندي نه ڏٺو هو. مون کي ايترو خيال ضرور هيو ته اهو احساس ماڻهن جي دلين ۾ ڊهيل ديوار موجود نه آهي. پر مون ان کي اڻين بند پيچندي، اُڀڙڪندي رکو ان دم ڏيندڙ ڇوڪري ۾ ڏٺو هو.

"پوءِ ٻه ڊاڪٽر! منهنجي پيڻ شادي ڪري ڇڏي هُو انهن ڏينهن ۾ بيمار هو ۽ هن پنهنجي پرينءَ جي ڪري شادي ڪئي ته جيئن هن کي

پنھنجي جھوپڙيءَ ۾ وڃي اچي ۽ کيس کو سک ۽ آرام ڏئي سگھي. اسان جي معمولي جھوپڙي، جنھن کي ھي شخص کٽي جي رھڻ جي ڇڙَ چوندو ھن جي شادي کي کي ھفتا ئي مس ٿيا ھيا، جو ھن شخص جي ياءُ ھن کي ڏسي ورتو ۽ ھن تي موھجي پيو ۽ ھن جي مڙس کي چيائين تہ ھيءَ مون کي ڪجھ وقت لاءِ اڏاري ڏئي ڇڏ. اسان ماڻھن ۾ مڙس جي حيثيت ئي ڇاھي، ھُو تہ تيار ھو پر اھا تہ منھنجي پيڙ ھئي پاڪدامن ۽ نيڪ ۽ ھن شخص جي ياءُ کان ايتري ئي نفرت ڪندي ھئي، جيتري مان ڪندو آھيان. خبر آڻَوَ پوءِ ھنن ٻنھي ڇا ڪيو؟ ھنن ٻنھي ھن کي ان ڳالھ لاءِ مجبور ڪيو تہ ھُو دباءُ وجھي، پنھنجي زال کي راضي ڪري"

ڇوڪري جون اکيون پھريون مون تي جميل ھيون، پوءِ ھن ھوري ھوري ڦيرائي ھنن ٻنھي ڏي ڏٺو تہ مون کي خبر پئجي وئي تہ ھن جيڪو ڪجھ ٻہ چيو ھو سو سچ ھو. مون ہن مختلف قسمن جي خودداريءَ جو مطالعو ھتي باستيل جي جيل ۾ ٻہ ڪيو آھي ۽ انھن جي وچ ۾ ٽڪر ڏٺو آھي. مٿئين طبقي وارا تہ نھايت غور سان ھر ڳالھ کي وڏيءَ لاپرواھيءَ ۽ بي ڊياني‌ءَ سان ٽارڻ گھرن پيا. لتاڙيل ۽ پيسيل طبقي وارا ھاري جوش ۾ اچي، انتقام وٺڻ جا منصوبا ٺاھين ٿا.

"خبر ٿئي، ڊاڪٽرا! ھنن ماڻھن کي تہ ھي حق حاصل آھي تہ اسان عام ڪتن کي گاڏين ۾ جوٽي ھڪلين. ھنن ڪُنَ کي جوٽي ھڪليو. توھان کي خبر آھي تہ ھنن کي حق حاصل آھي تہ اسان کي پڪڙي، سڄي رات اسان کان پھرو ڏيارين ۽ ڏيڊرن جي ٽان ٽان بند ڪرائڻ تي بيھاري ڇڏين تہ جيئن ھنن جي ننڊ نہ ڦٽي. ھنن ڇتي ڪوھيڙ ۾ ھُنَ کي سڄي رات ٻاھر رکيو ۽ صبح جو گاڏيءَ ۾ جوڙ و پر ھُو پوءِ ٻہ ھنن جي ڳالھ مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. ھڪ ڏينھن ٽيپھريءَ جو ھن کي ان لاءِ کوليو ويو تہ جيئن ھُو ڪجھ کاڏو کائي، پر جي اھو ٻہ ڪتان ملي پويس تہ. ھن کي گوڏي وٽ ڏڪ لڳو ھو ۽ ھن ان ڪري ھن سڏڪو پريو ۽ پورن ٻارھن سڏڪن کان پوءِ ھن پنھنجي زال جي ھنج ۾ ساھ ڏئي ڇڏيو."

جيڪي ظلم متس ڪيا ويا هيا، انهن جو حال ٻڌائڻ جي لڳن ڪانسواءِ ٻي ڪا اهڙي انساني طاقت نہ هئي، جنهن جي ٻل تي هُو زخمي ڇوڪرو جيئرو هو. هن موت جي ڪاهہ ۾ اونداهن پاڇن کي پري اُڇلائي ڇڏيو. هن مُٺ سان پنهنجي زخم کي ڇڪوڙي رکيو هو.

"هي پنهنجي ٻاءُ جي اجازت، بلڪ هن جي مدد سان، هن کي پڪڙي وٺي ويو. تنهن هوندي ٻہ هن پنهنجي نازڪ حالت جو ذڪر پنهنجي ٻاءُ سان ڪري ڇڏيو هو. هن جي حالت نازڪ ڇو هئي؟ اها ڳالهہ ٻہ گهٽيءَ دير تائين توهان کان ڳجهي نہ رهندي. ان هوندي ٻہ هن جو ٻاءُ هن کي پنهنجي گهڙيءَ پل جي عياشيءَ ۾ ورونهن لاءِ پڪڙي وٺي ويو. مون دڳ تي هن کي پنهنجي پرسان ويندي ڏٺو. مون جڏهن گهر پهچي اها ڳالهہ پنهنجي پيءُ کي ٻڌائي تہ هن جو هنيانءُ ڦاٽي پيو. هن جي وات مان هڪ اکر ٻہ نہ نڪري سگهيو. منهنجي هڪڙي ٻي ٻيٽ ٻہ آهي. مان هن کي اهڙي جاءِ تي پهچائي آيو آهيان، جتي هن شخص جي پهچ ناهي، جتي هُوءَ گهٽ ۾ گهٽ هن جي لونڊي ٻڍڙ کان بچي پوندي. پوءِ مون هُنَ جي ٻاءُ جي جاچ ورتي ۽ هتي پهچي ويس ۽ ڪلهہ رات مون جهڙو ذليل ڪتو ترار هٽ ۾ ڪٽي، هن تي ڪاهہ ڪري آيو. . . مورچي واري دري ڪٽي آهي. . . هُوءَ هتي ڪٽي هئي."

هن جي اکين ۾ اوندهہ ڇانئجندي پئي وئي. مون چئني پاسن ڏانهن اک ڦيرائي، اندازو هڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ويڑهہ ڪٽي ٿي هوندي. ڇو تہ هيڏي هوڏي پيل گاهہ لتاڙيل پئي لڳو

"هن منهنجو آواز ٻڌو ۽ پڇندي اندر آئي. مون هن کي چيو تہ جيسيتائين هي مري نہ وڃي، تيسيتائين منهنجي ويجهو نہ اچي. هُو ٻہ اندر آيو. هن اڳ ۾ تہ ڪجهہ ڏوڪڙ مون ڏي اڇلايا، پوءِ مون کي هنٽر سان ماريو پر مون ٻہ، مان جيڪو هڪ حقير ڪتو آهيان، مون ٻہ ڪيس منهن توڙ جواب ڏنو جو هن کي ترار ڪيڏي پئي، جيڪا منهنجي رت ۾ ٻڏل آهي. هن پنهنجي جان بچائڻ لاءِ پنهنجي مهارت مان فائدو ورتو ۽ ترار منهنجي ڇاتيءَ ۾ هڻي ڪيڏي"

ڪجھ دير اڳ منھنجي نظر ھڪ پڳل ترار تي پئي ھئي، جنھن جا ٽڪرا گاھ ۾ پيل ھيا. اھو ھڪ رئيس جو ھٿيار ھو ۽ ٻئي ڪنڌ ۾ ھڪ پراٽي ترار پئي ھئي، جيڪا ڪنھن سپاھيءَ جي لڳي رھي ھئي.

"مون کي ٽيڪ ڏئي اُتاريو. ڊاڪٽر! مون کي اُتار. ھُوءَ ڪٿي آھي؟"

"ھُوءَ ھتي ناھي." مون ھن کي سھارو ڏنو. مون سوچيو تہ ھن جو اشارو شايد ھن جي ياءُ ڏي آھي.

"ھُو. . . وڏو مغرور رئيس زادو آھي، پر منھنجي ڏسڻ سان ئي ھن جو دم ٽو وڃي. ڪٿي آھي اھو شخص جيڪو ھاٽي ھاٽي ھتي ھو. منھنجو منھن ھن ڏي ڪيو."

مون گوڏي جي سھاري، ھن جو متو متي ڪري اوڏانھن ڦيري ڇڏيو. اوچتو ھن ۾ ڪا غيبي طاقت پيدا ٿي وئي. ھُو اٿي ويھي رھيو. مون کي ب٘ اُٿي ويھڻو پيو. نہ تہ مان ھن کي سھارو نہ ڏئي سگھان ھا.

"مارکوئيس!" چوڪري چيو. ھن جون اکيون قاتل ھيون ۽ سڏو ھٿ متي ٽيل ھيس. "ھڪ ڏينھن ايندو جڏھن ھر ڳالھ جو جواب ڏيڻو پوندئي. مان تنھنجي ياءُ کي، جيڪو تنھنجي نسل جو سيني کان ذليل فرد آھي، للڪاريان ٿو ۽ ھن کان جواب طلبيان ٿو. شاھديءَ لاءِ مان تنھنجي مٽان رت ھاڻو صليب ناھي ڇڏيان ٿو تہ جيئن سند رھي."

ھُنَ ب٘ پيرا پنھنجي گھاءَ ۾ آڱريون ٻوڙيون ۽ آڱر سان ھوا ۾ صليب ناھيو. ھُو آڱر ايپي ڪيون، ھڪ پل لاءِ بيٺو رھيو. پوءِ ھُو ايپي ٽيل آڱر سان گڏوگڏ زمين تي ڪري پيو.

...

جڏھن مان نوجوان عورت وٽ موٽي آيس تہ ھُوءَ اڃي وانگر ھيڏان ۾ مبتلا ھئي. مون ڄاتو پئي تہ اھا حالت نہ ڄاڻ الائي ڪيتريءَ دير تائين ھلي سگھي ٿي ۽ پوءِ وري موت جھڙي ماٺ ڇانئجي ويندي.

جيڪا دوا مون اڳ ۾ ڏني ھئي، وري اھائي ڏنم ۽ ھن جي پرسان وينو رھيس. گھٽي رات گذري چڪي ھئي. ھن جي رڙين ۾ ڪابہ ڪوٽ نہ پئي ٿي ۽ نہ ئي سندس لفظن ۾ ڪا ھيٺ مٽانھين ٿي. ھُوءَ لڳاتار

ڇئي رهي هئي. "هڪ... ٻه... ٽي... چار... پنج... ست... اٺ... نو... ڏهه... يارهن... ٻارهن... هُش!"

منهنجي اڇڙ کان پوءِ مسلسل ڇويهه ڪلاڪن تائين هن جي اهائي حالت رهي. مان ٻيهر آيس. ويس ۾ وري اچي هن وٽ ويهي رهيس. تڏهن هن جي زبان ٽڙڻ لڳي. مون ان موقعي تي جيڪو ڪجهه ٻڌڻ ڪري سگهجي ٻيو اُهو ڪيو ۾ هُوءَ هوري هوري غنودگيءَ ۾ ٻڏندي هلي وئي ۽ بي جان ٻڌجي ڪرسيءَ تي پئي رهي.

اُن مهل ائين لڳي رهيو هو جيئن وڏي طوفان کان پوءِ نيٺ ماڻ چاننجي وڃي. مون هن جي ٻانهن ڇڏي ڏني ۽ مددگار عورت کي گهرايم ته جيئن هن جي مدد سان سندس ڇوڪري جي جسم ۾ قاتل ڪيڙن کي درست ڪري سگهجي. ان مهل مون کي سندس حالت جي خبر پئي. هن جي جسم مان ماءُ ٻڌڻ جا ابتدائي آثار ظاهر ٿي رهيا هيا ۽ مون کي هن جي جيئري رهڻ جي جيڪا ڪمزور اميد هئي. سا به ختم ٿي وئي.

"مري وئي چاڻ" مارڪوئيس پڇيو. مان هن کي وڏو ٻاءُ ٿي چوندس. هُو گهوڙي سواريءَ وارا ڏگها ڄُوتا پايون اندر گهڙيو.

"مُئي ته ناهي. بس ساهه وڃڻ وارو اٿس." مون چيو.

"هنن جڏن جي بدن ۾ وڏي طاقت هوندي آهي!" هن وڏيءَ هرکر سان هن ڏي ڏسندي چيو.

"غم ۽ مايوسيءَ ۾ اڻ کٽ سگهه هوندي آهي." مون وراڻيو.

هُو پهريون ته منهنجي ڳالهه تي کليو پوءِ سندس نرڙ ۾ گهنج پوڻ لڳا. هن پنهنجي پير سان منهنجي ويجهو پيل ڪرسي کسڪائي. عورت کي ٻاهر موڪليو ۽ هورڙيان ڇوڙ لڳو "مون پنهنجي ٻاءُ کي هنن ڪميڻن جي چڪر ۾ قاتل ڏسي، راءِ ڏني ته توهان جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن. توهان ڏاڍا مشهور آهيو. توهان کي پنهنجو مستقبل سنوارڻ ۾ گهڻي دلچسپي هوندي. ايڏا ته توهان کي دولت ڪمائڻي آهي. هتي جيڪو ڪجهه توهان ڏسي رهيا آهيو. اهي رڳو ڏسڻ لاءِ ئي آهي. پر انهن جي باري ۾ واتان ڪجهه چوڻ قطعي واجب ناهي."

مان مريضياٽيءَ جي ساھن تي ڪن ڏيون ويٺو ھيس. مون جواب ڏين کان پاسو ڪيو.

"توھان منھنجي ڳالھ غور سان ٻڌي رھيا آھيو؟ ڊاڪٽر!"

"مارڪوئيس صاحب!. . . منھنجي ڏنڈي جا اصول ھي آھن تہ مريضن جي راز کي سڌائين اھميت ڏني ويندي آھي." مان محتاط ٿي جواب ڏئي رھيو ھيس، ڇو تہ مون جيڪو ڪجھ ڏٺو ۽ ٻڌو ھو تنھن مون کي پريشانيءَ ۾ وجھي ڇڏيو ھو.

ھاٽي ھن جي ساھن جي خبر چار نہ ھئي. مون ھن جي دل ۽ نبض ڏي ڏيان ڏنو. جسم ۾ اڃا جان تہ ھيس، باقي ٻيو ڪجھ بہ نہ ھو.

مون پنھنجي ڪرسيءَ تي ويھي، جڏھن ڪنڈ ورائي ڏٺو. تڏھن ٻئي پائر مون کي غور سان ڏسي رھيا ھيا.

...

مون کي لکڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي رھي آھي. سيءُ ايترو تہ گھٽو آھي، جو جي مان پکڙيو ويس تہ مون کي تھخاني ۾ قيدِ تنھائي جي پوائتي سزا ڏني ويندي. ان ڪري مون کي داستان مختصر ڪرڻ کپي. منھنجي يادگيريءَ ۾ نہ ڪا پريشاني آھي، نہ ڪا ٻل چڪ. مون کي سڄو تفصيل ۽ ھڪ ھڪ لفظ ياد آھي، جيڪو منھنجي ۽ انھن پائرن وچ ۾ چيو ٻڌو ويو.

مريضياٽي ھڪ ھفتي تائين گھلجندي رھي. مون پچاڙيءَ وقت ۾ ھن جي چپن سان ڪن لائي ٻڌڻ جي ڪئي تہ ڪجھ لفظ منھنجي سمجھ ۾ آيا. ھن مون کان پڇيو ھُو ڪٿي آھي؟ مون ھن کي ٻڌايو. پڇيائين تہ مان ڪير آھيان؟ اھو بہ مون کيس ٻڌايو. مون ھن جي گھراٽي جو نالو پڇيو پر بيڪار! ڇو تہ ھن ھرگز نہ ٻڌايو. ھن ھورڙيان پنھنجو ڪنڈ وھاٽي تي رکيو ۽ پنھنجي راز کي ھن ڇوڪري وانگر پنھنجي ڇاتيءَ ۾ ئي رھڻ ڏنو.

مون اُنَ مھل تائين ھن کان ڪو بہ سوال ڪرڻ جو موقعو ئي نہ مليو جيستائين مون ھنن پائرن کي اھو نہ ٻڌايو تہ ھاڻ ھُوءَ ھڪ ڏينھن

ٻہ جيئري رهي نہ سگهندي. ان مهل تائين توڻي جو مريضياڻيءَ جي علم ۾ اهو هو تہ رڳو مان ۾ نوڪرياڻي ئي اتي رهندا آهيون. پر جڏهن مان موجود هوندو هيس، تڏهن هنن پائرن مان هڪڙو ضرور پردي پويان ڪرسي رکي، هن جي مٿن کان هوشيار ٿيو ويٺو هوندو هو پر جڏهن آخري وقت آيو تہ پوءِ هنن کي ڪا پرواهہ ئي نہ هئي، تہ مان هن کان ڇا معلوم ڪري سگهان ٿو؟ ڇڏ تہ . . . منهنجي دل ۾ هڪ ڀيرو سوال اڀريو. . . ڇڏ تہ مان ٻہ مرڻ وارو هجان.

مون سدائين محسوس ڪيو تہ ننڍي ڀاءُ، جنهن هڪ نيچ انسان ۾ سو ٻہ هڪ لونڊي سان ويڙهہ ڪئي، تنهن سان هن جي خودداريءَ کي ڏاڍو ڏک لڳو هو. رڳو هڪ ڳالهہ کين اهم پئي لڳي، جنهن کان اهي متاثر هيا تہ سندن بيعزتي ٿي هئي ۾ ڏاڍو ڪل جوڳو واقعو ٿي پيو آهي، جنهن جي ڪري خاندان جي عزت کي ٻہ ڏک لڳو هيو. مون جنهن مهل ٻہ ننڍي ڀاءُ کي پاڻ ڏي گهوريندي ڏٺو، تڏهن مون کي ائين لڳو هو تہ هن کي مون سان انتهائي نفرت آهي. ڇو تہ هن ڇوڪري مون کي سپ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو هو. هُو وڏي ڀاءُ جي پيٺ ۾ مون سان ڏاڍي سلجهاڻپ ۾ گرمجوشيءَ سان پيش ايندو هو. مون کي اها ٻہ خبر پئجي وئي هئي تہ وڏي ڀاءُ جي دماغ ۾ منهنجو وجود هڪ روڙو بڻجي اٽڪي پيو آهي.

منهنجي مريضياڻيءَ اڌ رات کان ٻہ ڪلاڪ اڳ ئي ساهہ ڏئي ڇڏيو. منهجي واڇ ۾ ٺيڪ اهوئي وقت هو جنهن وقت تي مون هن کي پهريون پيرو ڏٺو هو. ان مهل مان هن سان اڪيلو هيس، جنهن مهل هن جو نوجوان مٽو هڪ پاسي هوري ڊُرڪي پيو ۾ هن کي دنيا جي سمورن ڏکن ۾ غمن کان مڪتي ملي وئي.

ان مهل ٻئي ڀائر هيٺئين ڪمري ۾ سوار ٺيڻ لاءِ بي قرار ويٺا هيا. مان مرڻ واري جي پرسان اڪيلو ويٺو ٻڌي رهيو هيس. هُو بي چينيءَ وچان تٽان ڦٽان ٿيندي، پنهنجن جوتن تي هنٽر هٽي رهيا هيا ۾ هيڏي هوڏي ڦري رهيا هيا.

"نيٺ ختم ٿي وئي!" مان جڏهن اندر ويس تہ وڏي چيو.

"ها، هُوءَ مري وئي." مون چيو.

"منهنجا ياءُ! مبارڪون هجنين!" هن ڪنڌ ورائي چيو.

هن کان اڳ ۾ به هن مون کي پيسا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جنهن کي مون ٺاري ڇڏيو هو. هاڻي هن مون کي مُهرن جي ڳوٺري ڏني ته مون هن جي هٿ مان وٺي ڇڏي، پر ميز تي رکي ڇڏيم. مون خوب غور ڪرڻ کان پوءِ فيصلو ڪيو هو ته مان ڪجهه نه وٺندس.

"حالتن کي ڏسي، مون کي ڪجهه وٺڻ مناسب نه ٿو لڳي." مون چيو.

هنن هڪٻئي ڏي ڏٺو. . . پر مون جڏهن هن جي اڳيان ڪنڌ نوايو ته جواب ۾ هُو به جهڪي پيا. اسان جي وچ ۾ ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ٿي ۽ مات ڪري موڪلايوسين.

. . .

مان ٽڪجي پيو هان. . . ٽڪجي پيو هان. . . ٽڪجي پيو هان. مصيبتن مون کي لتاڙي ڇڏيو آهي. مان جيڪو ڪجهه هنن ڏهرن هٿن سان لکي سگهيو آهيان، سو پڙهي نه ٿو سگهان.

ٻئي ڏنهن اشرفين جي ڳوٺريءَ تي نالو لکي، هڪ باڪس ۾ رکي، جنهن تي منهنجو نالو لکيل هو، گهر پهچايو ويو. مان منڊ کان ئي پريشان ٿي سوچي رهيو هيس ته مون کي چا ڪرڻ گهرجي. هڪ ڏينهن مون ڳجهه ڳوهه ۾، وزير صاحب کي خط لکڻ جو فيصلو ڪيو ته جيئن هن کي ان ڪيس بابت جاڻ ڪري سگهان ۽ ان جاءِ ۽ انهن حالتن جي باري ۾ تفصيل سان بيان ڪري سگهان، جتي مون کي گهرايو ويو هو.

مون کي خبر هئي ته دربار ۾، وزيرن ۽ رئيسن جي وڏي پهچ آهي ۽ ڪين هر قسم جون رعايتون مليل آهن ۽ منهنجي لکت تي ڪو به ڌيان نه ڏنو ويندو، پر مان پنهنجي ضمير جي سڪون لاءِ پنهنجو فرض پورو ڪرڻ گهران پيو. مون هن واقعي کي مڪمل راز ۾ رکيو هو ۽ پنهنجي زال کي به نه ٻڌايو هيم. منهنجو ارادو هو ته هن ڳالهه کي مان پنهنجي لکت ۾ واضح ڪري ڇڏيندس. مون کي اصلي خطري بابت کو به

شڪ شبهو نه هو. پر مون کي ايترو خيال ته ضرور هيو ته جي ٻيا ٻه ان راز ۾ شريڪ ٿي ويا ته پوءِ خطري جو امڪان پيدا ٿي پوندو.

مان ان ڏينهن ڏاڍو رڌل رهيس. ان ڪري پنهنجي لکت مڪمل نه ڪري سگهيس. ٻئي ڏينهن طئي ٿيل وقت ڪان اڳ مان اٿي ويئس. اهو سال جو آخري ڏينهن هو. خط مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ منهنجي سامهون پيو هو. ان مهل مون کي اطلاع مليو ته هڪ عورت مون سان ملڻ جي خواهشمند آهي.

...

منهنجي همت ڏينهون ڏينهن گهٽبي پئي وئي ۽ اهو ڪم جنهن جو مون پاڻ تي ذمو رکيو هو سو ڏکيو لڳي رهيو هيم. ڪيڏو نه سيءُ ۽ اونداهي آهي. منهنجا حواس ڇمندا ٿا وڃن ۽ منهنجي روح تي گهري اونداهي ڇانئجندي پئي وڃي.

اها عورت، جيڪا مون سان ملڻ آئي هئي، سا جوان ۽ سهڻي هئي. پر سندس چهري مان ائين بکي رهيو هو ته هُوءَ فطري عمر کي پهچڻ کان اڳ ئي ختم ٿي ويندي. هُوءَ ڏاڍي پريشان هئي. هن مون کي ٻڌايو ته هُوءَ مارکوئيس ايور مونڊ جي رن زال آهي. ڇوڪري وڏي ياءُ کي ان نالي سان ئي مخاطب ڪيو هو ۽ انهيءَ نالي جو پهريون اکر رومال تي پريل هيو. . . مون اندازي سان محسوس ڪيو ته موصوف سان مون ويجهڙ وارن ڏينهن ۾ ئي ملاقات ڪئي هئي.

منهنجو يادگيرو بلڪل صحيح ۽ سالم آهي، پر مان ڳالهه ٻولهه کي جيئن جو تيئن لکي نه ٿو سگهان. مون کي شڪ ٿيو ته جيترو منهنجو خيال آهي، ان کان وڌيڪ مون تي نظر رکي پئي وڃي. عورت ڪجهه اهڙي ته اندازي سان ۽ ڪجهه سچائي ڇاٽي، دردناڪ ڪهاڻيءَ جا اهم واقعا ڇاٽي ورتا هيا ۽ پنهنجي مڙس جي مدد ۽ شرڪت جو حال به ڪيس معلوم ٿي چڪو هو. هن کي ڇوڪريءَ جي موت جي خبر نه هئي. هن جي خواهش هئي ته ماڻ ميٽ ۾ هن سان ملي. ساڻس

همدرديءَ جو اظهار ڪري ۽ ان خاندان کي خدا جي قهر کان بچائڻ جي ڪوشش ڪري. هن کي خبر هئي ته هڪ ننڍي پيڙ ۾ اِتي ئي ڪٽي موجود آهي. هن جي سپ کان وڌي آرزو اها هئي ته ڪنهن به ريت ان پيڙ جي مدد ڪري. مان هن کي وڌيڪ ڪجهه به ٻڌائي نه سگهيس ته واقعي هن جي ڪا پيڙ به آهي. ان کان وڌيڪ ته مون کي به معلوم نه هو. هُوءَ مون وٽ انهيءَ غرض سان آئي هئي ته مان شايد هن کي هن جي پيڙ جي رهڻ واري جاءِ بابت ڪا ڳالهه ٻڌائي سگهان. جنهن جي مون کي پاڻ ئي ڪا خبر نه هئي.

...

ڪاغذ جا ٽڪرا ختم ٿي رهيا آهن. ڪالهه مون هڪ ٽڪرو ڪسيو ويو ۽ مون کي تنبيهه ڪئي وئي. اڄ مون کي پنهنجو داستان پورو ڪري ڇڏڻ کپي.

هُوءَ هڪڙي نيڪ ۽ رحم دل عورت هئي. هُوءَ پنهنجي شاديءَ مان خوش نه هئي ۽ پلا خوش ڪيئن ٿئي ٿي سگهي. سندس مڙس جو پاڻ هن ٿي نه پروسو ڪندو هو ۽ نه ئي ڪيس پسند ڪندو هو. هن جون سموريون دلچسپيون هن جي مفاد خلاف هيون. ان ڪري هُوءَ هن کان ڌڃندي هئي ۽ پنهنجي مڙس کان ٻڌندي هئي. مون جڏهن هن کي گاڏيءَ ۾ چاڙهيو هو تڏهن گاڏيءَ ۾ هڪڙو ٻن سالن جو سهڻو ٻار به ويٺو هو.

"ڊاڪٽر! مان هن ٻار جي خاطر هر ممڪن طريقي سان ان ظلم جو ازالو ڪرڻ چاهيان ٿي." هن اکين ۾ ڳوڙها پيري ٻار ڏي اشارو ڪندي چيو. "نه ته هي ان ورثي مان حاصل ڪري ڪڏهن به واڌ ويجهه نه ڪري سگهندو. مون کي ڊپ ٿي رهيو آهي ته جيڪڏهن ڪو به ڪفارو ادا نه ڪيو ويو ته هڪ هن جو ڏينهن صبر هن تي ڏمر ٿي ڪرندو. مون وٽ سواءِ ڪجهه زيورن جي ٻيو ڪجهه به ناهي. مان مرڻ مهل هڪڙي وصيعت ڪري ويندیس ته جي هُن کي پنهنجي مئل ماءُ جو ٿورو به خيال آهي ته هن پيڙ کي ڳولي ۽ معافي جي درخواست سان گڏ اهي مرڻ واري جي پاران، ان ستم رسيده خاندان کي ڏئي ڇڏي."

هن پنهنجي ڇوڪري کي پيار ڪيو ۽ ڇاتيءَ سان لائي ڇيو "اهو تنهنجي ئي پلائيءَ جي لاءِ آهي، ڇارلس! تون پنهنجو فرض پورو ڪندين." ٻار وڏيءَ دليريءَ سان جواب ڏنو "هائو." مون ان خاتون جي هٿ کي چمي ڏني. هن پنهنجي ڇوڪر کي هنج ۾ ڪنيو ۽ ڇاتيءَ سان لائي هلي وئي. ان کان پوءِ مون هن کي ڪڏهن نه ڏٺو.

جيئن ته هن ڇاڻي ٻجهي پنهنجي مڙس جو نالو ٻڌايو هو هن سمجهيو هو ته مون کي اڳي ئي معلوم آهي. مون پنهنجي خط ۾ اهو نه لکيو آهي. خط تي مهر هڻي، مون ڪنهن ٻئي تي پروسو ڪرڻ بدران، پاڻ پنهنجي هٿ سان وڃي پهچائي ڇڏيو.

اها رات سال جي آخري رات هئي. نائين بجي جي قريب هڪ ماڻهو ڪاري لباس ۾ آيو ۽ منهنجي ڪاٽڪ جي گهنٽي وڄايائين. هن مون سان ملڻ جي خواهش ڏيکاري ۽ منهنجي نوجوان نوڪر ارنيسٽ ڊيفارج جي پويان پويان مٿي هليو آيو. جڏهن منهنجو نوڪر مٿي آيو تڏهن مان پنهنجي زال سان گڏ ويٺو هيس. هاڻ منهنجي پياري، مون کي ساهه کان وڌ پياري زال!... منهنجي سهڻي انگريز زال... اسان ان ماڻهو کي ڏٺو جنهن کي ڪاٽڪ تي هجڻ گهرجي ها. اهو مات ڪيون نوڪر جي پويان بيٺو هو.

هن سينٽ هونور ۾ هڪ ڏاڍي اهم ڪيس جي ڀالهه ڪئي ۽ چيائين ته مون کي گهٽو وقت نه لڳندو. هن گاڏي پاڻ سان آندي هئي.

۽ اها گاڏي مون کي پاڻ سان هتي وٺي آئي. مون کي منهنجي قبر ۾ وٺي آئي. مان جيئن ئي پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪتس، منهنجي وات ۾ هڪ ڪارو رومال وجهي، مون کي ٻڌي بگيءَ ۾ ليٽايو ويو. ٻنهي پائرن سڙڪ جي اونداهي، ڪنڊ مان نڪري، ڪنڊ جي هلڪي ڏُوڙ سان، منهنجي سجاڻپ ڪئي. مارڪوئيس ڪيسي مان اهو خط ڪڍي مون کي ڏيکاريو جيڪو مون لکيو هو. لالٽين سامهون رکي، اهو خط ساڙي ڇڏيائين ۽ ان جي خاڪ کي پير سان لتاڙي ڇڏيائين. هڪ لفظ به نه چيو ويو. مون کي هتي وٺي آيا. مون کي هن جيئري قبر ۾ وٺي آيا. جي خدا هنن ظالم پائرن جي دل ۾ ايترو رحم وجهي ها، جو هُو مون کي

هن پوائتي ۾ ڏکڻي قيد جي عرصي ۾ مون کي منهنجي زال جي خير خبر جو اطلاع ڏئي ڇڏين ها. بس هڪ لفظ جي وسيلي، مون کي ايترو ٻڌائي ڇڏين ها ته هُوءَ جيئري آهي يا مري وئي. تڏهن ۽ مان سمجهي ونان ها ته خدا هنن پائرن کان اڳا منهن نه موڙيو آهي. پر هاڻ مون کي پڪ ٿي وئي آهي ته اهو صليب جو ڳاڙهو نشان، هنن جي خلاف اٽل فيصلو ڏئي چڪو آهي ۽ خدا جون مهربانيون هنن جي نصيب ۾ ناهن.

۽ اڄ 1767ع جي پوئين رات. . . مان اليگزينڊر مينٽ نه صحيح سگهڻ جهڙي پيڙا کان مجبور ٿي هن خاندان ۽ ان جي اڳتي پيدا ٿيندڙ نسلن تي خدا ۽ دنيا جي انصاف پسندن جي روبرو لعنت ٿو موڪليان ۽ هنن جي انهن ظلمن جو جيڪي مون مٿان ڪيا ويا آهن، کين مجرم قرار ڏيان ٿو.

***

جڏهن خط پڙهجي چڪو ته هڪڙو وڏو خوفائتو گوڙ بلند ٿيو. ان شور ۾ ڪي به معني ڀريا لفظ نه هيا. رڳو رت ۾ ٻڏل اُڇ ۽ هوس هئي. هي داستان ٻڌي ماڻهن ۾ اهڙي ته انتقام جي جوش ڀري باهه پڙڪي اٿي، جو هن زماني جي تاريخ ۾ ان جو مثال نه ٿو ملي. ان شور جي پڪار اڳيان ملڪ جي بلند کان بلند منديءَ کي به ڪپجي هيٺ ڪرڻو هو.

جيوري عدالت جي حاڪمن ۽ ويٺلن کي ڏسڻ کان پوءِ، ان تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت نه ٿي رهجي وڃي ته ڪهڙيءَ ريت ڊيفارج ۽ ميڊم ڊيفارج انهيءَ خط کي باستيل جي قيدخانيءَ مان مليل شين جي نمائش مهل، ٻين يادگار شين سان گڏ پيش ڪرڻ جي بدران لڪائي رکي ڇڏيو هو ۽ موقعي جا منتظر هيا. اهو ٻڌائڻ جي به ضرورت محسوس نه ٿي ٿئي ته هن خاندان جي نالي کان سينٽ انٽائين جي رهاڪن کي ڪيڏي نه نفرت ٿيندي هئي ۽ هن جو نالو خوفناڪ لسٽ ۾ لکجي چڪو هو. روءِ زمين تي ڪو اهڙو فرد نه هو، پوءِ هن ڪٽي ملڪ جي لاءِ ڪيترين به قربانين جو نه ڏنين هجن. جيڪو انهيءَ الزام

مان بري ٿي سگهي ها ۽ معاف ڪيو وڃي ها. ملزم جي اها اڃا وڏي بدقسمتي هئي جو هُو دشمن ملڪ جو رهاڪو هو. هن جو پنهنجو پيارو دوست هو ۽ هن جي زال جو پيءُ هو.

ماڻهو اڳ ڪيي وڃڻ جي تڪڙ ۾. قديم زماني جي ان مڪروهي رواج جو نقل ڪرڻ ٿي سندرو ٻڌي ٻيٺا هيا. هنن جو هي خيال ٻه هيو ته عوام جي حضور ۾ جيڪڏهن انسان کي پنهنجي سڀ کان پياري هستي ٻه قربان ڪرڻي پوي ته سڀ کان وڏيڪ فرض شناسي اها آهي ته هُو ائين ڪري. . . (جيڪڏهن هُو نه چوي ها ته خود هن جو ڪنڌ ٻه ڪلهن تي باقي نه رهي ها) ان ڪري صدر اهوئي چيو ته ري پبلڪ جو لائق ڊاڪٽر هڪ واهيات خاندان کان ملڪ کي پلڪ ڪري. اڃا وڏيڪ هردلعزيز ٿي ويندو ۽ پڪ سان هُو ڏيءُ کي رن زال ۽ ڏوهٽيءُ کي يتيم ٻڌائي. هڪ قسم جي روحاني خوشي ۽ فخر محسوس ڪندو. اهو ٻڌي ماڻهن واکاڻ لاءِ وڌي نعرا هنيا. وڏو قومي جوش پيدا ٿيو. پر انساني همدرديءَ جي جهلڪ ٻه نظر نه آئي.

"هُنهه. . . وڏي پهچ آهي ڊاڪٽر جي ماڻهن ۾. هاڻ بچاءِ هن کي. ڊاڪٽر صاحبا هاڻي بچائي وٺ ته خبر پوئي!" ميبل ڊيفارج مرڪندي ونجنس ڏي ڏسندي چيو.

جيوريءَ جي هر هڪ ميمبر جي تائيد ڪرڻ ٿي نعرا بلند ٿيا ۽ تائيد ڪئي وئي. تائيد جي مٿان تائيد ـ نعري مٿان نعرو.

"اتفاق راءِ سان!" دل جي گهرائين سان ۽ نسلي لاڳاپي جي لحاظ ڪان هڪ رئيس. ري پبلڪ جو مشهور ۽ معروف عوامي دشمن. . . وري واپس ڪنيسوري جي قيدخاني ۾ وڏو ويو ۽ چوويهن ڪلاڪن جي اندر اندر موت جي سزا ڏئي ڇڏڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو.



باب يارهون

جھونجھڪڙو

عدالت جڏهن بي ڏوهي انسان کي موت جو حڪم ٻڌايو. تڏهن هُنَ جي بدنصيب زال جي دل مٿان اهڙي ته چوٽ لڳي، جو سندس سيئي هوش حواسَ گم ٿي ويا. پر انهيءَ مهل هُنَ جي دل پڪاريو ته همت هارڻ بدران سندس فرض آهي ته پنهنجي مڙس کي دلاسو ڏئي ۽ بجاءِ هُنَ جي پريشانين ۾ واڌارو ڪرڻ جي، وڏي ثابت قدميءَ سان سندس دل کي قوت پهچائي. ان خيال هُنَ ۾ حيرت انگيز سَهپَ جي قوت پيدا ڪري ڇڏي.

ججن کي جيئن ته عدالت کان ٻاهر جلوس ۾ شريڪ ٿيڻو هو ان ڪري عدالت ختم ڪئي وئي. ماڻهو عدالت کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ مختلف درن کان تڪڙ ڪرڻ لڳا. ايڏا عدالت جو ڪمرو خالي نه ٿيو هو جو لوسيءَ پيار ۽ محبت جي جذبن هٿان پَروَس ٿي، پنهنجا هٿ پنهنجي پياري مڙس ڏي وڌائي ڇڏيا.

"اي معزز شهريو! جي توهان جي اجازت هجي ته مان هڪ ٻيرو پنهنجي مڙس کي ٻاڪر پايان. هڪ ٻيرو هن کي پنهنجي ٻانهن ۾ آٽيان. پڪ سان توهان جي دلين ۾ ايترو رحم ضرور هوندو."

اهي چار ماڻهو، جيڪي رات جو هن کي گرفتار ڪري ويا هيا، انهن کان سواءِ چارلس ڊارني سان گڏ رڳو هڪ جيلر هو ۽ برساڊ هو. ماڻهو تماشو ڏسڻ ٻاهر هليا ويا هيا. برساڊ پنهنجن ساٿين کي چيو "ٻاڪر ٻائڙ ڏيوس. ٿوري گهڙيءَ جي ته ڳالهه آهي." اهي به ماڻ ۾ اجازت ڏيڻ لاءِ راضي ٿي ويا. هنن لوسيءَ کي مٿي ڪٿهڙي تي پهچائي ڇڏيو جتي هُو جهڪي، هن کي پنهنجين ٻانهن ۾ وٺي سگهي ٻيو.

"خدا حافظ منهنجي جانِ! منهنجي پياري! منهنجون آخري دعائون ونيِ ڇڏ. اسان وري ملنداسين. اتي جتي ڪُنَن ڪي سڪون ملندو آهي."

اهي سندس مڙس جا آخري لفظ هيا ۽ هن لوسيءَ کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي ڇڏيو هو.

"منهنجا پيارا چارلس! مان سڀ ڪجهه صحيح ويندیس. منهنجي لاءِ ڏُکي نہ ٿيءِ. خدا منهنجو نگهبان آهي. پنهنجي ڏيءَ کي به آخري پيرو دعائون ڏي"

"تون منهنجون دعائون هُنَ تائين پهچائجانءِ هُنَ جي حصي جو پيار تون مون کان پنهنجن ڇپن تي ونيِ ڇڏ. تنهنجي وسيلي مان هُنَ کي پاڪر ٿو پايان." ۽ جڏهن هُو هن کان جدا ٿيڻ لڳو تڏهن لوسيءَ بي قرار ٿي چيس:

"ترس، منهنجا پيارا!... بس... هڪ گهڙي ترس... ٻڌ، اسان ٻئي هڪٻئي کان ڪي گهٽا ڏينهن جدا نہ رهنداسين. مون کي ائين ٿو لڳي تہ تنهنجي جدائيءَ جي ڪري، مان به هوري هوري ڇڇي پري ختم ٿي ويندیس. پر جيسين مون ۾ سگهہ رهندي، مان پنهنجو فرض انجام ڏيندیس ۽ جڏهن مان پنهنجي ڏيءَ کي دنيا ۾ اڪيلو ڇڏي ويندیس، تڏهن خدا هن کي اهڙائي مهربان دوست ۽ همدرد عطا ڪندو جهڙا مون کي ڏنا هيائين."

هُنَ جو پيءُ به ساڻس گڏگڏ هو. جيڪڏهن ڊارني هن کي پڪڙي نہ ورتو هجي ها تہ هُو هنن ٻنهين جي پيرن تي ڪري پئي ها. هُنَ کيس روکيندي چيو "نہ نہ... ان ۾ توهان جو ڪهڙو ڏوهہ آ. توهان ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي، جو اسان کي پيرين ٽا پئو. هاڻي اسان کي اندازو ٿي ويو تہ ڪنهن زماني ۾ توهان ڇا ڇا نہ سَئو هو ۽ اهو معلوم ٿي ويو تہ جڏهن توهان کي منهنجي خاندان جي اصليت جي باري ۾ پهريون پيرو شڪ ٿيو هو تڏهن توهان تي ڇا گذري هئي ۽ وري جڏهن خبر پئي هُيَوَ تڏهن ڪيڏي نہ تڪليف ٿي هُوندوَ. اسان کي خبر آهي تہ توهان ڪيڏي نہ سهپ جو مظاهرو ڪندي، ان قدرتي نفرت کي دٻايو

هوندو جيڪا توهان کي منهنجي خلاف محسوس ٿي هوندي. اهو سڀ کجهہ توهان پنهنجي ڏيءَ جي ڪري ڪيو. اسان ۾ئي دل جي گهرائين سان توهان جا ٿورا مڃون ٿا. خدا توهان کي پنهنجي امان ۾ رکي."

جڏهن هنن کي زوريءَ ڌار ڪيو ويو تڏهن سندس زال پکڙ ڙي ڪري چڏي ۽ دعا واري انداز ۾ ۾ئي هٿ ٻڌيون. ڪيس ڏسندي رهي. هُنَ جي چهري تي نُور وسي رهيو هو ۽ چپن تي سڪون پري مرڪ تري رهي هيس. ڀارني جيئن قيدين واري در مان نڪري ويو لوسيءَ پوئتي مُڙي پنهنجو ڪنڈ پيءُ جي ڇاتيءَ تي رکي چڏيو. هُنَ کجهہ چوڻ چاهيو پر زبان ۾ سگهہ نہ هيس ۽ هُوءَ بيهوش ٿي ڪري پئي.

سڀني ڪارڪن. جيڪو هڪ اونداهي ڪنڊ ۾ بيٺو اهو سڀ کجهہ ڏسي رهيو هو نڪري آيو ۽ هن کي پنهنجين ٻانهن ۾ کڻي ورتائين. لوسيءَ سان رڳو سندس پيءُ ۽ مسٽر لاري گڏ هيا. جڏهن ڪارڪن ڪيس کنيو تڏهن گهٽي جذباتي ٿي وڃڻ جي ڪري هن جا هٿ ڏڪڻ لڳا. هن سندس مٿي کي سنيالیو پر هن جي چهري تي رحم بجاءِ فخر ۽ غرور جي جذبن ڳاڙهاڻ پيدا ڪري چڏي هئي.

"ڇا مان هن کي گاڏيءَ تائين کڻي هلان. مون کي ان جو ٻوجهہ بلڪل محسوس نہ ٿيندو." هُو هُنَ کي وڏيءَ سولائيءَ سان در تائين کڻي ويو ۽ هڪ گاڏيءَ ۾ احتياط سان ليٽائي چڏيائينس. پيءُ ۽ سندس پراڻو دوست چڙهي وينا ۽ هُو پاڻ ڪوچوان جي پرسان ويهي رهيو.

جڏهن اُهي ان گهٽيءَ ۾ پهتا. جتي کجهہ ڪلاڪ اڳ هُو انهن پٽرن کي ڏسي رهيو هو جن کي لوسيءَ جي قدمن ڇُهيو هوندو. تڏهن هُنَ وري لوسيءَ کي ٻانهن ۾ کڻي ورتو ۽ ڏاڪڻين تان ٿيندو هُنَ جي ڪمري ۾ پهتو. هن کي هڪ صوفي تي ليٽايائين. جتي هن جي ڏيءَ ۽ مس پروس ڳوڙها ڳاڙڻ شروع ڪيا.

"هِنَ کي هوش ۾ آڻڻ جي ڪوشش نہ ڪجو. هيءَ بيهوشي ئي سندس حق ۾ پلي آهي. هُوءَ وري بيهوش ٿي ويندي تہ پوءِ هوش ۾ آڻڻ جو فائدو ڪهڙو؟"

"او ڪارتن! پيارا ڪارتن!. . . ڪارتن!" نندڙيءَ اُٿي هن جي ڳچيءَ ۾ پنهنجيون ٻانهون وجهي چڏيون ۽ ڏيڪارون پري روئڻ لڳي. "هاڻي ته تون اچي ويو آهين. هاڻي پڪ امان جي ڪا مدد ضرور ڪندين ۽ پاپا کي بچائڻ جي ڪا انڪل ڪيي ونندين. . . هاءِ. . . ٿورو هِنَ ڏي ڏس ته، ڪارتن! تون جيڪو هِنَ سان پيار ڪندو آهين، چا هِنَ جي هَيڙي حالت ڏسڻ برداشت ڪري سگهين ٿو!"

هُو نندڙيءَ مٿان جهڪي پيو ۽ هُنَ جي گلن جهڙي ڳل کي پنهنجي ڳل سان لائي چڏيائين. پوءِ هوري هوري کيس پاڻ کان جدا ڪيائين ۽ هن جي بيهوش ماءُ ڏي ڏنائين.

"چا وڃڻ کان اڳ مان هُنَ کي هڪ پيرو چُمي سگهان ٿو!؟ "هُنَ چيو ۽ ڇڻ ته چرڪ پري جاڳي پيو.

بعد ۾ هي چيو ويندو هو ته هُو جڏهن جهڪيو هو ۽ پنهنجن چپن سان سندس مک کي چميو هيائين، تڏهن هورڙي کا ڳالهه ڪئي هيائين. نندڙي، جيڪا هن جي گهٽو ويجهو بيٺي هئي، تنهن بعد ۾ سيني کي ٻڌايو هو ۽ جڏهن هُوءَ هڪ ڪراڙيءَ سهٽيءَ ۾ تبديل ٿي وئي هئي، تڏهن پوٽن ڏوهٽن کي ٻڌايو هيو ته:

[مون ڪارتن کي چوندي ٻڌو هو "اها جان جا توکي پياري آهي."]

هُو جڏهن ٻئي ڪمري ۾ ويو ته هن هڪدم مسٽر لاري ۽ ڊاڪٽر مينٽ کي چيو "ڊاڪٽر مينٽ! ڪالهه تائين توهان هتي وڏي پهچ وارا هيا ۽ اها پهچ هڪ پيرو وري آزمائي ڏسو. سيئي جج ۽ بااثر ماڻهو توهان جا گهاتا دوست آهن ۽ اهي توهان جي خدمتن کي ميجين ٻه ٿا."

"چارلس بابت ڪابه ڳالهه مون کان ڳجهي نه رکي وئي هئي. مون کي پوري پڪ هئي ته مان هن کي بچائي ونندس ۽ مون هن کي بچائي ورتو هو." ڊاڪٽر مينٽ اداس ۽ پريشان ٿي آهستي چيو.

"هڪ پيرو وري پنهنجي پهچ آزمائي ڏسو. هن مهل کان سياڻي ٽيپهريءَ تائين وقت ڏاڍو گهٽ وڃي بچيو آهي، پوءِ به ڪوشش ته ڪرڻ گهرجي."

"مان ب وس آهر هر ڪوشش ڪندس. هڪ گهڙي ب ساهي نه پتيندس."

"بلڪل صحيح آهي. مون توهان جهڙن ماڻهن کي وڏا وڏا مرحلا پار ڪندي ڏٺو آهي. هونءَ ب جي اسان زندگي ائين ئي اجائي گذاريندا سين ته ان جي ڪا ب قيمت نه هوندي. پر جي ڪنهن جي جان بچائڻ لاءِ زندگي ب داءَ تي لائي ڇڏجي، ته ان کي هڪڙي حيثيت حاصل ٿي ويندي آهي." ڪارٽن مرڪندي ٽڏو ساهه ڪڍندي چيو.

"مان سڌو پريزيڊنٽ ۽ ڪيس هلائڻ واري وڪيل ڏي ويندس. . . ۽ مان هنن ڏي ب ويندس، جن جو نالو ونڻ مصلحت جي خلاف آهي. مان درخواست ب ڏينندس. . . پر ترسو. . . سڙڪ تان ڪو جلوس لنگهي رهيو آهي ۽ رات دير تائين ڪنهن سان ملاقات ٿي نه سگهندي" ڊاڪٽر مينٽ چيو.

"بلڪل صحيح. ڏاڍي هيٺي اميد آهي ۽ جي رات ٽيڻ جي ڪري دير ٿي وئي ته پوءِ مايوسي ايڏا ڪجهه وڌي ويندي. مون کي توهان جي ڪوششن جي نتيجي جو انتظار رهندو. ڏيان هجيوَ ته مون کي خاص اميد بلڪل ڪانهي. ڊاڪٽر مينٽ! توهان هنن خوفناڪ حاڪمن سان ڪيسين ملي سگهندئو؟"

"مون کي اميد آهي ته رات ٽيندي ئي. يعني هاڻي ئي ڪلاڪ ٻن اندر ملي سگهندس."

"چئين بجي کان پوءِ اوندهه ٿي ويندي. اسان کي ب ڪلاڪ ڪنهن ب ريت ڪيڏا پوندا. جي مان نائين بجي مسٽر لاريءَ جي گهر پهچي وڃان ته ڇا توهان کان يا توهان جي دوست کان مون کي خبر پئجي سگهندي ته توهان جون ڪوششون ڪيتريون ڪامياب ٿيون. . ."

"ها. . ."

"خدا توهان کي خوش رکي."

مسٽر لاري سڀني سان گڏ ٻاهرئين در تائين ويو ۽ هن جي ڪلهي تي هٿ رکي پاڻ ڏانهن ڏيان ڏياريو.

"مون کي تہ ڪا بہ اميد نہ ٿي نظر اچي." هن ڏاڍي غمگين لهجي ۾ هورڙيان چيو.

"مون کي بہ ڪا اميد نظر نہ ٿي اچي."

"جي هي فرض ڪجي، جيڪو آهي تہ محال تہ انهن مان ڪو بہ يا سڀ جا سڀ ماڻهو هن جي جان بخشڻ جو فيصلو ڪري وٺن، پوءِ بہ عدالت ۾ جيڪو احتجاج ٿيو آهي، ان کي ڏسندي ڪنهن کي چارلس تي رحم ڪائڻ جي همت ناهي."

"منهنجو بہ اهوئي خيال آهي. انهيءَ هل هنگامي ۾ مون کي ڪهاڙيءَ جو ڌڪو محسوس ٿيو هو."

مسٽر لاريءَ در جي چوڪاٽ تي هٿ رکي، پنهنجو مُنهُن انهيءَ ۾ لڪائي ڇڏيو.

"ايترا مايوس بہ نہ ٿيو. ايترو غم نہ ڪيو. مون ڊاڪٽر مينٽ کي چارلس کي معافي ڏيارڻ جي ڪوشش ڪرڻ واري راءِ رڳو ان ڪري ڏني هئي تہ هڪ ڏينهن لاءِ لوسي کي تسلي محسوس ٿيندي، نہ تہ شايد هُوءَ اهو سوچي تہ چارلس جي زندگي لاپرواهيءَ جي ڪري ختم ٿي وئي ۽ اهو خيال هن جي لاءِ روح جو زخم ٿي پوندو."

"ها... ها...! تون صحيح ٿو چوين... هن جي قسمت جو فيصلو ٿي ويو. هُو مري ويندو. هن جي بچڻ جي ڪا خاص اميد ناهي." مسٽر لاريءَ چيو.

"ها، توهان صحيح ٿا چئو. هُو مري ويندو... ڪا خاص اميد باقي ناهي رهي."

ڪارٽن هن جي تائيد ڪئي ۽ ثابت قدميءَ سان هيٺ لهي ويو.

باب بارهون

اوندهه

سڀني ڪارڻن ۾ چتائي جي حالت ۾ گهٽيءَ ۾ بيٺو هو. هن جي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪاڏي وڃي.

"ٽيلسن بينڪ واري جاءِ تي، صبح جو نائين بجي وڃڻ صحيح هوندو يا نه؟" هُو دل ئي دل ۾ سوچي رهيو هو. "سُني ڳالهه آهي ته ماڻهو مون کي ڏسي ونڻ، ته جيئن هنن کي معلوم ٿي وڃي ته مون جهڙو به ڪو شخص پيرس ۾ موجود آهي. اهو احتياط ضروري آهي ۽ ممڪن آهي ته اهو احتياط لازمي به ثابت ٿي پوي. پر جيڪو ڪجهه به ڪرڻو آهي، مون کي سوچي سمجهي ۽ هوشياريءَ سان ڪرڻو آهي."

هن جا قدم پنهنجي منزل ڏي وڌي رهيا هيا. هُو هڪدم بيهي رهيو ۽ اوندهه ۾ ٻڏندڙ گهٽيءَ جا ٻه ٽي چڪر هنيائين ۽ هر پاسيءَ کان سوچ ويچار ڪرڻ شروع ڪيائين. جيڪو خيال اڳ ۾ دل ۾ آيو ته اهوئي مناسب معلوم ٿيندو. "بهتري انهيءَ ۾ آهي ته هي ماڻهو ڏسي ونڻ ته مون جهڙو ڪو موجود آهي." هُو آخر ۾ ان فيصلي تي مطمئن ٿيو ۽ سينٽ انتائين ڏي روانو ٿي ويو. ان ڏينهن ڊيفارج پنهنجو پاڻ کي سينٽ انتائين جي پاڙي ۾ هڪ ڪلال ٻڌايو هو ان ڪري اُنَ شخص جي لاءِ، جيڪو شهر کان چڱيءَ ريت واقف هجي، ٻنان پڇڻ جي هُنَ جو گهر ڳولهي لهڻ ڏکيو نه هو. ڪارڻن مڪان جو ڏس پتو چڱيءَ ريت معلوم ڪري انهن اونداهين گهٽين مان نڪري آيو ۽ هڪ هوٽل ۾ ڏوَ تي ماني کائڻ کان پوءِ گهري نند سمهي پيو. هُنَ زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ڪيئي سالن جي عرصي کان پوءِ کو تيز شراب نه پيتو. ڪالهوڪي رات هن ٽورو هلڪو شراب پيتو ۽ ٻيو ڪجهه نه ورتو هو ۽

ڪالهوڪي رات هن مسٽر لاريءَ جي آتشدان جي سامهون شراب ڪيرائي، هِنَ ڳالهه جو ثبوت ڏنو هو تہ هاٿي هن پيئڻ ڪان توبهه ڪري ڇڏي آهي.

هُو اٽڪل ستين بجي تازو توانو ٿي اُٿيو ۽ پوءِ ٻاهر گهٽين ۾ نڪري ويو. هُنَ سينٽ انتائين ڏي ويندي دڳ ۾ هڪ دڪان جي شيشي ۾ ڏسي، پنهنجي گهنجيل قميص، واسڪٽ ۽ ڪوٽ جا ڪالر صحيح ڪيا. ٿورو وکري ويل وارَ سنواريا ۽ پوءِ هُو سِڌو ڊيفارج وٽ ويو. ان مهل دڪان ۾ سواءِ قاتل آواز واري ۽ بيقرارآڳرين واري جيڪوس نمبر ٽئين سواءِ، ٻيو ڪو خريدار موجود نہ هو. انهيءَ شخص کي هُن عدالت ۾ جيوريءَ سان گڏ ڏٺو هو. هُو ان مهل شراب پي رهيو هو ۽ موسيو ڊيفارج ۽ سندس زال سان ڳالهائي رهيو هو. ونجنس ڪنهن گهر جي ياتيءَ وانگر وچ وچ ۾ ڳالهائي رهي هئي. ڪارٽن اڃي ويهي رهيو ۽ گب ٽنل پگل فرانسيسيءَ ۾ ننڍڙو گلاس شراب جو گهريو. پهريون تہ ميڊم ڊيفارج هن تي ائين ئي متاڇري نظر وڌي ۽ پوءِ وري ڪيس غور سان ڏٺو ۽ وري غور سان ڏٺائين، پوءِ پاڻ هن ڏي هلي آئي ۽ پڇيائينس، توهان ڪهڙي شئي جي فرمائش ڪئي هئي؟

هن وري پنهنجي فرمائش ورجائي.

"توهان انگريز آهيو؟" ميڊم پنهنجا ڪارا پرون متي ڪري هرکر وچان پڇيس.

پهريون تہ ڪارٽن ميڊم کي ائين ڏٺو ڇڻ تہ هن کي فرانسيسي ٻوليءَ جو هڪ لفظ سمجهڻ ۾ وڏي ڏکيائي ٿيندي هجي، پوءِ وري هن پڪي غير ملڪي لهجي ۾ جواب ڏنو "جي هائو ميڊم!. . . مان انگريز آهيان."

ميڊم شراب ڪٽڻ پنهنجي ميز ڏي هلي وئي. ڪارٽن هڪ جيڪوبين رسالو کنيو ۽ ائين اهڙو ٻوٽ ٻٽائي پڙهڻ شروع ڪيو ڇڻ تہ ڪيس وڏي محنت ڪرڻي پوندي هجي. . . ۽ اٽڪي اٽڪي معني ڪيڻ لڳو: هن ميڊم کي چوندي ٻڌو:

"قسم سان صفا ايور موند جهڙو آهي."

ڊيفارج شراب ڪٽي اچي اڳيان رکيس ۽ 'گڊ ايوننگ' چيس.
"ڪيئن؟"
"گڊ ايوننگ!"
"او... ها... گڊ ايوننگ... سٽيزن! واهه ڇا ته نفيس شراب آهي." هن گلاس پريندي چيو 'ري پبلڪ زندآباد!' هن ري پبلڪ جي نالي جام پيتو.
ڊيفارج موٽي ويو ۽ چوڻ لڳو. "ها مهاندن ۽ ڪجهه ڪجهه لڳي ٿو."
"مان ٽي چوان ته گهٽو ٿو مليس." ميبم سختيءَ سان چيو.
"هُو تنهنجي دماغ ۾ اهڙو ته گهڙي ويو آهي، جو توکي هر جاءِ اهوئي ٿو نظر اچي." جيڪوس نمبر ٽئين نرميءَ سان چيس.
"ها، اها ته صحيح ڳالهه آهي، سياڻي جو ڏاڍو انتظار اٿم. تون جڏهن هن کي ٻيهر ڏسندينءَ..." ڪلٽي ونجنس کلندي وچ ۾ ڳالهايو.
ڪارٽن وڏي چاهه مان رسالي تي آگر رکيون پڙهڻ ۾ رڌل هو. هُو سڀ جا سڀ ميز تي نُوٽيون رکيون. پاڻ ۾ مٽا ملايون. هوري هوري ڳالهائي رهيا هيا. ٿوري دير تائين ماڻ ڪري، هن کي ڏسندا رهيا ۽ وري ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ڪارٽن بي خبر بٽيو وڏي ڏيان سان رسالو پڙهندو رهيو.
"ميبم جيڪو چيو اهو بلڪل درست آهي." جيڪوس نمبر ٽئين چيو "پر هٽ روڪڻ جي ضرورت ناهي. هيءَ ڳالهه ڪافي اهميت رکي ٿي. پر ٽارڙ مان ڪهڙو فائدو."
"ها... پر انسان کي ڪٽي نه ڪٽي رکڻو ئي پوندو. پر سوال هي آهي ته رهجي ڪٽي؟" ڊيفارج چيو.
"سڄي نسل جي خاتمي تي." ميبم چيو.
"لاجواب تجويز." جيڪوس نمبر ٽئين راءِ ڏني ۽ ونجنس سندس تائيد ڪئي.
"نسل جي خاتمي جو طريقو پنهنجي جاءِ تي برو ناهي. زال!" ڊيفارج ٽوروپريشان ٿي چيو.

"مون کي ان کان اختلاف ته ناهي، پر ڊاڪٽر مون زندگيءَ ۾ وڏا ڏک ڏٺا آهن. اڄ تو هن کي ڏٺو هو هن جي منهن جو رنگ ان وقت ڏٺو هُيئي، جڏهن خط پڙهيو پئي ويو."

"ها، مون هن جي چهري جا پاو ڏٺا هئا. هُو پنهنجي چهري مان اسان جي ري پبلڪ جو سچو دوست نه پئي لڳو. هن کي پنهنجي منهن جو خيال رکڻ گهرجي!" ميبر ڪاوڙ ۾ ڏڪار وچان چيو.

"ڇ زال! و هن جي ڏيءَ جي ڏک جو اندازو به ڪري ورتو هوندو. ڏيءَ جي ڏک جي ڪري هن کي ڪيڏي نه تڪليف ٿيندي هوندي..!؟" ڊيفارج ڪاوڙجندي چيو.

"مون هن جي ڏيءَ جو ڏيان سان مشاهدو ڪيو آهي." ميبر ورجايو. "مون هن جي ڏيءَ کي چڱيءَ طرح ڏٺو آهي ۽ ڪيئي ڀيرا ڏٺو آهي. اڄ عدالت ۾ ڏٺم ۽ قيدخاني جي پت جي ويجهو سڙڪ تي به ڏٺم. بس ٿورو آڳر لوڏڻ جي دير آهي."

ائين لڳو ته جڙ اجهو ٿي آڳر جو اشارو ڪري ڪارٽن تي جڙ ته ڪنهن ڪهاڙيءَ جو وار ڪيو. ٽڙاڪ ڪري هن جي هٿ مان رسالو هيٺ ڪري پيو.

"هِنَ جو جواب ناهي!" جيوري جي ميمبر پنهنجي قاتل آواز ۾ چيو.

"اڙي هيءَ ته فرشتو آهي." مون هن کي پاڪر پائيندي چيو.

"ڇ جيسين تنهنجو سوال آهي... پاڳ سان تنهنجو وس نه ٿو هلي، نه ته تون ته هن کي بچائڻ جي لاءِ هاڻ به تيار ٿي وڃين." ميبر شڪايت واري لهجي ۾ ڊيفارج کي چيو.

"نه.. ڪڏهن به نه جيڪڏهن هن گلاس ڪٽڻ سان هُنَ جي جند بچي پوي ها ته مان ايتري تڪليف به نه ڪيان. پر منهنجي خيال ۾ ايتري سزا ڪافي آٿس. مان ان کان وڌيڪ سزا کي مناسب نه ٿو سمجهان." ڊيفارج چيو.

"ته پڌ... جيڪوس! تون به چڱيءَ طرح پڌي ڇڏ ڇ منهنجي ننڍڙي ونجنس غور سان پڌ! هن نسل جا ظالم اهڙا اهڙا ظلم ڪندا

رهيا آهن. جو انهن جو نالو گهٽي عرصي تائين انهن ماڻهن جي لسٽ ۾ لکيل آهي، جن جي نسل جو ٻج ٻ تباهه ۽ برباد ڪيو ويندو. منهنجا مڙس! مان صحيح ٿي چوان نہ؟" ميڊم نفرت پرئي لهجي ۾ چيو.

"صحيح آهي." ان کان اڳ جو ٻيو ڪير ڪجهه چوي ڊيفارج چيو.

"انهن عظيم ڏينهن ۾. . . جڏهن باستيل جو جيل خانو اسان جي قبضي ۾ آيو هو. منهنجي مڙس کي اها لکت هٿ آئي هئي، جيڪا هن اڄ عدالت ۾ پڙهي هئي. هُو اها لکت گهر ڪٽي آيو هو ۽ اڌ رات جو جڏهن دڪان بند ڪيو ويو تڏهن اسان اها هتي پڙهي هئي، هِنَ ئي جاءِ تي، هِنَ ليمپ جي سوجهري ۾ پڙهي. . . پُڇ هِنَ کان."

"بلڪل صحيح. !" ڊيفارج قبول ڪيو.

"تڏهن مون انهيءَ ، از کان هِنَ کي واقف نہ ڪيو. مون ٻنهي هٿن سان پنهنجي ڇاتي پٽيندي چيو هو ڊيفارج! منهنجي پرورش مهاڻن جي وچ ۾، سمنڊ ڪناري ٿي هئي ۽ انهن ٻنهي ايور مونڊ پائرن، جنهن هاري خاندان تي ظلم ڪيا هيا، اهو منهنجو خاندان هو ڊيفارج! خطرناڪ ڏَڪَ جي ڪري ساهه ڏيندڙ چوڪري منهنجي پيٽ هئي. اهو همراهه منهنجي پيٽ جو مڙس هو ۽ اهو ٻارُ جيڪو اڃا ماءُ جي پيٽ ۾ ئي هو. سو انهن جو ٻچو هو. هُو ياءُ، منهنجو ياءُ هو. اُهو پيءُ، منهنجو پيءُ هو. اهي مرڻ وارا منهنجا ئي پيارا هيا ۽ انهن تي ٿيل ظلمن جو جواب ڏيڻ منهنجو ورثو آهي، منهنجو فرض آهي. پُڇ هِنَ کان."

"بلڪل صحيح!" ڊيفارج چيو.

"تہ پوءِ. . . هوا کي چئہ تہ بيهي رهي. . . باهه کي چئہ تہ ساڙڻ بند ڪري ڇڏي. . پر مون کي رکجڻ لاءِ نہ چئہ." ميڊم چيو.

هُنَ جي زهريليءَ ڪاوڙ مان، سندس سامهون ويٺل ٻڏندڙن کي پوائتي قسم جو سُرور ملي رهيو هيو. هن کي ڏسڻ کان سواءِ ٿي ڪارٽن سمجهي ويو تہ هن جو رنگ اڇو ٿي ويو آهي ۽ هنن ٻنهي ڇٽن جي دل ۾ هن لاءِ وڏي عزت آهي. ويچارو ڊيفارج اقليت ۾ رهجي ويو. هن ڊهيل آواز ۾ بدڪار مڙس جِي رحم دل زال جو حوالو ڏنو پر سندس زال ٻيهر

پڑڪو ڪائيندي چيو "هوا ۾ ٻاھ ڪي روڪي سگھين ٿو پر مون ڪي نہ روڪ. جي روڪي..."

ڪجھ ڳراڪ آيا ۽ ڪچھري ڪندڙي وئي. انگريز ڳراڪ جيڪو ڪجھ پيتو ھو ان جو ملھ چڪايو ۽ باقي ريجو وٺي ڳھلن وانگر ڳٽڻ لڳو. پوءِ ھڪ اجنبي وانگر نيشنل پيلس جو دڳ پڇيو. ميڊم ڊيفارج ھُنَ کي در تائين وٺي وئي ۽ دڳ ٻڌائڻ مھل پنھنجو ھٿ ھن جي ٻانھن تي رکي ڇڏيائين. ان مھل انگريز ڳراڪ جي دل چاھيو تہ اھو ھٿ مٿي کڻي، ان جي ھيڻان جيڪا دل آھي، تنھن ۾ خنجر کپائي ڇڏجي تہ ڪيڏو نہ ياوتي پوي.

پر ھُو پنھنجي دڳ تي ھلي پيو ۽ جيل جي پٽين جي پاڇن، ھن کي ڳھي ڇڏيو. ھُو طئي ٿيل وقت تي نڪتو ۽ مسٽر لاريءَ وٽ پھتو. اتي ھُو ويچارو وڏيءَ پريشانيءَ وچان ھيڏي ھوڏي ڦيريون پائي رھيو ھو. ھن ٻڌايس تہ ھُو ھن مھل تائين لوسيءَ وٽ ھو ۽ رڳو توسان ملاقات جي ڪيل واعدي جي ڪري آيو آھيان. ھن جو پيءُ ڇٽين بجي جو بينڪ مان ويو آھي تہ ھن مھل تائين نہ موٽيو آھي. ھن کي ٿوري ڪا اميد ھئي تہ ھُو چارلس کي بچائڻ لاءِ متان ڪجھ ڪري سگھي. ڊاڪٽر کي وئي پنج ڪلاڪ ٿي چڪا ھيا. نيٺ ھُو ڪاڏي گم ٿي ويو!؟

مسٽر لاريءَ ڏھين بجي تائين انتظار ڪيو پر ڊاڪٽر مينٽ نہ موٽيو ۽ لاري لوسيءَ کي گھٽي دير تہ ٽين اڪيلو ڇڏڻ نہ پيو چاھي، ان ڪري طئي اھو ٿيو تہ ھُو وري ھُنَ ڏي موٽي ويندو ۽ ان وچ ۾ ڪارٽن آتشدان وٽ ويھي، سندس انتظار ڪندو. مسٽر لاري موٽي آيو ۽ ڊاڪٽر جي ڪا خبر نہ پئي تہ ھُو ڪٿي ھو.

ھُو ان نڪتي تي ئي ڳالھائي رھيا ھيا ۽ ڊاڪٽر جي اچڻ ۾ دير ٿي رھي ھئي، ان مان کي اميد پريا نتيجا نڪرڻ جا اندازا ھٽي رھيا ھيا جو ايتري ۾ ڪين ڏاڪن تي ڊاڪٽر جي پيرن جي ٽڪ ٽڪ ٻڌڻ ۾ آئي. جيئن ئي ھُو ڪمري ۾ گھڙيو تہ صاف خبر پئجي وئي تہ ڪيس ناڪاميءَ جو منھن ڏسڻو پيو آھي.

خبر ناهي هُو جائي ٻہ ڪنهن سان مليا يا ائين ئي هِنَ مهل تائين گهٽين ۾ ٻڪندي، چڪر هٽي رهيو هو. جنهن طريقي سان هُو اکيون ڦاڙي ڏسي رهيو هو ان مان سڀ ڪجهہ صاف ظاهر ٿي رهيو هو.

"مون کي سخت ضرورت آهي... پر ڪٿي ٻہ نہ ٿي ملي... ڪاڏي وئي..." هن چيو. هن جو ڳلو ڪليل هو ۽ دامن ڦاٽل هيس. هن هيڏي هوڏي ڦاٽل اکين سان ڏسندي، ڪوٺ لاهي اچلائي ڇڏيو ۽ چوٽ لڳو "منهنجي بينچ ڪٿي آهي؟ مون سڄي شهر ۾ ڳولهي، ڪٿي ٻہ نہ ملي. ماٺهن منهنجيون شيون الائي ڪاڏي گم ڪري ڇڏيون. وقت گهٽ رهجي ويو آهي. مون کي ترت جُوتا تيار ڪري ڇڏڻ ڪپن."

مسٽر لاريءَ ڪارٽن ڏي ڏٺو ۽ ٻنهي جون دليون ٻڏي ويون.

"دير ڇو پيو ڪرين؟" هن روئٽهارکي ۽ ڇڇريل آواز ۾ چيو "مون کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏي... پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏي..."

هن کو جواب نہ پائي، پنهنجا وار پٽڻ شروع ڪيا ۽ هڪڙي ويچاري ٻار وانگر ڏرتيءَ تي پيرن جا ڌَڪا ڪيڻ لڳو.

"هڪ غريب ۽ اياڳي انسان کي نہ سَتاءِ." هن بيقرار ٿيندي درد ۾رئي لهجي ۾ التجا ڪئي. "منهنجا اوزار مون کي ڏي. جيڪڏهن اڄ اهي جُوتا نهي پورا نہ ٿيا تہ اسان ماٺهن جو انجام الائي ڇا ٿيندو؟"

"تباهي... مڪمل تباهي...!!"

هن کي سمجهائڻ جي ڪوشش اجائي هئي ۽ نہ ئي هن کي هوش ۾ آڻي سگهجي ٿيو. هن کيس اطمينان ڏياريو تہ سندءِ اوزار هاڻي هاڻي ڏجن ٿا ۽ هن کي ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو. هُو ڪرسيءَ ۾ ڌهي ٿيو. هُو آتشدان ۾ شعلن کي گهورينڊو ۽ ڳوڙها وهائيندو رهيو. ۽ جو ڪجهہ ان وچ ۾ ٿيو هو. اهو سڀ هڪ سپنو هو. هڪ وهم هو. مسٽر لاريءَ ڏٺو تہ هُو وري اهوئي ڊاڪٽر مينٽ بٽجي ويو. جنهن کي هن هڪ ڏينهن ڊيفارج جي نگرانيءَ ۾ ڏٺو هو.

هن مهل جذبن جي وهڪري ۾ لڙهي وڃڻ بيڪار هو. هنن جي نڊٺڪي ڇوڪري، جنهن جي سمورين اميدن تي پاڻي ڦٻجي چڪو هو. تنهن جو خيال کين بي قرار ڪرڻ لڳو. ٻوءِ جڏ تہ جاڻي واڻي هنن

هڪڙئي ڏي ڏنو. ٻنهي جي دماغ ۾ هڪ ئي خيال ايريو. ڪارٽن اظهار ۾ اڳيرائي ڪئي.

"آخري ڪمزور سهارو به ويو. بهتر آهي ته هن کي لوسيءَ وٽ پهچايو وڃي، پر وڃڻ کان اڳ مهرباني ڪري منهنجي هڪ ڳالهه ڌيان سان ٻڌو. مهرباني ڪري مون سان واعدو ڪيو پر ان جو تفصيل نه پڇو ته مان هي واعدو ڇو ونڊي رهيو آهيان. هڪڙو ڪارڊ آهي ۽ مناسب ڪارڊ آهي."

"مون کي ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي." مسٽر لاريءَ جواب ڏنو "چئو!"

هنن جي وچ ۾ وينل ڊاڪٽر مينٽ لاڳيتو آهُون پري رهيو هو ۽ اڳتي پوئتي جهوٽا کائي رهيو هو. هُو ٻئي هوري هوري ڳالهيون ڪري رهيا هيا، جڏ ته رات جي مهل هجي ۽ هُو ڪنهن مريض جي مٿن کان ٻيڻا هجن.

ڪارٽن جهڪي ڪوٽ کنيو. جيڪو هنن جي پيرن ۾ رُلي رهيو هو. ڪوٽ کڻڻ سان ڊاڪٽر جو اهو ڪتاب هيٺ ڪري پيو جنهن ۾ هُو پنهنجا ضروري ڪاڳر پٽ رکندو هو. ڪارٽن اهو کڻي ورتو. ان ۾ هڪ ويڙهيل ڪاڳر پيو هو. "ڏسڻ ڪپي ته هِنَ ۾ آهي ڇا؟" هُنَ چيو.

هن کولي ڏنو ته سندس وات مان امالڪ نڪري ويو. "شڪر ڏٽيءَ جو!"

"ڇا هي؟" مسٽر لاريءَ جو هيج پريو آواز آيو.

"ٿورو ترس، ٻڌايانءِ ٿو." هن پنهنجي ڪيسي ۾ هٿ وجهي هڪ ڪاڳر ڪڍيو. "ڏسو! هي اهو پروانو آهي، جنهن جي وسيلي مان ملڪ کان ٻاهر وڃي سگهان ٿو. هي ڏسو. . . ! سڊني ڪارٽن. . . قوم. . . انگريز."

"ڏنو توهان!"

مسٽر لاري غور سان ڪاغذ کي ڏسڻ لڳو.

"سياڻي تائين هي پاڻ وٽ رکو. مان سياڻي ڊارني سان ملڻ وڃي رهيو آهيان. مان هي ڪاغذ ساڻ کڻي جيل وڃڻ نه ٿو چاهيان."

"ڇو؟"

"خبر ناهي، پر مان گڏ ڪٽي وڃڻ نہ ٿو چاهيان. هي ڪاغذ جيڪي ڊاڪٽر مينٽ وٽ هيا، اهي بہ رکي ڇڏيو. اهو بہ هڪ اهڙوئي اجازت نامو آهي، جنهن جي مدد سان هُو ۽ سنڈس ڏيءَ ۽ هن جي ننڍڙي، جڏهن چاهن، تڏهن فرانس کان ٻاهر وڃي سگهن ٿا ۽ سرحد ٽپي سگهن ٿا. توهان ڏٺو...!"

"ها!"

"هِنَ شايد ٻُرن ڏينهن جي ڊپ وچان اهو اجازت نامو ونڊي رکي ڇڏيو هو. ان مٿان ڪهڙي تاريخ پيل آهي! خير، ڪا ڳالهہ ناهي. ڏسڻ ۾ وقت نہ وڃايو. اها پنهنجي ۽ منهنجي راهداري پاڻ وٽ سنيالي رکي ڇڏيو. هاڻي ٿورو غور سان ٻڌو. مون کي اڳ ۾ ئي پڪ هئي تہ هيءَ راهداري هن وٽ ضرور هوندي. توڙي جو هاڻي هاڻي، ڪلاڪ ٻہ اڳ مون کي شڪ ٿيو هو تہ شايد ڪونهيس. هيءَ راهداري ايسيتائين ڪم اچي سگهي ٿي، جيسيتائين هِنَ جي خلاف حڪم جاري نہ ڪيو وڃي ۽ مون کي پڪ آهي تہ ترت ئي هي ڪاغذ بيڪار ڪيا ويندا."

"چا هي ماڻهو خطري ۾ آهن؟"

"هنن جون زندگيون وڏي خطري ۾ آهن. ميڊم ڊيفارج هنن جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ واري آهي. مون اڄ اها ڳالهہ پاڻ هن جي واتان ٻڌي آهي. اڄ رات مون هن عورت جي واتان جيڪي ڳالهيون ٻڌيون آهن، تن مان مون کي اندازو ٿي ويو آهي تہ هنن جي زندگين کي خطرو آهي. مون جڏهن کان جاسوس برساڊ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي آهي، تڏهن کان وقت نہ وڃايو اٿم. مخبر منهنجي شڪ جي پنيرائي ڪئي آهي. هُنَ ٻڌايو آهي تہ هڪڙو آري وارو جيڪو قيدخاني جي پت جي سامهون رهندو آهي، اهو ميڊم جي قبضي ۾ آهي ۽ هُوءَ انهيءَ کي هنن ماڻهن جي خلاف شاهدي ڏيڻ لاءِ تيار ڪري رهي آهي. ان آريءَ واري همراهہ، هنن کي قيديءَ سان اشارن اشارن ۾ ڳالهائيندي ڏٺو هو. هُنَ لوسيءَ جو نالو نہ ورتو آهي. صاف ڳالهہ آهي تہ هنن تي سازش ستڻ جو عام الزام هنيو ويندو. هن جي ۽ شايد ننڍڙيءَ جي جند خطري ۾ پئجي وڃي ۽ شايد هن جي ڪراڙي پيءُ جي جان بہ بچي نہ سگهي. چو تہ اهو

ءِ ننڍڙي پٽ قيدخاني جي ٻيجهو ڏنا ويا هيا. اڙي! توهان ايترا هيسجي چو ويا آهيو!؟ توهان پڪ سان هنن کي بچائي ونندئو."

"ڪاش! مان خدا جي مدد سان هنن کي بچائي وٺان. ڪارٽن!... پر ڪيئن؟"

"مان ٿو توهان کي ٻڌايان ته هنن کي ڪيئن ٿو بچائي سگهجي. توهان کان وڌيڪ ذميوار شخص ٻيو ڪير آهي، جنهن جي حوالي هيءَ ڪم ڪري سگهجي! سياڻي کان پوءِ اهي الزام لڳايا ويندا. شايد ٻن ٽن ڏينهن جي مهلت ٻي به ملي وڃي. ممڪن آهي ته هفتو ڪن ملي وڃي. توهان ڇاٽو ٿا ته سوليءَ چڙهڻ وارن جو ماتم ڪرڻ يا انهن سان همدرديءَ جو اظهار ڪرڻ بہ ڏاڍو خطرناڪ ڏوهہ آهي. لوسي ءِ سندس پيءُ پڪ سان اهو ڏوهہ ڪندا. هُو ڪميٽي عورت، جنهن کي اهڙي قسم جون حرڪتون ڪرڻ جو جنون ٿي ويو آهي، سا پنهنجي ڪيس کي سگهارو ڪرڻ لاءِ، هنن جي ڏک ءِ غم کي ڪم آڻيندي ءِ پنهنجي دعوا کي وڌيڪ مضبوط ڪندي. توهان منهجي ڳالهہ سمجهي رهيا آهيو؟"

"مان تنهنجيون ڳالهيون ءِ تجويزون ايترو ته غور سان ٻڌي رهيو هيس جو مون کان اهو دردناڪ حادثو ئي وسري ويو هو." هن ڊاڪٽر ڏي اشارو ڪندي چيو.

"توهان وٽ ڏوکڙ آهن ءِ توهان سمنڊ ڪناري تائين تيز سفر ڪرڻ جو بندوبست ڪري سگهو ٿا. ڪجهہ ڏينهن ٽيندا، توهان جا انگلينڊ وڃڻ جا سڀ انتظام مڪمل ٿي چڪا آهن. سياڻي صبح جو ئي پنهنجا بگي گهوڙا تيار رکو ته جيئن منجهند ٻين وڳي تائين رواني ٽيڻ پرسولائي ٿي سگهيو."

ڪارٽن ايترو ته جوش ۾ هيو جو مسٽر لاري بہ هن کان متاثر ٿي نوجوانن واري ڏک ڏيڻ لڳو.

"توهان وڏيءَ همت وارا آهيو. ڇا مون توهان کي ٻڌايو ناهي ته توهان کي وڌيڪ پروسي جوکو ٻيو ڪو بہ ماٺهو ناهي! اڄ رات هن خطري بابت، جيڪو هِنَ جي پيءُ ءِ سندس ننڍڙيءَ لاءِ پيدا ٿي ٻيو

آهي. توهان کيس تفصيل سان سمجهائجو. هن کي پنهنجي جان جي پرواهه ته ناهي. پر هُوءَ رضاخوشيءَ سان پنهنجي مڙس سان گڏ جند گهورڻ لاءِ تيار ٿي ويندي." هُو ٿوريءَ دير لاءِ هيڪ ٻڌجي ويو. پوءِ وري چوڻ لڳو "هُنَ کي چئجو ته پنهنجي نندڙيءَ ۽ ڪاڙي پيءُ جي خاطر ترت ئي پيرس چڏي ڏئي ۽ طئي ٿيل وقت تي توهان سان گڏ هتان نڪري وڃي. هُنَ کي اهو به چئجو ته اها سنڌس مڙس جي آخري خواهش هئي ۽ هُوءَ سوچي به نه ٿي سگهي ته سنڌس هتان نڪري وڃڻ ڪيڏو نه ضروري آهي. ڇا خيال آهي توهان جو؟ ڇا هنن حالتن ۾ سنڌس پيءُ هن جي چوڻ تي عمل ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويندو؟"

"ها. مون کي پڪ آهي ته هُو راضيَ ٿي ويندو."

"منهنجو به اهوئي خيال آهي. وڏي خاموشيءَ ۽ احتياط سان گهر جي پٺ اندر اهي انتظام ڪري. پاڻ به گاڏيءَ ۾ سوار ٿي وڃجو. جيئن ئي مان اچان. تيئن مون کي گاڏيءَ ۾ ويهاري روانا ٿي وڃجو."

"تنهنجو مطلب آهي ته مان هر حال ۾ تنهنجي موٽڻ جو انتظار ڪريان."

"منهنجي راهداري توهان وٽ. ٻين ماڻهن جي راهدارين سان گڏ هوندي. منهنجي لاءِ جاءِ رکي چڏجو ۽ جڏهن اها جاءِ پرجي وڃي ته هڪدم انگلينڊ روانا ٿي وڃجو."

"هون. . . ائين هن سفر جي انتظام جو سڄو بار منهنجي ڪمزور ڪلهن تي نه پوندوا منهنجي مدد جي لاءِ هڪ جوشيلو نوجوان به گڏ هوندو." مسٽر لاريءَ هن جو هٿ وڏيءَ گرمجوشيءَ سان ڏبائيندي چيو.

"خدا چاهيو ته ائين ئي ٿيندو. مون سان پڪو واعدو ڪيو ته ڪٽي ڪجهه به ٿي وڃي. پر اسان هن وقت جيڪو فيصلو ڪيو آهي. اهو اٽل رهندو. ان ۾ ڪنهن به سبب جي ڪري تبديلي نه ڪئي ويندي."

"بلڪل. ان ۾ ڪا به تبديلي نه ٿيندي. ڪارٽن!"

"سياٽي اهي لفظ ياد ڪجو. ڪا به تبديلي ٿي يا دير ٿي. يلي ته اها ڪٽي ڪهڙي به سبب جي ڪري ٿئي ته پوءِ ڪنهن جي به جان نه

بچندي، ايا ٻين جون زندگيون بہ خطري ۾ پئجي ويندیون ۽ انهن جي بہ قرباني ڏيٽي پئجي ويندي"

"مان اهي سڀ ڳالهيون ڏيان ۾ رکندس ۽ پوري وفاداريءَ سان پنهنجو فرض پورو ڪندس."

"۽ مون کي اميد آهي تہ مان پنهنجو فرض پورو ڪري سگهندس. چڱو خدا حافظ!"

ڪارٽن وڏي بردبار مرڪ سان خدا حافظ چيو ۽ هن بزرگ هستيءَ کي هٿ تي چمي ڏنائين. پر ان مهل هن موڪلائڻ جي بجاءِ وساميندڙ آتشدان جي پرسان، بي حال ويٺل ڊاڪٽر مينٽ کي اٿارڻ ۾ مدد ڪيائين. هن کي ڪوٽ ۽ ٽوپي پارايائين. هُنَ کي اميد ڏياريائين تہ هن جي بينچ ۽ اوزار وٽس پهچايا پيا ويجن. هُو هن مهل تائين لاڳيتو آهُون پري رهيو هو ۽ پنهنجي ڪرت وارو سامان گهري رهيو هو. هُو هن سان گڏ انهيءَ احاطي تائين ويو جتي لوسي پوائتي رات جاڳي گذاري رهي هئي. ان گهر ۾ چارلس ڊارني، پنهنجي قتيل دل جي بي پناهہ ڏک جو اظهار هن سان ڪيو هو. هُو انهيءَ آڪر ۾ داخل ٿي. ان دريءَ ڏي ڏسندو رهيو جتي سوجهرو ٿي رهيو هو. هن جي دل مان لوسيءَ لاءِ دعائون نڪتيون. هُنَ دل ئي دل ۾ ڪيس خدا جي حوالي ڪيو ۽ نڪري ويو.

باب تيرهون

پاونجاهه

ڪنسير جري جي اونداهين قيدخاني ۾ ان ڏينهن جا عتاب هيٺ آيل ماڻهو پنهنجي موت جون گهڙيون ڳڻي رهيا هيا. هنن جو تعداد ايترو هيو جيترا هڪ سال جا هفتا هوندا آهن. پاونجاهه ماڻهو اڇوڪي ٻيڻهريءَ جو زندگيءَ جي موجن جي سهاري لڙهندا، ابدي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويڻا هئا. هنن کي ڪيڏ ڪان اڳ نوان شڪار آڻي، انهن کي ڪوٺڙين ۾ بند ڪيو پئي ويو. انهن پاونجاهه ماڻهن کي موت جي سزا ٻڌائي وئي هئي. نه ستر ورهين جي اڳوٽي جنرل جي دولت هن جي زندگيءَ جي خون بها ادا ڪري سگهي ٿي نه ويهن سالن جي درزياڻيءَ کي سندس گمنامي ٿي غريبيءَ مان ڪڍي سگهي. جسماني بيماريون، جيڪي برائين لاپرواهين جي ڪري انسان ۾ پيدا ٿي پونديون آهن، هر امير غريب کي پنهنجي چنبي ۾ سوگهو ڪري ڇڏيندیون آهن. ٻڌائي نه سگهڻ جهڙا ظلم ٿي تڪليفون، انتهائي جبر ٿي ڏاڍ ٿي حد ڪان وڌيڪ بي رخيءَ بنان، ڪنهن رعايت جي سيني کي چٽي رهي هئي. چارلس ڊارني جڏهن ڪان عدالت جو فيصلو ٻڌي، پنهنجي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ آيو هو. تڏهن ڪان هن پاڻ کي ڪنهن به قسم جي غلط فهميءَ ۾ نه وڌو هو. هن ڏنل بيانن جي هرهڪ ست ۾، پنهنجي موت جو سنيهو ٻڌو هو. هن کي پوريءَ طرح يقين هو ته ڪنهن به قسم جو ذاتي اثر رسوخ به سندس زندگي بچائي نه ٿو سگهي. هُو ڪين انسانن جي ڪاوڙ جو شڪار هو ٿي هاڻي فردن جي هٿ ۾ ڪجهه به نه هو.

پر انهيءَ حالت ۾، جڏهن سندس محبوب زال جو مڪ، سندس نظرن ۾ وسيل هو هُو بنان ڪنهن جذباتي پڻي جي، ايندڙ وقت جو

مقابلو نہ پيو ڪري سگھي. هن کي زندگيءَ سان ڇتي محبت هئي ۽ ائين ئي زندگيءَ کان منهن موڙڻ سولو نہ هيو. هُو وڏين ڪوششن سان زندگيءَ کان پنهنجا ٻئي هٿ ڇڏائڻ پيو چاهي، پر وڏين ڪوششن کان پوءِ هڪ هٿ نڪري ٿي آيس تہ وري ٻئي هٿ جي آگرين. زندگيءَ جي حسناڪين کي پڪڑي ٿي ورتو ۽ جڏهن لاڳيتي جاکوڙ کان پوءِ هڪ هٿ پري ڪري ٿي ورتائين تہ ٻيو هٿ دنيا جي نعمتن کي چنبڑي ٿي پيو. سندس دل ۾ بي پناهہ طوفان اٿي رهيا هيا، جيڪي هن کي دنيا ترڪ ڪرڻ کان روڪي رهيا هيا. جيڪڏهن هڪ گهڑيءَ جي لاءِ بہ هُو دل تي پٿر رکي، زندگيءَ تان هٿ کڻي پيو ڇڏي تہ ڪيس ائين پيو لڳي تہ هُو خودغرضي ڪري رهيو آهي. ڇو تہ هن جي زال ۽ ڏيءَ کي هن کان سواءِ هن دنيا ۾ جيئڻو پوندو. انهن کي ڪيئن سکون حاصل ٿيندو؟ ڪير انهن جي سار سنيال لهندو؟

اها حالت منڊ منڊ ۾ هيس، پر پوءِ هوري هوري اهو سوچي همٿ اچي ويس تہ هُو اڪيلو ناهي، ٻيا بہ ڪيئي ماڻهو ڏاڍي ان بي انصافيءَ جي ڪري موت جي منهن ۾ وڃي رهيا آهن. هن وڏيءَ همت سان دنيا کي خيرباد چيو. ٻيو خيال جنهن ڪيس پاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ تي مجبور ڪيو سو هي هيو تہ جيڪڏهن هن اهو عذاب مرادنگيءَ ۽ همٿ سان نہ سَنو تہ ڇا سندس پوين جو ڏهني سکون متيءَ ۾ نہ ملي ويندو؟ ان ڪري هن مٽان هڪ قسم جو پاڪ سکون چانئجي ويو.

اها هن جي جيون جي آخري رات هئي. اوندهہ وڌندي پئي وئي. پچاڙي واري سفر جون تياريون تہ ٿي چڪيون هيون. هن کي خط لکڻ جو سامان خريدڻ جي موڪل ۽ هڪ لالٽين ملي وئي هئي. هُو ويهي خط لکڻ لڳو.

هن لوسيءَ کي هڪ ڊگهو خط لکيو. هن کيس ٻڌايو تہ لوسيءَ جي پيءُ جي ڊگهي قيد جي باري ۾، تيسين کا بہ خبر نہ هئي، جيسين هن پاڻ نہ ٻڌايو هو ۽ نہ ئي خط جو مضمون ٻڌڻ کان اڳ کيس خبر هئي تہ لوسيءَ جي پيءُ جي تباهيءَ جا ذميوار خود هن جو چاچو ۽ پيءُ هيا. هُو

هن کي اڳ ئي اهو ٻڌائي چڪو هو ته ڊاڪٽر مينٽ مڪٽي وقت رڳو هڪ شرط رکيو هو سو هيءَ ته چارلس ڊارني لوسيءَ کي پنهنجو اصلي نالو ٻڌائي. انهيءَ راز کان ڪڏهن به واقف نه ڪري. شاديءَ جي صبح جو هن وري ٻيهر ان ڳالهه جو پڪو واعدو ورتو هيس. هن کيس اها به التجا ڪئي هئي ته هُو پنهنجي خط جي باري ۾ پنهنجي پيءُ کان ڪا به پڇا نه ڪري ۽ نه وري ڪا جاچ ونئي. ڇو ته ائين ڪرڻ سان کيس وڏو صدمو پهچندو. سال ٽيا، جڏهن هڪ آڇر جي ڏينهن، جڏهن سيئي ان پياري وڻ جي هيٺان وينا هيا ۽ جڏهن ٽاور جو ذڪر نڪتو هو تڏهن خبر ناهي ڇو ڊاڪٽر مينٽ هڪدم پريشان ٿي ويو هو. شايد ان مهل هن خط جو خيال سندس ذهن مان بلڪل لهي ويو هو يا شايد وقتي طور تي انهيءَ جي سارَ سندس دماغ ۾ ايري آئي هئي. جيڪڏهن هن کي ان خط جي باري ۾ ڪجهه به ياد هو ته پڪ سان ان ڪري ٿي، هن اِنَ جو ذڪر نه ڪيو هوندو. هن سمجهيو هوندو ته باستيل جيل جي تباهيءَ کانپوءِ انهن سيني شين جو جيڪي اتان هٽ آيون هيون، ڏکو تفصيل سڄيءَ دنيا ۾ جاري ٿيو هو پر انهن ۾ ان خط جو ذڪر نه ٿيو هو. تنهنڪري لازمي ڳالهه هئي ته اهو خط عام تباهيءَ ۾ ختم ٿي ويو هوندو. ان خط جي توٽي جو ضرورت نه هئي، پر پوءِ به هن وڏيءَ نوڙت سان لکيو هو ته هُوءَ پنهنجي پيءُ کي دلاسو ڏئي ۽ هُنَ کي اهو سمجهائي ته هن جيڪو ڪجهه به ڪيو سو بلڪل صحيح هو ۽ ان لاءِ هُو پنهنجو پاڻ کي ملامت نه ڪري.

تنهن کان پوءِ هن انهيءَ محبت جي لاءِ ٿورا مڃيا هيا، جيڪا هن کي نصيب ٿي هئي ۽ پنهنجيون آخري دعائون ڏنيون هيون ۽ صبر ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي. پنهنجي ۽ سندس ننڍڙيءَ جي پرورش ۾ زندگيءَ گذارڻ جي صلاح ڏني هيائينس. اهو لکيو هيائينس ته هاڻي اسان پي دنيا ۾ ملنداسين ۽ هن جي پيءُ جي دل کي دلاسو ڏيندا سين.

هُنَ لوسيءَ جي پيءُ کي هڪ الڳ خط لکيو. ان جو مضمون به اهوئي هو. ان ۾ هن پنهنجي ڏيءَ ۽ زال، هن کي سونپي هئي ۽ جاڻي واڻي هن کي اها ذميواري ياد ڏياري هئي. اهو لکيو هيائينس ته هُو متان

وري دنيا کان غافل نہ ٿي وڃي. ڇو تہ ھن کي ڪجھ اھڙي قسم جو ڪتڪو پيدا ٿي پيو ھو.

ڀ انھن سيني کي وري مسٽر لاريءَ جي حوالي ڪيو ھيائين. ھن جي محبت ڀ ساڻ جا دل سان ٿورا مڃيا ھيائين. ان کان پوءِ سڀ ڪم پوري ريت مڪمل ٿي ويا. ڪارٽن جو ھن کي خيال ئي نہ آيو. ھُو ٻين جي ڳٽتين ۾ اھڙو تہ گم ھو جو ھُنَ بابت ڪجھ سوچڻ جي مھل ئي نہ مليس.

بتيون وسامڻ کان اڳ ئي ھن سيئي خط لکي ڇڏيا ڀ جڏھن ھُو پنھنجي پلال جي ھنڊ تي ليٽيو تہ ھن کي ائين لڳو تہ جڻ ھن دنيا سان سندس ناتو ختم ٿي ويو ھجي.

پر ننڊ ۾ اھا دنيا ھن کي پنھنجين رنگينين ڏي موتائي رھي ھئي. ھن خواب ۾ ڏٺو تہ ھُو پنھنجي سوھو واري گھر خوشيءَ سان پھچي ويو آھي. توڙي جو اھو خواب وارو گھر اصلي گھر کان بلڪل مختلف ھيو. ھُو لوسيءَ سان گڏ آھي ڀ ھن جو دماغ ھلڪو ڦلڪو آھي ڀ نہ ٻڌائي سگھڻ جھڙي مزي ۾ مخمور آھي. لوسي ڪيس چئي رھي آھي، "اھو سڀ خواب ھو." ڀ ھُو اصل ۾ ڪٿي ب نہ ويو ھو. . . پوءِ وري اڻ ڄاڻائي جي ھڪ ڏنڊلي خلا ڇانئجي وئي. . . پوءِ ھن وري خواب ۾ ڏٺو تہ ھن وڏا ڏک ڏٺا آھن. پر مرڻ کان پوءِ سڪون حاصل ڪري. وري لوسيءَ وٽ موتي آيو آھي ڀ ھُوءَ بلڪل نہ مَٽي آھي. پوءِ وري ھڪ ڪاري خلا ڇانئجي وئي. . . ڀ ھن جي اک ڪلي وئي. صبح ڏاڍو اداس ھو. ڪا دير تہ ھن کي سمجھ ۾ ئي نہ آيو تہ ھُو ڪٿي آھي. . . پوءِ اوچتو ھن جي دماغ ۾ ھيءَ سچائي جرڪي پئي، "اڄ تہ منھنجي موت جو ڏينھن آھي!"

ائين ھن پنھنجو وقت گذاريو. ايسين جو اھو ڏينھن اچي ويو جڏھن ٻاونجاھ ماڻھو ختم ٿيڻ وارا ھيا! ڀ ھاڻي جڏھن کيس پڪ ٿي چڪي ھئي، تڏھن کيس پنھنجي قسمت تي صبر اچي ويو آھي.

جنھن ھٿيار سان ھُنَ جي ڳچي اُڏَڻ واري ھئي، اُھو ھن ڪڏھن ب نہ ڏٺو ھو. اھو زمين کان ڪيترو مٿي ھو ڪيترا ڏاڪا مٿي چڙھڻا

پوندا، هن کي ڪٽي ٻيهاريو ويندو هن کي ڪيئن ڇُهيو ويندو ڇا ڪيس ڇهڻ وارا هٿ رت ۾ ٻڏل هوندا، هُنَ جو منهن ڪاڏي ڦيرايو ويندو هُو سيني کان پهريون هوندو يا سندس وارو پيڇاڙيءَ ۾ ايندو. اهڙائي ڪيئي سوال لاشعوري طور تي هرهر ايري رهيا هيس. انهن سوالن جو تعلق خوف سان بلڪل نه هو ڇو ته هن کي ڊپ ته ٿي ئي نه رهيو هو. پر هُو ته رڳو انهن خيالن ۾ ٻُڏل هو ته جڏهن اها گهڙي ايندي تڏهن ڇا ڪرڻو پوندو؟ ڪجهه گهڙين اندر ئي ڪم پورو ٿي ويندو.

گهڙيون گذرنديون رهيون ۽ هُو اڃتي پوئتي ڦرندو رهيو ۽ گهڙيال اُهي گهنڊ وڄائيندو رهيو جيڪي زندگيءَ ۾ وري ٻڌڻ ۾ نه ايندس. . . نَوَ سدائين جي لاءِ ويا. . . ڏهه ٻه گذري ويا، يارهن ٻه هميشه جي لاءِ ويا. ٻارهن جو گهنڊ گذرڻ لاءِ اڃتي وڌندو رهيو. هُو هيڏي هوڏي ڦري رهيو هو ۽ پنهنجن پيارن جا نالا ورجائي رهيو هو. سخت ڇڪتاڻ واري گهڙي گذري ڇڪي هئي. هن جا خيال منتشر نه هيا. هاڻي هُو هيڏي هوڏي ڦري پنهنجي لاءِ دعائون گهري رهيو هو.

ٻارهن جو گهنڊ هميشه جي لاءِ وڄي ڇڪو هو!

هن کي اطلاع ڏنو ويو ته ڪيس ٽين ڀڄي سوليءَ چاڙهيو ويندو. هن کي خبر هئي ته ڪيس ٽوري دير اڳ گهرايو ويندو. ڇو ته ڇڪڙا واٽن تان هوري هوري گهلجي هلندا آهن. تنهن ڪري هن پنهنجي دل ۾ ٻين ڀڄي جو وقت مقرر ڪري جڏيو هو. ان وچ ۾ هن کي پنهنجي دل مضبوط ڪرڻي هئي. ان کان پوءِ ته هن جي اها ڪوشش هوندي ته هُو ٻين جي دل کي دلاسو ڏئي سگهي. هُو ڇاتيءَ تي هٿ ٻڌيون، هيڏي هوڏي ڦيرا پائي رهيو هو. هن ۾ ۽ لافورس واري قيديءَ ۾ وڏو فرق هو. هڪ جو گهنڊ وڄي ڇڪو هو پر هن کي ڪا به حيرت نه ٿي. "بس هڪ ڪلاڪ باقي آهي!" هن سوچيو ۽ وري ڦيرا پائڻ لڳو.

ٻاهر وراندي ۾ پيرن جو ڪڙڪو ٻڌڻ ۾ آيو. . . هُو چرڪجي ويو.

تالي ۾ ڪنجي ڦيرائي وئي. در کلڻ کان اڳ. . . جيئن ئي ٿورو در کليو. هن هڪ مرد کي جهيٽي انگريزيءَ ۾ چوندي ٻڌو.

"هن مون کي هتي ڪڏهن ناهي ڏٺو. مان هن جي نظرن کان بچندو ئي رهيو آهيان. تون اڪيلو اندر وڃ. . . مان ٻاهر بيٺو رهندس. . . دير نہ ڪجانءِ"

در تکڙو کليو ۽ وري بند ٿي ويو. هن جي سامهون واري مُنهَن تي هلکي مرڪ اُپري، چپن تي ماڻ رهڻ لاءِ آڳر رکيون اندر گهڙي آيلُ همراهہ سڀني کارٽن هو.

هُنَ جي مک تي لاجواب چمڪ هئي. ڪجهہ گهڙين لاءِ تہ قيديءَ اهو سمجهيو تہ اهو سڀ سندس دماغ جو خلقيل وهم آهي، پر هُو ڳالهائي رهيو هو ۽ اهو سندس ئي آواز هو. هن قيديءَ جو هٿ پکڙيو. . . پکڙ وهم نہ هئي!

"سڄي دنيا کي ڇڏي، رڳو منهنجي اچڻ جي ئي اميد نہ هوندئي. . . !" کارٽن چيس.

"مون کي تہ ويساهہ ئي نہ آيو تہ تون آهين. مون کي تہ هاڻي بہ يقين نہ ٿو اچي. تون قيدي تہ ناهين نہ" ڊارني جي دل ۾ هڪدم ڊپ ويهي ويو.

"نہ اتفاق سان هتان جي هڪ پهريدار جي ڏکندڙ رڳ منهنجي هٿ اچي وئي آهي، بس ان جي سهاري تنهنجي اڳيان بيٺو آهيان. . . پيارا ڊارني! مان تنهنجي زال وتان ٽيندو پيو اچان."

قيدي حسرت وچان هٿ مهٽڻ لڳو.

"هن جي پاران هڪ درخواست ڪٽي آيو هان."

"ڪهڙي؟"

"هن وڏي منٿ ڪندي درد پرئي لهجي ۾ چيو آهي، هن جو آواز تہ توکي ياد هوندو. جيڪو توکي ڏاڍو پيارو هو. هن هڪ التجا ڪئي آهي. . ."

قيديءَ پنهنجو منهن ٿورو هڪ پاسي ڪري ڇڏيو.

"هي پيغام مان تو تائين ڇو ڪٽي آيو هان؟ ان پڇڻ جو نہ تو وٽ وقت آهي ۽ نہ مون وٽ. بس توکي ان تي جلد عمل ڪرڻ کپي. تون پنهنجا جُوتا لاهہ. . هي منهنجا جُوتا پائي وڃ!"

قيديءَ جي پُٺ ۾ پٽ سان لڳل هڪ ڪرسي پئي هئي. ڪارٽن ڪنوڙ وانگر ڊارنيءَ کي زوريءَ ان تي ويهاريو ۽ پاڻ جُوتا کڻي هُنَ جي پرسان بيهي رهيو.

"هي منهنجا جُوتا پاءِ . . ٿورو زور لڳاءِ . . همت کان ڪم وٺ . . . جلدي . . "

"ڪارٽن! هتان پڄڻ ناممڪن آهي. اهو ٿي نه ٿو سگهي. مون سان گڏ تون به مارجي ويندين. هي صفا پاڳل پٽو آهي."

"جي مان توکي هتان پڄي وڃڻ جو چوان ٿه جائي به چريائپ ٿيندي. پر مون توکي ڪڏهن چيو ته تون پڄي وڃ. جڏهن تون هن در مان پير ٻاهر ڪڍين، تڏهن مون کي ايترو چٽجانءِ ته، 'اها چريائپ آهي، نه وڃجانءِ.' هان، هي وٺ رومال متائي وٺ ۽ منهنجو ڪوٽ به پائي وٺ! ايتري ۾ مان ڏوري کولي تنهنجا وار به ٿورا ڪنڌيڙي ٿو ڇڏيان."

هُنَ وڏي ڦڙتيءَ سان پنهنجي ڏهني ۽ جسماني سگهه جو حيرت ۾ وجهي ڇڏيندڙ مظاهرو ڪيو ۽ چارلس ڊارني ۾ تبديلي آڻي ڇڏي. قيدي هن جي هٿ ۾ راندڪو ٻٽيل هو.

"ڪارٽن. . . ! منهنجا پيارا دوست! اها چَريائپ آهي. ان ۾ ڪا به ڪاميابي ٿي نه ٿي سگهي. اهو ٿي ئي نه ٿو سگهي. ماٺهن ڪيئي پيرا ڪوشش ڪئي آهي، پر ناڪام ٿيا آهن. مان توکي منٽ ڪيان ٿو. منهنجين پريشانين کي پنهنجي موت ۾ شامل نه ڪر."

"منهنجا عزيز! مون توکي در مان لنگهڻ جو ڪڏهن چيو. جڏهن مان چوانءِ تڏهن صاف انڪار ڪري ڇڏجانءِ. ميز تي قلم ۽ مَسُ ڪُپڙي اٿئي. چا تنهنجي هٿن ۾ ايترو دم آهي، جو ڪجهه لکي سگهين!"

"جڏهن آيو هيس، تڏهن ڪجهه دم هيو."

"چگو ته پوءِ تيار ٿي. جيڪو مان چوان اهو لکندو وڃ. جلدي ڪر دوست! جلدي"

ڀارني بيوس ٿي پنهنجو مٿو پنهنجن هٿن ۾ جهلي ورتو ۽ ميز جي پرسان ويهي رهيو. ڪارٽن پنهنجو ساڃو هٿ قميص اندر لڪايون، هن جي پويان بيٺو هو.

"جيڪو مان چوندو وڃان اهو لکندو وڃ."

"ڪنهن کي لکان!؟"

"ڪنهن کي به نہ" ڪارٽن جو هٿ ايڏا تائين بغل ۾ لڪيل هو.

"تاريخ وڃهانسِ؟"

"نہ!"

قيدي هر سوال تي اک ڪٽي مٿي ڏسي پيو. ڪارٽن هن ڏي ڏسي رهيو هو. هُنَ جو هٿ ڇاتيءَ وٽ لڪل هو.

"شايد توکي ياد هجي." ڪارٽن لکڻ لاءِ چوڻ شروع ڪيو "عرصو ٿيو آهي، جو اسان جي وچ ۾ معاهدو ٿيو هو. هيءَ لکت ڏسڻ کان پوءِ توکي سڀ ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي ويندو. مون کي ياد آهي، توکي اهي لفظ ياد هوندا. انهن کي وساري ڇڏڻ تنهنجي عادت جي خلاف آهي."

هُو پنهنجو ساڃو هٿ هوري هوري ٻاهر ڪيڏي رهيو هو. ان مهل قيديءَ اتفاق سان حيرت منجهان هن ڏي ڏسي ورتو. ڪارٽن وري تڪڙ ۾ جلدي ڪا شئي بغل ۾ لڪائي ڇڏي.

"تو لکيو تہ انهن کي وساري ڇڏڻ. . . ؟" ڪارٽن پڇيس.

"ها لکيو. ڇا تنهنجي هٿ ۾ ڪو هٿيار آهي؟"

"نہ مان هٿيار بند ناهيان."

"تہ پوءِ تنهنجي هٿ ۾ ڇاهي؟"

"اجهو خبر پئجي ويندئي. لکہ . . بس ڪي ٿورا لفظ باقي آهن." هن وري لکائڻ شروع ڪيو. "مون کي خوشي ٿي رهي آهي تہ اهو وقت اچي ويو آهي، جڏهن مان پنهنجو وچن سچو ثابت ڪري ڏيکاريندس. پنهنجو واعدو پورو ڪرڻ مهل. . . مون کي نہ رنج آهي، نہ پڇتاءِ."

ايترو چوندي چوندي هن هوري هوري پنهنجو هٿ بغل مان ڪيڏي لکڻ واري جي ويجهو آندو.

ڊارني جي هٿ مان قلم ڪري پيو ۽ هن خالي خالي نظرن سان چئني پاسي ڏسي پڇيو "هي هت ڪهڙي قسم جو دونهون آهي؟"

"دونهون!"

"ها. هاڻي... هاڻي منهنجي نڪ کي ڪجهه محسوس ٿيو."

"مون کي ته ڪجهه به محسوس نه ٿيو ۽ هوندو وري چا؟ قلم کڻ لک... جلدي ڪر... جلدي..."

ائين پئي لڳو ته قيدي۽ جا هوش گم ٿيندا پيا وڃن. هن جو يادگيرو گم ٿي رهيو آهي. هن پوري پوري ڪوشش ڪري ڏيان ڏيڻ گهريو. هن ڪارٽن ڏي ڏٺو. تڏهن سندس اکين اڳيان اوندهه ڇانئجي رهي هئي. ساهه اکڙي ويس. ڪارٽن پنهنجو هٿ وري بغل ۾ وجهي ڇڏيو ۽ هن کي ڏيان سان ڏسي رهيو هو.

"جلدي ڪر... جلدي"

قيدي وري ڪاغذن تي جهڪي ويو.

"حالتون ڪي ٻيون هجن ها ته مون کي هن موقعي مان فائدو وٺڻ جو خيال في الحال نه اچي ها... جي حالتون مختلف هجن ها... ته..." ڪارٽن جو هٿ وري چوري چوري۽ هيٺ اچي رهيو هو. هاڻ هن جو هٿ قيدي۽ جي چهري تي هيو "ته مون کي ڪيترين ئي ڳالهين لاءِ جواب ڏيڻو پوي ها. جي حالتون مختلف هجن ها ته..." ڪارٽن ڏٺو ته قيدي۽ جو هٿ ٻيهجي رهيو هو ۽ لفظ ٽيڏا لکجي رهيا هيا.

هاڻي ڪارٽن جو هٿ وري پنهنجي بغل ڏي نه ويو. قيدي هڪدم اٿي بيهي رهيو ۽ ملامتي نگاهن سان گهورڻ لڳو. پر ڪارٽن جو هٿ هن جي ناسن مٿان سوگهو هو. هُنَ ٻئي هٿ سان قيدي جي چيلهه پڪڙي ورتي هئي. چارلس ڊارني ٿوري دير تائين ان شخص جي خلاف جدوجهد ڪندو رهيو. جيڪو هن جي لاءِ پنهنجي جان ڏيڻ آيو هو. پر هُو هڪ منٽ جي اندر بيهوش ٿي ليٽي پيو.

ڪارٽن مضبوط ارادي ۽ وڏي ڦرتيءَ سان قيدي۽ جا ڪپڙا پائي ورتا. ٽٽي ڏٺي. وار انهيءَ ڏوريءَ سان ٻڌي ڇڏيا. جيڪا اڳ ۾ قيدي۽ کي ٻڌل هئي. پوءِ هن هورڙيان آواز ڏنو "هلي آ... اندر اچ..." ۽ مخبر اندر آيو.

"ڏسين پيو." هُنَ بيهوش ماڻهوءَ جي ويجهو گوڏو جهڪائي سندس ڪيسي ۾ ڪاغذ وجهندي چيو "توکي گهٽو خطرو ته ناهي."

"مسٽر ڪارٽن! هتي ايڏي ته گڙبڙ آهي، جو چئي بس ڪر. جي توهان پنهنجي قول تي قائم رهو ته پوءِ مون کي ڪو به خطرو ناهي."

"ڊج نه مان آخري گهڙيءَ تائين پنهنجو واعدو نياڻيندس."

"اهوئي توهان جو فرض آهي. . . جيڪڏهن هاونجاھ جو تعداد پورو ڪرڻو آهي ته پوءِ هِنَ لباس ۾ ڪنهن کي به ڪو شڪ نه پوندو ۽ مون کي به ڪو ڊپ نه ٿيندو."

"ڊج نه مان ترت ئي توکي نقصان پهچائڻ واري حد کان گذري ويندس ۽ ٻيا ماڻهو به جي خدا گهريو ته هتان پري نڪري ڇڪا هوندا. بس، هاڻي مدد جي لاءِ ڪنهن کي سڏ ڪر ۽ مون کي گاڏيءَ ۾ پهچاءِ. . ."

"توهان کي. . . ؟" مخبر هيسجي ويو.

"هن کي. . . ارڙي ميان! جنهن سان مون پنهنجا ڪپڙا مٽائي ورتا آهن. جنهن در کان مون کي وٺي آيو آهين، ان سان واپس ويندين نه؟"

"پڪ سان."

"جڏهن تون مون کي آڻي رهيو هئين، تڏهن مان ڪمزور ۽ هيٺو پئجي رهيو هيس ۽ جڏهن ٻاهر وٺي وڃي رهيو آهين، تڏهن به مان وڌيڪ هيٺو پئجي رهيو آهيان. جدائي جي منظر مون کي جهوري وڌو آهي. اهڙا حادثا اڪثر ٿيندا رهندا آهن. هاڻي تنهنجي زندگي خود تنهنجي هٿن ۾ آهي. جلدي ڪر. . . مددگار گهراءِ. . ."

"توهان قسم کڻو ته منهنجو راز ظاهر نه ڪندئو."

"ڇا ته عجيب ماڻهو آهي. ڇا مون وڏو قسم کائي واعدو نه ڪيو آهي ته مان اهو ڪم خير خوشيءَ سان انجام ڏينداس. چو ٿو اجايو وقت وڃائين. تون پاڻ هن کي آڻڻ تائين ڪٽي وڃ. گاڏيءَ ۾ ويهاري، مسٽر لاريءَ جي حوالي ڪرينس. هن کي چئجانءِ ته هن کي تازي هوا کان سواءِ ٻئي ڪنهن به دوا دارون جي ضرورت ناهي ۽ منهنجي ڪالهوڪي رات واري ڳالهه ۽ پنهنجو واعدو ياد رکجو ۽ ترت روانا ٿي وڃجو."

مخبر هليو ويو. ڪارٽن مٿو هٽن ۾ ڏئي ويهي رهيو. مخبر ترت ئي ٻن ڇٽن سان گڏ اندر آيو.

"اڙي واهه! دوست جي نالي سينٽ گلوٽين جي لاتريءَ جي ٽڪيٽ نڪري آيس ته ويچارو بيهوش ٿي ويو!" انهن مان هڪڙي ڇٽي ڪريل ماٺهوءَ کي ڏسي چيو.

"پر جيڪڏهن هن جي نالي جي خالي پرچي نڪري ها ته هڪ سچي قوم پرست کي به ڪجهه اهڙي قسم جو ئي صدمو پهچي ها." ٻئي چيو.

هنن بيهوش انسان کي ڪٽي گاڏڙي ۾ ليٽايو ۽ ڇُهڪي ڪٽي وڃڻ لڳس.

"ايور مونڊ! وقت ٿورو وڃي بچيو آهي." مخبر تنبيهه ڪندي چيس.

"مان چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو. منهنجي وينتي آهي ته منهنجي دوست کي احتياط سان پهچائجو ۽ مون کي اڪيلو ڇڏي ڏيو."

در بند ٿي ويو ۽ ڪارٽن اڪيلو رهجي ويو. هن پوري ڪوشش ڪري ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي ته ٻاهر ڪو گوڙ ته نه ٿو مچي. ڪنهن کي شڪ ته نه ٿيو آهي، پر ڪا به غيرمعمولي گڙٻڙ نه ٿي. ڪنجيون گهمايون ويون، در ڪڙڪيا ۽ پيرن جا آواز پري ڪنهن وراندي ۾ گم ٿي ويا. هُو سڪ جو ساهه کٽي ميز تي ويهي رهيو ۽ وري غور سان ٻڌڻ لڳو. نيٽ ٻه ٿي ويا.

هاڻي اهي آواز اُپرڻ لڳا، جن جو مطلب هن خوب ڄاتو پئي، پر هُو ڏنل نه هو. لڳاتار ڪيئي در کليا. نيٽ هن جو در به کليو. هڪ جيلر جنهن جي هٿ ۾ لسٽ هئي، اندر جهاتي پائي رڳو ايترو چيو "مون سان اچ، ايور مونڊ!"

هُو هن جي پويان پويان هلندو هڪ وڏي اونداهي ڪمري ۾ پهتو. اهي اونداهين سردين جا ڏينهن هيا. ٻاهر به پاڇا هيا ۽ اندر به ڪجهه پاڇا هيا. ان ڪري هُو انهن ماٺهن کي چڱيءَ ريت ڏسي نه سگهيو جيڪي هٿ ٻڌڻ جي لاءِ هن ڪمري ۾ آندا ويا هيا. ڪي بينا روئي پِٽي رهيا هيا ته ڪي بيقراري وچان هيڏي هوڏي ڦري رهيا هيا، پر اهڙا

ماڻھو تعداد ۾ گھٽ ھيا. گھٽا ٽڪا ماڻھو چپ ھيا ۽ سندن اکيون زمين تي کتل ھيون. ھُو جنھن مھل پٽ سان پٽي لڳايون، ھڪ اونداھيءَ ڪنڊ ۾ بيٺو ھو تڏھن ھڪ ماڻھو ساڻس پاڪر پائڻ لاءِ پرسان اچي بيھي رھيس. ھُو شايد ھن کي ڄاڻي ڀيو. راز کلي پوڻ جي ڪري ڪن پل لاءِ ڊپ مٽس قبضو ڪري ويو پر اھو ماڻھو اڳتي وڌي ويو.

ھن ڪجھ وقت کان پوءِ ھڪ ڏُھري نوجوان ڇوڪريءَ کي اُتي ويٺل ڏٺو. ھُوءَ پنھنجي جاءِ تان اٿي ۽ ھن سان ڳالھ ٻولھ ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي آئي. ھن جو مک معصوم ۽ سادو ھو جنھن تي رنگ جي ڪا بہ رمق نہ رھي ھئي ۽ سندس وڏيون وڏيون اکيون حيرت وچان ڪليل ھيون.

"سٽيزن ايور مونڊا! مان ئي اھا غريب درزياڻي آھيان، جيڪا توھان سان گڏ لافورس جي قيدخاني ۾ قيد ھئي." ھن پنھنجو ھيٽو ۽ برف جھڙو ٽڏو ھٿ ھن جي ھٿ تي رکي چڏيو.

"ھائو. . !! پر مان اھو وساري ويٺو ھان تہ توھان تي ڪھڙو الزام ڏريو ويو آھي." ھن ھورڙيان چيس.

"سازش! پر خدا ڄاڻي ٿو تہ مان بلڪل بي ڏوھي آھيان. ٿورو سوچيو تہ پلا مون جھڙي ھيڻي ۽ ڪمزور ڇوڪريءَ سان ملي ڪير سازش ڪندو؟!"

ھن جنھن درد ڀرئي انداز ۾ پنھنجي رام ڪھاڻي ٻڌائي، ان سان ڪارٽن جي دل ڀرجي آئي ۽ سندس اکين مان ڳوڙھا وھڻ لڳا.

"مان موت کان نہ ٿي ڈڄان. پر مون تہ ڪجھ ڪيو ئي ناھي! ري پبلڪ، جيڪا اسان غريبن جي لاءِ گھڻو ڪجھ ڪرڻ واري آھي، تنھن کي منھنجي موت مان ڪھڙو فائدو پھچندو. مون کي مرڻ کان انڪار ناھي، پر منھنجو عقل ڪم نہ ٿو ڪري. سٽيزن ايور مونڊا! پلا مون ڪينَ جھڙي ھستيءَ جي موت سان ڪھڙو لاڀ ملي سگھي ٿو!؟"

اھا شخصيت، جنھن زندگيءَ ۾ آخري ڀيرو ھن جي دل ۾ گرمي پيدا ڪئي ۽ پيار جي جذبي کي اُپاريو سا اھا رحم جوڳي ڇوڪري ھئي.

"مون ٻڌو هو ستيزن ايور مونڊ! تہ توهان چُڪي ويا هئا. مون کي اميد هئي تہ اها خبر صحيح هوندي."

"اها خبر ٺيڪ هئي، پر مون کي وري گرفتار ڪري موت جي سزا ڏني وئي."

"جي مان توهان جي چڪڙي ۾ ويهاري ويس تہ ستيزن ايور مونڊ! چا توهان مون کي پنهنجو هَتُ هَتَ ۾ ونڊ ڏيندئو. مان ڄڃان نہ ٿي، پر مان ڏاڍي ڪمزور ۽ نازڪ آهيان. توهان جي هٿ جي سهاري مون کي دل کي بہ ٺيڪ هوندي."

چوڪريءَ جڏهن صبر سان پريل اکيون ڪارتن ڏي ڪنيون، تڏهن هن انهن اکين ۾ شڪ ۽ حيرت جي جهلڪ ڏني. هن چوڪريءَ جو بک ۽ ڪمن ڪارين هٿان ماريل سڙيل ڳريل هَتُ ڏٺايو ۽ پنهنجن چپن تي آڱر رکي.

"توهان هن جي خاطر پنهنجي جان ڏئي رهيا آهيو!" هن آهستڙي چيو.

"ها... چپ ڪر... هن جي زال ۽ هن جي ڏيءَ جي خاطر."

"واهہ!... اي دلير اجنبي! توهان مون کي پنهنجو هٿ هٿن ۾ ونڊ ڏيندئو نہ!"

"هُش...! ها، اي منهنجي پياري پيٽ! آخري گهڙيءَ تائين."

اهي ئي انڌيرا آهن، جيڪي قيدخاني تي چانيل آهن. ٽيپهريءَ جي مهل سرحد جي ويجهو ان هجوم تي بہ پاڇا پئجي رهيا آهن، جيڪو پيرس کان ايندڙ گاڏيءَ جي چوڌاري گڏ هيو ۽ جنهن جو معائنو ٿيڻ وارو هو.

"ڪير پيو وڃي؟... اندر ڪير ڪير آهي؟ ڪاغذ ڪٿي آهن؟"

ڪاغذ پيش ڪيا ويا.

"اليگزينڊر مينٽ... ڊاڪٽر... قوم فرينچ... ڪير آهي اهو؟"

هي آهي. . . هي مجبور ۽ لاچار گم سر ويئو نہ ڄاڻ پنهنجي منهن ڇاڇا ڇڻي رهيو آهي. بڙبڙ ڪري رهيو آهي. ڪرازي ڏي اشارو ڪيو ويو.

"لڳي ٿو تہ سٽيزن ڊاڪٽر پنهنجي هوش ۾ ناهي. ويچاري جي لاءِ انقلابي بحران ڪورو ثابت ٿيو آهي."

ها ڏاڍو ڪورو ثابت ٿيو آهي.

"هاها. . . ڏاڍو ڏهاڙ ۾ پيو نظر اچي. . . لوسي. . . هن جي ڏيڻ . . ڪهڙي آهي؟"

هيڻ آهي هُوءَ.

"اندازي مان تہ اهائي ٿي لڳي. . . لوسي. . . ايور موند جي زال آهي نہ!"

هائو.

"ها. ها. . . ايور موند کي ٻئي هنڌان جو سڏ آيو آهي اڄ. . . لوسي. . . هن جي زال. . . قوم انگريز. . . هيڻ آهي نہ!"

ها اهائي آهي.

"او ايور موند جي ٻچي! اسان کي پيار ڪر. . . اڄ تو ري پبلڪ جي هڪ سُڻي شهريڻ کي چمي ڏني آهي. ياد رکجانءِ خاندان ۾ اها عجيب ڳالهہ ٿي آهي. . . سڀني ڪارٽن. وڪيل. قوم. . . انگريز. . . ڪير آ اهو؟"

هُو هت گاڏيڻ جي ڪنڌ ۾ پيو آهي. هن ڏي ہہ اشارو ڪيو وڃي ٿو.

"لڳي ٿو تہ انگريز وڪيل بيهوش ٿي ويو آهي."

ها. پر تازي هوا جي ڪائڻ سان هن جي طبيعت بحال ٿي ويندي. هن جي صحت ٺيڪ ناهي. هڪ اهڙي دوست کان جدا ٿي آيو آهي. جنهن کي جمهوريت پنهنجي عتاب هيٺ آندو آهي.

"بس ايتري ڳالهہ آ. اها ڪهڙي وڏي ڳالهہ آ. ڪيترن مٿان ئي جمهوريت جو عتاب نازل ٿيو آهي ۽ انهن کي سوليءَ واريءَ دريءَ مان ڇڇي ڪيڊي جهاتي پائڻي پوندي. جاروس لاري . . بينڪر. . . قوم انگريز. . . ڪير آ اهو؟"

"مان آهيان... چو باقي مان رهجي ويو آهيان."

انهن سيني سوالن جا جواب جاروس لاريءَ ئي ڏنا هيا. اهوئي گاڏيءَ مان لهي، دَرَ پکڙي، آفيسرن جي سوالن جا جواب ڏئي رهيو آهي. اهي وڏي اطمينان سان گهمي ڦري، گاڏيءَ جي متان چڙهي، مختصر سامان جي جاچ ونيِ رهيا آهن. پهراڙيءَ جا ماڻهو چئني پاسن کان گڏ ٿي، گاڏيءَ اندر بکايل نظرن سان گهوريِ رهيا آهن. هڪ ننڍڙي ٻار جو هٿ، جيکو پنهنجي ماءُ جي هنج ۾ ڪنيل آهي، سواڳتي وڌايو ويچي ٿو ته جيئن هُو رئيس زادي جي زال کي ڇُهي سگهي.

"هي وٺ، جاروس لاري! پنهنجا ڪاغذ. انهن تي مهر لڳي وئي آهي."

"اسان هاڻي وڃي سگهون ٿا؟ سنيزن!"

"ها، توهان وڃي سگهو ٿا... ڪوچوان! اڳتي هل... شلَ سفر خير جو گذريوَ."

"وڏا ٿورا توهان جا، سنيزن!"

"پهرئين خطري مان ته نڀي آياسين." اهي لفظ به جاروس لاري چيا هيا ۽ ٻئي هٿ هڪٻئي ۾ مضبوط پکڙي مٿي ڏسڻ لڳو. گاڏيءَ ۾ دهشت چانيل آهي. ڳوڙها وهي رهيا آهن. بيهوش مسافر جا ڳورا ساهه ڪڍي رهيا آهن. "اسان ڏاڍو هوڙيان هلي رهيا آهيون. چا ڪوچوانن کي تيز هلڻ جو نه ٿو چئي سگهجي." لوسي ڪراڙي مرد سان پاڪرين پٽجي چوي ٿي.

"منهنجي پياري...! ائين فرار ٿيڻ جو شڪ ٿي پوندن. اسان هنن کي گاڏي تيز هلائڻ جو چئون ته متان ڪنهن کي شڪ ٿي پوي."

"ٿورو پوئتي ڏسو اسان جو پيڇو ته نه ٻيو ڪيو وڃي!"

"ايجا تائين ته سڙڪ خالي آهي. پياري ڏيءَ! اسان جو پيڇو نه ٻيو ڪيو وڃي." ٻه ٻه ٽي گهر پاسي مان لنگهي وڃن ٿا. سنسان ڪيت، تباهه ٿيل جايون، رنگ سازيءَ جو ڪارخانو، چمڙي جو ڪارخانو وغيرهه. وري ٽڙيل پکڙيل ڳوٺَ ۽ پنن کان ٺوڙها وٽن جا جهڳٽا گذرندا وڃن ٿا. سڙڪ ڪڙڙ آهي. سڙڪ جي ٻنهي پاسن کان

نرم گپ آھي. ڪڏھن سِرُن، پٽرن کان بچڻ لاءِ اسان کي پنھنجي گاڏي پاسي تي لاھڻي پوي ٿي، ڪڏھن ڦيٽا ڪڏڻ ۾ ڏيڍين ۾ ڦاسي پون ٿا. ان مھل ڊپ ۾ بي چيني ايترو ته وڌي وڃن ٿا، جو دل چوي ٿي ته بيبجي، ھيٺ لھي پئجي. پڇي وڃي ڪٽي لکي پئجي، پر ڪٽي ڇا ٻه ٽئي، ڪٽي ٻيھجي نه.

پکڙيل ڳوٺن کان لنگھي، وري تباھ ٿيل عمارتن وٽان گذرون ٿا. اھي ئي سنسان کيت، رنگن جو ڪارخانو چمڙي جو ڪارخانو وغيرھ.. ٻه ٻه ٽي ٽي گھر پاسن مان لنگھي وڃن ٿا. وري اھي ئي ٽوڙھا وٽن جا جھڳٽا! ڇا ڪوچوان اسان کي ڏوکو ڏئي موٽائي، ٻئي رستي سان واپس وٺيون ٿا وڃن؟ ڇا ھيءَ ساڳي جڳھ ناھي، جيڪا اڳ ئي گذري چڪي آھي! شڪر خدا جو.. ھڪ ڳوٺ ڏسڻ ۾ پيو اڃي! پوئتي ڏسو توھان جو پيڇو ته نه پيو ڪيو وڃي؟

"ھُش... خاموش...! ڀاڪ گھر اڃي ويو."

چارئي گھوڙا وڏي آرام سان کوليا وڃن ٿا. گاڏي ننڍڙيءَ گھٽيءَ ۾ وڏي سکون سان ٻيٺي آھي. ائين ٿو لڳي ته ھاٽي ھيءَ گاڏي ڪڏھن نه ھلندي. گھوڙا ٻه ڏاڍا مطمئن ۾ تازا توانا نظر اچن ٿا. نئوان ڪوچوان وڏي سکون سان، پنھنجي ھنڌرن کي ٽُڪَ سان آلو ڪري، انھن کي ڳوھي رھيا آھن. سيئي ڪوچوان مزي مزي سان ٿھلندي نظر اچن ٿا. پراڻا ڪوچوان ڏنل ڪرايو ھوري ھوري ڳڻن لڳن ٿا. غلط ڳڻي وڃن ٿا، وري ڳڻن ٿا. نيٺ مٿاڇري دل سان صبر ڪري ويھي رھن ٿا.

نيٺ نوان ڪوچوان پنھنجين پنھنجين زينن تي ويھن ٿا ۽ پراڻن ڪوچوانن کي پوئتي ڇڏيو وڃي ٿو. اسان ڳوٺ مان لنگھي، پھاڙيءَ تي چڙھيا آھيون. مٿي چڙھي وري لاھيءَ تان لھڻ لڳا آھيون. ڪوچوان ھڪدم ھٽ لوڏي لوڏي پاڻ ۾ رڙيون ڪري ڳالھائڻ لڳا آھن ۽ گھوڙا اوچتو روڪيا ويا آھن. اسان جو پيڇو ڪيو پيو وڃي.

"او گاڏيءَ ۾ ويندڙئو! جواب ڏيو...!؟"

"ڇا ڳالھ آھي؟" مسٽر لاري دريءَ مان مُنڊي ٻاھر ڪڍي پڇي ٿو.

"توھان پنھنجو تعداد ڪيترو ٻڌايو ھو!"

"چا مطلب؟ مون نہ سمجھيو."

"پوئين ڀاڪ استيشن تي توھان سوليءَ تي چڙھڻ وارن جو تعداد ڪيترو ٻڌايو ھو؟"

"ٻاونجاھہ."

"اِھوئي تہ مان ۾ چئي رھيو ھيس تہ چگو پلو تعداد آھي. منھنجو ساڻي شھري وري ٻائيتاليھن جي انگ تي ئي مست ٿي رھيو ھو. پَئي! ڏھہ ڪوپڙيون ۾ وڏي ڳالھہ آھن. واھ! ڏاڍي سُٺي نموني پئي ھلي سُولي. . .سان انھيءَ تان قربان وڃان. . .!"

"ھلو. . وڃو. . .!"

اونداھي رات لھي اچي ٿي. ھُو ھوري ھوري ڇري پري ھوش ۾ اچي رھيو آھي. ھن جو خيال آھي تہ ھُو ٻئي ايڇا انھيءَ جاءِ تي گڏگڏ آھن. ھُو ھُنَ جي باري ۾ پيچي ٿو. . . ھُنَ جو نالو وٺي پيچي ٿو تہ ھُن جي ھٿ ۾ ڇا آھي؟ رحم اي مھربان خدا! ۽ اسان جي مدد فرماءِ! ٿورو ڏسو. . ٻاھر تہ ڏسو. . ڪو پيچو تہ نہ ڪري رھيو آ. . .

اسان جي پويان ھوا ڦڙڪا ڪندي پئي اچي. وار اڏندا پيا اچن ۽ چنڊ پوئتي ٻڏندو پيو وڃي. پر ايڇا تائين ڪير ۾ اسان جو پيچو نہ ڪري رھيو آھي.

باب چوڏهون

اُٺت جو ڪم پورو

عين انهيءَ مهل جڏهن ٻاونجاهه انسان پنهنجي قسمت جي فيصلي جا منتظر هيا. ميڊم ڊيفارج انقلابي جيوري جي ميمبر جيڪوس نمبر ٽئين ۽ 'ونجنس' سان پوائنٽي صلاح ڪري رهي هئي. اها مجلس شراب جي دڪان بدران آريءَ واري جي جهوپڙيءَ ۾ ٿي رهي هئي. اهو آريءَ وارو اڳ ۾ بيلدار هوندو هيو. آريءَ وارو پاڻ هن ڪانفرنس ۾ شريڪ نه هيو پر زمين جي چوڌاري گهمندڙ هڪ سياري وانگر هڪ پاسي ويٺو هو. جيسين هن کان راءِ گهري نه پئي وئي، تيسين ڪيس ڳالهائڻ جي اجازت نه هئي.

"پر اسان جو ڊيفارج پڪ سان هڪ بهترين جمهوريت پسند انسان آهي. ڪيئن؟" جيڪوس نمبر ٽئين پڇيو.

"فرانس ۾ هن کان وڌيڪ ڪوبه ڪونهي." وڏ واتوڙي ونجنس پنهنجي تکي ڪپيندڙ آواز ۾ احتجاج ڪيو.

"خاموش، پياري ونجنس! منهنجي ڳالهه ٻڌ!" ميڊم ڊيفارج ٿورو ڪاوڙجندي، هُنَ جي وات تي هٿ رکي چڏيو. "منهنجو مڙس هڪ بهترين انقلابي ۽ ري پبلڪ جو بهادر شهري آهي. هُو ري پبلڪ جي عنايتن جو حقدار آهي ۽ پروسي لائق ماڻهو آهي، پر منهنجي مڙس ۾ ڪجهه ڪمزوريون آهن ۽ ان ڪمزورين جي ڪري هُو ڊاڪٽر سان رعايت ڪرڻ گهري ٿو."

"وڏي افسوس جي ڳالهه آهي. اهي ڳالهيون هڪ سُني شهريءَ کي نه ٽيون سُونهَن. افسوس جي ڳالهه آهي." جيڪوس نمبر ٽئين ڳٽتي ڏيکاريندي چيو. هن جون بي رحم آڱريون سندس هَوَس پريل چپن کي چُهي رهيون هيون.

"ڏسو! مون کي تہ ان ڊاڪٽر سان ڪا بہ همدردي ناهي. هن جو ڪنڌ لهي تہ ڇا، نہ لهي تہ ڇا؟ پر ايورموند گهراٽي جي پاڙ پٽڻ ضروري آهي. هُنَ کان پوءِ هن جي زال جو وارو آهي." ميڊم چيو.

"هُنَ جي منڊي بہ ڏاڍي سهڻي آهي. مان ڪيس ڏسي چڪو آهيان هڪ ڏينهن، جڏهن سيمسن نيرين اکين ۽ سونهري وارن وارا مٽا لڙڪائي ڏيکاريا هيا تڏهن اُهي ڏاڍا سهڻا لڳي رهيا هيا." راڪاسي طبيعت واري جيڪوس نمبر ٽيئن چيو.

ميڊم ڊيفارج اکيون جهڪائي ڪجهہ سوچيو.

"ننڍڙيءَ جا بہ وار سونهري ۽ اکيون نيريون اٿس. مقتل ۾ اهڙا سهڻا منظر گهٽ ڏسڻ لاءِ ملندا." جيڪوس نمبر ٽئين تخيل وسيلي ان منظر مان مزو ونندي چيو.

"ڪالهہ جو ڪاتو هي تہ مان ان مامري ۾ پنهنجي مڙس تي پروسو نہ ٿي ڪري سگهان. مان ڪالهہ رات هن کي پنهنجي منصوبي جي باري ۾ ٻڌائيندي هڪ محسوس ڪري رهي هيس. مون کي تہ اهو ڊپ بہ آهي تہ جيڪڏهن هن کي خبر پئجي وئي تہ هُو وڃي مخبري ڪري ڇڏيندو ۽ اهي ماڻهو بچي نڪري ويندا." ميڊم ڪوڙهيءَ سوچ مان چرڪ ڀري چيو.

"ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيڻ ڪپي. ڪو بہ بچي نہ وڃڻ گهرجي. اڄ ڪلهہ اسان وٽ منڊين جي ڪوٽ آهي. ڏهاڙي هڪ سئو ويهہ منڊيون هجڻ ڪپن."

"ڪالهہ هيءَ آهي تہ منهنجي مڙس کي هن سڄي گهراٽي کي برباد ڪرڻ لاءِ ڪو سبب محسوس نہ ٿو ٿئي ۽ مون کي ڊاڪٽر سان رعايت ڪرڻ لاءِ ڪو سبب نہ ٿو نظر اچي. مون کي پنهنجي دل خوش ڪرڻ گهرجي. هيڈي اڇ، سٽيزن!" ميڊم پڪاريو.

آريءَ واري جي دل ۾ ميڊم جي لاءِ ڏاڍي عزت هئي، پر هُو ڪانئس ڊنل بہ ڏاڍو هوندو هو. هُو پنهنجي لال ٽوپي تي هٿ رکي اڳتي وڌي آيو.

"ٻڌا! تو لوسيءَ کي قيديءَ کي اشارا ڪندي ڏٺو هو. چا تون اڄ اها شاهدي ڏيڻ جي لاءِ تيار آهين؟" ميڊم سخت لهجي ۾ چيس.

"ها، ها!" آريءَ واري چيو "چو نہ ڏھاڙي ڪٽي ڪھڙي بہ موسم هوندي هئي، هُوءَ ٻين وڳي ڪان ڇڻين وڳي تائين هتي بيهي اشارا ڪندي رهندي هئي. ڪڏهن ننڊڙي بہ گڏ هوندي هيس تہ ڪڏهن نہ هوندي هيس. جيڪا ڳالهہ مون کي معلوم آهي، ان کان انڪار تہ ناهي. مون پنهنجين اکين سان ڏٺو هيومانسِ." هُو ڳالهہ ڪندي هَڏَ بہ هيڏي هوڏي ڪٽي رهيو هو. جڙ تہ اتفاقي طور تي انهن حرڪتن جو نقل ڪري رهيو هو حالانڪہ هُنَ اهي حرڪتون ڪڏهن بہ نہ ڏٺيون هيون.

"سڏي سنڌين ڪليل سازش!" جيڪوس نمبر ٽئين چيو.

"جيوري جي پاسي کان ڪو شڪ شبهو تہ ناهي؟" ميڊم گھُٽيل مرڪ سان پڇيو.

"وطن پرست جيوري تي پروسو رکو. پيارا ستيزن! مان پنهنجن ساٿين جي ذميواري کڻان ٿو."

"مون کي هڪ پيرو ٻيهر غور ڪرڻ ڏيو! ڇا مان پنهنجي مڙس جي ڪري ڊاڪٽر کي چڏي ڏيان؟ مون کي ڪا پرواهہ ناهي. ڇا مان هن کي چڏي ڏيان!"

"هونءَ تہ هُنَ جي منڊي بہ ڳٽپ ۾ اچي سگهي ٿي. منڊين جي اسان وٽ هونءَ ئي ڪوٽ آهي. منهنجي خيال ۾ تہ اها وڏي افسوس جي ڳالهہ هوندي." جيڪوس نمبر ٽئين جهيڙي آواز ۾ چيو.

"جڏهن مون ڏٺو. تڏهن ڏيءَ سان گڏ هُو بہ اشارو ڪري رهيو هو. جي هڪ واقعي جو ذڪر ڪيان تہ پوءِ ٻيو ڪيئن ٿي وساري سگهان. مون کي ماڻ نہ رهڻ گهرجي. سڄي ڪيس جو بار هن معصوم شهريءَ جي ڪلهن مٿان نہ وجهڻ گهرجي. مان پاڻ بہ ڪا خراب شاهدياڻي ناهيان." ميڊم ارشاد فرمايو.

ونجنس ۽ جيڪوس نمبر ٽئين، ٻنهي جڻن جوش ۾ريئي طريقي سان هڪ ٻئي کان بازي کٽڻ جي ڪوشش ڪندي، راءِ ڏني تہ ميڊم ڏاڍي ساراهہ جوڳي ۽ لاجواب شاهدياڻي آهين ۽ ٻلا آريءَ وارو ڇو پوئتي رهي ها. هن بہ زورائتي انداز ۾ چيو تہ تون آسماني گواهہ آهين.

"نہ مان هن سان ڪا بہ رعايت نہ ٿي ڪري سگهان. هن کي بہ پوڳڙو پوندو. اڄ ٽين بجي توکي وٽي نہ هوندي. اڄ جيڪو گروهہ قتل ڪيو پيو وڃي، ان کي تہ ڏسڻ ويندين نہ . . تون!" ميلبر آريءَ واري کي چيو.

آري واري تڪڙ ۾ ئي ها ۾ جواب ڏنو ۽ موقعي کان فائدو ونندي، ڪيس اها پڪ بہ ڏياري تہ هُو ري پبلڪ جو وڏو جوشيلو حامي آهي ۽ هُو پنهنجو پاڻ کي وڏو آياڳو ماڻهو سمجهندو جيڪڏهن هُو 'قومي حجم' جي ڪارگذاريءَ جو منظر ڏسڻ کان محروم رهيو ۽ اُتي اطمينان ۽ سڪون سان سلفي پي نہ سگهيو. هُو جنهن جوش ۽ جذبي سان قتلام ڏسڻ ۾ پنهنجي گهري دلچسپيءَ جو اظهار ڪري رهيو هو ان سان ميلبر جي ڪارين ۽ تيز اکين کان هيءَ ڳالهہ لڪي نہ سگهي تہ هُو پنهنجي جند لاءِ بہ پريشان آهي.

"مون کي بہ اُتي ويڙهو آهي. جڏهن اهو سڀ ڪجهہ رات جي اڌين وڳي ختم ٿي وڃي تہ پوءِ مون وٽ سينٽ انتائين اچجانءِ ۽ اسان پنهنجي محلي جي دفتر ۾ انهن ماڻهن جي خلاف شاهدي ڏينداسين." ميلبر چيو.

آريءَ واري چيو تہ سنيزن خاتون جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ، هن جي لاءِ عزت ۽ فخر واري ڳالهہ هوندي. وطن پرست خاتون سنيزن هن ڏي ڏنو تہ هُو هيسجي ويو. هو هڪ ڏنل ڪتي وانگر اکيون چورائيندي ڪائين ڏي هليو ويو ۽ آري جي دستي جي پويان پنهنجو منهن لڪائي ڇڏيائين.

ميلبر ڊيفارج، جيوري جي ان ميمبر ۽ ونجنس کي در وٽ سڏايو ۽ ائين پنهنجي منصوبي جي وضاحت ڪئي. هِنَ مهل هُوءَ گهر پنهنجي مڙس جي موت جي غم ۾ روئڻ پٽڻ ۾ هوندي. هن جي ذهني حالت هن مهل ري پبلڪ جي منصفاڻي دعوا جي لاءِ ڏاڍي مناسب ثابت ٿيندي. هُوءَ ري پبلڪ جي دشمنن جو پاسو ونندي مان هن ڏي وڃان ٿي.

"ڇا تہ لاجواب عورت آهي. بي مثال عورت آهي!" جيڪوس نمبر ٽئين خوشيءَ وچان جهومندي چيو.

"هَئي هَئي. . . منهنجي لاڏلي!" ونجنس ڪيس چاتيءَ سان لائي چڏيو.

"تون منهنجي اُٽڻ وارو ڪم ساڻ ڪنيو وڃ ۽ مون واري ڪرسيءَ تي رکي چڏجانءِ ۽ مون لاءِ جڳهه رکجانءِ جلدي وڃ. اڄ ته ڏهاڙيءَ کان وڌيڪ هجوم هوندو."

"پنهنجي سردار جو حڪم اکين تي." ونجنس ڏڙتيءَ سان وراڻيس ۽ هن سندس ڳٽو چمي ورتو. "تون دير ته نه ڪندينءَ نه؟"

"مان راند شروع ٿيڻ کان اڳ پهچي ويندیس."

"چڪڙن جي اچڻ کان اڳ اچي وڃجانءِ منهنجي جانِ! ضرور اچجانءِ." ونجنس پڪاري چيس. چو ته ايتري دير ۾ ميڊم سڙڪ تي وڃي پهتي هئي. . . "چڪڙن اچڻ کان اڳ ۾. . . ٻڌئي. . . نه. . ."

ميڊم اهو ظاهر ڪرڻ لاءِ ته هن ٻڌي ورتو آهي. پنهنجو هٿ لوڏيو ته صحيح وقت تي پهچي ويندي. هُوءَ اهو چوندي گپ مان لنگهندي قيدخاني جي پٽ ڏي لڙي وئي. جيوري جو ميمبر ۽ ونجنس واڪاڻ پريل نظرن سان. هن جي سهٽي قد کي ڏسندا رهيا ۽ هن جي اخلاقي مٿيرائيءَ جا قائل ٿي ويا.

اُنَ زماني ۾ هزارين عورتون هيون. جن کي حالتن بدشڪلو بٽائي چڏيو هو. پر پوءِ به انهن مان ڪا هڪ به هن پوائنٽي ۽ بي رحم عورت جي مقابلي جي نه هئي. جيڪا عورت هن مهل دڳ تي وڃي رهي هئي. هُوءَ ڏاڍي مضبوط ۽ بهادر ڪردار جي مالڪياڻي هئي. ڏڙتيءَ ۽ هوشياريءَ سان گڏوگڏ مستقل مزاج به هئي. هُنَ جي سُونهَن به ڪجهه اهڙي قسم جي هئي. جنهن مان مضبوطي ۽ ڪينو نه رڳو ٻَکي رهيا هيا. پر هين ۾ به ان ڳالهه جو شديد احساس پيدا ڪري چڏيندا هيا ته انتشار جي زماني ۾. انهن جو عروج هڪ لازمي شئي هئي. پر جيئن ته ننڍپڻ کان ئي هن ۾ مظلوميت جو احساس گدي گدي پريو ويو هو. ان ڪري هُنَ کي هڪ خاص طبقي سان پراڻو بغضَ هو. انهن سيني ڳالهين گڏجي هُنَ کي شينهن بٽائي چڏيو هو. جيڪڏهن هُنَ ۾ ڪو گڻ هيو به ته اُهو ڪڏهوڪو مري چڪو هوس.

هن کي ان ڳالھ جو کوبہ خيال نہ ھو تہ ھڪ بي ڏوھي انسان پنھنجن ابن ڏاڏن جي پاپن جي ڪري ماريو پيو وڃي. ھُوءَ 'ھن' کي نہ پر رڳو 'ھننَ' کي ڏسي سگھي پئي. ھن کي قطعي ڪا پرواھ نہ ھئي تہ ھن جي زال رنڊڻ ۾ ڏيءَ يتيم ٽيڻ واري ھئي. اھا سزا بہ اڻپوري ھئي. ڇو تہ ھُوءَ ھن جي سڀ کان وڏي دشمن ھئي. ان ڪري ھن جو شڪار ھئي. اھڙن کي جيئري رھڻ جو کوبہ حق نہ ھو. ھن کي رحم جي التجا ڪرڻ اجايو ھو ڇو تہ ھن جي دل ۾ خود پنھنجي لاءِ بہ رحم نہ ھو. جيڪڏھن انھن حملن ۾ جن سان ھن جو واسطو پيو ھو ھُوءَ پاڻ بہ سڙڪ تي گھيري ۾ اچي وڃي ھا تہ ھُوءَ ان مھل پاڻ تي ڪڏھن بہ رحم نہ ڪري ھا ۽ جيڪڏھن ھن جو ڪنڊ ڪھاڙيءَ سان اڏائڻ جو حڪم ملي ھا، تڏھن بہ مقتل ڏي ويندي سندس دل ۾ ڪوبہ نرم خيال پيدا نہ ٿئي ھا، سواءِ ھن جي تہ ڪاش! حڪم ڪٽي اڇڻ واري بدران ڪو ڪنڊ اڏائڻ وارو آندو وڃي.

پنھنجي ڪَھَري لباس جي ھيڻان ميدم ڊيفارج اھڙي ئي دل رکندي ھئي. بي پرواھيءَ سان پاتل اھو لباس، ھڪ خاص معنيٰ ۾ ڪيس ڏاڍو ٺھي رھيو ھو ۽ سندس چمڪندڙ ڪارا وارَ ڳاڙھي ٽوپيءَ جي ھيڻان شاندار لڳي رھيا ھيس. ھُنَ جي سينيءَ وٽ پريل پستول ۽ چيلھ وٽ تکو خنجر پيل ھيس. ائين ھُوءَ ھٿياربند ٿي، پنھنجي ڪردار جي شانَ وانگر اطمينان سان وڃي رھي ھئي.

گاڏي پنھنجي آخري مسافر جي انتظار ۾ بيٺي ھئي. رات واري انتظام وقت مِس پروس کي ونڊي وڃڻ ۾ وڏي ڏکيائي ھئي. مسٽر لاريءَ جو خيال ھو تہ گاڏيءَ ۾ وڌيڪ وزن رکڻ مناسب ناھي. مسافر بہ گھٽ ۾ گھٽ ھجن تہ جيئن جاچ پڙتال ۾ وقت ٽورو لڳي. ڇو تہ بچي نڪرڻ لاءِ چند گھڙيون بہ قيمتي ثابت ٿي سگھن ٿيون. تنھنڪري ھن طئي ڪيو تہ مس پروس ۽ جيري بعد ۾ ٽين بجي ڏاري ھلڪيءَ ڦلڪيءَ گاڏيءَ ۾ روانا ٿين. ھُنَن کي شھر مان وڃڻ جو اجازت نامو ملي چڪو ھو. جيئن تہ ھنن وٽ ڪو سامان وغيرھ نہ ھوندو تنھنڪري اھي تڪڙا ئي وڃي ھنن سان ملندا. ان کان پوءِ اڳتي وڃي اڳوات بيٺل تازا گھوڙا

حاصل ڪري وٺندا. ائين هنن جي گاڏي تيز سفر ڪري سگهندي، ڇو
تہ ديرِ ٿيڻ ۾ خطرو وڌي ويڻ جو ڪتڪو هو.

مس پروس کي اها اٽڪل ڏاڍي پسند آئي، ڇو تہ ائين هن کي بہ
ڏکئي وقت ۾ مدد ڪرڻ جو موقعو ملي رهيو هو. جڏهن گاڏي رواني ٿي،
تڏهن هن کي ۽ جيريءَ کي خبر هئي تہ سولومن ڪنهن کي آٽي رهيو
آهي. ڪجهہ گهڙيون پريشانيءَ ۾ ڳٽتيءَ جون گذارڻ کان پوءِ، گاڏيءَ
جي هليو ويڻ کان بعد ۾، جڏهن اطمينان ٿين، تڏهن هنن کي پنهنجي
روانگيءَ جو فڪر ٿيو. هيڏي هُوپاڙ ۾ بيٺا صلاحون ڪري رهيا رهيا ۽
هوڏهون ميدم ڊيفارج گهٽين مان ٿيندي، خالي آڪر ڏي اچي رهي هئي.

"مسٽر ڪرنچر! هاڻي توهان جو ڇا خيال آهي؟ جي هاڻي اسان
هن آڪر مان نڪري هلون تہ بهتر نہ ٿيندو! هڪ گاڏي اڳي ئي هتان
رواني ٿي چڪي آهي. هاڻي ماڻهن کي شڪ نہ ٿي پوي" مس پروس
چيو. هُوءَ ايتري تہ پريشان هئي، جو ڳالهائڻ، بيهڻ، لڏڻ، ايسيتائين جو
جيئڻ بہ ڪيس ڏکيو لڳي رهيو هو.

"منهنجي راءِ تہ هيءَ آهي، مِس! تہ توهان جو چوڻ صحيح آهي.
صحيح هجي يا غلط، مان تہ توهان سان رهندس." مسٽر ڪرنچر چيو.

"پيارن ٻچن جي ڪري منهنجو تہ هوش ئي جاءِ تي ناهي. مون کي
تہ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي. مسٽر ڪرنچر! ڇا توکي ڪا سُڻي
اٽڪل ذهن ۾ اچي ٿي؟" مِس پروس بيبجي چوڻ لڳي.

"موت کان پوءِ واري حالت ۾ تہ مان سوچي سگهان ٿو پر هن
زندگيءَ ۾ پنهنجي هيءَ پاڪ ڪوپري مشڪل سان ڪم ڪري
سگهندي آهي." مسٽر ڪرنچر چيو "مس صاحبا! مان توهان سان ٻن
ڳالهين جو وچن ڪرڻ ٿو چاهيان. ٿورو غور سان ٻڌو ۽ ياد ڪري ڇڏيو."

"او ڇَريا! خدا جي واسطي جلدي ٻڌاءِ. پلا ماڻهو! اهو قصو ختم
ڪر." مس پروس پريشانيءَ وچان روئندي چيو.

"پهرين ڳالهہ تہ.. هُو ويچارا جيڪي هليا ويا... اڳتي انهن سان
ڪڏهن بہ اهڙي حرڪت نہ ڪندس... ڪڏهن نہ ڪندس..." مسٽر
ڪرنچر جو مُنهُن ڦِڪو ٿي ويو هو ۽ ڏکي رهيو هو.

"بلڪل. . . اهو جيڪو ڪجهہ ٻہ هجي. . . تفصيل جي ڪا ٻہ ضرورت ناهي. تون چوين ٿو تہ پڪ سان تون ڪڏهن ٻہ نہ ڪندين. بس، مون کي توتي يقين آهي." مس پروس چيو.

"نہ مِس صاحبا! ان جو ذڪر توهان سان نہ ڪندس. ٻي ڳالهہ تہ هُو غريب ماڻهو، هاڻي انهن گذري ويل ماڻهن جو قصو طئي ٿي ويو تہ هاڻ مان مسز ڪرنچر جي ٿَڳرن هٽڻ ۾ ڪا ٻہ مداخلت نہ ڪندس."

"ڪو گهريلو ڪم ڪار جو مامرو ئي هوندو. . . خير! منهنجي خيال ۾ اهو ڪم مسز ڪرنچر جي نگراني ۾ چڏي ڏجي تہ فڪر جي ڪا ٻہ ڳالهہ نہ هوندي. هاڻ منهنجا ٻچا! نہ ڄاڻ ڇا گذري رهي هوندي هنن تي!؟" مس پروس اکيون اُگهي پاڻ کي سنيالڻ چاهيو.

"مان تہ هي ٻہ چوڻ لاءِ تيار آهيان، مس صاحبا! ۽ قسم کٹي چوان ٿو منهنجا لفظ لکي چڏيو ۽ مسز ڪرنچر تائين پهچائجو تہ سندس ٿَڳرن هٽڻ جي باري ۾، منهنجي راءِ متجي وئي آهي ۽ منهنجي دلي تمنا آهي تہ ڪاش! مسز ڪرنچر هِنَ مهل ٻہ ٿَڳرَ هٽي رهي هجي." مسٽر ڪرنچر ائين ليڪچر ڏيڻ لڳو جڻ تہ هُو گرجا جي منبر تي بيٺو هجي.

"اڙي. . . اڙي! مون کي اميد آهي تہ جيئن تون چئي رهيو آهين، هُوءَ ائين ئي ڪري رهي هوندي ۽ پنهنجي اميد مطابق ان مان فيض وٺي رهي هوندي." بيبجي ويل مس پروس چيو.

"خدا نہ ڪري!" مسٽر ڪرنچر ايڏا وڏيڪ سنجيدگيءَ سان ۽ هوري هوري چيو "خدا نہ ڪري جو اسان سيني کي ٿَڳرَ هٽڻ گهرجن. جيڪڏهن ان سان ڪا آساني پيدا ٿيڻ جي اميد هجي تہ پوءِ نہ. . هن کي ان اونداهين خطري کان بچائي سگهجي. . . خدا نہ ڪري، مس صاحبا! جيئن مون چيو. . خدا نہ ڪري. ." مسٽر ڪرنچر کي ان کان وڏيڪ بهتر ڪي لفظ هٿ نہ آيا.

هيڏهون ميڊم ڊيفارج گهٽين مان ٽيندي ويجهو ٽيندي پئي وئي.

"جيڪڏهن اسان ڪڏهن پنهنجي وطن پهتاسين تہ. . تہ يقين ڪر تہ جيڪو ڪجهہ تو هيڏي سهڻي نموني سان چيو آهي ۽ جيترو

مون کي سمجهه ۾ آيو آهي ۽ جيترو ياد رهندو مان سڀ ڪجهه مسز ڪرنچر تائين پهچائي چڏيندس ۽ مان پاڻ هن خوفناڪ وقت ۾ تنهنجي سنجيدگيءَ جي باري ۾ شاهدي ڏيندیس. هاڻي ڪا ترڪيب سوچڻ گهرجي. منهنجا مانَ وارا مسٽر ڪرنچر! ڪا ترڪيب سوچڻ جي ڪوشش ڪريو." مس پروس چيو.

"جي تون اڳ ۾ وڃين ۽ گهوڙا گاڏي اُتي روڪي. منهنجو انتظار ڪرين ته ڪيڏو نه پلو ٿئي. ڪيئن؟" مس پروس چيو.

مسٽر ڪرنچر سوچيو ته ائين ڪرڻ ٺيڪ هوندو.

"ڪٿي ترسي منهنجو انتظار ڪندئو؟" مس پروس چيو.

مسٽر ڪرنچر اهڙو ته هيسيل هيو جو سواءِ ٽيمپل بار جي هي ڪا جاءِ ڪيس نه سُجهي، پر ٽيمپل بار هزارين ميل پري هئي ۽ ميدم ڊيفارج قريب اچي رهي هئي.

"گرجا جي در وٽ جي مون کي وڏي گرجا جي در وٽ ٻنهي مينارن جي وچ مان اچي ڪٽي وٺين ته ڪو ڳهڻو پري ته نه ٿيندو." مس پروس چيو.

"نه مس صاحبا!" ڪرنچر چيو.

"او سُنا ماٺهو! جلدي ڊاڪ گهر وچ ۽ ايتري تبديلي ڪرائي وڃ." مس پروس چيو.

"توهان کي اڪيلو چڏيندي مون کي ٿورو ڪنڪو ٿي رهيو آهي. خدا ڄاڻي الائي ڇا ٿي وڃي!؟" مسز ڪرنچر هڪندي ڪنڌ لوڏيندي چيو.

"پر اهو ته خدا ئي ڄاڻي. . . پر منهنجي ڳڻتي نه ڪر. مون کي گرجا جي سامهون يا هن جي آس پاس ٽين بجي ڪٽي وٺجانءِ هتان روانو ٿيڻ کان ته بهتر ٿيندو. منهنجي دل چئي رهي آهي. خدا نگهبان آ. مسٽر ڪرنچر. . . ! منهنجو نه پر انهن زندگين جو خيال ڪر. جن جو دارومدار اسان مٿان آهي." مس پروس جواب ڏنو.

ان ڏکوئيندڙ تمهيد کان پوءِ مس پروس ايترو ته ڏکويل التجا سان گڏ هن جي هٽ کي زور ڏنو جو مسٽر ڪرنچر جلد تيار ٿي ويو. هن همٽ

وڌائڻ لاءِ ڪنڌ ڏُوڙيو ۽ تڪڙ ۾ انتظام ۾ تبديلي ڪرڻ ۽ ان تجويز مطابق بعد ۾ وئي وڃڻ جي لاءِ ڪيس چڏي هليو ويو.

احتياطي طور تي جيڪا ترڪيب سوچي وئي هئي، ان تي عمل ڪيو پئي ويو. ان سان مس پروس کي ڪجهه تسلي ٿي ۽ هن پنهنجو پاڻ کي ڪجهه سنياڻي ورتو ته جيئن ڪيس پريشان ڏسي، ڪنهن کي شڪ نه ٿئي.

اڪيلي ويران گهر ۾ مس پروس کي ڊپ لڳي رهيو هو. هن کي ائين پئي لڳو ته هر در جي پويان ڪو ڇهرو جهاتي پائي رهيو آهي. هن جون اکيون ڦاڙهيون ٿي، سُڄي ويون هيون. ان ڪري ٽالهيءَ ۾ پاڻي ڪٽي اکيون ڏوئڻ لڳي. گهبراهٽ ۽ وهم جي ڪري اهڙي ته بيبجي وئي هئي، جو دير تائين اکيون بند ڪندي ۽ ڪيس ڊپ لڳي رهيو هو ۽ هَرهَر اکين کي پاڻي هٽندي رکجي ٿي وئي ۽ اکيون ڦاڙي ڏسڻ ٿي لڳي. هڪ پيرو اکيون ٻُوتي ورڀ جو ڪوليائين ته دانهن نڪري ويس. هن پنهنجي سامهون در وٽ ڪنهن کي بينل ڏٺو.

ٽالهي ڪري پڄي پئي ۽ پاڻي ميڊم ڊيفارجي پيرن وٽ پهچي ويو. وڏن ڏکين دڳن ۾ رت هاڻا ٽيندڙ پيرَ اڄ هن پاڻيءَ سان پڄي پيا.

"ايور موند جي زال ڪٿي آهي؟" ميڊم ڊيفارج رُکي لهجي ۾ پڇيو.

هڪدم مس پروس کي ڊپ ٽيو ته سپ در ڪليل آهن ۽ انهن مان هنن جي پڄي وڃڻ جي سُڌ پئجي ويندي. هن سپ کان اڳ ۾ اهو ڪم ڪيو ته ڇڻني درن کي بند ڪيو. پوءِ هُوءَ ان در وٽ، جيڪو لوسيءَ جي ڪمري ۾ ڪلندو هو مضبوط ٿي بيهي رهي. ميڊم ڊيفارج هن کي تڪڙ ۾ در بند ڪندي ڏسندي رهي. بعد ۾ ڪيس گهوري لڳي. مس پروس ۾ ڪا سُونهَن نه هئي. هُنَ جي عمر ڪائنس ڇٽائپ نه ڇڏرائي هئي ۽ نه ئي سندس شڪل شبيهه ۽ ڪَهرائپ هن ۾ ڪا نرمي پيدا ڪئي هئي، پر هُوءَ هاڻي به پنهنجي ميدان ۾ هڪڙي ثابت قدم عورت هئي. هن ميڊم ڊيفارج کي پيرن کان مٿي تائين پنهنجين اکين ۾ توريو.

"تون شڪل صورت مان پل ته شيطان جي جوءِ چو نه لڳندي هجين، پر مون کان اصلي نه ڪٽي سگهندينءَ. مان هڪ انگريز عورت آهيان..." مس پروس سَهڪندي چيو.

ميڊم ڊيفارج هن ڏي ڏڪار وچان ڏٺو پر هن جي اکين مان به اهوئي خيال جهلڪي رهيو هو ته اڄ مقابلو واهه جو آهي. هن ڏٺو ته سامهون هڪ سگهاري ۽ صحتمند عورت بيٺي آهي. انهيءَ عورت سان ڪيئي سال اڳ مسٽر لاريءَ جو واسطو به پئجي چڪو هو. هُوءَ چڱيءَ طرح ڄاڻي پئي ته مس پروس اهڙي عورت آهي، جيڪا هن گهراڻي تي ساهه ڏيندي آهي ۽ مس پروس به خوب ڄاڻي ورتو هو ته ميڊم ڊيفارج ان گهراڻي جي سڀ کان وڏ ڪميٽي دشمن آهي.

"منهنجي ڪرسي هُتِ منهنجي اُٽڻ واري ڊيرن سان گڏ پئي هوندي" هن قتل گاهه ڏي اشارو ڪندي چيو. "مان اوڏهن ويندي ويندي ٿورو دعا سلام ڪرڻ هلي آيس. مان هن سان ملڻ گهران ٿي."

"مون کي خبر آهي ته تنهنجي نيت خراب آهي. پر دلجاءِ ڪر. مان توسان پُڄي سگهان ٿي؟" مس پروس چيو.

ٻئي پنهنجي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ڳالهائي رهيون هيون، ان ڪري هڪٻئي جي ڳالهه اصل نه سمجهين. پر ٻئي هوشيار هيون ۽ هڪٻئي حرڪتن مان گفتگو جو مطلب چڱيءَ طرح سمجهي رهيون هيون.

"هن مهل مون کان لکڻ جو ڪو فائدو نه ٿيندو. سُڻا وطن پرست ان سلوڪ مان ڪو لاڀائتو نتيجو نه ڪيندا. مون کي هن سان ملڻ ڏي وڃ، هن کي چئه ته مان هن سان ملڻ چاهيان ٿي. بڈئي!؟" ميڊم چيو.

"جي تنهنجيون اکيون پيڇ ڪَش هجن ها ۽ مان هڪڙو پلنگ ته تون منهنجو هڪڙو ڪوڪو به ڊرو نه ڪري سگهين ها. بدذات رَن! مان توسان خوب پُڄي سگهان ٿي." مس پروس جواب ڏنو.

ميڊم ڊيفارج انهن تشبيهن جي تفصيل کي اصلي نه سمجهيو پر ايترو ضرور اندازو ٿيس ته ڏڙو ضرور ٿيندو.

"چَري سُوئرِ! مان تنهنجي بڪ بڪ بڌڻ نه ٿي چاهيان. مان هن سان ضرور ملنديس. يا ته هن کي وڃي چئه ته مان هن سان ضرور ملڻ گهران ٿي. يا منهنجي اڳيان پري ٿي وڃ ۽ مون کي هن سان ملڻ ڏي" ميڊم ڊيفارج ڪاوڙجندي هٿ جي اشاري سان سمجهايس.

"مون تنھنجي احمقاٽي ہولي سمجھڻ جي ڪڏھن بہ ضرورت محسوس ناھي ڪئي، پر ھِنَ وقت مان جسم جي ڪپڙن کان سواءِ سڀ ڪجھ ڏئي چڏيان. جي رکو ايترو معلوم ٿي وڃي تہ توکي اصل ڳالھ جي باري ۾ ڪجھ خبر آھي بہ يا نہ؟"

ٻئي لڳاتار ھڪٻئي کي تکي رھيون ھيون. ميڊم ڊيفارج اتي بيٺي ھئي، جتي مس پروس ھن کي پھريون پيرو ڏٺو ھو. پر ھاڻي ھُوءَ ھڪ وک اڳتي وڌي آئي ھئي.

"مان برطانوي شھري آھيان ۽ پنھنجي جان وارڻ لاءِ تيار آھيان. مون کي پنھنجو ٽکي جو فڪر ناھي. بس مان ايترو ڄاڻان ٿي تہ مان جيتري دير توکي روکي سگھنديس، اوتري منھنجي پياري ڏيءَ جي زندگيءَ جي لاءِ اميد وڌندي، جي تون مون کي آگر بہ لائي وئينءَ تہ تنھنجي ڪوپريءَ تي ھڪ وار بہ نہ رھندو." مِس پروس چيو.

مِس پروس ڊگھا ڊگھا جملا، وڏا وڏا ساھ کڻي تکڙ ۾ چيا. ھيءَ اھا مس پروس ھئي، جنھن زندگيءَ ۾ ڪنھن کي چنبو بہ نہ ھنيو ھو.

پر ھن جي سموري دليري جذباتي قسم جي ھئي، ۽ ھن جي اکين مان ڳوڙھا وھڻ لڳا. ھن جي بھادريءَ کي ميڊم ڊيفارج بدقسمتيءَ وچان بزدلي ڄاتو. "ھاھا. . ." ھُوءَ ڪِلي. . ."بدنصيب عورت! تنھنجي حيثيت ئي ڇاھي؟ مان ھن ڊاڪٽر سان ڳالھائيندیس."

پوءِ ھن وڏي واڪي سڏ ڪيو . . ."سٽيزن ڊاڪٽر. . . !ايور مونڊ. . . ! ايور مونڊ جي چوڪري . . ھِنَ نياڳيءَ کان سواءِ ڪو ٻيو بہ ميڊم ڊيفارج جي ڳالھ جو جواب ڏيندو."

الائي جواب نہ مليس يا وري ھن کي مس پروس جي منھن مان شڪ ٻيو يا سندس دل چيو تہ اھي سيئي ھليا ويا. ميڊم ڪاھي آئي ۽ ٽئي در کولي چڏيائين.

"ھي سڀ ڪمرا اونڌا سنوان لڳا پيا آھن. شايد تڙتکڙ ۾ سامان ٻڌو ويو آھي. شيون ھيڏي ھوڏي وکريون پيون آھن. تنھنجي پويان ڪمري ۾ تہ ڪير ناھي. مون کي ڏسڻ ڏي."

"اصلي نہ." هُوءَ ميڊم جي ڳالهه صفا سمجهي وئي ۽ ميڊم هن جي انڪار کي ڄاڻي وئي.

"جي اهي ڪمري ۾ ناهن تہ سندن پيڇو ڪري، ڪين پڪڙي آڻي سگهجي ٿو." ميڊم پاڻ کي چيو.

"۽ جيسين توکي يقين نہ ٿئي تہ هُو ڪمري ۾ آهن يا نہ، تون فيصلو ڪري سگهندينءَ تہ ڇا ڪيان، ڇا نہ ڪيان؟ ۽ جي منهنجو وس هلي تہ تون اهو معلوم نہ ڪري سگهندينءَ. خير! ڄاڻي سگهين يا نہ، پر مان توکي هتان وڃڻ نہ ڏينديس." مس پروس پاڻ کي چيو.

"انقلاب ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ، سيني کان اڳ مان ئي سڙڪ تي نڪتي هيس. ڪنهن جي ڪهڙي مجال جو مون کي روڪي سگهي. پل تہ مون کي تنهنجا ٽڪرا ڪرڻا پون. مان توکي هن در تان پري ڪري ئي ساهہ کڻنديس." ميڊم ڊيفارج چيو.

"اسان هتي هيڏي اوچي بلڊنگ تي اڪيليون آهيون ۽ هيٺ آڪر ۾ ماڻ آهي. ڪو اسان جو آواز بہ نہ ٻڌي سگهندو. هاڻي خدا مون کي ايتري سگهہ ڏئي تہ مان توکي روڪي سگهان. هڪ هڪ منٽ جيڪو تون هتي گذاري رهي آهين، منهنجي پياري ڏيءَ جي لاءِ ڪيترو نہ قيمتي آهي." مس پروس چيو.

ميڊم ڊيفارج در ڏي ڀڳي. مس پروس هڪدم هن کي چيلهہ کان سڪ جهلي ورتو. ميڊم ڊيفارج ڏاڍا هٿ پير هنيا، پر اجايا. مس پروس بلا بڊجي ڇُهڻي پيس. محبت سدائين نفرت کان سگهاري هوندي آهي. هوءَ ميڊم کي چنبڙي وئي ۽ ڪيس مٿي کڻي ورتائين. ميڊم ڊيفارج ٻنهي هٿن سان هن کي مُنهَن تي رانيوٽا پاتا. مس پروس منهن هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ هن جي ڪمر سان چنبڙيل رهي، جيئن ڪا ٻڌندڙ عورت جان بچائڻ لاءِ چنبڙي پوي.

جلد ئي ميڊم رهندون پائڻ بند ڪري ڇڏيون ۽ پنهنجي چيلهہ ۾ هٿ هڻڻ شروع ڪيا. "اهو منهنجي هٿ جي هيڻان آهي. تون خنجر نہ ٿي ڪڍي سگهين. خدا جو شڪر آهي تہ مان توکان وڌيڪ طاقتور آهيان. مان تيسين توکي پڪڙيون رهنديس،

جيسين اسان مان کا ھڪ بيھوش نہ ٿي وڃي، يا مري نہ وڃي."
مس پروس چيو.

ميڊم ڊيفارج جو ھٿ پنھنجي ڇاتيءَ ڏي ويو. مس پروس ڏسي ورتس ۽ چنبو وھائي ڪيڊيائينس. چنبو ھٽندي ئي ھڪ ڏماڪو ٿيو ۽ ھڪ خوفناڪ شعلو بلند ٿيو ۽ ھُو دونھين ۾ انڌن وانگر اڪيليون بيٺيون رھجي ويون.

اھو سڀ ڪجھ ڪن پل اندر ٿي ويو. ھڪ پوائنٽي ماڻ ڇانئجي وئي. دونھون مرڻ واري جي روح وانگر ھوا ۾ تحليل ٿي ويو ۽ ھن جو بيجان جسم ھيٺ ڪري پيو.

ڊپ جي حملي تي پھريون ته مس پروس پاڻ کي اھڙي خطرناڪ مصيبت ۾ گھيريل ڏسي، لاش کان پري ڀڄي وئي ۽ مدد لاءِ ھروپرو گوڙ ڪندي، ڈاڪٽين کان ھيٺ لھي وئي. پر شڪر آھي ته ھن کي ترت ئي پنھنجي غلطيءَ جو احساس ٿي ويو ۽ ھُوءَ پاڻ تي قابو پائي موٽي آئي. در تائين ويندي لاش وٽان لنگھندي ساھ پئي ويس، پر ھن کي مجبور ٿي، پنھنجي ٽوپي ۽ ٻيون شيون کڻڻ لاءِ لاش جي ويجھو وڃڻو پيو. ڇو ته انھن شين کان سواءِ ھُوءَ ٻاھر نہ ٿي وڃي سگھي. ھُنَ در بند ڪري تالو ھنيو ۽ ڪنجي قبضي ۾ ڪري ڈاڪٽين تي اچي ٽوپي پاتي پوءِ ساھ کڻڻ جي لاءِ ڈاڪٽين تي ويھي رھي ۽ ڏاڙ ڏاڙ ڪري روئڻ لڳي. پوءِ اٿي تکڙي رواني ٿي وئي.

سنڊس پاڳ پلا جا سنڊس ٽوپيءَ ۾ نقاب لڳل ھو. نہ ته سڙڪ تان لنگھڻ ڏکيو ٿي پويس ھا ۽ اھي ٻہ ھن جا پاڳ جو ھُوءَ ڏسڻ ۾ اھڙي ته بي ڊولي ھئي، جو ڪنھن جو ٻہ ھن جي بگڙيل صورت ڏي ڏيان ئي نہ ويو. ھن جي جاءِ تي ٻي ڪا عورت ھجي ھا ته ايتري ويڙھ ڪان پوءِ ھن تي فرق ضرور پوي ھا. نقاب ۽ بي ڊولائپ ھن جي ڪم آيا. ڇو ته ھن جي منھن تي نَنھَنِ جا آيل رانيوتا ۽ وکريل وارَ صاف ڏسڻ ۾ اچي رھيا ھيا. ھن جا ڪپڑا ٻہ ھنڌان ھنڌان لُواڙيل ھيا، جن کي ھن جلدي ۾ ناھي ورتو.

هُنَ پل تان لنگهندي ڪنجي درياءَ ۾ اڇلائي چڏي، هُوءَ جيري جي اڇ ڪان ڪجهه منٽ اڳي پهچي وئي. هُنَ کي برا برا خيال ستائڻ لڳا. جي ڪنجي جار وسيلي ڪيڊي وئي هجي تہ؟ ماڻهن سُڃاڻي ورتو هوندو ۽ جي در کولي لاش هٽ ڪيو ويو هجي تہ ڇا ٿيندو ۽ جي هنن کي در تي روڪي قتل جو الزام هٽي جيل موڪليو ويو تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ هن کي اهي خيال ئي تنگ ڪري رهيا ها. جو سندس ساڻي اڇي ويو ۽ هن کي گاڏيءَ ۾ چاڙهي وٺي ويو.

"ڇا گهٽيءَ ۾ گوڙ ٿي رهيو آهي." هن کانئس پڇيو.

"اهوئي ڏهاڙيءَ وارو هنگامو آهي." مسٽر ڪرنچر هن جي حالت ۽ سوال ٻڌي گهبرائجي ويو.

"مون کي ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي تہ تو ڇا چيو." مس پروس چيو.

مسٽر ڪرنچر پنهنجا لفظ ورجايا. پر اهي بيڪار ثابت ٿيا. مس پروس ڪجهه نہ ٻڌو.

"ان کان تہ سنو آهي تہ مان ڪنڌ ڏُوٽيان. شايد ڏسي تہ وڃندي" مسٽر ڪرنچر حيران ٿيندي سوچيو.

"ڇا گهٽيءَ ۾ هاٿي گوڙ ناهي." ٿوريءَ دير کان پوءِ مس پروس وري پڇيو.

مسٽر ڪرنچر ڪنڌ ڏُوٽيو.

"مون کي ٻڌڻ ۾ ڪجهه نہ ٿو اچي."

"هن کي ٽي ڇا ويو. هڪ ڪلاڪ ۾ ئي ٻوڙي ٽي وئي." مسٽر ڪرنچر پريشانيءَ وچان سوچيو.

"مون کي ائين محسوس ٽي رهيو آهي، جڏ تہ هڪ شعلو نڪتو ۽ ڏماڪو ٿيو. هِنَ زندگيءَ ۾ بس اهو ڏماڪو آخري آواز هيو جيڪو منهنجي ڪنن ۾ ويو." مس پروس چيو.

"ڏاڍي عجيب حالت ٽي رهي آهي، هن جي! پنهنجي همت قائم رکڻ لاءِ هن ڪهڙي شئي استعمال ڪئي هوندي . . ٻڌ. . . هُوءَ خوفناڪ ٿيٽن جي گڙگڙ ٻڌين پئي؟"

اھو تہ ٻڌي رھي آھين نہ مس صاحبا! "مسٽر ڪرنچر ايجا وڌيڪ پريشان ٿيندي پچيو.

"مان ڪجھ بہ ٻڌي نہ سگھيس." ھن کي پاڻ سان مخاطب ٿيندي ڏسي، مس پروس چيو "اي پلا ماڻھو! پھريون تہ زور وارو ڏماڪو ٿيو، پوءِ ٻوائتي ماڻ ڇانئجي وئي ۽ اھا ماڻ جمي رھجي وئي آھي ۽ سڄي زندگي ائين رھندي."

"جي ھن کي انھن خوفناڪ گاڏين جو گوڙ ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي، جيڪي مقتل جي ويجھو پھچي رھيون آھن تہ ھاڻ دنيا ۾ ڪا بہ شئي ٻڌي نہ سگھندي" مسٽر ڪرنچر ھن ڏي ڏسندي چيو.

۽ ھُوءَ واقعي ڪجھ بہ ٻڌي نہ سگھي!



باب پندرهون

قدمن جو آواز سدائين جي لاءِ ٻڌي ويو

پيرس جي سڙڪن تي، موت وارين گاڏين جي ڪوکلي گڙ گڙ ڪنن جا پڙدا ڦاڙي رهي هئي. ڇهن ڇڪڙن ۾ موت جي ديويءَ جي خدمت ۾ ڏاڙيءَ وارو شراب نيو پئي ويو! جڏهن ڪان انسان جي تخيل جنم ورتو آهي، هُنَ اڻ ڳڻين پيانڪ ديوَن ۽ راڪاسن جي تخليق ڪئي آهي. مِس گلوٽين جهڙو سيني کي ڳهي وڃڻ وارو لالچي پُوتُ خواب ۾ نه پيدا نه ٿيو. فرانس جي سرزمين ۽ رنگارنگ آب وهوا، گُلن ڦُلن، وڻن ٽڻن، گاهن ۽ ولين جي لاءِ نه ڪڏهن ايتري زرخيز ثابت نه ٿيندي، جيتري هن وقت جي حالتن، ان قتلام ۽ رتوچاڙ جي لاءِ سازگار بڻائي ڇڏي هئي. انسانيت کي جڏهن نه چٽي چيپاٽي ماريو ويندو ته پوءِ اها اهڙي ئي ٽيڏي ڦڏي ۽ پوائتي صورت اختيار ڪري ونندي ۽ ظلم ۽ ستم جو هٿيار بڻجي ويندي، جڏهن نه ظلم ۽ ڏاڍ جو بيج پوکيو ويندو، تڏهن اهڙوئي زهريلو ميوو پيدا ٿيندو.

اهي ڇهه ڇڪڙا سڙڪ تي هليا آهن، اي وقت جا بااختيار جادوگر! انهن کي پنهنجي پراڻين شڪلين ۾ تبديل ڪري ڇڏ ته اهي وري اهي ئي جابر شهنشاهن ۽ سندس وزرين جون گاڏيون بڻجي وڃن. رئيسن جا رٿ ۽ زرق برق رنڊين جا نگارخانا بڻجي وڃن. اهي ڪليسا بڻجي ويندا، جيڪي پروردگار جا گهر پر چورن جا اڏا آهن ۽ اهي جهوپڙيون، جن ۾ ڪروڙين بکيا انسان ڪُرڙيون هڻي رهيا آهن، پر نه، هي جادوگر ته پوري شان ۽ مانَ سان پنهنجي پيدا ڪرڻ واري جي حڪم تي عمل ڪري ٿو ۽ سندس شڪل وري به نه ٿي بدلجي.

"جيڪڏھن تو خدا جي حڪم سان اھا شڪل ورتي آھي تہ پوءِ انھيءَ ويس ۾ رھہ ۽ جي جادوءَ جي زور سان اھا شڪل قبول ڪرٽي ۽ ئي تہ پوءِ پنھنجي اصلي شڪل ۾ اچ!" عرب کھاڻين ۾ جادوگر جادوءَ وسيلي شڪل مٽيل ماڻھوءَ کي چوندو آھي، پر انھن چڪرن جي شڪل مٽجڻ واري نہ ھئي ۽ اھي اڳتي وڌندا ئي ويا.

چڪرن جا ڦيٽا جيئن جيئن اڳتي وڌي رھيا آھن، ائين لڳي رھيو آھي تہ سڙڪ مٿان انسانن جي ڪيت ۾ ھَر سان اوڙ ٿھندي ٿي وڃي. ھَر وڌيءَ ڦڙتيءَ سان اڳتي وڌي رھيا آھن. سڙڪ جي ٻنھين پاسن کان انساني ڇھرن جا ٻَنا ٿھندا پيا وڃن. آس پاس جي گھرن ۾ رھڻ وارا ان منظر جا اھڙا تہ ھيراڪ ٿي چڪا آھن، جو ڪيترين ئي درين مان ڪو ھڪ ماڻھو بہ ڪونھي، جيڪو جھاتي پائي ڏسي رھيو ھجي. توٽي جو ماڻھو بي ڏياني سان جھاتيون پائي بہ رھيا آھن، پر انھن پنھنجي ڪم مان ھٿ ڪيڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي آھي. مزي سان ڪم بہ ڪري رھيا آھن ۽ چڪرن تي ويندڙ انسانن جي ڇھرن کي بہ ڏسي رھيا آھن. ڪٽي ڪٽي ڪو ھڪ اڏ اجنبي ماڻھو بہ ڪنھن شخص سان گڏ نظر اچي رھيو آھي، جنھن کي ھُو ھڪ تجربيڪار پادريءَ وانگر آڏر جي اشاري سان تفصيل بہ سمجھائي رھيو آھي. فلاڻي چڪرڙي ۾ اڄ ڪير آھي؟ ڪالھہ ان جي جاءِ تي ڪير وڃي رھيو ھو ۽ تنھن کان اڳئين ڏينھن ڪير وڃي رھيو ھو؟

چڪرن تي سوار انسان پنھنجي زندگيءَ ۾ آخري پيرو شھر جي ڏڳن تان لنگھي رھيا آھن. ڪي مائ ڪيون، اکيون ڦاڙيون، اھو سڀ ڪجھہ ڏسي ۽ ٻڌي رھيا آھن. ڪي وڌيءَ دلچسپيءَ سان انسانن جي طور طريقي کي غور سان ڏسندا پيا وڃن. ڪي ھٽن ۾ مٽا پڪڙيون، غم جي درياءَ ۾ ٻڏا پيا آھن. ڪي اھڙا بہ آھن، جن کي ايڏا بہ پنھنجي ناھہ ٿوھہ جو خيال آھي ۽ ائين لڳي رھيو آھي تہ اھي ڪنھن ٿيٽر يا تماشي ۾ ماڻھن کي پنھنجي ديدار جو شرف بخشي رھيا آھن. ڪي اکيون بند ڪيون، سوچ ۾ گم آھن ۽ پنھنجن تڙيل پکڙيل خيالن کي ھڪ ھنڌ گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رھيا آھن. رڳو ھڪ ماڻھو ئي اھڙو

آهي، جنهن غريب مٽان ڳڻتي ۽ دهشت جو نشو چاڻندجي ويو آهي ۽ هُو ڳائي رهيو آهي. هُو نچڻ جي ڪوشش ۾ ڪري رهيو آهي، پر انهن مان ڪو به اهڙو ناهي، جيڪو تماشائين کان رحم جي هڪ نگاهه جو به طلبگار هجي.

چڪڙن جي اڳيان اڳيان گهوڙن تي چڙهيل ڪي پهريدار به هلي رهيا آهن، جن کان ماڻهو ڪنهن مهل ڪو سوال به پڇي وٺن ٿا. لڳي ٿو ته اهي سڀ هڪ ئي سوال پڇي رهيا آهن. چو ته جواب ٻڌي، سيئي هڪدم ٽئين چڪڙي ڏي ڪاهه ڪن ٿا. ان چڪڙي جي اڳيان هلڻ وارا پهريدار پنهنجين تلوارن سان هر پيري هڪ شخص ڏي اشارو ڪري ڇڏين ٿا. سيئي انهيءَ کي ڏسڻ جي ڳڻتيءَ ۾ آهن. هُو چڪڙي جي پوئين حصي ۾ بيٺو آهي. هُو پاسي ۾ وينل هڪ ننديءَ چوڪريءَ سان ڪجهه ڳالهائي رهيو آهي. هُو هن جو هٿ جهليو بيٺو آهي. هن کي پنهنجي آس پاس جي ماحول سان ڪا به دلچسپي ناهي، نه ئي ڪا پرواهه اٿس. رڳو چوڪريءَ سان ڳالهائي رهيو آهي. ماڻهو سينٽ هونور جي ان سڙڪ تي، انهيءَ همراهه مٽان هيڏانهن هوڏانهن ڪان هوڪرا ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن ماڻهو ڪنهن به ريت، هن جو ڏيان پاڻ ڏي ڇڪائي وٺن ٿا ته پوءِ هُو موٽ ۾ هوري مرڪي پنهنجا وار منهن مٽان ايڌا وڌيڪ وکيري ڇڏي ٿو. جيئن ته هُنَ جا هٿ ٻڌل آهن. تنهنڪري هُو پنهنجو مُنهُن سولائي سان ڇُهي نه ٿو سگهي.

هڪ گرجا جي ڏاڪن تي جاسوس، يعني جيل جو نگران چڪڙن جي انتظار ۾ بيٺو آهي. هُو پهرئين چڪڙي ۾ ڏسي ٿو ته هن کي مايوسي ٿئي ٿي. هُو ٻئي چڪڙي ۾ به ناهي. هُو پنهنجي پاڻ کان پڇي ٿو "ڇا هن مون کي قرباني جو ٻڪر ٻڌايو؟" پر ترت ئي سندس منهن تان پريشاني لهي وڃي ٿي. هُو ٽئين چڪڙي ۾ ڏسي ٿو.

"ايورموند ڪهڙو آ؟" هن جي پويان بيٺل هڪ ماڻهو پڇي ٿو.

"هُو... ٽورو پوئتي."

"هُو جيڪو چوڪريءَ جو هٿ جهليو بيٺو آهي!؟"

"ها!"

"ايور موند مرداباد سوليءَ تي چاڙهيو سيني رئيسن کي. . . ايورموند مرداباد. . .!" ان ماٺهوءَ رڙ ڪئي.

"اڙي. . اڙي. . .!! مات ڪر." هُن ڊڄي وينتي ڪئي.

"پر چو؟ سنيزن!"

"هُو پنهنجو ڏند پرڻ وڃي رهيو آهي. پنجن منٽن ۾ ڏند ادا ٿي ويندو. وڃڻ ڏي ويچاري کي!"

پر هُو همراهه لڳاتار رڙيون ڪرڻ لڳو. ."ايورموند مرداباد". . . ايورموند هڪ پيرو ڪنڊ ڦيري هن ڏي ڏنو. ايورموند مخبر کي ڏنو غور سان ڏسندو رهيو ۽ پنهنجي راهه رمندو رهيو.

گهڙين ۾ ٽي ٽي رهيا آهن. خلق جي وچ ۾ هر هلائڻ جي ڪري جيڪا وٽي بڻجي وئي هئي. اها سوڙهي ٽي. قتل گاهه ۾ جمع ٿي وئي. جڏهن آخري چڪڙي جو هَرُ ان وٽيءَ مان لنگهي ويو ته انسانن جا ٽهيل ٿنا ڏهي هڪ ڳرا ٽي ويا ۽ قتل گاهه ڏي هڪلڻ سان هلڻ لڳا. مقتل جي عين سامهون ڪرسين تي مايون وينيون. اُٺ جي ڪم ۾ ائين لڳيون پيون هيون. جڻ ته عام وندر جي لاءِ ڪنهن سرڪاري باغ ۾ دل وندرائڻ آيون هجن. سيني کان اڳين ڪرسين مان هڪ جي پرسان ونجنس بيهي. پنهنجي سنگتياڻيءَ کي ڳولهي رهي هئي.

"ٽيريسي. . . ٽيريسي ڊيفارج!. . . اڙي ڪنهن هن کي ڏٺو آ؟"

"اڳ ۾ ته هن ڪڏهن غير حاضري ناهي ڪئي." هڪڙيءَ اُٺ واريءَ چيو.

"ڀ هُوءَ اڄ به وٽي نه وڃندي. ٽيريسي!" ونجنس ڪاوڙ مان سڏ ڪيو.

"ايجا زورسان!" عورت چيس.

"ها. . . زورسان. . . ونجنس! ايجا زورسان سڏينس. . . ڀ پوءِ به هُوءَ تنهنجو آواز ٻڌي نه سگهندي. . . ايجا زورسان. ونجنس. . . ٽورو هڪ به گار به ڏينس. پر هُوءَ پوءِ به نه ايندي. ٻين عورتن کي سندس ڳولا ۾ هيڏي هوڏي موڪل. ڪٽي بيهي رهي هوندي جيتوڻيڪ هن کي سڏڻ وارا پاڻ به حد درجي جون مڪروهه حرڪتون ڪري سگهن ٿا.

پر چا هُو هن جي ڳولا ۾ ايڏو پري وڃڻ جي لاءِ تيار هوندا. . . جتي هُوءَ هن وقت هوندي!"

"چا نياڳ آ ۽ هي ته چڪرڻا بہ اڇي وبا. ايورموند ته اک چنبي ۾ ئي ختم ٿي ويندو ۽ هُوءَ ڪيس ڏسي بہ نہ سگهندي. هي ڏس نہ هن جي اُٽت وارو ڪمر منهنجي هٿ ۾ آهي ۽ سندس ڪرسي خالي پئي آهي. يا خدا! مون کي ته ڪاوڙ وچان روئڻ پيو اچي."

جيئن ئي ونجنس هيٺ لٿي ته چڪرڻا بہ پنهنجو بوجھ لاهڻ لڳا. 'مِس گلوٽين' جا نوڪر سينگاريل سنواريل آهن. نڑاڪا منڊي اُڏي وئي. . . جلاد منڊي کڻي ڏيکاري. هڪ گهڙي اڳ جڏهن اها منڊي سوچي سگهي پئي ۽ ڀالهائي سگهي پئي، ان مهل بہ اٽڻ جو ڪم ڪرڻ وارين ماين ڪم مان اک ڪيڊي ڪنڊ مٿي نہ ڪنيو رڳو تعداد ڳڻيو. . . هڪا

ٻيو چڪرُو بہ خالي ٿي پوئتي ٿي ويو ۽ ٽيون چڪرُو اڳتي آيو. نڑاڪا پر اُٽڻ واريون هٿ روڪڻ کان سواءِ پوري ڏيان سان اُٽندیون رهيون.

نام نهاد ايورموند لٿو ۽ ان جي پويان ننڍڙيءَ درزياڻيءَ کي بہ لاٿو ويو. هن وچن موجب، هن جو هٿ لهندي بہ نہ ڇڏيو ۽ يڪو پڪڑيل هيس. هن وڏي پيار سان هن کي مشين وٽ پٺي ڏياري ويهاري ڇڏيو. مشين جيڪا لڳاتار ڪڑڪڑ ڪندي مٿي پئي وئي ۽ ڏماڪي سان هيٺ لهي پٺي آئي. چوڪريءَ ان ڏي ڏٺو ۽ شڪر ادا ڪيو.

"پيارا اجنبي! جي تون گڏ نہ هجين ها ته مون کي ايتري تسلي نہ ملي ها. مان قدرتي طور تي ڈاڍي ڍڇڻي آهيان ۽ ڪمزور دل واري آهيان. اڄ جي تون نہ هجين ها ته مان ان هستيءَ ڏي ڏيان نہ ڏري سگهان ها، جنهن کي سوليءَ تي چاڙهيو ويو هو ۽ جنهن جي ڪري اسان جي دلين ۾ اميد ۽ سڪون واري شمع ٻري رهي آهي. مان ته سوچيان ٿي ته تون آسمان تان منهنجي همٿ وڌائڻ لاءِ موڪليو ويو آهين."

"۽ تون منهنجو حوصلو وڌائڻ لاءِ موڪلي وئي آهين." سڊني ڪارٽن چيو.

"نظرون مون تي ڪپائي رک ۽ ڪنهن ۾ ڳالهه جي پرواهه نه ڪر."

"جيسين تنهنجو هٿ منهنجي هٿ ۾ آهي. مون کي ڪنهن جي به پرواهه ناهي. جيڪڏهن هنن ڦرتي ڏيکاري ۽ مون کي هٿ ڇڏڻو پيو تڏهن به مون کي ڪا پرواهه نه ٿيندي."

"دل وڏي ڪر... هي ماڻهو ڦرتي ڏيکارينداً."

هُو ٻئي ٻينا آهن. مظلومن جو ميڙ گهٽبو ٿو وڃي، پر هُو ڳالهين ۾ ائين رڌل آهن، جڙ تہ اهي اڪيلا ٻينا هجن. اک سان اک، آواز سان آواز، هٿ سان هٿ ۽ دل سان دل ملايون. ڏرتيءَ ماتا جا هي ٻہ ٻچا... هُونءَ تہ اهي هڪٻئي کان مختلف آهن. اڄ هڪ ئي اونداهي رستي تان گذرڻ ابدي سڪون ۽ آرام ڏانهن وڃي رهيا آهن.

"اڄ اي منهنجا دلير ۽ سخي دوستا مان وڏي جاهل آهيان. منهنجي دل ۾ هڪ ڳالهه ڪنڪي رهي آهي. ڇا منهنجي هڪ آخري سوال جو جواب ڏينديں؟"

"ڇو... ڇا ڳالهه آ؟"

"منهنجي هڪڙي ٻيڙ آهي، اهائي منهنجي اڪيلي مائٽياڻي آهي ۽ مون وانگر يتيم آهي. مان هن کي ڏاڍو چاهيان ٿي ۽ هُوءَ مون کان پنج سال ننڍي آهي ۽ ڏکڻ ۾ هڪ هاريءَ جي گهر ۾ رهندي آهي. غربت اسان ٻنهي کي هڪٻئي کان جدا ڪري ڇڏيو ۽ هن کي منهنجي بدبختيءَ جي ڪا خبر ناهي. ڇو تہ مان هن کي لکي نہ ٻڌي سگهيس. جي لکي ۽ سگهانس ها تہ ڪيئن ٻڌايانس ها. پر هل، اهو ۽ هڪ طرح سان صحيح ئي ٿيو."

"ها... اهوئي صحيح آهي."

"جڏهن اسان اڇي رهيا هياسين، تڏهن مان سوچي رهي هيس تہ تنهنجي بردبار ۽ مهربان منهن ڏي ڏسي، مون کي حوصلو ملي رهيو آهي. تڏهن ۽ مون کي اهو خيال اڇي رهيو آهي تہ جي جائي ۽ ري پبلڪ جي ڪري غريبن کي لاءِ ملڻ وارو آهي ۽ هنن جي بک گهٽجڻ واري آهي ۽ هنن جي هر قسم جي ڏکن ۾ ڪاتر پوڻ واري آهي

تہ پوءِ منهنجي پيٽ شايد گھٽي عرصي تائين جيئندي. شايد هن کي ڏگھي عمر نصيب ٿئي."

"تہ پوءِ... منهنجي سادي پيٽ... تون چا ٿي چوڻ چاهين!؟"

"تہ پوءِ اسان جو خيال آهي، چا جنت ۾ مان هن جو انتظار ڪنديس. تڏهن اهي گھڙيون ڪيون گذرنديون!"

"نہ منهنجي ٻچڙي! اتي نہ وقت جي رفتار هوندي ۽ نہ ڪيايون."

"تون مون کي ڪيڏو نہ حوصلو ڏين ٿو. مان صفا نادان آهيان. چا مهل اچي وئي؟ هاڻي مان توکي پيار ڏيان."

"ها."

ٻنهي هڪٻئي کي چپن تي چمي ڏني. هڪٻئي جي حق ۾ خير گھريو. هن چوڪريءَ جو هٿ چڏي ڏنو تہ هن کي ڪا بہ ڏڪڻي نہ هئي ۽ منهن تي ڏاڍو منڙو سڪون ۽ صبر چانيل هيس.

هن کان اڳ ۾ چوڪري کي وڃڻو هو... هُوءَ وئي!

"مان مرڻ وارن لاءِ زندگيءَ جو سنيهو آهيان ۽ مان ئي زندگيءَ جو نُور آهيان." خداوند مسيح فرمائي ٿو "جنهن کي مون ۾ ايمان آهي، اهو مري بہ زندهہ رهندو ۽ جيڪو زندهہ آهي ۽ مون تي ايمان رکي ٿو اهو ڪڏهن نہ مرندو."

ڪيترن ئي آوازن جا پٽڪاٽ... مٿي اٽيل ڪيترين ئي منڊيون، هجوم جا اڳتي وڌندڙ قدم... هجوم پاڻيءَ جي هڪ پوائتيءَ لهر وانگر اڳتي وڌي اچي ٿو... ۽ سڀ ڪجهہ هڪ جهلڪ ڏيکاري گم ٿي وڃي ٿو. ٽيوپها!

ان رات شهر جي ماڻهن چيو تہ، هن جي منهن جهڙو پرسڪون چهرو مقتل ۾ ڪڏهن بہ ڏسڻ ۾ نہ آيو. ڪن ماڻهن تہ اهو بہ چيو تہ مرڻ مهل سندس مُنهَن پاڪائيءَ جي نُور سان جرڪي رهيو هو ۽ ان تي هڪڙو پيغمبراڻو شانُ هو!

انهن ڪهاڙيءَ جو شڪار ٽيڻ وارن ۾ هڪ عجيب ۽ غريب عورت بہ هئي، جنهن عين سُولي چڙهڻ واري وقت درخواست ڪئي تہ هن کي پنهنجا خيال لکڻ جي اجازت ڏني وڃي. جيڪڏهن سڀني

ڪارٽن پنهنجن خيالن کي اظهار جو لباس پارائي سگهي ها ته اهي الهامي لفظ هيٺئن هجن ها:

"مان ڏسي رهيو آهيان. پراڻي ظالماڻي نظام مان ايٽم وارن نئون ظالمن کي... برسات ڪلائي ۽ ڊيفارج... ونجنس... جيوري ۽ جج... اهي سڀ ائين ختم ٿي ويندا. سزا جو هيءُ هٿيار... ختم ٿيڻ کان اڳ انهن سڀني کي تباهه ڪري ڇڏيندو."

"مان ڏسي رهيو آهيان. هڪ سهڻو شهر. اهي سڀيءَ آزاديءَ جي لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. انهن جي دڳ ۾ سوين به آهن ته ناڪاميون به. حال جي دَور جي خباثت، جيڪا ماضيءَ جي خباثت مان پيدا ٿي آهي، سا هوري هوري پنهنجن گناهن جو ڪفارو ادا ڪري فنا ٿي چڪي آهي."

"مان انهن انسانن جي زندگين کي به ڏسي رهيو آهيان. جن جي ڪري مون پنهنجي زندگي قربان ڪئي. اهو انگلينڊ، جنهن کي مان ڪڏهن به ڏسي نه سگهندس. اهي اتي مطمئن ۽ آسودي زندگي گهاري رهيا آهن. هن نازنين جي چاتيءَ تي هڪ ٻارڙو هونگرون ڪري رهيو آهي. هنن منهنجي ياد ۾ هن جو نالو سڀني ڪارٽن رکيو آهي. مان هُنَ جي پيءُ کي به ڏسي رهيو آهيان. ڪراڙپ جي ڪري سندس چيلهه ڪُبي ٿي وئي آهي. پر هُو صحتياب ٿي چڪو آهي ۽ وڏيءَ همٿ سان انسانن جي ڏکن سورن جو علاج ڪري رهيو آهي. مان هن ڪراڙي مسٽر لاريءَ کي به ڏسي رهيو آهيان. هُو هنن جو پراڻو دوست... جنهن انهن ڏهن ڏسالن ۾ پنهنجو سڀ ڪجهه هنن تان قربان ڪري، هنن جي زندگين کي خوشين سان پري ڇڏيو هو. سو هاڻي پرسڪون ننڊ سمهي رهيو آهي."

"پيڑهين پيڑهين تائين، هنن جي ۽ هنن جي اولاد جي دلين ۾ منهنجي لاءِ تقدس جو جذبو جاڳندو رهندو. مان ڏسي رهيو آهيان... هُوءَ ڪراڙي ٿي وئي آهي، پر اڃوڪي ڏينهن جي ياد ۾ هُوءَ منهنجي لاءِ ڳوڙها ڳاڙي رهي آهي. هُوءَ ۽ هن جو مڙس پنهنجي خاڪي بستري تي، هڪ ٻئي جي پاسي ۾ ستا پيا آهن. مان چگيءَ طرح جاڳان ٿو ته

هنن جي دلين ۾ ڪڏهن هڪ ٻئي جي لاءِ ايڏو احترام پيدا نه ٿيو آهي، جيترو سندن دلين ۾ منهنجي لاءِ آهي.

۽ مان ڏسي رهيو آهيان ته مون واري نالي وارو ٻار جيڪو هڪ ڏينهن هنن جي ڇاتيءَ تي ليٽيل هو جوان ٿي ويو آهي. زندگيءَ جي انهيءَ ميدان ۾، جتي ڪڏهن مان به گهمي ڦري رهيو هيس، ڪاميابيون سندس قدم چمي رهيون آهن. هن کي ايڏي ته شهرت ملي آهي، جوهن جي ڪري منهنجو نالو روشن ٿي ويو آهي. اهي ڪارا داڳ، جيڪي مون هڪ ڏينهن انهيءَ نالي تي لڳايا هيا، سي ميٽجي ويا آهن. انصاف پسند ماڻهن جي قطار ۾ هُو سيني کان اڳيان اڳيان آهي. هُو هڪڙي ٻئي منهنجي همنام ٻار جو هٿ پڪڙيون، قتل گاهه ڏي اڇي رهيو آهي. نه اها قتل گاهه ناهي، پر ان کي متائي، ڏاڍو سهڻو ٻڌايو ويو آهي ۽ اڇوڪين حرام پاين جوانَ مڙان کوبه چُٽو ناهي. اهو ڪڪن وارن ۽ جرڪندڙ پيشانيءَ وارو ٻار. . . ڪنهن جي ياد ڏياري رهيو آهي. . . هُو ان منهنجي همنام ٻار کي منهنجي ڪهاڻي ٻڌائي رهيو آهي. . . مان ٻڌي رهيو آهيان. . .

جذبن هڙان رُندڙجي ويل سندس آواز ڏکي رهيو آهي!

"هي موت ناهي. . . منهنجي زندگيءَ جو سڀ کان عظيم ڪارنامو آهي."

"هيءَ پڇاڙي ناهي. . . هي اهو ابدي سڪون آهي، جيڪو مون کي زندگيءَ ۾ ڪڏهن نصيب نه ٿيو هو."



(پڇاڙي)



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.